
سنڌي ٻوليءَ جا سرجٽهار شاعر
(تحقيقي مضمون)
پروفيسر سروپچندر ”شاد“

# سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر

## (تحقيقي مضمون)

## پروفيسر سَرُوپچندر ’شاد‘

ساحل پبليڪيشن – حيدرآباد
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | **سنڌي ٻوليءَ جا سرجٽهار شاعر** |
| موضوع | : | تحقيقي مضمون |
| مصنف | : | پروفيسر سَرُوپچندر ’شاد‘ |
| ڇاپو پهريون | : | اپريل 2017ع |
| ٽائٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | جهانزيب علي جوڻيجو |
| ڇپائيندڙ | : | ساحل پبليڪيشن _ حيدرآباد |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد. 03332634650 |

**قيمت : =/800**



# پروفيسر سَرُوپچندر ’شاد‘

**بي.اي. آنرس انگريزي ادب 1960ع**

**ايم.اي. انگريزي ادب 1962ع**

**فليٽ نمبر 9، منزل 3 فهد پلازا، نزديڪ عبرت پريس گاڏي کاتو،**

**حيدرآباد (سنڌ)**

0300-3030288

# ارپڻ ڪيان ٿو

ڪروڙين قُربن سان **نياز همايوني**
**جي نانءُ**

نياز همايوني سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو اديب ۽ لاڏلو شاعر ۽ بيمثال ترجمو ڪندڙ سنڌ جو سپوت هو. هن شاهه لطيف ڀٽائي جي سنڌي شاعري سُرن کي پارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پاڻ کي خوب ملهايو. هن قاضي قادن جي ڪلام کي اُردو ۾ ترجمو ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

**پروفيسر سَرُوپچندر 'شاد'**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنڌي ٻوليءَ جا سرجٽھار شاعر“** اوھان اڳيان پيش آھي. سنڌي شاعريءَ جي مختلف دورن بابت لکيل تحقيقي مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل ھن ڪتاب جو ليکڪ **پروفيسر سروپچندر شاد** آھي. شاد صاحب مھاڳ ۾ لکي ٿو:

”مون پنھنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جا سرجٽھار شاعر“ ۾ قاضي قادن کان شيخ اياز تائين جي زماني واري شاعري کي ارڙھن دور ۾ ورھايو آھي. مون تفصيل سان ھر دور ۾ ايرنڊڙ نقطن، مضمونن ۽ شاعرانہ نمونن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آھي.“

ھي ڪتاب **ساحل پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون پياري دوست ۽ ساحل پبليڪيشن جي سرواڻ مور ساگر جوٽيجي جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گھر لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


- سنڌي شاعريءَ جا دور (مهاڳ) پروفيسر سروپچندر ’شاد‘ 07

1. قاضي قادن 29
2. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو 60
3. شاهه لطف الله قادري 87
4. ميون شاهه عنات رضوي 113
5. مخدوم ابوالحسن 144
6. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ 162
7. ميان سرفراز خان ڪلهوڙو 203
8. سيد ثابت علي شاهه 212
9. سچل سرمست 235
10. ڀائي چئنراءِ سامي 272
11. خليفو گُل محمد گُل 308
12. شمس الدين ”بُلبُل“ 331
13. حمل فقير لغاري 363
14. مير عبدالحسين ”سانگي“ 396
15. ڪشن چند ”بيوس“ 430
16. حيدر بخش جتوئي 460
17. نارائڻ شيام 489
18. شيخ مبارڪ اياز 522

مهاڳ

# سنڌي شاعريءَ جا دور

غلام محمد گرامي هڪ وڏو سنڌي شاعر, نثر نگار ۽ لاجواب نقاد ۽ محقق هو. هن ڪيترن ئي ڪتابن تي مقدمہ لکيا آهن, جيڪي هن جي لاجواب نقاد ۽ محقق هجڻ جو پڪو ثبوت آهن. هن جو هڪ ڏگهو تحقيقي مضمون "مشرقي شاعري جا فني قدر ۽ رجحانات" سنڌي ٽہ ماهي رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپيل آهي. هي هڪ لاجواب تحقيقي مضمون آهي. اهڙو ڪنهن بہ سنڌي نقاد تحقيقي مضمون نہ لکيو آهي ۽ نہ ئي وري لکي سگهندو.

"ديوان – بلبل" ۾ غلام محمد گرامي, قاضي قادن ۽ شمس الدين بلبل واري زماني تائين لکيل شاعري کي ستن دورن ۾ ورهايو آهي.

(1) پهرين دور ۾ قاضي قادن جي هندي ڏوهيڙن واري شاعري شروع ٿي جا شاهہ ڪريم تي تڪميل تي پهتي.

(2) ٻئي دور ۾ ابوالحسن جي سنڌي ۾ "الف" واري قافيہ ۾ ٿي. اُن ۾ ٺٽي جي مخدومن جا ديني ۽ فقهي ڪتاب سنڌي ۾ شايع ٿيا.

(3) ٽيون لطيف جو دور آهي ۽ موضوع ۾ جدت ۽ ندرت ڪلام ۾ رنگيني ۽ شيريني پيدا ٿي. عارفانہ ۽ عاشقانہ رنگ پيدا ٿيو. سنڌي زبان جو ادبي سرمايو استعارن ۽ ڪناين سان وڌيو.

(4) چوٿين دور ۾ سماع جو ساز شروع ٿيو. مولود, مداحون, مرثيا, مناقبا لکيا ويا.

(5) پنجون سچل جو دور هو جنهن ۾ لطيف جي اعتدال پسندي ۽ رمزيت کي رندانہ انداز ۾ پيش ڪيو ويو.

(6) ڇهون دور آخوند گل کان شروع ٿيو غزل ڇپيا ويا. غزل جو عبوري ۽ تجريدي وارو ڏور هو.

(7) ستين دور جي ابتدا بلبل کان ٿي. بلبل هر پهلو تي لکيو آهي. قومي، عاشقانه، ناصحانه، اخلاقي، طنزيه ۽ ظريفانه نظم، غزل ۽ مثنويون وغيره. سندس قصيدا، نقتا، رنگين ۽ دلنشين بلاغت ۽ معانيءَ سان معمور آهن.

مون پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر“ ۾ قاضي قادن ۽ شيخ اياز جي زماني واري شاعري کي ارڙهن دور ۾ ورهايو آهي. مون تفصيل سان هر دور ۾ اڀرندڙ نقطن، مضمونن ۽ شاعرانه نمونن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

## سنڌي شاعري جا دور

(1) قاضي قادن 1471ع-1551ع

(2) شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو 1534ع-1622ع.

(3) شاهه لطف الله قادري 1610ع-1679ع.

(4) مخدوم عنات رضوي 1535-1535هه-1125-1125هه.

(5) مخدوم ابوالحسن 1661ع-1751ع.

(6) شاهه عبداللطيف ڀٽائي 1689ع-1752ع.

(7) ميان سرفراز ڪلهوڙو 1956ع-1979ع.

(8) سيد ثابت علي شاهه 1745ع-1810ع.

(9) سچل سرمست 1743ع-1839ع.

(10) ڀائي چئن راءِ سامي 1743ع-1850ع.

(11) خليفو گل محمد ”گُل“ 1854ع-1855ع.

(12) شمس الدين بلبل 1857ع-1910ع.

(13) حمل فقير لغاري 1859ع-1880ع.

(14) مير عبدالحسين ”سانگي“ 1851ع-1924ع.

(15) ڪشنچند بيوس 1880ع-1947ع.

(16) حيدر بخش جتوئي 1958ع-1972ع.
(17) نارائڻ "شيام" 1922ع-1979ع.
(18) شيخ "اياز" 1933ع-1997ع.

## پهريون دور

سنڌي شاعري جو پهريون دور قاضي قادن جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. هو سنڌ جو برک عالم، وڏو بزرگ ۽ سرجڻهار شاعر هو. هن جا وڏا سيوستان (سيوهڻ) جا رهندڙ هئا، جتان لڏي بکر ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي. قاضي قادن جي ولادت اندازاً 880هه مطابق 1471ع ۾ بکر ۾ ٿي. هو ديني ۽ دنيوي علمن جو وڏو ماهر هو. هو تصوف ۽ ويدانيتي علمن جو سهڻو ۽ سريلو سنگم هو.

قاضي قادن سنڌ جي تحريري شاعري رچيندڙ هڪ وڏو شاعر هو. هو تحريري شاعري نہ ڪري ها تہ سنڌي شاعري ترقي ڪيئن ڪري ها. هن جي تحريري شاعري سنڌي ادب، علم ۽ شاعري جو انمول سرمايو آهي.

قاضي قادن سير ۽ سفر جو وڏو شوقين هو. هن پير وارن ڳوٺن جا گهڻا دورا ڪيا. هن پنجابي تاريخي ڳوٺن جا بہ دورا ڪيا. تنهن ڪري هن جي شاعري واري زبان اُتر جي ۽ سري جي آهي جنهن ۾ پنجابي ۽ سرائڪي ٻولين جو بہ اثر قائم آهي.

قاضي قادن جي شاعري دوهن، سورٺن ۽ دوها، سورٺا ميل واري شاعري آهي. هن جي شاعري ۾ بہ ستون هونديون آهن. نقادن ٽن ۽ چئن مصراعن وار شعر بہ ڳولي لڌا آهن.

مهدوي تحريڪ جو اڳواڻ سيد ميران دهلوي جڏهن جيسلمير جي رستي کان ٺٽي بکر پهتو تہ قاضي قادن هن سان مليو تڏهن هن روماني سجاڳي حاصل ڪئي.

**"جوڳي جاڳايوس، ستل هوس ننڊ ۾،**
**تيهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري"**

انهي کان پوءِ هو هڪ صاف دل صوفي ۽ وڏو بزرگ بڻجي ويو. قاضي قادن جي شاعري شاهه لطيف ۽ ساميءَ جي شاعري جو بنياد آهي. سنڌ جا شاعر قاضي قادن جي ڪلام کان متاثر هئا. جديد سنڌي شاعر به هن جي ڪلام جا عاشق آهن. سنڌ کان ٻاهر وارا سنت به هن جي ڪلام ۽ فڪر کان ڏاڍو متاثر آهن.

قاضي قادن مديني ۾ 958هه مطابق 1551ع ۾ وفات ڪري ويو.

## پيو دور

سنڌي شاعري جو پيو دور شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. هو پنهنجي دور جو وڏو بزرگ ۽ شاعر هو. سچ پچ ته هو سنڌي شاعري جو وهائو تارو هو. مٽياري جي شهر ۾ سنه 944هه مطابق 1534ع ۾ ڄائو.

شاهه عبدالڪريم پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجن بزرگن کان حاصل ڪئي. پوءِ مخدوم نوح هالن واري جي صحبت ۾ گذاري، بعد ۾ سيد ابراهيم شاهه بخاري کي پنهنجو روحاني رهبر ڪيائين. جنهن کان گهڻوئي روحاني فيض حاصل ڪيائين پوءِ هو اچي بلڙي ۾ رهيو.

شاهه عبدالڪريم جواني کان پيري تائين تمام گهڻو سير ۽ سفر ڪيائين. لاڙ وچولو ۽ سري جو به سفر ڪيائين. هن دهلي، دکن ۽ گجرات جو به سير ڪيو. گهڻو وقت هن بلڙي شهر ۾ گذاريو. ۽ اُتي عبادتون ۽ رياضتون ڪري سڄي شهر ۾ مشهور ٿيو. هو ملڻ وارو، خدمتون ڪرڻ وارو ۽ صحيح راهون ڏسڻ وارو هڪ نيڪ، نماڻو ۽ هر دل عزيز شخص هو. هو سچو ماڻهو هو ۽ سندس سچائي جي هاڪ هر طرف هئي. هو 88 سالن جي وڏي ڄمار ۾ سنه 1032هه مطابق 1622ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

شاهه عبدالڪريم جي مريد محمد رضا شاهه ڪريم جي وفات کان 6 سال پوءِ هن پنهنجي ملفوظات بيان العارفين کي سهيڙي فارسي نثر ۾ مڪمل ڪيو. شاهه ڪريم جا ڪل 94 بيت آهن. اُهي دوها، سورٺا، ميل ۾ لکيل آهن. هن جي شاعري جو مضمون آهي عام انساني جذبا ۽ انساني

ڏک. هن سنڌي شاعري اهڃاڻن جو آغاز ڪيو آهي. هي هڪ صاف دل صوفي آهي. هن جو دماغ صاف ۽ دل سچي آهي. جنهن بہ شيءِ کي هو نيڪ ۽ سچي دل سان ڏسي ٿو، هن کي سچ نظر اچي ٿو.

**مورک مور نہ ڏسٽا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،**
**ڪٿر جنين اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.**

شاهہ ڪريم جو خيال آهي تہ جيڪي ماڻهو ڪٿر آهن ۽ ڪٿر پٽي سان پريل آهن اُهي ڪڏهن بہ منزل حاصل ڪري نہ سگهندا.

## ٽيون دور

سنڌي شاعري جو ٽيون دور شاهہ لطف الله قادري جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. شاهہ لطف الله قادري هڪ وڏو اساسي سنڌي شاعر ۽ اهل علم عارف آهي. هن بيت جي وصف کي وڏو اوج ڏياريو. شاهہ لطف الله قادري سنڌ جي مشهور ڳوٺ اگهم ڪوٽ جو رهاڪو هو. جنهن جا آثار ماتلي تعقلي ۾ موجود آهن. هن جي ولادت سنہ 1020هہ مطابق 1610ع ڌاري ٿي. سندس ولادت اگهم ڪوٽ شهر ۾ ٿي.

اگهم ڪوٽ اُن وقت پڙهائي جو وڏو مرڪز هو. لطف الله قادري اگهم ڪوٽ جي مرڪز مان شروعاتي تعليم حاصل ڪئي ۽ ذاتي ڪوشش سان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري وڏو پڙهيل لکيل نوجوان بڻجي ويو. هو هڪ وڏو شاعر ۽ عالم هو. هو مذهبي اصول سکيل هو. هر سوال جو سنو جواب ڏيئي پڙهندڙ کي خوش ڪري ڇڏيندو هو. هن سنڌي شاعري ۾ نوان نوان مضمون آڻيا.

شاهہ لطف الله قادري اندازاً سنہ1090هہ مطابق 1679ع ۾ 70 سالن جي وڏي ڄمار ۾ اگهم ڪوٽ ۾ وفات ڪئي. لطف الله قادري جون ٽي تصنيفون آهن. بہ فارسي ۾ ۽ ٽئين سندس سنڌي رسالو. هن جون بيشمار ادبي خدمتون آهن. هن سنڌي شاعرن کي حوالن جي استعمال کان آگاهہ ڪيو. هن وراڻ جي رسم کي سنڌي شاعري ۾ رائج ڪري، سوين رنگ رچيا. هن بيتن کي ڏکهو ڪري، اُن کي ڪاريگري ۽ هوشياري سان استعمال

ڪري شاعري ۾ بيتن جي بهار آڻي ڇاڻ ملهايو. هو تفصيلن جو خوب ذڪر ڪري ٿو. هن جي شاعري م وراڻ يا تڪرار جو لاجواب استعمال من کي ٺاريو وجهي.

جيس جيس جو پٽيون پتيدن روءِ
جـاري عـاشـق ٿـيـا هـوءِ
پـاسـي پـر پـريـن جـو.

## چوٿون دور

سنڌي شاعري جو چوٿون دور شاهہ عنات رضوي جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. هو هڪ عظيم الشان شاعر هو. هن جا وڏا پهرين بکر ۾ اچي رهيا ۽ پوءِ خيرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي. شاهہ عنات رضوي جي ولادت اندازاً 1030-1035هہ ڌاري ٿي. هن هڪ مقامي مدرسي مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي. هن ٿوري فارسي ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي.

والد جي وفات کان پوءِ شاهہ عنات وڏي ڀاءُ احمد شاهہ وٽ پرورش ۾ رهيو. شاهہ عنات ننڍي هوندي کان خود خيال ۽ رسمي پابندين کان آزاد هو. هو راڳ جو شوقين هو ۽ آزادي سان عام ڪچهرين ۾ اُٿڻ ويهڻ لڳو. هن جو راڳيندڙن سان اُٿڻ ويهڻ عام هو. هن جواني ۾ شاديون ڪيون ۽ هن جا مشغلا جوان جهڙا هئا. هو پلن گهوڙن جو شوقين هو. جواني کان پوءِ هو درويشي طرف متوجہ ٿيو. هن ملتان جو سير و سفر بہ ڪيو ۽ وڏن بزرگن ۽ درويشن سان ملاقاتون پڻ ڪيائين. شاهہ عنات آزاد خيال ۽ سنو شاعر هو. هن جو سينو محبت کان ٽمٽار هو. هو سنڌ جي هر فقير جو احترام ڪندو هو. جوڳين ۽ سامين سان محبت هئي. هو نيون روايتون جوڙيندڙ شاعر هو. هن مجازي عشق بابت گهڻو لکيو. هن سنڌي شاعري جي سهڻي ۽ سريلي صنف وائي کي ايجاد ڪري وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو. شاهہ هن کان متاثر ٿي انمول وايون لکي سڄي جڳ کي رجائي ويو. نرم ۽ نازڪ لفظ نئون ۽ نرالو خيال ۽ موسيقي کي وائي چئبو آهي. شاهہ عنات اندازاً 1120هہ-1125هہ ۾ وفات ڪري ويو.

شاهہ عنات رضوي سنڌ جو رنگين مجاز ۾ لاجواب شاعر هو. هن جي شاعري جا موضوع گهڻا آهن. هن جي ٻولي سادي ۽ سلوڻي آهي. هن جي شاعري ۾ گهرائي آهي. هن جي شاعري ۾ رنگ ئي رنگ آهن. هن وائي جي صنف کي سرجي سنڌي ۾ سونهن، سرهاڻ ۽ سنگيت کي خوب ترقي ڏني آهي. هن بيت کي خوب وسعت بخشي آهي.

**پلر پيتم جن سين، سي مارو مون ميڙ،**
**پرهينويا پٽن تي مٿي ويهان ويڙ،**
**تن مهانگين سان جهيڙ جن جا ٽاڪ ٽرن ۾.**

## پنجون دور

سنڌي شاعري جو پنجون دور مخدوم ابوالحسن جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. مخدوم ابوالحسن سنڌ جي ادبي تاريخ جي مرتب، محمد صديق ميمڻ جي لفظن ۾ ”هو سنڌي علم ادب جو پايو وجهندڙ هو.“ مخدوم ابوالحسن جو جنم ٺٽي ۾ سنہ 1661ع ۾ ٿيو. هو پاڻ فارسي ۽ عربي جو وڏو ماهر هو. هن کي خيال آيو تہ سنڌ جي ماڻهن کي پهرين سنڌي سيکارجي.

مخدوم فارسي ۽ عربي ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن پر سنڌي ۾ صرف هڪڙو ڪتاب ”مقدمہ الصلوات“ لکيو آهي جنهن کي ”ابوالحسن جي سنڌي“ چئبو آهي. مخدوم ابوالحسن پنهنجو ڪتاب، سال 1700ع ۾ لکيو. هن کي سنڌي صورتخطي ناهڻ ۾ وڏي دقت پيش آئي سا خاص طرح نج سنڌي آواز ڏيکاريندڙن حرفن جي هاڻوڪي مقرر ٿيل صورت هي آهي.

ٻ، ڀ، ٽ، ٿ، ٺ، ڦ، ڄ، جھ، ڃ، ڇ، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ڙ ک، ڳ، گھ، ڻ ۽ ڱ

مخدوم صاحب مٿي نج حرف لاءِ هيٺيون صورتون مقرر ڪيون هيون.

ٻ= هاڻوڪي صورت ب، ڀ = هہ، ٿ = ث = ت هہ، ڦ = ف، ڪٿي ڪٿي وري ڦ يا تر، ٺ = تهہ، پ =، ڄ ۽ جهہ = ج، ڃ = نج جيم جي اڳيان ن غنا، ڇ = چيهہ، ڌ = دهہ، ڪٿي ڪٿي وري د، ڏ = ڏا، د = در، ڍ = ڊ، ڙ = ر، ٺ = گهہ، ڳ ۽ گهہ = گ، گ = نک، گ اڳينا ن غنا، ڻ = ن.

مخدوم ابوالحسن جي وفات 90 سالن جي وڏي عمر ۾ ٿي. مخدوم ابوالحسن جي شاعري هن جي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي. هن جي شاعري مادري اصولن موجب لکيل آهي. هن جي شاعري ڏگهن دوهن واري شاعري آهي. هن بيتن جو بہ استعمال ڪيو آهي. هن ڪيترن ئي ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني آهي: وترو = تکو مهيلي = زال، جها = جهڙا، مُلا = وٺان، ٻجهن = ٻدجن، جيڻو = ساڃو جيرو جهڙو، هوءِ = هجي وغيره. هن جي شاعري جي اثر هيٺ غير مسلم مسلمان ٿيا ۽ ديني ۽ فقه جي مسئلن کي سمجهي سگهيا.

## ڇهون دور

تتي ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرين جو.

سنڌي شاعري جو ڇهون دور سنڌ جي ڏات ڌڻي ۽ ناميارې شاعر شاهہ عبداللطيف جي شاعري سان شروع ٿئي ٿو. شاهہ لطيف جي پيدائش سنہ 1101هہ مطابق1989_1690ع ۾ حيدرآباد ضلعي جي تعلقي هالا جي ڳوٺ هالا حويلي ۾ ٿي. شاهہ صاحب جي والد جو نالو شاهہ حبيب هو.

شاهہ لطيف جي تعليم جي باري ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ لکيو آهي :

”تہ شاهہ جو رسالو پڙهي اهِو معلوم ٿئي ٿو تہ هن درسي تعليم ضرور حاصل ڪئي هوندي .هو عربي فارسي ٻولين جو ڄاڻو هو. هن جي پنهنجي مادري ٻولي سنڌي تي پورو ظابطو هو بلوچي، سرائيڪي ،هندي، پنجابي وغيرهہ چڱي طرح ڄاڻيندو هو.“

شاهہ حبيب هالا حويلي مان لڏي اچي ڪوٽڙي ۾ رهيو .اُتي مرزا مغل بيگ بہ رهندو هو جنهن جا شاهہ حبيب سان پيري مريدي جا لاڳاپا هئا.هو شاهہ کي دعا پڙهڻ لاءِ پنهنجي حويلي ۾ بہ گهرائيندو هو. هڪ دفعي جڏهن شاهہ حبيب بيمار هو تڏهين مغل بيگ جي وڏي ڏيءَ بيمار ٿي پيئيءَ تہ شاهہ لطيف هن کي دعا ڪرڻ لاءِ مرزا جي حويلي ۾ آيو. شاهہ لطيف ڇوڪري جي آنگر کي پنهنجن هٿن ۾ جهلندي چيوتہ ” جنهن جي آنگر شاهہ هٿ ۾، تنهن

ڪي لهر نڪي لوڏو“ مرزا وارن ڪي هي ڳالهہ نہ وڻي ۽ جڏهين شاهہ حبيب شاهہ لطيف جي لاءِ ڇوڪري جو سنڱ گهريو تہ اُنهن انڪار ڪري ڇڏيو.

اِها شاهہ لطيف جي لاءِ عشق جي پهرين چوٽ هئي. شاهہ لطيف گهر گهاٽ ڇڏي جهنگ طرف هليو ويو. واٽ تي هن ڪي سنياسن جو ٽولو مليو شاهہ انهن سان گڏ ڪافي رليو. ڪافي هنڌ گهمڻ ڪان پوءِ لاهوت بہ ويو. اُتان هنگلاج بہ ويو. گهڻن هنڌن تان گهمي هو وطن موٽي آيو مغل بيگ وارن سنڱ نہ ڏنو. گهر جي عورتن هن ڪي شاهہ حبيب جو پاراتو سمجهي شاهہ لطيف ڪي سنڱ ڏنو شاهہ لطيف پنهنجن مريدن سان گڏ ڀٽ شاهہ ڪي آباد ڪيو. هوڏينهن جو ڪم ڪار ڪندا هئا. ۽ رات جون سماع جون محفلون مچنديون هيون. اُن ڪان پوءِ شاهہ لطيف سير ۽ سفر مان سنڌ ۽ انهن جي ماڻهن بابت حاصل ڪيل ڄاڻ ڪي پنهنجي ڪلام ۾ ڳائي ٻڌائيندا هئا ۽ ماڻهن ڪي جهومائيندا هئا. شاهہ لطيف چوڏهين صفر مطابق 1752ع ۾ ڀٽ شاهہ ۾ وفات ڪئي. سندس شاندار روضو ڀٽ شاهہ ۾ آهي.

## ستون دور

سنڌي شاعري جو ستون دور ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي جي شاعري سان ٿئي ٿو. هو هڪ مڻيادار مرد هو. هو شڪل ۽ صورت ۾ اُپ ۾ چمڪندڙ تارو هو. هن سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ لاجواب ۽ لازوال مدح خلقي نہ صرف پاڻ ڪي هڪ وڏو مدح نگار شاعر ثابت ڪيو پر سر زمين سنڌ ڪي چمڪائي، اُن جو مان وڌائي ويو.

ميان سرفراز ڪلهوڙو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو وڏو فرزند هو. هن جي پيدائش سنہ 1701ع ۾ ٿي. پيءَ جي انتقال ڪان پوءِ هي سنہ 1772ع ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو. ۽ ٽي ورهيہ حڪومت هلائي سنہ 1781ع ۾ قتل ٿي ويو. ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو ٽالپرن جي پرئي مڙس مير بهرام خان ڪي پنهنجي وزير راڄ ليکي جي چورڻ تي لڳي وچ دربار ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو. ٽالپرن ۽ بلوچن جي وچ ۾ ڏاڍو شور پيدا ٿي ويو. آخر سنہ 1775ع ۾ ميان محمد سرفراز ڪي تخت تان لاهي، هن ڪي حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد ڪري

رکيو ويو. قلعي ۾ هن جون اکيون ڪڍي هن کي انڌو بنايو ويو. هاڻي هن کي پنهنجي ظلم جو احساس ٿيو. هو پڇتاءُ جي حالت ۾ سڄو ڏينهن رئندو ۽ رڙندو رهندو هو. روئڻ هن جي دل کي ڏوئي ڇڏيو. هو روئڻ سان گڏ ڪجهه پڙهندو رهندو هو جيڪو پوءِ هن جي مدح جو متن بڻيو. پوءِ قلعي ۾ هن کي ۽ هن جي ٽن عزيزن کي قتل ڪري هڪ ئي مقبري ۾ دفن ڪرائي ڇڏيو.

ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي کي پارسي شاعري سان عشق هو. هو ۽ سيد ثابت علي شاهه هڪڙي اُستاد ميان غلام علي جي رهنمائي سان موزون شاعري ڪندا هئا. ميان سرفراز ڪلهوڙي جو ڪو به ڪلام ملي نه سگهيو آهي. هن جي صرف هڪڙي مدح سنڌي ۾ ملي آهي، جيڪا مشهور آهي. اُها ٽيهن بندن واري مدح بحر مڪفوف،محزوب تي ٺهيل آهي، جنهن جا ارڪان آهن مفائيل مفائيل مفاعيل فعول. هي مدح پُر تاثير، روان ۽ سحر انگيز آهي.

## ٽئون دور

سنڌي شاعري جو ٽئون دور سيد ثابت علي شاهه جي شاعري سان شروع ٿئي ٿو. سيد ثابت علي شاهه هڪ قابل ۽ مقبول شاعر ٿي گذريو آهي. هو سيوهڻ ۾ سن 1181هه برابر 1745ع ۾ پيدا ٿيو.

سيد ثابت علي شاهه جڏهن پڙهڻ جي عمر تي پهتو تڏهن پهريائين آخوند عبدالرحمان وٽ ۽ پوءِ آخوند محمد الياس وٽ قران شريف پڙهي پورو ڪيائين. اُن کان پوءِ سيد چراغ شاهه وٽ فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. هن مخدوم احسان حڪيم وٽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي. هن مراد واعظي کان علم تفسير، علم حديث ۽ علم فقه جي تعليم پرائي. هن مخدوم چراغ شاهه کان متاثر ٿي ڪيترائي فارسي ڪتاب ۽ فارسي ۽ هندي (اردو) مرثيا پڙهياءِ هن کي مرثيا ناهڻ جو شوق جاڳيو. شاعري سکڻ لاءِ نورالحق سيوهاڻي جو شاگرد ٿيو. اهڙي نموني هو مرثيا نگاري سکي وڏو مرثيا نگار شاعر بڻجي ويو.

ٿوري عرصي کان پوءِ جڏهن مير ڪرم علي خان سنڌ جو حاڪم ٿيو. تڏهن سيد ثابت علي کان متاثر ٿي هن کي گهڻا انعام اڪرام ڏئي هن کي نوازيائين. مير فتح علي ۽ مير مراد علي خان ساراهه ڪري هن کي خوب همٿايو. سيد ثابت علي شاهه سيوهڻ ۾ سنه 1225هه برابر 1810ع ۾ وفات ڪئي.

سيد ثابت علي شاهه فارسي، هندي (اردو) ۽ سنڌي ۾ تمام گهڻو لکيو آهي جنهن کي گڏي ڪليات يا گنج چئبو آهي. هن جا مرثيا ڏاڍا موثر ۽ مشهور آهن. هن جي واقعات نگاري، جذبات نگاري ۽ پوري مرثيا نگاري خوب آهي، هن جي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن جي جذبات نگاري ڏاڍي حسين ۽ رنگين آهي. هن جو مڪالماتي انداز بيان ڏاڍو اثر انگيز آهي. هن جا سلام، نوحا ڏاڍا سهڻا آهن. هن عربي ۽ فارسي لفظن کي باڪمال نموني پيش ڪري ڪمال ڪيو آهي.

هئي هئي قاسم تنهنجو ڪاڄ،
گهوٽ ڪنائون رڻ ۾ راڄ.
هئي هئي حسرت واويلا.

## نائون دور

سنڌي شاعري جو نائون دور سچل سرمست جي صوفي ۽ انساني حوصلي جي صاف سُتري ۽ کلي شاعري سان شروع ٿئي ٿو. سچل جي ولادت سنه 1152هه مطابق 1739ع ۾ درازن ۾ ٿي. هن جي تعليم ۽ تربيت سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني ۽ چاچي، سهري ۽ مرشد ميان عبدالخالق جي نگراني ۾ ٿي. شاهه عبداللطيف جڏهن هن سان ملڻ لاءِ درازن ۾ آيو ته سچل کي ڏسي ائين چيو: ”اسان جيڪا ديگ چاڙهي آهي، اُن جو ڍڪ هي لاهيندو.“ ٿيو به ائين.

سچل سرمست روحاني فيض پنهنجي چاچي ميان عبدالحق کان پرايو. شروع کان هو شرع جي پابندي ڪندو هو. پوءِ حالتن جي تبديلي کان پوءِ ان ۾ نرمي اچي ويئي. هو سچو هو ۽ سچائي جو طلبگار به هو. هن فارسي،

سنڌي اردو سرائڪي ۽ پنجابي ۾ به شاعري ڪئي. هو سچ کي چڙي، ڪچ ڏي نہ مڙيو. هو صاف دل صوفي ۽ وسيع دماغ وارو شاعر هو. هو 14 رمضان 1242هه برابر 1869ع ۾ درازن ۾ رحلت ڪري ويو. هر سال انهي تاريخ تي درازن ۾ ميلو لڳندو آهي.

سچل سرمست تمام گهڻو ڪلام تحرير ڪيو آهي. هن جون 5 تصنيفون (1) آشڪار (2) راز نامہ (3) رهبر نامہ (4) گداز نامہ ۽ (5) تار نامہ فارسي ۾ آهن. (6) رسالو سچل فقير جلد-1. جنهن ۾ سنڌي ڪافيون ۽ غزل آهن. ۽ 7 رسالو سچل فقير جلد ٻيو. هن سنڌي ۽ پنجابي ڏوهيڙا. ڪافيون، ريختہ غزل، بيت ۽ ڏوهيڙا تمام گهڻا لکيا آهن. هن ڪيترائي بيت تحرير ڪيا آهن، جيڪي سنڌ جي قصن ۽ ڪهاڻين کي بيان ڪن ٿا.

سچل سرمست هڪ وڏو صوفي ۽ انقلابي شاعر هو. هن ڪوڙ ۽ ڪوڙن کي ڏاڍو ننديو آهي. هو هڪ وڏو سرجڻهار شاعر ۽ فني ماملن جو وڏو ماهر هو. هو سنڌي ڪافي جو امام هو. هن جون ڪافيون ٻيٽيون اداڻيون ۽ چوٽيون ڪافيون آهن.

**”ٻول نہ ٻئي ڪنهن ٻل، تون تہ آدم نہ آهين،**
**لکيو ٿو لانبون ڪرين جئن، باغ اندر بلبل.“**

سچل گهڻو ڪري سيني صنفن ۾ لکيو آهي. بيت، مسلسل بيت، ڪافي، ريختو غزل، جهولڻو گهڙولي وغيره. انهن صنفن ۾ ڪافي صنفون سچل جون خود گهڙيل آهن. انهن ۾ رس آهي، رچاءُ آهي، فڪر آهي ۽ نصيحت جا انمول نڪتا پڻ آهن. سچل جي ڪلام ۾ شاعري ۽ سنگيت جو سريلو سنگم بہ آهي.

## ڏهون دور

سنڌي شاعري جو ڏهون دور ٻيائي چيئنراءِ سامي جي نرمل ۽ اتساهہ وڌائيندڙ شاعري سان شروع ٿئي ٿو. هو هڪ وڏو سرجڻهار شاعر هو. هن جو جنم شڪارپور شهر ۾ وڪرمي سنبت 1800 برابر 1742ع ۾ ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ شڪارپور شهر ۾ هڪ ودوان (عالم) پنهنجي مڙهي ۾ رهندو هو. هو نوجوانن کي ڌرمي علم پڙهائيندو هو ۽ شاعري بہ سيکاريندو هو. ڀائي چيئنراءِ پاڙي جي جوانن سان گڏ سوامي مينگهراج جي مڙهي ۾ پڙهڻ ويندو هو. ڌرمي معلومات سان گڏ شاعري بہ سکندو هو. ڀائي چيئنراءِ سوامي مينگهراج کان ڏاڍو متاثر ٿيو. اُن کي مان ڏيڻ جي لاءِ هن سامي جو تخلص اختيار ڪيو. ڪٿي ڪٿي هن مينگهو ۽ ٻانڀڻ جو تخلص بہ استعمال ڪيو آهي.

**غريبي گلزار موچاري مينگهو چوي**

وڏو ٿيڻ کان پوءِ چيئنراءِ سامي پنهنجو اباڻڪو ڌنڌو شروع ڪيو. هو مانو ۽ ايماندار هو گرهاڪن کي عزت ڏيندو هو ۽ هو هن جي نيڪي ۽ نماڻائي جي واکاڻ ڪندا هئا. سڄو ڏينهن دُڪان تي ڪم ڪرڻ کان پوءِ هو گهر ايندو هو. ٿوري آرام کان پوءِ هو وهنجي سهنجي وري سواميءَ جي مڙهي ويندو هو. اُتي ڌرمي علم حاصل ڪري پوءِ شاعري جي محفل ۾ حصو وٺندو هو. سامي پنهنجا شعر پني جي چٽڪين تي لکي پوءِ مٽن ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هن جي شعاري پختي ٿيندي رهي.

شادي ڪرڻ کان پوءِ 45 سالن جي عمر ۾ هو ڌنڌي ڪرڻ لاءِ امرتسر ويو. هو سڄو ڏينهن ڌنڌو ڪندو هو ۽ شام جو ڌرمي محفلن ۾ ويندو ۽ شاعري بہ ڪندو هو. اُتي هن کي 60-65 سالن جي عمر ۾ پٽ ڄائو جنهن جو نالو گهنشيامداس رکيو ويو.

ڀائي چيئنراءِ سامي وڪرمي سنبت 1907ع برابر 1743ع ۾ شڪارپور شهر ۾ گذاري ويو. هن جي وفات کان پوءِ گهنشيامداس متڪا کولي هن جي ڪلام کي گڏ ڪيو. ديوان ڪوڙيمل 2100 سلوڪن کي مرتب ڪري اُن کي ٽن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن سنڌي شاعري ۾ سلوڪن جي صنف کي رائج ڪيو آهي.

ڀائي چيئنراءِ سامي مٽيادار مرد ۽ سرجٹهار شاعر هو. هو سنڌ ۾ ڄائو هو. سنڌ سان ۽ سنڌين سان پيار ڪندو هو. هو سنڌ جي واين کان واقف هو. هو مرد کي جهونجهار ۽ عورت کي سهاڳڻ چوندو هو. هو انسانيت جو سچو علمبردار هو.

## يارهون دور

سنڌي شاعري جو يارهون دور خليفي گل محمد ”گل“ جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. گل محمد گل سنه 1226هه مطابق 1808ع ۾ هالن پراڻن ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي اباڻي مڪتب مان پارسي ۽ عربي ۾ تعليم جو چڱي طرح اڀياس ڪيو. گل جي والد جي وفات کان پوءِ خلافت جي پڳ گل محمد گل جي مٿي تي آئي. پير صاحب پاڳارو خليفي گل محمد گل کي گهڻو چاهيندو هو ڇاڪاڻ ته هو فرمانبردار ۽ زميندار هو. هو پير پاڳاري جا سمورا ڪم باقائدگي سان ڪندو هو. هو ماڻهن جي ڏاڍي خدمت ڪندو هو ۽ ماڻهو هن کي ڏاڍو چاهيندا هئا ۽ هن جي خدمت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا.

خليفو گل ستيتاليهه ورهين جي ڄمار ۾ حج ڪرڻ ويو. ڪجهه وقت لاءِ بمبئي ۾ رهي پيو. هن پنهنجي سموري ڪلام کي ليٿو ۾ ڇپايو ۽ اُن جون ڪاپيون سنڌ ڏي روانو ڪيائنس. بمبئي مان جيئن عربستان پهتو ته مڪه معظمه ۾ سنه 1271هه مطابق سنه 1855ع ۾ گذاري ويو.

خليفي گل محمد ”گل“ جو ڪلام وزندار ۽ رنگدار آهي. صوفيانه رنگ هن جي ڪلام ۾ گهڻو آهي. عاشقانه رنگ جي چمڪ هن جي ڪلام ۾ جام آهي. جيڪو هن جي ڪلام جي خاص خوبي آهي. هن جي ڪلام ۾ فطرت نگاري اعليٰ آهي. جيڪا هن جي ڪلام کي مقصد ۽ خوبصورتي بخشي ٿي. هن جي ڪلام ۾ گهڻو ڪري مجازي عشق جو رنگ موجود آهي. اخلاقي رنگ به هن جي ڪلام کي قرباعتو بنائي ٿو.

**جنهن جي سخن کي ناهه سچ، واعدا ڪري هو ڪُچ،**
**ٿو لهين وفا ڪوڙن ڪنان، آهي عبث، آهي عبث.**

خليفو گل اُهو پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن پنهنجو ”ديوان“ پيش ڪري نالو ڪمايو آهي. علم عروض جي ارڪانن ۽ بحرن ۾ ايراني رنگ ملائي هن پنهنجي ڪلام ۾ سهڻو رنگ پيدا ڪيو آهي. هن جا قافيا پڪا ۽ پختا آهن. هن سنڌي عوام کي موزون ڪلام جي سوڪڙي ڏني آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا ڏيئي نواڻ پيدا ڪئي آهي. هن جي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي چڪون آهن پر هن جو ڪلام اخلاقي طور اعليٰ ۽ عمدو آهي.

## ٻارهون دور

سنڌي شاعري جو ٻارهون دور شمس الدين بلبل جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو شمس الدين ”بلبل“ جي پيدائش سنه 1857ع ۾ ميهڙ ۾ ٿي. هن اُتي جي مڪتبن ۾ سنڌي، فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي. هو 1898ع ۾ ميهڙ ڇڏي ڪراچي ويو. هو حسن علي آفندي سان لهه وچڙ ۾ آيو. هو سياسي، سماجي ۽ تنظيمي تحريڪن ۾ شامل ٿي ويو. هو هڪدم سنو ۽ پيارو صحافي بڻجي ويو. هن سنڌي صحافت کي ڏاڍي ترقي ڏياري. ڪرچاي ۾ رهندي بلبل مجازي عشق جي چوٽ کاڌي.

**اڃي نہ اڃي ڪين بلبلان ڪين ٿئي اي گل گلان،**
**روز چمن ۾ ڇهچٽو تازه تازه نوينو.**

بلبل ڪڇهرين جو ڪوڏيو هو. هو سياسي ۽ ادبي اڳواڻ هو. هن جي دل قوم ۽ دين جي درد سان ٽمٽار هئي. بلبل جي شخصيت نرالي هئي اُها يڪ سوئي، يڪ خيالي ۽ يڪ وجودي تي قائم هئي.

بلبل جي ڪلام ۾ ڪيترائي موضوع آهن. هو طنز جو وڏو شاعر آهي. هن جي طنز ۾ چوٽون آهن، چڳيون ڀليون ٽوڪون آهن ۽ کل جا ڦوهارا آهن پر هو ڪنهن کي ماري خوار نٿو ڪري بلبل کلي دل ۽ کلي دماغ جو مالڪ آهي. هو ناهڻ ڄاڻي پر ڏاهڻ هن جو ڪم ناهي.

شمس الدين بلبل 1919ع ۾ گذاري ويو. اهو سنڌي شاعري جو وڏو نقصان هو. هن جا ٻہ ڪتاب ديوان بلبل ۽ ڪلام بلبل ڇپيل آهن ۽ خوب مشهور آهن.

شمس الدين بلبل طنز جي صنف کي سنڌ ۾ رائج ڪري ڪيترن ئي نڳن ۽ غلط ڪم ڪندڙ کي سماج ۾ اُگهاڙو ڪيو. هن سنڌي شاعري ۾ غزل جي صنف کي ڏاڍو مقبول بنايو. هن وائتي انداز ۾ ٻہ عمديون غزلون لکيون آهن. هن جا مزاحيہ غزل ٻہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هن جي ”ڪريما“ هڪ مثالي لاجواب نظم آهي. هن جي نظم نئون زمانو هڪ شاهڪار شاعري آهي. هن جي قصيدا لاجواب آهي. تجنيس نگاري ۾ بلبل ڪمال ڪيو آهي. ادبي خدمتن جي ذريعي هن سنڌي شاعري کي خوب سينگاريو آهي.

## تيرهون دور

سنڌي شاعري جو تيرهون دور حمل فقير لغاري جي سان تعلق رکي ٿو. حمل فقير هڪ سريلو سگهڙ ۽ مقبول عوامي شاعر آهي. هن جي ولادت خيرپور رياست ۾ پنهنجي اصلي ڳوٺ مير خان لغاري ۾ 1225هه مطابق 1809ع ۾ ٿي نواب ميان سعيد خان حمل کي ننڍپڻ کان وٺي پاڻ وٽ رهايو. ممڪن آهي ته هن حمل جي پڙهائي جو بندوبست ڪيو هجي. وقت جي رواج موجب حمل پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ پارسي تعليم حاصل ڪئي. فطري ذهانت ۽ سنجيدگي جي ڪري حمل پارسي جو اُستاد بنيو. سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ ۾ هن پنهنجو مڪتب کوليو ۽ مشهور استاد بنجي ويو.

خوش طبعي جي ڪري حمل فقير هر طرف قابل ۽ احترام لائق اُستاد جي طور ڏاڍو مشهور ٿي ويو. هن جا تعلقات وڏي ويا ۽ هن جي شاگردن جو تعداد به وڌي ويو. هن پنهنجي علائقي ۾ تعليم ۾ وڏي ترقي ڏياري. هو سيني ماڻهن جو يار ۽ دوست هو. جيڪو هن سان ملندو هو خوش ٿي موٽندو هو. هو ننڍن ۽ وڏن سان عزت ۽ احترام سان ملندو هو. هو سڀ ڪنهن جي عزت ڪندو هو. حمل فقير لغاري 71 سالن جي ڄمار ۾ تاريخ 2 صفر 1225هه مطابق 1880ع ۾ وفات ڪئي.

حمل فقير لغاري سنڌي شاعري جو نالي وارو شاعر هو. هن جي شاعري نياري، نرالي ۽ جادوئي هئي. هن هر موضوع تي لکيو. هن جي عبارت ڏاڍي سهڻي هئي. هن سنڌي شاعري کي گهڻو ڪجهه ڏنو.هن جي شاعري ڏاڍي سهڻي هئي. هن جي شاعري ڪلاسيڪيت ۽ رومانويت جو سهڻو سنگم آهي. اها ڪڏهن کلائي ٿي ته ڪڏهن وري گهڙيپ کي وڏيڪ گهرو ڪري ٿي. حمل فقير وڏو استاد ۽ وڏو شاعر آهي. هن جي شاعري ۾ سنڌ جا سڀ رنگ شامل آهن. عشق، لوڪ شاعري ۽ مزاج حمل فقير لڳ ڀڳ 222 صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي. هن گهڻن ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي. هن جي شاعري ۾ رنگ، روپ ۽ ڍنگ پيارا ۽ دل ٺار آهن.

**هس گيا، دل ڦس گيا، بي وس ميري دل هوئي،**
**حمل هون محبوب بنان پيا ڪو نه ڪري دلجوئي.**

## چوڏهون دور

سنڌي شاعري جو چوڏهون دور مير عبدالحسين سانگي جي شاعري سان واسطو رکي ٿو. مير عبدالحسين سنڌ جي آخري ٽالپر حڪمران مير فقير جان جو پوٽو ۽ مير محمد حسن علي جان جو سڳو پاٽئيو هو. سانگي سن 1298هہ مطابق 1851ع ۾ يورپين ماءُ جي پيٽان ڪلڪتي ۾ ڄائو هو. هو حاڪم خاندان مان هو پر پنهنجي عام طبيعت ۽ سوياري زندگي جي ڪري هن سانگي جو تخلص اختيار ڪيو يعني عام محنت ڪندڙ ماڻهو هو. پنهنجي چاچي مير حسن علي خان سان سن 1864ع ۾ پنهنجي ڏاڏاڻي ملڪ سنڌ پهتو ۽ مير سانگي آخر ڊاڪٽر جي ڌيءَ مس رائيٽ سان شادي ڪئي. هن کي سڀ سور وسري ويا ۽ مير سانگي سٺي نموني زندگي گذارڻ لڳو. سانگي ننڍي کان وٺي فقيري خيالن جو ماڻهو هو. هو فقيرن واري زندگي گذاريندو هو.

مير سانگي ڪائنسل مجسٽريٽ طور نيڪي سان ڪم ڪيو. هو سڄو ڏينهن ڪورٽن ۾ ڪم ڪندو هو ۽ شام جو ادبي ڪمن ۾ حصو وٺندو هو ۽ مشاعرن کي خوب مچائيندو هو. شاعر هن کي ڏاڍو ساراهيندا هئا ۽ هو وري انهي جي خوب خدمت ڪندو هو. انهن کي وظيفا ڏيئي، اُنهن کي خوش ڪندو هو. هن جي شاعري ڪوڙ کان آجي هئي. هن جي شاعري سچ جو سرمايو هئي. سنڌي شاعري جي سونهن هئي. هن جون تشبيهون جام آهن. دل مان نڪتل آهہ کي هيري مارٽن جي بندوق سان بيمثال ڀيٽ ڪيئي اٿس.

"عاشق جي تہ آهہ لاءِ آ رقيب،
هينسري مارٽن جي آهہ تفنگ"

سانگي جي ڪلام ۾ حسن پرستي ۽ عشق باري جو کُليو کُلايو ۽ گهڻو مواد موجود آهي. هن جي شعاري ۾ انگريزي جا گهڻا لفظ ڏنل آهن. جهڙوڪ رجسٽر، ليمپ، گلاس، آفيس وغيره هن جام، ساقي، گل، بلبل جهڙا لفظ بہ استعمال ڪري خوب مزو ڏنو آهي.

سانگي جهڙو عشق ورهائيندڙ شاعر سن 1924ع ۾ گذاري ويو.

## پندرهون دور

سنڌي شاعري جو پندرهون دور ڪشنچند بيوس جي شاعري سان تعلق رکي ٿو. ڪشنچند بيوس هڪ وڏو اديب، وڏو شاعر ۽ وڏو تعليمي ماهر هو. هو لاڙڪاڻي شهر ۾ 35 فيبروري 1880ع ۾ پيدا ٿيو. بيوس ننڍپڻ کان وٺي سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو. هو ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدراباد مان سنڌي فائنل پاس ڪري، پوءِ سنڌي ماستر طور نوڪري ۾ گهڙيو. گهڻو وقت هن لاڙڪاڻي ۾ گذاريو. پوءِ شاهه محمود اسڪول لاڙڪاڻي جو هيڊ ماستر ٿيو جتان 1945ع ۾ رٽائر ڪيائينس.

ڪشنچند بيوس هڪ ڪامياب ماستر ٿي لاڙڪاڻي ۾ تعليم جي نظام کي سڌاريو ۽ ٻارن ۾ پڙهڻ جو چاهه وڌايو. شهر ۽ ٻهراڙين ۾ رهندڙ شاگرد خوشيءَ سان اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ تعليمي طرح لاڙڪاڻو پڙهائي جو وڏو مرڪز بڻجي ويو. ماڻهن ڪشنچند بيوس جي ادبي ڪوشش کي ڏاڍو ساراهيو. هن جي عزت تمام گهڻو وڌي ويئي ۽ هو شهر جو وڏو عزت وارو شخص ٿي ويو.

بيوس پنهنجي شاعري جي شروعات نوڪري واري وقت کان ئي شروع ڪري ڏني هئي. هن لکيو ۽ دليري سان لکيو. هن جي شاعري اعليٰ هئي. هن جي سادي ۽ سلوڻي ٻولي، اعليٰ خيالن، استعارن، محاورن، تشبيهن ۽ تجنيس حرفي هن کي سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر بنائي ڇڏيو. هو 1947ع ۾ گذاري ويو.

ڪشنچند بيوس جديد سنڌي ادب ۽ شاعري جو سنڌ ۾ آغاز ڪرائي وڏي ڪاميابي ماڻي. هن سنڌي شاعري ۾ گيت جي صنف کي تخليق ڪري وڏو ڪم ڪيو. ”سڀ ڪن تنهنجي ساراهه قدرت وارا.“ هن ٻارن جي لاءِ لاجواب گيت به لکيا جيڪي وڏي عمر وارن ماڻهن کي اجان به ياد آهن. هن جا غزل ڏاڍا وڻندڙ آهن. هن ادب ۽ شاعري جي موضعن تي بيمثال مضمون لکي سنڌي ادب ۽ شاعري کي وڏي ترقي ڏياري آهي.

## سورهون دور

سنڌي شاعري جو سورهون دور حيدر بخش جتوئي جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. حيدر بخش جتوئي سنڌ جي ادبي شاعري جو ناميارو شاعر ۽ بيباڪ اديب هو. سادگي، سنڌ سان محبت، اصولن سان عشق، حق لاءِ هوڪو هڻي ميدان ۾ اچي وڃڻ ۽ انصاف پسندي هن جي زندگي جا سونهري اصول هئا.

حيدر بخش جتوئي 10 آڪٽوبر 1901ع ۾ لکي ديري تعلقي ڏوڪري ۾ پيدا ٿيو. هو هڪ محنتي ۽ ذهين شاگرد هو 1919ع ۾ سنڌي سرڪيولر فائنل امتحان ۾ لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين ۽ لاڙڪاڻي ۽ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. هن مئٽرڪ جو امتحان سنڌ يونيورسٽي طرفان ڪرايل امتحان لاڙڪاڻي سينٽر مان ڏيئي پهريون نمبر حاصل ڪيو. 1927ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي.اي. پاس ڪيائين.

1927ع ۾ روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. 1931ع ۾ مختيارڪار 1941ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ 1945ع ۾ سرڪاري نوڪري مان رٽائر ٿي، ملڪي ۽ قومي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. هن شاعري جي ذريعي ملڪ ۾ تعليمي سُڌارا آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هو هڪ دلير ۽ ايماندار آفيسر هو. هن مٿي ڦريل ۽ بي ايمان زميندارن سان مقابلو ڪيو جيڪي رشوتون ڏيئي ججن کان ڪوڙا ڪم ڪرائيندا هئا. هن ماڻهن کي ڏاڍو نِنديو ۽ اُنهن جي غلط حرڪتن کي پنهنجي شاعري ۾ خوب ڏڪاريو پر اصولن تان نہ هٽيو. هو نہ رشوتون وٺندو هو ۽ نہ وري ڪنهن کي وٺڻ جي اجازت ڏيندو هو. هن ڏوهي زميندار، ڪوڙن ملن مولوين جي ڪريل حرڪتن کان مجبور ٿي نوڪري کان رٽائر ٿي، ميدان عمل ۾ اچي سنڌ جي سياسي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هاري ڪاميٽي، شاگردن ۽ عوامي نمائندن کان جلسا ۽ جلوس ڪري ون يونٽ کي ٽوڙائڻ جي لاءِ سرگرم عمل ۾ رهيو. ون يونٽ ٽٽي ويو ۽ سنڌين کي حق ملڻ شروع ٿي ويا. هن هاري گيت لکيا ۽ نون نمونن جون نظمون لکي سنڌي شاعري کي انقلابي شاعري بنائي ڇڏيو. هن سنہ 1976ع ۾ وفات ڪئي. هن زندگي ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو. هن جون هي صنفون مشهور آهن. آزادي راهہ، هاري گيت، وغيره.

## سترهون دور

سنڌي شاعري جو سترهون دور نارائڻ شيام جي بيباڪ ترقي پسندانه ۽ دليرانه شاعري سان تعلق رکي ٿو. نارائڻ شيام جي پيدائش نواب شاهه ضلعي جي نوشهروفيروز تعلقي جي ڳوٺ ڪاهي قاسم ۾ 22 جولاءِ سنه 1922ع ۾ ٿي. هن پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ هن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ ماستري جي نوڪري ملي. هو فارسي پڙهائيندو هو. هن وٽ سنڌي ۽ فارسي جي لفظن جو وڏو ذخيرو موجود هو.

نارائڻ شيام وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ ڪراچي جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي هن کي مينارام هاسٽل ۾ رهڻ جي جڳهه به ملي هن وقت ڪراچي ۾ ڪيترين ئي ادبي تحريڪون جهڙوڪ جديد تحريڪ، ترقي پسند تحريڪ، ڪميونسٽ تحريڪ ۽ اردو نقادن جون تحريڪون هلي رهيون هيون. نارائڻ شيام انهن تحريڪن ۾ حصو وٺي ڏاڍو پرايو. هو سنڌ جو دلير ۽ ترقي پسند شاعر بڻجي ويو. انهي وقت لڏ پلاڻ جي تحريڪ شروع ٿي ويئي ۽ هو سنڌ مان ڪٽنب سميت لڏي دهلي ويو.

نارائڻ شيام کي دهلي ۾ پوسٽ ۽ تارڪاتي ۾ اڪائونٽس برانچ ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ملي. هو ايماندار ۽ محنتي هو. هو نوڪري ڪري گهر ڀاتين جي ڏاڍي خدمت ڪندو هو. هو باقائدگي سان شاعري ڪري، ڏاڍو مقبول بڻجي ويو. نارائڻ شيام قدرت جو وڏو عاشق هو. قدرتي نظارا هن جي ضمير کي جاڳائي هن کان بيمثال شعر لکارائي هن جي عظمت کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيندا هئا.

نارائڻ شيام هيڊ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ سنه 1980ع ۾ رٽائر ٿي ويو. اُن کان پوءِ ساهتيه اڪيڊمي ۾ عمدو ڪم ڪري وڏو رتبو حاصل ڪيو. هو سنه 1989ع ۾ دهلي ۾ گذاري ويو. سنه 1970ع ۾ هن ساهتيه اڪيڊمي جو انعام حاصل ڪيو. هن جون ڪجهه تصنيفون هي آهن. ماڪ-ڦڙا، پنکڙيون، رنگ رتي لهر، ماڪ بنان رابيل، مهڪي ويل صبح وغيره. هن جون وايون، غزل، هائيڪا بيمثال آهن.

## ارڙهون دور

سنڌي شاعري جو ارڙهون دور جديد سنڌي شاعري جي باني شيخ اياز جي قومي ۽ بين القومي شاعري سان آهن شيخ اياز جو جنم 28 سيپٽمبر 1923ع ۾ شڪارپور شهر ۾ ٿيو. هن شروعاتي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي.

بي.اي ڪان پوءِ اياز کي وڪالت جو شوق جاڳيو هو. وڪالت جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هن ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتي رهائش جي لاءِ ميناارام هاسٽل ۾ جڳهہ ملي ويئي. هن ڪراچي ۾ وڪالت جي تعليم تي خاص زور رکيو. اُن وقت ڪراچي نون خيالن ۽ تحريڪن جو مرڪز هو. هن انهن تحريڪن جهڙوڪ جديد ادب جي تحريڪ رشين ادب جي تحريڪ، ترقي پسندي جي تحريڪ، اردو نقادن جي تحريڪ ۾ خاص حصو ورتو ۽ انهن تحريڪن مان ڪافي پرايو.

وڪالت جي ڊگري وٺي هو شڪارپور آيو ۽ وڪالت شروع ڪري ڏنائين. هن سنڌي ادب ۽ شاعري ۾ انهن تحريڪن جي اثر کي شامل ڪري جديد ادب ۽ شاعري جي سنڌي ادب ۾ شروعات ڪئي. انهن تحريڪن سنڌي ادب ۽ شاعري تي وڏو اثر ڪيو. سنڌي ادب ۽ شاعري نئون روپ وٺي وڏي ترقي ڪئي. رسالن تي رسالا، ڪتابن تي ڪتاب ۽ ترجمن تي ترجما شايع ٿيڻ لڳا. سنڌي ٻولي ترقي ڪري، اردو ادب ۽ شاعري سان مقابلو ڪرڻ واري بڻجي ويئي.

وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي هن کي سنڌ يونيورسٽي جو وي سي بنايو. اُتي هن جو نئون رنگ نظر آيو. هن سنڌي جيالن کي جن هن جي شاعري کي مشهور ڪيو. انهن جي خلاف ٿي بيٺو. هن جيالن کي سزائون ڏنيون ۽ يونيورسٽي مان خارج ڪري ڇڏيو. هن تي الزام لڳڻ شروع ٿي ويا. ڪٽرپڻي جا الزام، غير مسلم جا الزام، ڪائو جا الزام ۽ فتني بازي جا الزام آخر هن کي نوڪري ڇڏڻي پئي. مايوسي جي انهي حالت ۾ هن هڪ ڪتاب الوداعي گيت لکيو ان ڪان پوءِ هن جي شاعري لٿجڻ لڳي.

اياز 50 کن ڪتاب لکيا آهن جن مان 30 کن شعري مجموعا آهن. اياز سنڌ جو وڏو علامتي شاعر آهي. هن شاه جي رسالي کي علامتي رنگ ۾ رنگي، وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

**جاڳ پٽائي گهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏي،**

**مرن پيون ماريون، قابو اندر ڪوٽ.**

**اچ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري وجهون.**

مون سنڌي شاعري جا دور لکڻ لاءِ مولانا محمد گرامي جي ديوان بلبل جي مقدمي کان مدد حاصل ڪئي آهي. انهي ڪم جي لاءِ آئون مانواري ميڊم آمنہ خميساڻي، پروفيسر شامداس جوشي، پروفيسر ارجن لال جهاماڻي، شمشير الحيدري، نياز همايوني، پروفيسر نارائڻ ڀي شرما، مسٽر نند لعل نند وغيره جو شڪرگذار آهيان جن مونکي مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۽ اُن کي مرتب ڪري ڏيڻ ۾ وڏو سهڪار ڪيو آهي.

**پروفيسر سروپچندر ’شاد‘**

گاڏي کاتو

حيدرآباد، سنڌ

# قــاضـــي قـــادن

(880هـ-958هـ / 1471ع-1551ع)

**اديبن ۽ نقادن جي راءِ**

”قاضي قادن جو ڪلام بلاغت ۽ وضاحت جو سهڻو مثال آهي. هن جو انداز بيان ۽ لفظن جي چونڊ توڙي موسيقيت اهڙي آهي جنهن ۾ جت اچي مڪمل معنوي ۽ صوتي حيثيت ظاهر ٿئي ٿي.“

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

”قاضي قادن سنڌي زبان جو جيئن ته اوائلي شاعر آهي، سندس ڪلام ڪو ايترو گهڻو ڪونهي. صرف ست سنڌي بيت اسان کي مليا آهن، جيڪي شاه ڪريم جي ملفوظات ”بيان العارفين“ ۾ درج ٿيل آهن. ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان سندس بيت هندي ڇند وديا جي اصولن پٽاندر آهن. سندس بيتن ۾ هڪ بيت دوها ڇند تي، ٻيو وري سورٺا ڇند تي آهي. ڪن بيتن ۾ هڪ نئون نمونو دوها، سورٺا ميل جو ڏيکاريل نظر اچي ٿو.“

**ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

”سنڌي شاعري جو بنيادي تحريري شعر قاضي قاضن کان شروع ٿو ٿئي. هن جا رڳو 7 بيت شاه ڪريم جي رسالي ۾ موجود آهن جي شاه ڪريم پنهنجي مجلسن ۾ مُريدن کي ٻڌائيندو هو. اهي ست سنڌي بيت شاه ڪريم، شاه عبداللطيف ۽ سامي جي شعر جا بنيادي پٿر آهن. انهن شاعرن قاضي قاضن جي شعر مان گهڻو ڪجهه پرايو آهي.“

**محمد صديق ميمڻ. سنڌي ادب جي تاريخ. (ڀاڱو پهريون)**

”قاضي قاضن جي شخصيت سنڌي ادب ۾ بنيادي پٿر جي حيثيت رکي ٿي. هي پهريون سنڌي شاعر آهي. جنهن جا ست شعر نهايت ئي صاف

سُٽرا ۽ بامقصد وڻندڙ ٻولي ۾ مليا آهن. بيان جو انداز بہ دل کي وڻندڙ آهي ۽ سندس ئي رکيل بنياد هئا. جن تي اڳتي هلي سنڌي شعر پنهنجي عمارت کڙي ڪئي.“

**سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب**

”قاضي قادن جي شعاري ۾ ڪيترا موضوع آهن جن جي روايت هن وٽان ئي شروع ٿي آهي ۽ اُهي موضوع اڳتي هلي سنڌي شاعري جا پسنديده موضوع ٿي پيا. شاهہ لطيف اُنهن موضوعن تي سچا سُر لکيا.“

**تنوير عباسي. قاضي قادن جو ڪلام، تي راءِ زني**

”ان ۾ ڪک جيترو شڪ ناهي. قاضي قادن سنڌي شاعري جو بنياد وجهندڙ هو جنهن لاءِ سنڌ وارا ڪيس قدر جي نگاهہ سان ٿا ڏسن، نہ رڳو ايترو پر اهو قاضي قادن ئي هو جيڪو درٻاري ۽ نيم تاريخي واقعن جي ڏيڻ مان نڪري شاعري کي پٽن، چارڻن ۽ ڀانن جي قصہ گوئي شاعري مان ڪڍي، ادبي معيار ڏانهن وٺي آيو.“

**تاجل بيوس. قاضي قادن جو ڪلام، جو پيش لفظ**

”قاضي قادن سنڌ ۾ هنڌ جي اعليٰ پايي جي صوفي شعارن مان آهي، جنهن جي عرفان ۽ اعليٰ اخلاقي شاعري جو اثر سنڌ ۾ سنڌ کان ٻاهر هندوستان جي صوفي عارفن توڙي هندو سنتن ۾ ساڏن تي پيو. قاضي قادن ادبي سنڌي ٻولي جو پهريون وڏو شاعر آهي ۽ هو سنڌي اساسي شاعري جو ابو آهي."

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. قاضي قادن جو رسالو**

## حياتيءَ جو احوال

قاضي قادن سمن جي دور (سنہ 1350ع...1520ع) جي آخر واري وقت

جو ناميارو ۽ بيمثال سنڌي شاعر آهي. هي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون تحريري شاعر آهي. هن کي سنڌي اساسي (Classical) شاعري جو پايو وجهندڙ چيو ويندو آهي.

قاضي قادن جا وڏا سيوستان (سيوهڻ) ۾ رهندا هئا. پوءِ اُتان لڏي بکر ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي. قاضي قادن جي ولادت اندازاً سنہ 880ھ بمطابق سنہ 1471ع ۾ بکر ۾ ٿي. سندس والد جو نالو قاضي ابو سعيد، ڏاڏي جو نالو قاضي زين الدين ۽ پڙ ڏاڏي جو نالو قاضي قاضن هو.

قاضي قادن جي ابتدائي تعليم بکر ۾ ٿي. اُن کانپوءِ اعليٰ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. هو قران مجيد جو حافظ هو. قرائت ۽ تجديد جو ڄاڻو هو. علم حديث، علم تفصير اصول، فقه، تصوف ۽ آلي علمن (صرف ۽ نحو) بہ خوب ڄاڻندو هو. انشا پردازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. علم آلات ۾ بہ اڪابر هو. حساب ۽ رياضي بہ چڱي طرح ڄاڻندو هو. قاضي قادن اعليٰ تعليم سنڌ ۾ گهڻو ڪري سيوهڻ ۽ ٺٽي ۾ حاصل ڪئي. سنڌ کان ٻاهر گجرات جي شهر نهروالا (پٽڻ) يا احمد آباد ۾ حاصل ڪئي.

## نالي بابت وضاحت

قاضي قادن جي نالي بابت ڪيترائي مونجهارا پيدا ٿيا. پهرين دورن جي تحريرن ۾ هن جو نالو قاضي قاضن لکيو ويو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ هن جو نالو قاضي قادن ۽ قاضن لکيو آهي. هندستان مان مليل ڪتابن ۾ جيڪي جهوني ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهن، تن سيني ۾ سندس نالو ”ڪاجي ڪادن“ لکيل آهي، جئپورگرنٿ ۾ قاضي قادن واري باب جو عنوان آهي.

**”ڪاجي ڪاجن جي ڪي ساکي سنڌي،**
**اور ڀي ساڌان ڪي ساکي اکتي.“**

يعني قاضي قادن جو سنڌي ڪلام ۽ ٻين ساڌن جو ڪلام هڪ جاءِ گڏ ٿيل.

”ورهدُ سڪل ويدانت و چار سار مت“ ۾ قاضي قادن واري باب جو عنوان آهي.

## ”ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي“
## يعني قاضي قادن جي جو ڪلام

قاضي قادن جي بيتن جي خاتمي کان پوءِ هيئن ڄاڻايل آهي تہ:

**”ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي سمپورڻ سماپته“**

يعني ”قاضي قادن جي جو ڪلام مڪمل طور تي پورو ٿيو.“ هنن ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ قاضي قادن جي نالي جي تصديق ٿئي ٿي.

### جواني ۽ شادي

شاهہ بيگ ارغون سنہ 924هہ ۾ ٺٽي تي قبضو ڪيو. اُن کان ڪجهہ سال اڳ قاضي قادن شادي ڪئي. هو عيالدار هو قادن کي هڪ ڌيءَ بہ هئي جنهن جو نالو بي بي فاطمہ هو. هو پنهنجي وقت جي رابع هئي.

تاريخي ڪتابن ۾ هن جي پٽ جو ذڪر آيل آهي جنهن جو نالو قاضي عيسيٰ هو. سنہ 950هہ يعني سنہ 1543ع ۾ جڏهن ملتان جي حاڪم بخشو لانگاهہ بکر جي قلعي تي حملو ڪيو تڏهن ارغون-ترخان اڳواڻن سان گڏ قاضي قادن جي پُٽ قاضي عيسيٰ خوب مقابلو ڪيو.

### سير و سياحت

قاضي قادن سير ۽ سياحت جو وڏو شوقن هو. هو سنڌ واري بدنظمي واري ماحول کان نڪري گجرات ويو. اُتي هن خوب سير و سفر ڪيو. هو گجرات جي شهر مهر والا يعني پٽڻ ۾ ڪجهہ وقت رهيو. جتي هن هڪ خانقاهہ تعمير ڪرائي. هن سنڌ ۾ سيوهڻ، ٺٽي، ٺٽي ۽ بکر وارن هنڌن جو بہ خوب سير ڪيو. هن سير و سفر جي ذريعي ملڪي معاملن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ پنهنجي ڄاڻ کي استعمال ڪري هڪ وڏو عالم، ملڪي معاملن جو ماهر ۽ جبر و سياستدان ٿي اُڀريو.

### سنڌ جو قاضي القضات

اندازاً سنہ 927هہ جي آخر ڌاري شاهہ بيگ بکر ۾ آيو جتي قاضي قادن

ڀائرن ۽ شهرين کي ساڻ ڪري اچي هن سان مليو. شاهه بيگ هڪ سال بکر ۾ رهيو ۽ بکر جي آسپاس جي ايراضين ۾ انتظام قائم ڪيائين. انهي عرصي ۾ قاضي قادن سندس ڀروسي وارو مشير رهيو ۽ 927هه ۾ بکر شهر جو وڏو قاضي القضات ٿي رهيو. هن اندازاً 947هه ڌاري قاضي القضات جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي پوءِ حج تي ويو.

## مهدوي تحريڪ ۾ شموليت

سنه 906هه ۾ جڏهن سيد ميران مهدوي جيسلمير مان بکر آيو تڏهن قاضي قادن سندس مريد ٿيو اُتي ٻيا به گهٽائي نالي وارا معتبرين سندس دائري ۾ داخل ٿيا ۽ بکر مهدوي طريقي جو هڪ دائرو بنجي ويو. شايد قاضي قادن سيد ميران محمد سان گڏ ٺٽي ۾ ويو هجي ۽ جيستائين سيد ميران محمد مهدي ٺٽي ۾ رهيو هو. تيسين تائين هو به ٺٽي ۾ رهيو هجي ٺٽي شهر جي ڪن عالمن هن کي ڪافر سڏيو ۽ هن جي خوب ننڊا ڪئي.

## روحاني سُڄاڳي

قاضي قادن دنيوي علمن ۾ وڏو عالم هو. هن جون اندر جون اکيون بند ڪو نه هيون. هڪ دفعي دربيلي جي ماڻهن کيس ٻڌايو ته هڪ مست شخص مسجد ۾ ڪعبي طرف منهن ڪري سُتو پيو آهي. قاضي قادن ڊُرو کڻي اُٿيو ۽ اچي پيرن ۾ ڊُرو هڻڻ لاءِ اولاريائين ته اُتي هن شخص جو مٿو نظر آيس. هو حيران ٿي ويو. اُن درويش کيس چيو ته پير وٺي هيڏانهن رک پر دل دوست ڏي رک. ”انهي واقعي کيس ڏاڍو مايل ڪيو هن جون اندر جون اکيون کلي ويون ۽ هن کي حقيقت طرف مايل ڪيو.

**”جاڳي جاڳايوس، سُتو هوس پنڌ ۾،**
**تنهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري“**

هو معرفت جي رازن ۽ روحاني رياضتن سان وڏي روحاني منزل تي رسيو ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي، خدا کي به سڃاڻي ورتائين.

**”نه سو لاهه نه سَري، نه اوزار نه پار،**
**موڙهو وتين جنهن کي، سو من منجه نهار.“**

شاهه لطيف هن ساڳئي خيال کي هن نموني بيان ڪيو آهي.

**”لکو ڪو نه لطيف چئي، ٻارچو ٻئي پار،**
**نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.“**

## شخصيت

مير معصوم پنهنجي تصنيف مير معصومي ۾ قاضي قادن جي شخصيت کي هن طرح بيان ڪيو آهي. قاضي قادن طرح طرح جي فضيلتن سان سينگاريل هو.“ قاضي قادن وڏو عالم، فاضل ۽ قاضي القضا هو. قرئت ۽ تجويد جو علم ڄاڻندو هو. قرآن مجيد ياد هوندو هئس. ابجد جي علم کان واقف هو ۽ انشا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.

قاضي قادن دنيوي علمن جو ماهر عالم هو. هن جون اندر جون اکيون کليل هيون، هو گهڻ رخي (Versatile) شخصيت جو مالڪ هو. هن دنيوي علم ۽ روحاني ريافتن سان هي حقيقت سڃاتي ته دنيوي علم حاصل ڪرڻ گهرجن پر اصل ڪائنات جو مالڪ انسان جي اندر ۾ موجود آهي. هو ڏاهپ جو ڏٽي ۽ خدا تي ڀروسو رکڻ وارو شخص هو. هن پنهنجي عهدي جا فرض احتياط ۽ ايمانداري سان سرانجام ڏنا.

## سياسي ڪردار

قاضي قادن جو سياسي ڪردار (Controvertial) تڪراري آهي. سنڌ جي محققين هن جي سياسي ڪردار کي نِنديو آهي. ڏاريجن وڏيرن جي معاملي ۾ هن جو ڪردار مشڪوڪ رهيو آهي. تاريخ معصومي ۾ هن شاهه بيگ کي ڏاريجن جي باري ۾ ٻُڌايو ته ”ملڪ جي هن ڀاڱي جي زمين سيلابي آهي، جنهن ۾ ڪانديرا گهڻا ٿا ٿين ڪانديرن ڪيڻ وارو گهيرو هميشه هٿ ۾ هجي.“ شاهه بيگ ڪاوڙجي ستيتاليهه ڏاريجن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ڊاڪٽر تنوير عباسي هيري نڪر جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”قاضي قادن جو ڪلام “سنڌ ۾ اُن جو اڀياس سيد حيدر سنائي کي سندس مرشد جي قتل جي فتويٰ ڏني. غلام محمد لاکي سيد حسام الدين راشدي

جي ڪتابچي ”سنڌي ادب“ جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ ”قاضي قادن پنهنجي سياسي ڪردار ۾ سنڌ دشمن حرڪتن ڪري گهڻو بدنام آهي.“

## وفات

قاضي قادن مديني وڃڻ کان پوءِ اُتي رهي پيو ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن اُتي ئي گذاريائين. مير معصوم جي لکڻ موجب قاضي قادن 80 ورهين جي وڏي ڄمار ۾ سنہ 958ھ مطابق 1551ع ۾ مديني ۾ وفات ڪئي.

## تصنيفون

قاضي قادن جو فارسي ۾ تحرير ڪيل ديوان بہ آهي. قاضي قادن سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جو گهڻو ڪلام تحريري صورت ۾ هٿ آيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌ جي ماخذن ۾ دادو ديال جي روايتن مان چونڊي چاڻ ڪري ”قاضي قادن جو رسالو“ مرتب ڪيو آهي، جنهن ۾ 135 بيت آهن، جن مان! بيت هڪ مصرع وارو، 1 بيت ٽن مصراعن وارو ۽ بہ بيت چئن مصرعن وارا آهن.

## قاضي قادن جي ڪلام جون نمايان خصوصيتون

ڊاڪٽر ممتاز ڀٽاڻ ”ٽہ-ماهي مهراڻ“ جي 1977ع جي پرچي نمبر 1 ۽ بہ ۾ لکي ٿو تہ ”سنڌي شاعري جي شروعات ڪيتري بہ پراڻي هجي پر اُن تي مفيد مواد سورهين صدي عيسوي کان پوءِ ئي دستياب ٿي سگهيو آهي. اُهو ئي سبب آهي جو انهي دور جي شاعرن کي سنڌي شاعري جو بانيڪار (Pioneer) سڏيو وڃي ٿو. انهن بانيڪار شاعرن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهہ ڪريم بلڙي وارو وڏي اهميت رکن ٿا. ”سنڌي بانيڪار شاعرن جو اڳواڻ قاضي قادن آهي.“

قاضي قادن جي شاعري سنڌ جي بنيادي شاعري آهي، جنهن تي مسلسل ڪم ڪري، پوين اساسي سنڌي شاعرن پالي، نپائي، سگهارو بنائي، خوب عروج تي پهچايو. قاضي قادن جي شاعري ۾ دوهي کان وٺي بيت تائين جي مرحلن جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

قاضي قادن هڪ وڏو شاعر، تخليقي صلاحيتن جو مالڪ ۽ برک تجربيڪار فنڪار هو. هن دوهي جي سخت پابندين کي دور ڪري دوها-سورٺا چند جوڙي سنڌي بيت کي اُسرڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. سنڌي بيت جي شاعري جو هوءِ بانيڪار ۽ پايو وجهندڙ آهي.

قاضي قادن سنڌ جي ريتن رسمن، ادبي روايتن جهڙوڪ اصطلاح، محاورا، تشبيهون، تمثيلون، تجنيس حرفي وغيره کي پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪري سنڌي اساسي شاعري جي بنياد رکڻ ۾ مدد ڪئي. هن سنڌي قصن ۽ داستانن کي پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيو. هن هنجھ ۽ ٻاٻيهي جهڙن پکين جا گيت ڳاتا. هن پنهنجي ڪلام ۾ مختلف موضوع جهڙوڪ واڍوڙيل ۽ ويج، سورهيہ ۽ رُڪ رهندي راند، ترهو ۽ تار، ٻيڙ ۽ سمنڊ سونهان ۽ معلم، ٻٽ ۽ باھ، لڱو مڱڻو سخا، سسئي جو پنهونءَ لاءِ پنڌ، ليلا جي چنيسر کي منت، گهاتو ۽ پائرن کي سندس پيءُ جي نصيحت انهن مڙني جي تمثيلن ۽ تلميحن کي بيتن ۾ ڪم آندو ۽ اهڙن اهڃاڻن لاءِ موزون الفاظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا. اُهي موزون اصلاح سنڌي اساسي شاعريءَ جا مکيہ موضوع بنيا.

قاضي قادن پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جو جهجهو ڪلام هٿ آيو آهي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ماخذن ۽ دادو ديال جي روايتن کي گڏ ڪري، هن جي 135 بيتن کي پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب "قاضي قادن جو رسالو" ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

قاضي قادن پهريون سنڌي شاعر آهي، جيڪو سنڌ ۽ هند ۾ مشهور آهي. هن جو ڪلام سنڌي ماخذن ۽ هند ۾ جمع ڪيل گرنٿن مان ملڻ اِهو ثابت ڪري ٿو تہ قاضي قادن هڪ عالم، بزرگ ۽ شاعر جي حيثيت ۾ نہ صرف سنڌ ۾ پر هند جي ڪن علائقن ۾ ڏاڍو نامر شاعر ۽ فنڪار ٿي گذريو آهي.

قاضي قادن پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ "جوڳي" جي لفظ کي ڪم آندو آهي. اُن کان پوءِ جي شاعرن جهڙوڪ شاھ عنات رضوي، شاھ لطيف ۽ ٻين شاعري ۾ جوڳي جي لفظ کي استعمال ڪري ڪيترائي رنگ رچايا آهن ۽ منڊ مچايا آهن. جيڪڏهن اسين قاضي قادن کي سنڌي شاعريءَ ۾ اهڃاڻڪاريءَ جو باني چئون تہ اِهو نامناسب نہ ٿيندو.

## قاضي قادن جي شاعري

محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ ڀاڱو پهريون ۾ لکي ٿو ته سنڌ جو بنيادي تحريري شعر قاضي قاضن کان شروع ٿئي ٿو. هو ڪڏهن ڪڏهن بيت به چوندو هو. انهن بيتن مان رڳو 7 بيت شاهه ڪريم جي رسالي ۾ موجود آهن جي شاهه ڪريم بلڙي وارو پنهنجي مجلسن ۾ مريدن کي ٻڌائيندو هو. اُهي ست سنڌي بيت شاهه ڪريم، شاهه عبداللطيف ۽ ساميءَ جي شعر جا بنيادي پٿر آهن.“

قاضي قادن پنهنجي شاعري جو آغاز دوهن ذريعي ڪيو. هن ڪيترائي ارتقائي مرحلا طئي ڪري بيت جي صنف جوڙي سنڌي شاعري ۾ هڪ وڏو انقلاب برپا ڪيو. هن کان پوءِ وارن شاعرن جهڙوڪ شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، شاهه عنات رضوي ۽ شاهه لطيف بيت کي خوب ترقي ڏيئي بيت کي سنڌي شاعري جي نمائنده صنف بنائي ڇڏيو.

قاضي قادن پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن دوها، سورٺا، دوها- سورٺا ميل ۽ بيت جوڙيا ۽ سنڌي شاعري کي عوام ۾ مقبول بنايو.

### (1)دوهو:

دوهي ۾ ٻه مصراعون ٿينديون آهن ۽ قافيو ٻنهي مصراعن جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي. دوهي جي هر هڪ مصرع جا ٻه ڀاڱا ٿيندا آهن. پهرين اڌ ۾ 13 ماترائون ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ 11 ماترائون هونديون آهن. دوهي ۾ ڪل 48 ماترائون هونديون آهن.

**ڪاغذ ڪاري اکرين مُتا مون سيٽين،**
**گهورين گهٽين وڃايا، اُن مندين نيٽين.**

### (2)سورٺو:

سورٺو وري دوهي جي اُلٽ هوندو آهي، هر هڪ مصرع جي پهرين حصي ۾ 11 ۽ ٻئي حصي ۾ 13 ماترائون هونديون آهن. قافيو ٻنهي مصرائن جي وچ ۾ ايندو آهي.

**سر هيڪڙي وسن، جر ۾ نينهن نه ڳڏيو**
**سار نه سالُورن، مٿي ڪنوَل ڦلاريا.“**

### (3) دوها-سورٺا ميل:

دوها، سورٺا ميل ۾ ٻه ٻه مصراعون هونديون آهن پهرين مصرع سورٺي جي مصرع هوندي آهي. جنهن ۾ پهرين اڌ ۾ 11 ماترائون ۽ ٻئي اڌ ۾ 13 ماترائون هونديون آهن. قافيو پهرين اڌ جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي. ٻئي مصرع وري دوهي جي مصرع جهڙي هوندي آهي، جنهن جي پهرين اڌ ۾ 13 ۽ ٻئي اڌ ۾ 11 ماترائون هونديون آهن. قافيو مصرع جي ٻئي اڌ پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

**”ڳُڻ ڳُلاچيءَ پار سڏ نه سُڄي سائين،**
**گهاتوئين سندا مَڱرا ڪنهن ٻئي پار نهار.“**

### (4) بيت:

بيت ۾ ٻه يا ٻن کان مٿي مصراعون هونديون آهن پهرين مصرع ۾ قافيو ڪڏهن مصرع جي پهرين اڌ پُڇاڙي يا وري مصرع جي ٻئي اڌ پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي. ٻئي مصرع جو قافيو وچ ۾ ايندو آهي.

**”رب سڃاڻن سُٽرو، پاڻ سُڃاڻن ڏڪُ،**
**تان تان ڪج مَ سُک، جان جان پسين نه پاڻ کي.“**

قاضي قادن پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن اڻٿڪ محنت ڪري، دوهي کي قافين جي پابندين کان آجو ڪري دوهي جي صنف ۾ وسعت پيدا ڪئي ۽ سنڌي شاعري ۾ تبديليون آڻي بيت جي صنف کي اُسرڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو موقعو ڏنو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌ جي روايت وارن ماخذن جهڙوڪ تذڪره قطبيه، گُلزار ابرار، بيان العارفين، شاهه جو رسالو، حڪايات الصالحين، ملفوظات خزانه المعرفت ۽ دادو ديال جي ماخذن جئپور گرنٿ 6، سنتون ڪي واڻي ۽ ورهد سَڪل ويدانت وچار سار مت جو باريڪي سان مطالعو ڪري قاضي قادن جو رسالو مرتب ڪيو آهي.

قاضي قادن جي ڪلام کي رسالو سڏڻ مناسب نٿو لڳي. هن وقت تائين رسالي جو تصور ئي نه اُڀريو هو. سنڌي شاعري ۾ رسالو جوڙڻ وارو پهريون شاعر ميون شاهه عنات رضوي آهي. قاضي قادن جي رسالي ۾ 135 بيت آهن. اُنهن مان 1 بيت هڪ مصرع وارو، 1 بيت ٽن مصراعن وارو ۽ 1 بيت چئن

مصراعن وارو آهي. باقي ٻچيل 132 دوها- سورٺا ميل ۾ 8 بيت آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ورهد سڪل ويدانت ويچار سارمت ۾ ڏنل ”ڪاجي ڪاجن جي ڪي ساڪي“ وانگي قاضي قادن جي ڪلام کي جُدا جُدا عنوانن ۾ ورهائي وڏي آساني پيدا ڪئي آهي.

## قاضي قادن جي شاعري جا رنگ ۽ روايتون

موجوده ڄاڻ مطابق سنڌي شاعري جي شروعات ڳاهه، دوهي، يا ڪنهن ٻئي ديسي صنف ذريعي ٿي. ”دودو چنيسر“ سنڌي شاعري جي آڳاٽي وير ڪٿا (Epic) چيو وڃي ٿو. هن وير ڪٿا ۾ ڏنل واقعا تاريخي طور تي سگهارا نٿا لڳن، هن ڪهاڻي ۾ دوهن سان گڏ ٽن چئن سٽن وارا ڪافي بيت بہ آهن جيڪي پڙهندڙن کي منجهائن ٿا.

## قديم سنڌي شاعري جا موضوع

آڳاٽي سنڌي شاعري ٽڙيل پکڙيل آهي. اُها زباني روايتن مان ڳولي ڪڍي ويئي آهي. اُها شاعري دعائيہ فقرن، تعريفي جملن، جنگي نعرن، واقعاتي بيتن، ڳاهن، روحاني اشارن، رومانوي رازن، اڳڪٿين، تعليمي نڪتن وغيره تي مشتمل آهي. اچو تہ چند قديم سنڌي شاعرن کي پڙهون ۽ سنڌي شاعري جو حال معلوم ڪريون.

(1) سومرن جي دور جو مشهور شاعر حسن الدين جيڪو ”پير پٺي“ جي نالي سان مشهور ٿيو هن جي باري ۾ هي چُوٽي مشهور هئي:

**”بابرڪت، پير پٺو هڪ مُئو پيو ڏٺُ.“**

(2) شيخ جيو ننڍي جو هڪ بزرگ هو جنهن پنهنجي مرشد کي بچائڻ لاءِ پاڻ کي گهوري ڇڏيو. هڪ تعريفي نعري ۾ هن جو ذڪر ائين آيل آهي:

**”تبيخ جيو مڪلي جو ڏيئو.“**

(3) مخدوم احمد ڀٽي هڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. هو نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) ۾ هڪ سماع جي محفل ۾ ويٺو هو تہ هڪ سوناري ڇوڪري هي

سنڌي بيت پڙهيو جو ٻڌڻ سان مخدوم وصال ڪري ويو.

**”سڏڙو سڻي پرينءَ جو وانگي جي نہ ورن،**

**ڪوڙي دعوي دوست جي، ڪجاڙي ڪي ڪن.“**

روحاني رشتي ۾ جڻ سر جو سودو طئي ٿي ويو.

(4) سنہ 1372ع ۾ ڄام جوڻي سردار ڄام تماچي ۽ سندس فرزند کي دهلي ڏانهن قيد ڪرائي موڪليو. اها خبر جڏهن سندس مرشد شيخ حماد کي پيئي تڏهن ڄام جوڻي کي پاراتو هي سنڌي ڳاهہ ڏنائون.

**”جوڻو مت اوڻو ڄام تماچي راءِ،**

**سڀاجهي ٻاجهہ پيئي، توسين ٿئو راءِ.“**

(5) جڏهن ڄام تماچي ۽ سندس پٽ آزاد ٿي موٽي ريها هئا تہ واٽ تي درويش نوح هوٿياڻيءَ سان مليا. هن دُعا ڪئي هي نعرو هنيو:

**”جوڻو وڃي جهوري ماريو**

**ڄام تماچي شهرين چاڙهيو.“**

(6) هي رومانوي خيالن وارو بيت اسحاق آهنگر جو آهي.

**”ٿيان مان جرڪ، وهان سڄن جي سپ تي،**

**مان ڪرين ڊرڪ، ٻولي ٻاجهاري سين.“**

ڇا سِڪ، ڇا نماڻي ۽ ڇا نوڙتا آهي.

(7) ماموئي فقيرن جا چيل بيت منجهائيندڙ آهن. انهن بيتن مان ڪي بيت، ڪي سورٺا ۽ ڪي دوها آهن. هڪ تہ-سٽو بہ آهي. هي بيت پيشنگوئي جي صورت ۾ آهن. هي هڪ پيشنگوئي وارو بيت آهي:

**”هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻڃندي ٻنڌ اوڙ**

**ٻهہ مڇي ۽ لوڙهہ سمي ويندي سوڪڙي.“**

قاضي قادن کان اڳ واري سنڌي شاعري ٽڙيل پکڙيل هئي، ٿوري هئي، اڻپوري هئي. اُها فني لوازمن کان وانجهيل هئي. اُن ۾ ربط، ترتيب، تسلسل، فڪر، مقصد وغيره جي کوٽ هئي.

## قاضي قادن جون خدمتون

قاضي قادن آڳاٽي شاعري جي خامين کي سامهون رکي شاعري ڪئي.

هن سنڌي شاعري کي غير سنجيده حالتن مان ڪڍي سنجيده ماحول طرف آندو. هن شاعري کي درٻاري ۽ نيم تاريخي واقعن جي ڏيڻ مان ڪڍي ٻاهر ڪيو. هن سنڌي شاعري کي جيارڻ پڻن، پانن جي قصہ گوئي ۽ وندر ورونهہ، انعام اڪرام ۽ خوشامند جي لاءِ ڪيل غير معياري شاعري کان آجو ڪرائي، اُن کي ادبي درجو ڏيارڻ جي جاکوڙ ڪئي. هن فڪر کي ريتن، رسمن ۽ حالتن جي اجاين ورن وڪڙن مان آجو ڪرائي، اُن کي آزاد فضا طرف متوجهہ ڪيو.

(1) قاضي قادن پنهنجي ڪلام ۾ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل راڻو ۽ ليلان چنيسر واري ڪهاڻين جا حوالا ڏنا ۽ انهن کي تمثيلن طور ڪم آندو. هن جون تشبيهون معنيٰ جا موتي آهن، جيڪي مقامي ماحول ۽ آس پاس جي پس منظر مان کنيل آهن. تلاءُ، هنجهہ، پکين ۽ ڪنول گل واريون تشبيهون، ٻاٻيهي جو تڙڦي ڦرڻ، ٻيڙين تارڻ واريون تشبيهون توڙي ويڄن ۽ واڍوڙن واريون تشبيهون، اهي سڀ اسان جي ڌرتي ۽ زندگي مان ورتل آهن.

(2) قاضي قادن پنهنجي ڪلام ۾ جوڳين، ڪاپڙين آديسين جو ذڪر ڪري آئنده جي شاعرن لاءِ هڪ نئين روايت قائم ڪئي. جنهن تي هلي انهن ڪمال ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن.

(3) قاضي قادن جي ڪلام ۾ ”وراڻ“ يا ”تڪرار“ واري فني سٽاءَ نظر اچي ٿي جيڪا سنڌي شاعري جي سونهن ۽ شناخت آهي.

(4) قاضي قادن جي ڪلام ۾ ٻن مصراعن کان مٿي مصراعن وارا ڪجهہ شعر ملن ٿا. هن جي ڪلام ۾ ٻن ٽن سٽن وارا ۽ چئن سٽن وارو شعر بہ موجود آهي.

(5) قاضي قادن سنڌ جي عوامي ڳالهين ۽ داستانن جي روايت کي عارفانہ فڪر جي عنوانن سان ملائي ڇڏيو. قاضي قادن عام قصن ۾ ۽ زندگي جي عام مشغلن جي قالب ۾ اعليٰ فڪر ۽ معنيٰ جا ماڻ ڀري، خاصن جي خاص فڪر کي عوام جي عام ذوق سان ملائي سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين روايت کي پڪو پختو بنائي، سنڌي شاعري ۾ هڪ نئون لاڙو پيدا ڪيو.

(6) قاضي قادن سنڌ جي ترجماني ڪندڙ موضوعن جهڙوڪ واڍوڙا ۽ ويڄ، سورهيہ ۽ رڪ رهندي راند، ترهو ۽ تار، ٻيڙا ۽ سمنڊ، سونهان ۽ معلم،

سخي جي سخا وغيره جي تمثيلن ۽ تلميحن کي پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندو ۽ ان کي نفاست، لطاف، اعليٰ اخلاقيت، فراخدلي ۽ شفتگي سان بيان ڪري سنڌ ۾ اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جو بنياد وڌو. انهي لحاظ کان پروفيسر رام پنجواڻي قاضي قادن کي سنڌي اساسي شاعري جو ”بابو“ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن کي سنڌي اساسي شاعري جو ”ابو“ سڏي ٿو.

## قاضي قادن جي شاعري جو مضمون

تصوف يا رب پاڪ جي رازن ۽ رمزن جو انسان ۽ انساني زندگيءَ تي معنيٰ خيز اثر جهڙا نڪتا قاضي قادن جي ڪلام جو مضمون آهن. قاضي قادن هڪ وڏو صوفي ۽ باڪمال شاعر هو. هن تصوف جي فلسفي کي صوفيانہ بزرگي ۽ تخليقي صلاحيتن جي ذريعي ڪمال ڪاريگري سان پيش ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

## تصوف

”قاضي قادن جو ڪلام“ جي مولف هيري ٺڪر جي ان راءِ ۾ وزن نظر اچي ٿو تہ ”قاضي قادن جي شاعري تصوف ۽ ويدانت جي شاعري آهي.“ قاضي قادن جي شاعري تي تصوف جو چٽو ۽ گهرو اثر نظر اچي ٿو ڇاڪاڻ تہ هو سنڌ ديش جو رهاڪو هو جنهن ننڍي ڪنڊ جي لاءِ تصوف جو دروازو کوليو هو.

تصوف يا صوفي مت موجب خدا ڪا دور جي شيءِ ناهي. صوفي خدا سان هڪ شخصي گهرائي جو تجربو ڪن ٿا. صوفين جو مقصد آهي ڪائنات جي خالق کي سڃاڻڻ ۽ انهي جي زير اثر پاڻ کي سڃاڻڻ جو آخرڪار ذريعو بنجي وڃي ٿو. قاضي قادن جي ڪلام ۾ سڄو زور پاڻ سڃاڻڻ تي آهي.

**”ليهان لک ڪيام، پسڻ کي پاڻان پرين،**
**سوجهي سيڻ لڌام، من منجهين ئي سُپرين.“**

*-*-*

**”ڦهرين ڦاٽي ڦرڪ، ڦرين ڦرڪڻ سوڪڙا،**
**در ڦپي سوئي رڪ، جتان ڏڪائون لهين.“**

قاضي قادن ”وحدت الوجود“ واري نظريئي جو قائل هو وحدت الوجود جو مطلب آهي ”همہ اوست“ يا سڀ ڪجهہ اُهو ئي آهي. قاضي قادن جي ڪلام ۾ اِهو خيال ڇانيو پيو آهي.

**”پاڻي وانگي رنگ ۾، پاڻو واڻ رتاس،**
**رگيندڙ آ پاڻ ڏٽي، سڀي رنگ سنداس.“**

انهيءَ خيال کان متاثر ٿي شاهہ لطيف هي بيت لکيو:

**”پاڻ ئي پسي پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب،**
**پاڻ ئي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو.**

## ويدانت

قاضي قادن جي شعر تي ٻيو ڇِٽو اثر آهي ويدانت جو. ويدانتي فلسفي جو نچوڙ آهي تہ برهم، تت يا سچي ڪائنات جو وجود هڪ ئي آهي، ٻيو جو ڪجهہ آهي سو مايا يا طلسم آهي. مخلوق اگيان جي ٻولي ۾ ڦلجي هن ناپائدار سنسار کي سچ سمجهي ويٺو آهي. اصل چيز برهم يا خالق کي وساري ويٺو آهي. قاضي قادن ويدانت جي ان فلسفي کي هن نموني ۾ بيان ڪيو آهي:

**”ڦرين وساري رت روئن، ڪيڏي ري ڪارڻ،**
**ڪنڇن راس رڇاءِ کي ٻُڪئين ٻور وجهن.“**

هن خيال کي قاضي قادن ڪمل ۽ ڏيڏير واري تمثيل ذريعي هن طرح بيان ڪيو آهي. سنسار روپي تلاءُ ۾ انسان روپي ڏيڏر جنهن کي اها خبر ئي ناهي سو تلاءَ جي تري ۾ ليڙيون پائي مٿي ويٺو ڪائي.

**”جي سالورو سُڌ لهي، ڪملان سندي ڪاءِ،**
**تہ ڀيو پاتال ۾ هوند نہ مٿي ڪاءِ“**

تصوف ۽ ويدانت قاضي قادن جي ڪلام ۾ تاڃي پيٽي جيان لڳا پيا آهن.

## سنڌ جون حالتون

قاضي قادن سنڌ جو هوشمند ۽ جرتمند ترجمان هو. هن سنڌ، سنڌ جي ماڻهن ۽ انهن جي خيالن، سوچ، ثقافت، ادب ۽ ترقي لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. هن سنڌ جي ماڻهن جي ترجماني ڪندڙ موضوعن کي پنهنجي شاعري ۾ ڳايو ۽ خوب ناموس پاتي. هن سنڌ جي سورهين ۽ اُنهن جي رڪ وهندي راند، سُونهن ۽ معلمن، ٻيڙين ۽ سمنڊ، ترهن ۽ تارُن، سنجيد جي سخا لوڪ قصن لوڪ داستانن ۽ تلميحن طور استعمال ڪري نہ صرف سنڌ کي ساراهيو پر پنهنجي فڪر کي فروغ بہ ڏنو سنڌ ۽ سنڌين جي شان ۽ شوڪت، جوش ۽ جرئت، همت ۽ جاکوڙ سورهيائي ۽ خوداعتمادي، ماڻهن جي آدرشن ۽ اُنهن جي طلب قاضي قادن جي ڪلام جا اهم مضمون آهن. هن جي ڪردار ۾ پل کي اوٽايون هجن پر هو جرتمند آهي، سورهيہ آهي ۽ خود اعتمادي هن جي ڪردار جو وڏو گڻ آهي.

**”رڪ رهندي سامهون، سروهيہ سي جاون.“**

## قاضي قادن جي شاعري جو اثر

ادب جي تاريخ جي مصنف محمد صديق ميمڻ جيِ اِها راءِ وزندار آهي تہ قاضي قادن جا ست بيت شاهہ ڪريم شاهہ عبداللطيف ۽ سامي جي شعر جا بنيادي پٿر آهن. سنڌ جا سڀيئي اساسي شاعر قاضي قادن جي ڪلام کان ڏاڍو متاثر ٿيا ۽ هن جي ڪلام جي اثر هيٺ وڏا شاعري ڪارناما سرانجام ڏيئي سنڌي شاعري جي خوب خدمت ڪئي.

## شاهہ ڪريم تي اثر

شاهہ ڪريم جي ڪلام تي قاضي قادن جو گهرو اثر نظر اچي ٿو. شاهہ ڪريم قاضي قادن جي ڪلام کان ايڏو متاثر ٿيو جو هو سندس بيتن کي ياد ڪري پنهنجي سماع جي مجلسن ۾ مريدن کي ٻڌائيندو هو. اُنهن بيتن مان ست بيت محفوظ رهجي ويا جيڪي بياض العارفين ۾ درج ٿي مقبول ٿيا.

قاضي قادن جي بيتن جي مضمون ۽ معنيٰ کان متاثر ٿي شاهه ڪريم پاڻ پنهنجا بيت چيا. شاهه ڪريم جي بيتن تي قاضي قادن جي ڪلام جو اثر هن مثال مان ظاهر ٿئي ٿو.

**قاضي قادن جو بيت:**

**”پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي پاڻ وڃائي سو لهي،**
**من اندر مهه پاءِ، توئي اندر سپرين.“**

**شاهه ڪريم جو بيت:**

**”پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هو له،**
**تهان ڏار نه سپرين، مه منجهئين پاءِ.“**

**شاهه لطيف تي اثر**

شاهه لطيف جي شاعري تي قاضي قادن جي ڪلام جا واضح اثر ڏسي سگهجن ٿا، شاهه جي رسالي ۾ قاضي قادن جا ڪافي بيت شامل آهن پر شاهه لطيف جا پنهنجا به گهڻائي بيت آهن جن ۾ قاضي قادن جي بيتن ۾ سمايل فڪر ۽ معنيٰ جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

**قاضي قادن جو بيت:**

**”الف ٻيا وسار، الف اڳهون ئي ياد ڪر،**
**سو تون ڏيئو ٻار، سو نه اجهاميه ڪڏهن.“**

**شاهه لطيف جو بيت:**

**اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،**
**اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.“**

**قاضي قادن جو بيت:**

**”لائي لام الف سان، ڪاتب لکن جيئن،**
**مون هينئڙو پريان سين لڳو آهي تيئن.“**

## شاهه لطيف جو بيت:

**”ڪاتب لکين جيئن، لائي لام الف سان،**
**اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.“**

شاهه لطيف قاضي قادن جي ڪن عنوانن ۽ مضمونن کي پنهنجي رسالي جي سُرن جا عنوان بنايا. قاضي قادن جي بيتن جي ڪن سٽن کي پنهنجي سٽن ۾ آندو ۽ انهن ۾ سمايل معنيٰ ۽ مفهوم کي وڌيڪ چٽو ڪيو ۽ قادن جي فڪر جي ڪن رُخن کي چٽو ڪيو. مثلاً قاضي قادن اِهو اشارو ڏنو.

**”جيئن ڦڦڙ ماهه ۾ ائين روزا عيد نماز.“**

شاهه لطيف انهي بيت ۾ سمايل معنيٰ کي وڌيڪ کولي اُن کي وڏي منزل تي پهچايو.

**”روضا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،**
**اوڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي.“**

قاضي قادن جي ڪلام جو اثر شاهه لطف الله قادري ۽ ميين شاهه عنات رضوي جي ڪلام ۾ بہ صاف صاف ڏسجي ٿو ڪيترن ئي سنڌي شاعرن جي فڪر، محاوري ۽ عبارت تي بہ هن جو زوردار اثر چٽائي سان نظر اچي ٿو.

## قاضي قادن جو سنڌ کان ٻاهر اثر

قاضي قادن جي ڪلام جو اثر سنڌ جي صوفين، سالڪن ۽ اساسي شاعرن تي خوب پيو. سنڌ کان ٻاهر وارن سنتن ۽ ساڌن کي پڻ هن جي شاعري ۽ فڪر ڏاڍو متاثر ڪيو. سيوهڻ ۽ پاٽ جا قابل ۽ ڪشادهه دل ۽ ڪشادهه دماغ وارا عالم سنڌ مان لڏي هندستان ويا. اُتي ڪيترائي سنت ۽ ساڌو قاضي قادن جي ڪلام ۽ عارفانہ فڪر کان متاثر ٿيا. هنن قاضي قادن جي بيتن جي ذخيري کي سانديو ۽ برهانپور تائين پهچايو. سنڌ اندر قاضي قادن جا بيت هر هنڌ مشهور ٿيا ڇاڪاڻ تہ قاضي قادن نہ رڳو وڏي حال ۽ قال

وارو مفڪر هو پر هڪ وڏو عالم ۽ ناميارو شاعر بہ هو. عالمن جي محفلن ۾ درسگاهن ۾ سندس بيتن جو ذڪر لازمي هو. اُن جو ثبوت اُن وقت جي درسي ۽ تعليمي مواد مان ملي ٿو جيڪي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب سنڌي ٻولي جو آڳاٽو منظوم ذخيرو ۾ محفوظ ڪيل آهي.

## قاضي قادن جو دادو ديال تي اثر

گجرات-راجستان جو شاعر دادو ديال جيڪو قاضي قادن جي وفات وقت ننڍو هو سو بہ قاضي قادن جي بيتن ۽ انهن ۾ سمايل فڪر کان ڏاڍو متاثر هو. هن بہ ڪيترائي سنڌي ۾ بيت ۽ دوها لکيا. هو قاضي قادن کي گُر پير سمجهندو هو. اِن جو ثبوت هن بيت ۾ آهي جيڪو دادو ديال جي روايتي ماخذ ”ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي“ ۾ موجود آهي.

**”تون ويرون ئي وير، جوڳي سو جو جڳ ۾،**
**تون اسان جو پير، سُڌي ڏئين سرير ۾.“**

دادو ديال جي سنڌي بيتن ۾ سمايل خيالن تي قاضي قادن جو اثر صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

## قاضي قادن جو بيت:

**”جي تو لاتي رچمچ، تہ لکڻ چپن ناهہ،**
**زهر هلال هٿ ڪر، ڪارڻ پريان ڪاءِ“**

## دادو ديال جو بيت:

**سَتمگر هَم دَم مين، ڪئَن سنجم رهيا نہ جاءِ،**
**زهر هلاهل هٿ ڪر ڪارڻ پريان ڪاءِ“**

قاضي قادن جي ڪلام جو سنڌ ۽ هند ۾ وڏو اثر آهي. سنڌ ۽ هند جا اديب ۽ نقاد ڪوشش ڪري رهيا آهن. اِهو امڪان موجود آهي تہ سنڌ ۾ بہ ڪن درگاهن تاريخي هنڌن ۽ قديم شاهي ڪُتبخانن ۽ هندستان جي ڪن ٻين متن ۾ ڪي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل قاضي قادن ۽ ٻين سنڌي

شاعرن جا ذخيرا موجود هُجن انهن کي ڳولي لهجي، جيئن تہ سنڌي شاعري جي وڏيڪ گم ٿيل ذخيرن کي هٿ ڪري سنڌي جي اڻپوري شاعري کي ڪنهن حد تائين پورو ڪرڻ لاءِ جتن ڪري سگهجن.

## قاضي قادن جي شاعري جون خوبيون

قاضي قادن ڪمال جو شاعر هو. هن سنڌ، ملتان، گجرا تءِ راجستان ۽ ڪن علائقن ۾ اُتي جي وڏن وڏن شاعرن سان ادبي ڪچهريون ڪيون هجن، اُنهن کان ڪجهہ سکيو هجي ۽ ڪجهہ اُنهن کي سيکاريو هجي شاعري تي عبور حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن سنڌ ۾ شاعري جي بازار گرم ڪئي، ماڻهن کي موهيو ۽ متاثر ڪيو. سڀ هن جي شاعري جي حسين، رنگين ۽ منڙين ۽ من موهيندڙ خوبين جا متوالا ٿي ويا.

## تصوف ۽ ويدانت جو ميل

قاضي قادن جي شاعري جي پهرين خوبي آهي تصوف ۽ ويدانت جو منڙو ميل انهي ڪري هن جو ڪلام سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر مارواڙ ملتان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي ٻين ايراضين ۾ ڏاڍو مقبول رهيو. انهن علائقن جا راڳي قاضي قادن جي ڪلام کي پنهنجن مجلسن ۾ ڳائي دل وندرائيندا رهيا. اُنهن جي ڪوشش سان سندس ڪلام مقبول ٿيو ۽ پراڻن ڪتابن ۾ محفوظ رهيو.

## سنڌي لوڪ قصن ۽ داستانن جو اثر

قاضي قادن جي ڪلام جي ٻئي خوبي آهي تہ هن سنڌ جي لوڪ قصن ۽ ڪهاڻين تمثيلي طور پيش ڪري پنهنجي ڪلام کي نئون ڏنو آهي ۽ ان ۾ معنيٰ جا موتي پري دلين کي گرمايو آهي. هن کان پوءِ وارن شاعرن جهڙوڪ شاهہ ڪريم شاهہ لطف الله قادري، شاهہ عنات رضوي، شاهہ لطيف ۽ ٻين پنهنجي ڪلام ۾ انهن تمثيلن کي ڪمال فنڪاري سان پيش ڪري خوب رنگ رچايا آهن.

## وڻندڙ انداز بيان

قاضي قادن جي شاعري جي ٽئين خوبي آهي منڍي ٻولي ۽ وڻندڙ اسلوب بيان سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب" ۾ لکيو آهي تہ "هي (قاضي قادن) پهريون شاعر آهي جنهن جا شعر نهايت ئي صاف سُٿرا، بامقصد ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ مليا آهن. بيان جو انداز بہ دل کي وڻندڙ آهي."

**"جنهن محبت من ۾، سي ميرائي سونهن،**
**تن ۾ برن مشعلان، سنديان سُپرين."**

***_*_***

**"ڪڏهن ٻيرين ٻُر، ڪڏهن ڦل نہ هڪڙو،**
**ڪڏهن پريان پور، ڪڏهن سڪان سڏ ڪي."**

***_*_***

**"اُپرندي سِجان، پرين جي نہ پسنديون،**
**ڪيڍي ڪي ڪانگان، نوالا نيڻ ڏيان."**

## موسيقيت

قاضي قادن جي ڪلام جي چوٿين خوبي آهي موسيقيت. قاضي قادن سنڌ، ملتان، مارواڙ (راجستان) ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي موسيقيءَ جي روايتن کان چڱي طرح واقف هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ انهن علائقن جي موسيقيءَ جو رنگ ڀري پنهنجي ڪلام ۾ ميناج، خوبصورتي ۽ جادوئي اثر ڀري اُن کي ڏاڍو مقبول بنايو. منڍن لفظن جي چونڊ، انهن جي منڍي ترتيب ۽ انهي ترتيب مان ڦٽي نڪتل موسيقي بيمثال آهي. سندس ڪلام جي منڍي موسيقيت جا هي چند مثال آهن.

**جي تو لائي رچمچ، چنيڻ لکڻ ناهہ،**
**زهر هلال هٿ ڪر، ڪارڻ پريان ڪاءِ**

**اونهان اندر ماه، ٻاهر ڏک نہ پڌرا،**

**ويچ ڪريندو دانهن، پسڻ سان واڍوڙيا.**

***_*_***

**سوٽيريان سنهڙو، جه تن ڪيوءِ نہ تيئن،**
**توکي اکڙين ۾، پرين پائيندا ڪيئن.**

## قاضي قادن جون ادبي خدمتون

قاضي قادن هڪ وڏو عالم، ناميارو شاعر ۽ اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ هو. هن پنهنجي شاعراڻہ ڏات، تجربي ۽ مشاهدي جو استعمال ڪري سنڌي شاعري کي سرجي هڪ وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو.

## اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ

قاضي قادن کان اڳ ۾ سنڌي شاعري موجود ڪو نہ هئي. قاضي قادن ئي پهريون تحريري سنڌي شاعر آهي. هن کان اڳ ۾ زباني طور تي سنڌي شاعري بابت ڪي روايتون ملن ٿيون. اُها زباني شاعري ٽڙيل پکڙيل آهي. جنهن جا موضوع آهن. حڪمرانن جي ساراهہ، ويرن ۽ سورمن جي واکاڻ، سنجين ۽ سردارن جي تعريف، ڪل پوڳ، گلاخوري ۽ اجائي ٿان ٿون وغيره. سنڌي شاعري فڪر ۽ مقصديت کان وانجهيل هئي. سنڌي تحريري شاعري جو باني قاضي قادن آهي. هن جي شاعري سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ترجماني ڪندڙ شاعري آهي.

## سنڌي اساسي شاعري جي جوڙجڪ

قاضي قادن سنڌ جي سر زمين، اُن جي ماڻهن، انهن جي مقامي، مذهبي، تاريخي، ثقافتي ۽ اقتصادي معاملن، لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ داستانن، سندن ذاتي ڪاوشن، سندن خوابن ۽ سندن جنگين وغيره، سندن ڪاميابين ۽ ڪامرانين مان عنوان چونڊي ۽ انهن کي خود اعتمادي، بلند اخلاقي ۽ دل فريبانہ انداز ۾ بيان ڪري سنڌي اساسي شاعري جو بنياد رکيو. قاضي قادن جي اساسي شاعري جو مطالعو ڪريو ۽ سرور حاصل ڪريو.

**چئه سيڪوءِ محبتي مان ٽيان،**
**اندر اگهيو سوئي جو سيباڻو سڄڻان،**
***-*-***
**روز محشر ڏينهڙي، ستر سج تپن.**
**سيوئي جهُڙ ڀانيان، جي مون پرين مڙن**
***-*-***
**حقيقي مون سيڻ، وسن شهر حقيق ۾**
**ڳالهيان چون حقيقيان، چون حقيقي ويڻ.**

## وڌيڪ مصراعن وارا شعر

قاضي قادن ٻن مصراعن کان مٿي وارا شعر بہ سرجيا هڪ ٽن سٽن وارو ۽ 1 چئن سٽن وارو بيت ٻنهي بيتن ۾ قافيا ٽن يا چئن سٽن جي پڇاڙيءَ آهن. هي هڪ چئن سٽن وارو بيت آهي.

**”جي مون ڏيئين لک ڏڙ ڏڙ ڏڙ لک سران،**
**سِر سِر لک مُهان ٽيئن، مُهه مُهه لک ڄڀان،**

**سيي ڄڀان تکيان، تڪڙيان لوان،**
**صفت تنهنجي راجيا توهئون ڪيئن ڪران.“**

## اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ

قاضي قادن هڪ عظيم تخليقڪار ۽ اعليٰ صلاحيتن وارو شاعر هو. هن نہ صرف سنڌي شاعري کي سرجيو پر اُن جي بامقصد اظاهر جي لاءِ هڪ سريلو اسلوب بہ ايجاد ڪيو. انهي جي ڪري سنڌ جي قديم ۽ جديد شاعري کي اظاهر بيان جو مضبوط طريقيڪار مليو.

**ڪائومنهن ڏيئي، پينا جي درياءِ ۾،**
**پسندا سيئي، ماڻڪ اکين سين.**

*_*_*

**ڀڳو سڄو نہ ٽئي، من هوتا هلُ ڳڄُ،**
**ڪنين سڻيو نہ منيئي، اکين ڏِٺو سچ.**

## دوها-سورٺا ميل جي جوڙجڪ

قاضي قادن دوهي سورٺي ميل جو استعمال ڪري دوهي جي صنف ڪي قافين جي پابندين کان آجو ڪرايو ۽ دوهي ۾ وسعت پيدا ڪئي. هن قافين جون جايون بدلائي، مصراعن ۾ واڌارو آڻي، بيت جي صنف سرجي،جي بيت جي صنف نہ هجي ها تہ سنڌي شاعري بہ ڪا نہ هجي ها. هي دوها سورٺا ميل جا ڪجهہ بيت آهن:

**لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين،**
**سوئي پڙهيو، سو پڙهان، سوئي سو حرف**

*_*_*

**”ڪڏي ڪاجو راءِ، جني ٻج نہ پوکيو،**
**راهون روح رچنديون، تِني کي ڪياءِ.“**

قاضي قادن ڪمال جو شاعر هو هن پنهنجي شاعرانہ ذات، تجربي مشاهدي ۽ تخليقي ڪاريگري جي رستي سنڌي شاعري کي سرجيو اُن جي اظهار لاءِ اسلوب بيان جوڙيو ۽ نوان نوان فني لوازمات تيار ڪري سنڌي شاعري کي خوب ترقي ڏياري.

## قاضي قادن جي عبارت

قاضي قادن جي ڪلام جي اها هڪڙي بيمثال خوبي آهي، جو هن نہ صرف سنڌي ڪلام جوڙيو پر اُن جي لاءِ عبارت بہ گهڙي. قاضي قادن جي عبارت هن جي فڪر، سوچ ۽ آواز کي دلفريب نموني ۾ ظاهر ڪرڻ جو هڪ فطري ذريعو آهي. اعليٰ فڪر کي ظهار ڪرڻ جي لاءِ اعليٰ عبارت جوڙي قاضي قادن وڏو ادبي ڪم ڪيو آهي. قاضي قادن جي عبارت سادي، سلوڻي، عام فهم ۽ منڙي ۽ من موهيندڙ آهي.

## قاضي قادن جي ٻولي

قاضي قادن جي ڪلام جي ٻولي سنڌ جي اُتر ۽ سري واري سنڌي ٻولي آهي. اُن تي سرائيڪي ۽ ملتاني جو بہ اثر آهي. قاضي قادن جي ڪلام ۾ بکر علائقي واري سرائيڪي ٻوليءَ ۾ چيل بيت بہ شامل آهن. هن جي سنڌي توڙي سرائيڪي ۾ چيل بيتن تي راجستاني لهجن ۽ محاورن جو اثر پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو قاضي قادن احمد آباد ۾ رهيو ۽ پڙهيو راجستان طرف سير ۽ سفر ڪيائين جنهن ڪري ڪي لفظ جهڙوڪ سالور = ڏيڏر, ڪڙ = گاهہ وغيره انهن ياڱن جا پڻ پنهنجن بيتن ۾ آندا آهن. قاضي قادن جي بيتن ۾ سنڌ ۽ سرائيڪي جي آميزش جا اهڃاڻ موجود آهن:

**سان نہ اسان جيتري, اوهان ڪی نہ اسان جيتريءَ**
**سيئی ڄيان تڪيان, سڀ زبانون تڪيون,**
**سڄڻ ڏڄڻ ديک ڪی سڄڻ ڪی ظاهراً دشمن رنگ ۾ ڏسڻ.**

”آئون“ بدران ”مان“ جو استعمال قاضي قادن جي ٻولي ۾ ٿيل آهي جيئن اڄان تائين اترئين ياڱي جي سنڌي ۾ آهي.

**مان ڪي سڄڻ گڏيو, مونکي سڄن گڏيو,**
**جتي هوئن مان پرين, جتي منهنجا پرين هجن.**

هينئين سنڌ جي لفظ ڪي جمع بنائڻ لاءِ لفظ جي پنيان ”ئون“ لڳائبو آهي جيئن ڄڀ, ڄڀون, دانهن دانهون, وير ويرون, لهر, لهرون وغيره پر قاضي قادن جي ڪلام ۾ اتر سنڌ جيان ”آن“ لڳائبو آهي. جيئن زبر زبران, زير زيران, آئت آئتان وغيره.

**”زبران, زيران, آيتان, اکر انت نہ پار“**

ٻانهون = ٻانهان, سر سران, ڄڀ ڄڀان, دانهن = دانهان, ليهہ ليهان وغيره.

قاضي قادن جو اسلوب ڳرو ۽ گهرو آهي. لفظن جي جوڙ ۽ سٽاءِ ۾ انوکائي آهي. سندس اسلوب بيان جي اِها عجيب خوبي آهي جو بيت جي پهرين سٽ ۾ سمايل معنيٰ ۽ خيال جي تصديق ٻئي سٽ ۾ ٿيل آهي. ٻئي سٽ ڄڻ پهرين سٽ جو جواز ۽ جواب آهي. مثلاً

**تان تان سورهيه سيڪو، جان جان مه نه مڙن،**
**رڪ وهندي سامهون، سورهيه سي جاون.“**

***_*_***

**”ڍڪ پاٽي منجهه ٻاپيها ٻُڌي مئا.**
**جي تو پوي سمجهه، تان تو ڳيرو نه ٿيوين.“**

قاضي قادن جي سنڌي ٻولي تي پنجابي جو اثر به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪٿي ڪٿي هن ”ن“ جي بدران ”ڻ“ ڪي استعمال ڪيو آهي.

(1) ”پڙهندو پئي ويو، ڪوڙين لک قراڻ، (قرآن).

(2) ”اک اندر سريو، جاڳي پيس جواڻ. (جوان).

قاضي قادن قرآن جو حافظ هو ۽ عربي شاعري به ڄاڻندو هوندو تنهن هوندي به سندس ٻولي تي انهن ٻولين جو تمام گهٽ اثر نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ سنسڪرت لفظ چڱي تعداد ۾ ملن ٿا جهڙوڪ سرپ، راس، ڪنچن، سالور وغيره ان جا ڪجهه مثال آهن.

## فني لوازمن جو استعمال

شاعر گهڻو ڪري پنهنجي ڪلام کي دلچسپ بنائڻ لاءِ ڪن فني لوازمن جهڙوڪ چونڊ لفظ، تشبيهن، چوڻين، تجنيس حرفي، موسيقي وغيره جو استعمال ڪندو آهي. قاضي قادن به اهڙا فني لوازمات ڪم آڻي پنهنجي عبارت کي دلڪش ۽ ڪارآمد بنايو آهي.

**چونڊ لفظ:**

**”وڄ، بادل ۽ واءُ، ڏڄ نه لهرين لڳيو**
**سڏر سونهان چاءُ، ٻيڙي ٻُڏڻ ناهه ڪو.“**

***_*_***

**”چوي سيڪوءِ، محبتي مان ٿيان،**
**اندر اگهيو سوءِ، جون سيباڻو سڄڻان.“**

**تشبيهون**

**”اڪيون آڪا سانه، فوجون ڪري الٿيون،**

**سوڙهي گلي منجهه نه، لوچي پرين لهنديون.“**

***_*_***

**”ڪاغذ ڪاري اکرين، مون واچيندو الڏو،**
**سڄڻ اڇي اکرين، مون لوڙيندو لڏو.“**

**چوٽيون:**

**”جيئن ڦقر ماه ۾، تيئن روزا، عيد نماز.“**
**”خين محبت من ۾، سي ميرائي سُونهن.“**

***_*_***

**”علت وچيس ئي نا، عادت ڪڏهن نه جاءِ،**
**اُٺ ڪٺڪين چڏيو، چُڻ جواسا ڪاءِ.“**

**تجنيس حرفي:**

**”ڪهي ڪيا شهيد، تو جي اکڙين سان،**
**تن تنهنجي تاتڙي، نه ڪو عيش نه عيد.“**

***_*_***

**”جان جان سو نه پسن، جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا،**
**تان تان سناسين، ورهه وهامي راتڙي.“**

**موسيقي:**

**”پاڙي ۾ وڻ هيڪڙو، سر مون گهٽو سُهاءِ،**
**ٿار وهاري سڄڻان، چڙي به وڙاهه.“**

***_*_***

**”اسين سڪون جن ڪي، تان سي اسين پاڻ.“**

قاضي قادن هڪ سُريلو سرجڻهار هو. هن مختلف ادبي ۽ فني لوازما استعمال ڪري پنهنجي عبارت ۾ سپيئي رنگ ڀري ڇڏيا آهن. قديم سنڌي شاعري ۾ هن جي عبارت بيمثال آهي. اڄوڪي دور ۾ به هن جي عبارت پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

**قاضي قادن جي ڪلام جي اهميت**

قاضي قادن ڪُلي دل ۽ ڪُلي دماغ وارو سنڌ جو صوفي بزرگ ۽ شعور جاڳائڻ وارو منفرد ۽ نرالو شاعر هو. هو ديني توڙي دنيوي معاملن جو وڏو ماهر هو. هن سنڌ جي ماڻهن جي ٻنهي ميدانن ۾ وڏي مدد ڪئي.

## ديني تعليم

قاضي قادن ديني تعليم کي فروغ ڏيئي سنڌ واسين جي اندر کي اُجاريو ۽ انهن کي حق جي راهه طرف متوجه ڪندي عمل جو ڪو ڏيو ٻنايو. هن انهن کي پاڻ پرکڻ ۽ اُن جي ذريعي رب کي پرکڻ جو درس ڏنو. هن انهن جي لاءِ نيڪي جون راهون روشن ڪري انهن کي بلند اخلاقي، نيڪ عمل ۽ خلق جي خدمت جو نئون ۽ نرالو پيغام پهچايو. چند مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**جان ئي پاران پڊرو ٻڌائون سو سَڏ،**
**مون هينئڙو تائين ٿيو سپيريان سان گڏ.**

***-*-***

**جني سرسندو نور، جيلاه سو سونهون ٿئي،**
**تيلاهه لين سپرين، ڳالهه هجي مور.**

***-*-***

**جنهين محبت من ۾، سي ميرائي سونهن"**

## دنيو تعليم

قاضي قادن سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي جذبن ، ويچارن ۽ آدرشن جو سريلو اظهار آهي. هن جي شاعري سنڌين جي دلين جو آواز ۽ روح جو راڳ آهي. هن جي شاعري جا ٻول احمد ملاح پنهنجو تمثيلون تلميحون ، اهڃاڻ ويهنجن حرخي جا نوان نرالا رنگ ۽ طرح طرح جون ترڪيون هن کي سنڌ جو قابل ۽ سگهارو فرزند ثابت ڪن ٿيون جو ميرو هوندي به هنج جيان سڄي سنڌ ۾ سونهي ٿو.

قاضي قادن جو ڪلام سنڌ، سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌ جي ثقافت جي ترجماني ڪري ٿو. سنڌ جي قصن ۽ داستانن کي تمثيلن ۽ تلميحن ذريعي

بيان ڪري سنڌ جي سپوتن جي زندگي گهارڻ جي روپن ڪي عالم آشڪار ڪري ٿو. سنڌ جا ماڻهو ڌرتي سان محبت ڪرڻ وارا ۽ اون جي حفاظت لاءِ جانيون قربان ڪرڻ وارا آهن. جاڪوڙ انهن جي جيون جو مول مقصد آهي. هو ڪاميابي ۽ ڪامراني جي منزل تي پهچڻ لاءِ راهو سيڪارن ٿا ته سچو سورهيه اُهو جو رڪ وهندي راند ۾ تارين سامهون وڃي ۽ وڏن پهلوانن جي منهن مقابل ٿئي.

**” تان تان سورهيه سيڪو، جان جان مر لا نه مڙن،**
**رڪ وهندي سامهون، سورهيه سي جاون“**

***_*_***

**”ڏر نه چئو مُ ايئن، نپجيئي اُپ ڪارڙا،**
**جت پڙو مڙندا پيئن، تن ليندي مڙساندڪر.“**

## قاضي قادن جي شاعري جو اثر

قاضي قادن سنڌ جو وڏو سرجڻهار شاعر هو. هو ننڍي کنڊ جي ڪيترن ئي ٻولين جي وڏن شاعرن جو همعصر هو. سنڌ جي پروارن علائقن جهڙوڪ پنجاب، راجستان ۽ گجرات ۾ وڏا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. پنجاب ۾ شاهه فريد 1440ع-1575ع راجستان ۾ ميران ٻائي (1506ع-1566ع) ۽ گجرات ۾ نرسي مهتا (1413ع-1479ع) جي شاعري جو وڏو چرچو هو. قاضي قادن سير ۽ سفر جي دوران انهن علائقن ۾ ويو. هن انهن علائقن ۾ انهن ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام ٻڌو هوندو ۽ انهن کان متاثر به ٿيو هوندو. هن پنهنجو ڪلام به اُتي ٻڌايو هوندو ۽ اُتي جي شاعرن کي به متاثر ڪيو هوندائين.

راجستان-گجرات جو شاعر دادو ديال جيڪو قاضي قادن جي وفات وقت ننڍو هو. قاضي قادن جي ڪلام جو عاشق هو ۽ قاضي قادن کي پنهنجو گُر پير سمجهندو هو. هو قاضي قادن کان ڏاڍو متاثر هو. دادو ديال قاضي قادن جي زير اثر سنڌي ۾ ڪيترائي دوها ۽ بيت به جوڙيا.

شاهه عبداللطيف لاءِ مشهور آهي ته هن جيڪو ڪُنو چاڙهيو اُن جو ڍڪڻ سچل لاٿو. پر شاهه لطيف جنهن ڪني جو ڍڪڻ لاٿو، اُهو ڪُنو

قاضي قادن چاڙهيو هو. قاضي قادن سنڌ جو پهريون تحريري شاعر آهي. سڄي سنڌي اساسي شاعري هن جي زير اثر اُسري، اُپري ۽ عروج حاصل ڪيو. قاضي قادن پنهنجن فن، فڪر، عبارت، لفظن، اصطلاحن، موضوعن، اهڃاڻن، لوڪ قصن ۽ داستانن ۽ انهن جي تمثيلن ۽ تلميحن کي پنهنجي شاعري ۾ جاءِ ڏيئي اُن کي خوب ترقي ڏياري. اُن شاعري جو اثر شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، شاهه عنات رضوي، شاهه لطيف ۽ ٻين اساسي شاعرن تي صاف ۽ گهرو نظر اچي رهيو اهي. سنڌ جا اساسي توڙي جديد شاعر بہ قاضي قادن جي ڪلام کان متاثر آهن.

## قاضي قادن جو جديد شاعرن تي اثر

قاضي قادن جي ڪلام جو سڌي يا اڻسڌي طرح جديد سنڌي شاعرن تي بہ اثر نظر اچي رهيو آهي. قاضي قادن جي ڪلام جي موضوعن ۽ عنوانن جهڙوڪ رت وهندي راند، ترهو ۽ تار، ٻيڙا ۽ سمنڊ، سنڌي لوڪ قصن ۽ داستانن جي ڪردارن، سخين، سردارن، گهاتوئن جو اثر جديد سنڌي شاعرن شيخ اياز، نياز همايوني، اُستاد بخاري، تنوير عباسي، سروپچندر شاد، تاج جويي ۽ ٻين شاعرن تي گهرو نظر اچي رهيو آهي. انهن شاعرن سنڌ جي سورمن، سرويچن ۽ وطن پرست اڳواڻن ۽ جانسار سپوتن جي شان ۾ ڪيڏارا لکي نہ صرف سنڌي کي سنواريو ۽ سينگاريو آهي پر اُنهن کي نئين نموني ۾ ڳائي، انهن کي نئين معنيٰ بخشي، سنڌ جي سوچ کي انقلابي راهه ڏيکاري آهي. قاضي قادن جو ڪلام اهم آهي. انهي جي اهميت هميشه قائم ۽ دائم رهڻ واري آهي. هن سنڌي شاعري کي باقائدي جنم ڏنو. اُن کي پاليو ۽ نپايو ۽ اُن کي وڏي اوج تي پهچايو. جي قاضي قادن شاعري نہ ڪري ها تہ سنڌي شاعري بہ نہ هجي ها يا اڌوري ۽ اڻپوري هجي ها. قاضي قادن بيشڪ سنڌي شاعري جو باني مباني آهي.

## مددي ڪتاب

(1) رام پنجواڻي. قاضي قادن جو ڪلام (دعائون ۽ مبارڪون)

(2) ڊاڪٽر دائود پوٽو. شاهه ڪريم جو ڪلام.
(3) ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(4) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(5) تاجل بيوس. قاضي قادن جو ڪلام (پيش لفظ)
(6) هيرو ٺڪر. قاضي قادن جو ڪلام. (ديباچو)
(7) تنوير عباسي. قاضي قادن جو ڪلام (ادبي خط).
(8) غلام محمد لاکو. س. ج. راشد جي ڪتاب ”سنڌي بيت“ جو مقدمو.
(9) سيد حسام الدين. سيد حسام الدين راشدي جو ڪتاب ’سنڌي ادب‘
(10) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. قاضي قادن جو رسالو. (مهاڳ)
(11) محمد صديق ميمڻ. سنڌ جي ادبي تاريخ.

# شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو

(944هه-1032هه) - (1534ع-1622ع)

**اديبن ۽ نقادن جا رايا:**

شاهه ڪريم جو شعر نه فقط قدامت جي لحاظ کان اعليٰ آهي پر زبان ۽ بيان جي خوبين جي خيال کان مٿاهون آهي. مضمون کي موثر بنائڻ لاءِ تشبيهن ۽ تمثيلن کان ڪم ورتو اٿس.

**ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس**

شاهه ڪريم ڪو لفظن جي ڪيڏ جو شاعر نه آهي. هن جو مقصد انسان جي روحاني ترقي آهي. ان ڪري هر ڳالهه مثال، تشبيهه ۽ دليل سان ظهار ڪري ٿو. ان مان سندس شاعرانه قابليت ظاهر ٿئي ٿي.

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

ڊاڪٽر دائود پوٽي جو اهو چوڻ ته شاعر هو آهي، جنهن جي دل ۾ جذبو آهي ۽ جو جذبي جي اظاهر جي لاءِ لفظن جو موزون ۽ موثر لباس فراهم ڪري سگهي. شاهه ڪريم ۾ هي وصف اعليٰ درجي ۾ موجود آهي. هو شعور ۽ جذبي وارو انسان هو.

**ڊاڪٽر نجم الاسلام. ابيات شاهه ڪريم جو مقدمو**

شاهه عبدالڪريم ارغوني دور ۾ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس سمورو ڪلام محفوظ رهي نه سگهيو آهي. ڪيس سنڌي شاعري جو وهائو تارو سڏيو ويندو آهي. سندس سمورو ڪلام بيتن ۽ دوهن جي صورت ۾ ملي ٿو جن جو تعداد 94 چيو وڃي ٿو جيڪو هندي دوهن جي طرز ۾ لکيل آهي.

**ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

شاهه ڪريم جا لفظ سنڌي ٻوليءَ جا آهن. صرف 29 لفظ ۽ هڪ استعارو عربي ٻولي جو 8 لفظ فارسي ٻوليءَ جا آهن. جڏهن انهن جي اهڃاڻڪاري ۽ معنيٰ انگيزي جو مفهوم ڄاڻڻ وقت شاهه ڪريم جي شاعري خود مختيار ٿي لفظن کان آزاد ٿي وڃي ٿي. تڏهن پڙهندڙ به لفظن کان مٿاهون ٿي ويندو آهي.

**موتي لال جوتواڻي، انگريزي ڪتابچي ”شاهه ڪريم سنڌ جو صوفي شاعر“ جي تمهيد**

## سنڌي ادب جو چاسر:

ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي پنهنجي مرتب ڪيل ”شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام“ جي مهاڳ ۾ شاهه ڪريم کي سنڌي ادب جو چاسر (Chaucer) ٿو سڏي. جيڪڏهن انهي جو مطلب شروعات ڪرائڻ وارو آهي ته ٺيڪ آهي. حقيقت ۾ چاسر ۽ شاهه ڪريم جي شاعري ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي. جنهن جي پيٽ ڪري سگهجي.

شاهه ڪريم کي سنڌي شاعري جو وهائو تارو سڏڻ سؤ في صدي درست آهي. وهائو تارو اونده گم ٿيڻ جو اعلان ڪري ٿو جوت جي پکڙجڻ جي هام پري ٿو ۽ نئين صبح جي آمد جي اڳڪٿي ڪري ٿو. ساڳئي نموني شاهه ڪريم جي شاعري آڳاٽي ڇڙوڇڙ ڪلام کي ڇڏي، نئين شاعري جي آمد جو اعلان ڪندي نظر اچي ٿي. شاهه ڪريم جي شاعري پرهه جو پيغام آهي. نئين صبح جو نئون ترانو آهي ۽ جدت ۽ انفراديت جو نئون نغمو آهي.

## وڏن جو احوال:

شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جا وڏا هرات جا رهاڪو هئا. هن خاندان جو هڪ بزرگ مير حيدر هرات مان لڏي سنڌ ۾ آيو ۽ هالا ڪندي (موجوده هالا پراڻا) ۾ اچي رهيو. هالا جي حاڪم هالا جي شهرين تي 525 روپيه ڏنڊ وڌو. هالا واسي ڏنڊ ڀرڻ جهڙا نه هئا. سيد حيدر اهو ڏنڊ ڀري ڏنو ۽ شهرين جي پريشاني دور ٿي.

مير حيدر جو پاڙيسري شاهه محمد هالو هو. مير حيدر جي نيڪي ۽ بزرگي کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هن کي پنهنجي نياڻي جي سنگ ڏيڻ جي آڇ ڪئي جيڪا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي. شادي ڪرڻ کان پوءِ هو هالا ڪنڊي ۾ سڪونت اختيار ڪري ويٺو. ڪجهه عرصي کان پوءِ پنهنجي پيءَ جي انتقال جو ٻڌي هو هرات هليو ويو. هرات ۾ اڳين گهر واري مان ٻه پٽ سيد محمد ۽ سيد حسن پيدا ٿيا. هن جي هرات وڃڻ کان پوءِ هالي گهراڻي واري ڇوڪري مان ٻه هڪ پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو مير علي رکيو ويو.

مير علي سنڌ ۾ ٻه شاديون ڪيون. هڪ هالي ذات وارن مان ٻي ترڪ قوم مان. هن کي هالي ذات واريءَ مان هڪ پٽ شرف الدين ۽ ترڪ قوم واريءَ مان سيد احمد ڄائو ڪجهه عرصي کان پوءِ هو هالاڪنڊيءَ کي ڇڏي مٽيارين ۾ اچي ريها. مٽيارين ۾ رهڻ کان پوءِ سندس خاندان ڇئن قبيلن جهڙوڪ جرار پوٽا، باقيل پوٽا، موسيٰ پوٽا ۽ ميعين پوٽا قبيلن ۾ ورهائجي ويو. شاهه عبدالڪريم جو تعلق جرار پوٽا قبيلي سان آهي.

## ولادت:

سرزمين سنڌ جو باضمير، بلند اخلاق ۽ بيمثال صوفي ۽ سنڌي شاعري جو "وهائو تارو" شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو مٽيارين جي شهر ۾ سن 844هه مطابق 1534ع ۾ پيدا ٿيو. هن جي والد جو نالو سيد لعل محمد شاهه عرف سيد الله شاهه هو جيڪو پنهنجي وقت جو بزرگ ٿي گذريو آهي.

## سياسي حالتون:

شاهه عبدالڪريم سمن جي دور (1331ع-1551ع) کان 17 سال پوءِ ڄائو. اُن وقت سمن جي خاندان جو آخري حاڪم ڄام فيروز هو. ڄام فيروز هڪ بد دماغ، ڪاهل، ٻين جي صلاحن تي هلڻ وارو ۽ شڪي مزاج شخص هو. هن پنهنجي سنياليندڙ ۽ محسن درياء خان تي شڪ ڪيو، جنهن تي ڪاوڙجي درياء خان هن کي ڇڏي هليو ويو. درياء خان جي وڃڻ کان پوءِ ڪڇ مان صلاح الدين سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ ڄام فيروز کان حڪومت

ڪسي ورتي. ڄام فيروز ۽ ماڻهن جي منتن ڪي ٻُڌي درياءِ خان موٽي آيو ۽ بکر ۽ سيوهڻ مان لشڪر گڏ ڪري صلاح الدين تي چڙهائي ڪئي ۽ ڄام فيروز کي حڪومت واپس ونرائي ڏني.

شاهه بيگ ارغن انهيءَ وقت ۾ قنڌار جو حاڪم هو. بابر جي فوجين جو قندار طرف زور ڏسي هو سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ سنڌ آيو. ڄام فيروز غافل ۽ پرمتڙيو هو. هن پنهنجي حڪومت جي انتظام کي درهم برهم ڪري ڇڏيو هو. شاهه بيگ ارغون 1521ع ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي. هن لڙائي ۾ بهادري سان وڙهندي سنڌ جو دولهه درياءِ خان شهيد ٿي ويو. شاهه بيگ جي جيت ٿي ۽ ارغون جي سنڌ ۾ حڪومت قائم ٿي. شاهه بيگ جي موت ڪان پوءِ سندس پٽ مرزا حسن سنڌ جو حاڪم ٿيو. ڄام فيروز گجرات مان لشڪر وٺي سنڌ تي حملو ڪيو ۽ هارائي وري گجرات طرف ڀڄي ويو.

مرزا شاهه حسن 34 سال حڪومت ڪئي ۽ اڌ رنگ جي بيماري ۾ بنان اولاد مري ويو. انهيءَ ڪان پوءِ مرزا عيسيٰ خان مرزا شاهه حسن جي زال ماهه بانو سان شادي ڪري ٺٽيءَ جو حاڪم ٿيو. هن ڪان پوءِ سندس پٽ مرزا محمد باقي گادي تي ويٺو. هي وڏو حاڪم حڪام هو. هن پنهنجي زال ماهه بيگم کي ٻُکن ۽ اُجن ۾ مارائي ڇڏيو. باقي جي موت ڪان پوءِ اميرن سندس پوٽي مرزا جاني بيگ کي تخت تي ويهاريو. هو ظالم هو. هن ڪيترائي خون ڪرايا شهنشاهه اڪبر هن کي سزا ڏيارڻ لاءِ نواب محمد صادق کي چاڙهي موڪليو جنهن سيوهڻ تي حملو ڪيو جتان هو هارائي موٽيو. شهنشاهه اڪبر ڪاوڙجي مرزا خان عبدالرحيم خان کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو جنهن سخت لڙائي ڪان پوءِ سيوهڻ تي قبضو ڪري فتح حاصل ڪئي.

مرزا جاني بيگ ٺٽي کي باهين ۾ ساڙائي برباد ڪري ڇڏيو. هن جي وفات ڪان پوءِ هن جي پٽ خسرو چرڪس کي ٺٽي جو نواب بنايو ويو. هو قنڌار ۾ رهندو هو اُتي هو چريو ٿي ويو ۽ گذاري ويو. اهڙي طرح ارغونن جي حڪومت ختم ٿي ويئي.

شاهه ڪريم جي وقت ۾ سنڌ جي حالت ڏاڍي خراب هئي. مرزا عيسيٰ بيگ ۽ محمود بکري جي خانه جنگي، گووا جي پورچوگيزن جي ڦرن ۽ باهين، مرزا باقي بيگ جي چڙهاين ۽ ڏاڍ، مرزا جاني بيگ جي ظلمن ۽ مرزا صادق جي چڙهاين ملڪ کي برباد ڪري ڇڏيو. مجبور ۽ بيوس ماڻهن تصوف جي راهه اختيار ڪئي ۽ صوفي بزرگن پنهنجي نهٺائي ۽ سَهپ واري تعليم جي ذريعي ماڻهن کي سهارو ڏنو ۽ سڪون پهچايو. شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ نهٺائي، سهپ، صبر ۽ تحمل جي ذريعي سنڌ سان ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين جو رد عمل ۽ هوشمندي وارو انوکو اهڃاڻ صاف صاف نظر اچي ٿو.

## تعليم ۽ تربيت:

شاهه عبدالڪريم جو والد سيد لعل محمد شاهه هن جي ننڍپڻ ۾ گذاري ويو. انهيءَ ڪري هن جي والده ۽ وڏي ڀاءُ سيد جلال شاهه هن جي پرورش ڪئي. شاهه ڪريم ظاهري علمن کي پسند نه ڪندو هو. ساهه ڪريم کي پنجن ڇهن سالن جي عمر ۾ مڪتب ۾ داخل ڪرايو ويو. ننڍي هوندي کان سندس روح رب سان لڳل هو. هن مڪتب ۾ فقط ٻه سيپارا پڙهيا. هن کي ظاهري تعليم سان شوق ڪو نه هو. هو ذڪر ۽ فڪر کي ظاهري علم کان وڌ سمجهندو هو. ننڍپڻ کان شاهه ڪريم کي سماع سان وڏو لڳاءُ هو.

هڪ دفعي سندس وڏي ڀاءُ شاهه ڪريم کي ٿڦ هڻي ڪڍي ۽ سماع مان اُٿاري ماءُ وٽ وني آيو. والده جلال شاهه کي ڇينڀيو ۽ چيو: ”متان هن کي ڪجهه چيو اٿئي توکي هن جي مرتبي جي ڪل ڪونهي.“ پنهنجي وڏي ڀاءُ جلال شاهه جي انتقال کان پوءِ گهر جو سمورو بار هن جي ڪلهن تي اچي ويو. گهر جي گُذاري لاءِ محنت مزدوري ڪرڻ لڳو. مزورن سان گڏ ڪم تي ويندو هو. جهنگ ڪپي زمين صاف ڪندو هو. مزوري ڪندي هو منڙي، آواز ۾ سنڌي بيت پڙهندو هو. مزور مست ٿي ويندا هئا ۽ هن جي رهيل ڪم کي پورو ڪندي، هن کي بيت آلاپڻ لاءِ منتون ڪندا هئا.

شاهه ڪريم مڪتب مان تعليم حاصل نه ڪئي پر درويشن ۽ عالمن جي صحبت هن جون اکيون کولي ڇڏيون ۽ هن کي هر قسم جي ذهني توڙي روحاني علم سان مالا مال ڪيو. ننڍي وهي کان وٺي بندگي جو سخت پابند هو. فقيرن جي صحبت وڻندي هئس، هو سماع ۽ راڳ کي خوب پسند ڪندو هو. هو هڪ خُدار سيده بزرگ هو. هن جي ڪلام ۽ مجلسي تقريبن جي مطالعي مان اِهو معلوم ٿئي ٿو ته هو قرآن شريف، حديث، تفسير ۽ تصوف جو وڏو ماهر هو. هو عربي ۽ فارسي ٻولي خوب ڄاڻندو هو. محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جي پهرين حصي ۾ وضاحت سان چوي ٿو ته ”شاهه ڪريم تي مولانا رومي جي مثنوي شريف جو خاص اثر آهي. ڪٿي ڪٿي مثنوي جي ٻن مصرعن واري مضمون کي شاهه ڪريم هو به هو پنهنجي سليس ۽ سهڻي سنڌي جي ٻن مصرعن ۾ سمائيندو ويو آهي. ڪٿي ڪٿي ڪو تفاوت رکيو اٿس ته جو مضمون مثنوي شريف جي ٽن چئن لاڳيتين سٽن ۾ سمايل آهي. سو سارو مضمون شاهه ڪريم نهايت عمدگي ۽ نزاڪت سان فقط ٻن مصراعن ۾ جَڙي ڇڏيو آهي.“ شاهه ڪريم جو ڪافي ڪلام مولانا رومي جي مثنوي جي رنگ ۾ رنگيل آهي.

### شادي:

شاهه عبدالڪريم شادي جي خلاف هو. پنهنجن مريدن ۽ معتقدن کي شادي نه ڪرڻ جي هدايت ڪندو هو. سندس خيال هو ته عام شخص لاءِ شادي جو شرعي حڪم چڱو آهي پر سلوڪ جي راهه جي طالبن کي شادي ڪرڻ جڳائي نٿي ڇاڪاڻ ته اها سندس راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. اهڙا خيال رکندي به شاهه ڪريم شادي ڪئي ۽ ڪيس ٻارهن ٻار اٺ ڇوڪرا ۽ ٽي نياڻيون پيدا ٿيون. ٽي ڇوڪرا هن جي حياتي ۾ گذاري ويا. هن پنهنجن ٻارن جو پورو پورو حق ادا ڪيو.

شاهه ڪريم جي مالي حالت ڪمزور هئي. پورهيو ڪرڻ کان پوءِ به مسڪين رهيو. مسڪيني جي حالت ۾ ”بيان العارفين“ موجب ”انهي مسڪيني واري حالت ۾ به پنهنجن پٽن سان گڏجي ٻنيءَ ۾ ڪر چوندبيندو

هو. انهي حالت ۾ بہ فقيرن جي خدمت ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ضرورتمندن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ماڻهن کان گهُرندو بہ هو.

## سماع سان لڳاءُ:

شاهہ ڪريم سماع جو متوالو هو. سندس آواز اهڙو تہ سريلو ۽ منڊڙو هوندو هو جو ماڻهو ٻڌڻ لاءِ تڙپندا رهندا هئا. هو سماع جي مجلسن کي خدا جي عبادت ۽ بندگي جو بهترين طريقو سمجهندو هو. هن جو قول آهي تہ ”سماع پڻ علمن مان هڪ علم آهي، جنهن مان ڪو بہ خطرو ناهي.“ سماع جي وقت ۾ هو اهڙو تہ وجد ۾ اچي ويندو هو جو کيس پنهنجي خبر بہ نہ هوندي هئي. هو پاڻ چوندو هو: ”ڪن علم پڙهيو ڪن هنر سکيو پر مون رڳو سماع سکيو.“ سماع کي صوفي ۽ درويشن خدا جي ياد ۽ تزڪيہ نفس جو هڪ تربيتي نمونو سمجهيو هو. هو سماع جي مجلس کان ڪڏهن بہ غير حاضر نہ رهندو هو.

## عبادت ۽ رياضت:

شاهہ عبدالڪريم سڄي عمر عبادت ۽ رياضت جو ڪوڏيو هو. شريعت جو اتباع ڪندي ڪندي هو باقائدگي سان نماز پڙهندو هو. محبت ۽ محنت سان پنهنجي اولاد جا حق پورا ڪندو هو ۽ مسڪيني جي حالت ۾ بہ فقيرن جي خدمت ڪندو هو. هو سمجهندو هو تہ ”شريعت خدا جي رهاه جو دروازو آهي. جيڪو هي دروازو ڇڏيندو گمراهہ ٿي ويندو.“ هو پاڻ چوندو هو تہ خدا جي راهہ ۾ هٿن، پيرن ۽ زبان سان نہ پر دل جي حضور سان هلجي. هن جو چوڻ هو تہ ”شريعت ۾ حقيقت ائين سمايل آهي جيئن کير ۾ مکڻ سمايل هوندو آهي.“

شاهہ ڪريم شريعت جي پابندي ڪندي باقائدگي سان نماز پڙهندو هو نہ صرف فرضي نماز ادا ڪندو هو پر نفلي نمازون بہ باقائدگي سان ادا ڪندو هو. هو تهجد جي نماز بہ پڙهندو هو. نماز پڙهندي مٿس بيهوشي طاري ٿي ويندي هئي. هو عجب ڪائيندو هو تہ ماڻهو تهجد جي نماز ڪيئن ٿا

پڙهن. شاهه ڪريم عبادت ۽ رياضت کي گڏوگڏ هلايو. هن سيڻ جي حقن کي پوري طرح نڀايو ۽ الله جي رضا ماڻي.

## سير و سفر:

شاهه عبدالڪريم سير و سفر جو ڏاڍو شوقين هو. جواني کان پيري تائين هن گهڻو سير و سفر ڪيو. هن لاڙ وچولي ۽ ٿر جو خوب سير ڪيو. سنڌ کان ٻاهر ڪڇ، گجرات ۽ هندوستان جي گهڻن پاڳن جو سير ڪيو. هن جو احمد آباد جو سير قابل ذڪر آهي. احمد آباد واري سير ۾ هن هڪ درويش ڏٺو. هن کانئس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر درويش ماٺ رهيو. آخر ٿوري وقت کان پوءِ انهي درويش هن کي هندي جو هڪ دوهو ٻڌايو.

**”هيڪو جو اکر ونگڙو جو گر ٿُسي ڏي،**
**انڌاري گهر ديولا، ڦر ڦر جوت ڪري“**

انهي دوهي شاهه ڪريم کي ڏاڍو متاثر ڪيو. شاهه ڪريم سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کي چڱي طرح گهُمي ڏٺو. انهي سير و سفر مان حاصل ڪيل معلومات هن جي شاعري جو مواد آهي.

## شخصيت:

شاهه عبدالڪريم سني مذهب جي صوفي طريقي جو بزرگ هو. هو پاڻ کي سيد جي بدران فقير سڏائيندو هو. هو بُردبار هو. سندس آواز تمام مٺو ۽ بلند هوندو هو. شاهه ڪريم ننڍي هوندي کان ڏاڍو نيڪ ۽ خُدا ترس هو. هو گهڻو وقت زهد ۽ عبادت ۾ گُذاريندو هو. هو هڪ پل لاءِ بہ ڌڻي جي عبادت کان غافل نہ رهندو هو. هو صبر ۽ تحمل جو مُجسمو هو. سندس دل جيتري نرم هئي اوترو ئي رحم سان ڀريل هئي. شاهه ڪريم هڪ درويش صفت ۽ انسان دوست شخص هو. محبت، سهڻ-شڪني ۽ رب جي رضا تي راضي رهڻ هن جي شخصيت جا بنيادي گُڻ هئا. هو فقيرن کي ڏاڍو پائيندو هو. اُنهن کي کارائڻ کان پوءِ پاڻ کائيندو هو ۽ خوش ٿيندو هو. هو دل جو ڪشادو ۽ سخي هو. صبر، شڪر ۽ بردباري هن جي سونهاري شخصيت جا زيور هئا.

## وفات:

شاهه عبدالڪريم زندگي جا آخري ڏينهن حجري ۾ گذاريا. حجري ۾ اڌ رات جو اُٿي سنڌي بيت جهونگاريندو هو ۽ روح کي راحت پهچائيندو هو. شاهه ڪريم محنت ۽ مشقت واري زندگي گُذاري، سنڌ ڌرتي کي فيض سان ملا مال ڪري 88 سالن جي وڏي ڄمار ۾ تاريخ 7 ذوالقد سن 1032هه مطابق 1622ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس مقبرو بلڙي ڪريم ۾ (جيڪو سندس پڙ پوٽي شاهه عبداللطيف) ملتان مان ڪاشيءِ جون سرون آڻي ٺهرايو. سندس مقبري تي هر سال 7 ذوالقد جو ساليانو ميلو لڳندو آهي. جتي بيشمار ماڻهو هن وڏي بزرگ ۽ سنڌي شاعري جي بنيادي شاعر جي زيارت لاءِ ايندا آهن.

## بيان العارفين:

شاهه عبدالڪريم جي مريد محمد رضا شاهه ڪريم جي وفات کان 6 سال پوءِ هن جي ملفوضات بيان العارفين کي سهيڙي فارسي نثر ۾ مڪمل ڪيو. عبدالرحمان، ڪاٽ ٻاڻيءَ، جيڪو ڪڇ جو رهاڪو هو، بيان العارفين کي الف اسجاع واري طرز ۾ سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيو. بيان العارفين ۾ شاهه ڪريم جي زندگي جو احوال، سندس قول ۽ مثال ۽ سنڌي بيت شامل آهن جن جي مطالعي کانسواءِ شاهه ڪريم کي سمجهڻ ممڪن ڪونهي.

## شاعري جا اهم ڳڻ:

سچ پچ شاهه عبدالڪريم سنڌي شاعري جو ”وهائو تارو“ آهي هن جي شاعري دوهن، سورٺن، دوها-سورٺا ميل وارن ٻن سٽن ۽ سنڌي بيتن تي مشتمل آهي. شاهه ڪريم پنهنجي ذات، قابليت ۽ بحرين ذريعي سنڌي شاعري کي سُڌاري، سواري ۽ چمڪائي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ نمايان حيثيت ڏياري آهي.

(1) شاهه ڪريم دوها سورٺا ميل ڪي استعمال ڪري، اُن کي اڳتي وڌائي، دوهي جي صنف ۾ الٽ پلٽ ڪري، بيت جي صنف کي بقائدگي سان اُجاگر ڪيو آهي.

(2) شاهه ڪريم پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن عام ماڻهن جي جذبن، احساسن ۽ آدرشن جي اپٽار لاءِ هڪ سادي سولي ۽ سلوڻي عبارت جوڙي آهي. اِها عبارت سنڌي شاعري جي پهرين عبارت آهي، جيڪا انساني احساسن ۽ ويچارن کي ظاهر ڪري، عام ماڻهن کي زندگي جي قريب آڻي ٿي.

(3) شاهه ڪريم پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن تسلسل سان سنڌ جي عام قصن ۽ داستانن کي پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪري معرفت جي باريڪ نڪتن ۽ الاهي اسرارن کي ظاهر ڪرڻ جي باقائدي شروعات ڪئي.

(4) شاهه ڪريم پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن پنهنجي عبارت کي فنڪاري ۽ ڪمال ڪاريگري سان جوڙيو آهي. هن پنهنجي عبارت جي ذريعي سنڌي شاعري ۾ وسعت آندي آهي ۽ نوَن موضوعن ۽ عنوانن کي ظاهر ڪرڻ جي عمده روايت گهڙي آهي.

(5) شاهه ڪريم پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن سنڌي شاعري ۾ باقائده اهڃاڻ ڪاري جو آغاز ڪيو آهي. مورڙو هن لاءِ جرئت مند انسان جو اهڃاڻ آهي ۽ مانگر مڇ تباهي ۽ بربادي جو اهڃاڻ آهن. هو هنجهه کي نيڪي جو اهڃاڻ سمجهي ٿو جيڪو اونهائي ۾ وڃي موتي ميڙي ٿو. هو ڪانيري کي بي اصول ۽ غافل جو اهڃاڻ تصور ڪري ٿو جيڪو ڳپ چڪ ۾ زندگي گذاري خوار ٿيئ ٿو. ماروي هن لاءِ وطن دوست جو اهڃاڻ آهي. هو پنهنجن روايتن تي هلندي مخصوص رهي ٿي ۽ اندروني سڪون ماڻي ٿي.

## شاهه ڪريم جي شاعري:

شاهه عبدالڪريم ارغوني دور جو هڪ وڏو سنڌي شاعر هو هن پنهنجي ذات، قابليت ۽ صاف ۽ سلوڻي پيش ڪش جي ذريعي سنڌي شاعري کي اوج ڏياريو ۽ پنهنجو پاڻ کي هڪ مقبول ۽ ناميارو شاعر بنايو.

هن جا ڪل 92 بيت مليا آهن جن مان ٽه ٽن مصرعن وارا بيت ۽ ٻه هڪ مصرع وارا بيت آهن. باقي 88 بيت ٻن مصراعن وارا آهن. سومرن ۽ سمن جي دور ۾ سنڌي ۾ شاعري ڪئي ويندي هئي. ”دودي چنيسر واري قصي“ بابت ڪافي جنگي ڳاهون مليون آهن. هڪڙي ڳاهه هي آهي:

**”ويهه پڇاڻان پيءَ جي، آءُ چنيسر آءُ،**
**ياڳ سڻائو تنهنجو، توکي پلي چڙهيو ماءُ.“**

هن دور ۾ ڪيئي مشهور سنڌي شاعر پيدا ٿيا.

(1) شيخ حماد جمالي: هي هڪ وڏو بزرگ هو. هو سچ جو ساٿ ڏيڻ وارو شاعر هو. هن ڄام تماچي ۽ صلاح الدين، جيڪي دهلي ۾ قيد هئا، تن جي لاءِ دعائيه بيت جوڙيا ۽ ڄام جوڻي بابت طزنيه بيت جوڙيا:

**”جوڻو مت اوڻو، ڄام تماچي آءِ،**
**سڀاجهي ٻاجهه ڪئي، تو سين ٺٽو راءِ.“**

(2) شيخ اسحاق آهنگر: هي هڪ سڀاجهو ۽ ٻاجهارو شاعر هو هن جو هي بيت پڙهو ۽ داد ڏيو.

**”ٿيان مان جهرڪ، ويهان پرين جي سپ تي،**
**مان ڪرن ڊِرڪ، ٻولي ٻاجهاري مون سين.“**

(3) ماموئي فقير: هي فقير ٺٽي جي پرسان ماموئي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. هنن ستن فقيرن هڪ هڪ بيت چيو. هي بيت سنڌي جي معاشرتي خوشحاليءَ جي باري ۾ آهي.

**”هاڪ وهندي هاڪڙو، پڄندي ٻنڌ اروڙ،**
**ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي.“**

هي بيت ڏڪار وارين حالتن جي باري ۾ آهي.

**”وسي وسي آر، جڏهن وڃي ڦٽندو،**
**ڏڪر ٻارو ڄائو ٻار، پنجين درمي وڪبو.“**

(4) مخدوم احمد ڀٽي: هي هڪ وڏو درويش شاعر هو. سماع جي هڪ محفل ۾ هي بيت ٻڌي لاڏاڻو ڪري ويو.

**”سڏ سڻي پرين جو، وانگي جي نہ ورن،**
**کهڙي دعويٰ دوست جي، ڪجاڙي ڪي ڪن.“**

سومرن جي دور ۾ اسماعيلي مبلغن شمس سبزواري، صدرالدين ۽ تاج الدين مذهبي پرچار لاءِ گنان جوڙيا ۽ ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو. انهن گنانن سنڌي وائي ۽ ڪافي جي عروج ۾ مدد ڪئي.

(5) قاضي قادن. هي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جا ست بيت ”بيان العارفين“ مان مليا آهن. تازو هيري ٺڪر انديا مان قاضي قادن جا 110 بيت سهيڙي ڇپرايا آهن. اُهي بيت قاضي قادن جي شاعري جي عظمت جا پڪا ثبوت آهن.

مخدوم پير محمد لکوي، مخدوم نوح، جيڪو شاهه ڪريم جو مرشد هو ۽ سيد علي ثاني ٺٽوي ٻيا شاعر آهن جن جا بيت دستياب آهن. سيد علي ثاني ٺٽوي جو هي چئن مصراعن وارو بيت پڙهو:

**سرتين سانگ سُکن جو مون کي وريو رهائين،**
**آئون ٿي هلان هوت ڏي، هوٿيون واريو وِهارين،**

**وريتيون ورن سين، وينيون گهر گهارين،**
**کهندا ٿيون کارين، ڪا نہ هلندي هوت ڏي.**

ارغونن جي دور ۾ سرڪاري ٻولي فارسي هئي. ڪن سنڌي شاعرن فارسي ۾ بہ شاعري ڪئي. سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ ڪيترائي ڪتاب فارسي ۾ لکيا ويا. ڪن ڪتابن مان اِها خبر پوي ٿي تہ سنڌي شاعر بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري رهيا هئا. هن زماني ۾ شاهه ڪريم جي شاعري جو عام چرچو هو. هن بيت چيا، دوها جوڙيا ۽ سورٺا سرجيا. هن سنڌي شاعري کي خوبصورت بنائڻ لاءِ چوٽين ۽ ٻهاڪن جو عمدو استعمال ڪيو. هن سنڌي قصن ۽ داستانن کي ڪم آڻي ڪيئي باريڪ نڪتا ۽ روحاني اسرار پڌرا ڪيا. هن اهڃڪاري جي ذريعي سنڌي شاعري کي خوب چمڪايو. هن سنڌي شاعري کي سُڌاري ۽ سنواري اُن کي مٿاهون مقام ڏياريو.

## شاعري جو وزن:

شاهه عبدالڪريم جي شاعرن جو دارومدار هندي عروض يا ڇند وديا تي رکيل آهي. سنڌي ۽ اردو جي ممتاز شاعر, اديب ۽ نقاد الياس عشقي پنهنجي هڪ مضمون ”سنڌي بيت جو بڻ بنياد“ جيڪو سنڌي جي ٽه ماهي رسالي مهراڻ ۾ ڇپيو. اُن ۾ هن دوها ۽ سورٺا جي باري ۾ ڪافي معلومات فراهم ڪئي آهي.

دوها ڇند: دوهي ۾ ٻه مصرائون هونديون آهن ۽ قافيو ٻنهي مصراعن جي پڇاڙي ۾ ايندو آهي. دوهي جي هر مصرع کي ”دل“ چئبو آهي. هر دل ۾ ٻه چرڻ (حصا) هوندا آهن ۽ ٻنهي جي وچ ۾ وسرام (وقفو) هوندو آهي. پهرين چرڻ (حصي) ۾ 11 ماترائون ۽ ٻئي چرڻ (حصي) ۾ 13 ماترائون هونديون آهن. دوهي جي هڪ مصرع ۾ 24 ماترائون ۽ دوهي ۾ 48 ماترائون هونديون آهن. مثال طور مارواڙي ٻولي جي ممتاز شاعره ميران ٻائي جو هڪ دوهو پيش ڪجي ٿو.

**جو مين ايسا جانتي, پريت ڪيئي دک هوءِ,**
**نگر ڍنڍورا ڦيرتي, پريت نه ڪريو ڪوءِ**

هن دوهي ۾ 11 + 13 ۽ 11+13=48 ماترائون آهن.

سورٺا ڇند: هي ڇند دوها-ڇند جي الٽ پلٽ هوندو آهي.

**”دوها الٽا جاڻ, اورٻات دوجي نهين,**
**پنگل ڪرت ٻکان, ڇند سورٺا هوت هئين.“**

سورٺا ڇند ۾ ٻه ٻه مصرعون هونديون آهن. هر هڪ مصرع ۾ ٻه چرڻ هوندا آهن ۽ قافيو ٻنهي جي وچ ۾ ايندو آهي. پهرين ۽ ٽئين چرڻ ۾ 13-13 ماترائون ۽ ٻئي ۽ چوٿين چرڻ ۾ 11-11 ماترائون ايندیون آهن. سورٺا ڇند ۾ ٻه 48 ماترائون هونديون آهن. مثال طور ميران ٻائي جي دوها ڇند کي الٽو ڪري سورٺا ڇند بڻايو ويو آهي.

**”پريت ڪيئي دک هوءِ, جو مين ايسا جانتي,**
**پريت ڪيئي دک هوءِ, نگر ڍنڍورا ڦيرتي.“**

دوها سورٺا ميل: هن کي اڙڌ دوهو ۽ اڙڌ سورٺو يا اڌ دوهو ۽ اڌ سورٺو چيو ويندو اهي. هن ۾ ٻہ ٻہ مصرائون هونديون آهن. پهرين مصرع دوها ڇند ۾ ۽ ٻئي مصرع سورٺا ڇند ۾ هوندي آهي. قافيو پهرين مصرع جي پهرين حصي کان پوءِ ۽ ٻئي مصرع جي ٻئي ڀاڱي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي. هن ۾ ٻہ ڪل 24+24 =48 ماترائون هونديون آهن.

**(1)دوهو:**

**هينيون ڏجي، حبيب کي، لڳ گڏجن لوڪ،**
**ڪڏيون ۽ ڪروتون، اي پڻ سڳر ٽوڪ.**

**(2)سورٺو**

**جي مو سڏ سڏ ڪيا، پنيوران ٻاهر ٿي،**
**جي سي پرين مُئا، تہ هوند نہ وئا نڪري.**

**(3)دوها- سورٺا ميل**

**پاٽياريون کي ڳن، عمر اچا ڪپڙا،**
**جني جا ٽرن ۾، ور ٽا ويڻ سهن.**

**(4)بيت:**

**سڏ نہ سلامي ٿيا، وهي نہ وريا جي،**
**هاٽي تنين کي، ناهِ ماڳ ملير ۾.**

مير محمد نظاماڻي "رسالو شاهہ عبدالڪريم" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ "شاهہ ڪريم جو ڪلام ڇند جي وزن تي بلڪل پورو آهي" پر ائين نہ اهي. دوهن ۾ ماترائون گهٽ يا وڌ تي سگهن ٿيون ۽ ٿينديون رهنديون آهن. شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ 31 دوها، 17 سورٺا، 25 دوها-سورٺا ميل ۽ 17 بيت آهن.

## شاهہ ڪريم هڪ صوفي شاعر:

ميمڻ عبدالغفور سنڌي پنهنجي ڪتاب"سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾ لکيو آهي تہ "شاهہ ڪريم سنڌي زبان ۾ صوفيانہ ڪلام جو باني مباني آهي." اها ڳالهہ غلط ناهي، هن جي ڪلام ۾ تصوف جي ڀرپور اپٽار نظر اچي

ٿي. ٻيا صوفي شاعر سماع کي ناپسند ڪندا هئا پر شاهه ڪريم جي لاءِ سماع پيغام ۽ تربيت جو موثر طريقو آهي. شاهه ڪريم پاڻ چوي ٿو ڪجهه ماڻهو ڪتابن پڙهڻ ۾ مصروف رهن ٿا ۽ ٻيا سماع کي پسند ڪن ٿا. سماع کي اختيار ڪيو.“ مان سمجهان ٿو ته سماع ۽ ذڪر ۾ ڪو فرق ناهي ”ڪن علم پڙهيو ڪن هنر سکيو مون رڳو سماع سکيو.“ شاهه ڪريم سماع کي ذڪر ۽ عبادت ڪري سمجهندو هو. بيان العارفين ۾ شاهه ڪريم جو هڪ قول درج ٿيل آهي ته ”سماع علمن مان هڪ علم آهي جنهن ۾ ڪو به خطرو ناهي.“

شاهه ڪريم وحدت الوجود جو قائل آهي. هو ذهن نشين ڪرائي ٿو ته ڪائنات جو مالڪ هڪ خدا آهي، جيڪو هڪ آهي ۽ هن جو ڪو شريڪ ڪونهي هر شئيءَ مان ان جي ذات جو جلوو عيان آهي.

**”وائي ٻي م ڀُل، مروئان، موران، پڪڙان،**
**ٻلا سندو سڄڻين، هو هلاچو هُل.“**

شاهه ڪريم چوي ٿو ته تصوف جي ميدان کي پار ڪرڻ لاءِ ذهن ۽ تنؤس، شعور ۽ فهم ڪم نه ايندو آهي. اُن کي سِڪ ۽ محبت جي ذريعي پار ڪبو آهي. معرفت جي منزل ماڻڻ لاءِ دُنيا جا لاڳاپا لاهي عشق جي راهه کي پنهنجو ڪرڻو پوي ٿو. ائين ڪرڻ سان هر اوکي راهه به سوکي ٿي پوندي آهي.

**”متيون ميڙي ڪانءِ، واڇا ڪجي وچ پئ**
**جو تو سائر پانيو، سو هُريو ئي ناهه.“**

طالب کي گهرجي ته هو دنيا جو ڪاروبار به ڪندو رهي ۽ مالڪ حقيقي سان به تعلق هميشه قائم رهي.

**”هنيون ڏِجي حبيب کي، لڳ گڏجن لوڪ،**
**ڪڙيون ۽ ڪروتون، هي پڻ سڳر ٿوڪ.“**

موتي لال جوتواڻي پنهنجي انگريزي ڪتابچي ”شاهه ڪريم-هڪ صوفي شاعر“ ۾ تصوف جي نظريئي جي چڱي اپٽار ڪئي آهي. صوفي شاعر شاهه ڪريم ماڻهو کي ماڻهن، انهن جي رسمن، انهن جي ڏنڏن ڏاڙن ۽ ماحول کي سمجهڻ جي ذريعي پنهنجو پاڻ کي سڃاتو ۽ پوءِ رب کي سڃاتو رب جو نور هر هنڌ پڌرو آهي.

**”سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن، سوئي من وَسي،**
**تنهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.“**

## سنڌي قصن ۽ داستانن جو استعمال:

شاھ عبدالڪريم پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي قصن ۽ داستانن جو ڪمال ڪريگري سان استعمال ڪيو آهي. شاعر ڪا ڪهاڻي بيان نٿو ڪري پر انهن قصن ۾ داستانن جي اهم نڪتن جي ذريعي ڪيئي روحاني راز ۽ رمزون پڌريون ڪري ٿو. هن پنهنجي ڪلام ۾ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي، مومل راڻو، ليلا چنيسر، مورڙو مانگر مڇ ۽ هنج ۽ ڪانيري جي قصن ۽ داستانن کي پيش ڪيو ۽ هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي. پنهنجي ڪلام ۾ سسئي پنهون جا 7 بيت، سهڻي ميهار جو 2 بيت، عمر مارئي جا 4 بيت، مومل راڻي جو 1 بيت، ليلا چنيسر جو 1 بيت، مورڙي ۽ مانگر مڇ جا 6 بيت ۽ هنج ۽ ڪانيري جا 2 بيت جوڙي واھ جو جلوو پکيڙيو آهي (اهڙن بيتن جو ڪل تعداد 23 آهي)

**جي مون سڌ ڪيا، پنهوران ٻاهر ٿي،**
**جي سچي سِري سُئا، تہ هوند نہ وڃا نڪري.**
(سسئي پنهون)

**گوري ٻي نہ تات، مهار ئي من ۾،**
**جو پيئي رات، هو سائر، سوءَ سُهڻي.**
(سهڻي ميهار)

**صورت ليکي هت، معنيٰ ليکي ماروئين،**
**عمر من جي چت، اوطاقون ٿرن ۾.**
(عمر مارئي)

**جوري اُتي جن، داغ تنهنجو داسڙا،**
**تن ڪنءَ مٿا تن، چنيسر چت ڪٽين؟**
(ليلا چينسر)

**خاڪ وٽن ساڻ، اوٺين نہ اوڳري،**
**جي گُڻ هون گهڻا، تہ بہ راڻا توءِ رئندا ويا.**
(مومل راڻو)

**ڪن ڪولاچي پار، سڌ نہ سجي سائٹين،**
**گهاتوئين سندا مڪڙا، ڪهي ٿر ٻي نهار.**
(مورڙو مانگر مڇ)

**هنج تنهين هوءِ، اوني ۾ اوڙاهہ جو**
**اي ڪانيرو ڪوءِ، جو چاڇر ۾ ڇيرو ڪري.**
(هنج ۽ ڪانير)

شاهہ ڪريم کان اڳ ۾ ٿورن سنڌي شاعرن سنڌ جي قصن ۽ داستانن کي استعمال ڪيو آهي. شاهہ ڪريم پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن هنن قصن ۽ داستانن کي ڪم آڻي ڪيترائي باريڪ نڪتا ۽ روحاني اسرار پڌرا ڪري، ڪمال ڪيو آهي.

## شاعري جون خوبيون:

انگلينڊ جي مشهور شاعر ۽ نقاد وليم ورڊسورٿ جي شاعري جي ڏنل وصف موجب "شاعر هڪ انسان آهي جيڪو ٻين انسان سان ڳالهائي ٿو." شاهہ ڪريم هڪ سچو سريلو ۽ منفرد شاعر آهي. هو هڪ عام فهم تخليقڪار، پاڪ انسان ۽ درويش آهي. هو عام ماڻهن سان عام فهم، سولي ۽ سلوڻي ٻولي ۾ ڳالهہ ڪري اُنهن کي ريجهائي ٿو سنئين واٽ تي پهچائي ۽ اُنهن جي شعور کي جاڳائي ٿو. سيد حسام الدين جي راءِ ۾ شاهہ ڪريم جي شاعري جو انداز بيان وڻندڙ اٿس. جنهن جي ذريعي هو نہ رڳو ماڻهن جي شعور کي بيدار ڪري ٿو پر اُنهن جي روحن کي راحت بہ بخشي ٿو.

(1) شاهہ ڪريم جي شاعري جي پهرين خوبي آهي تہ هو عام فهم ٻولي کي ڪمال ڪاريگري سان پيش ڪري عام ماڻهن جي احساسن ۽ آدرشن کي ڪاميابي سان اجاگر ڪري، اُنهن کي انسانذات جي دائري ۾ آڻي بيهاري ٿو. عام فهم ٻولين جي ذريعي شاهہ ڪريم فراخدلي ۽ همدردي سان اُنهن جي جذبن، احساسن ۽ ويچارن کي هڪ انوکو اسلوب ڏيئي انهن جي ترجماني ڪري ٿو.

(2) شاهه ڪريم جي شاعري جي ٻئي خوبي آهي عام محاورن مثالن ۽ تشبيهن جو استعمال ڪري پنهنجي ڳالهه کي سهڻو بنائي، دلچسپي ۽ دلڪشي پيدا ڪرڻ. اُهي تشبيهون ۽ مثال زندگي جي تجربن مان حاصل ڪيل معنيٰ جا موتي آهن. نصيحت جا باريڪ نڪتا آهن. شاهه ڪريم جي اهڙين تشبيهن ۽ مثالن ۾ تازگي، توانائي جو وڏو اثر آهي. شاهه ڪريم جون تشبيهون ۽ مثال پنهنجي ڌرتي جي رسمن، رواجن، ڏنڌن ڌاڙين ۽ عام شين مان ڪنيل آهن. پاٽياري جي مٽي تي گهڙو ۽ پاٽي مٽي پڪي ڏسي، شاعر کي پنهنجو سڄڻ ياد اچي ٿو. هن انهن مثالن جي ذريعي هڪ خوبصورت نڪتي جو نرالو اظهار ڪيو آهي.

**پاٽياري سر ٻهڙو، جر تي پڪي جنءَ،**
**اسان سڄن تنءَ، رهيو آهي روح ۾.**

شاهه ڪريم جي خبر ۽ غير حاضر رهندڙ ماڻهن کي خالي ۽ بيڪار شين سان ڀيٽي کهڙو نه معنيٰ خيز بيت جوڙيو آهي.

**هنيو نه حاضر جن، پري نه اکڙين ۾،**
**ٺلها، ڍنڍا، سکڻا، هيئين جاڙ جيئن.**

(3) شاهه ڪريم جي شاعري جي ٽئين خوبي آهي زندگي جي تجربن ۽ درويشن جي صحبت مان حاصل ڪيل معلومات کي مفيد ۽ موثر نموني استعمال ڪري جيئڻ ۽ جيارڻ جا طور طريقا سکڻ، ماڻهو انهي معلومات کي قدم قدم تي استعمال ڪري پنهنجي اندر جا حال اورين ٿا ۽ ضرورت جي وقت اهڙا قدم کڻن ٿا جيڪي اُنهن کي گمراهين کان بچائي، صحيح راهه تي هلڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. اچو ته شاهه ڪريم جي معلومات مان حاصل ڪيل چوٽين ۽ پهاڪن کي پڙهي اُنهن ۾ سمايل معنيٰ کي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي عادت پيدا ڪريون.

**مٽ پيڙيائي پلي، جهه اُپٽي ته واءُ،**
**جا پڌر وڏي ڳالهڙي ته ڇڏي وڃي ساءُ.**

*_*_*

**نيهه نياپي نه ٿئي، سَڏين سيڻ نه هون.**

*_*_*

**جي پُڇڻا سي نہ منجهڻا، جي پڇن سي ويرِ.**

***_*_***

**پاڻي متي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن.**
**مورک مور نہ ٻُجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،**
**ڪڻ جن اکين ۾ سي ڪيئن پرينءَ پسن.**

(4) شاهہ ڪريم جي شاعري جي چوٿين خوبي آهي اهڃاڻ ڪاري (Symbolism). هو هنج کي سچي طالب ۽ ڪانيري کي دنيوي طالب جو اهڃاڻ سمجهي ٿو. هن ڪهڙو نہ نصيحت ارو نڪتو نروار ڪيو آهي.

**هنج ٽِتئين هوءِ، اوني ۾ اوڙاهہ جو**
**اي ڪانيرو ڪوءِ، ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري،**

شاهہ ڪريم موروڙي کي جر تمند انسان جو اهڃاڻ سمجهي ٿو ۽ مانگر مڇ کي تباهي ۽ بربادي جو اهڃاڻ سمجهي ٿو. هو بيڪار انسانن ۽ ڇاڇر ڇگيرن کي بددل ۽ ڪمزور ماڻهو جو اهڃاڻ سمجهي هي نڪتو ظاهر ڪري ٿو.

**ڇاڇر ڇگيرن، گهور نہ اچي گهاتوئين،**
**اکيون اُني سنديون، ڪڏا ڪرون پُڇن.**

هُن ملير کي سنڌ ڌرتي ۽ ماروئڙن کي وطن دوست ماڻهن جو اهڃاڻ سمجهي وطن ۽ وطن وارن جي اهميت کي خوب اجاگر ڪيو آهي.

## ادبي ايجادون:

(1) شاهہ عبدالڪريم پنهنجن جزبن، احساسن ۽ ويچارن جي اثرائتي اظهار جي لاءِ عبارت گهڙي جيڪا من موهيندڙ ۽ روح کي ريجهائڻ واري ۽ شعور کي جاڳائڻ واري آهي. اِها هن جي وڏي ادبي ايجاد آهي. شاهہ ڪريم انتهائي ڪوشش سان پنهنجي عبارت جوڙي سنڌي شاعري کي وڏي هٿي ڏني آهي.

(2) شاهہ ڪريم سنڌي قصن ۽ داستانن کي پهرين پيري استعمال ڪري هڪ نئين روايت جوڙي آهي. ائين هن شاعري کي رنگيني، لطافت ۽ وسعت بخشي آهي ۽ ڪيئي نصيحت جا نڪتا ۽ روحاني اسرار جوڙيا

آهن. سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي ۽ مورڙي مانگر مڇ جي قصن ۽ داستانن کي نئين ۽ نرالي انداز ۾ استعمال ڪري وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

**”ڏورا پسي ڏور، جي وئين وهرو ڪري،**
**ماڪرياڙي مڇرا، هند نہ وتين هور.“**
(مورڙو مانگر مڇ)

**اسين تتان آئيون، جت ڪونبو ناهہ،**
**جي وجون وياهہ، تہ پڻ مٽئون لويون.“**
(عمر مارئي)

(3) شاهہ ڪريم دوها-سورٺا ميل جو استعمال ڪري دوهي جي صنف کي ٽوڙي اُن جي بدران بيت جي صنف کي جوڙي سنڌي شاعري کي خوب سينگاريو آهي. اِها هن جي وڏي ادبي خدمت آهي. پهرين هن دوهي کي دوها-سورٺا ميل ۾ تبديل ڪيو.

**”پاڻ ئي سلطان، پاڻ ئي ڏي سنيهڙا،**
**پاڻ ڪر، پاڻ لهي، پاڻ سجاڻي پاڻ.“**

*_*_*

**”جيڪي گهران م وڃ، جيڪي موٽ م سهڻي،**
**هيڪڙائي هٿ ڪر، ٻيون ٻوري ٻيچ.“**

شاهہ ڪريم قافين جي جڳهين کي بدلائي بيت جي صنف کي جوڙڻ لاءِ ڪيترائي جتن ڪيا.

**”جي لياڪا لوڪ ڏون، جان جان سي نہ لتاءِ،**
**تان تان ٿئي نہ ماءِ، پورو پسڻ پرينءَ سين.“**

*_*_*

**”وهاڻيءَ ئي وڃ، تو نہ سرندي تن ري،**
**تان سا وجي ٻيچ، پيئي جا ڪاڻ پرين سين.“**

## شاهه ڪريم جي عبارت:

سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب“ ۾ شاهه عبدالڪريم جي عبارت جي باري ۾ چوي ٿو ته ”هن پنهنجن شعرن ۾ جهوني سنڌي جا ڪيئي لفظ ڪم آندا آهن، جيڪي وڏيڪ چٽا آهن. اُنهي کان سواءِ عربي جا 29 لفظ ۽ فارسي جا 8 لفظ سندس ڪلام ۾ مليا آهن. انداز بيان بيحد منڙو اٿس.“

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ شاهه ڪريم جو ڪلام جي مقدمي ۾ لاڙي ٻولي جي آوازن ۽ اهن جي ردو بدل جي باري ۾ سُنو تحقيقي بحث ڪيو آهي. علم لسان موجب آواز ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. حرف علت Vowels ۽ هرف صحيح (Consonents) لاڙي لهجي ۾ گهٽي قدر وسرڳ آواز جي بدران اوسرڳ آواز اُچاريا ويندا آهن. جيئن گهه بدران گ، لهه بدران ل نهه جي بدران ن ۽ ٺهه جي بدران ڻ يا ڙاچاريو ويندو آهي.

هن مصرع ۾ پنهون بدران پنون آيو آهي. لاڙي لهجي ۾ اهه ا جو آواز ئي ترڪ ڪيل هوندو آهي. شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ منهنجي بدران موجي آيو آهي.

**”مت موجي ڪن ڪري، نه ڪي جاب م ڏي“**

پهرين بدران پيرين آيو آهي:

**”پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءَ لَه.“**

شاهه ڪريم پنهنجي عبارت کي هسين ۽ رنگين بنائڻ جي لاءِ تشبيهن جو استعمال ڪري خوب رنگ رچايو آهي. لوهه کي سنداڻ تي ڏکن لڳڻ کي محبوب جي بار بار ايندڙ ياد سان پيٽي کهڙو نه نئون نڪتو نروار ڪيو آهي.

**”ڏکين ڏات پيو، هينئڙو له سندان جنءَ،**
**سنياري کي سڄڻين، ورچي تان نه ويو.“**

بيخبر ۽ غائب دل وارن ماڻهن کي خالي برتنن سان ڀيٽي اُنهن جي بي قدري ڪئي ويئي آهي. واهه جي تشبيهه آهي.

**”هينئون نہ حاضر جن، پري نہ اکڙين ۾،**
**تلها ڏانڊيا سڪڻا، هيئن جاڙ جيئن.“**

شاهہ ڪريم جون چوڻيون ۽ پهاڪا هن جي عبارت کي خوب چمڪائن ٿا ۽ سنوارن ٿا.

**”جر عجر جن اکين ۾، سي ڪنءَ پري پسن.“**

***_*_***

**”پچڻا نہ مُنجهڻا، جي پچن سي وير.“**

***_*_***

**”جي جاڳندي من ۾، سُتي پڻ سيئي.“**

***_*_***

**”مُٺ پيڙيائي پلي، جهہ اُپٽي تہ واءُ.“**

شاهہ ڪريم اهڃاڻڪاري جو استعمال ڪري پنهنجي عبارت کي نوان رنگ ۽ نيون معنائون ڏنيون آهن. هو هنج کي نيڪ طالب جو اهڃاڻ ڪري سمجهي ٿو. هنج اونهي پاڻي ۾ رهي موتي ميڙي ٿو.

**”هنج تنهين هوءِ، اوني ۾ اوڙاهہ جو.“**

شاهہ ڪريم جي عبارت سادي ۽ سلوڻي آهي. اُن ۾ لطافت بہ آهي، تازگي بہ آهي ۽ توانائي بہ آهي. انهيءَ جي ذريعي شاهہ ڪريم پنهنجن احساسن، تجربن ۽ آدرشن جو اظهار ڪري دلين کي موهي ڇڏي ٿو.

## شاهہ ڪريم جي شاعري جي اهميت:

شاهہ عبدالڪريم سنڌ جو هڪ ناميارو شاعر آهي. هن جي شاعري سنڌي قوم جي لاءِ هڪ بيمثال ادبي ۽ انساني تحفو آهي هو خدا داد ذات ۽ ذانءُ جي بيمثال ڪارنامن جي ذريعي سنڌين جي دلين ۾ زنده آهي ۽ زنده رهندو. هو پنهنجي خداداد ذات ۽ من موهيندڙ اسلوب جي ڪارڻ سنڌي قوم جي مٿي جو موڙ بنجي، اُنهن جي دلين تي راڄ ڪندو رهندو.

شاهہ ڪريم هڪ بيمثال ۽ بردبار شاعر آهي. هن جي شاعري ۾ نوان موضوع، نئون اسلوب ۽ بيشمار ادبي خوبيون آهن. ڊاڪٽر نجم الاسلام

پنهنجي اردو ڪتاب ”ابيات شاهه ڪريم“ جي مقدمي ۾ خوب لکيو آهي: ”شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ ادبي خوبيون ڪمال درجي تي پهتل نظر اچن ٿيون. هن جي ڪلام ۾ جدت ۽ انفراديت آهي. جيڪڏهن هن کي سنڌ جو پهريون جديد سنڌي شاعر چئجي ته بجا ٿيندو. هن سماج ۽ ماحول جي ترجماني ۾ جدت پيدا ڪئي آهي.“

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته شاهه ڪريم سنڌ جي زندگي جو سَچو تجزيڪار آهي. هو سنڌ ۽ اُن جي رسمن، رواجن ۽ روايتن جو گهرو مشاهدو ڪري، ان جي اثرات ۽ نتيجن کي پنهنجي شاعري جو سينگار بنايو آهي. شاهه ڪريم ڪيتريون ئي نيون روايتون قائم ڪري سنڌي شاعري کي سگهارو بنايو آهي ۽ سنڌي ادب ۾ نيون نيون راهون روشن ڪيون آهن.

شاهه ڪريم اڪيلي سر پنهنجي ذات ۽ ذانءُ جو ڪمال ڪاريگري سان استعمال ڪري انوکو ۽ اثرائتو اسلوب جوڙيو آهي. جيڪو نه صرف اسان جي ادبي سڃاڻپ آهي پر هن جي جستجو ۽ جاکوڙ جو اٽمٽ ثبوت آهي. هن جي عبارت هڪ وڏو ادبي ڪارنامو آهي. جيڪو وسارڻ جوڳو ناهي. هن سنڌ جي سيني معامرن جي سچائي ۽ ايمانداري سان ترجماني ڪري، جدت جو رنگ اختيار ڪري پنهنجي عظمت کي مجارايو آهي. عبارت محبت ڀريو هٿيار آهي. جنهن جي ذريعي هو بدي کي ڪاٽي نيڪي کي نروار ڪري ٿو. پنهنجي عمده (Sublime) عبارت جي ذريعي هو ماڻهو کي ماڻهو سان ملائي، اُن کي رب جي قريب آڻڻ جا جتن ڪري ٿو.

**اسين سڪون جن کي، سي تا اسين پاڻ،**
**هاڻي وچ گُمان، صحيح سڃاتا سپرين.**

شاهه ڪريم جي اسلوب جي لطافت، تازگي ۽ روح ريجهائيندڙ راهت جو آنند ماڻيو.

**”پاڻياري سيڪا، جا سر گهڙو ڏري،**
**ڪوئي سندي سڄڻي، ڪا پورهئي ڪان پري.“**

شاهه ڪريم پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي قصن ۽ داستانن جو فنڪارا نه استعمال ڪيو آهي ۽ اُنهن جي خاص حصن کي ڪمال ڪاريگري سان

ڪم آڻي اُنهن مان نصيحت جا باريڪ نڪتا ۽ روحاني راز ۽ رمزون نروار ڪيون آهن. هن سنڌ جي مشهور قصن ۽ داستانن جي ڪن حصن مان معنيٰ جا موتي ميڙي وڏو چمتڪار ڪيو آهي. هي بيت پڙهيو ۽ ان ۾ سمايل اسرار ڪي پروڙي روح کي راحت پهچايو.

”امڙ ڪوءِ گهروءِ، منجهان سائڙ وجي نگيو،
هنيرو ڏيئي وٽ جنءَ، مون جنءَ تان نہ ٻروءِ.“

شاهہ ڪريم پنهنجن تجربن ۽ درويشن جي صحبت مان حاصل ڪيل معلومات کي چوڻين ۽ پهاڪن ۾ ظاهر ڪري پنهنجي شاعري کي خوب دلڪش ۽ دل نشين بنايو آهي. اهي چوڻيون ۽ پهاڪا اهڙا تہ معنيٰ خيز آهن جيڪي ماڻهن کي صحيح واٽ ڏيکارن ٿا، اُنهن جي مُنجهہ مٽائن ٿا ۽ اُنهن کي مصيبتن کي ڪِلي پار ڪرڻ جو درس ڏين ٿا.

”مورک مور نہ ٻُجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
ڪٽر جن اکين ۾ کي ڪنءَ پريءَ پسن.“

*_*_*

”پُڇڻا نہ منجهڻا، جي پُڇن سي وير.“

*_*_*

”ري پاجي ڪٽئي، سپر ٻري نہ باهہ.“

شاهہ ڪريم اهڃاڻڪاري جي ميدان ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي ۽ آئنده جي شاعرن لاءِ هڪ نئين راهہ جوڙي آهي. هن ماڻهن جي خوبين ۽ خامين جو مطالعو ڪري، اُنهن کي اهڃاڻن جي ذريعي پيش ڪري انهن مان نيون معنائون هٿ ڪيون آهن. هو ڪلاچي جي ڪن کي تباهي ۽ بربادي جو اهڃاڻ سمجهي ٿو، جنهن ۾ هر شيءِ غرق ٿيو وڃي ٿي.

”ڪلاچي ڪنان، موٽي ڪو نہ آئيو،
ڪنين رڃ وڃايا، ڪنين توبہ تاءُ.“

شاهہ ڪريم تجنيس حرفي ۽ خوبصورت تشبيهن جو استعمال ڪري پنهنجي شاعري کي خوب چمڪايو آهي. هن جون تشبيهون سوني جي زيورن ڪان وڌيڪ چلڪڻيون آهن ۽ چاندي جي زيورن ڪان وڌ چوکيون آهن.

شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ روايتن ۽ انفراديت جو ڪھڙو نہ افرادي ۽ نقطہ نظر جو ڪھڙو نہ سريلو سنگم آهن. انهيءَ اثرائتي سنگم جو جادو سندس ڪلام ۾ هر هنڌ جرڪندو نظر اچي ٿو. ڪيترن ئي شاعرن هن جي اثر هيٺ ڪلام جوڙي پاڻ ملهايو آهي. شاهه عبداللطيف جي شاعري تي شاهه ڪريم جي شاعري جو چٽو اثر نظر اچي ٿو. شاهه لطيف شاهه ڪريم جي ڪلام کان ڏاڍو متاثر هو. شاهه ڪريم جو ڪلام هر وقت هن سان گڏ هوندو هو. شاهه لطيف ڪجھہ بيت شاهه ڪريم جي بيتن پرسان لکيا آهن، ڪجھہ بيت هن جي تتبع ۾ لکيا آهن. ۽ ڪجھہ بيت چئي شاهه ڪريم جي بيتن جي وضاحت ڪئي آهي.

**(1)ڪريم جو ڪلام:**

هينون نہ حاضر جن، پريءَ نہ اکڙين ۾،
ٿلها ڏانڊا سڪڻا، هيئين جاڙ جيئن.

**لطيف جو بيت:**

پرين نہ اکڙين ۾، هينئون نہ حاضر جن،
سي هينئهين جاڙ جين، ٿلها تا تا سڪڻا.

**(2)ڪريم جو بيت:**

وائي ٻي م ڀُل، مِران، موران پڪڻا،
بلا، سندو سڄڻين، هو هلاچو هُل.

**لطيف جو بيت:**

وحدتا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻي مَ ڀُل،
هو هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين.

هن بيت ۾ شاهه لطيف شاهه ڪريم جي بيت جي .......... ڪئي آهي.

**(3)شاهه ڪريم جو بيت:**

مورک مور م ٻجھڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
ڪٿر جن اکين ۾، ڪي سي پرينءَ پسن.

**شاهه لطيف جو بيت:**

**مورک مور م پُڄهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،**
**سي ڪيئن پرين پسن، ڪنڌ جن اکين ۾.**

هي بيت شاهه لطيف شاهه ڪريم جي پر سان لکيو آهي.

**(4) شاهه ڪريم جو بيت:**

**جي جاڳندي من ۾، سُتي پڻ سيئي،**
**من پريان نيهي ٻگهيو پاڻ ڳري.**

**لطيف جو بيت:**

**تن تسبيح، من مڻيو دل دنبورو جن،**
**تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن،**
**وحده لاشريڪ لہ اهو رڳ رڳن**
**سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت اُن جي.**

شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ اهڙيون هڪ جهڙايون ڏسي ائين چوڻ درست پيو لڳي تہ شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف هڪ ئي ڪلام جا ٻہ پاسا آهن.

شاهه عبدالڪريم هڪ منفرد شاعر آهي. هن جي جدت ۽ انفراديت هن کي ٻين شاعرن کان مٿاهون درجو ڏياريو آهي. هن جو شعور هن جي دل جون دريون کولي هن کي سڀ ڪجهہ پسائي ٿو هن کي مالڪ سان محبت ڪرڻ جو ڦل پهچائي ٿو ۽ هن جي زندگي ۾ روحاني جلوو نروار ڪري مالڪ ۽ مالڪ کي هڪ ٻئي جي قريب آڻي ٿو.

**مددي ڪتاب**

(1) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(2) ڊاڪٽر عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(3) محمد صديق ميمڻ. سنڌ جي ادبي تاريخ ٻا ڱو ڀهريون.
(4) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس.

(5) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. لطيفي لات.

(6) سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.

(7) ڊاڪٽر انجم الاسلام. ابيات شاهه ڪريم جو مقدمو.

(8) موتي لال جوتواڻي. انگريزي ڪتابچي ”شاهه ڪريم هڪ سنڌي صوفي شاعر جي تمهيد.

(9) پروفيسر اڪرم انصاري. موتي لال جوتواڻي جي انگريزي ڪتابچي ”شاهه ڪريم هڪ سنڌي صوفي شاعر جو مقدمو“.

# شاهہ لطف الله قادري

(1020ھ-1090ھ)(1610ع-1679ع)

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

”مرحوم شاهہ لطف الله قادري هڪ عارف، ڪامل ۽ عالم باعمل بزرگ ٿي گذريو آهي. پاڻ ظاهري خواه باطني علمن ۾ ڪماليت جي درجي تي پهتل هو. رفتي رفتي سندس علمي ماهيت جي سڄي سنڌڙي ۾ ناموس ٿي ويئي.“

**ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

”هن دور جو هڪ ٻيو شاعر لطف الله قادري آهي. قاضي قادن تائين دوهو (بيت) ٻن مصراعن جو هو پر جيئن تہ هن دور ۾ مضمون طويل ٿيڻ لڳو اُن ڪري دوهي کي (هن دور ۾ سنڌي شاعري ڪافي ترقي ڪئي) کي بہ ٻن مصراعن جي پابندي مان ڪڍي 3-4 ۽ پوءِ 6-7 مصرائن تائين وسيع ڪيو ويو.“

**سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب**

”شاهہ لطف الله جي ڪلام ۾ مسئلي جي اُپٽار نهايت دقيق انداز ۾ ملي ٿي. هن جي سمجهاڻي ايتري عام فهم ناهي جيتري شاهہ ڀٽائي جي ڪلام ۾ آهي. زبان اُن جو ڀيريون سبب آهي.“

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

شاهہ لطف الله قادري ئي اُهو وڏو ۽ بنيادي شاعر آهي جنهن جي ڪلام تي ئي سنڌي ترقي يافتہ ۽ سڌريل شاعري جي ديوار کنيل آهي.“

**قاسم ٻُگهيو. ڇهہ ماهي سنڌي ادب ۾ ڇپيل هڪ مضمون**

”شاهه لطف الله قادري پنهنجي بيتن ۾ ڪا ڳالهه نثو ڪٿي ڪو قصو نٿو ٻڌائي پر محض سالڪ جي مقصد ۽ حقيت کي بيان ڪري ٿو. انهي لحاظ کان هو سنڌي بيتن ۾ ڪنهن قصي يا ڳالهه جي بدران معنيٰ ۽ خيل جي اظهار جو باني مباني آهي.“

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. سنڌي رسالو ۽ سندس ڪتاب منهاالج المعرفت جو مقدمو.**

شاهه لطف الله قادري هڪ تمام وڏو اساسي سنڌي شاعر ۽ اهل علم عارف آهي. هن جو اهو ادبي ڪارنامو هميشه زندهه رهندو ته هن بيت جي صنف کي عروج تي پهچائڻ جي لاءِ راهه هموار ڪئي ۽ سنڌي شاعري جي موضوئاتي ۽ فني حيثيت کي مستحڪم بنايو. هن جي ڪلام جي اهميت کي سمجهڻ ڪانسواءِ سنڌي شاعري جو مطالعو اڻ پورو ۽ اڌورو رهندو. لطف الله قادري پنهنجي خُداداد ذات، قابليت ۽ موزون ۽ مناسب اسلوب جي ذريعي نوان نوان تجربا ڪري سنڌي شاعري جي اوسر ۾ نمايان اضافا ڪيا.

## زندگيءَ جو احوال:

شاهه لطف الله قادري جي زندگي بابت هن وقت تائين ڪا تفصيلي معلومات ملي نه سگهي آهي. هو ڪٿي جو رهاڪو هو؟ هن جي ولادت ۽ وفات جون ڪهڙيون تاريخون آهن؟ هن جي ولادت ۽ وفات ڪٿي ٿي؟ هن ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟ انهي بابت ڪا ڄاڻ نٿي ملي. ميمڻ عبدالغفور سنڌي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو حوالو ڏيندي ڄاڻايو آهي ته ”شاهه لطف الله قادري جن خيرپور ميرس جي پير سان پريالي جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لکڻ موجب ”منهاج المعرفت سان لاڳيتو شامل شاهه ڪريم جي رسالي (بيان العارفين) جي قلمي نسخي تي لکندڙ تن جدا جدا حاشين تي ”منهاج المعرفت“ مان عبارتون نقل ڪيون آهن ۽ هر جاءِ تي مصنف جو نالو شيخ لطف الله تتوي يعني ٺٽوي ڪري لکيو آهي.“ انهن عبارتن مان اهو گمان

پيدا ٿئي ٿو تہ هو شايد ننڍي جي پرواري ڳوٺ اگهم جو رهاڪو هو پر اهو صحيح نٿو لڳي. جيڪڏهن هو ننڍي جي پرواري ڳوٺ اگهم جو رهاڪو هجي ها تہ مير علي شير طانع جي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ هن جو ذڪر ضروري ڪري ها.

غالباً شاهہ لطف الله قادري سنڌ جي مشهور تاريخي شهر اگهم ڪوٽ جو رهاڪو هو جنهن جا آثار ماتلي تعلقي ۾ موجود آهن. سندس تصنيفن جي مطالعي مان اِهو معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ولادت 1020هہ مطابق 1611ع ڌاري ٿي هجي ۽ وفات 1020هہ مطابق 1679ع ۾ ڌاري ٿي هجي. اندازو لڳايو ويو آهي تہ سندس ولادت اگهم ڪوٽ جي شهر ۾ ٿي ۽ سندس وفات بہ انهي شهر ۾ ٿي.

اگهم ڪوٽ ڏهين صدي هجري ۾ علمي ۽ روحاني تعليم جو وڏو مرڪز هو. اُتي گهڻائي مدرسا قائم ٿيا. جن ۾ مشهور عالم پڙهائيندا هئا. هتي جون درسگاهون ۽ بزرگن جون درگاهون ٻارهين صدي هجري تائين وڏي اوج تي رهيون. شاهہ لطف الله قادري جي تعليم ۽ تربيت بہ اگهم ڪوٽ جي اهڙن اعليٰ درسگاهن ۽ مشهور اُستادن جي زير اثر ٿي.

اگهم ڪوٽ شهر وردي توڙي قادري طريقي جي بزرگن جي فيض ۽ برڪت جو پڻ مشهور مرڪز هو. حضرت عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان شيخ جمال الدين عبدالله جي مريدن مان شيخ اسحاق اگهم ڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي جتي قادري طريقي جي فيض جا سرچشما جاري هئا. شاهہ لطف الله قادري انهن مان سيراب ٿي قادري مشرب اختيار ڪيو ۽ قادري نسبت سان مشهور ٿيو.

پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ شاهہ لطف الله قادري راهہ طريقت ڏانهن مائل ٿيو. قادري طريقي سان وابستہ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي علمي لياقتن ۽ ذاتي ڪوششن سان هو تصوف قادري طريقي جو مُرشد ٿيو ۽ شيخ واري منزل کي حاصل ڪيائين. عام ماڻهن کي سلوڪ ۽ معرفت سمجهائڻ خاطر هن پهريون ڪتاب ”تحفته السالڪين“ تحرير ڪيو. پوءِ ”منهاج المعرفت“ لکيو جيڪو ورهين جي لڳاتار وسيع مطالعي ۽ راهہ

سلوڪ جي گهري ڄاڻ جو ثمر آهي. سنڌي خواندن جي سهوليت خاطر هن ڪتاب "سنڌي رسالو" لکيو سندس رشد ۽ هدايت جي ڪري ڪيس شيخ المشائخ تسليم ڪيو ويو.

**شخصيت:**

شاهه لطف الله قادري سنڌي شاعري جو وڏو سرجڻهار ۽ علمبردار ٿي گذريو آهي. هو هڪ عارف، ڪامل ۽ عالم بااصول بزرگ هو. پاڻ هڪ وڏو ۽ حق گو مجاهد هو. جيتوڻيڪ سندس طبع ۾ عجز ۽ نياز هو پر جابر ڪان جابر ۽ ظالم ڪان ظالم امير ڪي به مذهبي اصولن مطابق حق چوڻ ڪان گريز نه ڪندو هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪوڙن صوفين کي خوب ننديو آهي. هو وڏو بيباڪ بزرگ هو ۽ هن جو روح رب جي طلب ۾ مسرور هو.

**"هو جي رمي گڏيا رحمان کي، سي سامي بيباڪ"**

سندس وفات جي ڪا به خبر نٿي پوي ۽ نه وري سندس آخري آرام گاهه جو ڪو پتو پوي ٿو.

**وفات:**

شاهه لطف الله قادري اندازاً 1169صدي هجري مطابق 1679ع ۾ تقريباً 70 سالن جي وڏي ڄمار ۾ غالباً اگهم ڪوٽ ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه بابت ڪا به معلومات نٿي ملي.

**تصنيفون:**

شاهه لطف الله قادري جون ٽي تصنيفون آهن.

**(1) "تحفته السالڪين"**

اهو ڪتاب علم سلوڪ ۽ راهه طريقت جي باري ۾ لکيل آهي هي ڪتاب في الحال دستياب نه ٿي سگهيو آهي.

**(2) "منهاج المعرفت"**

هي ڪتاب سلوڪ ۽ طريقت جي باري ۾ فارسي ٻولي ۾ لکيل آهي. هڪ ڪتاب ڄڻ معرفت الاهي جو دستور آهي "تصوف جي سلسلي جو

هڪ معياري ڪتاب آهي. هي هڪ خالص علمي ڪتاب آهي لطف الله قادري کي اهو احساس ٿيو ته سلوڪ جي انهن نڪتن کي سنڌيءَ ۾ پڻ سمجهايو وڃي ته هوند فيض ۾ وڌيڪ عام ٿئي. انهي احساس ۾ جذبي هيٺ گهڻو ڪري ڪتاب جي هر هڪ باب ۾ هڪ يا ٻه سنڌي بيت شامل ڪيا ويا. هن سڄي ڪتاب ۾ ويهه يا وڌيڪ بيت ڏنل آهن.

**(3) ”سنڌي رسالو.“**

”منهاج المعرفت“ جوڙڻ کان پوءِ سگهو ئي شاهه لطف الله قادري وڏي چاهه ۾ ڪوڏ سان سنڌي بيتن ۾ ”سنڌي رسالو“ تحرير ڪيو جيئن ته عام سنڌي ماڻهو ٻه پنهنجي مادري ٻولي سنڌي ۾ سولائي سان سمجهي سگهن ۾ مستفيض ٿين.

## شاعري جا نمايان پهلو:

موجوده ڄاڻ مطابق شاهه لطف الله قادري جو ”سنڌي رسالو“ پهريون وڏو ڪتاب آهي جيڪو سڄو سنڌي بيتن تي مشتمل آهي.

شاهه لطف الله پهريون عارف ۾ سنڌي شاعر آهي جنهن مادري ٻوليءَ جي اهميت کي محسوس ڪيو ۾ سنڌ جي عوام لاءِ سنڌي بيتن ۾ شاعري ڪئي جيئن ته هو سولائي سان ۾ وڏي ذوق سان پڙهن ۾ سمجهن.

**”ته هوءِ سنڌي وائي، سهلو ٻُجهڻ ابوجهن.“**

شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جي ڪلام ۾ ڏگهن بيتن جوڙڻ جا ثبوت ملن ٿا ”سنڌي رسالي“ جي مُنڍ ۾ ٻه ڏگها بيت شامل آهن. جن جي هڪ بيت ۾ ڇهه مصراعون ۾ ٻئي بيت ۾ يارهان مصرائون آهن.

شاهه لطف الله قادري بيتن جي سٽاءَ ۾ وراڻ يا تڪرار قائم ڪرڻ واري روايت جو پهريون سنڌي شاعر آهي. وراڻ واري روايت شاعري ۾ تسلسل قائم ڪري موضوع کي مناسب ۾ موزون اختتام تي پهچڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. شاهه لطف الله قادري جي بيتن ۾ شروع واري سٽ جي وراڻ ۾ آخري سٽ جي وراڻ جا ٻئي نمونا موجود آهن پهرين سٽ واري وراڻ ”حسن جيبن

جي“ جا 31 بيت ۽ آخري سٽ جي وراڻ ”آئون گهوريون مٿان تن“ 9 بيتن ۾ موجود آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش جي راءِ ۾ ”شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن قصن جي اُپٽار يا ڳالهه جي پچار بدران عارفانه فڪر ۽ معنوي پس منظر واري راهه کي پهريون پيرو سنڌي شاعري ۾ رائج ڪيو آهي.

شاهه لطف الله قادري سنڌي اساسي شاعري ۾ پهريون پيرو ساموندين ۽ ناکئن ۽ جوڳين ۽ آديسين وارا تمثيلي مضمون شامل ڪيا ۽ جيڪي پوين شاعرن جهڙوڪ شاهه عنات، شاهه لطيف ۽ ٻين شاعرن لاءِ مثال بنيا.

شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن رسالي ۾ بيتن جوڙڻ واري مقصد کي بيان ڪرڻ واري روايت (Innovation) جو بنياد وڌو ۽ هوئي هن روايت جو باني مباني بنيو.

”ڪوڏان ڪيم رسالو اي فقير جوڙي بيتن،
ته هوءِ سنڌي وائي سَهلو ٻُجهڻ اٻوجهن،
پانهنجي ٻولي ڪري، سگهائين اي سکن،
لطف الله چئي، لئه پيو وَر سکن ۽ پڙهن.“

شاهه لطف الله قادري پنهنجن بيتن ۾ آيل معرفت جي نڪتن کي مناسب ۽ موزون نموني ۾ سمجهائڻ لاءِ پهريون پيرو دليلن وارا عربي ۽ فارسي حوالا ڏيئي هڪ نئين روايت قائم ڪئي. جنهن کي شاهه عنات، شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، خليفي نبي بخش لغاري ۽ ٻين شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪري وڏو فني ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

## شاهه لطف الله قادري جي شاعري

ڊاڪٽر قاسم ٻُگهئي پنهنجي ڪتاب ”ٻوليءَ“ ۾ لکيو آهي ته ”شاهه لطف الله قادري سنڌي شاعري جي دنيا جو وڏو ۽ اهم نالو آهي جنهن جي ڪلام جي ذڪر کان سواءِ سنڌي اساسي (Classical) شاعري جو ذڪر ۽ مطالعو اڻپورو ٿيندو.“

شاهه لطف الله قادري هڪ منفرد ۽ ناميارو اساسي سنڌي شاعر آهي، هو قاضي قادن ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جي وچ واري مضبوط ڪڙي آهي. شاهه لطف الله قادري جي ڪلام جي مطالعي کان سواءِ اساسي شاعري جي فني ۽ فڪري ارتقاء ۽ عروج کي سمجهڻ ممڪن ئي ناهي.

غالباً سنڌي شاعري جي شروعات ”دوهي“ يا ”ڏوهيڙي“ جي صنف سان ٿي. دوهي يا ڏوهيڙي جي صنف مان ڳاهه ڳيچ، مدح، سِٽ ۽ بيت واريون صنفون اُسريون. سومرن جي دور وارو ”دودي چنيسر جو قصو“ هڪ وير ڪٿا (Epic) آهي. جيڪو سنڌي دوهن ۾ رچيل آهي.

**”ويهه پڄاڻان پيءَ جي، آءُ چنيسر آءُ،**
**ياڳ سڀاڃهو تنهنجو، توکي پلي چڙهيو ماءُ.“**

دودي چينسر وارو قصو. سنڌي ادب جو انمول سرمايو آهي. قاضي قادن کان اڳ ۾ شيخ حماد جمالي، شيخ اسحاق آهنگر، ماموئي فقيرن، مخدوم احمد ڀٽي، مخدوم پير محمد لکوي، مخدوم نوح، سيد علي ثاني ۽ ٻيا شاعر ٿي گذريا آهن جن جا بيت ٻن مصراعن وارا آهن، سيد علي ثاني جو هڪ چئن مصراعن وارو شعر به مليو آهي.

**سرتين سانگ سڪڻ جو، مون کي وريو رهائين،**
**آءُ ٿي هلان هوت ڏي، هوتيون واريو وهارين،**
**وريتيون ورن سين، وينيون گهر گهارين،**
**کهندا ٿيون کارين، ڪا نه هلندي هوت ڏي“**

ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي مطابق قاضي قادن جي سموري ڪلام ۾ صرف به بيت ٽن سٽن کان وڌيڪ جا ملن ٿا. قاضي قادن جي ڪلام ۾ دوهي کان وٺي سورٺي، دوها-سورٺا ميل ۽ بيت جي ارتقاءَ واريون سڀ صورتون موجود آهن.“

شاهه عبدالڪريم جي ڪلام ۾ آيل 92 بيتن مان صرف به بيت ٽن سٽن وارا آهن ۽ باقي بيت ٻن سٽن وارا آهن. انهن 90 بيتن ۾ 31 دوها، 17 سورٺا، 25 دوها-سورٺا ميل ۽ 17 بيت آهن.

شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ بيت جي ارتقاءَ واريون سموريون صورتون صاف ۽ واضح طور جرڪندي نظر اچن ٿيون. هن جي ”سنڌي

رسالي“ ۾ ڪل 360 بيت موجود آهن، جن مان ڪ بيت اڻپورا آهن. باقي رهيل 358 بيتن مان 91 بيت ٻن سٽن وارا، 46 بيت ٽن سٽن وارا، 186 بيت چئن سٽن وارا، 30 بيت پنجن سٽن وارا، 6 بيت ڇهن سٽن وارا ۽ 2 بيت ستن سٽن وارا آهن. شاهہ لطف الله قادري جا گهڻا بيت ڇهن ۽ يارهن سٽن وارا آهن. هن جي ڪلام ۾ ڪ ”دوها“ ڪ آهن.

**سڪ تنهنجي سپرين، من ۾ ٻارئي مچ،**
**اوءِ ڪامي تنهن ڄمار ۾، عاشق ٿيا سچ.**

***_*_***

**جو انانگهہ، تنهن ۾ ڪيائون تڪيا،**
**اوءِ نہ ڪنهن پير نہ پُڇري، اندر وہ ويا.**

”منهاج المعرفت“ مان هٿ آيل بيتن جو تعداد 20 يا ان کان وڌيڪ آهي، جن مان 1 بيت ٻن سٽن وارو، 10 بيت چئن سٽن وارا، 7 بيت پنجن سٽن وارا، 1 بيت ڇهن سٽن وارو ۽ 1 بيت ستن سٽن وارو آهي.

جيئن جيئن شعر ترقي ڪندو رهيو، اُن ۾ اضافا ڪرڻ جي ضرورت وڌندي رهي آهي.

(1) شاهہ لطف الله قادري قصي جي اپٽار يا ڳالهہ جي پچار بدران معنيٰ ۽ خيال کي نروار ڪرڻ جي روايت جوڙي.

(2) شاهہ لطف الله قادري معرفت جي نڪتن کي چٽائي ۽ وضاحت سان بيان ڪرڻ جي لاءِ سنڌي شاعري ۾ پهريون ڀيرو عربي ۽ فارسي حوالن کي استعمال ڪيو.

(3) بيت جي فني سٽاءَ کي وسعت بخشڻ جي لاءِ شاهہ لطف الله قادري بيت جي مصراعن ۾ اضافو ڪيو. هن گهڻن مصراعن وارا بيت سرجيا جن کي ”سنڌي“ يا ”ڪبت“ چئبو آهي. هن جي ڪلام جي منڍ ۾ گهڻن مصراعن وارا ڪ بيت ڏنل آهن. جن مان هڪ بيت ڇهن مصراعن وارو ۽ ٻيو بيت يارهن مصراعن وارو آهي.

(4) شاهہ لطف الله قادري بيت جي سٽاءَ کي وڌيڪ موثر، دلچسپ توجہ طلب بنائڻ لاءِ وراڻ يا تڪرار جي روايت کي رائج ڪيو شاهہ ڪريم جي

ڪلام ۾ وراڻ جي جهلڪ نظر اچي ٿي پر اُهو شاھ لطف الله قادري آهي، جنهن وراڻ جي روايت کي سنڌي شاعري ۾ پختگي بخشي. وراڻ جي تسلسل جي ذريعي هن ڪيترن ئي بيتن ۾ پنهنجي خيال کي واضح ۽ چٽو بنايو آهي.

شاھ لطف الله قادري برجستو تخليقڪار ۽ بيمثال شاعر آهي. هن پنهنجي ذات، ڏانءُ ۽ قابليت جا سمورا طور طريقا استعمال ڪري سنڌي شاعري کي موضوعاتي ۽ فني نموني ۾ ترقي جي مٿاهين منزل تي پهچايو آهي. هن سنڌي شاعري جي مستقل واڌاري لاءِ تجربا ڪري صحيح ۽ قابل عمل واٽون گهڙيون آهن.

## ڪلام جا مضمون:

شاھ لطف الله قادري ”سنڌي رسالي“ کي ستن قسمن يا بابن ۾ ورهايو آهي، پهرين قسم جو مضمون آهي وحدت. ٻئي قسم جو مضمون آهي سلوڪ ۽ سالڪن بابت، ٽئي قسم جو مضمون آهي. صفت ۽ ڪلمن بابت چوٿين قسم جو مضمون آهي وحدت ۽ موحدن بابت. پنجين قسم جو مضمون آهي، عشق ۽ عاشقن بابت ڇهين قسم جو مضمون آهي فڪر ۽ فقيرن بابت ۽ ستين قسم جو مضمون آهي پير، مرشد ۽ جوڳين بابت ٻيا مضمون.

سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب“ ۾ شاھ لطف الله قادري جي ڪلام جي مضمونن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ ”زياده تر ترڪ دُنيا، توڪل، بي ثباتي ۽ فنا جا مضمون بيان ڪيا آهن.“

## زندگي ۽ موت:

شاھ لطف الله قادري پنهنجي شاعري ۾ زندگي ۽ موت ۽ دُنيا جي فنا وارن مضمونن کي پنهنجي خداداد ذات ۽ قابليت سان شاعرانہ ڪاريگري سان بيان ڪري پنهنجي اندروني لياقتن جو پڪو ثبوت پيش ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ زندگي جو سفر ڏاڍو اٽاڳو آهي. جيڪي رب تي ڀروسو ڪندا، سي ئي منزل ماڻي سگهندا.

**”جنهن پنڌ نهايت ناهه ڪا، نڪو انت نه ڇيهه،**
**سو ڪروڙين ڏسي ڪنبيا، ڏوران ڏاڍو ڏيهه،**
**اُتِ هلڻ حيرت ۾ ڏيئو، ڇيتان تون ڇيلهه،**
**اوري ڪرمَ آسرو، ورچي تون مَ ويهه،**
**ثابت ٿي سبحان سين، منجهه حقيقت پيهه،**
**ته سوئي پيس ڏيهه، جنهن کي سِڪي سيڪو.“**

## سلوڪ ۽ طريقت جي وضاحت:

شاهه لطف الله قادري پنهنجي خاص مضمون سلوڪ ۽ طريقت جي خوب وضاحت ڪئي آهي. هن حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد کي تمثيلي طور سامونڊي ناڪئن جو منزل ڏانهن هلڻ ۽ جوڳين ۽ آديسين جو سندن ياترائن خاطر ڪشالا ڪڍڻ سان ڀيٽي تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي.

**مئي متي مهراڻ ۾، جي وجي پاڻ وجهن،**
**نه سي اوري نه پري، اوءِ اندر وه وجن،**
**تن منجهان منجهه تڪيا، اوءِ منجهان منجهه رهن،**
**سي پينا تِت وڃن، ناهه نهايت ڇيهه جي.**

## پير ۽ مرشد:

شاهه لطف الله قادري قسم ٽئي هيٺ پيرن، مرشد ۽ سندن منزل کي تمثيل طور جوڳين، فقيرن ۽ سندن تڪين ۽ تيرٿن سان ڀيٽي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

**”ڪِني مَٽي ڇَٽ منڊيا، ڪي مور ڇل وارين،**
**ڪي پايو دونهون اُتر سامهيون، وينا پاڻ پڃائين،**
**ڪني پاتا ڪُنر ڪاپڙين، ڪي بَسِمي لائين،**
**ڪي پهوڳفُائين گوسايا، پاڻ ٿهين ساڙين،**
**آديسي اوءِ آهين، جن پيهي سُبحان پروڙيو.“**

## توحيد:

شاهه لطف الله توحيد جي مضمون کي سمجهائيندي چوي ٿو تہ حقيقي وجود صرف ذات مطلق جو آهي، هر هنڌ ذات مطلق جو جلوو روان ۽ دوان آهي. ڪائنات جا سمورا روپ هن ذات مطلق جا پرتوَ آهن. حق جو سچو طالب اُهو آهي جيڪو هن حقيقت کي سمجهي پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي ٿو.

**”حقائين حق ٿيا، حقان ٿين حق،**
**عقل وِياچ مَ اُن سين، جِني ذات مطلق،**
**لا وجود شئي، غير الله، اي ساري پڙهيائون سبق،**
**سي واري وحدت ورق، او نسوروئي ناهِ ٿيا.“**

## وحدت ۽ ڪثرت:

شاهه لطف الله قادري سمنڊ ۽ لهرن جي ذريعي وحدت ۽ ڪثرت کي ڪمال ڪاريگري سان سمجهايو آهي. جهڙي طرح سمنڊ ۾ موج اچي ٿي تہ لهرون اُڀري نروار ٿين ٿيون ۽ پوءِ وري ٿوري دير کان پوءِ موٽي سمنڊ ۾ ملي وڃن ٿيون. اهڙي طرح وحدت مان ڪثرت پيدا ٿيندي آهي. جيئن لهرن کي پنهنجو ڪو حقيقي وجود ڪو نہ آهي تيئن ڪثرت بہ ڪو حقيقي وجود نٿي رکي.

**سمنڊ ڪيون ساهه، ڪوڙين موج اُڀريا،**
**ڪي اُجهامي اُٿيا، اُن آهي پر اِها،**
**سيئي ڪون مڪان، سي پَسئي، سي ٿيا،**
**الا انه بڪل، شئيءِ محيط مڙوئي درياءَ**

حق جو طالب وحدت ۽ ڪثرت کي سمجهي ٿو تہ هن جو عقل حيران ٿيو وڃي ٿو.

ذات ۽ صفات جو مسئلو صوفي بزرگن لاءِ بحث جو موضوع رهيو آهي. اُنهن جي نظر ۾ مختلف مظهر ذات مطلق جون تہ صفتون آهن. انهيءَ ڪري

هو سوچن ٿا تہ صفتون ذات مان آهن، پر اُنهن صفتن مان ذات کي سُڃاڻي سگهجي ٿو. انهي خيال کي شاهہ لطف الله قادري هن نموني سمجهايو آهي.

**صفت ذاتيان نڱئي، ۽ پڻ صفتان ذات،**
**ڇئي ذات صفت کي، جم وراهين وات،**
**اِي گُجهي آهي ڳالهڙي، پردي اندر پهات،**
**سائي مسلماني ذات، سائي ڪافري هيڪڙو.“**

صفت کي ذات ڇوڙ جي بدران صفت مان ذات کي ڳولهي لهڻو آهي.انهي ڪري سالڪ لاءِ ضروري آهي تہ هو ذات مطلق جي معرفت حاصل ڪري، خودي کي ماري ۽ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي. اها اونهي حقيقت تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن عشق جي اڳواڻي قبول ڪري، وجود کي وساري ڇڏيو وڃي.

## شاعري ۾ وراڻ جو سلسلو

شاهہ لطف الله قادري بيتن جي سٽاءَ ۾ ”وراڻ“ يا ”تڪرار“ کي شامل ڪري وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. وراڻ يا تڪرار جي ڪري سندس ڪلام ۾ دلچسپي ۽ رنگا رنگي پيدا ٿي ويئي آهي. ۽ عام فهم ماڻهو بہ سندس ڪلام طرف متوجہ ٿي ويا آهن.

وراڻ يا تڪرار جي سٽاءَ هڪ فني معاملو آهي. انهي موجب شاعر هڪ کان وڌيڪ بيتن ۾ ساڳئي مضمون کي ڪمال ڪاريگري ۽ دانشمندي سان ورجائڻ واسطي ڪي ساڳيا لفظ، اصطلاح يا فقرا ورائي ورائي ڪم آڻيندو آهي. هو خيال يا معنيٰ خيز نڪتن کي ڇنڊائي سان پيش ڪندو آهي جيئن تہ اُنهن جي تصديق يا توثيق ٿي سگهي. شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ وراڻ جو سلسلو تسلسل ۽ تفصيل سان نظر اچي ٿو. شاهہ قادري جي پيشرو شاهہ عبدالڪريم جي ڪلام ۾ وراڻ جي جهلڪ موجود آهي. شاهہ ڪريم وحدت ۽ خودي جي ماهيت کي ائين بيان ڪيو آهي:

**پاڻ ئي سلطان، پاڻ ئي ڏي سنيهڙا،**
**پاڻ ڪر، پاڻ لهي، پاڻ سڃاڻي پاڻ.**

***_*_***

**سوئي سلطان، شاهه سو سوئي پيڙهي راءِ،**
**سوئي حڪم هلائي عالم ۾، سوئي ڏيڪاريندڙ راهه.**

شاهه ڪريم انهن ٻنهي بيتن ۾ پاڻ ۾ سوئي لفظن کي ورجائي وراڻ واري ڪيفيت پيدا ڪئي آهي.

شاهه لطف الله قادري باقائدگيءَ سان پنهنجي ڪلام ۾ وران جو استعمال ڪري رنگ رچايا آهن، منڍ مچايا آهن. جيڪڏهن شاهه لطف الله قادري کي "وراڻ" جو خالق سڏجي ته اُن ۾ ڪو مبالغو ڪو نه آهي. وراڻ يا تڪرار جون ٻه صورتون هونديون آهن. بيت جي پهرين سٽ جي پهرين اڌ کي وراڻ طور استعمال ڪبو آهي ۽ آخري سٽ جي پهرين اڌ کي وراڻ طور استعمال ڪبو آهي. شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ وراڻ جون هي ٻئي صورتون موجود آهن. شروعات واري وراڻ جا 12 مثال ملن ٿا. مثال طور پهرين وراڻ "عقل اُت او چوڻ ٿيو جا تي بيت، "مئي مٿي مهراڻ ۾" جا ٻه. بيت "واجهائيندي وجهلي" جا 2 بيت، "سڪ تنهنجي سپرين" جا 17 بيت، "آءُ اکڙين ۾" جا 2 بيت، "نانگا سؤرا ٿيا" جا 7. بيت، "نه گدا نه گبري" جا 8 بيت، "نه ڪين هيٺ نه هيٺ ڪين." جا 5 بيت، "هٿ جنين جا ٿامڙا" جا 5 بيت "جيجل جوڳيڙن جو" 3 بيت آهن، آخري سٽ جي وراڻ "آءُ گهوريو مٿان تن" جا 9 بيت آهن.

شاهه لطف الله قادري جي وراڻ "حسن حبيبن جي" جي سلسلي جا سچا سارا 31 بيت آهن. وراڻ جي سلسلي جا ايترا بيت ڪنهن ٻئي سنڌي شاعر ڪو نه سرجيا آهن. انهيءَ جو شرف شاهه لطف الله قادري کي آهي. لوڪ شاعرن ۾ شرف سگهڙن وراڻ جي سلسلي جا ان کان وڌيڪ بيت گهڙيا هوندا. اُنهن کي داد ڏيڻ لازمي آهي.

شاهه لطف الله قادري "حسن حبيبن جي" جي وراڻ جا 31 بيت سرجيا آهن. اچو ته ڪن بيتن جو مطالعو ڪريون ۽ وراڻ جي خوبين کي سمجهون:

**حسن حبيبن جو، پسن جي پيهي،**
**توکي سيپئي، پيون وجن وسري،**

*-*-*

**حسن حبيبن جي پيئي جن تنوار پرين ري،**
**تن ويا وسري يار، سي پسن ڪين.**

***_*_***

**حسن حبيبن جو جني ڏٺو ماءُ،**
**تنين منجهان ڪاءِ، سُک نہ سُتي ڪڍهن.**

***_*_***

**حسن حبيبن جي، ناهہ اونهائي ٿَر،**
**تنين عاشقن سَر، وڍي ڏنا پنهنجا.**

حبيبن جو حسن برق آهي، اصل شيءِ آهي، هر شيءِ کي وساري پرين طرف راغب ڪري ٿو. اُهو مسلسل بيقراري آهي ۽ ڏاڍو عميق آهي جيڪو سر وڍي عاشقن کي رب جي حضور ۾ حاضر ڪري ٿو.

## شاعريءَ جون خوبيون

شاهہ لطف الله قادري جي شاعري جي پهرين خوبي آهي مناسب ۽ موزون اسلوب جو استعمال. هو مضمون جي مطابق زبان استعمال ڪري پڙهندڙن جي شعور کي جاڳائي ٿو ۽ انهن جي روحن کي راحت پهچائي ٿو. جي مضمون سهل ۽ سولو آهي تہ اُن جي لاءِ هو عام فهم ۽ سلوڻي ٻولي جو استعمال ڪري ٿو. هو دقيق ۽ پيچيده مضمون کي دقيق ۽ ڏکئي انداز ۾ بيان ڪري ڪمال ڪاريگري ڏيکاري ٿو.

شاهہ لطف الله قادري جي شاعري جي ٻي خوبي آهي تہ هو معنيٰ خيز نڪتن ۽ خيال کي بيان ڪرڻ لاءِ اُستادانہ ۽ بزرگانہ طرز تحرير جوڳوڙهو ۽ ڳنڀير استعمال ڪري ٿو. هو پنهنجن پيتروئن قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم جي قصن ۽ داستانن بدران نج فڪر ۽ خيال کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو تزڪيہ نفس ۽ اخلاقي تربيت خاطر خالق جي سڃاڻ ۽ مخلوق سان محبت جو درس ڏکئي ٻولي ۾ ڏئي ٿو.

**راهہ شريعت هليا، تفڪر طريق ٿئون،**
**حال حقيقت رسيا، حرڪت حرص وئون،**

**لئه لاهوت لڱيا، وحدت وضالون،**
**پسي پيئا حق باغ ۾، فنا فرق پٽون،**
**پسو پنڌ سندون، اوءِ وجودان وهي ويا.**

شاهه لطف الله قادري جي شاعري جي ٽئي خوبي آهي. تمثيلن جو فنڪارانه استعمال. لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعري ۾ ساموندين ۽ ناڪئن ۽ جوڳين جو استعمال ڪيو آهي. هن ساموندين ۽ ناڪئن جي پيڙا ۽ مشڪلاتن کي طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد سان ڀيٽي خوب ڪمال ڪيو آهي. هن جوڳين ۽ آديسين جي ياترائن لاءِ ڪڍيل ڪشالن کي معرفت جي منزل حاصل ڪرڻ وارن سالڪن جي جدوجهد سان ڀيٽي پنهنجي ذات ۽ قابليت جو وڏو ثبوت پيش ڪيو آهي.

شاهه لطف الله قادري جي شاعري جي چوٿين خوبي آهي وراڻ يا تڪرار جو اعليٰ ۽ عمده استعمال. هن پنهنجي ڪلام ۾ وراڻ جا مختلف نمونا پيش ڪري پنهنجي ڪلام کي دلچسپ ۽ دل پسند بڻايو آهي. هن ”حسن حبيبن جي “جي وراڻ کي 31 بيتن ۾ استعمال ڪري وڏو ڪمال ڪيو آهي.

**حسن حبيبن جو پٽون پٽين روءِ،**
**جاري عاشق ٿيا هوءِ، پسي پر پرين جي.**

***-*-***

**حسن حبيبن جي، گرهڻ ڪانه ڳت،**
**ڪا ڪا آهي تِت، سا اندر کُهيو اڏ ڪري.**

***-*-***

**حسن حبيبن جي، پٽو جنين پڙاءُ،**
**سي ويا پاڻ ڳراءُ، پسن ڪين پري ري.**

شاهه لطف الله قادري جي شاعري جي پنجين خوبي آهي نون ۽ نرالين تشبيهن ۽ چوڻين جو نئون ۽ نرالو استعمال.

**الله سندي راڄ ۾، جو ڪٿي سوڪاءِ**

***-*-***

**فنا فاني جي ٿيا، من تِنين سين ميڙ.**
**ڪمتر سي ڏسجن، جنين آهه اوڙاهه جي.**

## شاهه لطف الله قادري جون ادبي ايجادون:

شاهه لطف الله قادري وڏو ذات ڏٽيءَ هو. هن پنهنجي شاعرانه ذهانت ۽ قابليت استعمال ڪري ڪيتريون ئي ايجادون قائم ڪيون ۽ سنڌي شاعري کي سگهارو بنايو.

شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن شاعري جي مقصد کي بيان ڪرڻ جي روايت جو آغاز ڪيو. هوئي هن نئين روايت جو باني مباني آهي. هن جي زير اثر شاهه لطيف ڀٽائي، (Innovation) سچل سرمست، سامي ۽ ٻين شاعرن پنهنجي شاعري جي مقصد کي کُلي طرح بيان ڪيو آهي.

شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن خيالن جي طوالت خاطر سنڌي بيت کي ٻن سٽن جي پابندي کان آزاد ڪري گهڻن مصراعن جا ڊگها بيت تحرير ڪيا جن کي سنڌي يا ڪبت چيو ويندو آهي. ٿتي جي سنڌي شاعرن مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياالدين، مخدوم محمد هاشم، مخدوم عبدالله ۽ ٻين شاعرن لطف الله قادري جي ڊگهن بيتن کي ڪاريگري سان استعمال ڪري ڊگهن بيتن جي شاعري کي عروج تي پهچايو.

شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن "وراڻ" يا "تڪرار" جي روايت جو بنياد رکيو. هن وراڻ جي روايت سان پنهنجي شاعري ۾ رس رچاءَ، لطافت ۽ رنگا رنگي کي ڀرپور نموني ۾ اُجاگر ڪيو آهي. هن جي واٽ تي هلندي شاهه عنات رضوي، شاهه لطيف ڀٽائي، سامي، خليفي نبي بخش لغاري ۽ ٻين سنڌي شاعرن وراڻ جي روايت کي بلندين تائين پهچايو آهي.

شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جي ڪلام ۾ بيت جي ارتقا واريون سيئي صورتون ملن ٿيون. هن بيت کي ٻن سٽن جي بدران ٽن چئن، پنجن ڇهن ۽ ستن سٽن جي بلندي تي پهچايو.

شاهه لطف الله قادري پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن پنهنجن معرفت جي نڪتن جي صداقت، توثيق ۽ تصديق جي لاءِ عربي ۽ فارسي حوالن جو استعمال ڪيو آهي. پوءِ جي شاعرن جهڙوڪ شاهه عنات رضوي، شاهه لطيف ڀٽائي، خليفي نبي بخش لغاري ۽ ٻين شاعرن جا حوالا استعمال ڪري پنهنجي ڪلام کي خوب چمڪايو آهي.

## شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي:

شاهه لطف الله قادري اندازاً سن 1090هه مطابق 1679ع ڌاري وفات ڪئي. شاهه عبداللطيف هن جي وفات کان ٻارهان سال پوءِ 1101هه مطابق 1668ع ۾ پيدا ٿيو. اهو ممڪن ئي ناهه ته شاهه لطيف هن جي عارفانه بيتن کان واقف نه هجي شاهه لطيف جي شاعري جو مطالعو ڪنديِ اهو محسوس ٿيئ ٿو ته نه صرف هو شاهه لطف الله قادري جي ڪلام کان واقف هو پر متاثر به هو. شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ بيان جي وسعت ۽ موضوع جي وضاحت واري نوعيت جو شاهه لطيف جي اسلوب بيان تي چڱو چوکو اثر نظر اچي ٿو.

شاهه لطيف جي بيتن ۾ شاهه لطف الله قادري جي ڪلام جو چٽو اثر پسجي ٿو. اچو ته ٻنهي اساسي شاعرن جي ڪلام کي ڀيٽي ڏسون:

**(1) شاهه لطف الله قادري:**

**اُت آهي عجز سڀ ڪنهن کي، نه ڪري غيرت نه گاءِ**

**شاهه لطيف :**

**مهاڻيءَ جي من ۾، نه غيرت نه گاءِ** (ڪاموڏ)

**(2) شاهه لطف الله قادري:**

**ساهه ۾ سارين سُپرين، پساهه ۾ پسن.**

**شاهه لطيف :**

**ساهه سين سڃاڻان، پساهه سين، پسان پرين.** (آسا)

**(3)شاهه لطف الله قادري:**

**”جتي ڪون“ نہ ”مڪان“ ڪو نڪو ڏينهن ۽ رات.**

**شاهه لطيف :**

**اچي پيئي ڪنن ۾، جتي ڏينهن نہ رات.** (سهڻي)

**(4)شاهه لطف الله قادري:**

**مڙوئي محو ٿيو، نڪا بات خاص نہ عام.**

**شاهه لطيف ڀٽائي:**

**نڪو عام نہ خاص جي ويا سي وڃيا.** (مومل راڻو)

**(5)شاهه لطف الله قادري:**

**نڪو عرش نہ ڪرسي، نڪو ڏينهن نہ رات.**

**شاهه لطيف ڀٽائي:**

**جتي عرش نہ اُپ ڪو ذرو ناهي زمين.** (رامڪلي)

**(6)شاهه لطف الله قادري:**

**جيجان جوڳيئڙن جون، مڙهيون مون مارين.**

**شاهه لطيف ڀٽائي:**

**آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين.** (رامڪلي)

**(7)شاهه لطف الله قادري:**

**اوءِ هيجان هلن حق ڏونه، ٻيون ڏيئي ٻَن.**

**شاهه لطيف ڀٽائي:**

**”هير هلندي هوت ڏي، ٻيون وجهي ٻن.** (رپ)

**شاهه لطف الله قادري:**

**سو سيڪڙو سا سڪ، ڳالهہ مڙوئي هيڪڙي.**

**شاهه لطيف ڀٽائي:**

**سو اوزار سو پراڻ ڳالهہ مڙوئي هيڪڙي.** (سهڻي)

**(9)شاهه لطف الله قادري:**

جنه ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان جان سو نه پسن،
ورهه وهاڻي راتڙي، تان تان سنباسين.

**شاهه لطيف ڀٽائي:**

جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان جان سو نه پسن،
تنا تان سناسين، ورهه وهاڻي راتڙي
(رامڪلي)

**(10)شاهه لطف الله قادري:**

ٻُجهي ٿين اٻوجهه، پاڻ وڃائي پاهنجو،
هوئين جي سٻوجهه، ته ٻُجهه مَ ٻُڙي جيترو.

**شاهه لطيف ڀٽائي:**

پريتڻي پرينءَ سين، سڪڻ ڪي سٻوجهه،
هئي گهڻو اٻوجهه، سورن سنهائي سسئي.
(سسئي)

مٿين مثالن جي پيٽ مان معلوم ٿيئي ٿو ته شاهه لطيف پنهنجي پيشروءَ شاهه لطف الله قادري جي بيتن کان نه رڳو واقف هو پر متاثر به هو. شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه لطيف جي لفظن، فقرن ۽ اهڃاڻن ۾ ڪافي مناسبت آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لفظن ۾ ”شاهه لطف الله قادري جون ڪي ساڳيون مصرائون شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ضم ٿيل آهن، ان کان سواءِ لفظن توڙي معنيٰ جي لحاظ سان پڻ شاهه صاحب پنهنجا ڪي بيت شاهه لطف الله قادري جي بيتن کان متاثر ٿي چيا.

## شاهه لطف الله قادري جي عبارت:

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ لکيو آهي ته ”شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ مسئلي جي اُپٽار نهايت دقيق انداز ۾ ملي ٿي ۽ هن جي سمجهاڻي ايتري عام فهم ناهي جيتري شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ آهي. زبان ان جو پهريون سبب آهي.

اهو اڏ سچ آهي. سنڌي شاعري جو ڏات ڌڻي شاهہ لطف الله قادري نہ صرف بيباڪ شاعر هو پر هڪ وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ هو. هن جي ذهانت ۽ قابليت قابل قدر آهي. هو سوچڻ، سمجهڻ ۽ غور ڪري لکڻ جو عادي آهي. هن جو اسلوب بيان مضمون جي مطابق هوندو آهي. جي مضمون عام فهم ۽ آسان آهي تہ هن جي طرز تحرير بہ عام فهم ۽ آسان هوندي آهي. جي هن جو مضمون پيچيده ۽ ڏکيو آهي تہ هو ڏکئي ۽ دقيق ٻولي استعمال ڪندو آهي. هن جي عبارت مضمون جي مطابق موزون ۽ مناسب هوندي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ موجب ”هو (شاهہ لطف الله قادري) سنڌي بيتن ۾ محض ڪنهن قصي يا ڳالهہ جي بدران معنيٰ ۽ خيال جي اپٽار جو باني مباني آهي. هن عمداً ۽ ارادتاً علم سلوڪ ۽ معرفت جي ڳوڙهن نڪتن کي سنڌي بيتن ۾ ورجايو.“ شاهہ لطف الله قادري جي عبارت عين مضمون جي مطابق آهي. هن جو مضمون سلوڪ ۽ طريقت جي اپٽار آهي. ان جي اپٽار عام فهم ۽ سلولي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ وڏو ڏکيو ڪم آهي. انهي ڪري هن پيچيده مضمون جي اپٽار لاءِ پيچيده ۽ ڏکئي زبان جو استعمال ڪيو آهي. هن رب جي وحدت جو ذڪر مشڪل لهجي ۾ ڪيو آهي.

**”سوئي رزاق رب سو سوئي سو جليل،**
**سو ئي عالم، علام سو، سوئي سو خليل،**
**سوئي هادي، هدايت سا، سوئي سو دليل،**
**جي ڪثير، جي قليل، سو سوئي سپرين.“**

شاهہ لطف الله قادري عام فهم مضمون جي لاءِ عام فهم، سولي ۽ سلوڻي ٻوليءَ جو استعمال ڪري پنهنجي ڪلام ۾ رنگيني دلنشيني ۽ لطافت پيري ڇڏي آهي.

**”سڪ تنهنجي سپرين، ڪيئن لهندي مون،**
**هينئڙي اندر تون، جي جاڳان، جي سمهان.“**

***_*_***

**”سڪ تنهنجي سپرين چريو ڪيئن چت،**
**اور اُيا سپرين سِمث، ٻي ڏونه پسڻ ناه ڪين.“**

**حسن حبيبن جو پسين جي هيڪار،**
**تہ توکي سپ چمار وڃي اُڃ ورهين جي.“**

*_*_*

**حسن حبيبن جو ڏٺو جيئن برق،**
**سي پايو لوڪ فرق سدا پوڻ سڪيا.**

*_*_*

**”نہ گدا نہ گبري، نڪي لاڳاپو سين لوڪ،**
**ساميڙا چڏي ٿوڪ، نانگا نسورا ٿيا.“**

*_*_*

**جيجان جوڳيئڙن جو مون جو ڏٺو حال،**
**ائن ماءِ تن جو مال، نہ ڦيرو اُن کي.**

شاهہ لطف الله قادري پنهنجي عبارت کي حسين، رنگين ۽ دلنشين بنائڻ جي لاءِ تشيهن، محاورن ۽ تجنيس حرفي جو ڪمال ڪاريگري ۽ فني مهارت سان استعمال ڪري وڏا منڍ مچايا آهن. مضمون جي پيچيدگي جي باوجود شاهہ لطف الله قادري عام فهم تشبيهن جي ذريعي ڳوڙهن مسئلن جو سولو ۽ سلوڻو اظهار ڪيو آهي.

**سمنڊ ڪنيو پساهہ، ڪوڙين سج اُڀريا.**

*_*_*

**سيئي وهيا واهڙا، اڏ مئو مهراڻ.**

*_*_*

**سوئي پاڻ ڪوهين، سوئي سمنڊين هوءِ.**

*_*_*

**هيڪڙو سالڪ، ڳالهہ مڙيو ئي هيڪڙي.**

شاهہ لطف الله قادري جا محاورا ۽ تشبيهون پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

**ڳُجهي پريان ڳالهڙي، اوکي پروڙڻ هوءِ.**

*_*_*

**آديسي اوءِ آهن، جن پنهنجو سُبحان پروڙيو.**

***_*_***

**سپيريان جي ڳالهڙي، لکين دليلي.**

***_*_***

**سو پيچرو سا سِڪ، ڳالهه مڙوئي هيڪڙي.**

***_*_***

**آئون گهوريو مٺان تن، جن الله اوڙکيو ڪاپڙين.**

تجنيس حرفي سنڌي شاعري جي سونهن آهي، سينگار آهي ۽ سجاڳپ آهي. شاهه لطف الله قادري ذڪئي مضمون جي باوجود تجنيس حرفي جو عمدو ۽ عاليشان استعمال ڪري ٿو.

**نڪو اوري نه پري، نڪي وچ نه پاند،**
**پري پانهين پاڻ سين، هئن ۽ هيڪاند،**
**نڪو وچ نه وساند، مڙوئي مطلق سو.**

***_*_***

**واجهائيندي وجهلي، ويئڙ ورهه وَهي،**
**هائي سگهان ڪين سهي، ڪئن مڙيو سڄڻين.**

شاهه لطف الله قادري جي عبارت شعور کي جاڳائڻ واري ۽ روح کي ريجهائڻ واري آهي. سندس عبارت جو لهجو ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. عام فهم ۽ سلوڻي سنڌي ۾ هن سلوڪ ۽ طريقت ڳوڙهن نڪتن کي سولي نموني سمجهائي روحن کي روشن ڪيو آهي ۽ پنهنجي ذهانت ۽ قابليت جو حيران ڪن نموني ۾ اظهار ڪيو آهي.

## شاهه لطف الله قادري جي ڪلام جي اهميت:

ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي پنهنجي ڪتاب ”ٻولي“ ۾ لکيو آهي ته ”لطف الله قادري ئي اُهو وڏو ۽ بنيادي سنڌي شاعر آهي، جنهن جي ڪلام تي ئي سنڌي ترقي يافته ۽ سُڌريل شاعري جي ديوار ڪنيل آهي.“

شاهہ لطف الله قادري جون ٽي تصنيفون آهن. جن مان ”منهاج المعرفت“ ۽ ”سنڌي رسالو“ موجد آهن ”تحفة السالڪين“ ۽ ”منهاج المعرفت“ ٻئي فارسي ٻولي ۾ لکيل آهن. انهن ڪتابن ۾ سلوڪ ۽ معرفت جي مختلف مرحلن جي سمجهاڻي ڏنل آهي. شاهہ لطف الله قادري هڪ قابل قدر تعليمي ماهر هو. پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ خود قادري طريقي جي مرشد ۽ شيخ واري منزل حاصل ڪئي. هن ٻين کي سمجهائڻ خاطر ”تحفة السالڪين“ ۽ ”منهاج المعرفت“ فارسي ٻولي ۾ تحرير ۽ ٽيون ڪتاب سنڌي رسالو“ سنڌ جي خواندان جي سهوليت خاطر جوڙيو. هن کي اهو احساس هو تہ سلوڪ جي انهن معنيٰ خيز نڪتن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ سمجهايو وڃي. انهي ڪري هن منهاج المعرفت جي هر باب ۾ هڪ يا ٻہ سنڌي بيت شامل ڪيا. هن جي تصوف واري يادگار ڪتاب ۾ ويهہ يا اُن کان وڌيڪ سنڌي بيت شامل آهن.

سنڌي رسالي جوڙڻ وقت لطف الله قادري کي اهو احساس هو تہ سنڌي ۾ سلوڪ جي نڪتن کي سمجهائجي. هن وڏي چاهہ ۽ شوق وچان مادري ٻوليءَ سنڌي ۾ ”سنڌي رسالو“ جوڙيو. هن رسالي ۾ ست قسم جا باب آهن ۽ ڪل 379 بيت آهن. رسالي جوڙڻ وقت شاهہ لطف الله قادري جو مقصد شاعري نہ مگر تعليم هو. سندس نظريئي مطابق مادري ٻولي ۾ ماڻهو سولائي سان چاهہ منجهان سمجهي سگهن ٿا.

غالباً سنڌي شاعري جي شروعات ٻن سٽن واري صنف ”دوهي“ يا ”ڏوهيڙي“ سان ٿي. سومرن جي دور وارو ”دودي چينسر جو قصو“ دوهن ۾ رچيل آهي. اُن کان پوءِ وارن شاعرن شيخ حماد جمالي، اسحاق آهنگر، ماموئي فقيرن، مخدوم احمد ڀٽي، مخدوم نوح، پير محمد لڳوي، شير علي شيرازن ۽ ٻين بيت کي ٻن سٽن تائين محدود رکيو. حيرت انگيز طور تي شير علي شيرازي جو هڪ بيت چئن سٽن وارو بہ ملي ٿو.

قاضي قادن جو ڪلام بہ ٻن سٽن بيتن تي مشتمل آهي. سندس ڪلام ۾ بيت جي ارتقاءَ واريون سموريون صورتون ملن ٿيون.

شاهه ڪريم جي 92 بيتن مان ٻه بيت ٽن سٽن وارا آهن باقي 90 بيت ٻن سٽن وارا آهن.

شاهه لطف الله قادري پهريون اساسي سنڌي شاعر آهي، جنهن پنهنجي نئين ۽ نرالي ڏات ۽ ڏانءُ جي ذريعي بيت کي ٻن سٽن جي پابندي کان آزاد ڪري اُن کي ٽن چئن، پنجن ڇهن ۽ ستن سٽن تائين فروغ ڏنو ۽ بيت جي آئيندي جي ترقي ۾ وڏو اضافو ڪيو.

شاهه لطف الله قادري جي ٽن سٽن واري بيت کي پڙهي ڏسو.

**هئا جرجي ذات، جر منجهان ٿي لڳيا،**
**عقل وياڄ مَ ان سين، هي جي منجهه منجهائين ويا،**
**هو عينو ئي عين ٿيا، نڪو اسم نه جسم ڪو.**

شاهه لطف الله قادري چئن سٽن وارا گهڻائي بيت جوڙيا. هن چئن سٽن واري بيت کي پڙهو ۽ سرور حاصل ڪريو.

**مئي متي مهراڻ ۾، هي جي پاڻ وجهن،**
**نه سي اوري، نه پري اوءِ اندر وه وجهن،**
**من منجهان منجهه تڪيا، اوءِ منجهان منجهه رهن،**
**سي پيتا تت وچن، ناهه نهايت تنه جي.**

شاهه لطف الله قادري جي پنجن سٽن وارو بيت ڏسو:

**ڄيون جني ادا ڪرين، ڪلمو وحدت پڙهن،**
**هوندا سي هميشه سينءَ، پاسي پاڻ پرين،**
**سو ته سليو عام کي، جيڪين ڪارڻ تن،**
**جتي ’ڪون‘ نه ’مڪان‘ ڪو اوءِ پيتا تت وچن،**
**وادي منجهه رهن، جتي ڏينهن نه رات ڪا.**

شاهه لطف الله قادري ڇهن سٽن وارا بيت به جوڙيا هي هڪ ڇهن سٽن وارو بيت ڏسو:

**گر اڳيان گوڏو هٽي، ڪي جو ٻُڏائون،**
**تنه اوسيڙي اُٿيا، رهه پر رُنائون،**
**پاتائون موڳ تهين، مرڪي مُڏائون،**

**اوءِ چڏي هليا سُپرين، کھ ۾ کندائون،**
**گنگا، گورک، هٽڙي، مڙئي ڏنائون،**
**ماءُ اسي منداڻون، اوءِ نہ پنيون جوڳئين.**

شاھہ لطف الله قادري ستن ستن وارا بہ بيت جوڙي وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو ۽ بيت جي آئيندي کي روشن ڪيو. هن جي واٽ تي هلندي شاھہ عنات رضوي، شاھہ لطيف ڀٽائي، سچل سرمست، خليفي نبي بخش لغاري ۽ ٻين شاعرن بيت جي صنف کي عروج تي پهچايو. شاھہ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ بہ بيت ستن ستن وارا آهن. هڪڙو ستن ستن وارو بيت پڙهي لطف حاصل ڪريو:

**تان ڪو ڏهو پهيڙا، سنبهڙو سندون،**
**ڪئن پانڌيڙا پنڌ ۾، ڪنه پر اهڃاڻون،**
**ڪنه پر هلن حق ڏونهہ، ڪنه پر وصالون،**
**ڪئن فنا ٿيا في الله ۾، ڪنه پر مشاهدون،**
**ڪهڙو حال حقيقت ان جي، ڪهون پنڌ پرون،**
**”لليهم تاويله اِلا الله“ اونهون آنت سندون،**
**ڪو نہ ڄاڻي منجهون، اوءِ ٻُجهڻان ٻهار ٿيا.**

شاھہ لطف الله قادري ستن ستن وارا بيت جوڙي بيت جي دائري ۾ وسعت پيدا ڪئي ۽ ان کي هر قسم جي فڪر ۽ خيال جي اپٽار جوڳو بنايو.

شاھہ لطف الله قادري تجربا ڪري بيت جي سٽاءَ ۾ ڪيئي تبديليون آنديون. هن ڊگها بيت جوڙي بيت کي يارهن مصراعن تائين پهچايو.

شاھہ لطف الله قادري جو ڪلام گهڻن ئي موضوعاتي ۽ فني خوبين تي مشتمل آهي. هن جي ڪلام ۾ سنڌي بيت جي ارتقاءَ جون سموريون صورتون باقائدگي سان نظر اچن ٿيون. سنڌي شاعري جي ترقي ۾ هن ڪيئي ۽ اضافا ڪيا. هن جي سڌارن ۽ واڌارن ڪان سواءِ سنڌي شاعري اڌوري ۽ اڻپوريءَ آهي.

## مددي ڪتاب

(1) ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاري.
(2) قاسم ٻُگهيو. ڇهه ماهي سنڌي ادب. انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي ۾ شايع ٿيل مضمون.
(3) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(4) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. لطيفي لات.
(5) ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو. سنڌي ٻولي ۾ شايع ٿيل مضمون.
(6) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيد اڀياس.
(7) سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.
(8) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. سنڌي رسالوءِ منهاج المعرفت جو مقدمو.

# ميون شاهہ عنات رضوي

(1030-1035هہ، 1120-1125هہ)

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

(1) ”شاهہ عنات جي بيتن جي مضمون رنگارنگي ۽ تنوع آهي ۽ تصوف ۽ اخلاقيات جا مضمون ملن ٿا تہ حسن ۽ عشق توڙي هجر ۽ وصال جو بيان بہ نظر اچي ٿو. سنڌ جي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي جي تصوير بہ ملي ٿي تہ معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو احوال بہ ملي ٿو. نہ فقط ايترو پر رومانوي داستانن جي تمثيلن ۽ علامتن ذريعي هر نڪتي کي چٽائي سان بيان ڪيو ويو آهي.“

**ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس**

(2) ”شاهہ عنات ۽ شاهہ لطيف شعر ۾ هڪ ئي رستي تي هليا آهن اُهائي ٻولي، اهائي بلندي ۽ خيالن جي هڪجهڙائي توڙي دلڪشي. شاهہ لطيف وانگر هن دوهن (بيتن) کي بہ مختلف سُرن ۾ تقسيم ڪيو آهي ۽ سنڌ جي عشقيہ داستانن کي شعر ۾ استعمال ڪيو آهي.“

**سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادب**

(3) ”هو (شاهہ عنات) هڪ اعليٰ درجي جو شاعر هو. هو جوش ۽ جزبي جي حالت ۾ نہ پهہ شعر چئي ڏيندو هو. سندس شعر تمام گهڻو هوندو پر ملي ٿورو ٿو. سندس شعر تصوف ۽ اخلاقيات جو بحر آهي ۽ منجهس نازڪ نڪتا سمايل آهن.“

**ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

(4) ”شاھ عنات هڪ وڏو شاعر آهي جنهن وٽ فڪر ۽ فن جا خزانا آهن. شاھ ڪريم ۽ شاھ لطيف جي دور جي وچ جي ڳنڍيندڙ ڪڙي آهي. عنات شاعراڻي ذات ۽ بلند خيالات سبب هڪ اهم شاعر آهي.“

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

(5) ”ميون شاھ عنات پنهنجي طبعي ذوق سببان شاعر ٿي ساماڻو ۽ شاعري مان ڀرپور حظ حاصل ڪيائين. ميون شاھ عنات هڪ صوفي درويش جي حيثيت ۾ شاعري ڪا نہ ڪئي. بلڪ شاعري جي ذات سندس واسطي درويشي جو باعث بڻي.“

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. ميين شاھ عنات جو رسالو جو مهاڳ**

## زندگي جو احوال:

### رضوي سعادتن جي هجرت:

ميون شاھ عنات رضوي ڪلهوڙن جي آخري دور جو عظيم الشان شاعر آهي. هو نصرپور ۾ رهندڙ رضوي سعادتن جي هڪ برک ۽ بزرگ قبيلي جو فرد هو. ميمڻ عبدالغفور سنڌي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾ مير علي شير قانع جي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ جو حوالو ڏيندي ڄاڻائي ٿو تہ ”شاھ عنات رضوي سيد نصيرالدين رضوي جو فرزند ارجمند دلبند هو. هن جا وڏا مڪي شريف مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا. پهريائين بکر ۾ اچي رهيا ۽ ان کان پوءِ نصرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي.“

### ولادت، تعليم تربيت:

ميين شاھ عنات جي ولادت اندازاً 1030-1035ھ ڌاري ٿي. هن جي والد جو نالو شاھ نصيرالدين ۽ والده جو نالو بيبي حنيفہ آهي. هن جي تعليم ۽ تربيت بابت ڪو بہ مواد موجود ڪونهي. شايد هن پنهنجي مقامي مدرسي مان تعليم حاصل ڪئي. هن مدرسي مان اعليٰ تعليم حصل ڪو نہ ڪئي. رضوي خاندان ۾ فارسي تعليم جو رواج هو. هن ٿوري فارسي ۾

تعليم حاصل ڪئي هجي. سندس والد نصيرالدين جي وفات کان پوءِ شاهه عنات جي تعليم تي اثر پيو هجي.

والد جي وفات کان پوءِ شاهه عنات جي پرورش وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهه ڪئي. خانداني روايتن مطابق شاهه عانت ننڍي هوندي خود خيال ۽ رسمي پابندي کان آزاد هو. هو راڳ ٻڌڻ جو شوقين هو ۽ آزادي سان عام ڪچهرين ۾ اُٿڻ ويهڻ لڳو. هن جو راڳيندڙن سان اُٿڻ ويهڻ عام هو جيڪو هن جي وڏي ڀاءُ ۽ خانداني ڀاتين کي نه وڻندو هو. هڪ موقعي تي شاهوڪن ۽ ڇچرن جيڪي نصرالدين جا ساهرا ۽ سندس وڏي ڀاءُ جا ناناڻا هئا، شاهه عانت کي ٽوڪيو. شاهه عنات شاهه نصيرالدين جي پوڪيل نم جي سامهون هي بيت چيو:

نم ڪجئين نياءَ، اسان جو عنات چئي،
جنهنءَ توکي پوکيو، آهيان اُن جو وياءُ،
شاهوڪائي باهه، وسمي ورهين ڪي.

چون ٿا ته شاهه عنات جي پاراتي سبباً ڇچر توڙي شاهوڪ بدحال تي ويا.

## جواني، شاديون ۽ شغل:

سترهن سالن جي وهي ۾ شاهه عنات ڇوڪراٽي وهي مان نڪري جواني واري دور ۾ داخل ٿيو. هو ننڍي هوندي کان خود خيال هو ۽ رسمي پابندين کان آزاد هو. هو عام ڪچهرين جو ڪوڏيو هو. راڳ سان ڪيس دلچسپي هئي ۽ بيت به چوندو هو. هو پنهنجي وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهه جي ضابطي جو محتاج نه هو. انهي ڪري هن جواني واري دور ۾ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجا تعلقات وڌايا ۽ مريد خادمي جو سلسلو جدا طور قائم ڪيو.

شاهه عنات ٽي شاديون ڪيون. هن کي ٻلن وهڻ جو شوق هو. هن ٻلا گهوڙا ۽ گهوڙيون ڌاريون. شاهه عنات ٻلن گهوڙن بابت هي بيت سرجيو:

رنگ روجهو رهوار، قد پورو، ڪاسو چري،
منهن مينو نه آگري، سنئون تيز سچار،
هينئڙي ٿئي قرار، اهڙي اسب عنات چئي.

پلي گهوڙي جي وصف ۾ چيل هي بيت بيمثال آهي. گهوڙن ۽ گهوڙن کانسواءِ شاهه عنات وٽ ٻيو مال بہ جهجهو هو. مينهون ۽ اُٺيون گهڻيون هيون. ارڙهن کان چاليهن سالن تائين اِهو دور هو. انهي دور ۾ سنڌ تي مغلن جي حڪومت زوال پذير ٿي رهي هئي ۽ ڪلهوڙن ميان نصيرالدين جي اڳواڻي ۾ اُسرڻ شروع ڪيو.

## درويشي ڏانهن لاڙو:

جواني جي موٽ کان پوءِ شاهه عنات درويشن ۽ بُزرگن طرف متوجہ ٿيو. هن عرصي ۾ هو گهڻو وقت درگاهن ۽ درويشن جي زيارتن, مريدن سان محبت ۽ سير و سفر ۾ گذاريندو هو. هن دور ۾ شاهه عنات درويشن جي شان ۾ بيت جوڙيا. هن دور ۾ سندس شاعري جي شروعات ٿي.

هن دور ۾ هن ملتان ۾ شاهه خيرالدين جي درگاهه ۽ ملتان ۾ بهاؤالدين ذڪريا ۽ رڪن الدين جي روضن جون زيارتون ڪيون. هن دور ۾ هن ملتان جي گادي وارن ۽ ٻين بزرگن خاص ڪري پاون شاهه, محمد غوث ضياالدين, محمد باقر سان پاڻ مليو ۽ مقيدتمندي سان سندن گيت ڳايائين. هن پنهنجي سرجيل سرود ڏنا سري ۾ انهن درويشن کي خوب ساراهيو آهي.

**”غوثان ختم بهاؤالدين نبيان ختم رسول.“**

***-*-***

**”روضو رڪن شاهه جو، گوهر مٿس گُل،**
**شعاع جا، سيد چئي، هاتڪ ڪرين هُل.“**

***-*-***

**غازي محمد غوث کي، اکڙين لال مٺان.**
**تنهنجي پاون شاهه پلائي، سڄي سيئي ديس ۾.**

## سياسي شعور رکندڙ شاعر:

60-70 سال واري دور ۾ شاهه عنات سياسي شعور جو مظاهرو ڪري سيني کي حيران ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ معلن جي حڪومت زوال پذير هئي.

ڪلهوڙن ميان نصيرالدين جي اڳواڻي ۾ پنهنجي طاقت کي گڏ ڪيو. آزادي پسند عوام هن جو ساٿ ڏنو. هن ڪاڇي تي قبضو ڪيو ۽ چانڊڪا (لاڙڪاڻو) تائين پنهنجي طاقت جو دائرو وڌايو. سندس شهرت سڄي سنڌ ۾ عام ٿي ويئي. شاهه عنات پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ مشهور بزرگ هو جنهن حب الوطني جي جزبي تحت ميان نصير محمد جي پنيرائي ڪئي ۽ هيٺيون بيت دعا طور چيو:

**نسرئو نصير، چانڊڪي ۾ چند ٿي،**
**ڪاڇو ڪوڙي ۾ ڪري، ملي ويٺو مير،**
**دمامي جي دؤنس سان، ڦري ٿيو صمير،**
**آهي هي عنات چئي، سندو سنڌ همير،**
**سي وٺا هلي ڏاڍري، ڪٽي ڪروڙئون ڪير،**
**تن کي گڏيو ڪين گس تي، بد نہ بدگير،**
**تن کي گيو ڪين گس تي، بد نہ بدگير،**
**خاصي خداآباد منجهہ، عطر ۽ عنبير،**
**جان جان ندي نير، تان تان طيل تنهنجي تجلو.**

هي دعائيہ بيت ٻڌائي ٿو تہ شاهہ عنات کي پنهنجن وطن ۽ آزادي پسند ماڻهن سان ڪيڏي نہ همدردي هئي. بيشڪ هو هڪ محب وطن شاعر، بزرگ انسان هو.

## مٺا مريد، پيارا دوست:

ميون شاهہ عنات فطرتاً نيڪ ۽ صالح شخص هو. هو پيد ياءُ کان گهڻو مٺاهون هو. هن جي محبت سيني ماڻهن جي لاءِ هئي ۽ سڀيئي ماڻهو بہ هن سان عقيدت ڀري محبت ڪندا هئا. درگاهن تي زيارتن جي سببان هن جا معتقد وڌيا. مريدن جي دعوتن تي ڳوٺن ۾ واهڻن ۾ سير و سفر جو سلسلو اختيار ڪيو. هن کي رمضان ۽ پيرو ڪٽيءَ سان خاص محبت هئي.

پيرو ڪٽيءَ سان شاهہ عنات کي خاص محبت هئي پيرو ڪٽيءَ هڪ سنو سگهڙ هو. لوڪ ادب جي سلسلي ۾ شاهہ عنات ۽ پيرو ڪٽيءَ جون

ڪچهريون مشهور هيون. هو هڪ ٻئي کي سوکڙيون بہ موڪليندا هئا. پيرو ڪٽي جي موڪليل پيروئن جي سوکڙين کي شاهہ عنات ڏاڍو ساراهيندو هو.

**پيرو پيرون موڪليا، موتين جان موچار،**
**تن ۾ اڇا، ڳاڙها، ڪارا پيار رنگ دار،**
**اي ڪٽي خبردار، هوندين شال حضور ۾.**

معاشي بدحالي جي دور ۾ شاهہ عنات هن جي لاءِ هي دعائيہ بيت پڙهيو ۽ هن جي بدحالي دور ٿي ويئي.

**ڪٽي ڪيت م ڪير، توڙي سونا ئي سڳڙا،**
**هيج منجهارئون هٿڙا متي پيندءَ پير،**
**پيءَ ڏاڏي جي پير، سکيو هوندين، سيد چئي.**

## شخصيت:

ميون شاهہ عنات هڪ خود خيال ۽ آزاد طبع شخص هو. هن جو سينو محبت سان ٽمٽار هو. هو پنهنجن مريدن ۽ معتقدن سان بنان تڪلف جي دوستن وانگر ملندو هو. پنهنجي مرشد خيرالدين سان سندس دلي محبت هئي. پنهنجن وڏن جي مرشدن لاءِ عزت هئي ۽ ٻين درويشن سان ڪيس محبت هئي. هو سنڌ جي هر فقير جو احترام ڪندو هو. جوڳين، سامين ۽ آديسسين سان محبتون ڪيائين. هو توحيد جو طالب هو ۽ توحيد ئي سندس مول مقصد هو.

**”توکان مڱان تون آهين، ٻيو در کو نہ سڃاڻان.“**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي اها راءِ وزندار آهي تہ ”ميين شاه عنات صوفي درويش جي حيثيت ۾ شاعري ڪا نہ ڪئي، بلڪ شاعري جي ذات سندس واسطي درويشي جو باعث بڻي.“

## وفات:

جانداني روايتن مطابق ميون شاهہ عنات هجري سن 1120-1125هہ ۾ 90 سالن جي وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. شاهہ عانت جو روضو سندس پيءَ

نصيرالدين شاهه جي روضي سان گڏ شيخ موسيٰ جي قبرستان (ٽنڊي الهيار کان 5 ميل اُتر طرف ڳوٺ ڀورل شاهه) لڳ آهي، جتي ڪيترائي ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن.

## نيون روايتون سرجيندڙ شاعر:

عام سنڌي قصن ۽ داستانن جي تاجي پيٽي ۾ اُٽيل سروار بيتن ۽ واين جي سٽاءَ ۾ سمايل سنڌي شاعريءَ جو لنواريندڙ ۽ سينگاريندڙ ميون شاهه عنات رضوي هو. هن کان پوءِ شاهه عبداللطيف سنڌي شاعري کي اوج تي پهچايو.

(1) ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن مڪمل سنڌي رسالو جوڙيو. هو رسالي جوڙڻ جي روايت جو باني آهي. رسالي جوڙڻ جي لاءِ پهرين عوامي قصن ۽ داستانن کي سرودن / سُرن ۾ ورهائبو آهي. اُن کان پوءِ هر سرود / سُر کي فصلن ۾ ورهائبو آهي. هر فصل ۾ پهرين بيت هوندا آهن ۽ انهن جي پويان وائي / وايون هونديون آهن. شاهه عنات جي رسالي ۾ 22 سرود آهن. سرود ڪليان، سرود جمن، سرود ڪنڀات، سرود سريراڳ، سرود رامڪلي، سرود مارئي، سر پرڀات، سرود ڏناسري، سرود جيسري، سرود پورب، سرود ليلا، سرود آسا، سرود ڪاپائتي، سرود ڏهر، سرود مومل راڻو سرود بلاول، سرود سسئي، سرود سورٺ، سرود سارنگ، سرود توڏي، سرود ڪاموڏ ۽ سرود ڪارائڙو.

(2) ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن مجازي حسن ۽ عشق جي موضوئن تي شاعري ڪري، سنڌي شاعريءَ ۾ رنگيني، لطافت ۽ سحر انگيزي جو اضافو ڪيو.

(3) ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن تصوف ۽ اخلاقيات سان گڏوگڏ سنڌ جي سورمن ۽ سورمين کي پنهنجي ڪلام ۾ جڳهه ڏيئي سنڌي شاعري ۾ نوان مضمون ۽ عنوان قائم ڪيا.

(4) ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن بيتن ۾ وسعت پيدا ڪري، ان جي دائري کي وڌايو آهي.

(5) شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن سنڌي سورمن ۽ سورمين جي باري ۾ گهڻا بيت چئي انهن جي قصن ۽ داستانن کي مڪمل ڪيو.

(6) شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن وائي جي صنف کي سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ڪيو هو وائي جي صنف جو باني مباني آهي هن ڪل 42 وايون سرجيون.

(7) شاهه عنات رضوي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ٻاهرين توڙي ديسي بزرگن ۽ درويشن کي ساراهڻ لاءِ "سرود ڏناسري" لکي مدح جي صنف کي چمڪائڻ جو وڏو ڪم ڪيو

.

## ميين شاهه عنات جي شاعري:

ميون شاهه عنات ڪلهوڙن جي اوائلي دور جو عظيم شاعر ۽ تخليقي سرجڻهار آهي. هن عام سڌي قصن ۽ داستانن کي سروار بيتن ۽ واين جي سٽاءَ ۾ سموهي سنڌي شاعري کي خوب سنواريو آهي ۽ سينگاريو آهي. هن قصن ۽ داستانن جي سورمن ۽ سورمين کي نيون شڪليون ۽ صورتون بخشي لاجواب ڪردارن جي قطار ۾ بيهاريو آهي.

ميون شاهه عنات هڪ وڏو تخليقي شاعر آهي. هن وٽ فڪر ۽ فن جا خزانا آهن. هو شاعراڻي ذات ۽ بلند خيالي جي ڪري هڪ نامور ۽ قابل قدر شاعر آهي. هن پنهنجي شاعري کي سرودن ۾ ترتيب ڏيئي، سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين تحريڪ جو آغاز ڪيو آهي.

ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن رسالي جوڙڻ جي روايت جو بنياد رکيو آهي. اِهو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. اسان جا جديد سنڌي شاعر نوَن موضوعن ۽ نون عنوانن تي سُر سرجي رهيا آهن. اُهي شاهه عنات جي قائم ڪيل راهن تي هلندي جڻ هن کي خراج تحسين پيش ڪري رهيا آهن.

ميين شاهه عنات سنڌي شاعري ۾ نوان موضوع ۽ عنوان قائم ڪري شاعرن جي لاءِ نيون راهون روشن ڪري ڇڏيون آهن. هن مجازي حسن جي ساراهه ۽ اُن جو ڪليو سريلو ۽ موثر اظهار هن جي شاعري جو نئون ۽ نرالو عنوان آهي.

ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ”سرود ڏناسري“ جوڙي اُن ۾ ٻاهرين توڙي ديسي ولين ۽ درويشن کي عقيدت سان ساراهي، سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو آهي.

ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن وائي جي صنف کي سنڌي ٻولي ۾ رئاج ڪيو. هو وائي جي صنف جو موجد آهي. هن جون ڪل 42 وايون مليون آهن. اُهي فني ۽ موضوعاتي لحاظ کان سريليون آهن، رسيليون آهن ۽ اعليٰ معيار جون آهن.

شاهه عنات وطن جي ماڻهن کي خوب ساراهيو آهي. ”سرود سارنگ“ ۾ هن ٿر جي ماڻهن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هي ماڻهو ڏرتي ڄاوا آهن. محنت ڪش آهن ۽ اُدم (پورهيو) انهن جو سرمايو آهي. ”سرود مارئي“ ۾ شاهه عنات ٿر ۾ رهندڙ ماڻهن جو خوب ذڪر ڪيو آهي. ڪڪائن جهوپڙين ۾ رهندڙ ٿري ماڻهو جهوپڙين کي محلن سان مٽائن کي عيب سمجهن ٿا. روزگار انهن جو وڏو مسئلو آهي. اُهي مالدار آهن. انهن جو جيئڻ مرڻ برساتن تي منحصر آهي. شاهه عنات ٿر جي ڳاهن، ولين ۽ ٻوٽن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

کهه، ڪوڙي، ڍهه مڪٽي، جت ڳاڱيون ڳم ڳنڌين،
پيريو پُرٽ، پچٽي، ميڙين منجهه ملير،
هُلرو لُلرو لنب لاٽي، هنجن واڇوٽو وير،
ڊيڀي، ڊامن، ڊڪٽي، ڪانُو ڪرٽو ڪرير،
سڻ، سيارچ، ساڏوهيون، ساريان منجهه سرير،
تن کي واحد مينهن وسايا، ٿا هرئا ٿر ڊير،
سيد چئي ساٽيهه جي گهر ڪٽيرين ڪير،
ثابت رکي سير، پرچي اوءَ پنهوار سين.

ٿر جا ماڻهو ڳاهن، ولين ۽ ٻوٽن کي مال کي کارائيندا آهن، ڏٽ طور هو پاڻ به کائيندا آهن ۽ انهن مان ضرورت جوشيون به ٺاهيندا آهن. ٿر جا ماڻهو غريب آهن، لاچار آهن پر وڪائو هال ناهن هنن کي پنهنجن ريتن، رسمن ۽ روايتن جو وڏو قدر آهي.

شاهه عنات پنهنجي شاعري ۾ نج اصلوڪا سنڌي لفظ ڪم آڻي اِهو ڏيکاريو آهي تہ نج سنڌي لفظ اسان جا پنهنجا آهن، اسان جي سڃاڻ آهن. اُهي اسان جي جذبن کي سهڻائي ۽ چٽائي سان ظهار ڪري سگهن ٿا. اُهي اظهار- بيان جا مُوثر ذريعا آهن.

شاهه عنات پهريون سنڌي شعار آهي، جنهن ”سرود توڏي“ ۾ سهڻي کي ايترو گهڻو ڳايو آهي. سهڻي جي ٻڏڻ بعد سندس ٻيڙن جي خوشبوءَ ۽ ٻهڪاءُ سان سڄي سائر جي سرهي ٿيڻ واري نازڪ نڪتي جو بيان ڪيو آهي.

پُڇو پاڻي وارين تہ هي زر جبات ڪٿا،
لهرين لوڏي جو مُڪو، ٻيڙو مُنڌ مُلا،
اولن منجهہ عنات چئي، ڪٿوري ٻهڪا،
سائر سوهڻا، سپوئي سرهو ٿيو.

شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جوڳين، ڪاپڙين ۽ سنياسين کي تفصيل سان ڳائي سنڌي شاعري کي نئون موضوع فراهم ڪيو آهي. ”سرود رامڪلي“ ۾ شاهه عنات اُنهن جي تيرٿن ۽ تڪين جو ذڪر ڪيو آهي. هن ماه جوڳين گرو گنات ۽ ويرنات کي نالا کڻي ڳايو آهي.

شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن هنجهن کي ڳائي سنڌي شاعري کي نئون عنوان عطا ڪيو آهي. هنج جيڪي اوچي ذات ۽ منڙي لات وارا آهن، جن جو اصلي وطن روهہ آهي. اُنهن ۽ انهن جي هارين ۽ شڪارين جا تفصيلي احوال ”سرود ڪارائڙو“ ۾ بيان ڪيا آهن.

قرب جي قاصد ڪانگ کي شاهه عنات پهريون ڀيرو پنهنجي شاعري ۾ ڳايو آهي ”سرود پورب“ ۾ شاهه عنات ڪانگل کي ساراهيندي خوب چوي ٿو:

چڙهبو منهن چوُنهن، ڪانگل جي ڪُنڊ لَئين،
ميان مون من موهيو، جتي سندي سونهن،
اُني جو عنات چئي، ويبهي ڪر ورهون،
اوڏو ٿي، چئو اُنئن، سنيها سيڻن جا.

شاهه عنات ”سرود بلاول“ ۾ سخي ابڙي کي خوب ساراهيو آهي، جنهن سر ڏنو پر سامون نه ڏنيون.

**سمن سهجن ۾، جکري جهو نه هوءِ،**
**سيد چئي، سوالين کي عاقل ائين هي چوءِ،**
**جنينءَ گهرجي جن کي، تن کي ڏيان توءِ،**
**سام سمي جي هوءِ، جيکي ٿئي جهان ۾.**

شاهه عنات سنڌي شاعري ۾ نوان نڪتا پيدا ڪيا، اُن کي عوام ۾ مقبول بنايو آهي. هن عوام جي جذبن جي اظهار لاءِ نوان مثال، نيون ترڪيبون ۽ نوان محاورا گهڙيا آهن جيڪي سنڌي شاعري کي سينگارن ٿا ۽ اُن ۾ نوان آٽي اُن کي مقبوليت جي مٿاهين درجي تي پهچائن ٿا.

مٿين شاهه عنات سنڌي شاعري کي مقبول بنائڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو آهي. هن رسالو جوڙيو آهي، سرود سرجيا آهن، بيت لکيا آهن، وايون گهڙيون آهن ۽ ڪيئي نيون روائتون گهڙي سنڌي شاعري کي مالا مال ڪيو آهي. اسان جا شاعر هن جي ادبي ڪارنامن کي ڪم آڻي، شاعري ڪري رهيا آهن ۽ ڪندا رهندا.

## بيتن ۾ وسعت پيدا ڪرڻ:

شاهه عنات جو ڪلام سندس زندگي ۾ شايع نه ٿي سگهيو. سن 1182هجري ۾ مير علي شير قانع ”تحفة الڪرام“ لکي پورو ڪيو. جنهن ۾ هن شاهه عنات رضوي جي باري ۾ لکيو ته ”هو سنڌي زبان جو ڪامل شاعر ٿي گذريو آهي ۽ سندس بيت معرفت جي صاحبن جي زبان جو ورد آهن ۽ يقين جي حقيقتن کان واقف ڪندڙ آهن.

## عوامي قصن کي عنوان ۾ سموهڻ:

شاهه عنات کان اڳ ۾ ڪن سنڌي شاعرن توحيد ۽ طريقت جي تبليغ لاءِ عوامي قصن جو استعمال ڪيو. معين علي شيرازي، شاهه ڪريم ۽ ٻين جي بيتن ۾ عوامي قصن ۽ داستانن جهڙوڪ مورڙو ۽ مڇ، سسئي پنهون، عمر

مارئي، ليلان چنيسر، مومل راڻي، سهڻي ميهار، ڪاهوڙين ۽ سپڙ جام جا اهڃاڻ ملن ٿا. ميون شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن انهن قصن سان گڏ سنڌ جي ٻين مشهور داستانن سورٺ راءِ ڏياچ، نوري ڄام تماچي، ڪاري ڪِرائن، سامين ۽ پوربين، آترڻ ۽ ڪاپائتين، لاکي ۽ ربارين، ابڙي، سامن ۽ جکري ۽ ڪرن جهڙن سخي مردن کي دل کولي ڳايو. شاهه عنات سنڌي شاعري کي انهن عنوانن ۾ سموهي نه فقط هڪ نئون ۽ وسيع ميدان هموار ڪيو بلڪ انهي رسم ۽ راهه کي آئنده لاءِ شاهه راهه بڻائي ڇڏيو.

## بيان جي ڳوڙهائي:

شاهه عنات بيت، مولود ۽ وايون جوڙي، انهن ۾ بيان جي ڳوڙهائي، رواني ۽ رنگيني پري عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هي مثال بيان جي ڳوڙئي، رواني ۽ رنگيني جا اهڃاڻ آهن.

ڪٺ کهونم، نيٺ تڙ، جت ورک وسيهر ويڙ،
اونهان ڪن، عنات چئي، پون پورائين پيڙ،
سا منڌ ميين سين ميڙ جا واقف نه وڻڪار جي
(سرود ديسي)

نوکنڊ ناڏ ٿئا، ڪٿا وڄن ونڪا وسين،
پلٽيا پارون ڪري، مٿي نوٽن نيس،
اهڙو اوطاقن ۾، ماري وينا ميس،
سڄڻ ديسان ديس، پکا رکن پاڻ ۾.
(سرود سارنگ)

سائر لهرون، ريج وڻ، جيئن سي پکين پک،
وڏا وڻ ويڙين ۾، ڪير ڳنيندو ڪک،
اونهون ڏيهه عظيم جو پيم تان نه پرک،
تهان مٿي لک، پال پلي جا پانيان.
(سرود ڪلياڻ)

## بيان ڪرڻ جو فن:

ميين شاهه عنات پنهنجي مضمون کي نيائڻ لاءِ لفظن ۽ محاورن جو وڏو ذخيرو هٿ ڪري، سنڌي شاعري ۾ وڏي وسعت آڻي بيان ڪرن جي فن کي موثر ۽ سگهارو بنائي وڏو ادبي ڪم سرانجام ڏنو آهي. انهن سهڻن مثالن جو مزو ماڻيو:

چرخو ائين چور، جيئن پُون پٽڪو نه سُٽي.

*_*_*

ڪانگ تنهنجي چانگ، منهنجو جڏو جيءَ جياريو.

*_*_*

هن سر آئي ڪو، آب اڃيو ئي نه رهي.

*_*_*

وليون ٿيون ويهين، اُتا مينهن، عنات چئي.

*_*_*

تارا اوتارا، ونيون وچاڻو پرين جو.

## وائي جي شاعري:

موجوده ڄاڻ مطابق وائي جي صنف جو باني مباني ميون شاهه عنات آهي. هن ڪل 42 وايو لکيون جيڪي سندس رسالي ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“ ۾ شامل آهن.

## وائي هڪ عوامي صنف:

ميين شاهه عنات وائي جو قالب گهڙيو. اُن کي سنڌي ثقافت جو ويس پارايو. لفظن جي لئي کي وائي جي لئي سان هم آهنگ ڪيو. اُن تي سنڌ جي سماجي، معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي جڙت ڪئي. اُن کي مجازي حسن ۽ عشق جي رنگن ۾ رنگيو ۽ عام ماڻهن جي سادي سلوڻي ٻوليءَ جي ذريعي عام ماڻهن جي جذبن، احساسن، فڪر ۽ نظرين جي اظهار جو هڪ موثر ۽ بي بها ذريعو بنايو.

## وائي جا رنگ:

ميون شاهه عنات هڪ صاف دل شخص ۽ ڪليل دل وارو انسان دوست شاعر آهي. هن مولود، بيت ۽ وائي جي صنفن کي خوب ترقي ڏياري. هن سوچي سمجهي وائي جي سٽاءَ جوڙي ۽ ان ۾ تجربا ڪري وائي کي مقبول صنف سُخن بنايو. هن جون وايون، فني توڙي موضوعاتي طريقي سان اهم آهن. هن جون وايون حمديا آهن، نعتيه آهن، نصيحت واريون آهن ۽ غنائي آهن. سنڌ جي عوامي قصن جهڙوڪ سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، عمر مارئي، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي وغيره تي رچيل آهن. جيڪي مجازي حسن ۽ عشق جي رازن ۽ رمزن کي اجاگر ڪن ٿيون.

## هيئت ۾ تجربا:

شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ۾ وائي جي هيئت، فن ۽ موضوعاتي حيثيت کي اوج تي پهچايو. هن جي واين ۾ 1 کان وٺي 16 مصرائون هونديون آهن.

## وائي جي سٽاءَ:

وائي جي سٽاءَ سادي، سولي ۽ سلوڻي آهي، هن جي وائي جي پهرين اڌ کان پوءِ قافيو ايندو آهي ۽ پويون اڌ بنان قافيي جي هوندو آهي.

(1) منهنجي سيد سار لهندو مونکي آهي اُميد الله ۾،

(2) ساريان ملڪ ملير پيرون، کيرون، جيڏيون.

ڪن واين ۾ ٽلهه جي پوئين اڌ کان پوءِ قافيو ايندو آهي جيڪو وراڻي طور ڪم ايندو آهي.

(1) چانگي چرو چڪيو ڪي جو ڪاڪ تڙاءَ.

(2) جو سر سرهو، نجهه اُتي ئي هون.

شاهه عنات ٽلهه جي وچ ۾ قافيا آڻن سان گڏوگڏ قافين جي ڪمال ڪاريگريءَ سان مٽ سٽ ڪري وائي جي لئي ۾ نوان رنگ ڀري وائي کي وڌيڪ دلچسپ ۽ دلپذير بنايو آهي.

(1) چوندیس حال پنهوار،
جي ٽر وڃان، ڀائر وڃان، آءُ اڃان.
*-*-*

(2) ٽي من موهيو چار،
جو سونهن سِين ۾ وِتري گنڊري
ٽي من موهيو چار.

## وائي ۾ موسيقيت:

شاهه عنات راڳ جو ڄاڻو هو. هن وائي جي لفظن کي وائي جي لئي سان هم آهنگ ڪري وائي ۾ دلفريبي ۽ سحر انگيزي آندي هن وائي کي ڳيچ جي لئي ۾ سرجي وڏو ۽ ڪارائتو تجربو ڪيو آهي ۽ وائي ۾ رس ۽ رچاءَ پيدا ڪيو آهي. شاهه عنات وائي جي لفظن ۽ وائي جي لئي کي هم آهنگ ڪرڻ واري روايت جو پهريون شاعر آهي.

## مشهور وايون:

شاهه عنات جون وايون اڄ بہ ذوق سان پڙهيون وڃن ٿيون. جديد سنڌي شاعرن تي انهن جو اثر چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اچو تہ هن جي ڪن واين کي پڙهون ۽ حظ حاصل ڪريون:

(1) ڪاجا ڳالهہ ڪيائون، يا الله، مون من تهين موهيو.
(2) اي ميان، اَسونهن ڏيکار، پريان سندو پيچرو.
(3) جو سر سرهو سوجهرو، هنج اُتيئي هون.
(4) مٺو م ڪينڪار، يار، اڃان دان ڏيندو سين، مڱڻا.
(5) پرين گهر پيهي چنيس، هار هٿان مون چڙيو.

ميون شاهه عنات وائي جي صنف جو روح روان آهي. هن راڳ جي ڄاڻ ۽ ميوسيقيت سان محبت جي ذريعي وائي کي سرجيو، سنواريو ۽ اُن کي سينگاري ڪلاسيڪل شاعري جي هڪ مقبول صنف بنايو آهي.

## راڳ جي ڄاڻ:

ميون شاهه عنات راڳ جي ڄاڻ رکندڙ شاعر آهي. هو راڳ جي محفلن ۾ اُٿندو ويهندو هو. اُنهن ڪچهرين جي ڪري هن راڳ ۾ ڪافي ڄاڻ ۽ پروڙ حاصل ڪئي. هن پهريون ڀيرو بيتن ۽ واين کي سرودن ۾ سموهيو جن مان ڪلياڻ، ڪنيات، رامڪلي، پرڀاتي، ڌناسري، پورب، آشا، سورٺ، سارنگ ۽ ڪاموڏ تسليم شده راڳ ۽ راڳڻيون آهن. سندس راڳ ۽ سُرن جي ڄاڻ انهي ۾ ان مان ظاهر آهي جو بيتن ۾ "وهاڳ" جو نالو استعمال ڪيو آهي:

**جيائين جان چارڻ، يان ويلالهه وهاڳ جي،**
**جاجڪ آهي ذات تہ ويلا لهه وهاڳ جي.**

جيستري جو نالو پهريون ڀيرو شاهه عنات استعمال ڪيو. جيستري پوربي ٺاٺ مان هڪ راڳڻي آهي. سرود ڌناسري ۾ ٻيچ جي لئي ۾ رچيل وائي هن جي راڳ ۽ سرن جي ڄاڻ جو چٽو ثبوت آهي.

**مينڌي لال لائينديون، سهيليون،**
**هٿ گل هار گلاب بني تي،**
**سيد شهباز لال قلندر، در دولهہ تي ايندڍيون.**
**ميندي لال لائينديون.**

شاهه عنات سيني رنگن ۾ رنگجي شاعري ڪئي آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ توحيد ۽ اخلاقيات، سلوڪ ۽ نصيحت جا نڪتا بہ استعمال ڪيا آهن ۽ عوامي قصن ۽ داستانن کي بہ خوب ڳايو آهي ۽ سنڌي شاعري جي عنوانن کي وسعت بخشي آهي. بيتن ۾ مجازي رنگ جي شاعري ڪري انهن کي خوب چمڪايو آهي.

شاهه عنات واين جي سٽاءَ ۾ ڳائڻ جي لئي پِري آهي. هن جا پيشرو شاعر قاضي قادن، شاهه ڪريم اصولي طرح صوفي ۽ درويش هئا، جن سلوڪ ۽ طريقت جي نڪتن کي بيان ڪرڻ خاطر بيت چيا. سندن واسطي شاعري مقصد نہ پر ذريعو هئي. شاهه عنات لاءِ شاعري ذريعو نہ پر هڪ واضح مقصد آهي، جنهن جي ذريعي هو انسانن جي جذبن، احساسن ۽

ويچارن کي ظاهر ڪري انهن کي انسانن جي قطار ۾ بيهاري، اُنهن جي عظمت کي اُجاگر ڪرڻ آهي.

## مجازي رنگ واري شاعري:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي چوڻ مطابق ”مجازي حسن جي اُپٽار ۽ مجازي حسن جي واکاڻ شاهه عنات رضوي ڪئي.“ هن سر ڪنيات ۾ چانگي تي چڙهي محبوبن سان ملاقات جو مانداڻ منديو. شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن مجازي حسن جي تعريف ڪرڻ ۽ اُن جو ڪليو اظهار ڪرڻ جي نئين روايت جو سنڌي شاعري ۾ بنياد وڌو. انهي ڪان اڳ ۾ سنڌي شاعري جا موضوع هئا تصوف ۽ اخلاقيات شاهه عنات بيتن جي موضوئن ۾ نواڻ ڪم آڻي سنڌ جي سورمن ۽ سورمين جي سونهن ۽ سينگار کي خوب ساراهيو آهي.

## مجازي سونهن ۽ سينگار جي ساراهه:

شاهه عنات مجازي حسن کي ساراهي بيتن جي عنوانن ۾ وڏي وسعت آندي آهي. سرود ڪنيات مجازي حسن جي واکاڻ جو شاهڪار آهي.

**چنڊ چوڏس اُڀري، سهسين ڪري سينگار،**
**پلڪ پريان جي نه پُڄي، جي حيلا ڪري هزار،**
**جهڙو سڀ چمار، تهڙو دم دوس جو.**

## مارئي جي مجازي سونهن جي ساراهه:

شاهه عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سرود مارئي ۾ مارئي جي مجازي سونهنءَ جو اُپٽار ڪيو آهي.

**”ڪوٽي ٻانهون ڏي، لوڪان ليکي وڃڙي“**

***_*_***

**”جڏ مارئي مٿو ڌوءِ، تڏ سورج سونهنءَ جهڪي ٿئي.“**

***_*_***

**اُڀي جوهي جهوپڙين، سڻ ڏيئي سڻ جهَل،**
**پدمڻ جو پڌرو ٿيو، تنهين مُنهن مَهل،**
**وڃون وسڻ آيون، اِن اباڻي اهل،**
**ڪامل ٿئي ڪهل، سورج جي شرماڻ جي.**

## مومل ۽ سهيلين جي سونهن جي ساراهه:

شاهه عنات ”سرود مومل راڻو“ ۾ مجازي سونهن کي خوب ساراهيو آهي.

**راڻو ريجهايو جيڏيين، سڻ پٽن سندا پار،**
**ڪن سينگار سيد چئي، وجهن هزاري هار،**
**وارو سيهر اڳرا، مٿي ڪيس ڪپار،**
**هئا سائو سُوار، پر مومل ماڻي مينڌري.**

شاهه عنات مومل ۽ هن جي سهيلين جي سونهنءَ ۾ سينگار کي خوب ساراهيو آهي.

**گلبدن جون گُجريون، ارم اوڏيائون،**
**چوٽا تيل ڦليل سين، واسينگ ويڙهيائون،**
**مُشڪ محبت پاڻ ۾ لڳين لايائون،**
**ڪوڏان پوتائون ڪچئان، سيلا سنڌيائون،**
**اهڙي پر، عنات چئي، راڻو رانيائون،**
**سو موٽي ڪين ۽ پاهون، جو وچي ڪاڪ قراريو.**

شاهه عنات جي شاعري ۾ مجازي رنگ نمايان طور نظر اچي رهيو آهي. انهيءَ ڪري سندس ڪلام ۾ رنگيني آهي، لطافت آهي ۽ تازگي آهي جيڪا هن کي موهيو ڇڏي ۽ روح کي ريجهايو ڇڏي.

## ولين ۽ درويشن لاءِ عقيدتمندي:

ميين شاهه عنات صوفي طريقي جي مڃڻي ولين ۽ دروشين سان دلي محبت ظاهر ڪرڻ جي هڪ نئين روايت جي سنڌي شاعري ۾ ابتده ڪئي. هن سرود ڌناسري لکي اُن ۾ نهايت ئي تفصيل سان ٻاهرين ولين ۽ درويشن ۽ سڌ جي درويشن کي عقيدتمنديءَ سان ساراهيو آهي.

### بغدادي بادشاهہ:

شاهہ عنات شيخ عبدالقادر جيلاني جي ساراهہ ۾ هي بيت جوڙي هن سان دلي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي:

**تون بغدادي بادشاهہ، اسين سنڌ فقير،**
**جانڪيتان جيلان ڏونهہ، آهہ عنات اُڪير،**
**جو سؤنڪو منجهہ سرير، سو غم گيلاني ڪٽئين.**

### شيخ بهاؤالدين ذڪريا:

شاهہ عنات شيخ بهاؤ الدين ذڪريا، سندس فرزند شيخ صدرالدين ۽ پوٽي شيخ رڪن الدين جي فضيلت ۽ فيض کي خوب ساراهيو آهي. هن بهاءُالدين ذڪريا کي منفرد انداز ۾ ساراهيو آهي.

**غوثان ختم بهاءُالدين، نبيان ختم رسول،**
**حاضر حضرت پير، جو موليٰ در مقبول،**
**قادر ڪج قبول، اگلايون، عنات چئي.**

شاهہ عنات بهاءُ الدين ذڪريا جي پوٽي شيخ رڪن الدين جي خوب ساراهہ ڪئي آهي:

**روضو شاهہ رڪن جو، پري جي پسن،**
**اُن تان اُهک، عنات چوي لحظي منجهہ لهن،**
**سَگِر سي سڏجن، جن بهاءُالدين پيٽيو.**

### قلندر لال شهباز:

شاهہ عنات رضوي قلندر لال شهباز جي عقيدت سان خوب ساراهہ ڪئي آهي.

**نوڪند ناماچار اي پير تنهنجو پڌرو،**
**ملوندي موچار ڏئو ٽئو ڏِسين ۾.**

### سنڌي درويش جي ساراهہ:

شاهہ عنات، سنڌ جي انهن درويشن جهڙوڪ شيخ موسيٰ اهيداٽي (ڪوريجو پير) درويش شيخ هوٽي، مخدوم لنجار، هوٽي ٻن لاکو عالي

شيرازي، شيخ احمد، شيخ محمد جو سرود ڏناسري ۾ عقيدت ۽ احترام سان ذڪر ڪيو آهي. ٻاهيداڻي پير جي ساراهه ڪندي شاهه عنات چوي ٿو:

اهيداڻي پير کي، ڪج صبح جو سلام،
هلي اُت حاضر ٿي ڪهج ايءَ ڪلام،
گولا ۽ غلام، اسين آنهجا آهيون.

## ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف جي ملاقات:

شاهه عنات ۽ شاهه لطيف جي ملاقات هڪ ادبي اهميت وارو واقعو اهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، معمور يوسفاڻي ۽ ٻين پنهنجن مضمونن ۾ انهيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. انهي ملاقات وقت شاهه عنات جي عمر 80 سال کن هئي ۽ شاهه لطيف جي عمر 18-23 سال هئي. شاهه عنات  نصرپور ۾ مقيم هو ۽ شاهه لطيف جي رهائش حبيب حولي ۾ هئي. ٻئي هڪڙي ئي تر ۾ رهندا هئا. ٻنهي جي وچ ۾ 15 ميلن جو فاصلو هو. اُن وقت شاهه عنات جي شاعري ۽ بزرگي جو ذڪر هر جاءِ مشهور هو. انهي ڳالهه شاهه لطيف جو ڌيان ڇڪايو. شاهه لطيف شاهه عنات وٽ رس رهاڻ لاءِ ايندو ويندو هو. شاهه عنات شاهه لطيف کي گهڻو پيائيندو هو ۽ شاهه لطيف شاهه عانت جي گهڻي عزت ۽ احترام ڪندو هو. ٻنهي جي وچ ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ ٻئي هڪ ٻئي کي ڪلام ٻڌائيندا هئا.

## سوال جواب وارا بيت:

ڪن روايتن موجب شاهه عنات ۽ شاهه لطيف سوال جواب ۾ بيت چيا.

### (1) شاهه عنات هي بيت چيو:

زرخريد جتن جي، هي گولي بندي آهه،
آ جيڻ عنات چئي، هٿ آرياڻي آهه،
سو مون سڏ سهاءِ جينءَ ٻانهي ڪوئين ٻاجهه سين.

### شاهه لطيف جواب ۾ هي بيت چيو:

ڪنيز ڪيچن جي، ٻانهي ٻانهوتي،
پئي ٻروچ هٿ ۾، ڇڳن سين ڇوٽي،
مٿيءَ کي موٽي پاڻهي پُڇندو پب ۾.

**(2) شاهه عنات جو هي بيت آهي:**

**پرت پچارا جن جا، ڪوري موچي پير،**
**اهڪي منجهه عنات چئي، سي ڪيئن لڳهندا سير.**

**شاهه لطيف جواب ۾ هي بيت چيو.**

**ذات نه آهي ڏات، جو وهي سو لهي،**
**آريون اڀوجهن جون، سپڙ چام سهي،**
**جو وٽن رات رهي، سو مان لهندو مڱڻو.**

**(3) هڪ دفعي شاهه عنات هي بيت چيو:**

**هوءِ جي رنگ رڱئين، سي ڪٽي ڪنپ ڪٽي ويا،**
**اتائون آڻين، ماڻهو ميرا ڪپڙا.**

**شاهه لطيف جواب ۾ هي بيت چيو:**

**اجا ئي آهين، ڪلجڳ اندر ڪاپڙي،**
**لالائي، لطيف چئي، لاڳ چڱي لائين،**
**ٽا نيت مطابق نين، ماڻهو ميرا ڪپڙا.**

**بيتن ۾ هڪجهڙايون:**

شاهه لطيف جي بيتن ۾ ڪٿي ڪٿي شاهه عنات وارو رنگ نظر اچي ٿو. ڪن بيتن ۾ شاهه عنات جي فڪر ۽ مضمون به مضمون به ڪم آندو اهي. هن جي بيتن ۾ ڪم آندل لفظ، ترڪيبون ۽ اصطلاح به ڪم آندا آهن.

**(1) هي سٽ شاهه عنات جي بيت جي آهي:**

**اوگڻ پائي پاند، پرين آيس تو مٽي.**
**هي شاهه لطيف جي بيت جي سٽ آهي.**
**”اوگڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا.“**

**(2) شاهه عانت ائين چيو آهي:**

**”سڄڻ سوپارا، پيچ پنيءَ گهر آيا.“**

**شاهه لطيف وري هيئن چيو آهي:**

**”سڄڻ سوپارو، پيچ پنيءَ گھر آيئو.“**

**(3) هي شاهه عنات جو بيت آهي:**

**”آن گنڌري غريب، وهان ڪينجهر ڪنڌئين،**
**تو سين ڄام قريب، ڏن ڏيندو ڏيج ۾.“**

**شاهه لطيف وري ائين چوي ٿو:**

**”تون تماچي تڙ ڌڻي، آئون گنڌري غريب،**
**توسين ڄام قريب، ڪي ڏن ڇڏائي ڏيج جو.“**

بنان ڪنهن شڪ شبهي جي شاهه لطيف شاهه عنات کان ڪافي ڪجهه پرايو. شاهه عنات جو ڪم بنيادي آهي، جيڪو اوليت جو شرف رکي ٿو. اُن کي وسارڻ ممڪن ئي ناهي. شاهه عنات پنهنجي ذات، ڏاهپ ۽ فنڪارانه پيش ڪش جي ذريعي ڪيتريون ئي نيون راهون گھڙيون ۽ نيون روايتون قائم ڪيون جن تي هلي سنڌي شاعرن سنڌي شاعري کي ترقي ڏياري ۽ ڏياري رهيا آهن.

## شاعريءَ جون خوبيون:

ميين شاهه عنات جي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي، سندس شاعري جي ٻولي سادي، سلوڻي ۽ عام فهم آهي، جنهن کي ڪمال ڪاريگري سان پيش ڪيو ويو آهي. انهي ۾ مجازي حسن کي سُريلي ۽ رسيلي انداز ۾ ساراهيو ويو آهي. انهيءَ ۾ استعمال ڪيل لغت جي ٻوڙهائي حوصله مندي ۽ حيران ڪن آهي ۽ انهيءَ ۾ اعليٰ درجي جي رنگيني ۽ رواني پريل آهي.

## (1) عام فهم ٻوليءَ جو استعمال:

ميين شاهه عنات جي شاعري جي پهرين خوبي آهي عام ماڻهن جي جزبن، احساس ۽ ويچارن کي ظهار ڪرڻ لاءِ عام فهم ٻوليءَ جو استعمال. شاهه عنات ڪليل دماغ وارو شاعر آهي، جيڪو عام ماڻهن سان محبت ڪري ٿو. هن جو واسطو عام ماڻهن سان آهي، جن سان هوءَ عام ماڻهن جي

ٻوليءَ ۾ ڳالهائي فخر محسوس ڪري ٿو. ”سرود مارئي“ ۾ شاهه عنات تفصيل سان ٿر جي ماڻهن، انهن جي رهڻي ڪرڻي، انهن جي کاڌي پيتي جي شين، انهن جي پوشاڪ کي انهن جي ٻوليءَ ۾ ڳائي ٿر ڄاون جي زندگيءَ جي چِٽي تصوير چٽي آهي.

**هٿ کهاڙيون، چارن چاڙهيون، ويڙهن واهن واڪ،**
**آٽين پڪا، ڏوُرن ڏڪا، هِنڌ انهي هيراڪ،**
**سُڪي سوڪڙ، کانبي کوکڙ، منهن ۾ مڃر ماڪ،**
**ستيون سيلن وتيون، مٿن ڪتيون، حق وهيٽيون هاڪ،**
**اُني جي اوطاق، پسان شال، سيد چئي.**

## (2) مجازي حسن جي ساراهه:

ميين شاهه عنات جي شاعريءَ جي ٻئي خوبي آهي مجازي حسن جي ساراهه لاءِ سريلي ۽ رسيلي اسلوب جو استعمال شاهه عنات تصوف ۽ اخلاقيات سان گڏوگڏ مجازي حسن ۽ عشق جا مانداڻ مچائي، رنگ رچايا آهن. سنڌ جي سورمن ۽ سورمين جي سونهن کي نئين رنگ ۽ نئين ڍنگ سان ساراهي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. سرود ڪاموڏ ۾ نوري، جيڪا ڄام تماچي جي راڻي آهي، جي سونهنءَ کي ساراهي حد ڪري ڇڏي آهي.

**جهڙي سونهن سندياس، تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻيو،**
**طول تنهنجي سين، راڻيون اڇن نه راس،**
**مور چل پاڻ مٿاس، اُيو تماچي هٽي.**

## لُغت جي ڳوڙهائي:

ميين شاهه عنات جي شاعري جي ٽئين خوبي آهي لغت جي ڳوڙهائي. شاهه عنات سرود مارئي، سرود مومل راڻو سرود ديسي ۽ سرود رامڪليءَ ۾ اُتي جي ماڻهن جو عام فهم ٻوليءَ ۾ ذڪر ڪندي انيڪ لفظن ۽ محاورن جو وڏو ذخيرو پيش ڪيو آهي. سرود رامڪليءَ ۾ سامين جي سامان، انهن جي ڪپڙن وغيره جو ذڪر ڪندي نون لفظن ۽ محاورن جو وڏو ذخيرو پيش ڪيو آهي.

**تڪين سين توڙا، ڪاپڙين ڪين وٽي،**
**ڄراٽي ڄيري سين، ڪارا ڪٽائون ڪوڙا،**
**اُن نہ ڪنيا پاڻ سين، جامن جا جوڙا،**
**اوچڻ اڇوڙا، سجوڙا ڪي سجٽين.**

## رنگينيءَ ۽ رواني:

ميين شاھہ عانت جي شاعري جي چوٿين خوبي آھي رنگيني ۽ رواني. شاھہ عنات جي شاعري رنگيني ۽ رواني سان ٽمٽار آھي. سندس طرز تحرير ۾ رنگيني آھي، دلڪشي آھي ۽ دلفريبي آھي جيڪا موھيو ڇڏي ٿي / گھايو ڇڏي ٿي.

**چنڊ تنھنجي بات، مون ڪي آھي من ۾،**
**الله لڳ، عنات چئي، تون اڄو منجھہ رات،**
**تن جنھين جي تات، سي ڏسي تون ڏيکار مون.**

شاھہ عنات جي شاعري ۾ جيڪا رواني آھي اُھا ڪارونجھر جبل جي برساتي ندي ڀتياڻيءَ کان سرس آھي.

**ڪجاڙٿان ڪاھي، شُتر ان سينگارئا،**
**ٽليون، ٽؤنر، ھلريون، پلاڻيون پائي،**
**اُٺ پُٺ، عنات چئي، ڪرھل ڪُڏائي،**
**ٻانيڻ ڪي ٻروچ جو، آسرو آھي،**
**واڳون ورائي، ڦيرين مان فقير ٿي.**
(سرود ديسي)

ادبي ڪارناما (Literary Contributions)

ميون شاھہ عنات ھڪ لاجواب شاعر آھي، ھن پنھنجي ذات، ذھانت ۽ قابليت سان سنڌي شاعري ۾ ڪيئي ادبي اضافا ڪري وڏو مقام حاصل ڪيو آھي.

## (1) رسالي جو جوڙڻ:

ميون شاھہ عنات پھريون سنڌي شاعر آھي جنھن سنڌي ٻوليءَ ۾ رسالو جوڙيو. ھو رسالي جوڙڻ جي روايت جو بانيءَ آھي. رسالي جوڙڻ لاءِ ھن

سنڌي قصن ۽ داستانن کي سرودن ۾ سموهيو. هن سُرن کي سرودن جو نالو ڏنو. هن جي رسالي ۾ 22 سرود آهن.

## (2) وائي جو اجراءَ:

ميون شاهہ عنات وائي جي صنف جو باني مباني آهي. هن وايون سرجي سنڌي شاعريءَ ۾ نون موضوعن ۽ عنوانن جو اضافو ڪيو. هن ڪل 42 وايون لکيون. هن جون وايون فني توڙي موضوعاتي طرح لاجواب آهن.

## (3) درويش جي ساراهہ:

ميون شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ ولين ۽ نيڪ دل درويشن جي ساراهہ ڪئي آهي. هن ”سرود ڏناسري“ ۾ ٻاهرين توڙي ديسي درويشن ولين توڙي درويشن جي فيض ۽ فضيلت کي ساراهيو آهي. انهيءَ ڪري هن مدح جي صنف کي سُڌاري، سنواري، خوب چمڪايو آهي.

## مجازي حُسن جي واکاڻ:

ميون شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن تصوف ۽ اخلاقيات سان گڏوگڏ مجازي حسن ۽ عشق جي عنوانن کي سنڌي شاعريءَ ۾ رائج ڪيو. هن سنڌي قصن ۽ داستانن جي سورمن ۽ سورمين کي ڪلي طرح ساراهي سنڌي شاعري ۾ رنگيني ۽ سحر انگيزي جو واڌارو ڪيو.

**چيو تاري جو ڪري، آ چنڊ چڙهي،**
**بيٺو اُت اڙي، پسي پيشاني پرينءَ جي.**
(سرود ڪنيات)

## نَوَن موضوعن ۽ عنوانن جو استعمال:

ميين شاهہ عنات شاعري ۾ نوان موضوع ۽ عنوان آڻي اُن ۾ وسعت پيدا ڪئي. هن سنڌي قصن ۽ داستانن کي تفصيل سان بيان ڪري، اُنهن کي مڪمل ڪيو ۽ سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين روايت جو اضافو ڪيو. ”سرود

بلاول“ ۾ شاهہ عنات سنڌ جي سخي ۽ سروهيہ سردار کي ڳايو آهي. سمي ڏاتار جکري جي تعريف خوب ڪئي آهي.

**سمون سنڌ سمن ۾، جکري جهو نہ ڪوءِ،**
**اَئي پهر، عنات چئي، اُيو ائين هي چوءِ،**
**اَلا! اچي ڪوءِ، ڏڏ وڏو ڏان گهُري.**

**عبارت:**

ميون شاهہ عنات هڪ منفرد ۽ سگهارو سنڌي شاعر آهي. جنهن سنڌي شاعري کي هڪ نئون موڙ ڏنو. هن سنڌي رسالو سرجيو، بيت تحرير ڪيا، وايون جوڙيون، مدح جي صنف کي چمڪايو، مجازي شاعري جو بنياد رکيو ۽ سنڌي شاعري کي نوان موضوع ۽ عنوان ڏنا. هن پنهنجن جذبن، ويچارن ۽ آدرشن جي اظهار لاءِ موثر ۽ ڪارآمد عبارت جوڙي آئنده جي سنڌي شاعرن لاءِ هڪ مثبت ۽ مستقل راهہ گهڙي آهي.

ميين شاهہ عنات جي عبارت حسين آهي، رنگين آهي ۽ سگهاري آهي. نج سنڌي لفظ، نيون ترڪيبون، نوان محاورا، نيون تشبيهون، تجنيس حرفي ۽ رنگيني ۽ رواني هن جي عبارت جا اهم جُزا آهن.

**(1) نج سنڌي لفظن جو استعمال:**

ميين شاهہ عنات جي سرود مارئي، سرود مومل راڻو سرود ديسي، سرود بلاول، سرود رامڪلي ۽ سرود ڪارائڙو ۾ سنڌ جي مختلف حصن ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولين ۽ لهجن جي نج سنڌي لفظن جو وڏو ذخيرو مهيا ڪري ڏنو آهي. هن نج سنڌي لفظ استعمال ڪري پنهنجي شاعري کي خوب مالا مال ڪيو آهي.

سرود مارئي ۾ شاهہ عنات سادي، سلوڻي ۽ عام فهم ٻوليءَ جي ذريعي ٿر جي شناخت ۽ ثقافت کي عمدگيءَ سان اُجاگر ڪيو آهي.

**پُسي پيڪيان پاند ۾، سا مون گهڻو سُهاءِ،**
**هِت ڪيئن ڪيڻ ڪائي خوش ٿئان، ويني واٹ وهاءِ،**

**ڏاتي ڏول اکين ۾ رهندو ئي رهاءِ**
**سوٽا کيم سهاءِ مون کي سدا ماڙيين.**

سرود رامڪلي ۾ شاهه عنات آديسين جي خوبين جو ذڪر ڪيو آهي. هن جي عبارت ۾ سنجيدگي ۽ ڳوڙهائي نظر اچي ٿي.

**اوجاڳي کي آڪرا، هو سمهڻ ياڻئين سورُ**
**اي پر آديسين جي گهر ڏانهن ڪن نه گهورُ**

ڪنهن پريان جي پور، او وڏي ويراڳي ڪيا.

سرود بلاول ۾ شاهه عنات عام فهم ٻوليءَ ۾ جڪري سمي جي سخاوت کي ساراهي ڪمال ڪيو آهي.

**سمون ساوڻ مينهن جيئن، رات ڏسي نه ڏينهن،**
**جيئن گهر جي جن کي، تن ڏياري تيئن،**

## (2) محاورن جو استعمال:

شاهه عنات رضوي نوان محاورا جوڙي پنهنجي عبارت ۾ نواڻ آندي آهي.

(1) ٽڏي ڪوسي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.

(2) اڻ چوندن ڪيم چوءَ، چوندن چيو وسار.

(3) سکر سائي سِڪ، جا نه آڇجي عام کي.

(4) سڏي پاڻ سچو ڪري، عشق نه ڪري اڏ.

(5) رکي جن الاهه، وار نه ونگو تن جو.

(6) لاتون سي لهن، جنين سودو سچ جو.

(7) نظر ڪري نهار، جن ڪمئو، تن ڪتيون.

اِهي محاورا شاهه عنات جي مشاهدي ۽ ڏاهپ جي ساک پرين ٿا.

## (3) تشبيهن جو فنڪارانه استعمال:

تشبيهون دراصل تخليقي عمل مان ڦٽي نڪرنديون آهن ۽ اسلوب کي سنواريندڙيون ۽ سينگاريندڙيون آهن. شاهه عنات جون تشبيهون، فڪري ۽ فطري آهن جيڪي هن جي عبارت ۽ شخصيت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي.

شاهه عنات سرود جمن ۾ متارن کي پتنگن سان ڀيٽي هڪ نرالي نڪتي کي اجاگر ڪيو آهي.

**ڪامي ڪوري وچ ۾، پتنگ ويا پچي،**
**اُني وٽ آتش جي، سيڪا سُڏ سچي،**
**موٽيو ڪو نه بچي، ڪامي سڀ خاڪ ٿيا.**

شاهه عنات سرود مارئي ۾ ماروئڙن جي محنت ڪش وَنين کي سيل ونين سَتين سان ڀيٽي اُنهن جي ڪردار کي اوچاين تائين پهچايو آهي.

ستيون سيلن وتيون، متن ڪتيون، حق وهيٽيون هاڪ،
اُني جي اوطاق، پسان شال، عنات چئي.

شاهه عنات سرود مارئي ۾ ٿر ڄاول عورتن جي لال لوئِن کي سج سان ڀيٽي هڪ نور ڀري تصوير چِٽي آهي.

**سج سياٽي جا ڪري، تهڙي لوئِن وٽڪ لال،**
**جن جي ڪال برابر سال، تن بنديئڙن بدا ڏئين.**

سرود ڪارائڙو ۾ شاهه عنات هنجهن کي نيڪ انسانن سان ڀيٽي چئي ٿو ته هنج چڪ، چلڙ ۽ گند ڪان پري رهن ۽ اچي پاٽي ۾ وچي موتي ميڙن.

**چُڻج ڪيم چاڪ ۾، اَڏو آءَ م اِٽ،**
**وانءُ اُڏامي اچ ۾، جت موتين ناه مِت،**
**هونگارج هنجهن سين، چڱي لاهي چت،**
**پڪي رک پرت، ٿي طالبو تار جو.**

سرود بلاول ۾ شاهه عنات سخي سردار جکري سمي کي ساوڻ جي مينهن سان ڀيٽي هي نڪتو اجاگر ڪيو آهي ته جهڙي نموني مينهن جو ڪم آهي، لڳاتار وسڻ، تهڙي نموني هڪ سخيءَ جو ڪم آهي، سخاوت ڪندو رهڻ.

**سمون سنڌ سمن ۾، جکري جهو نه ڪوءِ،**
**اَني پهر، عنات چئي، اُيو ائين هي چوءِ،**
**الا“ اچي ڪوءِ، ڏڏ وڏو ڏانءُ گهري.**

## (4) تجنيس حرفي جو استعمال:

تجنيس حرفي سنڌي شاعري جي سونهن آهي، سوڀيا آهي ۽ سڃاڻپ آهي. شاهه عنات ڪمال ڪاريگريءَ سان تجنيس حرفي جو استعمال ڪري پنهنجي عبارت کي خوب سنواريو ۽ سينگاريو آهي.

**ڪائي نه ڪنڌار چندن جا چوپا ڪري،**
**اڳر اوڏئي نه وڃي، سر ڪنڌ لهي سار،**
**لائي جي لڳار، ميو متارو ڪيو.**
(سرود ڪنيات)

**پلر پيتم جن سين، سي مارو مون ميڙ،**
**پهري ويا پٽن تي مٿي ونهيان ويڙ،**
**تن جهانگين سان م جهيڙ، جن جا ٿاڪ ٿرن ۾.**
(سرود مارئي)

**باغ، باغيچا بنگلا، راڻيون جت رَمن،**
**اوڙس اُپرئو عنبرين، ڪر گهڻيون ٿيون ڪِوَن،**
**اُتان ئي عبير جا، ڇُٽا ٿا ڇُلن،**
**عاقل ڪي اَچن، ڪاهي اُنهي ڪاڪتي.**
(سرود مومل راڻو)

**جي مُنهن ڏئين تون، هنيون ڏئين هوت،**
**ته ڇُني چارئي پوت، اوسهه وٺي اُڪرين.**
(سرود آسا)

## ميين شاهه عنات جي شاعريءَ جي اهميت:

ميون شاهه عنات سنڌي ٻولي جو لاجواب ۽ بيمثال شاعر آهي. هن جي شاعري سنڌي شاعريءَ جو بنيادي پٿر آهي. شاهه عنات پنهنجي ڏات، ڏانءُ ۽ قابليت جي ذريعي ڪيترائي ادبي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. جيڪڏهن هوءَ ائين نه ڪري ها ته سنڌي شاعري جي ڪهڙي حالت هجي ها.

ميين شاهه عنات جي سامهون قاضي قادن، شاهه ڪريم ۽ لطف علي قادري وغيره جا ٿورا بيت هئا. اُنهن بيتن ۾ نه ڪي نوان موضوع هئا ۽ نه وري ڪي نوان عنوان. اُهي بيت تصوف ۽ اخلاقيات جي قدرن ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا. سنڌي شاعريءَ جو دائرو محدود هو. شاهه عنات پنهنجي دور جي ادبي حالتن جو جائزو وٺي، انهن ڪي سُڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ ميدان عمل ۾ آيو. هن بيت لکيا ۽ انهن ۾ نوان موضوع ۽ عنوان استعمال ڪري، بيتن جي دائري ۾ وسعت آندي. هن وايون لکي سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين ادبي صنف جو اضافو ڪيو. هن سنڌي رسالو جوڙيو ۽ رسالي لکڻ جي روايت جو باني مباني بنيو. هن ٻاهرين توڙي ديسي ولين ۽ درويشن جي فيض ۽ فضيلت ڪي ڳائي مدح جي صنف ڪي خوب چمڪايو. هن مجازي شاعري جي ذريعي سنڌي شاعري ۾ نئين تحريڪ جو بنياد رکيو. هن پنهنجي عبارت ۾ رنگينيءَ، رواني ۽ تازگي پيري اُن ڪي مقبول بنايو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي راءِ ۾ ”شاهه عنات جو ڪلام اعليٰ شاعريءَ جا سڀ لوازمات پورا ڪري ٿو.“ هن جي شاعري ۾ تصوف ۽ اخلاقيات جا موضوع آهن. مجازي حسن ۽ عشق جي رازن ۽ رمزن جي چاشني آهي. اُن ۾ سنڌ جي ثقافتي، سماجي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو عڪس آهي. اُن ۾ رومانوي رنگ بہ ملي ٿو. جيڪو هن جي شاعرانہ صلاحيت ۽ تخليق ڪاريءَ جو عمدو اهڃاڻ آهي.

شاهه عنات جو سنڌي شاعريءَ لاءِ ڪيل ڪم وڏي اهيمت جو حامل آهي. اُهو بنهه بنيادي ڪم آهي. اُهو وسارڻ جوڳو نہ پر ياد رکڻ جوڳو آهي. شاهه عنات جي ڪلام جي اهميت قائم آهي ۽ قائم رهندي هن ڪلام ڪي پڙهيو ۽ اُن تي غور ڪيو تہ اسان ڪي صاف نظر ايندو تہ سنڌي شاعري هن جي ڪنيل جَتننن ۽ هن جي ڪيل ادبي ڪارنامن تي ٽِڪيل نظر ايندي.

ميون شاهه عنات پنهنجي ”سرود بلاول“ جي سورمي جکري سمي جهڙو آهي، جنهن ساوڻ جي مينهنءَ وانگي سخاوتون ڪيون ۽ ناموري ماڻي. شاهه عنات بہ پنهنجي ڏات، ذهانت ۽ قابليت جي ذريعي جيڪي ڪجهه حاصل ڪيون، اُن ڪي هڪ سونهاري سخيءَ جيان سنڌي شاعرن ۾ ورهائي

وڏو مرتبو حاصل ڪيو. هاڻي اسان جي شاعرن، اديبن، نقادن ۽ دانشورن جو هي قومي فرض آهي تہ هو ميين شاهہ عنات جي ڪيل بيمثال ادبي ڪارنامن جو جائزو وٺن. اُنهن تي تحقيقات ڪري، مقالا ۽ مضمون لکي، هن جي اهميت کي اجاگر ڪن.

## مددي ڪتاب


(1) سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.

(2) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. ميين شاهہ عنات جو ڪلام جو مهاڳ.

(3) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.

(4) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو.

(5) ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.

(6) معمور يوسفاڻي. ڊوليو ڊٺ ڏٺي.

(7) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس.

(8) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. لطيفي.

# مخدوم ابوالحسن

(1070هه-1160هه)(1661ع-1750ع)

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

”مولوي ابوالحسن صاحب عربي ۽ فارسي ۾ اڪيچار ڪتاب لکيا آهن مگر سنڌي زبان ۾ سندس پهريون ڪتاب مقدمته الصلواته اسان کي مليو آهي جنهن جون مڪمل نظمون نماز ۽ وضوءَ جي مسئلن سان هم ڪنار آهن.“

**ميمڻ عبدالغفور سنڌي. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

”(مخدوم ابوالحسن) ننڍي جو وڏو عالم ٿي گُذريو آهي 1661ع ۾سندس ولادت ٿي ۽ 1700ع کان پوءِ وفات ڪيائون. مخدوم ابوالحسن عربي رسم الخط ۾ واڌارو آڻي سنڌي رسم الخط تيار ڪئي ۽ انهي رسم الخط ۾ الف الف اشجاع جي قافيي تي مشتمل هڪ ضخيم ڪتاب مقدمته الصلوات لکيو. جنهن ۾ نماز جا مسئلا سلجهايل آهن. انهي ڪري کيس سنڌي ادب جو پايو وجهندڙ چيو ويو آهي.“

**ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

مخدوم ابوالحسن صاحب جي زندگي جو تفصيلي احوال ڪو نه ٿو ملي. پنهنجي زندگي جو گهڻو حصو ننڍي ۾ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۽ تصنيف ۽ تاليف ۾ گُذاريائين. 1700ع ۾ مقدمه الصلواته لکيائين. اُن جو مقصد بيان ڪندي چوي ٿو:

**ڪارڻ طالب طالبن رسالو لکيوم،**
**مقدمه الصلواته سنڌي نالو تنهن جو رکيوم.**

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

مولوي (مخدوم ابوالحسن) عربي ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن پر سنڌي ۾ رڳو هڪ مقدمة الصلوات يا ابوالحسن جي سنڌي آهي. ڪتاب جو مضمون نماز ۽ وضوءَ جي مسئلن تي آهي. مخدوم صاحب جي سنڌي هڪ خاص نظم ۾ آهي. جنهن کي ابوالحسن جي سنڌي سڏين ٿا. اها ابوالحسن جي سنڌي مولوي ابوالحسن تائين محدود نہ رهي پر سنڌ جي مشهور عالمن ۽ فقيهن پنهنجي تصنيفات ڪلهوڙن ۽ ميرن جي حڪومت تائين سنڌي ۾ ڪئي.“

**محمد صديق ميمڻ. سنڌي ادب جي تاريخ ڀاڱو پهريون**

”(مخدوم ابوالحسن) ٺٽي جو لاثاني عالم ۽ باڪمال اديب هو. مذهبي علمن جو سبق ڏيندو هو. انهن ضرورتن هيٺ پاڻ اسلامي عقيدن متعلق هڪ ڪتاب ”مقدمه الصلوات“ نالي لکيائون. هي سڀ کان پهريون ڪتاب آهي جو سنڌي ٻولي ۾ لکيو ويو.“

**سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب**

## مخدوم ابوالحسن جي زندگيءَ جو احوال:

سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب“ ۾ لکيو آهي تہ: ”مخدوم ابوالحسن ٺٽي جو لاثاني عالم ۽ باڪمال اديب هو.“ هو مذهبي علمن جو وڏو ماهر هو. هو هڪ ئي وقت وڏو عالم، فاضل، اديب ۽ شاعر هو. هو هڪ گهڻن رُخن وارو مٽيادار شخص ۽ مقبول عام بزرگ بہ هو.

مخدوم ابوالحسن جي زندگي جي ڪا تفصيلي معلومات نٿي ملي. سنڌي علم ۽ ادب جو بنياد وجهڻ وارو مخدوم ابوالحسن سن 1070هہ مطابق 1661ع ڏاري ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. هو ننڍي هوندي کان ئي وڏو قابل شخص هو. هن ٺٽي جي مدرسن مان قابل ترين بزرگن ۽ دانشورن جي اثر هيٺ شروعاتي تعليم حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن پنهنجو مدرسو قائم ڪيو. جتي هو مذهبي علمن بابت درس ڏيندو هو. ٿوريئي وقت کان پوءِ هو ٺٽي جو وڏو عالم بنجي ويو. ٺٽي کان سواءِ آس

پاسي جي علائقن جا طالب علم هن جي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. هو عربي ۽ فارسي جو وڏو ڄاڻو هو. هر هنڌ هن جي قابليت جو وڏو چرچو هو.

1650ع کان پوءِ نواب حفظ الله جي حڪومت جي دور ۾ ٺٽي ۾ هڪ وڏي مذهبي تحريڪ شروع ٿي. سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغدادي ٺٽي ۾ آيو جنهن جي وعظ ۽ نصيحتن جي ذريعي ٺٽي جي غير مسلم عوام کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ هو هزارن جي تعداد ۾ مسلمان ٿي ويا. اهڙن نَوَن مسلمانن کي اسلامي قائدن ۽ قانونن سان واقف ڪرڻ جي لاءِ زباني وعظ ۽ نصيحتون ڪافي ڪو نہ هيون. ٺٽي جو هڪ وڏو مذهبي عالم مخدوم ابوالحسن ميدان عمل ۾ آيو. هن محسوس ڪيو تہ اهڙن ماڻهن کي عربي ۽ فارسي ٻوليون سيکاري فقه جي مسئلن کان واقف ڪرڻ قريب قريب ناممڪن هو. تنهن ڪري هن اهڙن ماڻهن کي اسلامي معلومات مهيا ڪرڻ لاءِ انهن جي مادري ٻولي سنڌي ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن عربي ۽ فارسي ٻولين جي حرفن جي ٻيج ڌاهہ ڪري سنڌي الف-ب ٺاهي، جيڪو هن جو هڪ وڏو ادبي ڪارنامو آهي.

مخدوم ابوالحسن جا عربي ۾ لکيل گهڻا ئي ڪتاب آهن پر سنڌي ۾ رڳو هڪ ڪتاب ”مقدمہ الصلوات“ يا ”ابوالحسن جي سنڌي“ آهي. هي ڪتاب نماز ۽ وضوءَ جي مسئلن تي لکيل آهي. مخدوم ابوالحسن جو هي ڪتاب ڏاڍو مشهور ٿيو. هن ڪتاب کي هو پنهنجي مدرسي ۾ پاڻ پڙهائيندو هو ۽ طالب علم وڏي چاهہ سان پڙهي اسلامي عقيدن بابت مفيد ۽ مستند ڄاڻ حاصل ڪندا هئا. انگريزن جي شروعاتي دور تائين سنڌ جا مسلمان هن جي ڪتاب کي ڏاڍي چاهہ سان پڙهندا هئا. ”مقدمہ الصلوات ليٿو ۾ ڇپيل آهي. جنهن کي ڏاڍي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. هن ڪتاب کي ننڍا ننڍا ٻار مدرسن ۾ پڙهندا هئا ۽ زالون گهرن ۾ ان جو مطالعو ڪنديون هيون.

سن 1715ع ۾ مخدوم ابوالحسن حج جي ارادي سان مڪہ معظم ڏانهن روانو ٿيو. هن جي وڃڻ کان پوءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هن جي ڪم کي جاري رکيو. مخدوم محمد هاشم کي مقدمہ الصلوات“ ۾ فقهي

مسئلن ۾ اوڻايون نظر آيون. هن مقدمه الصلوات کي بند ڪري پنهنجو ڪتاب ”فرائض اسلام“ پڙهائڻ جو ارادو ڪيو. مخدوم ابوالحسن جي شاگردن اُن تي وڏا اعتراض ڪيا ۽ مخدوم محمد هاشم کي مجبورن مقدمه الصلوات پڙهائڻو پيو.

مير علي شير قانع پنهنجي ڪتاب ”تحفته الڪرام“ ۾ مخدوم ابوالحسن جي باري ۾ لکيو آهي تہ ”هو وڏو عالم هو ۽ ننڍي ۾ پڙهائي جو ڪم ڪندو هو. هن جو سنڌي نظم سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي.“ وڏي عمر جي ڪري هو نماز پڙهائي نہ سگهندو هو. هن جي بدران هن جي پاڻيجي مخدوم عبدالله نماز پڙهائڻ جو ڪم شورع ڪيو.

## شخصيت:

مخدوم ابوالحسن ڪامل اُستاد، وڏو عالم ۽ هڪ رحمدل بزرگ هو. هو روزي نماز جو پابند هو. هو وائيدي جو پڪو هو ۽ دين جو خدمتگار هو. هن جا شاگرد هن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. هن جي ساري شهر ۾ ڏاڍي عزت هئي. مسلمان ۽ هندو هن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. هو سيني جي مسئلن کي حل ڪري ڏاڍي خوشي محسوس ڪندو هو. هن جي هڪڙي معتقد نواب شهاب جي هڪڙي نوڪر جي باري ۾ شڪايت ڪئي تہ هو بنان اجازت هن جي گهر ۾ اچي هن کي پريشان ڪري ٿو ۽ ڏاڍايون ڪري ٿو. مخدوم ابوالحسن پنهنجي پاڻيجي مخدوم عبدالله کي سڏي چيو تہ ”ابا موريا پير پٺي اوليا وٽ وڃي منهنجا سلام ڏي ۽ چوينس تہ مهرباني ڪري انهي ظالم کي تاريو جنهن ڪيترن کي رنجايو آهي.“ مخدوم عبدالله پرهہ ڦٽي ڪان اڳ پير پٺي وٽ ويو ۽ موٽي آيو. نواب جو نوڪر جيئن انهي معتقد جي گهر ڏانهن پئي ويو تيئن واٽ تي اهڙو ٿاٻڙيو ۽ هڪ ڪِلي تي پيٽ پر ڪريو ۽ آندا ٻاهر نڪري آيا ۽ اُتي جو اُتي مري ويو. مخدوم ابوالحسن ڏاڍو رحمدل هو ۽ ستايل ماڻهن جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت حاضر رهندو هو. هو سيني ماڻهن کي چاهيندو هو ۽ سيئي ماڻهو هن جو ڏاڍو احترام ڪندا هئا.

## وفات:

مخدوم ابوالحسن 90 سالن جي وڏي عمر ۾ 1160ھ مطابق 1750ع ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو ڪٿي آهي؟ انهي بابت ڪا بہ ڄاڻ موجود ناهي.

## تصنيفون:

مخدوم ابوالحسن عربي ۾ بيشمار ڪتاب تحرير ڪيا. سندس سنڌي ۾ لکيل هڪ ئي ڪتاب موجود آهي. جنهن جو نالو ”مقدمه الصلوات“ آهي. هن ڪتاب ۾ نماز روزي توڙي غسل بابت سمجهاڻيون ڏنل آهن. اهو ڪتاب سنڌي شاعري ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. ان جي اچڻ کان پوءِ ”سنڌي“ جي شاعري سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ خوب ترقي ڪئي.

## شاعريءَ جون نمايان خصوصيتون:

مخدوم ابوالحسن پهريون سنڌي شاعر آهي. جنهن سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين قسم يا صنف جو بنياد رکيو. هن قسم جي شاعري جا آثار سيد لطف الله قادري جي شاعري ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. لطف الله قادري پنهنجي ڪتاب ”سنڌي رسالو“ جي مُنڍ ۾ ٻہ ڏگها بند جوڙيا آهن. جن ۾ پهرين بند ۾ ڇهہ مصراعون ۽ ٻئي بند ۾ يارهان مصراعون آهن. سنڌي ڏگهن بندن واري شاعري آهي،جنهن کي ڪيت چئبو آهي،

مخدوم ابوالحسن پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعري جي لاءِ نئين الف-ب جوڙي وڏو داد حاصل ڪيو. هن جي جوڙيل الف-ب انگريزن جي حڪومت جي شروعاتي دور تائين مروج هئي ۽ پوءِ هاڻوڪي الف-ب کي باقائدگي سان اختيار ڪيو ويو.

مخدوم ابوالحسن پهريون سنڌي شاعر جنهن ”مقدمه الصلوات“ ڪتاب تخليق ڪيو جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڙيل پهريون ڪتاب آهي.

مخدوم ابوالحسن پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي شروعات ڪئي ۽ غير مسلمانن جي معلومات لاءِ مقدمه الصلوات جوڙيو.

مخدوم ابوالحسن پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن شاعري جي مددگار لوازمن جهڙوڪ تشبيهون، استعارا، محاورا، تجنيس حرفي وغيره جي بدران مقصد اُجاگر ڪرڻ تي ڌيان مرڪوز ڪيو. شاعري جا مددگار لوازما شاعري نہ آهي. شاعري مقصد کي ڪمال ڪاريگري ۽ هوشمندي سان بيان ڪرڻ جو نالو آهي.

## سندس شاعري

مخدوم ابوالحسن هڪ وڏو عالم، اديب ۽ شاعر هو. هن جي شاعري پياري ۽ نياري آهي. هن شاعري جي مددگار لوازمن جي بدران شاعري جي مقصد کي ڪمال ڪاريگري ۽ ڏاهپ سان اُجاگر ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ سندس (مخدوم ابوالحسن) جو توَجهُ شعر جي حسن ۽ نزاڪت ڏي گهٽ ۽ مقصديت ڏي وڌيڪ آهي."

شاعري جا مددگار لوازما شاعري ڪو نہ آهن. شاعري مقصديت کي ڪمال ڪاريگري ۽ هوشمندي سان بيان ڪرڻ جو نالو آهي. ٺٽي جي شاعرن وقت جي حالتن مطابق نون ٿيل مسلمانن کي مذهبي تعليم فراهم ڪرڻ جي لاءِ شاعري ڪئي ۽ خوب ڪئي. اُنهن جي شاعري جو هڪ چِٽو ۽ واضح مقصد هو. هو مقصديت تي سچائي ۽ ايمانداري سان ڪاربند رهيا ۽ ڪلام جوڙي جَس حاصل ڪيو.

مخدوم ابوالحسن جي شاعري کي "سنڌي" سڏيو وڃي ٿو. سنڌي ڊگهن بندن وارو ڪلام آهي. سنڌي ڇند وديا جي اصولن مطابق لکي ويندي آهي. سنڌي ۾ اظهار بيان جي لاءِ دوهو (دوهيرو / ڏوهيڙو) ڊگهن بندن وارو ڪلام، الف اشجاع ۽ بيت جو استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌي ماترڪ ڇندن مطابق لکبي آهي. ڪڏهن دوها ڇند جي ماترائن مطابق تہ ڪڏهن سورٺا ڇند جي ماترائن مطابق لکبي آهي. مخدوم ابوالحسن جي شاعري گهڻو ڪري ماترڪ ڇندن تي قريب قريب پوري هوندي آهي. جڏهن قرآن جون آيتون استعمال ڪيون ويندیون آهن تہ لازمي طور تي ماترائون وڌيڪ ٿي

ويندئون آهن. ماترڪ ڇندن مطابق وزن کي پورو رکڻ وڏو ڏکيرو ڪم آهي. وڏن وڏن شاعرن جي ڪلام ۾ بہ ڪٿي ڪٿي وزن ۾ گهٽ وڌائي نظر ضرور ايندي آهي.

مخدوم ابوالحسن پنهنجي ڪلام ۾ دوهي، ڏگهن بندن ۽ بيت جو استعمال ڪيو آهي.

## دوهو:

دوهي يا دوهري ۾ بہ هم وزن ۽ هم قافيا مصراعون هونديون آهن. ابوالحسن پنهنجي ڪلام ۾ گهڻي قدر دوهي يا دوهري جو استعمال ڪيو آهي. نماز جي ضرورت بابت لکندي هن دوهي يا دوهري جو خوب استعمال ڪيو آهي.

(1) هاڻي سُڻ سڄاڻ تون هنئين جن ڪنن،
نہ صحي پڇيو سيڪو ڪارڻ پاڻ ڪمن.

(2) پر پڇ پهرين قيام ڏينهن وحدت ڏٺيان پوءِ،
ٿيندي صحي سلوات جي شڪ ميائج ڪوءِ.

(3) تانت ترسي تنهنجا شرط سيئي سک،
ڪنان ڄيري ڄيئين پاڻ پر اهرڻ رک.

## ڏگهن بندن جو استعمال:

مخدوم ابوالحسن پنهنجي ڪلام ۾ ڏگهن بندن کي ڪمال سان استعمال ڪري دانشمندي جو ثبوت ڏنو آهي. نماز جي رڪوع بابت سمجهائيندي هو چوي ٿو:

مٿي مومن هٿڙا نيئي نرتان ڏيج،
ڪري ڪشاديون آڱريون محڪم پر پڄيج،
پر آڱريون عورتن کي نئن ۾ اپٽائج.
رکن مر لڳ ڪري ساري سيڪاريج،

**ٻانهون ساري ٻئي سي مؤنا ۾ موڙيج،**
**پورو مٿو پٽ سين جوڙا جوڙ ڪريج،**
**مهه اوچو جهليج اُٿ جيئن مرد جيئن لاڙيج،**
**جيئن رکيو پاڻي نه رڙهي انپر پُٽ جهليج،**
**پر پٺيون عوراتن کي ائن م اڏائيج،**
**مرنائين ٿورڙو ساري سمجهائيج،**
**ٿي پيرا تسبيح کي ڳجهوئي ڳڻيج،**
**پنجون پٺيون پيرن جون نظر نهاريج،**
**نانپي ڳريا تن جا ريڙهي ٻئي لائيج،**
**اي پڻ آهي اڳري سنت سا ڄاڻيج،**
**پر صحيح قول ڪتاب ۾ هن پر پروڙيج،**
**جيئن لائن ڳريا پاڻ ۾ ڪراهت سمجهيج،**
**سي ٻئي حال رڪوع ۾ موران م جوڙيج،**
**چئين آڱرين جو فاصلو ٻنهي وچ رکيج،**
**قيام ۽ سجدي ۾ پڻ ايءَ ئي پر پاريج،**
**ڇهون اکيون پڏريون ستون قدم ڪريج،**
**پر قد مان ٿي سجود ڏانهن نئين پُٺي منيج،**
**جيڪي ذڪر جتهين سو تتهين پڄائيج،**
**هڪڙي جو هند ٻئي نيئي م رسائيج.**

هن نظم ۾ 23 مصرائون آهن جن ۾ تجنيس حرفي جو رنگ پريل نظر اچي ٿو. محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي تاريخ“ ڀاڱو پهريون ۾ لکي ٿو ته ”اهو نظم جو نمونو مولوي صاحب (مخدوم ابوالحسن) سڄي ڪتاب ۾ فقط ٻن ٽن هنڌن تي ڪم آندو آهي.

**بيت:**

مخدوم ابوالحسن پنهنجي نڪتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ بيت جو به استعمال ڪيو آهي. بيت دوهي جو سڌريل نمونو آهي. هن ۾ ٻه يا وڌيڪ سٽون پاڻ ۾ هم قافيا هونديون آهن. پهرين سٽ جو قافيو بعضي بعضي وچ

۾ اچي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن وري ٻئي حصي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم اچي ٿو پر پوئين سٽ جو قافيو هميشه وچ ۾ ايندو آهي. مخدوم ابوالحسن بيمار جي صفائي بابت ڪلام ۾ بيتن جو سُٺو استعمال ڪيو آهي.

**مڙس محرم مڙس ٿئي جوءِ محرم جوءِ،**
**توڙي ماءُ پيءُ سڀ، توڙي گوليس هوءِ،**
**هاڻي هنيان پوءِ، سڪ صورت نه لهرائن جي.**

***_*_***

**پير جيڻي جي چيت ڪنان، ننهن ڪي لاهي،**
**ڏائي پير جي چيت اتي نيئي پڄائي،**
**شرح ۾ مشڪواة جي ائين فرمائي،**
**مبارڪ متبرڪ کهي صورت ايءَ آهي،**
**هاڻي هنئين لائي پڙهه موٽي مسائل غسل جا.**

ابوالحسن پنهنجي ڪلام ۾ واضح ۽ سهائيندڙ قافيا ڪم آندا آهن. ڪٿي ڪٿي هن جي ڪلام ۾ ڪافي اڻسهائيندڙ قافيا به استعمال ڪيل آهن.

**آهي اسلام حق ايءَ ۾ ڪفر، ڪافر، ڪوڙ**
**سائين ثابت رکو اسلام اُتي ميجون سون رسول.**

***_*_***

**هڪڙو ڏيئن هٿ ٻئي پيو پائي ماڳ،**
**ٿيون لڳي پليتي لڳ ڪان دوئي ڪريج پاڪ.**

## الف-ب جي جوڙ جڪ:

مخدوم ابوالحسن جي شاعري جو هڪ واضح مقصد هو نوَن مسلمانن کي اسلام جي ڄاڻ مهيا ڪرڻ جيئن نه هو. بنان تڪليف جي اسلامي اصولن کي سمجهي ۽ اُنهن تي عمل ڪري سگهن. انهي لاءِ مخدوم ابوالحسن کي ڪافي تڪليفون پيش آيون. نج سنڌي حرفن جون مقرر صورتون موجود ڪو نه هيون. ٻ، ڀ، ٿ، ٽ، ٺ، ڦ، ڄ جهه، ڏ، ڊ، ڍ، ڙ ک، ڳ،

ڳ، گھ ۽ ڻ جون صورتون جوڙڻ لاءِ هن عربي ۽ فارسي جي حرفن جي پيچ ڏاهه ڪري اُنهن مان نج سنڌي حرفن لاءِ هي صورتون جوڙيون انهن صورتن جو تفصيلي ذڪر محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي تاريخ، ياڱو پهريون“ ۾ هن طرح ڪيو آهي.

ٻ = ب

ڀ = ٻه

ٿ = ٿه

ڦ = ف (ڪٿي ڪٿي وري) ڻ يا تر

ٽ = ٿه، ڀه

ڄ ۽ جهه= ڄ

ڃ = نج جيم جي اڳيان نون غنہ

ڇ = چيهه

ڌ = ڌه ڪٿي ڪٿي وري د

ڊ = د

ڙ = ر

ک = کهه

ڳ، گهه= گهه

ڱ، گ= نگ (گ اڳيان نون غنہ)

ڻ = ن

مخدوم ابوالحسن ڪيترائي حرف و سرڳ آوازن جي ضرورت خاطر جوڙيا. مثال طور ب ۽ هہ مان ڀ، ت ۽ هہ مان ٿ، پ ۽ هہ مان ڦ، د ۽ ر مان ڊ ۽ چ ۽ هہ مان ڇ.

## ڪلام جو مضمون:

مخدوم ابوالحسن هڪ باڪمال استاد، ڪلي دل وارو بزرگ ۽ هڏ ڏوکي عالم هو. اسلام بابت ضروري ڄاڻ مهيا ڪرڻ جي لاءِ هن پنهنجي زندگي جو گهڻو حصو درس ,تدريس, تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريو. هن نون

مسلمانن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ جدا الف-ب جوڙي اُنهن کي مذهبي معلومات مهيا ڪرڻ لاءِ هن ”مقدمة الصلوات“ تحرير ڪيو. ڪتاب لکڻ جو مقصد بيان ڪندي هو لکي ٿو تہ:

**”اٻوجهن جون اٻوجهيون سڄاڻ سنيون ڪن،**

**ڏِلا، پُٺ پلن جي رڙهي راهہ پون.“**

مخدوم ابوالحسن نون مسلمانن کي مذهبي تعليم ڏيڻ جي ڪم کي پنهنجي زندگي جو مقصد بنائي ڇڏيو. هن ڏگهن بندن تي مشتمل نظم لکي نوَن مسلمانن جي تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪيو. مخدوم ابوالحسن جي ڪلام ۾ تمام زور مقصديت تي ڏنل آهي. انهي ڪري هن شعر جي ٻين مددگار لوازمن جهڙوڪ تشبيهن، استعارن، محاورن، تجنيس حرفي وغيره تي گهٽ توجهہ ڏنو آهي.

مخدوم ابوالحسن جي ڪلام جو مضمون نماز، وضوءَ ۽ غسل وغيره جي مسئلن تي ٻڌل آهي. هن پنهنجي ڪلام کي ڄاڻي واڻي پابندي ۾ رکيو آهي نہ تہ هن جهڙو عالم فاضل، اديب ۽ شاعر پنهنجي ڪلام کي شاعري جي سموري خوبين سان ضرور سينگاري ها. عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ”سنڌيون“ ۾ هن جي مضمون جا سمورا تفصيل هن ريت بيان ڪيا آهن. ”نماز جي ضرورت، وضوءَ جا فرض، وضوءَ جون سنتون، وضوءَ جا مستحب، غسل جو بيان، ميت جو غسل، نماز جو وقت، فرض، واجب ۽ سنتون، نماز جا پڇيندڙ وغيره.“ مخدوم ابوالحسن چاهيو ٿي تہ مذهبي اصولن کي سمجهي اڻ ڄاڻ سڄاڻ ٿي ويندا ۽ ڏِلا ڪوششون ڪري پلا بنجي ويندا ۽ الله جي خوشنودي حاصل ڪندا.

**”مولئ مرهي تن کي ڪلمو جي چون.“**

## ڪلام جون خوبيون

مخدوم ابوالحسن جي ڪلام جي پهرين خوبي آهي مقصديت جو سچو ۽ چٽو اظهار بيان. هن پنهنجي ڪلام ۾ مقصديت تي خاص ڌيان ڏنو ۽ ڪلام جي مددگار لوازمن جهڙوڪ تشبيهون، استعارا، محاورا، تجنيس

حرفي وغيره کي ڀنيان ڇڏي ڏنو. 1700ع ۾ هن ”مقدمة الصلوات“ جوڙي راس ڪيو. هن پنهنجي ڪلام لکڻ جو مقصد بيان ڪندي چوي ٿو:

”ڪارن طالبن طالبين رسالو لکيوم،
مقدمة الصلوات سنڌي نالو تنهن رکيوم.

مخدوم ابوالحسن جي ڪلام جي ٻي خوبي آهي تہ هو موضوع/ مضمون سان موافقت رکندڙ ڪلام چئي پنهنجي مقصد کي هر صورت ۾ متاهون رکي ٿو. اهڙو ڪلام چوڻ ڪو سولو ڪم ناهي. انهيءَ جي لاءِ مقصد کي متاهون رکڻ لاءِ ڪلام جي ڪيترن ئي لوازمن کان پاسو ڪرڻو پوي ٿو.

مخدوم ابوالحسن جي ڪلام جي ٽئين خوبي آهي. مقصد کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ سادي، چٽي ۽ مقامي ٻوليءَ جو استعمال هن جي ڪلام ۾ هر مرحلي تي مقصديت ۽ عبارت ۾ هن آهنگي ۽ مناسبت آهي.

مخدوم ابوالحسن جي ڪلام جي چوٿين خوبي آهي تہ هن پنهنجن جذبن، ويچارن ۽ آدرشن تي ضابطو رکي پنهنجي مقصد کي هر حالت ۾ اُجاگر ڪري عام ماڻهن جي مذهبي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ صاف، واضح ۽ مستند عبارت ذريعي پيش ڪئي آهي ۽ خوب ڪاميابي ماڻي آهي.

## مخدوم ابوالحسن جون ادبي خدمتون:

مخدوم ابوالحسن ڏِگهن بندن تي مشتمل نظم لکڻ جي شروعات ڪئي. هو ئي ڏگهن بندن تي جوڙيل نظم جو خالق آهي. هن جي اهڙي نموني جي جوڙيل نظم کي ”سنڌي“ يا ”ڪبت“ چئبو آهي. دانشمندي ۽ ڪمال ڪاريگريءَ سان جوڙيل اهڙي نظم تقريباً سوا سؤ سالن تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجندي رهي آهي.

مخدوم ابوالحسن ”سنڌي“ تحرير ڪري سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين ڌارا جو اضافو ڪيو آهي. انهي نئين ڌارا سنڌي شاعرن کي خوب متاثر ڪيو ۽ اُنهن هن نئين ڌارا ۾ ڪلام جوڙي اُن کي خوب عروج ڏياريو ”سنڌي“ جي نئين روايت لوڪ شاعرن ۽ سگهڙ شاعرن لاءِ وسيع ميدان فراهم ڪيو ۽ اُنهن بيمثال ڪارناما سرانجام ڏيئي سنڌ جي ادبي ۽ لوڪ شاعري کي اوچي مقام تي پهچايو.

مخدوم ابوالحسن سنڌي آوازن ۽ حرفن کي عربي ۽ فارسي حرفن جي پيچ ڏاهه ڪري هڪ نئين الف-ب جوڙي هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هن جي الف-ب جي جوڙيل پٽيءَ کي 1853ع واري ڪاميٽي غور ڪري اُهي حرف جيئن جو تيئن منظور ڪيا. اُها هن جي هڪ وڏي ادبي خدمت آهي، جنهن کي وساري نٿو سگهجي.

مخدوم ابوالحسن جي وقت ۾ هڪ وڏي تبديلي آئي سنڌ جي عالمن ۽ اديبن عربي ۽ فارسي ٻولين بدران سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. مخدوم ابوالحسن نوَن مسلمانن جي مذهبي ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ پنهنجي مادري ٻولي سنڌي ۾ ڪلام چوڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو بيمثال ڪتاب ”مقدمة الصلوات“ لکي پورو ڪيو. اِها هن جي وڏي ادبي خدمت آهي. جنهن کي هر ڪو سنڌي اديب ۽ شاعر عزت جي نظر سان ڏسي ٿو.

مخدوم ابوالحسن جي اها وڏي ادبي خدمت آهي، جو هن پنهنجي ادبي صلاحيتن کي هڪ طرف رکي مقصديت کي مٿاهون مقام ڏنو. اِها هن جي خامي ناهي، ادبي ڪمزوري ناهي پر هن جي قابليت ۽ ذهانت جو پڪو ثبوت آهي.

## هن جي عبارت:

مخدوم ابوالحسن جي عبادت پياري ۽ نياري (نرالي) آهي. اُها هن جي ڪلام ۾ مقصديت سان مناسبت تي ٻڌل آهي ۽ اُن سان هم آهنگي مطابق آهي. هو نڪو مقصديت کان هٽي ٿو ۽ نہ ئي وري هو غير ضروري صنعتن، حرفتن ۽ شعري لوازمن کي توجو مرڪز بنائي ٿو. هن جي عبارت سادي آهي ۽ انداز بيان سادو ۽ عام فهم آهي. هن جي عبارت سولي، واضح ۽ عام فهم آهي. اُن ۾ سنجيدگي آهي، خلوص آهي ۽ سنئون سڌو اثر آهي.

هن ميت جي ڪنن جي صفائي کي صاف ۽ سولي نموني سان هيئن بيان ڪيو آهي:

**”ڪو ڏان مکيا ڪن ٻئي تہ توکي سائين شال،**
**سڻائي سچو ڏٽي سڏي ٻانگ بلال.“**

ڪفن وجهڻ ڪي عام فهم ۽ سادي نموني ۾ هينئن بيان ڪيو آهي:

**”ٻه ڳرا ٽيون ٻنهي پارين، مٽيا تن ڪجن،**
**موڪرائي ۾ ميت ڪي ويڙهي جيئن وجن،**
**پر مٽيا پهرين چادر ۾ چيائون گهر جن،**
**منجهينءَ ۾ ناهه ڪو احتياج سندو تن،**
**امداد الفتاح ۽ متانت ۾ اُنپر ٿا لکن.“**

مخدوم ابوالحسن پنهنجي ڪلام ۾ وقت جي مروج ٻولي ڪم آندي آهي جيڪا هر قسم جي تصنع ۽ تڪلف کان آجي آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ مشڪل ۽ ثقيل عربي ۽ فارسي لفظ استعمال نه ڪيا آهن، پر نج ۽ نڪور لاڙي محاوري وارن سادن ۽ سولن لفظن کي ڪم آندو آهي. سندس ڪلام ۾ لاڙي لفظ تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا جيڪي هن وقت تائين استعمال ۾ ڪم نٿا اچن. عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ”سنڌيون“ ۾ اهڙن ڪن لفظن جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

| | | |
|---|---|---|
| وترو | = | تِڪو |
| مهيلي | = | زال |
| جها | = | جهڙا |
| مُلا | = | وٿان |
| ٻُجهن | = | ٻڌجن |
| جيڻو | = | ساچو |
| رساڻي | = | رسائي |
| مرهڻ | = | صاف ڪرڻ |
| اُبهن | = | بيهن |

مخدوم ابوالحسن پنبهنجي ڪلام ۾ لاڙي محاوري جا اهڙا لفظ ڪم آندا آهن جيڪي اڄ ڏينهن تائين اُنهن اچارن ۽ معنيٰ ۾ استعمال ٿي رهيا آهن.

| | | |
|---|---|---|
| پُيو | = | پهتو |
| ماڙهو | = | ماڻهو |
| جيرو | = | جهڙو |

| | | |
|---|---|---|
| هيڙو | = | هڙو |
| پانجو | = | پنهنجو |
| هوءِ | = | هُجي |
| توجو | = | تنهنجو |
| ڪريج | = | ڪج |
| ڪجاڙو | = | ڇا. |

مخدوم ابوالحسن جي عبارت ۾ شعري صنعتن ۽ نزاڪتن جو استعمال ٿيل آهي ۽ خوب ٿيل آهي. هن تشبيهن جو عمدو استعمال بہ ڪيو آهي. هن نماز جو ذڪر ڪهڙي نہ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڪيو آهي.

**”پتو پهريون باب اي جو وضوءَ جو**
**هاڻي پڙهہ نماز جو ٻهگڻ باب ٻيو**
**تہ ٿئي نور نماز جي سين اندر سهائو**
**سهائي راهہ لهين پسين پريان سندي لوءِ**
**جنهن نينهن نماز سين هنيان هيج ٿيو**
**منهن تنهن جو مولو ڪندو چوڏهين چنڊ جهو**
**ڪريو نينهن نماز سين ڪاهل ڪيم ٿيو**
**قلب ۾ توفيق سين اُپائي آهيو**
**پوري ڪندو پاتشاهہ آسون مَ لاهيو.“**

نماز جو ذڪر ڪندي مخدوم ابوالحسن سهڻين تشبيهن جو سهڻو استعمال ڪيو آهي. هو نماز کي نور سان ڀيٽي چوي ٿو تہ نماز اندر ۾ روشني پيدا ڪري ٿي، سئين راهہ ڏيکاري ٿي ۽ چهرن کي چوڏهين جو چنڊ بنائي ٿي. هن جي ڪلام ۾ اهڙيون تشبيهون هر هنڌ تڙيل پکڙيل نظر اچن ٿيون. هن اهڙين شاعرانہ خوبين کي مقصديت جي ڪري ڪُلم ڪلان استعمال ڪرڻ کان ڄاڻي واڻي پاسو ڪيو آهي.

مخدوم ابوالحسن جي عبارت نئين ۽ نرالي آهي هڪ وڏي عالم، اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۾ هو سهڻي شاعري جي سيني لوازمن کان واقف هو ۽ جي چاهي ها تہ اُنهن جو اظهار ڪري خوب رنگ رچائي ها. هن وقت جي

سياسي ۽ مذهبي ضرورتن جو خيال رکي مقصديت کي مٿاهون مان ڏنو ۽ خوب داد حاصل ڪيو.

## مخدوم ابوالحسن جي ڪلام جي اهميت:

مخدوم ابوالحسن هڪ وڏو عالم ۽ تخليقڪاريءَ جو ڏات ڏٺي هو. سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙ محمد صديق ميمڻ جي لفظن ۾ هو ”سنڌي علم ادب جو بنياد وجهندڙ هو.“ هن جي ڪارنامن کي وساري ئي نٿو سگهجي.

اسان جي شاعرن، اديبن، نقادن ۽ دانشورن، جيڪي قابل آهن، ذهين آهي ۽ وڏا تجربيڪار آهن، پنهنجي ذهانت، قابليت ۽ تجربي جو استعمال ڪري ڪيترن ئي بيمثال ۽ قابل شاعرن جي ڪلام جو تنقيدي اڀياس ڪري اُنهن جي ادبي ڪارنامن کي عوام جي اڳيان ڪاميابي سان پيش ڪري نہ سگهيا آهن. آئون ان کي اخلاقي ڪوتاهي تصور ٿو ڪريان. هڪ اڌ مضمون لکڻ يا هڪ اڌ ڪتاب لکڻ ڪو وڏو ڪم ناهي. اُنهن پنهنجي پسند جي شاعرن بابت بہ چار لفظ لکي پنهنجين صلاحيتن سان انصاف نہ ڪيو آهي.

مخدوم ابوالحسن هڪ وڏو عالم، فاضل، اديب ۽ شاعر آهي. هن جي ڪلام بابت تمام ٿوري ڇنڊ ڇاڻ ٿي آهي. انهي ڪري هن جي قدرداني نہ ٿي سگهي آهي. اسان جا ڪي ڪي نقاد هن جي ڪلام کي آزاد شاعري سمجهن ٿا ۽ ٻيا نقاد هن جي ڪلام کي شاعري جي دائري ۾ شامل ڪرڻ کان انڪاري آهن. اُهي پنهنجي ادب ۽ شاعري کي ڪاپاري ڌڪ هڻي رهيا آهن.

مخدوم ابوالحسن سنڌي ادب ۽ شاعري جو ناميارو سرجڻهار ۽ تخليقار مرد مجاهد آهي. هن جا ڪيترائي ڪارناما ۽ ادبي خدمتون آهن جن کي تنقيدي طور ظاهر نہ ڪيو ويو آهي. ڪو بہ شاعر يا اديب پنهنجي معاشري ۾ مروج ريتن رسمن، ادبي لاڙن، اخلاقي قدرن ۽ سياسي ۽ مذهبي حالتن کي سامهون رکي پنهنجن احساسن، ويچارن ۽ آدرشن جو اظهار ڪندو آهي. اُنهن کي سمجهڻ کان سواءِ هن جي ادبي ڪارنامن جي سمجهڻ وڏو ڏکيو ڪم آهي. مخدوم ابوالحسن جي دور ۾ نٿي ۾ ادبي،

سياسي ۽ مذهبي تبديليون رونما ٿيون. غير مسلمانن اسلام قبول ڪيو. نوَن مسلمانن جي مذهبي تعليم ۽ تربيت هڪ وڏو مسئلو ٿي سامهون آيو. تنهن جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن انهي مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ عربي ۽ فارسي جي بدران سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. مخدوم ابوالحسن پنهنجي صلاحيتن کي ڪم ۾ آڻي وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو. هن پنهنجي شاعري جي ذريعي اهوجهن کي سجاڻ بنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. نوَن مسلمانن جي مذهبي ڄاڻ لاءِ هن هڪ ڪتاب "مقدمة الصلوات" لکيو جنهن کي ابوالحسن جي "سنڌي" چئبو آهي. هن پنهنجن جذبن ۽ ويچارن کي پاسيرو رکي مقصديت جو وڏو پرستار بنيو.

مخدوم ابوالحسن سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين ڏارا (Trend) "سنڌي" جو بنياد رکيو. هو ئي "سنڌي" جي صنف جو باني مباني آهي. "سنڌي" سنڌي شاعري جي نج نڪور صنف آهي. جيڪا ڏرتيءَ جي سياسي، مذهبي ۽ ادبي اثرن هيٺ اُڀري، اُسري ۽ ترقي ڪري سنڌي شاعري کي خوب عروج ڏياريو.

مخدوم ابوالحسن جي "سنڌي" سنڌي ادب ۽ شاعري ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. هن "سنڌي" کي پاڻ تائين محدود نہ رکيو. هن ٻين جي ٻين شاعرن کي هن نئين قسم جي شاعريءَ ڏانهن متوجہ ڪيو جن "سنڌي" ۾ طبع آزمائي ڪري "سنڌي" کي وڏو اوج ڏياريو. ابوالحسن جي "سنڌي" کان سواءِ مخدوم ضياالدين جي سنڌي، مخدوم محمد هاشم جي سنڌي، مخدوم عبدالله جي سنڌي، مخدوم غلام محمد بگائي جي سنڌي، محمد صالح جي سنڌي ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي سنڌين ادبي دنيا ۾ موج مچائي ڇڏي.

"سنڌي" جي شاعرن سنڌي جي مضمون ۾ وسعت آندي، مقصديت سان گڏوگڏ انهن شاعرن شاعري جي ٻين ضروري لوازمن کي سنڌين ۾ شامل ڪري سنڌين کي وڌيڪ دلڪش، دلچسپ ۽ مقبول عام بنائي ڇڏيو. انهن "سنڌي" جي موضوعن ۾ اضافو آندو ۽ سنڌين ۾ رسول اڪرم جي اخلاق، اعمال، اقوال ۽ احوال، ٻارن جي تعليم ۽ تربيت، بناوت، نزاڪت، زماني بابت واقع نگاري، فصاحت، سلاست ۽ بلاغت جهڙن موضوعن کي

سنڌين ۾ عشقيہ ۽ مزاحيہ موضوع بہ ملن ٿا جن جي هڪ پنهنجي اهميت آهي.

مخدوم ابوالحسن جي ايجاد ڪيل نئين ڏارا "سنڌي" سنڌي شاعري ۾ هڪ نئون، نرالو ۽ توجہ طلب باب آهي. انهي ڪان سواءِ سموري سنڌي شاعري اڻپوري ۽ بيمعنيٰ آهي.

ೞ

**مددي ڪتاب:**


(1) ميمڻ عبدالغفور سنڌي سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ڀاڱو پهريون.

(2) عبدالجبار جوڻيجو. "سنڌيون".

(3) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.

(4) محمد صديق ميمڻ. سنڌي ادب جي تاريخ ڀاڱو پهريون.

(5) سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ

## 1102هجري–1689ع 1165هجري–1752ع

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

(1) ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ پاڪستان جي چئن صوبن جي شاعرن مان هڪ مشهور ۽ نامور شاعر آهي. شاهه جو رسالو اُن جي خصوصيتن ۽ عوام سان محبت جو کُليو اظاهر آهي.“

**ڪرتار سنگهه عرش. شاهه ڀٽائي دا رسالا (پنجابي ڪار)**

(2) ”شاهه هڪ اعليٰ درجي جو وطن دوست هو. سندس زندگي توڙي ڪلام ۾ سندس حب الوطني جو ثبوت ملي ٿو. شاهه جي دل ۾ سنڌ لاءِ بي حد محبت هئي، جا رسالي ۾ پاريون ڪري پلٽي آهي. ٻولي، نظم ۽ خيالات جي لحاظ کان شاهه جو رسالو حب الوطني جو هڪ بي نظير گرنٿ آهي.“

**ڪلياڻ آڏواڻي. شاهه سچل سامي**

(3) ”لطيف جو رسالو فقط چند سُرن جو مجموعو نه آهي پر سندس رسالو هڪ دور جي تاريخ ۽ برصغير جي وڏي حصي جي جاگرافي آهي، هڪ زماني جي سلسليوار لغت (Cronochological Dictionary) آهي. لطيف جو ڪلام گذريل ٻن سؤ سالن جو پراڻو پيغام نه آهي، پر سندس ڪلام هر دور ۾ نئون نياپو ٿو ڏي.“

**ڊاڪٽر غلام علي الانا. لطيفي لات**

(4) ”لطيف سراپا جدوجهد آهي. هن جو ڪلام سڪ، محنت، سچائي، بردباري ۽ يقين آهي، هو پنهنجي مقصد ڪي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. اُن ڪي

ماڻن لاءِ هر هر قرباني ڏيڻ جو سبق ڏئي ٿو. هن پنهنجي وطن جي مٽي سان محبت ڪئي آهي.

**ڊاڪٽر سليمان شيخ. لطيفي لاٽ**

(5) شاهه جو صوفياڻو ڪلام حال آهي. ۽ نه قال. جيڪو ذڪر ڪري ٿو سو سندس اُنهي حالت جو گويا هڪ آئينو آهي. پنهنجو ئي آزمودو ۽ تجربو بيان ڪيو اٿس. (نه فقط ٻين ڪان ٻُڌل ڳالهيون ۽ نڪي ڪي فيلسوفن وانگي منطقي حجتون ۽ دليل پيش ٿو ڪري.")

**ڊاڪٽر گربخشاڻي. مقدمه لطيفي**

(6) "شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو اُهو سدا حيات شاعر آهي، جيڪو ڪڏهن به مري مات ٿيڻو ئي ناهي، هن اهو سڀ ڪجهه پنهنجي جيئري ئي جهڙوڪ پنهنجي لاءِ ئي پنهنجي هڪ بيت ۾ چئي ڇڏيو آهي."

**مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات،**
**هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.**

**ڊاڪٽر سحر امداد. شاهه لطيف : هڪ تحريڪ هڪ جدوجهد**

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي سوانح عمري:

(1) شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌ جو وڏو ڏات ڏڻي ۽ ناميارو شاعر ۽ تخليق ڪار آهي، هن جي ڪلام سنڌ جيئي پئي ۽ ترقي جون سيئي منزلون طعي ڪري پئي. شاهه سنڌ آهي. شاهه جي شاعري سنڌ جي ماڻهن جو آواز آهي ۽ سنڌ جي ريتن رسمن جي سچي تصوير آهي.

## پيدائش:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي 1102هجري مطابق 1689ع-1690ع ۾ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾ هالا حويلي جي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. هن جي پيءُ جو نالو شاهه حبيب آهي. هن جي ڏاڏي جو نالو سيد عبدالقدوس شاهه

هو ۽ هن جي پڙ ڏاڏاي جو نالو سيد جمال شاهه هو. سنڌ جو وڏو صوفي ۽ شاعر عبدالڪريم بلڙي وارو هن جو تڙ ڏاڏو هو. شاهه عبداللطيف جو پيءُ ٿوري وقت کان پوءِ اچي ڪوٽڙي جي هڪ ڳوٺ ۾ رهيو جيڪو ڀٽ کان ٻه ڪوه ڪن پري آهي.

## تعليم:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ پڙهيل هو يا اڻ پڙهيل ۽ جي پڙهيل هو ته هو ڪٿي پڙهيو ۽ ڪيترو پڙهيو اُنهي جي باري ۾ ڪا به مفيد معلوامت موجود نه آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ اڻ پڙهيل ڪو نه هو. ڊاڪٽر ٽرمپ جي لکڻ مطابق شاهه جو رسالو پڙهي اُهو معلوم ٿئي ٿو ته هو اُمي يا اڻ پڙهيل نه هو. هن جي رسالي ۾ آيل عربي ۽ فارسي ٻولي جي لفظن کي پڙهي اُهو معلوم ٿئي ٿو ته هن درسي تعليم ضرور حاصل ڪئي هوندي. هو عربي ۽ فارسي ٻولين جو ڄاڻو هو. هن کي پنهنجي مادري ٻولي تي مڪمل ضابطو هو. هو بلوچي، سرائڪي، هندي، پنجابي وغيره به چڱي طرح ڄاڻندو هو. اُن ڪانسواءِ هن جو تاريخي علم به وسيع هو. اُهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اڄ جو وڏو عالم به شاهه جي رسالي جهڙو ڪتاب لکي نه سگهندو.

## عشق جي چوٽ:

شاهه حبيب هالا حويلي مان لڏي اچي ڪوٽڙي ۾ رهيو. اُتي مرزا مغل بيگ نالي هڪ وڏو ماڻهو رهندو هو. جيڪو ارغون گهراڻي مان هو. مرزا مغل بيگ ۽ سندس خاندان جو شاهه حبيب سان مريدي جو رشتو هو ۽ منجهس گهڻو اعتقاد هو. جڏهن ڪو بيمار پوندو هو يا ٻيءَ ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو هو ته شاهه حبيب کي دعا ڦيڻي لاءِ وني ويندا هئا. هڪ دفعي مرزا مغل بيگ جي نهايت خوبصورت نياڻي بيمار ٿي پئي. شاهه حبيب کي ماڻهو موڪليائون جيئن ته هو نيڪ نه هو. اُن ڪري هن پنهنجي فرزند شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي وڃڻ لاءِ چيو. ڇوڪري ويڙهجي سيڙهجي کٽولي تي پيئي هئي، چاڪاڻ ته هو وڏو پردو ڪندا هئا، صرف سيدن کي گهرائي دعا

ڪرائيندا هئا. شاهه لطيف اُن نينگر کي ڏسي مٿس موهت ٿي ويو. نينگر جي ڇيچ کي هٿ ۾ جهلي چيائين تہ ”جنهن جي سيد جي هٿ ۾ تنهن کي لهر نہ لوڏو“ اُهي لفظ ٻڌي مرزا مغل بيگ ۽ سندس رشتيدار تپي باهہ ٿي ويا. شاهه عبداللطيف کي اُن وقت ڪجهہ بہ نہ چيائون. مگر پوءِ تہ اچي ساڻس اُبتا پير کڻڻ لڳا. شاهه حبيب کي بہ اڳي جيڪو مان ڏيندا هئا، سو هاڻ نہ ڏيڻ لڳا. مطلب تہ اُنهن سيدن کي ڏاڍو آزاريو. اُن ڪري سيدن کي ڪوٽڙي ڇڏڻي پئي ۽ ڳوٺ ڪان پري رهڻو پيو. شاهه عبداللطيف جي عمر اُن وقت ويهہ ورهيہ هئي، عشق جي چوٽ هن کي ذهني طرح ڏاڍو پريشان ڪيو. معشوق جي روبن منجهس هڪ نئين قسم جو روح ڦوڪيو. اهو شڪ نہ آهي تہ عشق جي تاثير هيٺ هن جي شاعري پڙڪو ڪاهي ٻاهر اچي نڪتي، ڪڏهن ڪڏهن هو جهنگ منهن ڪري هليو ويندو هو. پر هاڻي ڏينهن جا ڏينهن مستن وانگي گذارڻ لڳو. هو محبوب جي فراق ۾ بيت چوندو وتندو هو. هڪ دفعي برپٽ ۾ هڪ واري جي دڙي تي عشق مٿس اهڙو تہ غلبو ڪيو ۽ غشي ۾ اچي ويو. پنهنجي جسم ۽ جان، دنيا ۽ ماسوا جو ڪو سماءُ نہ رهيو. ٽي ڏينهن برابر اهڙي حالت ۾ رهيو. جهولن ۽ جهوٽن ڪان واري جا ته مٿانس وري ويا. شاهه حبيب گهڻي ئي ڳولا ڪئي پر پتو نہ پيو. نيٺ هو پنهوار شاهه حبيب کي شاهه عبداللطيف يتائي جي باري ۾ ٻڌايو ۽ پوءِ شاهه حبيب للطيف کي حوش ۾ آڻي گهر وٺي آيو. شاهه جي شادي لاءِ مرزا مغل بيگ ڪان سڱ ڇڪڻ جي هر وجهہ ڪوشش ڪئي هوندي.

**سير ۽ سفر:**

هڪ ڏينهن شاهه لطيف اوچتو ئي اوچتو جهنگ منهن ڏيئي اٿي هليو. واٽ تي شايد هڪ هندو سنياسين ۽ جوڳين جي ٽولي ملي ويئي، جن سان گڏجي پنهنجي محبوب جي وڇوڙي ۾ اُنهن جهڙي ڪفني پائي رلندو رهندو هو. بس، اُنهن جي صحبت ۾ گهڻيئي ملڪ ڦريو ۽ ڪيترين ئي سندن تيرٿن جون جايون ۽ تڪيا پيٽيائين. لڪپت ۽ گرنار تائين بہ ويو جتان موٽندي جيسلمير ۽ ٿر ۾ بہ سفر ڪيائين. اُنهي ڪان پوءِ گنجي ٽڪر ۽ لس

ٻيلي جي سرحد وارن جبلن ۾ گشت ڪندي، لاهوت لا مڪان، هنگلاج ۽ سپر سخي جون زيارتون ڪيائين ۽ شڪ نہ آهي تہ اُتان ٿي قابل ۽ ڪنڌار ڏي ويو. جتان موٽڻ بعد وري ٻيو دفعو هنگلاج ۾ آيو. اُتي ڪن سببن جي ڪري جوڳي ۽ سنياسي هن کان پري پري رهڻ لڳا. تنهن ڪري اُنهن کان ڌار ٿي، ڪيچ مڪران لتاڙي ننگر ٺٽي ڏي رخ ڪيائين. رستي ۾ هلندي هلندي هڪڙي هنڌان هڪ دردناڪ آواز جو پڙلاءُ ڪن تي پيس. اڳيرو ڏي ڇا ڏسي تہ غار ۾ هڪ شخص هي مصرع هر هر پيو چوي:

**هيڪليائي هيڪ، پورينديس، پنهون ڏي.**

شاهہ لطيف، اُن ماڻهو جي ويجهو وڃي، سلام ڪري پڇيو تہ "اي شخص تون ڪير آهين، هت ڇا ٿو ڪرين ۽ هي ڇا پيو چوين؟ هن وارڻي ڏني تہ مان هڪ جت آهيان مان ۽ منهنجا ٻيا بہ سنگتي، اُنن تي شاهوڪاري مال لڏيو پئي وياسين، اوچتو هالن جي ڳوٺ وٽان لانگهائو ٿياسين، جتي ڪن فقيرن راڳ پئي ڳايو انهي راڳ جي هڪڙي تڪ منهنجي دل ۾ اهڙي پي ويئي، جو اُنهي ڏينهن کان وٺي مان پنهنجو مال ملڪيت سڀ ڦٽو ڪري، رڳو اهائي تڪ ڳائيندو اچي هت نڪتو آهيان" شاهہ کي معلوم ٿيو تہ هو ويچارو ڪو دردن جو ماريل آهي ۽ کيس چيائين تہ "جي تنهنجي مرضي هجي تہ بيت جون ٻيون مصراعون بہ چئي ٻڌايان، جت اُنهي تي ڏاڍي خوشي ڏيکاري ۽ شاهہ ٻي مصرع چئي ٻڌايس.

**"آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڄڻ سيل."**

جت هي مصرع ٻڌي ويتر وجد ۾ اچي ويو ۽ شاهہ کي بيت پوري ڪرڻ لاءِ منٿ ڪيائين جنهن تي شاهہ پٺن مصرع بہ چئي ٻڌايس:

**"تہ ڪر ٻيلي آهر ٻيل، جي سور پريان جا ساڻ مون."**

شاهہ جو بيت پورو ڪرڻ ۽ جت جو مورڇا ٿي ڪرڻ، شاهہ کي نهايت عجب لڳو ۽ ڏاڍو ارمان ٿيس. هت لائي ڏسيس تہ حياتي نهيئي ڪا نہ، پوءِ اُن کي اُتي دفن ڪيائين ۽ سندس قبر اجا تائين واٺهڙن کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

نيٺ شاهہ ٺٽي ۾ پهتو ۽ شهر جي عالمن ۽ فاضلن سان ملاقات ڪيائين، مخدوم معين، جنهن کي مخدوم نارو بہ ڪري سڏيندا هئا، تنهن

سندس گهڻي خاطري ڪئي، ٻنهي جي ايتري قدر تہ پريت ٿي ويئي، جو شاهہ جي پيءُ وسائڻ بعد بہ هڪ ٻئي وٽ ايندا ويندا هئا.

اهڙي طرح شاهہ لطيف، اٽڪل ٽي سال سفر ۽ سياحت ۾ صرف ڪيا ۽ دنيا جو گهڻو تجربو حاصل ڪيائين، اُن ڪان پوءِ سندس دل ۾ اُڪير جاڳي تہ هو هيڏي هوڏي رلڻ جي بدران هو پنهنجي وطن وڃي. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو اچي گهر نڪتو پيءُ پٽ، هڪ ٻئي کي وڏي حب سان مليا، شادمانا ٿي ويا ۽ ورهين جا وڇوڙا لهجي منجهہ لهي ويا.

## سير ۽ سفر جي حاصلات:

اُنهن ٽن ورهن جي دوران شاهہ لطيف دنيا ۽ دنيا جي ماڻهن جو چڱو آزمودو پرايو، گهڻائي ڏکڙا ڏٺائين، جهنگل جهاڳيائين ۽ ڏونگر ڏوريائين، ساڌن فقيرن سان صحبت ڪيائين ۽ ڀانت ڀانت جي ماڻهن سان ميلاپ ڪيائين اُنهي جو اهو نتيجو نڪتو جو سندس قلب مان تعصب ۽ دوئي جي ڪٽ ڪورجي پئي، ۽ انسان ذات لاءِ همدردي زياده ٿي. انساني طبيعت جو هن ڀوڳڙهو اڀياس ڪيو، جنهن جو ڪافي ثبوت سندس رسالي ۾ ملي ٿو.

## شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي شادي:

ٿوري وقت ڪان پوءِ دل ذات جا ڪي شاهينگ، وجهہ وٺي، اچي مرزا بيگ جي گهر تي ڪڙڪيا، پاڻ ۾ سندس ساٿي دَلن جي هٿان مارجي ويا. هو حادثو سن 1124هہ مطابق سنہ 1713ع ۾ ٿيو. هيڏانهن اچي مغلن جي زالن جي دل ۾ اچي وسو سو پيدا ٿيو تہ سندن مردن جو موت سيدن جي رنج ڪان ئي ٿيڻو آهي. سي ڏاڍو پشيمان ٿيون ۽ اچي سيدن جي پيش پيون آخر ٻنهي طرفن جو پاڻ ۾ پرچاءُ ٿيو ۽ مرزا مغل بيگ جي نياڻي جو سڱ، شاهہ عبداللطيف کي ڏنو ويو. هي اها ئي ساڳي بيبي هئي جنهن جي چيچ شاهہ پنهنجي هٿ ۾ ورتي هئي. سندس نالو سيده بيگم هو، پر پوءِ مريد ادب وچان ڪيس ”تاج الملخدارت“ ڪري ڪوٺيندا هئا. بيبي سيده بيگم، هڪ نهايت پاڪ دامن، خليق ۽ علم واري زال هئي. صبح سانجهي قرآن شريف

جي تلاوت ڪندي هئي، هو گهر جو سمورو ڪم ڪار پنهنجن ڪومل هٿن سان ڪندي هئي. شاهه لطيف کي ڪو اولاد نه ٿيو.

## فطرت سان محبت:

شاهه لطيف پنهنجو ڪجهه وقت شعر گوئي ۾ صرف ڪندو هو ته ڪجهه وقت رياضت ۽ عبادت ۾، ڪڏهن ڪڏهن ته اسلوڪي عادت موجب جهنگ منهن ڏئي هليو ويندو هو جبلن، ماٿرين ۽ کليل ميدانن ۾ گهمڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. برسات جي موسم ۾ باغ ۽ راڳ جو ڇهڇٽو ۽ لقاءُ ۽ فطرت جو جمال ۽ ڪمال ڪيس ڪشش ڪري، گهر کان ٻاهر ڪيڻندا هئا، اُتي هن جي دل قدرت جي دل سان يڪسان ٿي ويئي ۽ جيڪي خيال من ۾ پرگهٽ ٿيا، سي قدرت جي پوري ترجماني ڪري رهيا هئا. قدرت جي موهيندڙ نظارن، سندس روح کي راحت ٿي ڏني ۽ سندس قلب کي قوت بي اختيار سندس وات مان شعر جا سندر موتي ريلا ڏيئي نڪتا، ڪڏهن ڪڏهن الاهي جي باريڪ نڪتن تي فڪر ڪندو هو ۽ هميشه سندس من ۾ اُها اڻ تڻ هوندي هئي ته اسين ڪٿان آيا آهيون؟ ڪيڏانهن وڃڻو اٿئون؟ هي سڀ ٺڪاٺ ڇا جي آهي؟ ۽ اسان جو اصلي مقصد ڇا آهي؟ سندس روح جون رڳون، قدرت جي رتي جيتري رهاڻ سان به طنبور جي تارن جيئن، واڄي ۾ اچي وينديون هيون،

**”جڏهن“ رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سڀ ڪهه“**

شاهه عبداللطيف جي مقبوليت وڌندي ويئي، ته ڪي پير شاهه لطيف سان نه ٺهيا جهڙوڪ پير مخدوم نوح جو اولاد، جن مان پير پنج پاڳ، مٽيارن وارا آجناٽي سيد ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙو جيڪو سنڌ جو حاڪم ۽ ڪلهوڙن جو مهندار هو، مٿين ٽنهي ڌرين، شاهه لطيف کي نهايت ستايو. اُنهن ڪيترائي دفعا ڪوش ڪئي ته شاهه کي ماري ڪپائي ڇڏيون.

شاهه خدا ئي توڪل رکي، هنن سان ڏکيو سکيو وقت ڪاٽيو ويتر اهڙي روشن روَش مليو جو ماڻهن جو منجهس يقين پاڻ ويو وڌندو ۽ مڃڻ لڳا ته بيشڪ وڏو ولي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ شاهه عبداللطيف بلڙي ۾ اچي شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو قبو اڏرايو.

## شاهه جو ڀٽ کي وسائڻ:

شاهه لطيف جهڙي ايڪانت پسند شخص کي ڪوٽڙي ۾ به آرام نه آيو ۽ هن ڀٽ وسائڻ جو خيال ڪيو. هو بيابان جهڙو علائقو هو اُتي هڪ ڍنڍ هئي جنهن جو نالو ڪراڙ ڍنڍ آهي، جيڪا اڄا تائين موجود آهي. هن ۽ اُن جي مريدن ڀٽ کي وسايو ۽ اُتي آرام سان زندگي گذارڻ لڳا. ڀٽ تي شاهه لطيف جي زندگي ايڪانت واري هئي. هن ڀٽ جا ڪي پَٽ مريدن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ پنهنجي لاءِ رهائش جو بندوبست به ڪيائين. هن آخري وقت ۾ ڪربلا وڃڻ جو خيال ڪيو. اُن جي هڪڙي مريد شاهه صاحب کي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي. پوءِ ڀٽ تي رهي پيو ۽ ڪارو ويس ڍڪي ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ماتم ۾ سُر ڪيڏارو چيائين.

## شاهه عبداللطيف جي شخصيت:

شاهه صاحب بلڪل قداور نه هو. پر البت وچولي قد کان ڊگهيرو هو. سندس چمڙي ڪڻڪ رنگ هئي، سندس اکيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون، جي مشعلن وانگر پيون ٻرنديون هيون. سندس منهن مٽيادار هو ۽ پيري ۾ ته آڦي باقي منجهائنس هڪ نوراني جمال پيو بکندو هو. هو نهايت خليق ۽ حليم هو ، هو رحمدل ۽ ٻاجهارو هو. انسان ذات لاءِ هن کي نهايت قرب ۽ همدردي هئي.

## شاهه عبداللطيف جو مذهب:

روايت آهي ته شاهه عبداللطيف پنهنجن ابن، ڏاڏن وانگر سُني مذهب جو هو مگر ڪن ڳالهين ۾ سندس روشن شيعن جهڙي به هئي. آل رسول هن لاءِ گهڻي محبت ۽ قرب هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ حضرت علي ۽ امامن ڏانهن خاص اشارا ڪيا اٿس. سر ڪيڏارو ته سڄو امامن جي شهادت سان ڀريو پيو آهي، شاهه لطيف شعريت جو پورو پابند هو. تنهن هوندي به مذهبي ڳالهين ۾ نهايت آزاد خيال هو. شاهه جو عقيدو هو ته جي ماڻهو پنهنجي دين يا ڌرم تي قائم رهيو ۽ پنهنجي نفس تي ضابطو رکيائين ته ضرور سندس قلب ۾ هڪ نئين قسم جو روحاني جذبو اُڀرڻ ٿيندو.

## شاهہ عبداللطيف جي وفات:

ڪجھہ وقت شاهہ لطيف اڪيلائي ۾ رهي ٻاهر آيو ۽ پوءِ مريدن کي سماع جو اشارو ڪيائين. اُهو سماءُ ۽ سرود جو لقاءَ ٽي ڏينهن رهيو. آخر جڏهن راڳ بند ٿيو تہ شاهہ صاحب جو روح سندس جسم کي ڇڏي وڃي عالم ارواح ۾ پهتو. سنہ 1165هجري مطابق سنہ 1752ع جي صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ هئي، جڏهن هن پيارل ڌٽي جهان مان رحلت ڪئي.

## ورسي جو ملهائڻ:

هر سال پٽ شاهہ تي چوڏهين صفر مهيني ۾ شاهہ جي ورسي ملهائي ويندي آهي. جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جا اديب، شاعر ۽ مريد اچي حصو وٺندا آهن. اُنهي موقعي تي راڳ جون محفلون مچنديون آهن ۽ ادبي ڪانفرنسون منعقد ٿينديون آهن. جتي گهڻا اديب ۽ نقاد شاهہ لطيف جي شاعري جي لڪل معاوضوئن تي مڪالما پڙهندا آهن ۽ شاهہ لطيف جي باري ۾ نيون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن.

## شاهہ عبداللطيف جون تصنيفون:

شاهہ لطيف هڪڙي ئي تصنيف ڇڏي آهي. جنهن جو نالو آهي ”شاهہ جو رسالو“ هن رسالي ۾ اوڻهٽيهہ (29) سُر آهن. سر ڪلياڻ، سر ايمن، سُر کنڀات، سر سري راڳ، سُر سامونڊي، سر بروو سنڌي، سُر آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري، سُر حسيني، سُر ليلا چنيسر، سُر مومل راڻو سُر مارئي، سُر ڪامود، سُر گهاتو سُر سورٺ، سُر ڪيڏارو سُر روپ، سُر سارنگ، سُر آسا، سُر ڪاپائتي، سُر پورب، سُر ڪارايل، سر پرڀاتي، سُر ڏهر، سُر بلاول، سُر رامڪلي، سُر سهڻي، سُر سسئي آبري.

شاهہ جي رسالي ۾ 192 وايون موجود آهن.

## شاهہ عبداللطيف جي شاعري:

شاهہ لطيف سنڌ جو سرتاج شاعر هو. هن جي شاعري سنڌ جي شاعري آهي، سنڌي ماڻهن جي اندر جي آواز آهي ۽ سنڌي ماڻهن جي ريتن

رسمن جي واضح ۽ چٽي تصوير آهي، جيڪا هر وقت ڪجهه نه ڪجهه ٻڌائيندي رهي ٿي.

شاهه لطيف هڪ سچو انسان هو. هن جي شاعري سچ جي شاعري آهي، حق جي شاعري آهي، اُها ٻڌل، ڪوڙن ۽ فضول ڳالهين تي ٻڌل ناهي. شاهه صاحب جيڪو ڪجهه ڏٺو جيڪي ڪجهه مشاهدن، تجربن جي ذريعي حاصل ڪيو ۽ جيڪا ڄاڻ فطرت جي ڀرپاس مان حاصل ڪئي، ۽ جيڪا معلومات وقت جي حالتن ۽ اُنهن جي وسيلي حاصل ڪئي، اُهي سڀ شيون هن جي شاعري جا اڻٽوٽ انگ آهن. هن پنهنجي شاعري کي حسين ۽ دلنشين بنائڻ جي لاءِ پنهنجي ڪلام ۾ مختلف رنگ ڀريا آهن ۽ عجيب موجون مچايون آهن.

## ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ:

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي چوڻ مطابق: ”شاهه لطيف جهڙو هر وجهه ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر سنڌ ۾ اڃا تائين ڪو نه پيدا ٿيو.“ اهڙو ڪو سنڌي خوا نه مشڪل سان ليندو، جنهن کي سندس ڪلام جي سڪ نه هوندي ۽ اهڙو ڪو هنڌ خالي نه هوندو جتي سندس شعر جو پڙاڏو نه پوندو. هن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪُلي سيافتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جو هڪ وڏو پرياڻ هي آهي ته جيئن جيئن اسين سندس شعر تي اونهو غور ڪنداسين تيئن تيئن اسان ۾ حيرت اُتپڻ ٿيندي.

## شاهه لطيف جي شاعري تي اثرات:

شاهه لطيف جي شاعري تي فارسي ۽ هندوپاڪ جي شاعرن جا واضح اثرات موجود آهن، جن جي اثر هيٺ هن پنهنجي شاعري کي سنواريو ۽ سينگاريو ۽ وڏي اوج تي پهچايو. شاهه لطيف تي فارسي جي شاعرن سان ڪافي اثر آهن، هن جي شاعري مولانا رومي جي شاعري جي زير اثر رهي وڏي ترقي ڪئي. مولانا رومي شاهه لطيف جو وڏو رهبر آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ رومي کي خوب ساراهيو آهي. شاهه لطيف تي هندو پاڪ جي ٻين ٻولين جي شاعر جو به اثر آهي. شاهه عبداللطيف ڪبير، والمڪ ۽ ميران

ٻائي جي شاعري کان بہ متاثر ٿيو. مولانا غلام محمد گرامي جي چوڻ مطابق شاهہ لطيف هندو پاڪ جي صوفين ۽ ويدانيتي شاعرن کان بہ خوب متاثر ٿيو. هن جي شاعري تي راجستان جي شاعره ميران ٻائي جو خوب اثر ٿيو. ميران ٻائي جي ڪانگن ۽ اُنهن جي ذريعي نياپا موڪلڻ واري موضوع تي اثر ظاهر طور نظر اچي ٿو.

## شاهہ لطيف جا بيت ۽ وايون:

شاهہ لطيف جي شاعري بيتن ۽ واين تي مشتمل آهي، بيت ۽ وايون علم عروض جي بدران ڇند وديا جي اصولن مطابق لکيل آهن. پنهنجي بيت جي هر هڪ مصرع ۾ 24 ماترائون هونديون آهن. شاهہ جون ماترائون پڪيون ۽ پوريون هونديون آهن، ڪن عربي حوالن جي اچڻ ڪري ماترائون وڌي وينديون آهن. بيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ مصراعون ۽ وڌ ۾ وڌ ڪيتريون ئي مصراعون تي سگهن ٿيون.

## شاهہ لطيف جي شاعري جا رنگ:

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام کي دلپسند ۽ دلفريب بنائڻ جي لاءِ اُن ۾ ڪيترائي رنگ ڀريا آهن جن مان ڪي هي آهن:

## صوفيانا رنگ:

شاهہ جي ڪلام ۾ صوفيانا رنگ نمايان طور تي نظر اچي ٿو. صوفياڻي مضمون جو تعلق خاص طور ”روح“ ۽ ”رب“ سان آهي. روح ۽ رب جي وچ ۾ قرب ۽ همت جو ازلي لاڳاپو آهي.

سو هيءُ سو هو، سو پرين، سو پاڻ،
سو اجل سو الله سو ويري، سو واهرو.

*_*_*

ساهڙ سان سهڻي سائر پڻ سوئي،
آهي نجوئي، ڳجهہ ڳجهاندڙ ڳالهڙي.

*_*_*

**ڪرڙين ڪايائون تنهنجيون لکن لک هزار،**
**جيءَ سڀ ڪنهن جي سين درسن ڏارو ڏار،**
**پريتم تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.**

## اخلاقي رنگ:

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڇپي ڇپي تي اخلاقي نصيحتون ڏاڍي اثرائتي عبارت ۾ ڪندو ويو آهي.

**جاڳڻ منجهان جس، آهي الله جن کي،**
**لاهي ٿو لطيف چئي، مٿان قلب ڪر،**
**ورنه ڪجان ور صبح ساڻ سيد چئي.**

***_*_***

**مان پڇني سپرين، چٽ ۾ چئياريج،**
**ڪڏي ڪائي، ڪچ کي ڪوڙ ۾ ڪمائج،**
**وئج وهائيج، سڀ سوداگر سچ جا.**

شاهه لطيف هر نموني جون اخلاقي نصيحتون پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آنديون آهن. زال ذات پنهنجي پتار سان وفادار رهڻ ۽ پرپٺ اُن جي خير خواهي ڪرڻ (سُر سامونڊي)، زال ذات جي سچي شرافت ۽ وطن جي حب (سر مارئي)، پنهنجي چڪ قبول ڪري پڇتائڻ (سر ليلان چنيسر) مرداني سچي عزيت (سر مومل راڻو)، ٻائرن جو قرب (سر گهاتو) وغيره وغيره.

## عاشقاڻو رنگ:

هن ڳالهه ۾ ڪو وڏاءُ ڪونهي تہ شاعري جو نور آهي عشق، عشق بنان شاعري معذور آهي، پوءِ اهو عشق پنهنجي مالڪ سان هجي، قوم ۽ ديس سان هجي يا انساني حسن سان هجي، عاشقاڻي مضمون ۾ معشوق جي حسن جي تعريف، معشوق جي جفا ۽ بيپرواهي، حاسدن ۽ رقيبن جون فتنہ انگيزيون ۽ اٽڪاءُ، آخر سچائي ۽ وفاداري جي سوڀ، اُهي ڳالهيون اچيو وڃن ٿيون.

پيشاني ۾ پرين جي، پلائي جا پير،
اگهڻ اُڪندين جي، ڏئي پاٻوهيو پير،
قمد پاڙي ڪير؟ شمس سپرين سين.

*_*_*

چنڊ! تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سين،
پلڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلن ڪرين هزار،
جهڙو تون سپ ڇمار، تهڙو دم، دوستن جو.

*_*_*

ڪٽي نيڻ خمار مان، ناز ڪيائون نظر،
سورج شاخون جهڪيون ڪو ماٺو قمبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سان.

## فطرت نگاري جو رنگ:

شاهہ عبداللطيف فطرت جو عاشق هو. فطرت پنهنجو حسن پسائي هن کي جاڳائيندي هئي ۽ هن جي شاعري ۾ نوان رنگ ڀري پاڻ ملائيندي هئي.

اڄ پڻ اُتر پار ڏي ڪڪر ڪئي چوٽي،
منداٺي مينهن جي ڪنوڻ نہ کوٽي،
آلاڻ موٽي گوريان رُسڻ ڏينهڙا.

## مدحيہ رنگ:

شاعرن جو اصل کان وٺي دستور رهيو آهي، پنهنجي شعر ۾ ڪن بزرگن ۽ گهڻائتن انسانن جي تعريف ڪندا آهن، اهڙي قسم جي شعر کي مدحيہ يعني ساراهہ جي مضمون وارو شعر چوندا آهن.

## مزاحيہ رنگ:

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام کي دلچسپ ۽ وڻندڙ بنائڻ لاءِ اُن ۾ مزاحيہ رنگ بہ ڀريو آهي. وڳند فقير شاهہ صاحب جو پڪو مريد هو جنهن سان شاهہ صاحب چرچو وغيره بہ ڪندو هو. ۽ ٻيا مريد خوش ٿي ويندا هئا.

وڳند وري آئيو پينار نئون پوءِ،
محڪم لڳس موچڙا، ذرو نہ ڏس جوءِ،
ويٺو ائين جوءِ، تہ پيران پاسي نہ ٿيان.

*_*_*

وڳند وري آيو ڪنو ئي ڪوجهو،
ڇڏي نہ موزو، لڳس آر عطارسين.

*_*_*

وڳند وري آئيو بدو بي نماز،
جيئن تتر مٿي باز، وڳند تيئن سُرهاڻ ٿي.

شاهہ لطيف جي شاعري بي مثال ۽ لازوال آهي. اُن ۾ پريل سيئي رنگ هيرن ۽ موتين کان وڌيڪ قيمتي آهن جيڪي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن کي موهن ٿا ۽ اُنهن کي حق جا سبق پڙاهين ٿا.

## شاهہ لطيف کي خراج عقيدت:

سنہ 1978ع ۾ منهنجو راجستان جي مشهور شهر اجمير وڃڻ ٿيو. اُتي سنڌ مان لاڏاڻو ڪري ويل شاعرن لطيف ڏينهن ملهايو ۽ مشاعرو بہ ڪرايو. مون شاهہ لطيف جي شاعرانہ عظمت، هن جي ادبي خدمتن ۽ هن جي بين الاقوامي اهيمت کي ساراهڻ لاءِ هڪ شعر پڙهيو جيڪو هت پيش ڪجي ٿو.

## لطيف جي حضور ۾:

تون بيشڪ آن ڳاڙهو گهوٽ،
سرويچن جي ڏرتي جو!
جيڪو توکي،
مونن ۾ منهن پائڻ وارو صوفي سمجهي،
مست الست ملنگ چوي،
تنهنجي در جي خاڪ مٿي تي لائي،
تنهنجي قبر تي باسون باسي، پڙ چاڙهي،

**توکي صرف درويش سڏيان،**
**هو جاهل آ،**
**تنهنجي نياپي کان اڻ واقف.**
**تنهنجا آهن ڪيئي روپ،**
**تون شاعر،**
**انسانيت جي اعليٰ قدرن جو شاعر،**
**رات ڪُٺئي جو تو شاعر،**
**باک ڦٽي جو تون شاعر،**
**پنهنجي جُڳ جو،**
**تون سقراط!**
**تون عيسيٰ!**
**تون گوتم!**
**تون منصور!**
**تون سرمد!**
**تون باغي!**
**تنهنجي سوچ ۾ لوچ نرالي آهي،**
**تو تقليدي واٽ ڇڏي،**
**پنهنجي لئہ نئين واٽ گهڙي،**
**۽ گولن جي ٻولي بدران،**
**پنهنجي لوليءَ جهڙي ٻوليءَ ۾ تو بيت چيا.**
**هاري هٿ ۾ ڏاٽن جا،**
**اُوچن ڳائن جا،**
**سيني سيني لاٽن جا،**
**تو دلين مان نفرت دور ڪري،**
**جڳ کي پريت جي ريت سيکاري،**
**تنهنجي صورت،**
**جڳ جي آس ڀريل اکڙين ۾،**

اڄ بہ چنڊ ٻڌي چمڪي ٿي،
تنهنجي سر تي انسانيت تاج آهي،
تنهنجي من ۾،
آزادي جو سورج روشن،
۽ اکين ۾،
انسانن جي خوشحالي جا خواب هزارين،
تنهنجي چپ تي،
ڏاڍ کي ڏاريندڙ للڪار،
تنهنجي هٿ ۾ آهي رسالو
جيڪو عشق جو آ انجيل،
نئين فڪر جي نئين گيتا،
نئين ماڻهو لئہ نئون نياپو،
تون بيشڪ آن،
ڳاڙهو گهوٽ،
سرويچن جي ڌرتيءَ جو.

## شاهہ لطيف وائي جو خالق:

وائي سنڌ جي شاعري جي قديم صنف آهي، هي سنڌ جي سڃاڻپ آهي، سنڌين جي سڃاڻپ آهي ۽ سنڌي ثقافت جي مختلف رنگن ۽ روپن جي ترجماني آهي.

## آغا سليم جي راءِ:

آغا سليم پنهنجي ڪتاب ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (منظوم اُردو ترجمہ) جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي تہ ”وائي سنڌي شاعري جي قديم صنف آهي. وائي سنڌي لوڪ گيت ”سهري“ (شادي جي گيتن) مان پيدا ٿي آهي ۽ ارتقا جون منزلون پار ڪرڻ کان پوءِ هڪ الڳ صورت اختيار ڪري رهي آهي.

وائي جي معنيٰ ڳالهه آهي، سنڌي ۾ چوندا آهن ته اهڙي وائي منهن مان نه ڪڍ، سنڌي ۾ واه واه ڪرڻ جو مطلب آهي چيڪڻ يا پڪارڻ، ڪي چوندا آهن ته وائي جو فرياد گاني جي فرياد جهڙو هوندو آهي، اُنهي ڪري اُن کي وائي چئجي ٿو ٻيا چون ٿا ته، وائي هندي جي لفظ داني يا وائي جو اُچار آهي.

## شيخ اياز جي راءِ:

شيخ اياز ”رسالہ شاهہ عبداللطيف“ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو منظوم اردو ترجمو جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته ”وائي پنهنجي مزاج جي اعتبار کان لوڪ گيت جو نعم البدل آهي. هن جي هيئت غزل سان ملندي آهي، جيئن ته غزل جي مطلع ۾ ٻئي مصراعون هم ڪافيا هونديون آهن، تيئن شاهہ جي وايون بہ نظرايندي‌ون آهن. غزل ۾ عام طرح رديف جو استعمال ٿيندو آهي ۽ بغير رديف جي صرف قافيي جي اهتمام ۾ بہ غزلون چئبيون آهن. وائي ۾ رديف جو استعمال شاهہ لطيف بہ تمام گهٽ ڪيو آهي، نہ تہ عام طرح تہ صرف قوافي جي صورت هم آهنگي آهي.“

## وائي جي وصف:

وائي سنڌي شاعري جو بي بها سرمايو آهي. وائي سنڌي شاعري جي قديم ۽ نج نکور صنف آهي، وائي شاعري ۽ سنگيت جو مڌر ۽ سُريلو سنگم آهي، وائي ڀاڱي جي وهندڙ ڌار جيان آهي، جيڪا اڳتي وڌائي، نوان نينهن، نوان نظارا ۽ نيون راهون ڏيکاري ٿي، وائي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ رس، رچاءُ، رواني، موسيقي ۽ بي ساختگي رچيل هوندي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي اُنهي راءِ ۾ وزن آهي. تہ ”غالباً“ ڳيچ ۾ ڪنهن خوشي يا غم جي موقعي تي اُيري ايندڙ لفظن جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي، ڳيچن جي سٽاءُ نهايت سادي آهي، ڳيچن جي شروعات ٿلهہ سان ٿئي ٿي. پوءِ مصراعون ۽ ڪليون ٿينديون آهن، معنيٰ جي لحاظ سان ٿلهہ سڀ ڪجهہ هوندو آهي، ڳيچن جو قالب ڪشادو ۽ لچڪدار هوندو آهي، ڳيچن جي اُنهي سادي ۽ لچڪدار سٽاءُ مان ارتقائي منزلون طئي ڪرڻ کان پوءِ

وائي ڳائي سگهجي ٿي. وائي ۾ ڳيچن واري سادي سٽاءُ پنهنجائپ ۽ موزونيت هوندي آهي، وائي ۾ انساني جذبن ۽ احساسن جو اظهار سادن، سلوڻن لفظن جي ذريعي ڪيو ويندو آهي.

## وائي ۽ ڪافي:

ڪن نقادن جو خيال آهي ته وائي ۽ ڪافي موضوع ۽ مواد جي حيثيت سان هڪ شيءِ جا ٻه نالا آهن. اهڙي ڪلام کي لاڙ ۾ وائي ۽ اُتر ۾ ڪافي چيو ويندو آهي، پر اُنهن جي فني حيثيت ۽ فارم ۾ فرق آهي.

(1) وائي جو ٿلهه ٻه اڌ ٽُڪ ٿو. پهرين اڌ ۾ قافيو هوندو آهي ۽ ٻيو اڌ بنان قافيي جي هوندو آهي. ڪافي ۾ ائين نه هوندو آهي.

(2) وائي هڪ رڪن ۽ وراڻي تائين محدود هوندي آهي. ڪافي ۾ وسعت هوندي آهي.

(3) وائي جو وراڻو هر حالت ۾ ساڳيو رهي ٿو پر ڪافي ۾ بدلجي ٿو.

(4) وائي ۽ ڪافي جي ڳائڻ جا طريقا جُدا جُدا آهن.

## وائي جي حيثيت:

وائي هڪ پُر اثر ۽ دلچسپ صنف آهي. وائي ڳيچ جي هڪ سڌريل صنف مان ڦٽي نڪتي آهي. وائي ڇند وديا جي ماترڪ اصولن مطابق لکي ويندي آهي، وائي جو تعلق سنگيت سان آهي، اُنهي ڪري وائي ڪنهن نه ڪنهن راڳ ۾ لکي ويندي آهي.

وائي جي ٻول ملها (Diction) سادي ۽ سلوڻي هوندي آهي، سادا ۽ سلوڻا لفظ وائي جي دلچسپي ۽ لطف ۾ اضافو ڪندا آهن. وائي جو مواد عام ماڻهن جي زندگي سان تعلق رکندڙ هوندو آهي، صوفي خيال ۽ رمزون، سچا ۽ خالص انساني جذبا ۽ احساس قدرتي نظارا، سوچ ۽ لوچ، دعائون ۽ تمنائون، خوشي ۽ غم، ميلاپ ۽ وڇوڙو، جاکوڙ ۽ پورهيو، هار ۽ جيت،.. اُهي وائي جا دلچسپ ۽ دل فريب موضوع آهن. وائي ۾ ترنم ۽ نغمگي جو هجڻ لازمي آهي. وائي ۾ تجنيس حرفي جو استعمال ڪري رس ۽ رچاءُ ۾ اضافو

ڪيو ويندو آهي. وائي ۾ پراءُ وارا لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن. پراءُ وارا لفظ هي آهن. ”الوميان“، ”پلو مارو“، ”پلو مير“، ”وو سائين“، ”الا جيڏيون“، ”پينر“، وغيره. اُنهن لفظن ۾ ڪلهو پراءِ ناهي، اُنهن جي اُچارڻ ۽ آلاپڻ سان هڪ قسم جو رس ۽ معنيٰ مطلب ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ وائي جي رمزيت ڪن پل لاءِ سامهون اچي ويندي آهي.

## وائي جي سٽاءُ:

وائي جي سٽاءُ سادي ۽ سلوڻي هوندي آهي. وائي هڪ سٽ (ٽلهہ) تي مشتمل هوندي آهي. وائي جو ٽلهہ ٻہ اڌ ٿئي ٿو پهرين اڌ ۾ قافيو هوندو آهي ۽ ٻيو اڌ بنان قافيي جي هوندو آهي.

(1) ڪڏهن ڪڏهن ٽلهہ جي پهرين حصي ۾ قافيو هوندو آهي، جيڪو وراڻي طور استعمال ٿيندو آهي. ٻيو اڌ بنان قافيي جي هوندو آهي.

(2) ڪڏهن ڪڏهن ٽلهہ جي پهرين حصي ۾ قافيو ڪو نہ هوندو آهي، پر ٻئي اڌ ۾ قافيو هوندو آهي، اُهي اڌ ڪي وراڻي طور استعمال ڪيو ويندو آهي.

(3) ڪڏهن ڪڏهن ٽلهہ ۾ هڪ رڪن هوندو آهي، اُن ڪي ورجائي، پوءِ وراڻي طور استعمال ڪيو ويندو آهي.

(4) ڪڏهن ڪڏهن ٽلهہ جو پهريون ۽ پويون اڌ پاڻ ۾ هم ڪافيا هوندا آهن.

(5) ڪڏهن ڪڏهن ٽلهہ جو پهريون حصو قافيي وارو هوندو آهي، جنهن ڪي وراڻي طور دهرائبو آهي. ٻئي حصي ۾ ايندڙ رڪن هم قافيا هوندا آهن.

## وراڻي جي اهميت:

وائي ۾ وراڻي جي گهڻي اهميت آهي. وراڻي جي ڪري مرڪزي خيال قائم رهي ٿو ۽ اُن ڪي سمجهڻ جا نوان نوان طور طريقا سامهون اچن ٿا.

## لفظ وائي جو خالق:

لفظ اسان جي اديبن، ٻولي جي ماهرن ۽ محققن پنهنجي علميت، مطالعي ۽ مشاهدي مطابق اُنهن سوالن ڪي سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي

آهي، پر منجهارو اڃان تائين قائم آهي. ڪن محققن جو خيال آهي تہ وائي جو مطلب آهي حالات، گفتگو، ماجرا وغيره. ڪي محقق وري سمجهن ٿا تہ وائي سنسڪرت لفظ ”وارتا“ جنهن جو مطلب ڳالهہ ٻولهہ آهي، اُنهي مان ڦٽي نڪتي آهي. ڪي محقق سمجهن ٿا تہ وائي عربي لفظ ”واءِ“ مان نڪتل آهي جيڪو افسوس جو ڪلمو آهي. اُهي ڪوششيون ساراهہ جوڳيون آهن. پر اسان جي منجهاري کي سلجهائڻ لاءِ ڪارائتيون ناهن. وري ڪي ٻيا محقق سمجهن ٿا تہ وائي هڪ راجستاني لفظ واني مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻول، سخن.

## شاهہ لطيف وائي جو خالق:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي واين جي شاعري جو خالق آهي. سنڌي وائي ۾ انيڪ فني ۽ موضوعاتي تجربا ڪري نہ صرف وائي کي زنده جاويد بنايو آهي، پر پاڻ بہ زنده جاويد ٿي ويو آهي.

شاهہ لطيف وايون جوڙي، اُن ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو جائزو ورتو آهي، هن سنڌ جي تاريخ، سياست ۽ سنڌ جي ماڻهن، اُنهن جي خوابن کي عملي جامو پارائڻ جي هڪ امر تصوير چٽي آهي.

شاهہ لطيف هر قسم جا فني ۽ موضوعاتي تجربا ڪري وائي کي هڪ وڏي وسعت ۽ بلندي بخشي آهي ۽ وائي کي اظهار جو سريلو ۽ سگهارو نمونو بنائي سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي ٻولي تي وڏو احسان ڪيو آهي. شاهہ عبداللطيف جي واين جو گهاڙيٽو ۽ اُنهن جي سٽاءُ سادي ۽ نرالي آهي.

(1) شاهہ عبداللطيف جي واين ۾ ٿلهہ جي پهرين حصي کان پوءِ قافيو ايندو آهي، پوءِ پويون حصو بنان قافيي جي هوندو آهي.

(2) ڪڏهن ڪڏهن ٿلهہ جي پهرين حصي جي بدران پوئين حصي کان پوءِ قافيا ايندو آهي.

**ڏاهن ڏيرن ساڻ، ڪر هن ڪيچن ڪاڻ،**
**مستان ڪا نينهن لائي.**

(3) ڪڏهن ٽلهه ۾ هڪ رُڪن هوندو آهي، اُن کي ورجائي ورائي طور ڪم آڻبو آهي.

**جان ڏٺائون پير، جان ڏٺائون پير.**

(4) ڪڏهن ٽلهه جا ٻئي حصا هم قافيا هوندا آهن ۽ اُنهن سان نئون هم قافيا رڪن جوڙي وراڻي طور ورجايو ويندو آهي.

**ڏونگر تي ڏوري وندر تي ووڙي،**
**جن ڪاڻ جيڏيون، ڏونگر تي ڏوري.**

(5) ڪڏهن ڪڏهن ٽلهه جي پوئين حصي کان پوءِ ٻٽا ٻٽا قافيا ڏيئي، اثر کي گهرُ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

(6) سُر ڪيڏاري جي وائي ۾ ٽلهه ڏيئي اُن کان پوءِ هڪ جدا وراڻي جي سُٽ ڏيئي ويندي آهي، اُن وائي ۾ ٻن سٽن وارا بند ڏيئي ڪافي رچڻ جي راهه هموار ڪئي تي ڏسجي.

**واويلا، واويلا ملڪن ڪيو رڻ ماتام،**
**هئي! هئي! شاهه حسين سڏاريو!**
**ڪربلا جي پٽ ۾ خيما کوڙيايون.**
**جيڪا رضا رب جي، لکيو لوڙيائون،**
**هئي هئي! شاهه حسين سڏاريو.**

شاهه جون وايون مثالي آهن. اُن ۾ فني تجربا ڪري وائي کي هڪ سُريلي ۽ منفرد صنف بنائي ڇڏيو آهي. اڄ جي دور جا ڪيترائي شاعر وايون لکي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن کي سرور آڇائين ٿا ۽ اُنهن جي بيداري جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

## شاهه لطيف جي سنڌي:

## ڀيرو مل آڏواڻي جي راءِ:

ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي هڪ مضمون لکيو آهي. جنهن جو عنوان آهي ”شاهه جي سنڌي“ هن جو

چوڻ آهي تہ ”شاهہ جي سنڌي هاڻوڪي سنڌي کان البت ٻئي ڍؤل جي آهي. اهو سبب آهي جو ماڻهن کي شاهہ جي شعر پڙهڻ ۽ اُن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ قدري مشڪلات ٿيئي ٿي. هڪڙو تہ شاهہ جا لفظ ۽ محاورا نج سنڌي آهن، ٻيو تہ ڪيترا لفظ ۽ نحوي بنا تون اهڙيون آهن جو هاڻوڪي سنڌي ۾ رواجي طور استعمال ۾ نہ ٿيون اچن. ٿيون تہ ڪي اهڙا لفظ ڪتب آيل آهن جن جون معنائون يا تہ متروڪ ٿي ويون آهن. يا وري تہ منجهن گهڻي تبديلي ٿي وئي آهي ۽ چوٿون تہ شاهہ جي تلفظ ۽ هاڻوڪي تلفظ ۾ البت تفاوت آهي.“

شاهہ لطيف جي سنڌي اڄوڪي پڙهندڙن لاءِ مشڪل آهي. لفظ مشڪل آهن ۽ اُنهن جون معنائون مشڪل آهن. ٻولي جي ماهرن ڏاڍيون ڪوششون ڪري شاهہ جي سنڌي کي اڄوڪي نموني جو بنائي وڏو ڪم ڪيو آهي ۽ هينئر شاهہ جو رسالو هرڪو پڙهي لطف حاصل ڪري ٿو.

## ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ:

ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي ڪتاب ”مقدمہ لطيفي“ ۾ ”شاهہ لطيف جي سنڌي“ جي باري ۾ لکيو آهي تہ ”شاهہ جي سنڌي جو عربي ۽ فارسي سان بنيادي واسطو نہ آهي، عربي صورت خطي جي خاصي علم لغات جي اڻ واقفيت، لغت نويسيءَ جون چُڪون. مثال سنسڪرت جا ٽي درجا، سنسڪرت مان ڦٽل ٻوليون پالي، پراڪرت، اپڀرنش، ٻولي جي بگڙجڻ جا سبب تلفظ جي تڪليف، تواريخي تبديليون، قومن جي لڏه چڙ، اصلوڪي لفظ جا ٻہ چار قسم جهونن لفظن جو متروڪ ٿيڻ، نون لفظن جو استعمال، ٻولي جو بگاڙو اُن جو سڌارو آهي.

شاهہ لطيف جي ٻولي جو ڍؤل اڄوڪي سنڌي کان نرالو آهي، انهي ڪري ماڻهن کي شاهہ جو شعر پڙهڻ ۽ اُن کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿئي ٿو. ان جا لفظ ۽ محاورا اڄوڪي سنڌي ۾ استعمال نہ ٿا ٿين. ڪي ڪي لفظ متروڪ ٿي چُڪا آهن ۽ انهن جو استعمال نٿو ٿئي. شاهہ جي اچارن ۽ اڄوڪي سنڌي جي اچارن ۾ وڏو فرق آهي.

## محمد صديق ميمڻ جي راءِ:

محمد صيق ميمڻ پنهنجي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ شاهه جي سنڌي جو سنئو تجزيو ڪيو آهي، هن جي چوڻ مطابق: ”شاهه لطيف جي سنڌي ساڳي آهي جا مخدوم ابوالحسن ۽ هن جي همصرن ڪم آندي آهي، نحوي ترڪيبون ۽ صورتخطي جا قاعدا به ساڳيا آهن. شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڪم آندي آهي. تنهن کي نج سنڌي ٻولي چوڻ درست آهي. ڇاڪاڻ ته اُن ۾ سنڌ جي طبعي (پراڪرت) ٻولي جا لفظ به موجود آهن. مڪمل سڌريل (سنسڪرت) ٻولي جا لفظ به موجود آهن ۽ عربي ۽ پارسي لفظ به قائم آهن، پر اهي سڀ اهڙا عام فهم آهن جن سنڌي جو هر ڪو هندو جوان، مسلمان آساني سان سمجهي سگهي ٿو.

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ نه ڪي اهڙا ڳرا سنسڪرت ٻولي جا لفظ ڪم آندا آهن جهڙا سامي صاحب سولجن شلوڪن ۾ ڪتب آندا آهن ۽ نه ڪي اهڙا ڳوڙها عربي ۽ پارسي لفظ ۽ محاورا ڪم آندا اٿن. جهڙا اڄ ڪلهه جا مسلمان شاعر پنهنجن ڪلامن ۾ ڪم آڻيندا آهن جتي جتي قرآن شريف جون آيتون ۽ حديث شريف جا حوالا ڏنل آهن، تن ۾ هنڌن ڪانسواءِ باقي ڪلام ۾ شاهه عبداللطيف اهڙي سنڌي ٻولي ڪم آندي آهي، جا سنڌ جي هندوئن خواه مسلمان لاءِ هڪ جهڙي مروج آهي.

**اکر ڇٽي هيڪڙي، ٻهون جي نه ٻجهن،**
**کوهه ڪيو ڪي تن، سچي سٽائي ڳالهڙي،**

**پڙهيو ٿا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾،**
**پاٽان ڏوهه چڙين، جيئن ورق ورائن وترا.**

اُهو دستور آهي ته وقت جي بدلجڻ سان ٻوليءَ ۾ به تبديلي ايندي آهي ۽ لفظن جون معاتائون به بدلجي ويندیون آهن. شاهه جي ڪلام ۾ به اهڙيون تبديليون نظر اچن ٿيون. شاهه لطيف جي گذرئي هينئر به صديون ٿي ويون آهن، تنهنڪري سندس ڪلام ۾ ڪم آيل ڪيترائي پراڪرت لفظ هينئر ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم ڪو نه ٿا اچن ۽ ڪيترن ئي سنسڪرت ۽ عربي

خواه پارسي لفظن جون صورتون اهڙيون متجي ويون آهن، جن جو بنياد صحيح ڪرڻ مشڪل ڪم آهي.

(1) اڄ پڻ امارو چوڏهين مان چنڊ جو.

(2) من ۾ ٻاري مچ، جم وجني اوهري.

(3) ڪر هو نڪي ڪان، پيرن آءُ نہ پڄئي.

(4) سڱر سوڻائون، ٿيا رحمان سين.

(5) اسان اڏارا آڻي، اونگ چاڙهيا.

مٿين مثالن ۾ (1) "اماريو"، "ترواري، پڌرائي (2) "جم" = متان (3) "اور هرڻ" = ڪسڪي وڃڻ، تڳي وڃڻ، اُهي اهڙن جهونن پراڪرت لفظن جا مثال آهن، جي اڄ ڪلهہ جي سنڌي ٻولي ۾ ڳالهائڻ ۾ نٿا اچن.

"ڪان" اصل سنسڪرت لفظ آهي "ڪانڊ" = گهوڙو پر سندس صورت اهڙي متجي ويئي آهي جو اُن جو بنياد لهڻ آسان نہ آهي، اهڙي طرح "سڱر" = (دستور اصل ۾ عربي ٻولي جو لفظ آهي). "شغر". "آونگ" = (برتن يا ٿان) اصل ۾ پارسي ٻولي جو لفظ آهي "آوند".

ڪيترائي سنسڪرت، عربي ۽ پارسي ٻولين جا بگڙيل لفظ جي شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن، سي سندس زماني ۾ ئي اهڙين بگڙيل صورتن ۾ ڪم پيا ايندا هئا ۽ اُنهن مان ڪيترائي لفظ اڄ تائين بہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم پيا اچن ۽ صاف سنڌي پيا پائنجن.

شاهہ لطيف جي عربي، فارسي، ۽ پراڪرت وارا لفظ اڄ جي سنڌي ٻولي جي ماهرن بدلائي ڇڏيا آهن ۽ شاهہ جي شاعري کي آسان بنائي وڏو وڙ ڪيو آهي.

## شاهہ لطيف جو سُر ڪيڏارو:

شاهہ لطيف سُر ڪيڏارو لکي سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين صنف جو اضافو ڪيو آهي. سُر ڪيڏارو ڪربلا جي قصي جو ذڪر ڪري نہ صرف مذهبي خدمت سرانجام ڏني آهي، پر سنڌي شاعري کي هڪ نئين صنف (ڪيڏارو) جو عطا ڪئي آهي.

ڪيڏاري جي معنيٰ آهي جنگ. شاهه لطيف سُر ڪيڏارو ۾ حضرت امام حسين ۽ اُن جي وفادار ساٿين جي همت حوصلي ۽ بهادري جو ذڪر ڪري اُنهن ڪي لازوال بڻائي ڇڏيو آهي. امام حسين ۽ ان جا ساٿي ٿورا هئا ۽ اُنهن يزيد جي وڏي لشڪر ڪان وڙهي پنهنجون جانيون قربان ڪيائون. پر اُهي نڪو دنيا ۽ نڪو ظالمن جي آڏو جهُڪيا ڇاڪاڻ تہ هو سچا هئا ۽ اُنهن جي منزل سچ جي منزل هئي.

### الله جو عاشق:

امام حسين الله جو عاشق هو. هُن الله جي ماڻهن کي سچ تہ قائم رهڻ جو سبق سيکاريو جڻ هڪ غير معمولي جنگ وڙهي، هارائڻ کان پوءِ بہ جيت حاصل ڪئي. دنيا ۾ اڄ بہ ڪو يزيد جو نالو نٿو وٺي جنهن جنگ کٽي، پر هرڪو امام حسين کي ساراهي سچ جي ڪاميابي جو اعلان ڪري ٿو. جنگ ۾ تڪليفون سهڻيون پون ٿيون، ڏک ڏسڻا پون ٿا ۽ جان بہ قربان ڪرڻي پوي ٿي، شهيدن جو شان ۽ مان نرالو آهي، جنهن جي ساراهہ شاهہ لطيف اُنهن لفظن ۾ ڪئي آهي.

**”سختي شهادت جي، نسورو ئي ناز.“**

### جنگ جون سختيون:

شاهہ لطيف همت ۽ حوصلي کي قائم رکندي ڪيڏاري ۾ جنگ جا ڪئي نظارا پيش ڪيا آهن.

ڪلياڻ آڏواڻي جي چوڻ مطابق: ”هن سُر ڪيڏاري ۾ جنگ جو جوش ۽ خروش، بهادرن جي همت ۽ شهادت، جهونجهارن جي دل دهلائيندڙ رڪ وهندي راند، شيرن جي ڪنڌن جو رڻ ۾ نچڻ، ونڪن جي وهن جي جان ڏڪائيندڙ واويلا، ڪائنات جو عاشق جي شهادت تي ماتم وغيره جو احوال ڪهڙي نہ بهادرانا نموني ۾ ڪيو آهي.

**بهادر گڏئا بهادرين ڪڙڪ ڪلول ڪن،**
**وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين، هڻن،**
**ڪرن، ڪنڌ نچن، رڻ ڪنجؤ راڙو ٿئو.**

جنگ جي شهيدن جي نظاري کي شاهه اهڙي ته چٽي نموني ۾ پيش ڪيو آهي جو ائين ٿو لڳي ڄڻ اسين ڪا زنده تصوير ڏسي رهيا آهيون.

جنگ ۾ وڙهندڙ بهادر هٿيار ڪٽي ائين نچندا، ڪڏندا وڙهڻ لاءِ جنگ جي ميدان ۾ وڃن ٿا. تيسين پنهنجا هٿيار هلائي، دشمن کي جهڪائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا، جيسين اُنهن جا سر سلامت آهن.

**آيا، اُجارين، تنڪ، تراريون، ٽئرا،**
**سانگيون سائن هٿ ۾، ڪنئون نه لاهين،**
**اُيا ئي آهين، مهاڏي مرڻ تي.“**

شاهه لطيف هر هڪ شيءِ يا ماڻهو جي ساراهه بلڪل نئي ۽ نرالي نموني ۾ ڪئي آهي، شاهه لطيف چوي ٿو ته سورهه اهو آهي جو سچ جي لاءِ وڙهي قربانيون ڏئي پر ڏجي ظالمن جي اڳيان نه جهڪي، سورهه جو فرض آهي ته هو وڙهي جنگ ڪندو رهي ۽ جيسين سر سلامت آهي. تيسين ميدان جنگ ڇڏي پٺي نه وڃي. هن جي فرض جي اڳيان هن جي جان جي ڪا به قيمت نه آهي.

**مڪلي وير ڪٽڪ ۾، پاڪر جو پائي،**
**اڃا اُن کي جيئڻ جو، آسانگو آهي،**
**سورهه سو چائي، جو رڳو ئي رڻ گهڙي.**

## بهادرن جو قدر:

بهادر سچ جي خاطر پنهنجي جان ڏيڻ لاءِ آتا رهندا آهن. هو چاهيندا آهن ته جن جي لاءِ هو هر وقت تيار هجن ۽ ظالمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ همٿ ۽ حوصلي سان وڙهن.

**ڪو نر ڪلي جا ڪوڏيا! جا نڪي تائين جي،**
**مٿاءُ آڙن اُسري، رڪ پيالو پئي،**
**ڳاهه ڳجهن جو ئي، ويٺي جن ورهه ٽيئا.**

هو سمجهن ٿا ته هو پيدا ئي اُنهي ڪري ٿيا آهن. جيئن ته قربانيون ڏئي سچ جو مان وڌاين ۽ ڪوڙن کي هاراين.

## شهيدن جي زالن جو ذڪر:

جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ شهيدن جون زالون مٽي تي خاڪ دارينديون ۽ ور لاپ ۽ واويلا ڪنديون جنگ جي ميدان ۾ گهڙن ٿيون. اُنهن جا ورلاپ اهڙا تہ ڏکارا آهن جو اُنهن کي برداشت ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي. اُنهن جون زالون اُنهي ڪري نہ ٿيون رئن ڇاڪاڻ تہ سندن مڙس گذر ڪري ويا اٿن ۽ مڙس جو فرض آهي سچ لاءِ سر ڏئي سراهہ ٿيڻ.

## جهُونجهار جي زال جو شان:

جهڙا جهونجهار عزت مان وارا ۽ سچ لاءِ جان ڏيڻ وارا هوندا آهن، تهڙيون اُنهن جون زالون بہ هونديون آهن. جهونجهارن جي زالن جو اهو عقيدو آهي تہ اُنهن جا مڙس سچ جي لاءِ وڙهن ۽ حق جي لاءِ قرباني ڏئي شهيد ٿي وڃن. اُنهي ۾ نہ رڳو جهونجهارن جو شان آهي پر اُنهن جي زالن جو بہ مان ۽ ايمان آهي.

**مرن مرين آئون رئان، موٽي آءُ م ڪاند،**
**ڪجن وڏا پاند، جيئڻ ٿو اڏ مينهڙا.**

## سنڌي زالن جو ذڪر:

شاهہ لطيف هڪ وطن پرست شاعر آهي، پنهنجي شاعري ۾ وطن جي ريتن، رسمن جو ذڪر ڪرڻ هن جي لاءِ عبادت کان مٿي آهي، هن مذهبي جذبي هيٺ ڪربلا جي جهونجهارن کي ساراهيو آهي ۽ اُنهن جي عقيدت ۽ سچ لاءِ محبت جي جذبي کي وڏي عقيدت سان ساراهيو آهي پر هن سنڌ جي بهادرن ۽ اُنهن جي زالن جي ريتن رسمن جو ذڪر ڪري ڪربلا واري واقعي ۾ نئون رنگ آندو آهي. هن اهو ڏيکاريو آهي تہ سنڌ جي جهونجهارن جون زالون جڏهن اُهو ٻڌنديون آهن تہ اُنهن سچ جي لاءِ پاڻ کي قربان ڪيو آهي، ڇاتي تي ڏڪ سنا آهن ۽ جنگ جي ميدان کان پٺي ڪو نہ نڪتا آهن تہ ڏاڍيون خوش ٿينديون آهن ۽ نچنديون ۽ ڪڏنديون آهن.

شاهہ لطيف اُنهي مذهبي واقعي کي وطن پرستي جي حوالي سان وڌيڪ نمايان بڻايو آهي.

شاهہ لطيف سنڌ جي ڌارين جا پنهنجن شهيد ٿيندڙ مڙسن لاءِ اهڙا خيال پيش ڪيا آهن:

**”ڀڳو“ آئون نہ چئان ”ماريو“ تہ وسها،**
**ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا سيڪيندي سنها،**
**تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.**

***_*_***

**ڀڄي آئين ڀڄڻا، لڄائي مون، سيڻ،**
**ويٺيون وجهن ويڻ، منهن مٽاها جن جا.**

## ڪيڏاري جي صنف جي اهميت:

شاهہ لطيف ڪيڏارو ناهي سنڌي شاعري ۾ وڏو انقلاب آندو ۽ سنڌ جي شاعرن لاءِ نئون در کوليو تہ هو ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف لکن ۽ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪن. هن شاعرن کي همٿايو تہ هو ڪوڙ کي ننديين، ڏاڍ کي ننگو ڪن ۽ ظالمن جي ظلمن جي خلاف کُلي طرح لکن. اڄوڪي دور جا سنڌي شاعر ڪيڏاري جي صنف ۾ خوب لکن پيا، اسان جي جديد سنڌي شاعرن جهڙوڪ شيخ اياز، امداد حسيني، ڊاڪٽر تنوير عباسي، استاد بخاري ۽ ٻين هن صنف تحت ڪافي ڪجهہ لکيو آهي، اُنهن سنڌ جي بهادر حاڪمن، فوجي اڳواڻن ۽ جهونجهارن لاءِ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي، اُنهن شاعرن ون يونٽ جي خلاف جُرئت سان لکي ون يونٽ کي ختم ڪرايو. اسان جا اُهي شاعر، مجاهدن، شاگرد ليڊرن، سچن، عاشقن ۽ سنڌ جي اتحاد لاءِ گهڻو گهڻو ڪجهہ لکيو آهي ۽ لکندا رهن ٿا.

## شاهہ لطيف جي سدا حيات سورمي:

دنيا جي وڏن شاعرن وانگر شاهہ لطيف بہ سورمين جو شاعر آهي. هن سورمين جي ذريعي عورتن جي ڪردار کي ساراهيو آهي. ۽ اُنهن جي عزت

جا گيت ڳايا آهن، سورمين جي ڪردار نگاري ڪندي شاهه پنهنجن ادبي، فني ۽ سماجي صلاحيتن کي بي مثال ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

## شاهه لطيف جون سورميون:

شاهه لطيف جون سورميون سهڻيون، وفادار، محنتي، همٿ ۽ حوصلي واريون ۽ وطن سان محبت ڪرڻ واريون آهن، هو تن، من ۽ ڌن قربان ڪري پنهنجو فرض ادا ڪنديون آهن ۽ سماج ۾ نالو پيدا ڪنديون آهن. شاهه لطيف جون خاص سورميون هي آهن: مارئي، سهڻي، سورٺ، ليلا، مومل ۽ نوري. اُهي سيئي سورميون پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

### (1) سهڻي:

سهڻي سونهن جي شائق آهي ۽ ميهار تي موهت آهي، هنجي محبت ميهار کي ڏاڍو متاثر ڪيو. سهڻي جي ڪردار جي خاص خوبي آهي، هن جي دليري، هو اڻ جيت ۽ پنهنجي دلبر کي ماڻڻ لاءِ سڀ مشڪلاتون خوشي سان قبول ڪري ٿي، سهڻي جي بي ڊپائي بي نظير آهي. سهڻي کي نہ رڳو هر ڪنهن رات درياهه تري ميهار وٽ ويڄڻو پوندو هو پر گهر ۾ ڏم جا ڏوراپا پڻ سهڻا پوندا هئا.

**ڏم ڏيهاڻي ڏي، سندا ميهر مهڻا،**
**جهليم ٿي جهولي ۾، پلئہ پائيو سي،**
**مر جان ڇا لئہ جي، سڱا سپرين جي.**

سهڻي مهڻن جي پرواهَ نہ ڪندي ميهار سان ملي ٿي. سُهڻي ميهار جي محبت جي ماريل هئي. هن کي نہ ڏم جي ڪاوڙ جي پرواهه هئي نہ درياءَ جي ڇولين جي نہ وري ڪو واڳن جو ڊپ. هن کي صرف ميهار جي پرواهه هئي.

**”شال ۾ ڇڇي نينهن، گهڙان گهوڙئو جندڙو.“**
**”شال ۾ ڇڇي نينهن، گهڙان گهوڙئو جندڙو.“**

سهڻي ۽ ميهار قربان ٿي ويا ۽ محبت کي لازوال ڪري ويا.

**سسئي:**

سسئي جدوجهد جي علامت آهي. هن کي پنهون سان گهري پريت آهي، هو پنهون کي سارائيندي چوي ٿي ته:

**”ڪيچان آيو قافلو چامن سندو چار،**
**سنده پنهوءَ کي، اکن ڪئو آرام،**
**ناتر ڇايان نام، جي مون نهو پاڻ سين.“**

پنهون جي وڇڙڻ کان پوءِ محبت جي مارئي سسئي هن کي ڳولڻ لاءِ اڪيلي پهاڙي علائقن ۾ وڃي ٿي ۽ سوين مصيبتون برداشت ڪري ٿي.

**”ڏونگر! مون ڏکوءِ، آن اڳ ڏکوئي آهيان،**
**ساريان ڪون سکو ۽ سور گهٽي ئي نيران.“**

سسئي پنهون کي گهڻو ئي ڳولي ٿي پر هو نٿو ملي ۽ هو پاڻ کي قربان ڪريو ڇڏي.

ليلا: (حسدن ۽ چنچلتا جي هڪ مرڪندڙ تصوير)

**وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،**
**دهلين، دمامين، نقرين، ٿي پلپل پچياس.**

ليلا شوق ۽ سينگار جي شوقين هئي ۽ اُنهي کي حاصل ڪرڻ لاءِ چنيسر جي به پرواهه نه ڪيائين.

ليلا هڪ هار جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي وڪٽي ڇڏيو. هڪ ناز ۽ نخري واري عورت اهڙي نموني پنهنجي ڀتار کي ڏوڪو ڏئي سور سهئي ٿي.

**اَچئو اچئو، اڳلي، ٻئي ليلا کي لوڪ،**
**اندر اوچالن سين، ساڙي ڪيانس سوڪ،**
**ٻالا پڻ جو ٻوڪ، وئو ويچاري وسري.**

**مومل:**

مومل شهزادي هئي، سهڻي هئي ۽ مردن کي ڦاسائڻ وارا سڀ طور طريقا ايندا هئا.

**مومل کي مجاز جا، اکين ۾ الماس،**
**نڪي عام نه خاص، جي ويا سي وڍيا.**

ميندري جهڙو جوان اتڪلون، ستڪلون ڏيکاري وجي مومل کي هٿ ڪري ٿو. مومل چنچل هئي، جڏهن هو ميندري کي ناراض ڪري ٿي ته هو هن کي ڇڏي هليو وڃي ٿو.

مومل راڻي کي پرچائڻ لاءِ عمر ڪوٽ وڃي ٿي ۽ هن کي راضي ڪرڻ لاءِ سڀ هيلا وسيلا هلائي ٿي پر راڻو نٿو مڃي.

**ميان ميندرا! موٽ! بخش ڪر بچائيون،**
**تون گهٽن جو گهوٽ، مون ور هيڪڙو تونهين.**

مومل جي دل ٽُٽي پوي ٿي ۽ پاڻ کي باهه ۾ اُڇلائي پاڻ کي ماري ٿي. راڻي جڏهن اهڙو نظارو ڏٺو ته هن جي محبت جاڳي اُٿي ۽ هن به پنهنجو پاڻ کي باهه جي حوالي ڪري ڇڏيو.

## نوري:

نوري نوڙت ۽ نماڻائي جي بي بها تصوير هئي. هن اُنهن خوبين سان ڄام تماچي کي موهي وڌو جنهن هن کي پنهنجي پٽ راڻي بڻائي.

**نوري جي نياز جو عجب اجهل هوءِ،**
**سيون، سر سين ۾ سي مورچئو سوءِ،**
**اڇڙو اُيين پوءِ، محبت ٻيجي راڻين.**

هن ڪهاڻي ۾ شاهه لطيف اُهو ڏيکاريو آهي ته جيڪو پاڻ کي نيچ ٿو سمجهي، سو ئي سين ڪان اوچو آهي. نوري هئي ته هڪ پر راڻين ڪان به اوچي هئي جنهن چنيسر کي پنهنجو ڪيو.

## سورٺ:

سورٺ راءِ ڏياچ جي پياري زال هئي ۽ راءِ ڏياچ کي تمام گهڻو چاهيندي هئي، هو پروسي واري عورت هئي ۽ پنهنجي مڙس جي واعدي کي پورو ڪرڻ لاءِ هن کي اجازت ڏنائين ته هو بيجل کي پنهنجو سر ڏيئي سرهو ٿئي.

**مارئي:**

مارئي هڪ بي مثال ڪردار هئي. هن ۾ شاهه جي ٻين سورمين واريون سڀ خوبيون موجود آهن. پر آءُ مارئي کي پسند ڪريان ٿو ڇاڪاڻ تہ هن ۾ ڪي اهڙيون خوبيون بہ آهن، جيڪي ٻين ۾ نہ آهن. سچ پچ هو سيني انساني خوبين جي راڻي آهي.

ڇا هن جي سيرت آهي، ڇا هن جي صورت آهي، ڇا هن جي غيرت آهي، ڇا همت آهي ڇا هن جو حوصلو آهي ڇا هن جي وطن پرستي آهي.

عمر ڪوٽ جي حاڪم عمر مارئي کي اغوا ڪري عمرڪوٽ جي قلعي ۾ قابو ڪيو. هن کيس ڪئي لالچون، ڪئي هيرا جوائر آڇيا تہ هو هن سان شادي ڪري ۽ عمرڪوٽ جي راڻي بڻجي وڃي.

مارئي هن کي جواب ڏنو تہ غريب مارو غيرت مند آهن ۽ پنهنجي لوئي جي رکوالي ڪري سگھن ٿيون.

**اي نہ ماريون ريت جو سيڻ مٽاين سون تي،**
**اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانہ ڪريت،**
**پکن جي پريت مارين سي نہ مٽيا.**

مارو غيرتمند آهن ۽ ڪنهن بہ حالات ۾ پنهنجي غيرت جو سودو نہ ڪندا. هو وطن پرست آهن. اُنهن کي وطن جي واري ۽ واري جو هر داڻو پيارو آهي، اُتي جا ماڻهو غيرت خاطر مري مٽڻ لاءِ تيار آهن، اُهي اجائي خوشحالي کي حاصل ڪرڻ جي بدران پنهنجي ڏکيي سکئي حالتن کي پسند ڪن ٿا.

وطن ۾ رهڻ اُنهن جي لاءِ جنت آهي ۽ وطن کان دوري دوزخ. مارئي همت ۽ حوصلي واري هئي هن عمر بادشاهہ جي ڏڙڪن ۽ ڏاڍن جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجي عزت ۽ عزمت بچائڻ لاءِ طرح طرح جا سور سنا ۽ مصيبتون برداشت ڪيون.

**جي لوڻ لڱين لائين، ڇيري ڇيري جسم،**
**مون ڪُر اڳي نہ ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم،**
**جان جان دعوي دم، تان تان پرت پنهوارسين.**

بادشاهه عمر مارئي جي حوصلي، همت ۽ وطن پرستي کي ڏسي اچي شڌر ٿيو. هن کي اها به خبر پئي ته هن بچپن ۾ مارئي جي ماءُ جو کير پيتو آهي. اُنهي ڳالهه جي ثابتي لاءِ اُن اصلي دائي کي به حاضر ڪيو ويو جنهن اُنهي ڳالهه جي پڪي ثابتي ڏني.

ڪي ڪي نقاد مارئي کي مهاراڻي سيتا سان ڀيٽن ٿا. جنهن کي لنڪا جو راجا راوڻ اغوا ڪري ويو. هن مارئي وانگر سيتا کي به گهڻيون تڪليفون پهچايون پر سيتا پنهنجي رام سان سچي رهي. رام راجا هو ۽ هن جي مدد سان هو موٽي ايوڌيا پهتي پر مارئي هڪ ڪمزور ڳوٺاڻي عورت هئي پر هن همٿ ۽ حوصلو ڏيکاري پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرائي سڄي دنيا جي عورتن جو مان مٿانهون ڪيو آهي.

1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي انگريزي ڊپارٽمينٽ جي طرفان هڪ سماجي وندر لاءِ مشائرو ڪوٺايو ويو. مون اُن مشائري ۾ هي شعر پڙهيو جنهن ۾ هڪ ٿاريلي نار کي مارئي جي صورت ۾ ڏنو اهو شعر پيش ڪجي ٿو:

مان ٿاريلي نار.
نوري آهيان نروار.
مان ٿا ريلي نار.
پوهرئي سان آهه منهنجو پيار.
ڌرتي جي مان ڄائي آهيان،
سينن منجهه سمائي آهيان،
سون کان وڌ سوائي آهيان،
ويڙهيچن جي وائي آهيان،
لهان سين جو سار.
مان ٿاريلي نار.
پورهئي سان آهه منهنجو پيار.
پيڙائن جي پالي آهيان،
مان هڪ نار نرالي آهيان،
مست آهيان متوالي آهيان،

هيڻن جي رکوالي آهيان.
سڀ سان آهه پيار.
مان ٺاريلي نار.
پورهئي سان آهه منهنجو پيار.
ڪم سان آهي پيار الا،
هر دم آهيان تيار الا،
سهڻو ناهه ڏهڪار الا،
تکي آهيان تلوار الا،
آهيان مان للڪار.
مان ٺاريلي نار.
پورهئي سان آهه منهنجو پيار.
جيئڻو آهه يا مرڻو آهي،
وار ويري تي ڪرڻو آهي،
ڏاڍي کي ڏنڊ ڀرڻو آهي،
ڀاڳ اسان جو ورڻو آهي.
لکيو آ ڪلتار.
مان ٺاريلي نار.
پورهئي سان آهي منهنجو پيار.

## شاهه لطيف جي شاعري ۾ عام ماڻهن جي زندگي:

### (1) شاهه سنڌ آهي، سنڌ شاهه آهي:

شاهه لطيف سنڌ آهي، هن جي شاعري سنڌ جي شاعري آهي، هن جي شاعري عام سنڌي ماڻهن جي شاعري آهي. هن عام سنڌي لاءِ لکيو اُنهن کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻائي اُنهن کي جڳ ۾ مقبول بنايو. اُنهن جي شاعري ۾ شاهه لطيف خود سوچي پيو، سرجي پيو ۽ اُنهن جي عزت، احترام ۽ ناموس کي ڦهلائي اُنهن کي ڌرتي جا فرمانبردار پٽ بنائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

## (2) شاهہ لطيف جي شاعري ۽ عام ماڻهو:

سنڌ جي هڪ مشهور شاعر، اديب ۽ نقاد ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب ”شاهہ لطيف جي شاعري“ ۾ هڪ مضمون لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي، ”ڀٽائي جي شاعري ۾ عام ماڻهو جي زندگي“. اهڙا مضمون اسان جي اديبن گهڻ لکيا آهن.

شاهہ لطيف عوامي شاعر هو. هن جي شاعري عام ماڻهن جي شاعري آهي جنهن ۾ هن عام ماڻهن کي ڏاڍو ساراهيو آهي. جيڪي محنت ۽ پورهيو ڪري سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا ۽ ملڪ ۾ خوشحالي آڻڻ جو سبب بڻجن ٿا.

شاهہ جي شاعري سنڌ ۾ ڏاڍي مشهور آهي. جنهن کي پڙهي هر هڪ ماڻهو مزو ماڻي پاڻ ۾ همٿ پيدا ڪري سگهي ٿو. سنڌ جا محنت ڪش پورهيت سنڌ جا خدمت گذار ۽ ساٿي آهن، اُهي پنهنجن ماڻهن لاءِ پنهنجو رت وهائي اُنهن جي خدمت ڪندي فخر محسوس ڪندا آهن. اُنهن ڪانسواءِ ملڪ جا معاملات حل نٿا ٿي سگهن.

شاهہ لطيف جي شاعري ۾ سنڌ جي عام ماڻهن جو ذڪر جا بجاءِ ملي ٿو شاهہ صاحب سنڌ جي هنرمندن ۽ محنت ڪش پورهيتن کي ڏاڍو ساراهيو آهي.

## (3) بگڙيل لفظن جي صورت:

وقت تبديليون آڻي ٿو. جنهن ڪري لفظ بدلجي وڃن ٿا. اُنهن جا اُچار بہ بدلجي وڃن ٿا. شاهہ لطيف پنهنجي عام ماڻهن جي شاعري ۾ اهڙا لفظ ڪم آندا آهن. اهڙا بگڙيل لفظ وڏي عمر وارا مرد ۽ عورتون اڄا بہ ٻهراڙين ۾ ڳالهائيندا نظر اچن ٿا. فارسي لفظ ”بغير“ کي ”بگير“ طور استعمال ٿيندو رهي ٿو. فارسي لفظ ”دوست“ کي ”دوش“ ڪري اچاربو آهي. ”رواجي“ لفظ کي روازي طور پڙهيو آهي. ”جهاز“ کي ”جهاج“ طور پڙهبو آهي. اهڙا ڪيترائي بگڙيل لفظ شاهہ جي رسالي ۾ موجود آهن جيڪي سنڌي ٻولي جي اصلي سونهن جا اهڃاڻ آهن.

## (4) سنڌ جا هنرمند ماڻهو:

### لوهر:

شاهہ لطيف لوهر جي تمثيل سان ڪهڙا نہ سهڻا نڪتا بيان ڪيا آهن. لوهر عام ماڻهن جو وڏو خدمتگار آهي.

**ڪٽ ڪڙهي، لوهہ پڙي، ڏوڏا چت ڏڳن،**
**متر ڪن منهن ڪيبا، سانداٽيون سهڪن،**
**اڄ پڻ اڳڙين ميڙو آهي مچ تي.**

***_*_***

**سهي جيئن سانداڻ، ڌڪن مٿي ڌڪڙا،**
**وهہ وجائي پاڻ، ڌني ڏيائون ڌنگڙين متر ڪا.**

لوهار جي اهڙي محنت کي ماڻهو پسند ڪندا آهن ۽ ساراهيندا آهن.

### واڍو

شاهہ لطيف جو واڍي جي باري ۾ چيل هي بيت پڙهيو ۽ ڏسو تہ ڪهڙي نہ فنڪاري سان واڍي جي احوال ڏيئي پنهنجن جي دل جا حال اوريا اٿائين.

**ڏونگر تون ڏاڍو، تو ڏاڍايون ڪرين،**
**مون تن اندر تيئن وهين جيئن وڻ وڍي واڍو،**
**ڪرم جو ڪاڍو نہ تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري.**

### تانارو:

ڪُٽ جا تانوَ ۽ تانارو اُهي بہ ڳوناٽي زندگي جا حصا آهن.

**پلي ڪري آئيو تانارو ڏيهاءَ،**
**پڳي ڪٽ سڄي تي لٽي جاڪ ڳڙاءِ.**

### ڪنير:

ڪنير جي باري ۾ شاهہ لطيف جو هي بيت پڙهو:

**نهائين ڪان نينهن سڪ منهنجا سپرين،**
**سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.**

***_*_***

**نينهن نهائين ڪان، ڏڪيو ڪو نہ ڏڪئين،**
**جر ڄيري چڙيي، ڪيئن پچندا ٿانءُ،**
**سنڌي ڪنيارن، ڪن ڪريجا ڳالهڙي،**

**مگڻهار:**

مگڻهار جو ذڪر پڙهي ڏسو:

**مان پچنئي سپرين چتا چرم لاهہ،**
**اڳيان پريئين پا، پلئہ مگڻهار جئين.**

**ساٽي:**

شاهہ لطيف سر گهاتو ۾ ٿو تہ:

**ڪلي جان ڪنڪاريان تان ساٽي سنگ نہ ڪن،**
**واريو رهڻ وچن، ڪين سياڳن سامهان.**

**مهاڻا:**

مهاڻن جي باري ۾ شاهہ لطيف ڪمال جي فنڪاري سان شعر چيو آهي. ”سور ڪاموڏ“ ۾ اهڙيون ڳالهيون بيان ڪيون اٿائين جو سڄو نقشو پنهنجي ڪکيءَ ڏپ سان آڏو اچيو وڃي.

**گند جنين گوڏ ۾، پاٻوڙا پوشاڪ،**
**اُنهن جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.**

***-*-***

**ڇاريون ڪراريون ڇڇ ڇپرو، جل جي محبت مڇي سان،**
**رهن وهن سر پاندئين، سيئي بدبو هاڻ،**
**لڌڙن جيئن لطيف چئي، پائي وڏيون پاڻ.**

***-*-***

**مون سي ڏٺاءِ، جني ڏٺو پرين کي،**
**تني سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي،**

### عام ماڻهن جي زندگي:

شاهه لطيف جا عام ماڻهو سادا، غريب ۽ سٻاجها آهن. اُهي محل، ماڙين جي بدران پنهنجن ڪکائين گهرن ۾ خوشي سان زندگي گذارين ٿا ۽ اُنهن جي زندگي، رهڻي ڪرڻي ۽ دک درد جي ايمانداري ۽ حقيقت پسندي سان عڪاسي ڪئي، اُهي آهن اسان جي ملڪ جا ماڻهو ۽ اُها آهي سندن حياتي.

**جهڙا سي تيها، مون مارو مڃيا،**
**مون جيڏيون ملير ۾، چونڊن موڪ ميها،**
**اٿم آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.**

شاهه لطيف جا ماڻهو دولت کي اهميت نه ٿا ڏين. هنن لاءِ سون سوءِ آهي، هنن کي پنهنجي غريب جيڏين سان گڏ بک مرڻ ۾ به فرحت محسوس ٿئي ٿي. هن جي خودداري ته ڏسو. آرام عيش جي زندگي کان هنن لاءِ عزت جي بک بهتر آهي.

**هن مد مارو سنرا، ڍنگر ڍار رهن،**
**هن کي لوهه لطيف چئي، هو ڪائر منجهه ڪلن،**
**ڪائو بنا ڪاڄن، مينهن وسندا موٽ تون.**

### ٿر جا عام ماڻهو:

شاهه لطيف جي شاعري جي اُها خاص ڳالهه آهي ته هن، ”سر مارئي“ ۾ مارئي جي محبوب ڪيت کي گهٽ، پر مارن کي وڌيڪ ڳايو آهي. هن جو موضوع هڪ فرد نه پر سڄو وطن آهي، اُن جي مٽي ۽ اُن جا ماڻهو آهن. هن ٿر جي ٿڌي واري، واس وليون ۽ ٿر جو سڄو ماحول بيان ڪيو آهي. شاهه لطيف ڀٽائي سنڌ جي عام ماڻهن جي نه فقط ٻولي استعمال ڪئي، پر ان جو لهجو پڻ ڪم آندو. اُهو سڀ ڪجهه هو ان ڪري ئي ڪري سگهيو آهي جو هن خود عام ماڻهو جي زندگي سر ڪئي ۽ سندس ماحول ۾ سمائجي ويو.

### شاهه جي شاعري جي اهميت:

#### شاهه ۽ سنڌ:

شاهه لطيف سنڌ آهي ۽ سنڌ شاهه لطيف. اهو ڪنهن ڏاهي جو قول سچو ٿو ڏسجي شاهه ۽ سنڌ هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ منظوم آهن. سنڌ شاهه کي

پيدا ڪيو ۽ شاهہ سنڌ جي مذهبي، سماجي، معاشي، معاشراتي ۽ ثقافتي، ڀلائي ۽ ترقي لاءِ پاڻ کي خوب پتوڙيو. شاهہ سنڌ جي لوڪ قصن ۽ داستانن کي پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪري نہ صرف سنڌ جي شان جو ذڪر ڪيو آهي، پر پنهنجي شاعري ذريعي سنڌ جي ماڻهن لاءِ وندر ۽ ورهون، اخلاق ۽ نصيحت، عشق ۽ حسن جو وڏو خزانو پيش ڪيو آهي.

سنڌ جا ماڻهو شاهہ جي ڪلام مان خوب پرائن ٿا، اُن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ هر وقت اُنہ کي ڳائي مسرور زندگي گذارين ٿا.

## شاهہ جو اخلاق:

شاهہ وڏي اخلاق وارو شاعر هو. هو سڀني ماڻهن جو ڀلو چاهيندڙ هو. هو پيارو هو ۽ سڀني ماڻهن سان پيار ڪندو هو. هو ڪنهن سان بہ نفرت نہ ڪندو هو. هو حسد کان پري هو. هو هر حال ۾ خوش رهڻ وارو هو. هن سوين سختيون سٺيون، سور پرايا ۽ مصيبتن سان مقابلا ڪيا، پر هن ڪڏهن بہ صبر نہ ڇڏيو نہ ڪنهن کي پٽيائين ۽ نہ ڪنهن کي پارات ڏنائين. هن جي شاعري پيار جي شاعري آهي، همدردي جي شاعري ۽ ڀائي چاري جي شاعري آهي، هن پنهنجي شاعري جي ذريعي عام ماڻهن کي موهي ڇڏيو. هو هن جي ڪلام پڙهي خوش ٿيندا هئا، ڪجهہ سکندا هئا ۽ اُنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا.

## شاهہ جي خاص خوبي:

شاهہ جي خاص خوبي هئي نيڪ نيتي. هو هڪ ڀلوڙ انسان هو ۽ هر ڪنهن سان ڀلو ڪري خوش ٿيندو هو. هو هيئن، ذڪين ۽ ٻکين جي وقت واهر ڪندو هو هن جو سڄو ڪلام نيڪ نيتي ۽ همدردي سان ڀريل آهي، هن جي ڪلام کي پڙهڻ کان پوءِ هر هڪ ماڻهو چاهيندو آهي تہ ڪاش! هو اُهي خوبيون پنهنجو پاڻ ۾ پيدا ڪري سٺو ماڻهو بڻجي وڃي.

## هڪ جرئت مند انسان:

شاهہ لطيف هڪ حليم ۽ نماڻو انسان هو. پر ڪانئر نہ هو. هو سچ جي لاءِ ميدان عمل ۾ اچڻ وارو هو. هو ڪٿي ڪا غلط ڪم ٿيندي ڏسندو هو، تہ

نہ صرف اُن کي ننديندو هو پر اون سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. هو هڪ بهادر شخص هو. هن ڪلهوڙن جي دور جون ڪيتريون ئي مصيبتون سٺيون، تڪيلفون ڏٺيون ۽ مارائڻ جا ڏڙڪا بہ ٻڌائين پر هو مڙيو ڪو نہ. جهڪيو ڪو نہ آخر ڪلهوڙن کي مٺو پيو تہ شاهہ لطيف ڪنهن جو برو نٿو چاهي. آخر ڪلهوڙن هن سان صلح ڪيو ۽ چون ٿا تہ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي پيدائش هن جي دعائن سان ٿي، شاهہ جي شاعري ماڻهن کي اُهو سيکاري ٿي تہ خير جو ڪم ڪجي، تڪليف ۾ آيل ماڻهن جي مدد ڪجي تہ الله انسان جي رکوالي ڪندو، انهن سان رضامند رهندو.

## شاهہ وائي جو شاعر:

شاهہ لطيف وائي جو موجد هو هن جون وايون سهڻيون، سريليون، ۽ رسيليون هيون. اُهي ٻڌي ماڻهو ڏاڍا مطمئن ٿي ويندا هئا. شاهہ جي شاعري عام ماڻهن لاءِ پڻ چڪتان کي گهٽ ڪرڻ جو ڪو ازغيبي طريقو هو. هڪڙو مثال آهي تہ سنڌ جا ٻہ نوجوان ڪن ڳالهين جي ڪري هڪ ٻئي کان ناراض ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. پري کان ڪنهن راڳيندر شاهہ جي وائي پي ڳائي، جڏهن اُنهن شاهہ جي وائي ٻڌي، تڏهن اُنهن جون دليون تبديل ٿي ويون، اُنهن جي ناراضگي ختم ٿي ۽ هو هڪ ٻئي سان بغل گير ٿي ويا. هي آهي شاهہ جي شاعري جو عام ماڻهن تي اثر. شاهہ جي شاعري، همدردي جو پيغام ڏي ٿي ۽ هو ڪاوڙ حسد ۽ ناراضگي وساري، پيار ۽ چاهہ سان رهڻ لڳندا آهن ۽ هر هنڌ امن ۽ سڪون قائم ڪرڻ جي ڪوشس ڪندا آهن.

## زماني جي حالت:

اڄڪلهہ ائين پيو ڏسجي جڻ سموري انسان ذات حيران ۽ پريشان آهي. ڏک ۽ بُک عام چام آهن. ماڻهن ۾ هر قسم جا جهيڙا ۽ جهڳڙا موجود آهن. انهن ۾ ڪا همدردي نہ آهي، ڪو پيار نہ آهي ۽ نہ وري، ڪو اشفاق سڄي ماحول ۾ نفرت پريل آهي. هرڪو ٻئي جي خلاف آهي، دشمني هر هڪ کي ستائي رهي آهي. عام ماڻهو ڏکيا ۽ بُکيا آهن. هو ڏکن ۾ سورن واري زندگي گذاري رهيا آهن. هو الله کي پڪاري رهيا آهن تہ هو ڌرتي تان

ڏک، سور مٽائي، انسانن ۾ همدردي جو جذبو پيدا ڪري ۽ محنت ۽ مزدوري کي عام ڇام ڪري، اهڙن حالتن ۾ شاهه جو ڪلام ڏاڍو اهم ٿي ويجي ٿو. شاهه جي شاعري ۾ محبت، خدمت، همدردي، محنت ۽ مشقت ۽ گڏجي رهڻ وارا سبق ياد اچيو وڃن ٿا. هو انهن تي عمل ڪري پنهنجي علائقي کي خوشحال ۽ سڪون وارو بنائڻ لاءِ هر قسم جي جهدوجهد لاءِ ميدان عمل ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. شاهه لطيف پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو آهي تہ:

**”تتي ٿڌي ڪاهه، ڪونهي ويل ويهڻ جي،**

**پرين مٿان ٿئي اونداهه، پير نہ لهين جو.“**

اهڙن حالتن ۾ شاهه جي اهميت وڌي ويجي ٿي ۽ وڌندي رهندي، جي ماڻهو امن ۽ سڪون ۾ رهندا، محبت ۽ مشقت ڪندا ۽ پاڻ کي خوشحال ۽ امن پسند بنائيندا.

☙

**مددي ڪتاب:**


(1) ڪرتار سنگهه عرش. شاهه جي شاعري (پنجابي)

(2) آغا سليم. شاهه شاعري (اردو)

(3) شيخ اياز. شاهه، سچل، سامي.

(4) محمد ابراهيم جويو. شاهه، سچل، سامي.

(5) ايل.ايچ. اجواڻي. هسٽري آف سنڌي لٽريچر (انگريزي)

(6) شمشيرالحيدري. چر تر تک تنوار.

(7) تنوير عباسي. شاهه لطيف جي شاعري.

(8) پيرو مل مهر چند اڏواڻي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي.

(9) ايچ.ٽي. سورلي. سرتاج شاعر: شاهه عبداللطيف ڀٽائي.

(10) محمد ابراهيم جويو. شاهه، سچل، سامي.

(11) اي.جي. اُتم. شاهه، سچل، سامي.

(12) مرتب: تاج جويو. شاهه تي لکيل مضمون.

(13) تولارام هنس. ٽي. وڏا شاعر.

# ميان سرفراز خان ڪلهوڙو

## 1701ع کان 1783ع

### نقادن جا رايا

ميان سرفراز کي مير بهرام جي فرمانبردار ۽ وفاداري تي وڏو ناز هو پر لڳي ٿو ته راجا ليکي جي ڳالهين ۾ اچي مير بهرام جي باري ۾ بدظن ٿي ويٺو.

**اعجاز الحق قدوسي. سنڌ جي تاريخ**

مخدوم عبدالرؤف ڀٽي بزرگ جنهن هجري 1165هه برابر 1751ع ۾ رضا ڪئي، تنهن اول سنڌي زبان ۾ ڪلام (مولود) ناهيا هئا. مگر اُن کان پوءِ سنڌي زبان ۾ موزون ڪلام چوڻ وارا ٻه شاعر ٿيا. هڪڙو سيد ثابت علي شاهه مرثيه گو ۽ ٻيو ميان سرفراز خان ڪلهوڙو.

**محمد صديق ميمڻ. سنڌ جي ادبي تاريخ**

ميان محمد سرفراز خان ڪلهوڙو پنهنجي والد ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وفات بعد سنڌ جي تخت تي ويٺو. فارسي زبان جو وڏو ”صاحب ديوان“ شاعر هو. هي مداح شريف، قيد جي حالت ۾ 1774ع انتهائي سوز ۽ رقت سان چيائين سنڌي ادب ۾ مدح جي شروعات ميان صاحب جي هن مداح سان ٿي. سندس مدح جو غير فاني وراڻو ٻيلا ڄام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون سنڌ ۾ هر هنڌ مشهور آهي.

**مداحون ۽ مناجاتون. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

سنڌ جو هي بدنصيب ۽ ناعاقبت انديش شهزادو، ڪلهوڙي بادشاهه ميان محمد غلام شاهه خان جو پٽ هو. 1772ع ۾ سنڌ جي تخت تي ويٺو.

پنهنجي تخت کي محفوظ بنائڻ جي خبط ۾ پنهنجي وفادارن جي رت سان هٿ رڱيائين. قضا جي قهري ڪان سندس تخت کي اونڌو ۽ سخت کي اونداهو ڪري ڇڏيو. کيس پنهنجن قيد ڪري ڇڏيو. نه رڳو ايترو پر قيد ۾ سندس نور جو ڏئين کي وسائي ڇڏيائون ان بيوسي کيس پڇتاءُ جي وادين جو سير ڪرايو ۽ اندر مان آواز ڪڍيائين سندس اها مناجات سندس واحد سنڌي ڪلام آهي.

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

## حياتي جو احوال:

ڪلهوڙا غير سنڌي هئا. ڪلهوڙن جا وڏا ڏار ڏار ٽوليون ناهي مقامي ماڻهن ۽ سنڌ جي ماڻهن سان تالف ۾ آيا ۽ جهيڙن، جهٽن بي قضائين، سازشن ۽ آخر ۾ عام سنڌي ماڻهن جو ساٿ ڏئي پاڻ کي سنڌ ۾ ڏاڍو مضبوط ڪيو ۽ سندس پنهنجي بادشاهي قائم ڪيائون.

ڪلهوڙن مان ميان غلام شاهه ڪلهوڙو مضبوط ٿي حڪمراني ڪرڻ شروع ڪئي. هن جي موت کان پوءِ سندس پٽ سرفراز ڪلهوڙو 1772ع ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو. سرفراز شڪل، صورت ۽ سيرت جي ڪري ماڻهن کي وڻيو. ماڻهن هن جي اطاعت ڪري هن کي خوش ڪيو. ماڻهن جي وفادارين ۽ مدد جي ڪري سرفراز ڏاڍو مشهور ٿيو. هن عام ماڻهن جي لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا ۽ انهن جي زندگي کي خوشحال بڻايو. سرفراز ڪلهوڙو نيڪ نيت، رحمدل ۽ سوچ سمجهه وارو انسان هو. هن ٽي سال حڪومت ڪئي. هن جي يارن، دوستن ۽ ڪن مٺن مائٽن هن کي غلط راهه ڏيکاري. هن جي زندگي کي ڏاڍو ڏکيو بڻايو.

سرفراز جي هڪڙي ايلچي ۽ دغاباز وزير راجا ليکي جي چوڻ تي ٽالپرن جي پرئي مڙس سيد بهرام خان کي لڳي وچ دربار ۾ مارايو.

انهي ڪري ٽالپرن ۽ بلوچن ۾ ڏاڍي ڇڪتاڻ پيدا ٿي. سن 1775ع ۾ اُنهن ميان محمد سرفراز کي تخت تان لاهي حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد رکيائون. قلعي ۾ اُنهن سرفراز تي ڏاڍيون سختيون ڪيون. ۽ ان کي انڌو

ڪري ڇڏيو. قلعي ۾ ميان عبدالنبي اُن ڪي، سندس ياءُ محمود خان ۽ پٽن مير محمد خان ڪي ۽ چاچس عطر خان ڪي بيگناهہ قتل ڪرائي ڇڏيو. انهن ڇئن ئي شهيدن جون تربتون هڪڙي ئي قبي ۾ آهن.

## سرفراز ڪلهوڙي جي شاعري:

سرفراز ڪلهوڙو شاعري جو وڏو شوقين هو. ننڍي هوندي کان ئي شعر چئي ماڻهن کي وندرائيندو هو. خاص ڪري وڏن گهرن جا نوجوان هن جي شعرن کي پسند ڪندا هئا. اُن ڪري هن پنهنجي گهر جي پر سان شوقين ماڻهن سان ملي مشاعرا رچائڻ شروع ڪري ڏنا.

سيد ثابت علي شاهہ انهن مشاعرن ۾ حصو وٺندو هو. هتي غزل جي شاعري تي محفلون لڳنديون هيون. اُتي مشاعرن ۾ سنڌ جو وڏو شاعر گدا اُنهن جي تربيت ڪندو هو. اُن جي اثر هيٺ سرفراز ڪلهوڙو تمام سٺا غزل چوڻ شروع ڪيا. هو عمر ۾ جيتوڻيڪ ننڍو هو پر پنهنجي ساٿي شاعر ثابت علي شاهہ سان غزل چوڻ ۾ مقابلو ڪندو هو. سيد ثابت علي شاهہ همٿائيندو هو تہ اسان سڀني ننڍن سنڌي شاعرن کي سنڌي ۾ بہ غزل چوڻ گهرجن. غزلن کان سواءِ هن ضرور ٻين ڪن صنف ۾ شاعري ڪئي هوندي پر اهي ملي نہ سگهيون آهن. هن جو مداحن جو هڪ مجموعو موجود آهي. جيڪو اعليٰ سنڌي روايتي شاعري جو شاهڪار آهي. هو فارسي زبان جو وڏو شاعر هو. هي مدح شريف، قيد جي حالت (1774ع) ۾ انتهائي سوز ۾ رقت سان چيائين. سنڌي ادب ۾ مدح جي شروعات هن مدح سان ٿي. سندس مدح جو غير فاني وراڻو ”پلا ڇام، هن غلام، سند سوال سڄ تون سنڌ ۾ هر هنڌ مشهور آهي.

## شاعري جون خصوصيتون

(1) سرفراز ڪلهوڙو هڪ نئون ۽ نرالو شاعر هو. هن گهڻي شاعري تہ نہ ڪئي پر جيڪا ڪيائين سا لاجواب ۽ بي مثال آهي.

(2) هن جي شاعري نڳي ۽ مڪاري، نفرت ۽ بداخلاقي کان بلڪل آجي هئي. ان ڪي ٻڌي سڀ ماڻهو ڏاڍا سرها ٿيندا هئا ۽ انهن جي ڇهرن تي سچي

خوشي نمايان طور تي چمڪڻ لڳندي هئي. اُن جي مداحن کي خوب ساراهيو ويندو هو. ۽ ماڻهو خوش ٿي رب تعاليٰ جا نعرا هڻندا هئا ۽ نچندا هئا.

(3) هڪ هي سُريلو ۽ جادوگر شاعر هو. اُن جي شاعري جو مواد، خدا پرستي، سنائي ۽ سچائي سان رچيل آهي. هي جڻ هڪڙو اصلاح پسند ۽ ضميرن کي جاڳائڻ وارو نيڪ نماڻو ۽ اصول پرست شاعر هو.

(4) هن جي شاعري پاڪ آهي، اها ڪروڌ، ڪاوڙ ۽ لالچ کان آجي آهي. اُن کي پڙهي ۽ ٻڌي ڪري برايون ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ نيڪن جي آمد شروع ٿئي ٿي. ماڻهو سچ پچ ماڻهو بڻجي وڃي ٿو. معاشري ۾ ظاهر ٿي. ماڻهن کي آزادي، قرب ۽ سچي نصيحت حاصل ٿئي ٿي. هو هيڻائي ڇڏي همٿ وارا ٿي وڃن ٿا.

(5) هو ڪا بہ ڳالهہ لڪائن نٿا. پنهنجي طرفان ڪيل براين تي پريشان ٿي، نبين ۽ ولين کي پڪاري پنهنجن براين کي عوام اڳيان قبول ڪري دلي سڪون حاصل ڪن ٿا. اها کين جُرئت مند بنائي ٿي. هو پنهنجي طرفان ڪيل غلطين تي سچ پچ پشيمان ٿين ٿا. انهن جون دليون صاف ۽ پاڪ ٿي وڃن ٿيون. هو پاڻ کي نفرت، ڪدورت ۽ ڪٽر پڻي کان بچائي معاشري جا سُنا ۽ سُريلا ماڻهو بڻجي وڃن ٿا.

(6) هن پنهنجي پاڻ کي حسد ۽ تعصب کان بچائي وڏي روحاني منزل حاصل ڪئي. سنڌ جي هڪ جهوني شاعر شاهہ عبدالڪريم جو چوڻ هڪ وڏو سچ آهي تہ:

ڪٽر جني اکين ۾،

سي ڪيئن پرين پسن.

سرفراز ڪلهوڙي هر قسم جو ڪٽر پڻو ڇڏي ڪري ماڻهن کي نيڪ بنايو ۽ دنيا ۾ هڪ اهڙو روحاني علاج موهيا ڪيو. جيڪو هر قسم جي روحاني بيماري کي ختم ڪري اُن کي نيڪ، سچو سنو ۽ صحتمند انسان بنائي ٿو.

(7) ڪلهوڙو اهڙو شاعر آهي. جنهن وٽ مواد ۽ فن جون سيئي خوبيون موجود آهن. هن جي ٻولي صاف ۽ سٿري عام ماڻهن جي ٻولي آهي. جنهن کي هر ڪو پڙهي سمجهي انسانيت جي وڏي منزل حاصل ڪري ٿو.

## مداح- معنيٰ، وصف، مقصد:

سڀ کان اول "مداح" ۽ مناجات لفظن جي معنيٰ سمجهڻ ضروري آهي. لفظ مداح عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. ساراهه يا تعريف ڪرڻ. "مداح" سنڌي نظم جي خاص صنف آهي. عربي لفظ "مدح" جي معنيٰ "تعريف" پوءِ ڀل اها ڪنهن بادشاهه امير، حاڪم، دوست وغيره جي به هجي. سنڌي ۾ "مداح" مفهوم خاص آهي. يعني ته اها منظوم ساراهه يا تعريف، جا نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم ۽ اصحابن سڳورن يا ڪنهن ولي يا درويش جي شان ۾ ڪيل هجي. مداح ثنا ۽ نعت جي برابر آهي. "مداح" چوندڙ شاعر کي عربي لفظ "مادح" يا "مداح" جي بجاءِ سنڌي ۾ مداحي چئبو. تاريخي طور "مداح" جو سلسلو چڙ عرب شاعر ڪعب بن زهير کان شروع ٿيو. انهي واقعي جي ڪري "مداح" جي روايت معاشري ۾ مشهور ٿي. مدح جو سنڌ جي شاعري تي به اثر پيو ۽ ڪيترن ئي سنڌي شاعرن مداحون لکي ماڻهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

مقامي طور سنڌ جي چارڻن، ڀانن ۽ ڀٽن آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ جي سورهيه ۽ سخي سردارن کي پئي ڳاتو آهي.

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي شاعرن جي فارسي جي اثر هيٺ "مداح" کي بحر وزن جي غلطين ۽ چُڪن تي رابطو رکي اُن کي باقاعدگي ڏني. جمن چارڻ ۽ صدرالدينن جي اثر هيٺ "مداح" سٺي ترقي ڪئي.

سنڌ جي مداح نگارن مدح نبي، مدح بادشاهه پير،مدح محي الدين جيلاني رضہ مدح غوث اعظم جيلاني رضہ مدرح يار چار، مدح شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مدح نبي صلي الله عليه و آله وسلم جنهن تي اجا تائين به ڪي مدح نگار انسان ضمير کي جاڳائي رهيا آهن.

## سرفراز ڪلهوڙي جا قافيا:

قافين تي پورو ضابطو آهي. ڪلهوڙي کي فن جي قافيي تي پورو ضابطو آهي. هو هڪ ماهر قافيا دان آهي. هن جا قافيا سادا، عام فهم ۽ نهڪي ايندڙ آهن. هو مداح جي ٻن مصراعن ۾ قافين جي تعداد ۾ تبديليون

آڻي اظهار راءِ پاڻ کي بچائي فطري آزادي کي ماڻي ڪلام ۾ بهتري ۽ بلندي پنهنجا بهتر کان بهتر گُڻ ڪري پاڻ کي بلند کان بلند تر شاعر شاعر بنائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪندو نظر اچي ٿو. هن جي مداحن ۾ ڪٿي 5=2+3 قافيا هوندا آهن. انهي ڪري ڪلام ۾ نواڻ، اچرج ۽ رواني اُڀري مٿي اچي ويندي آهي ۽ ڪلام ۾ رنگ ۽ رونق جو اضافو ٿي ويندو آهي.

## سرفراز جون مداحون:

هي مداحون سرفراز ساري مداح بحز هزج مڪفوف محدوف تي ٺهيل آهي. جنهن جا ارڪان آهن؛ مفاعيل، مفاعيل، مفاعيل، فعولن. اها مداح يڪ بيتو ترجيح بند آهي. هن مداح ۾ پلا ڄام، هن غلام سندو سوال سڻج تون ورجيو ورجيو اچي ٿو.

هن مداح ۾ هر هڪ مصرا ۾ گهڻو ڪري ٽي ٽي ڪافيا آهن. هن مداح ۾ ٽيهه مصراعون آهن. جن مان تيرهان مصراعون ٻن ڪافين واريون ۽ سترانهه مصراعون ٽن ڪافين واريون آهن. مثال طور ٻن ڪافين واري هن مصره کي پڙهي لطف حاصل ڪريو.

**صغير ۽ ڪبير، ڳيُر ڪرتَ، ڪچايون،**
**محمد مير، من حقير، سَنديون ميٽ مَتايون،**
**پلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.**

هائي ٽن ڪافين واري هڪڙي مصرا جي،مناس ماڻيو ۽ دل کي سڪون پهچايو.

**روز قيامت شفاعت، ڪندين اُمت اُتي تون،**
**تنهن وير، پري پير، سگهو شير رسين مون،**
**پلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.**

هن جي هڪڙي مصرا ۾ ٻه ٻه ڪافيا ۽ ڪن مصران ۾ ٽي ٽي ڪافيا آهن.

هن جي وراڻي سڄي مدح کي سُنهن، سچائي ۽ نصيهت جو انمول نمونو بنائي ڇڏيو آهي. هن مداح کي پڙهندي دل مان کوٽ نڪري وڃي ٿي ۽ سڪ وڌايو وڃي ٿي. هيڻائي، غائب ٿي وڃي ٿي ۽ همٿ نڪري نروار ٿئي

ٿي. ڪهڙو بہ ميٺو شڪي ۽ لالچي ۽ تعصب پرست ماڻهو سچو سنو ۽ مخلص بڻجيو وڃي ٿو. اُهي مداح پيار، محبت وڏائي شهڪار دل کي موتين کان وڌيڪ منور ڪري ٿي.

سنڌي شاعري ۾ هي مدح شاهڪار آهي. هي دل کي مضبوط ڪري ٿي ۽ مجبور ڪري ٿي تہ هو پنهنجن ڪچائين، برائن ۽ غلط ڪمن کي ظاهيرن ڇڏڻ جي ڪوشش ڪري سچو بڻجي پاڻ کي سڌاري ۽ پڙهندڙن کي آمداه ڪري تہ هو پنهنجن برن ڪمن تي پشيمان ٿي پاڻ کي الله جي نظرن ۾ پيارو ۽ مقبول بڻائن. هن جي مداحون فارسي وزن تي قائم آهن. هن مداحن کي صاف، سولي، آسان ٻولي ۾ چيو آهي. هن جا ڪافيا سُنا، سهڻا ۽ اثر انگيز آهن، جيڪي ماڻهن کي جهومائي ڇڏين ٿا.

## ڪلهوڙي جي شاعري جي اهميت:

سرفراز ڪلهوڙو هڪ بلند اخلاق ۽ اعليٰ شاعر هو. هن پنهنجي ڪيل يا ڪرايل گناه تي خوب سختيون سٺيون هن کي تخت تان لاٿو ويو ۽ حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد ڪري رکيو ويو. قلعي ۾ هن جون اکيون ڪڍي اُن کي انڌو بڻايو ويو. قلعي ۾ رهندي هو روئندو ۽ رهڙندو نہ هو. هو پنهنجو پاڻ تہ قابو پائي ويٺو رهندو هو. پنهنجو پاڻ کي پرچائڻ لاءِ هن مداحون چوڻ شروع ڪيون، جن ۾ پنهنجي ڪيل ڏوهہ تي پڇتاءُ ڪري نبين، ولين ۽ درويشن جي ذريعي پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن ”تيهہ“ مداحون لکيون. هن روحاني سُڪون پاتو. هن جي هدايتن کي پڙهيءَ ٻڌي عام ماڻهن، پنهنجو پاڻ کي ڏوهن کان بچائڻ لاءِ مداحون لکيون. مداح هڪ موجزانہ شعري صنف آهي. جنهن ۾ نبين، ولين، درويشن کي ساراهيو ويندو آهي. ۽ اُنهن کي پنهنجي گناهن کي معاف ڪرڻ لاءِ فرياد ڪيو ويندو آهي. مداح جي ذريعي ماڻهن کي صبر سُڪون ۽ امن ملي ويندو آهي ۽ انهن جي زندگي نيڪين جي راهن ڏانهن ورندي نظر ايندي آهي. اسان وٽ معاشري ۾ ڏاڍيون

برايون وڏيل آهن. ماڻهو حاسد ٿي ويل آهن، ڪاوڙ ۽ ڪرود عام جام آهي، ۽ ماڻهو بدحالي ۾ گرفتار آهن. انهن ڪري انهن ڏکيائين کان بچڻ جي لاءِ غلام شاهه ڪلهوڙي جي ڪيل اثر انگيز شاعري جي ضرورت آهي. شاعر اهڙي شاعري ڪري سماج ۾ قرب، سُک ۽ امن جي حاصلات ذريعي هر طرح سان خوشحال رهندا ۽ خوشيون پکڙندا.

**سرفراز خان ڪلهوڙي جون ڪي اثر انگيز مداحون:**

**(1) شريعت، طريقت، ڪرين نصيب، اسان ڪون،**
**حقيقت، معرفت، سنڏو نظر، ڪرين تون،**
**ٻلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄ تون.**

**(2) سر زمين، ڪيمُ ڪين، آهيان ناقص نمائون،**
**مٿي دين، تون امين، اُپيا ريج اسان ڪون،**
**ٻلا چام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون.**

**(3) جمال، ۽ ڪمال، تنهنجي لاءِ، واجهائون،**
**ٿيون شال، منجهه وصال، وجي هو تن هائون،**
**ٻلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄ تون.**

**(4) بسم الله، لڳ الله، محمد شاهه، ڪر پناهه پرين تون،**
**منجهه درگاهه، ڪيم آهه، مٿي راهه، سين تون،**
**ٻلا چام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون.**

**(5) چار ئي طرف، تنهنجي شرم، ڪيون روشن اُپ،**
**زمينون، منجهان نور، ٿيو معمور، مڪو ملڪ مدينو،**
**ٻلا چام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون.**

**(6) هي مداح، تنهنجي شاهه، چيم صف، واکائون،**
**سئي پاڻ، ڪنن ساڻ، ڏيئن ڏاڻ، ڏڏائون،**
**ڀلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄ تون.**

## مددي ڪتاب


(1) اعجاز الحق قدوسي. سنڌ جي تاريخ.

(2) محمد صديق ميمڻ. سنڌ جي ادبي تاريخ.

(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. مداحون ۽ مناجاتون.

(4) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌ ادب جي مختصر تاريخ.

(5) سنڌي اخبارون، رسالا ۽ انهن جا خاص نمبر

# سيد ثابت علي شاهہ

(1154ھ-1225ھ)(1740ع-1810ع

**اديبن ۽ تقادن جارايا**

”سيوهڻ جو هي شاعر (سيد ثابت علي شاهہ) شهزادي سرفراز ڪلهوڙي سان گڏ غلام علي مداح کان فارسي ڪلام تي اصلاح وٺندو هو. پهريائين مجلس ۾ ڪي پراڻا اُردو ۽ پنجابي مرثيا پڙهڻ لڳو. پوءِ پنهنجي طبع جي جولانيءَ سان سنڌيءَ ۾ مرثيا چوڻ لڳو جن ۾ زبان ۽ بيان جا خوب جوهر ڏيکاريائين.“

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

”سيد ثابت علي شاهہ مرثئي جو تمام وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. هي پهريون شاعر آهي، جنهن مرثيي جي شاعري کي باقاعده رواج ۾ آندو ۽ اُن کي مقبول بنايو.“

**ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس**

”ڪلهوڙن جي آخري دور ۽ ٽالپرن جي ابتدائي زماني جو هي (سيد ثابت علي شاهہ) شاعر مرثيي جو باني ۽ موجد آهي، زياده تر تصنيفون مذهبي رنگ ۾ رنگيل آهن. ليڪن ادبي اعتبار کان ڪيس اِهو فخر آهي تہ سنڌي شاعري جي ميدان کي وسيع ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي نيون صنفون ايجاد ڪيائين.“

**سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب**

”سيد ثابت علي شاهہ مرحوم پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن موزون شعر ۾ مرثيا ناهيا آهن.“

**محمد صديق ميمڻ. سنڌ جي ادبي تاريخ**

”سيد ثابت علي شاهه مرثيه نگاري جو بادشاهه آهي. سيد ثابت علي شاهه جي مرثيي جي شاعري اسان کي فن جي ڪمال تي نظر اچي ٿي.اُن ۾ مضمون آفريني، زبان جي صحت، رواني ۽ سلاست موجود آهي. شاهه کان اڳ سنڌ ۾ هن فن کي منزلت نه ملي جا کيس شاهه صاحب ڏني. انهيءَ ڪري کيس سنڌ ۾ ان فن جو باني سمجهڻ گهرجي.“

غلام محمد گرامي. ”مضمون“ ثابت علي شاهه ۽ مرثيي جو فن. ٽه ماهي مهراڻ1972ع

## حياتيءَ جو احوال

سيد ثابت علي شاهه ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جو هڪ قابل ۽ مقبول عام شاعر ٿي گذريو آهي. هن موزون شاعري کي اختيار ڪري اُن ۾ بيشمار ڪلام لکيو. هن ڪيترين نيون صنفون جوڙي سنڌي شاعري کي مالا مال ڪيو ۽ اُن کي مقبوليت ڏياري.

## وڏن جو احوال

سيد ثابت علي شاهه جا وڏا ملتان جا رهاڪو هئا. سندس ڏاڏو سيد نور محمد شاهه جنهن کي سيد ثابت علي شاهه به چوندا هئا سنه 1128هه ۾ سنڌ آيو ۽ سيوهڻ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪري ويهي رهيو.

## ولادت ۽ تعليم

سيد ثابت علي شاهه جي ولادت سيوهڻ ۾ سنه 1151هه برابر سنه 1740ع ۾ ٿي. هن جي والد جو نالو سيد مراد علي شاهه ۽ ڏاڏي جو نالو سيد نور محمد شاهه هو. جڏهن پڙهڻ جي عمر تي پهتو تڏهن پهريائين آخوند عبدالرحمان وٽ ۽ پوءِ آخوند محمد الياس وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين. اُن کان پوءِ سيد چراغ شاهه وٽ فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. هن مخدوم محمد حسان حڪيم وٽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي. هن مخدوم مراد واعظي کان علم تفسير، علم حديث ۽ فقه جي تعليم ورتي. هن

مخدوم چراغ شاهه کان متاثر ٿي ڪيترائي فارسي ڪتاب ۽ فارسي ۽ هندي (اردو) مرثيا پڙهيائين ۽ شعر چوڻ جو شوق پيدا ٿيو. هو شاعري سکڻ لاءِ نورالحق مشتاقي سيوهاڻي جو شاگرد ٿيو.

## هڪ استاد ٻه شاگرد

ان کان پوءِ سيد ثابت علي شاهه نٽي جي مشهور شاعر ۽ عالم مولوي حسين جي فرزند مولوي مداح جي شاگردي ۾ آيو. جيڪو شهزادي سرفراز ڪلهوڙي جو استاد هو. مولوي مداح وٽ سيد ثابت علي شاهه جي شهزادي سرفراز ڪلهوڙي سان ڏاڍي ڏيٺ ويٺ ٿي جيڪا پوءِ گهاٽي دوستي ۾ بدلجي ويئي. هو ٻئي قابل هئا ۽ شاعري جا وڏا شوقين هئا. ٻنهي جي وچ ۾ قصيدن ۽ غزلن ناهڻ جون چٽاپيٽيون ٿينديون هيون. سندن اُستاد مولوي مداح ٻنهي جي غزلن ۽ قصيدن ۾ اصلاحون ڪري ڏيندو هو ۽ انهن کي خوب همٿائيندو هو. سيد ثابت علي شاهه شهزادي سرفراز ڪلهوڙي جي باري ۾ قصيدا جوڙي انعام حاصل ڪيا ۽ هر طرف وڏي مشهوري حاصل ڪئي. شهزادو سرفراز ڪلهوڙو فارسي ۾ شعر چوندو هو ۽ سيد ثابت علي شاهه پهريائين فارسي زبان ۾ شعر چوندو هو.

## درباري شاعر

جڏهن مير فتح علي خان ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪئي تڏهن ٻين شعارن سا گڏ سيد ثابت علي شاهه کي به پنهنجو درباري شاعر مقرر ڪيائين. سيد ثابت علي شاهه قصيدا ۽ مرثيا لکي اچي دربار ۾ ٻڌائيندو هو. هن جي مرثين کان مير ڪرم علي خان ڏاڍو متاثر ٿيو. مير ڪرم علي خان جڏهن پان سنڌ جو حاڪم بڻيو تڏهن سيد ثابت علي شاهه کي تمام گهڻو نوازيو. مرثيا چوڻ تي سيد ثابت علي شاهه جي مشهوري وڌندي رهي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ هن جي زندگي امن ۽ آسودگي ۾ گذري ٽالپرن جي ڏينهن ۾ قصيدا لکي ٽالپرن کي ڏاڍو خوش ڪيو. ”فتح نامه“ ۽ ”ظفرنامه“ جيڪي هن جون تحريرون هيون. ميرن کي ڏاڍيون وڻيون ۽ سيد ثابت علي شاهه جي مقبوليت کي چار چنڊ لڳي ويا.

## ڪربلا جون زيارتون

سيد ثابت علي شاهہ سنہ 1205ھ ۾ مير ڪرم علي خان جي اجازت سان ڪربلا جي زيارتن لاءِ روانو ٿيو. مير ڪرم علي خان مسقط جي حاڪم لاءِ سفارشي خط ڏنس. انهي ڪري مسقط ۾ ڪيس ڏاڍو مان مليو. ڪربلا جي عالم بہ سندس سُنو آڏر ڀاءُ ڪيو. هو زيارتون ڪري سنہ 1209ھ ۾ موٽي آيو سنہ 1219ھ ۾ مير صاحب جي مدد سان مشهد مقدس ويو ۽ امام رضا عليه السلام جي روضي جي زيارت ڪري ساڳئي سال موٽي آيو.

مير فتح علي خان ۽ مير مراد علي خان ۽ ٻيا سيد ثابت علي شاهہ کي انعام اڪرام ڏيندا رهندا هئا ۽ ٻيا نذرانا گهر ويٺي ملندا هئا. هن جي زندگي عزت ۽ احترام سان گذرندي هئي.

## شخصيت

سيد ثابت علي شاهہ قابل ۽ بلند اخلاق شخص هو. هو پرهيزگار ۽ صوم و صلواة جو پابند هو. هو شيه عقيدو رکندو هو ۽ مجلسن ۽ ماتم ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ درد ۽ سوز سان مرثيا بہ پڙهندو هو. هو دين ۽ دنيا جي علمن جو وڏو ڄاڻو هو ۽ پنهنجي قابليت ۽ اثر انگيز ڳالهہ ٻول جي ذريعي ڏاڍو مقبول هو.

## سيوهڻ جي ساراهہ

سيد ثابت علي شاهہ سيوهڻ کي پنهنجو وطن ڪري سمجهندو هو. هو سيوهڻ کي دل و جان ڪان وڏيڪ ڀانئيندو هو. جنهن جي واڪاڻ هن پنهنجي ڪتاب "زيارت نامہ" ۾ خوب ڪئي آهي. سيوهڻ جي ساراهہ ڪندي هن فارسي تشبيهن جو واهہ جو استعمال ڪيو آهي.

**"شهر سيوهڻ جاءِ امن و شاهہ عالم جي پناهہ،**
**شهر سيوهڻ ڪشتي نوح و قلندر يا خدا."**

سيوهن ڌرتي تي ڄڻ جنت جو نمونو هو جنهن ۾ لال شهباز قلندر جو نغارو وڄي دلين کي گرمائيندو هو.

## وفات

سيد ثابت علي شاهه زندگيءَ جا پويان ڏينهن سيوهڻ شريف ۾ سڪون سان گذاريا. سيد ثابت علي شاهه 72 ورهين جي وڏي ڄمار ۾ سنه 1225هه برابر سنه 1810ع ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪئي. سندس مزار سيوهڻ جي پراڻي قبرستان ۾ آهي، جتي محرم جي مهيني ۾ هزارين ماڻهو سندس مقبري تي گلن جي ورڪا ڪندي نظر ايندا آهن.

## تصنيفون

سيد ثابت علي شاهه فارسي هندوي ۽ سنڌي ۾ تمام گهڻو تحرير ڪيو آهي. جنهن کي گڏي ڪليات يا "گنج" چئبو آهي. هن وڏي ادبي ذخيري کي محمد صديق ميمڻ پنهنجي "ڪتاب" سنڌي ادب جي تاريخ ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. مرثيا 22، منقبت 117، جنگنامه 8، فارسي ۾ هجونامه 3، مذهبي مباحثن جا منظوم ڪتاب، هڪ زيارت نامو جنهن ۾ پنهنجي اصل نسل جو بيان ۽ زيارتن جو احوال ڏنل آهي. هڪڙو سنڌي هجويه ڪلام جنهن کي "چٽنگ" ڪري سڏيندا آهن، جنهن ۾ سيوهڻ جي پڙهيلن جي ادب ڪان ڪريل نموني ۾ هجو ڪئي اٿس.

## شاعريءَ جون نمايان خصوصيتون

سيد ثابت علي شاهه پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن کي سنڌي مرثيي جو باني ۽ موجد سمجهيو وڃي ٿو. سيد ثابت علي شاهه مرثيي جو حقيقي موجد آهي. هن کان اڳ ۾ سنڌ ۾ صحيح مرثيو موجود ئي نه هو.

**"مرثيو سنڌي اڳهين هو ڪو نه اصلي سنڌ ۾"**

جتي سيد ثابت علي شاهه کي سنڌي ادب ۾ پهريون مرثيه نگار هجڻ جو شرف حاصل آهي اُتي هن کي اهو به اعجاز حاصل آهي ته هو "سلام جي صنف جو موجد آهي هي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن غزل جي طرز تي سنڌي زبان ۾ سلام تحرير ڪيا ۽ خوب شهرت ماڻي.

سيد ثابت علي شاهه پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن پهريون ڀيرو ”نوحا“ تحرير ڪري سنڌي مرثين جي شاعري کي مالا مال ڪيو ۽ سنڌي مرثيا نگاري ۾ درد ۽ الم جي دلسوز ۽ دردناڪ تصوير پيش ڪري، بيمثال ڪارنامو سرانجام ڏنو.

سيد ثابت علي شاهه مرثيي جو خاص شاعر آهي. هن ئي مرثيي جي صنف تي باقاعده نموني ۾ طبع آزمائي ڪئي ۽ اُن کي مقبول بنايو. انهيءَ ڪري هن کي جديد مرثيه نگاري جو باني چيو ويجي ٿو.

سيد ثابت علي شاهه پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن باقاعدگيءَ سان عروضي شاعري کي سنڌي ادب ۾ رائج ڪري اُن ۾ تمام گهڻو لکي اُن کي سنڌي شاعري جو هڪ دلچسپ ۽ سگهارو باب بنايو. هن عروضي شاعري ۾ تمام گهڻا مرثيا لکي نه صرف مرثين کي مقبوليت بخشي پر عروضي شاعري کي به عروج تي پهچايو.

سيد ثابت علي شاهه عروضي شاعري ۾ وسعت آڻڻ جي لاءِ ڪيترين ئي صنفون جوڙي، اظهار جا نوان نوان طريقا جوڙي، سنڌي شاعري کي زبردست ترقي ڏياري.

سيد ثابت علي شاهه پهريون سنڌي ڪلاسيڪي شاعر آهي. جنهن سنڌي شاعري جي قديم صنفن جهڙوڪ، ڳاهه، دوهو بيت، وائي ۽ ڪافي وغيره تي ڪجهه به نه لکيو آهي. هن عروضي شاعري ۽ اُن جي مختلف صنفن تي لکي وڏو ڪمال ڪيو آهي.

سيد ثابت علي شاهه پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن کي مرثيي ۽ اُن سان وابسته فني ۽ ادبي روايتن جو باني تسليم ڪيو ويندو آهي.

## مرثيه نگاري جو فن

مرثيه نگاري شاعري جي هڪ قديم صنف آهي. مرثيه نگاري کي انگريزي ۾ Elegy چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي دردناڪ موت تي ڏک جو اظهار ڪيو ويندو آهي. هي صنف يونان ۽ روم ۾ تمام قديم زماني کان رائج رهي آهي. عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ به هي صنف قديم زماني کان رائج آهي. هي صنف اردو ۽ سنڌي ٻولي ۾ به مشهور رهي آهي.

مرثيو اصل ۾ عربي لفظ آهي جيڪو ”رثيٰ“ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي روئي ڪنهن جون نيڪيون ۽ گُڻ بيان ڪرڻ ”سنڌي ادب جي تاريخ“ جي مصنف محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته مرثيه لفظ جي معنيٰ آهي اُهو شعر جنهن ۾ ڪنهن به دردناڪ حادثي جو ذڪ ڀريل لفظن ۾ بيان ٿيل هجي.“ هي عام مرثيي جي وصف آهي. مگر عالمگير اصطلاح موجب مرثيي جي معنيٰ آهي اُهو رزميه ڪلام جنهن ۾ خاص طرح ڪربلا جي دردناڪ ۽ دلسوز واقعي بابت ڪجھ بيان ڪيل هجي.“ هي مرثيي جي خاص وصف آهي.

حقيقت ۾ مرثيو رزميه شاعري جي اُها انمول صنف آهي، جنهن ۾ حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ڪربلا جي شهيدن جي بيمثال شهادت جو زڪر درد انگيز نموني ۾ ڪيو ويندو آهي. ڏک ۽ غم جي اظهار سان گڏ لڙائي جي حيرت انگيز منظرن کي بيان ڪيو ويندو آهي. امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي ساٿين، سرويچن ۽ جان نثارن جي بهادري ۽ سورهيائي جو بيمثال ذڪر به ڪيو ويندو آهي.

سنڌي ٻولي جي ناميارِي اديب ۽ نقاد غلام محمد گرامي هڪ تحقيقي مضمون ”ثابت علي شاهه ۽ مرثيي جو فن“ لکيو جيڪو ته ماهي ”مهراڻ“ رسالي جي 1972ع پرچي ۾ شايع ٿيو. انهي مضمون ۾ گرامي صاحب لکيو آهي ته مرثيي جي تعريف ڪندي علامه شبلي لکيو آهي ته: ”اهڙو حزنيه ڪلام جو ڪنهن موصوف جي وفات تي چيو وڃي اُن ۾ فوتيءَ جا اوصاف بيان ڪبا آهن، پر جي زنده جي تعريف ڪجي ته پوءِ اُن کي قصيدو ڪوٺجي ۽ مرده جي تعريف کي مرثيو چئجي.“

گرامي صاحب علامه شبلي جي مرثيي جي هن تعريف سان قطعاً متعفق نظر نٿو اچي. گرامي صاحب جو خيال آهي ته مرثيو فقط مهندار ڪربلا مطعلق حزنيه نظم ۽ ڪلام جو نالو آهي. جنهن ۾ هڪ مخصوص هئت ۽ مخصوص پيش ڪش آهي.اُن جو مضمون به خاص آهي ۽ مواد به خاص آهي. انداز بيان به خاص آهي، محاڪات به خاص آهي، اُن جو اسلوب به خاص آهي ته منظر نگاري جو ميدان به خاص آهي. مرثيو مڙني صنفن کان منفرد ۽ ممتاز آهي.“

مرثيو رزميہ شاعري جي هڪ مخصوص صنف آهي جنهن ۾ ڪربلا جي شهيدن ڪي ڏک ڀري انداز ۾ بيان ڪيو ويندو آهي، جيئن تہ ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ انهن جي نيڪين ۽ گڻن مان واقف ٿي زندگي گذارڻ جو نئون ۽ نرالو طريقو سکي سگهن.

## مرثيہ نگاري جا لازمي جُزا

مرثيہ نگاري هڪ مخصوص فن آهي، ڏکيرو بہ آهي ۽ اٽاگو بہ... هن فن جا ڪي مخصوص جزا هوندا آهن. انهن مان خاص هي آهن: (1) ممدوح جي عظمت ۽ شان جو بيمثال ذڪر ڪيو وڃي جيئن تہ ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ انهي مان سبق پرئاي سگهن ۽ پنهنجي زندگيءَ کي مثالي بنائي سگهن، (2) ممدوح جي واڪاڻ ڪئي وڃي ۽ شهيدن جي شهادت تي ڏک ۽ غم جو درد انگيز ذڪر هجي، (3) مرثيي ۾ جذبات نگاري هجي، (4) مرثيي ۾ واقعات نگاري هجي، (5) مرثيي ۾ رزميہ انداز ۾ ڪربلا ۾ جان نثار ڪندڙ سورمن ۽ شهيدن جو زڪر هجي ۽، (6) مرثيي ۾ گهوڙن ۽ لڙائي جي هٿيارن جو ذڪر ڪرڻ بہ لازمي هوندو آهي.

## ممدوح جي عظمت جو ذڪر

جديد مرثيہ نگار شاهہ نصيرالدين جي هن سلام ۾ امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي عظمت جو ذڪر ڪهڙي نہ بيمثال نموني ۾ ڪيو ويو آهي.

**ٿيو رب پاڪ پرور ثناگر حسين جو،**
**جبريل خاص خادم چاڪر حسين جو،**
**ارض و سما ڪرسي عرش برين مٿي،**
**ٿيو غلبو شهادت شاڪر حسين جو.**

### جذبات نگاري

مشهور مرثيا نگار مرزا ٻُڊل بيگ پنهنجن مرثين ۾ جذبات نگاري کي موضوع بنائي وڏو ڪمال ڪيو آهي. بي بي سڪينہ پاڻي نہ ملڻ سبب اڃ

جي اُساٽ کان بيهوش ٿي ويئي هئي. ان پُردرد ۽ جذبات خيز واقعي جي دلسوز تصوير مرزا ٻڍل بيگ هن طرح چٽي آهي:

**اُن وقت ٿيو شاهه دين جي خيمي ۾ حشر عام،**
**شاهه چيو ڏسو خيمي ۾ هي آ ڪهڙو ڪهرام،**
**آيو گهڙي خيمي ۾ اُن وقت او ضرگام،**
**۽ پڇڻ لڳو ٿا ڪان ٿيو روڄ ۽ ماتام،**
**چئون طفل سڪينه ڪري بيهوش تي اڄ ڪان،**
**معصوم مري تي، ڏيو پاڻي اوهين هت آن.**

## واقعات نگاري

سچل سرمست واقعا نگاري ۾ ڪمال ڪيو آهي. جڏهن حضرت امام حسين گهوڙي تي سوار ٿي ميدان جنگ ۾ وڃي ٿو اُن نظاري کي جن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو سو خوبصورت به آهي ۽ بي مثال به:

**شاهه جو گهوڙو پيو ڪاهي گهڻي گهمسان ۾،**
**هي ترارن تارڪيو هي جنگ جي جولان ۾،**
**اسپ جون ڪاڙيون هيون هن نر جي نيشان ۾،**
**آسمان ڏرتي برابر ڏنڏڪاري يا حسين.**

## گهوڙي جو ذڪر

شاهه لطيف جي ڪيڏاري ۾ گهوڙي جو ذڪر ڪهڙي نه شاندار نموني ۾ ٿيل آهي:

**گهوڙو گهوٽ پلاڻيو مٿس زين ڏري،**
**علي شير پٽن کي، اُپو سڏ ڪري،**
**قضا ڪيئن ٽري، اَمر الاهي آيو.**

## هٿيارن جو ذڪر

مرزا ٻڍل بيگ پنهنجن مرثين ۾ هٿيارن ۽ گهوڙي جي خوب تعريف ڪئي آهي. تلوار جي تعريف انهي نموني ۾ ڪئي آهي:

بجلي جي هئي روش ان تيغ آبدار ۾
ٽانڊا وسڻ لڳا پوءِ صف علرزار ۾
آفت بپا هئي قوم ضلالت شعار ۾
گيتيءَ تي زلزلو هو تلاطم بهار ۾

*-*-*

اعدا جي سر ڪپڻ ۾ نہ مطلق ڪو باڪ هو
سر تي ڪري جي ڪنهن جي تہ سينو بہ چاڪ هو

مرثيي جي انهن لازمي جزن کي خوبصورتي سان عمل بيان ڪري قابل ۽ باڪمال مرثيہ نگار مرثيي کي فني ڪماليت جي بلندين تي پهچائي ڇڏيندا آهن.

## سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيہ نگاري

محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ لکيو آهي تہ ”سيد ثابت علي شاهہ کي هندي ڪلام ۽ انيس ۽ دبير جا مرثيا پڙهندي پڙهندي پنهنجي شعر ٺاهڻ جو شوق پيدا ٿي پيو.“ اها راءِ منجهائيندڙ آهي. اُن کي سُلجهائڻ جي لاءِ سنڌ جي مايا ناز اديب ۽ نقاد غلام محمد گرامي هڪ تحقيق مضمون، ”ثابت علي شاهہ ۽ مرثيي جو فن لکيو جيڪو تہ ماهي ”مهراڻ“ رسالي جي 1972ع جي پهرين پرچي ۾ ڇپيو هن جو چوڻ آهي تہ ”مير انيس 1801ع ۾ ڄائو ۽ 1872ع ۾ وفات ڪيائين. مرزا دبير 1803ع ۾ ڄائو ۽ 1875ع ۾ وفات ڪيائين. ثابت علي شاهہ جي وفات تي مير انيس اٺن سالن جو هو ۽ مرزا دبير ستن سالن جو هو. اهڙن محققن تي حيرت ٿي ٿئي جن لکيو آهي تہ ثابت علي شاهہ انيس ۽ دبير کان متاثر ٿيو هو.“

سيد ثابت علي شاهہ شاعرانہ ذات جو ڌڻي ۽ تخليقي صلاحيتن جو مالڪ هو. هن پنهنجي تخليقي خوبين ۽ تجربي کي استعمال ڪري پنهنجو ڪلام تحرير ڪيو ۽ سنڌي شاعري ۾ نوان ۽ نرالا رنگ ڀري اُن کي مقبوليت بخشي سيد ثابت علي شاهہ کي ننڍي هوندي مداحن ۽ منقبت ياد

ڪرڻ جو شوق هو. فارسي ڪان واقفيت ٿيڻ ڪان پوءِ فارسي ۽ هندوي شاعرن جي مرثين کي پڙهندي سندس شوق وڌيڪ وڌيو ۽ مرثين جي تتبع تي شعر جوڙڻ شروع ڪيائين.

سيد ثابت علي شاهه عالمن جي مجلس مان گهڻو پرايو. پير اسدالله شاهه سجاده نشين جي مجلسن، روضہ الشهداء ۽ سنڌي مرثين کي پڙهندي سيد ثابت علي شاهه کي سنڌي مرثيا ناهڻ جو شوق پيدا ٿيو. پير اسدالله شاهه انهي شوق کي پورو ڪرڻ لاءِ گهڻو همٿايو. سيد ثابت علي شاهه پاڻ هڪڙي هنڌ چوي ٿو:

**”مرثيو سنڌي اڳهين ڪو نہ هو اصلي سنڌ ۾،**
**جي ڪو هوتا پڻ نہ هو مشهور هن پر يڪجا،**
**مون چئين ثابت علي هي شعر سنڌي دردناڪ،**
**تون بہ سنڌي شعر ۾ ڪي چئج ماتم مرثيا.“**

سيد ثابت علي شاهه جيڪو پهريون مرثيو چيو جنهن جي شروعات هي آهي:

**”اي خدا جا لاڏلا سردار سرور يا حسين،**
**چيو پهريون مرثيو سو ٿيو قبول ڪبريا،**
**تنهن جا تون، بيحد مرثيا مسڪين و فضل ترجما،**
**ٿي چيم جيئن موقعن سپ ڪنهن لکي دفتر ڪيا.“**

سيد ثابت علي شاهه ڪل 66 مرثيا لکيا جن مان ڪي غزل جي صورت ۾ آهن، ڪي مربع جي صورت ۾ ۽ ڪي مسدس جي صورت ۾ آهن. سندس مرثيا پڪا، پختا ۽ فن جو اعليٰ نمونو آهن.

## مرثين جون خصوصيتون

سيد ثابت علي شاهه جا مرثيا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهن کي دلچسپ ۽ مقبول بنائڻ لاءِ هن انهن لازمن جزن جي جڙت ڪمال ڪاريگريءَ سان ڪئي آهي. (1) اهلبيت جي ساراهہ (2) جذبات نگاري، (3) واقعات نگاري، (4) رزم نگاري، (5) منظر نگاري ۽ (6) سروبچن جي سورهيائي جو بيمثال ذڪر.

## حضرت امام حسين ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ساراهه

سيد ثابت علي شاهه پنهنجن مرثين ۾ امام حسين عليه السلام جي ثنا هن نموني ڪئي آهي:

**”هي خدا جو نور، شاه انبياء جو نورعين،**
**فاطمه جو نور، شاه اولياءَ جو نور عين،**
**هن جي منهن ۾ تہ ڏس، سڀ نور الاهي جلوه گر،**
**هن ڪون روشن عرش و ڪرسي حق جو هي شمس و قمر.“**

ڪربلا جي شهيدن جي خوبين کي خوب ساراهيو آهي. هي انهن جي بهادري، جرئت، صبر استقلال جو ذڪر ڪري ٿو. انهن جي شهادت تي غم جو ماتم ڪري ٿو ۽ جنگ جا منظر ۽ واقعا بيان ڪري ٿو.

حضرت علي اڪبر جي سورهيائي ۽ دشمن سان ويڙه جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

**مصطفيٰ جهڙي مهانڊي مرتضيٰ جهڙي جوان،**
**شاهه دين شير جو فرزند علي اڪبر پهلوان،**
**ڪي ئي ڪٽئين ڪوفي ڪُتا، اُن سير حق سورهه جوان،**
**ڪي ئي بہ شامي شوم ڪيا في النار ان رضوان مڪان،**
**جيئن گجي بادل هر گردون جو گنبذ پر صدا،**
**تيئن علي اڪبر تي الله اڪبر ڪئي نِدا.**

## جذبات نگاري

جذبات نگاري مرثيي جو هڪ لازمي جزو آهي. سيد ثابت علي شاهه جزبات نگاري کي پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪري رنگ رچائي ڇڏيا آهن. حضرت علي اڪبر جڏهن ميدان جنگ ۾ وڃڻ جي لاءِ پنهنجي والد امام حسين عليه السلام کان موڪلائي ٿو اُن جو ذڪر نهايت درد آميز انداز ۾ هن طرح ڪيو اٿس:

**ساهه گهوڙي تان لهي ڀاڪر وڌو فرزند کي،**
**ڳل ڳراٽي پائي دلبر دادلي دلبند کي،**

**رت هنجون روئي چمي منهن جگر پيوند کي،**
**ڏيئين ابا چا عذر جي اهڙي مٽي خاوند کي،**
**آهي اڪبر تنهنجو منهن ساڳيو محمد جو جمال،**
**هل محمد کي هلي ڏيکار منهن لهوءَ سين لال.**

هي جذبات نگاري جو اصلي ۽ فطري منظر آهي، جيڪو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي خوب متاثر ڪري ٿو.

## واقعا نگاري

سيد ثابت علي شاهه جي واقعات نگاري بي مثال آهي. جڏهن امام حسين عليه السلام جا سڀيئي ساٿي شهيد ٿي وڃن ٿا تڏهن حضرت امام حسين اڪيلو ئي اڪيلو ميدان ڪربلا ۾ ڪوفين سان وڙهڻ جي لاءِ سنڀري نڪري ٿو ۽ پنهنجي اهل و عيال کان موڪلائڻ بعد بيمار فرزند حضرت عابد کي جا وصيت ڪري ٿو اُن جو بيان اهڙو ته دلسوز نموني ۾ ڪيل آهي جو ٻڌندڙ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پون ٿا:

**شاهه گهوڙي تان لهي خيمي ۾ آيو اشڪبار،**
**طرف سيرانديءَ جي ويهي چيائين منهنجا من قرار،**
**آئون هليس عابد مرڻ، تون پٽ اکيون ٿي هتيار،**
**هي نبي ناموس پرتئي توتي مڙني جو مدار،**
**دل کي ڏيرج ڏي مِٺا ۽ هيانوَ کي هوشيار ڪر،**
**پنهنجي بابي جو اَبا اُٿ آخري ديدار ڪر.**

## رزم نگاري

رزم نگاري سيد ثابت علي شاهه جي مرثين جو خاص گُڻ آهي، جنهن جي ذريعي هو جنگ جي ميدان ۾ شجاعت ۽ بهادري جو ذڪر ڪري ٿو:

**ٿي اجان هي گفتگو ڪئي ان ناڪار،**
**تا علي اڪبر اچي هن من مبارز ڪئي پڪار،**
**شير ڪئي شمشير هٿ ۾ چيو قضا ان ڪار زار،**

لافتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار
ها ملڪ مدهوش و ڪر و بي ٻہ ٿي قربان ٿيا،
صاحب دلدل جي پٺ رڻ ۾ جڏهن جولان ڪيا.

## مڪالماتي انداز بيان

سنڌي ٻولي جي نامور نقاد غلام محمد گرامي پنهنجي تحقيقي مقالي ”ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ مڪالماتي انداز بيان ڳولي لڌو آهي. جيڪا ثابت علي شاهہ جي وڏي خوبي آهي. انهي تي وڌيڪ تحقيقي ڪم جي ضرورت آهي.

مير حسن علي خان سنڌ جي ٽالپر خاندان جي روشن چراغ جي سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين بابت ڏنل راءِ انمول آهي.

”چئي جيڪو ثابت علي شاهہ ويو،
ٻئي سنڌ ۾ شعر اهڙو نہ چيو.“

غلام محمد گرامي جي چوڻ مطابق ”مرثيا نگار اُن کي چئي سگهجي ٿو، جنهن انهي صنف کي ارادتاً اختيار ڪيو هجي ۽ اُن ۾ گهڻو ڪلام چيو هجي.“ ان حيثيت سان سيد ثابت علي شاهہ کي اُن فن جو بادشاهہ سمجهڻ گهرجي.

## سيد ثابت علي شاهہ جا ”سلام“

سلام شاعري جي اها صنف آهي، جيڪا غزل جي طرز ۾ تحرير ڪئي ويندي آهي. سلامن ۾ بحر ۽ وزن اُهو ئي استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو غزل ۾ هوندو آهي. غزل وانگر سلام جو هر شعر مضمون جي لحاظ کان الڳ بيٺل هوندو آهي. شعر جي مضمون ۾ صفائي ۽ سادگي موجود هوندي آهي، جيڪا سلام جي جان هوندي آهي.

سيد ثابت علي شاهہ سنڌي سلامن جو موجد آهي. هن جي سلامن ۾ صفائي ۽ سادگي اعليٰ درجي جون آهن. اُنهن ۾ سمايل درد ۽ تاثير گهڻو سحر انگيز هوندو آهي. سلام جو هي هڪ مثال آهي. شاعر حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه کي سلام پيش ڪندي چي ٿو:

**”شاهہ شهيدان حسين توتي صلوات و سلام،**
**دنيا ۽ ايمان حسين، توتي صلوات و سلام،**
**نازڪ دنيا ڏٺي، توتي صلوات و سلام،**
**دين ۽ دُنيا ڏٺي، توتي صلوات و سلام.“**

**بيمثال مثال تہ ڏسو:**

**اي صبا تون مصطفيٰ کي چئج صلواة و سلام،**
**اُن جي خدمت مرتضيٰ کي چئج صلواة و سلام،**
**سرگذشت ڪربلا ڪج عرض تفصيلوار،**
**حضرت النساءِ کي چئج صلواة و سلام،**
**ڪج خبر حضرت حسن کي ڀاءُ تنهنجو ٿيو شهيد،**
**اُن جي قاسم ڪد خدا کي چئج صلواة و سلام،**
**مصطفيٰ جو لاڏلو ڏس رڻ ۾ پيو آهي شهيد،**
**اُن شهيد ڪربلا کي چئج صلواة وسلام.**

سيد ثابت علي شاهہ جي هڪ رقت انگيز سلام ۾ سندس فن معراج ڪمال تي نظر اچي ٿو. جديد عربي ۽ فارسي انداز ۾ چيل چند شعر هن طرح آهن:

**سڪينہ سر پٽي چئي السلام اي بابا!**
**شهيد و صابر و شاڪر امام اي بابا!**
**هي تنهنجو لاش مبارڪ بخاڪ خون آلود،**
**۽ بي دفن رهيو رڻ بي نظام اي بابا،**
**سنڌءِ هي حلق هو نت بوسہ گاه پيغمبر،**
**جدا ڪيو ڪافر ڪاذب ظلام اي بابا!**

انهيءَ سلام نيٺ سنڌي انداز بيان هن طرح آهي، جيڪو سيد ثابت علي شاهہ جي فن کي وڏيڪ اثرائتو ۽ رقت انگيز بنائي ٿو.

**نہ ڪير پاڻي مليو هاءِ ڪاڪي اصغر کي،**
**تڇائي خلق ۾ ويو لاڪلام اي بابا!**

**اسان جو عابد بيمار و ناتوان آهي،**
**جنهن ۾ تابِ نہ طاقت تمام، اي بابا!**
**نہ سيج ماڻي وَنو رڻ ويو هاءِ قاسم گهوٽ،**
**۽ ڇاڇي ماڇي سندس قتلعام، اي بابا!**

## سيد ثابت علي شاهہ جا نوحا:

لفظ ”نوح“ جي معنيٰ آهي زاري، هي اُهو مرثيو آهي، جو گهڻو ڪري ويهي پڙهيو ويندو آهي. هڪ يا ٻہ ڇڙا مصرع ڪٽندا آهن ۽ ٻيا سڀ ورندي وارا لفظ گڏجي چوندا آهن. نوح يا زاري جي پڙهندي ماتم ۽ سينہ زني گهڻي ٿيندي آهي.

سيد ثابت علي شاهہ جي ڪلام ۾ نوحا بہ موجود آهن، جي درد ۽ الم جي دلسوز تصوير آهن هي نوحي جو هڪ مثال آهي.

**نبيءَ جو نور العين، جنهن جو نالو امام حسين،**
**رڻ ۾ پيو هو ساري رين، هئي هئي حسرت واويلا.**
**واويلا صد واويلا هئي هئي حسرت واويلا.**
**هئي هئي اڪبر جي جواني، جو هو نبيءَ جي نشاني،**
**قاسم گڏ ٿيو قرباني، هئي هئي حسرت واويلا.**
**واويلا صد واويلا، هئي هئي حسرت واويلا.**

هن ”نوحي“ جي ترتيب ٿن هم قافيہ بندن جو بي بها استعمال ۽ آخر ۾ ”هئي هئي حسرت واويلا“ جي وراڻي هن نوحي کي لاجواب بنائي ڇڏي ٿي. اهڙو درد، اهڙو سوز ٻئي ڪنهن ڪلام ۾ ملڻ مشڪل نظر ايندو.

## شاعريءَ جون خوبيون

(1) سيد ثابت علي شاهہ جي شاعري جي پهرين خوبي آهي، مڪالماتي انداز بيان. جڏهن امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه دشمن سان وڙهڻ جي لاءِ روانو ٿيو. تڏهن خيمي ۾ اچي حضرت امام زين العابدين رضي الله تعاليٰ عنه جي سيراندي کان ويهي کيس مخاطب ٿي چيائين.

**آءُ هليس عابد مرڻ تون پٽ اکيون اي منهنجا يار،**
**هي نبيءَ ناموس ۾ ٿيءَ تون ئي مڙني جو مدار،**
**دل کي ڏيرج ڏي مڍا ۽ هانوَ کي هوشيار ڪر،**
**پنهنجي بابي جو اَبا اُتٽ آخرين ديدار ڪر.**

اهو مڪالماتي انداز بيان اثر انگيز آهي ۽ دل جي تارن کي لوڏيو ڇڏي ٿو.

(2) سيد ثابت علي شاهه جي شاعري جي ٻئي خوبي آهي اهلبيت جي ثنا ۽ سرفروش سروپچن جي ساراهه. حضرت اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي پهلواني جو ذڪر لاجواب آهي.

**”جيئن ڪه ڏاڏس مرتضيٰ بدر ۽ احد ۾ ڪافر ڪُٺا،**
**تيئن تي اڪبر ڪربلا ۾ شام جا لشڪر ڪٺا.“**

(3) سيد ثابت علي شاهه جي ڪلام جي ٽئين خوبي آهي ته هڪ طرف اُهو فصاحت ۽ بلاغت سان ٽمٽار نظر اچي ٿو ته ٻئي طرف انهن ۾ لفظي ۽ معنوي صنعتون تشبيهون اشتعارا ۽ اصطلاح گهڻي تعداد ۾ ڪم آندل آهن. جيڪي هن جي ڪلام کي سحر انگيز بنائن ٿا. حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت بعد لٽيل قافلي جي واسين جو چوند ۽ موثر لفظن ۾ بيان ڏنو اٿس سو فصاحت ۽ بلاغت جو هڪ شاهڪار آهي.

**شام غريبان مثل هو صبح يتيمان حسين،**
**صبح محشر مثل هو شام غريبان حسين،**
**صبح ۽ شام ان پر ٿي ڪئي فرياد طفلان حسين،**
**اي خدا آهيون اسين ناموس نالان حسين.**

(4) سيد ثابت علي شاهه جي ڪلام جي چوٿين خوبي آهي اهلبيت جي فردن جي سچي ۽ اُچي ڪردار نگاري. هڪڙي سلام ۾ سيد ثابت علي شاهه اهڙن فردن جي ڪردار نگاري کي انهن جي عملن جي روشني ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

**هاءِ علي اصغر کي ماريو ڪان ڪوفين خلق ۾،**
**اُن اصغر جي خطا کي چئج صلواة و سلام،**
**هائي اڄ بازو ڪپائي ماريو عباس علي،**
**پهلوان شيرخدا کي چئج صلواة وسلام.**

(5) سيد ثابت علي شاهه جي ڪلام جي پنجين خوبي آهي تہ هن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي نج سنڌي ٻولي ۽ سنڌي روايتن سان ملائي ڪھڙو نہ جزباتي منڊ مچايو آهي.

هئي هئي قاسم تنهنجو ڪاج،
ميندي سهرن سانهن ساج،
گهوٽ ڪٽائون رڻ ۾ راج،
هئي هئي هسرت واويلا،
واويلا صد واويلا، هئي هئي حسرت واويلا.

## ادبي خدمتون

سيد ثابت علي شاهه پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن واين، بيتن ۽ ڪافين جي بدران سنڌي شاعري ۾ موزون شاعري کي باقاعده اظهار خيال جو ذريعو بنايو. هي سنڌي عروضي شاعري جو پايو وجهندر بلند مقام شاعر آهي. سنڌي عروضي شاعري ۾ هن جي حيثيت اُها آهي، جهڙي قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه عنات رضوي ۽ شاهه لطيف جي چند ودِيا جي آڏار تي لکيل قديم سنڌي شاعرن جي آهي.

سيد ثابت علي شاهه نہ صرف عروضي شاعري کي سنڌ ۾ رائج ڪيو پر اُن ۾ تمام گهڻو شعر چئي اُن کي مقبول بہ بنايو. هن سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو. هو هڪ وڏو تخليقڪار شاعر هو. هن سنڌي شاعري ۾ انيڪ صنفن جو اضافو ڪري ان کي اظهار خيال جو صاف، سُٿرو ۽ سگهارو ذريعو بنائي سنڌي شاعري کي خوب ترقي ڏياري، هن مرثيا، قصيده، سلام، نوحا، فرد، مربع، مخمس، مسدس، غزل لکي سنڌي شاعري کي اظهار خيال جا ڪيترائي ذريعا مهيا ڪري اُن جي هر جذبي، هر احساس ۽ هر روش کي ڪاميابي سان ظاهر ڪرڻ جي قابل بنايو.

سيد ثابت علي شاهه عروضي شاعري ۾ مداحون ۽ منقبت تحرير ڪري سنڌي شاعري کي خوب عروج تي پهچايو.

سيد ثابت علي شاهه سنڌي شاعري ۾ مناظره ۽ هجوگوئي جو بنياد وجهي سنڌي شاعري کي نوان موضوع ڏنا ۽ نيون صنفون فراهم ڪري ڏنيون.

سيد ثابت علي شاهه جي عروضي شاعري ۾ نه لکي ها ته سنڌي شاعري اڌوري ۽ اڻپوري رهجي وڃي ها. سچ پچ سيد ثابت علي شاهه سنڌي شاعري جو هڪ مضبوط ٿنيو آهي.

## سيد ثابت علي شاهه جي عبارت

اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سيد ثابت علي شاهه جي عبارت عام فهم ناهي، سادي ۽ سلوني ناهي، اُها ڏکي ۽ پريشان ڪندڙ آهي. انهيءَ جا ٻه سبب نظر اچن ٿا. سيد ثابت علي شاهه جو واسطو گهڻو ڪري حاڪمن، انهن جي تمدن، مذهبي ماڻهن، وڏن اُستادن ۽ ماتمي مجلسن سان تعلق رکڻ وارن ترجمانن ۽ شاعرن سان هو. عام ماڻهن سان اُٿڻ ويهڻ گهٽ هو. انهيءَ ڪري سندس ڪلام جي ٻولي عام فهم، لَسي ۽ سادي ناهي.

شاهه ثابت علي عروضي شاعري جو پايو وجهندڙن مان هڪ هو. عروضي شاعري عربي ۽ فارسي ٻولين جي زير اثر هجڻ ڪري عام سنڌي ماڻهن جي معيار کان گهڻو مٿي هئي. سيد ثابت علي شاهه مرثيه نگاري کي اختيار ڪري وقت جي حالات مطابق عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين وارن مرثيانگارن وانگر اُن کي عام ماڻهن جي پهچ کان مٿاهون رکيو. اُن جو اثر سندس عبارت ۾ صاف نظر اچي ٿو. هن جي ٻولي سنڌي ٻوليءَ جي بدران عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين جو گاڏڙ ساڏر سنڌي ٻولي آهي.

## غلام محمد لاکي جي راءِ

غلام محمد لاکي سيد حسام الدين راشدي جي اردو ڪتاب ”سنڌي ادب“ ترجمو ڪري اُن تي هڪ مقدمو لکيو آهي. اُن ۾ هو چوي ٿو ته ”سيد ثابت علي شاهه مرثيو چئي سنڌي ٻولي ۾ فارسي جي بيجاءِ استعمال کي رائج ڪيو.“ اها راءِ لڳ ڀڳ پنجاهه سيڪڙو درست آهي. سيد ثابت علي

شاهه جي ڪلام جي ٻولي عربي ۽ فارسي لفظن ۽ محاورن جي آميزش سان ڀرپور آهي. مرثين ۾ ڪم آندل عبارت فصاحت ۽ بلاغت جو اعليٰ نمونو آهي. هن جي عبارت ۾ لفظي صنعتون تشبيهون، استعارا، ڪنايا ۽ اصطلاح تمام گهڻا ڪم آندل آهن، پر انهن ۾ فارسي جو رنگ گهڻو چڙهيل آهي،

ميدان ڪربلا ۾ حضرت امام قاسم رضي الله عنه جي جرئت ۽ سورهيائي جو ذڪر ڪندي سيد ثابت علي شاهه خوب چوي ٿو:

**”هن ڪي ڇا افراسياب، هن ڪي ڇا اسفند يار،**
**ڇا هي بزن، ڇا هي بر روءِ؟ ڇا فراموز الفراز،**
**گيو هت گوشو ڪري، نرمي نريمان جو شعار،**
**طوس جو ڇا طلب هت؟ گو دور و گر گين گيرودار،**
**هي ميجي رب جي رضا سر ڏئي تہ ڏي ور نہ مجال،**
**ناهي ملڪ الموت کي تنهنجي تقابل جي محال.“**

عبارت جي رواني ۽ برجستگيءَ جو هي انمول مثال آهي. انهيءَ مثال ۾ صنعت تلمبع ۽ صنعت مبالغ کي پختگي سان استعمال ڪيو ويو آهي.

## تشبيهن جو استعمال

سيد ثابت علي شاهه جون تشبيهون نيون ۽ بيمثال آهن. اُهي سنڌ جي ماحول بدران عربي ۽ فارسي ماحول مان ڪنيل آهن. هڪڙو بيمثال مثال هي آهي:

**”ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر، اي آسمان،**
**ڪيئن ڏنيہ نيزن چڙهيا شاهن جا سر، اي آسمان،**
**هي ندا جا قطب تارا، عرش ڪرسي جا جڙاءَ،**
**هي رسول الله جا شمس و قمر، اي آسمان.**

اهلبيت جي شهيدن جي سرن کي قطب تاري، سج ۽ چنڊ سان ڀيٽي ڪمال ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

## تجنيس هرفي جو استعمال

سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ تجنيس هرفي جو فني پختگي سان استعمال ڪري خوب رنگ رچايا آهن. هي مثال پڙهي شاعر جي فني عظمت کي سلام ڪريو.

**”هي هنجون هڪ هڪ اٿئي، ماڻڪ ۽ متوي منهنجا يار،**
**تن جي قدر قيمت چاڻي ڪو نہ ڪو ري ڪردگار.“**

## مرزا قليج بيگ جي راءِ

سيد ثابت علي جي عبارت جي باري ۾ مرزا قليچ بيگ چوي ٿو تہ ”سيد ثابت علي شاهہ اصل ڪنئون نئون طريقو استعمال ڪيو. طرز ۽ وزن فارسي بيهاريو سنڌي سان گڏ فارسي ۽ عربي لفظ ۽ اصطلاح اهڙا ملايا جو هن جو شعر پڙهندي ڏاڍي لذت پيئي اچي.“

## سيد ثابت علي شاهہ جي ڪلام جي اهميت

(1) ان ڪان ڪو بہ انڪار نٿو ڪري سگهي تہ سيد ثابت علي شاهہ جو ڪلام اهم آهي ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ سنجيدگي آهي، شائستگي آهي، پختگي آهي ۽ اثر انگيز برجستگي آهي. اُن ۾ وزن آهي، رواني آهي ۽ اثرانگيز اثر بہ آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن مرثيا لکيا آهن. پر سيد ثابت علي شاهہ جا مرثيا بيمثال ۽ لاجواب آهن. هن جي عبارت عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن سان ڀرپور آهي، پر انهيءَ ۾ پنهنجائپ آهي ۽ وطن جي مٽيءَ جي خوشبوءَ محصوص ڪري سگهجي ٿي.

(2) سيد ثابت علي شاهہ موزون شاعري کي سنڌ ۾ رائج ڪري اُن جي راهن کي روشن ڪري ڇڏيو. هن سنڌي شاعري ۾ قانون جي پابندي کي متعارف ڪري سنڌي شاعري کي سپنن جي ننڊ مان بيدار ڪري، حقيقتن کي منهن ڏيڻ جي قابل بنايو. هن پنهنجو سمورو ڪلام موزون شاعري ۾ تحرير ڪيو. هن هڪ عظمي تخليقڪار جي حيثيت ۾ بيشمار صنفون ايجاد ڪري شاعرن جي لاءِ گهڻا ئي اظاهر جا طريقا مهيا ڪري ڏنا. هن جو

ڪلام سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين باب جو آغاز آهي. جنهن تي هلي موزون سنڌي شاعري وڏي ترقي ڪئي آهي.

(3) سيد ثابت علي شاهه مرثيي جي شاعري ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. هن مرثيه نگاري ۾ مڪالماتي رنگ پري ڪردارن جي ڪردار کي مثاهين مقام تي پهچايو آهي. هن مرثيه نگاري ۾ وير ڪتا (Epic) جو رنگ پيش ڪري سورهين، سروبچن ۽ شهيد جي ڪردار کي جرئت ۽ بهادري سان اهڙي نموني پيش ڪيو آهي جو اُهي مثالي بنجي ويا آهن.

(4) سيد ثابت علي شاهه عربي ۽ فارسي جو وڏو عالم هو. هن سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي فن ۽ جذبات جي ترجماني لاءِ چونڊي سنڌي شاعري ۽ سنڌ تي وڏو ٿورو ڪيو آهي. هن جي دور ۾ سرڪاري توڙي درٻاري ٻولي فارسي ئي هئي. انهي هوندي به هن سنڌي ٻوليءَ جي اهيمت جو احساس رکي، اُن ۾ شاعري ڪئي ۽ اُنکي وڏو عروج ڏياريو ۽ اُن کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪيو. ان وقت عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن جي سهاري جي ضرورت هئي. هن سنڌي ٻوليءَ کي عربي ۽ فارسي ٻولي جي لفظن ۽ اصطلاحن سان ملائي پنهنجي لاءِ موثر اظهار خيال جو ذريعو بنايو. جيڪڏهن سيد ثابت علي شاهه شاعري نه ڪري ها ته سنڌي شاعري هڪ رنگي هڪ رُخي ۽ اڌوري رهجي وڃي ها.

(5) سيد ثابت علي شاهه جي شاعري جي وڏي اهميت آهي جو هن اظهار بيان جا نوان طريقا ڳولي لڌا. هن تمام گهڻيون شاعري جو صنفون ايجاد ڪري سنڌي شاعري جي دائري کي وسعت بخشي ۽ سنڌي شاعرن ۾ زندگيءَ کي نوَن نمونن سان ڏسڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪئي.

(6) غلام محمد گرامي جي لفظن ۾ ”سيد ثابت علي شاهه جو فن اسان جي سنڌي ادب لاءِ متاع گران بي بها آهي. سيد ثابت علي شاهه سنڌي شاعري کي لفظن، بندشن ۽ ترڪيبن جو وڏو ذخيرو ڏنو آهي جو ٻيا ايندڙ مرثيا گو شاعر اُن کي استعمال ڪري مرثيي جي فن کي اوج تي پهچائي سگهن ٿا. سيد ثابت علي شاهه مرثيي جي فن جو شاهه آهي، بادشاهه آهي.

سندس فن جو مقام سنڌي ادب ۾ بلند آهي. هن جي قادر الڪلامي ۽ سنڌي ٻولي سان عشق جي ڄاڻ پوي ٿي. سنڌي ٻولي سندس علمي ذخيري تي اڄ بہ ناز ڪري ٿي ۽ ڪندي رهندي.“

سيد ثابت علي شاهہ جي بي پناه ڄاڻ، مشاهدي جي قوتِ، تجربيڪاري ۽ تخليقي صلاحيت نہ صرف سندس فن جي ساک پرن ٿيون پر سنڌي ادب لاءِ ڪيل سندس خدمتن جو پڪو ۽ پختو ثبوت آهن.

☙

## مددي ڪتاب


(1) غلام رسول بلوچ. سنڌي مرثيہ نگاري.
(2) محمد صديق ميمڻ. سنڌي ادب جي تاريخ.
(3) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(4) غلام محمد لاکو. سيد هسام الدين راشدي جي اردو تصنيف ”سنڌي ادب“ جي ترجمي جو مقدمو.
(5) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس.
(6) غلام محمد گرامي. ”ثابت علي شاهہ ۽ مرثيي جو فن“ ٽہ ماهي مهراڻ 1972ع.

# سچل سرمست

1152ھ–1243ھ1739ع–1829ع

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

”سچل اعليٰ درجي جو عارف ۽ حيرت انگيز شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ منصوري خمار آهي، خوش، جذبي جي موج مستيءَ ۾ هو صاحب پنهنجو مٽ پاڻ آهي.“

**ڪلياڻ آڏواڻي. سچل**

”حضرت سچل سرمست سنڌ جو باڪمال شاعر آهي. سندس شعر انسانن جي لاءِ سنيهو آهي، اُهو سنيهو جيڪو انسانن کي صحيح معنيٰ ۾ انسانيت جو سبق سيکاري ٿو.“

**ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سچل جون وايون. پراڪر**

”سچل سائين صاحب ڪمال قادر الڪلام صوفي ۽ تنهائي پسند سالڪ هو جنهن سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ دل جي احساس ۽ درد کي في البديهہ انداز ۾ پيش ڪيو ۽ ان جي رد عمل ۽ انجام جي ڪا بہ پرواھ ڪا نہ ڪئي.“

**ڊاڪٽر اين ميري شمل. سنڌي ادب جو ارتقا (ترجمو)**

”سچل وڏي بي ڊپائي ۽ جرئت ڏيکاري آهي. هن پنهنجي جيءَ سان جنگ جوٽي ۽ جڳ جي براين خلاف صدا بلند ڪئي. سندس وقت ۾ مذهبن جو بول بالا هو ۽ شايد هن انهيءَ ڦهري ذهنيت خلاف پڪاربو.“

**تيرٿ و سنت. اي جي.ايم جي مرتب ڪيل ڪتاب ”شاهه، سچل، سامي“ مان ڪجهه سِٽون.**

سچل جو سنڌي ڪلام سنڌين جي نس نس ۾ ويئل آهي. البت ڪيترن ئي ڪافين ۾ ڪاتين جا ڦهر ۽ ڪلور ۽ ٻولي ۽ وزن جا ظلم جاري آهن. سچل جون گهڻيئي ڪافيون وائي ۽ ويچار توڙي وزن جي لحاظ کان اعليٰ درجي جون آهن.

**پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻي. اي.جي.ايم جي مرتب ڪيل ڪتاب ”شاهه سچل ۽ سامي ۾ ڇپيل هڪ مضمون. سچل ۽ سنڌيت تان ورتل.**

”سچل سرمست مذهبي ڪلفت ۽ ڪٽپڻي جي جنسي جڙ ويهي ڪاٽي آهي، جڏهن هو چوي ٿو.

**”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا.“**

**اي. جي. اُتم. ”شاهه سچل ۽ سامي.“**

”سچل سرمست کي خداوند ڪريم سنڌ جي صاحب ڪمال شاعرن ۾ هڪ نهايت ئي بلند مقام عطا ڪيو هو. سندس هر هڪ بيت، نظم ۽ ڪافي مان تخيل جي پاڪيزگي ۽ بيان جي سونهن پٽئي ٿي چمڪي.“

**عثمان علي انصاري، ”رسالو سچل سرمست“ جو مقدمو**

## سچل جي سوانح عمري

درازن جو درويش ۽ دوراندیش شاعر سچل سرمست دُنيا جي سيني شاعرن کان نرالو آهي. هن جي سوچ نرالي آهي، لفظ نظر نرالو آهي ۽ پيش ڪش بہ نرالي آهي. هن کي وسارڻ جي معنيٰ انسان کي وسارڻ ۽ انسانذات کي وسارڻ آهي.

## وڏن جو احوال

سچل جو هڪ وڏو ڏاڏو شهاب الدين اول سن 95 هجري مطابق 711ع ۾ محمد بن قاسم جي لشڪر سان گڏ سنڌ ۾ آيو. سنڌ جي فتح کان پوءِ هو

سيوهڻ جو حاڪم ٿيو.سندس خاندان ڇهن پيڙهين تائين، سيوهڻ تي حڪمراني ڪئي. پوءِ زماني جي گردش سبب ان مسڪيني جي حالت ۾ پهچي لاچار سيوهڻ کي ڇڏي اچي خداباد ۾ ويٺا. پوءِ اُتان ڪان ٿي خيرپور رياست واري وارياسي علائقي ۾ اچي رهيا. اُنهي خاندان جي هڪ بزرگ احمد فاروقي اچي مير سهراب خان وٽ نوڪري ڪئي. مير صاحب هن جي خدمتن ڪان خوش ٿي خيرپور ۽ گمبٽ جي وچ ۾ هڪ جاگير عطا ڪئي. هن وري اها زمين پنهنجن ٻن نوڪرن دراز ونديِر ۽ ڪالجن وندير کي سنپالڻ ۽ آباد ڪرڻ لاءِ ڏني اُنهن پنهنجا ڳوٺ آباد ڪيا. ڪجهه وقت ڪان پوءِ ڪالجن وارو ڳوٺ ڊٺي ويو ۽ درازا کي فاروقي خاندان جي طفيل وڏي عزت ملي. اڄڪلهه درازا سچل سرمست جي فيض سببان وڏين ادبي سرگرمين جو وڏو مرڪز بڻجي ويو آهي.

## سچل جي پيدائش

سچل سرمست خيرپور رياست جي هڪ ڳوٺ درازا ۾ هجري سنه 1152 مطابق عيسوي سنه 1739 ۾ جنم ورتو. هن جي والد جو نالو ميان صلاح الحق فقير ۽ ڏاڏي جو نالو ميان صاحبڏنو فقير هو. هن جي مائٽن سندس نالو عبدالوهاب رکيو. هن جي سچائي ۽ حق گوئي جي ڪري سڀيئي هن کي سچو سچل ۽ سچيڏنو چئي خوش ٿيندا هئا. سچل سرمست پنهنجي سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو ڪلام ۾ ”سچو“ ، ”سچل“ ۽ ”سچيڏنو“ کي تخلص طور ڪم آندو آهي:

**اچي اڪڙوين ڪٺي ”سچوء“ کي سرچاءِ**

**آهي وائي اور، ڪو سمجهي ”سچيڏنو“ چوي**

**سچل ٻانهو ناچيو ”سچل“ تون سردار.**

سچل سرمست 6 سالن جو مس ٿيو تہ سندس والد ميان صلاح الحق فقير وفات ڪري ويو.

## تعليم ۽ تربيت

ننڍڙي عمر ۾ والد جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سچل جي تعليم ۽ تربيت جي سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني ۽ چاچي خواجه عبدالحق جي زير نگراني ٿي. سچل سرمست شروعاتي تعليم حافظ عبدالله قريشي کان حاصل ڪئي ٿوريئي عرصي ۾ سچل قرآن شريف جو حافظ بڻجي ويو. هن عربي ۽ فارسي جي تعليم ڪاميابي سان حاصل ڪئي ۽ انهن ٻولين جو ماهر ٿي ويو. سندس فارسي ڪلام جي پورو مجموعو "ديوان آشڪارا" کي مير مراد علي خان ٽالپر ڇپائي پڌرو ڪيو. سچل عربي به خوب ڄاڻندو هو. هن پنهنجي چاچي ۽ سهري خواجه عبدالحق کان ديني ۽ دنيوي مضمونن ۾ مفيد ۽ مڪمل تعليم حاصل ڪئي.

## شادي

سچل سرمست پنهنجي چاچي ميان عبدالحق فقير کي پنهنجو مرشد بڻايو هن پنهنجي چاچي ۽ مرشد جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. شادي ڪرڻ کان پوءِ هو 2 سال زنده رهي ۽ رحلت ڪري ويئي. انهيءَ مان سچل کي ڪو به اولاد پيدا نه ٿيو. سچل ٻئي شادي ڪو نه ڪئي ۽ پنهنجي زندگي کي هيڪڙائي ۽ حق لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

## شاهه لطيف سان ملاقات

شاهه لطيف سچل جي ڏاڏي ميان صاحبڏني سان ملڻ لاءِ درازن ۾ ايندو رهندو هو. هڪ ڀيري جڏهن ڪن جي چوڻ مطابق سچل 5 ورهين جو هو ۽ ٻين جي چوڻ موجب 13 سالن جو هو. شاهه لطيف درازن ۾ آيو ۽ سچل کي ڏٺائين ته سندس وات مان ازخود نڪري ويو: "اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي، اُن جو ڍڪڻ هي نينگر لاهيندو." هن جو مطلب هو ته وڏو ٿي هي عارف اسرار الاهي کولي ظاهر ڪندو. سچل الاهي اسرارن کي اهڙي بي باڪي سان کولي ظاهر ڪيو جو ڪوڙا ملان ۽ مولوي هن جي خلاف ٿي ويا. هو پاڻ به پريشان ٿيا ۽ سچل کي ڏاڍي تڪليف پهچائي.

## سير سفر

شاهه لطيف وانگر سچل سرمست سير ۽ سفر جو شوقين ڪو نہ هو. هو ڪڏهن ڪڏهن روهڙي، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي منزلون ڪندو هو. جتي بہ ويندو هو تہ ماڻهن جا ميڙا لڳي ويندا هئا. ماڻهن جون محفلون جاري ٿي ونديون هيون. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ سچل تنهائي پسند هو. لوڙهي اندر ئي رهندو هو ۽ دروازن کان ٻاهر نہ نڪرندو هو. فطرت جي سونهن‌ءَ هن کي راحت بخشيندي هئي. ماڻهن جي انبوه کان پري رهندو هو:

**"جتي ماڻهن ميڙ آ، آئون تتي ناهيان."**

سچل پنهنجي ڳوٺ درازن کي ڏاڍو پائيندو هو.

## شريعت جي پابندي

سچل سرمست شروعاتي زندگي کان شريعت جو پابند هو. باجماعت نمازون باقائدگي سان پڙهندو هو. روزا بہ رکندو هو. مگر چشتيہ طريقي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ مٿس موج ۽ مستي ڇانئجي ويئي. سندس سيني ۾ محبت جو مچ ٻري اُٿيو. دل پچرڻ لڳي، ساري هستي پچرڻ لڳي ۽ هو استبراق حالت ۾ رهندو هو. طبلي، سارنگي يا ڪنهن ٻئي ساز تي هٿ لڳڻ سان بي خود ٿي ويندو هو. مٿي جا وار ڪڙا ٿي ويندا هئا. ۽ اکڙين مان لڙڪن جون ڏارائون وهي هلنديون هيون ۽ وات مان ٻول جاري ٿي ويندا هئا.

**"سچل آئون تان ناهيان،**
**پوءِ ساري سُڌ پيام،**
**ٿو پاڻ ٻاروچو ٻولي."**

سچل جو شاعري سرجڻ جو هي طريقو حيران ڪن آهي.

## سرمستي

سچل کي راڳ ۽ سماع ۾ ڏاڍو شوق هو جنهن اڳتي هلي هن کي الاهي مستيءَ طرف راغب ڪيو. جڏهن ساز وغيره وڄندو هو تہ هو استفراق جي حالت ۾ اچي ويندو ۽ الاهي مستيءَ جي عالم ۾ هن جي شاعري سرجڻ واري

صلاحيت اُڌما ڪائي ٻاهر نڪرندي هئي ۽ شعر سندس وات مان ازخود ائين نڪري نروار ٿيندا هئا. ڄڻ ڪا ڳڙن واري بارش وسندي هجي. هو شاعري کي سرجڻ واري ڪيفيت سچل کي پنهنجو پاڻ کان مٿي ڪڍي اُتي جو سير ڪرائيندي آهي ۽ هن کي اُهي جلوا نظر ايندا آهن جيڪي هن کي پريشان ڪندا آهن، همٿائيندا آهن ته هو انهن جو اظهار ڪري. سچل جو تخليقي طريقيڪار حيران ڪن آهي ۽ اُنکي دليلن سان سمجهائڻ جي ضرورت آهي ۽ رهندي. اسان جي اديبن، نقادن ۽ دانشورن کي گهرجي ته هو اُنهي حيران ڪن مسئلي تي سوچن، پاڻ پتوڙن ۽ اُن جو ڪو حل ڳولهي لهن.

## سچل جو مذهب

الاهي عشق سچل سرمست جو مذهب آهي. الاهي مستيءَ ۾ سڀ مذهبي اختلاف گم ٿي ويندا آهن. سچل پنهنجي الاهي عشق واري مضمون کي هن نموني ۾ بيان ڪيو آهي:

**بزڳ، شيخ، مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي،**
**نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم پير بڻياسي،**
**نڪ ٿاهه ٺڳي جا ٿاهي، رنگ رساءِ رکياسي.**

سچل جو مذهب، تسبيح ۽ اطاعت، مسجد ۽ مندر وارو نه هو. هو سموري انسانيت جو نئون ۽ نرالو مذهب هو.

**نڪي مسجد مندر ويڙس، نه ڪيڙم تقويٰ طاعت،**
**سچل جو ٿيو بخت سوايو، جو ڪيڙي عشق عنايت.**

سچل عشق الاهي کي پنهنجو مذهب مڃي ٿو جيڪو دوئي دور ڪري پيار جو سبق پڙهائي، دلين کي جوڙي انسان جي سيني معاملن کي سلجهائي انسان کي اعليٰ منزل تي پهچائي ٿو.

**”ڪفر زلف اسان جو ميان، منهن سندم اسلام.“**

عشق جو مذهب انسان جي اندر ۾ سمايل آهي ۽ هن جي جسم جو هر عضوو اُن جو گواهه آهي.

## سچل جي شخصيت

قاضي علي اڪبر درازي پنهنجي ڪتاب "دولهه درازي" ۾ سچل سرمست جي صورت ۽ سيرت جو نقش هن طرح چٽيو آهي. "سرمست سائين جوچهرو نوراني، صاف ۽ سفيد رنگ جو هو. خط و خال الڪش، چشم آهو مثل، ليڪن پر ڪيف ۽ گيسوُ دراز هئا. قد درميانو هو. هميشه سفيد ڪپڙن پائيندو هو. اڇي ڪتي يا چادر ڍڪيندو هو ۽ سر تي سبز رنگ جو فقيراڻو ڪلاه پهريندو هو. اوائل ۾ وهٽ تي چڙهندو هو ۽ پوءِ ڪنهن به وهٽ تي نه چڙهيو. سندس خوراڪ بلڪل سادي هئي. هو ڪاٺ جي صندلي يا ڏرتي آرام ڪندو هو. هو رات ساري الله جي تات ۾ گُذاريندو هو. هو هميشه فڪر ۽ اسفراق ۾ هوندو هو."

سنڌ جي هڪ ڏاهي تيرٿ و سنت سچل سرمست جي شخصيت کي انهن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. "سچل حق پرست، اعليٰ دماغ، فراخدل، همدرد انسان هو. هن جهڙو انسان اقتدار جو مخالف، ڪوڙ ۽ فريب جو دشمن، آزاد خيال ۽ بي ڊپو شخص واجهه وجهندي به ڪو ڳوليو لڀي."

**"هنئين عاشق ته برسن، مينهن محبت جو وساءِ،**
**ساهه جو سانگو ڪرين، ته پير هن پڙ ۾ نه پاءِ"**

## وفات

سچل سرمست 90 سالن جي وڏي ڄمار ۾ سنڌ جي سر زمين تي نور ۽ سرهاڻ پکيڙي هجري سنه 1242 مطابق عيسوي سنه 1829ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. انهي تاريخ تي هر سال درازن جي درگاهه تي ميلو لڳندو آهي. هر قسم جا پانڌيئڙا سڪ جو سلام پرڻ لاءِ حاضر ٿي روحاني خوشي ماڻيندا آهن.

## خراج تحسين

سنڌ جي باڪمال صوفي شاعر غلام قادر بخش "بيدل" پنهنجي هڪ غزل ۾ سچل سرمست کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي.

**”عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو**
**مست سالڪ من سچو عارف اُتي اظهار هو**
**وحد وحدت جو سدا خاصوتنهين ممار هو**
**مرد سو مفهوم وانگر عشق جو اوتار هو.**

## تصنيفون

سچل سرمست جون هي تصنيفون موجود آهن

(1) آشڪارا (فارسي)

(2) رازنامہ (فارسي)

(3) رهبر نامہ (فارسي)

(4) گداز نامہ (فارسي)

(5) تارنامہ (فارسي)

(6) رسالو سچل فقير جلد پهريون

(7)رسالو سچل فقير جلد ٻيو.

محمد صديق ميمڻ ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ رسالن ۾ آيل مواد جو تفصيلي احوال هن طرح ڏنو آهي: ”جلد پهرين ۾ سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي ٻولي جون ڪافيون، غزل، جهولڻا، ريختہ آهن جن جو ڪل تعداد 134 آهي. جلد ٻئي ۾ 10 سہ حرفيون (پنجابي ۽ سرائڪي ٻولين ۾) 195 پنجابي ڏوهيڙا، مرغ نامہ جنهن ۾ 25 ڪن سنڌي ڏوهيڙا آهن، وحدت نامہ، جنهن ۾ 180 مصراعن وارو يڪو سنڌي ڏوهيڙو، سسئيءَ جا بيت ۽ ادائي سو ڪن سنڌي ڏوهيڙا آهن، مارئي جا بيت، پوڻا ٻہ سؤ ڪن سنڌي ڏوهيڙا، مومل جا بيت، 25 ڪن سنڌي ڏوهيڙا، نوريءَ ۽ ڄام تماچي جا بيت، 75 ڪن ڏوهيڙا، روجھ بابت 17 سنڌي بيت پورب جا بيت، 28 ڏوهيڙا وحدت جا بيت، 35 ڏوهيڙا، حقيقت بابت بيت، 25 ڏوهيڙا، جهولڻو سسئي ۽ پنهون بابت، ٻئي جلد ۾ سہ حرفين سميت ڪل ٻارهن سؤ ڪن ڏوهيڙا آهن. انهي ڪان سواءِ سندس ڪلام ۾ 602 ڪافين جو وڏو ذخيرو بہ آهي. سندس سنڌي رسالي ۾ 833 سنڌي بيت بہ موجود آهن. سندس ڪلام ۾ شامل 8 سنڌي دوها سچل جي شاعرانہ ذات جي سونهن آهن.

## سچل جي شاعري جون نمايان خصوصيتون

(1) سچل سرمست نہ رڳو سنڌ جو پر سموري دُنيا جون پهريون شاعر آهي. جنهن جي سوچ نرالي آهي، نقطہ نظر نرالو آهي ۽ پيش ڪش بہ نرالي آهي ۽ سگهاري آهي. هن جهڙو نرالو سگهارو ۽ انقلابي شاعر ڪو ڪٿي هجي.

(2) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن رندي ڪلام کي سنڌي شاعري ۾ رائج ڪري وڏا رنگ رچايا آهن. سچل جا طالب هن کي "حافظ درازي" ڪري سڏيندا آهن.

(3) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ڪيترن ئي ٻولين ۾ شاعري ڪئي ۽ خوب ڪئي. هن عربي، فارسي، سنڌي سرائڪي، پنجابي ۽ اردو ۾ شاعري ڪئي.

(4) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن گهڻن ئي صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي. هن بيت بہ لکيا آهن. سروار بيتن ۾ بہ شاعري ڪئي آهي. هن ڪافيون لکيون ۽ ڪافي جي صنف کي عروج تي پهچايو. هن ڪيئي نيون صنفون جوڙي سنڌي شاعري کي ترقي ڏياري. هن جهولڻو، گهڙولي مسلسل بيت، مسلسل دوها، ڏوهيڙا، ٽيڏاڪڙي، وغيره تحرير ڪري سنڌي شاعري کي فني ميدان ۾ خوب مالا مال ڪيو آهي.

(5) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن هڪ نئين صنف جهولي کي گهڙي سنڌي شاعري ۾ نوان رنگ ڀري اُن کي رنگين ۽ دلچسپ بنائي ڇڏيو آهي. هن گهڙولي جي صنف کي گهڙي اُن کي ڏاڍي مقبوليت ڏياري ۽ سنڌي شاعري ۾ سونهن ۽ خدمت گذاري جي جذبن کي اُجاگر ڪري وڏو ڪمال ڪيو آهي.

(6) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن روجهن بابت دلچسپ شعر جوڙي، سنڌي شاعري کي وسعت، بخشي آهي. هن کان متاثر ٿي ڪري ڪيترن ئي جديد سنڌي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ نوان موضوع استعمال ڪيا آهن.

(7) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ڪافي جي صنف گهڙي، سنڌي شاعري ۾ نوان رنگ پکيڙيا آهي ۽ سرور جان نوان طريقا ايجاد ڪيا آهن. سندس سنڌي ڪلام ۾ 602 ڪافيون موجود آهن جيڪي بيمثال آهن ۽ لاجواب آهن ۽ سچل جي شاعري جو حسين ۽ رنگين سرمايو آهن.

(8) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن سنڌي ۾ انقلابي شعر جوڙي سنڌي شاعري ۾ نواڻ آندي آهي. هن جي انقلابي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سنڌ جي ٻئي ڪنهن شاعر اهڙي انقلابي شاعري نہ سر جي آهي. هن جو انقلاب جو نظريو منفرد آهي، بي مثال آهي.

(9) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جرئتمندي ۽ بي ڊپائي سان ڪوڙن ۽ منافقن ملن، مولوين، پنڊتن ۽ جوڳين جي احمقانہ حرڪتن کي بي نقاب ڪري هڪ وڏي سماج سڌارڪ وانگر سماجي ڀلائي جو وڏو ڪارنامو سر انجام ڏنو آهي.

(10) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعرآهي، جنهن 156 مصراعن واري ڪبت جوڙي، اوچي اُڏام ڀري آهي ۽ پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي.

(11) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي شاعري کي بيپناهہ وسعت عطا ڪئي آهي سنڌي شاعري ۾ انيڪ تبديليون آنديون آهن فڪر ۽ اسلوب کي سيني پابندين کان نجات ڏياري آهي. سچل جو اسلوب سچ پچ نئون، نرالو، آزاد ۽ انقلابي آهي. جديد سنڌي شاعري سچل سرمست جي ڪلام منجهائون ڦٽي نڪتي آهي.

(12) سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن رسالي ۾ واين جي بدران ڪافين جو استعمال ڪري رسالي جوڙڻ جي روايتن ۾ وڏي تبديلي آندي آهي.

## سچل سرمست جي شاعري

سچل سرمست دنيا جي سيني شاعرن ۾ هڪ نيارو ۽ پيارو شاعر آهي. هو سچو آهي، سچ ڳالهائڻ هن جي فطرت آهي ۽ هو سچائي جو سريلو اوتار

آهي. هن جي هر شيءِ نئين ۽ نرالي آهي. هن جي سوچ نياري آهي. هن جو شين کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جو معيار نئون ۽ نرالو آهي ۽ هن جي پيش ڪش به الڳ ۽ ڪشاده آهي. هو رسمي شاعر ناهي پر هڪ وڏو انقلابي شاعر آهي. هو منهنجو شاعر ناهي، تنهنجو شاعر ناهي پر سموري سجاڳ انسانذات جو شاعر آهي. وري دنيا ۾ مشڪل سان هن جهڙو ڪو ٻيو شاعر پيدا ٿئي جو سڄڻ ۽ ڪشاده دل انسانن جي لاءِ صداقت همٿ ربيد پائي ۽ انقلابي انداز ۾ اهڙي فڪرمند ۽ سجاڳيءَ پيدا ڪندڙ شاعري ڪري سگهي.

## پروفيسر ڊاڪٽر شمل جي راءِ

جرمني جي جڳ مشهور مصنفه ۽ تعليمي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر اينمري شمل پنهنجي ننڍڙي ڪتاب ”سنڌي ادب جو ارتقاءَ“ ۾ لکي ٿي ته ”سچل سائين صاحب ڪمال ۽ قادر الڪلام صوفي ۽ تنهائي پسند سالڪ هو. هو پنهنجي سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ۾ دل جي احساس ۽ درد جي في الديهه انداز ۾ پيش ڪيو ۽ اُن جي رد عمل ۽ انجام جي ڪا به پرواهه نه ڪئي.“ هو پنهنجو پاڻ کي کلي طرح ظاهر ڪري پنهنجي شخصيت ۽ عظمت کي اجاگر ڪيو آهي. هن جي شاعري ۾ حقيقت نگاري جو رنگ نمايان طور تي نظر اچي ٿو.

## سچل سرمست هڪ انقلابي شاعر

سچل سرمست نه صرف سنڌ جو پر پوري دنيا جو هڪ نيارو بي ڊپو بلند آواز انقلابي شاعر آهي. هن جي سوچ نرالي آهي، نقطه نظر نرالو آهي ۽ پيشڪش به نئين، نرالي ۽ سگهاري آهي. هو هڪ صاف دل صوفي ۽ ڪشاده دل شاعر آهي. هن جي شاعري هن جي صحتمند ۽ آزاد سوچ ۽ ڪشاده دل جي سريلي ۽ شانائتي سرگذشت آهي. هو رسمي ۽ روايتي شاعر ناهي. هن جي شاعري انسانن جي شاعري آهي ۽ هو سڄي انسانذات جو عظيم ۽ سريلو شاعر آهي. هن جي شاعري ۾ انسانن جا سمورا انگ رنگ ۽ ڍنگ کلي طرح نظر اچن ٿا.

”ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي،
ڪو جاهل نالو ظاهر ڪري،
ڪو شاعر چوي، ڪو ساحر چوي،
آئون جوئي آهيان، سوئي آهيان.
ڪو ملا چوي، ڪو قاضي چوي،
ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي،
ڪو روزيدار نمازي چوي،
آئون جو ئي آهيان، سوئي آهيان.
ڪو رد چوي، ڪو بد چوي،
ڪو بيديني بيحد چوي،
ڪو مشرڪ، بہ ملحد چوي،
آئون جو ئي آهيان، سوئي آهيان.

سچل سرمست جي اهڙي ڪلام ۾ حقيقت پسندي جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو.

## سچل جو اردو ڪلام

(1) مولانا حڪيم محمد صادق جي مرتب ڪيل سرائڪي ڪلام جي آواز ۾ سچل سرمست جا ڪافي اردو غزل مليا آهن، جيڪي مرزا علي قلي بيگ واري رسالي ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام سان گڏ ڏنا ويا آهن. جن وچ اردو غزلن ۾ تقاضائن جو خيال رکيو ويو آهي ۽ انهن ۾ ڪافي جو رنگ غالب آهي. غزلن جو مضمون صوفيانو آهي. غزلن ۾ حسن، عشق، هجر ۽ وصال جو ذڪر برتر انداز ۾ آندو ويو آهي. جمال جي جلوي کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي.

”دیکھن سپنے فہم و عقل ہوش اُڑ گیا،
وہ زلف وپیچ پیچ میں مستانہ ہو رہا ہوں،
معشوق آج سریر، چہرا بنا کے آیا،
میں اس حسن، شمع پر پروانہ ہو رہا ہوں۔“

2. سچل انسان جي اصليت کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

**”صورت، سريت ۾ هون، ظاهر گداگر،**
**هي رهون. باطن پڇاني ڪو ميرا، سلطان،**
**هون سلطان هون، سچو مارا نام هي،**
**نام هي همارا پاڪ هي.**
**معشوق سروپاءِ هون هم گوي هم جوگا هون.**

سچل منصور تي مفتون هو جنهن اناالحق جو نعرو لڳائي پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيو. منصور کي ساراهيندي سچل چوي ٿو.

**”اسي خواجہ ڪي خدمت ۾،**
**همارا سؤ سلامان هي،**
**سچو اس شاهہ سچل،**
**غلامان ڪي غلامان هي.“**

## سچل جو فارسي ڪلام

سچل سرمست گهڻو ئي فارسي ڪلام لکيو هو. ديوان آشڪارا جو تخلص استعمال ڪيو آهي. هن جو فارسي ڪلام مثنوين جي صورت ۾ بہ آهي. جنهن ۾ خدائي تخلص ڪم آند آهي. سچل پنهنجي ڪلام ۾ ايراني شاعرن وانگر ظهار ڪيو آهي تہ هن جيءَ هُن رب جي وچ ۾ ڪو فرق ناهي.

**اگر خود را خدا، داني خدائي،**
**وگر خود را گدا، داني گدائي.**

جي پاڻ کي خدا چائين تہ خدا آهين ۽ جي پاڻ کي گدُ چاڻين تہ گدا آهين. سچل فارسي ڪلام ۾ گهڻين هنڌن تي حيرت جو اظهار ڪيو آهي.

**ڪيتم من ڪيتم، من ڪيتم،**
**درني ير مانده ام من ڪيتم.**

(ڪير آهيان مان ڪير آهيان،
وچ حيرت پيو آهيان تہ آهيان ڪير.)

سچل پنهنجي ڪلام ۾ حقيقي شراب جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي ۽ چوي ٿو ته اي ساقي مون کي انگوري شراب نه گهرجي، وحدت وارو شراب ايري آهي اُهو پيياريم ته واق ڪان آجو آجو آهيان. سچل جي فارسي ڪلام ۾ مشرقي عاشق، عارفن جو به ذڪر موجود آهي.

سچل جي فارسي ڪلام ستور به آهي ۽ درد به آهي جنهن ۾ رندانه مستي به آهي.

سچل سرمست گهڻو ئي فارسي ڪلام تحرير ڪيو آهي. نخاني قصر سچل سرمست جي مهاڳ ۾ سچل جي فارسي ڪلام جي باري ۾ لکيو آهي ته فارسي ڪلام جو هڪ خاص ديوان جذبو اٿس جنهن ۾ پاڻ کي آشڪار جي تخلص سان ظاهر ڪيو اٿس تار نامه راز نامه گذار نامه قتل نامه عشق نامه ۽ رهبر نامه به سندس تصنيفن مان ڪي مثنوي جي مورت ۾ موجود آهن. هن خدائي تخلص رکيو اٿس، رهبر نامه سندس ڪلام آهن جو نوي سالن جي ڄمار ۾ سيڪي حق ٿيڻ کان ٿوروئي وقت اڳ سالن جي رهبري واسطي لکيو اٿس.

سچل سرمست فارسي زبان جو بلند شاعر آهي. سندس فارسي شعر پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هم اوست جو نظريو ڪم ڪندو نظر اچي ٿو. ڪيترين ئي جائين تي مستي، بيخودي ۽ اشهراق واري حالت صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

## سرائڪي ڪلام

سچل سرائڪي زبان جو باڪمال شاعر آهي. سچل جو سرائڪي ڪلام ڏاڍو مشهور آهي. سرائڪي ڪلام ۾ عاشق ۽ معشوق جي ۽ رمزن ۽ نازن ۽ نخرن جي باري ۾ ڪيترن ئي جاين تي دلسوز احوال درج ڪيل آهي. سچل جو سرائڪي ڪلام عجت وحدان پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ سرائڪي ڪلفي جون مصراعون پڙهو جن ۾ هڪ عاشق پنهنجي محبوب کي عمري جي نوازش لاءِ التجائون ڪري ٿو.

**سائين ڪول حجابتون پردي،**
**آهن ڏون ئي ڏينهن گذردي،**
**گڏ جاسين تون بال اسا ڏي،**
**ڏينهن لنگهي او سردي،**
**ٻيا ڳالهيان سڀ پوڙ ڏساسين،**
**مين عاشق هڪ نظر دي،**

سچل زور ڏئي چوي ٿو تہ عشق ۾ صرف نياز ۽ عرض جي لوڙهندي آهي، وڏا نعرا اجايا آهن.

سرائڪي زبان جو مشهور شاعر خواجہ زيد سچل جي ڪلام کان متاثر آهي، سندس ڪيترين ئي ڪافين ۾ سچل سرمست جي تشبيح ڪيل نظر اچي ٿي زبان ۽ محاوري جي لحاظ کان سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام قابل قدر آهي. جو ان ۾ سرائڪي لفظ ۽ محاورا نهايت دلوبيني سان ڪم آندل آهن. سچل کي سنڌ ۽ ملتان جي شاعرن جو شباح الميرا ڪوئيو وڃي ٿو.

سچل جي سرائڪي ڪلام جو بنيادي مضمون وحدت الوحد آهي. چوي ٿو تہ مون ۾ ذات الاهي جو جلو موجود آهي.

**ميڏڙي دل وچ پيار پت ڏيان سنگهان پايان و**
**اُچي جهوٽي آپ چوڏاوي ڏيندا لوڏي لک هزار.**

## رشيد لاشاري درس لکيو آهي:

سچل سرمست جو سرائڪي ۽ پنجابي تي ايترو رتبو حاصل هو جو زبان ۽ محاورا ۽ جذبات بہ اهڙي رنگ سان پيش ڪري ٿو جو خود اُتان جا رهاڪو بہ ڏينديں آڱريون وهي رهجي وڃن ٿا.

## شاهہ ۽ سچل

شاهہ عبدالطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست سنڌي ثقافت جا سرواڻ ۽ سنڌي شاعري جا امام آهن، هو نہ صرف سنڌ ۾ پر سموري دنيا ۾ مشهور آهن،

ٻنهي جي سوچ نرالي آهي، فقط نظر نرالو آهي ۽ پيش ڪش بہ نرالي آهي، پر ٻنهي جو مقصد هڪ ئي آهي، سنڌي شاعري جي ترقي ۽ سنڌي سماج جي فڪري پنهنجي ۽ سماجي ڀلائي ۽ روزمره جي سهپ وارو پرامن ۽ خوشحال ماڻ ۾ هئڻ جي اهيمت جو ذڪر هن طرح آهي، اچو تہ ٻنهي شاعرن جي شعرن کي چاهيون ۽ انهن جي شعرانہ روايتن کي سمجهون ۽ اُن جي ذات، سيرت ۽ ساڃاهہ کي ساراهيون ٻنهي جو مقصد لڳ ڀڳ ساڳيو آهي. پر انهن جو اسلوب الڳ الڳ آهي، سرمت سي جي داستان انهن ۾ ماڻ ۾ مرڻ کي هن نوني ۾ سمجهايو آهي.

**ماڻ جي سئين سان هيئن هوٽائين هنج ۾،**
**وڃي ڪيچ سئينءَ نان ويچاري وس ڪيو.**

شاهہ لطيف جي سرڪاموڏ ۾ نوري پنهنجو پاڻ کي هن نموني ۾ متعارف ڪرائي ٿي.

**تون تماچي ٿر ڌٽي، آئون مجهائي جي.**
**مون ڏهاڳ ۾ ڏي، آئون جي نالي سئين**

سچل سرمست انهي مضمون کي نئين انداز ۾ هن نموني بيان ڪيو آهي.

**تون سچو سائين، آئون مئي مهاڻي آهيان،**
**مون لڄ رهائين، جو چي لڳس تانجي.**

شاهہ لطيف ڪينجهر جي هئڻ جو مٺ انهي نموني ۾ چيو آهي.

**جاريون تاريون ڇڄ ڇپريون جن جي محبت مڇي ماڻ،**
**رهن، وهن سر پاندين سسئي پرپور هاڻ،**
**نيندن جن جيئن لطيف رسائي وجهن ساڻ،**
**تن ملاحن جو ماڻ سهي سرڪٽو پاهنجي.**

سچل سائين ڪينجهر جي هائين جي ٿري حالت کي الڳ نموني بيان ڪيو آهي.

**و هجر وهل ليون، تي پٽ يا رب تن پانهنجا،**
**ڏنيون ڏيپ جون ٿي جهپيرن پهنجون،**
**ککي خاطر ڏيريون، ڏند منجهہ ڏنيون.**

شاهہ لطيف سر مارئي ۾ ملير جو ذڪر ڏاڍي سريلي ۽ متاثر ڪندڙ طرز ۾ بيان ڪيو آهي.

**اٺ گهٽا ٿيا موڪ ملير ۾،**
**اکيون آب پرئو انهن ڪون ڪٽائي،**
**مارن شال متران، ڪوئيون ڇڏي ڪڏهن.**

سچل بہ مرثي ۾ اهڙي خيال جو ۾ هن طرح ذڪر ڪيو آهي.

**هي خبر هاڻي آهي ريگستان راڄ ڏانهن،**
**تہ اُت منهنجي ملير ۾ ٻوٽن ۾ پاڻي،**
**۽ ڦل ڦل گلزاريون ٿيا. وڻ سڀ رمجائي،**
**تون بہ صاحب سجائي موڪل ڏنم مڙي مران.**

## سچل سرمست- ڪافي جو امام

(1) اسان اديبن ۽ نقادن ڪافي جا بيت پنهنجي خيالن جو اظهار جدا جدا نمونن ۾ ڪيو آهي. پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻي اي بي ايم جي مرتب ڪيل ڪتاب شاهہ سچل، سامي جي ڇپيل مضمون ”سچل ۽ سنڌ سڀ“ ۾ لکيو آهي تہ ڪافي لفظ ڪاويد (شقر) بگڙيل روپ تي لکي ٿو. ٻئي طرف ڏک ڏکڻي ڪٿارا سنگيت وديا ۾ ڪافي هڪ ناٽ مول راڳ آهي.

(2) پروفيسر سدارنگاڻي پنهنجي ڪتاب سنڌ جي فارسي شعر ۾ لکيو آهي تہ عام طرح چوڻ ۾ ايندو آهي تہ هي ڳالهہ ڪافي پنهنجي قناعب ٿيندو آهي. اوائل ۾ ممڪن آهي تہ قناعت جي مد نظر ڪافي لفظ استعمال ٿيو هجي.

(3) غلام محمد گرامي چوي ٿو تہ منهنجي ذاتي خيال ۾ ڪافي راڳ جي نسبت سان اول ڳائڻ ۾ آئي. اڳتي هلي سيني سُرن ۾ بہ ڳائجي وئي ۽ غلط الفاظ صحيح موجب هر سُر ۾ ڳايل سُر کي ڪافي سڏيو ويو.

(4) مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پنهنجي ماهي مهراڻ رسالي ۾ 1994ع ۾ شاعي ٿيل مضمون ڪافي ۽ اُن ڪوفين ۾ لکي ٿو تہ ڪافي آهي ئي ڳائڻ لاءِ ۽ نہ لکڻ رکڻ لاءِ ڪافي موسيقي ٻئي شيون لازم ۽ ملزوم آهن.

(5) محترم الياس عشق هڪ وڏو اديب ۽ محقق آهي. مخدوم الياس عشقي جوچوڻ آهي تہ ڪافي اصل ملتان ۽ پنجاب جي سوکڙي آهي. جيڪا سرائڪي شاعرن جي ذريعي سنڌ ۾ رائج ٿي هن جو چوڻ آهي تہ جيئن تہ ڪافي گهڻو ڪري ڪلام جيڪا راڳن ۾ ڳائي ويندي آهي. ان ۾ راڳن جو دمدن ۽ شاعري جو بہ ان سڪن صنف کي ايندا آهن. موسيقي جو ذوق لاءِ ڪافي سمجهيو ويدو هو. انهي خيال ۾ ان جو نالو ڪافي پيو.

ڪافي شاعري ۽ موسيقي جو سريلو ميلاپ آهي، ڪافي ۾ موسيقي جو لطف ۽ شاعري جو عجيب انداز بيان موجود آهن.

ڪافي ۾ گذريل واقعا ۽ وارداتن کي لطيف ۽ مئڗ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ڪافي ۾ درد جو هجڻ لازمي آهي. ڪافي ۾ سوز ۽ سوز ان جي اثر کي من موهيندڙ بڻائيندو آهي. ڪافي ۾ روزمره جي ٻولي استعمال ڪرڻ ۽ اُن کي پرتاثر بنايو آهي.

(6) سچل سرمست سچ پچ ڪافي جي شاعري جو امام آهي. هن ڪافي جي صنف ۾ نوان تجربا ڪري اُن جا ڪيترائي قسم تيار ڪيا آهن. منفي لحاظ کان ٿيل ڪافي ۾ وسعيت آهي. لطف آهي ۽ ايترو وڌڻ لاءِ ڪيتريون ۽ راهون کيس نظر اينديون. هن چندوديا جي اصولن مطابق ڪافيون گهڙيون آهن ۽ علم ۽ عروض جي اصولن مطابق ڪافيون تحرير ڪري فڪر ۽ فن جي لحاظ کان ڪافي کي وڌيڪ موذون بنايو. جن ڪافي جي مضمون ۾ نوان انواراديت ۽ جدت جا رنگ سمايل ڪري اُن کي سنڌي تيار ڪري ان جو سينگار ٻڌائي ڇڏيو آهي. سچل سرمست ڪافي جا نوان نمونا تحرير ڪري ان ڪري سنڌ جي ماڻهن جي جذبي ۽ احساسن ۽ نون نڪتن کي ظاهر ڪرڻ جو هڪ سريلو رسيلو اظاهر بيان جو نئون، نرالو ۽ من موهيندڙ نموني بنائي ڪمال ڪري ڇڏيو آهي.

## I(1) ڪافي هيڪوٽي

سچل سرمست ڪافي جا ڪيترائي نوان قسم ايجاد ڪيا آهن، هن جي ڪلام ۾ ڪافي جا قديم نمونا بہ ملن ٿا وائي جي سُر ۾ لکيل آهي.

هيڪوئي ڪافي جا ڪيترائي قسم آهن. ڪافي جي هڪڙي قسم ڪي بيان ڪجي ٿو ته جنهن ۾ ٿل ۽ ٻن سٽن جو ٿئي جنهن ۾ بند هوندا آهن. هڪ مثال هتي ڏجي ٿو.

**شاهه ٿيو سلائي نه چاڻ ڪنهن ڳالهه ڪان.**

ڪافي جو هي جدا قسم آهي جنهن ۾ هن قسن جي ڪافي ۾ هر هڪ بند آهي ۽ ٿل به گهڻو ڪري ڏيڍ سٽو هوندو آهي ڪڏهن ڪڏهن ۽ بند ڏيڍ سٽو ٿئي ٿو.

**قل پاڻهي چاريو چار.**
**قاصه مرن ڏي آيو.**
**اڄڻ سنڌي اُن جي اُتي ويا آباد.**
**تورو ڪيتيون لايو.**

(8) سچل سرمست ڪافي جو بلند پايه شاعر آهي. هن ڪل 601 سنڌي تخليقون ڏنيون آهن. ٻئي ڪنهن به سنڌي شاعر سچل سرمست کان وڌيڪ ڪافيون نه ڏنيون آهن.

## ڪافي بياني:

تنهن قسم جي ڪافي ۾ به مصرعون ٿين. ته ڪڏهن ٻن سٽن جو هڪ پٽ وارو پڪو يا ٻن ٻن وارو ٿئي، هن جا مختلف قسم آهي. هڪ قسم هو غزل ۽ ٻيو ٿل توڙي بندوين بدن جا ٿين. ٿل جي پنهنجي سٽن ۾ مسافيون ٿئي ۽ بدن جي سٽن ۾ قافيو ٿئي.

**انهن اڳين ڪي نهاسو نهار تنهنجو.**
**ويٺو وٽي مان آهيان ڪامل قرار تنهنجو.**
**هن ڪي اوهان ٻيي يا ٻئون آهي نه ماڙڪائي،**
**جي تان غريب آهي، اميدوار تنهنجو.**

سچل جي سرمست هڪ ڪافي جي ٿل ۾ چار بند هوندا آهن ته هر هڪ پد ۾ به چار بند هوندا آهن. ٿل جي چئين بندن ۾ هڪ جهڙو قافيو هوندو آهي. بند چار پر پاڻ ۾ هم قافيه هوندا آهن. بند ٿل سان هم قافيه هوندو آهي.

**تنهنجي حسن ماريا، سوري سنپاريا،**
**انهي ڳالهه ڳاريا، هزارين هزار،**
**اُهي پار آيا، بندن جي لواريا،**
**ٻئي سر سلايا تنهن ترن اگهار.**

## (10) جهوڻو ڪافي:

سچل سرمست جي هڪ نئين ايجاد جهوڻو ڪافي ڪافين جو مضمون رس ۽ رچاءُ ۾ جهوڻي بهتر هوندو آهي. جهوڻو ڪافي جو هر بند ٻن ماتن سٽن جو هوندو آهي ۽ قافيو هر سٽ جي پويان اچي ٿو.

**تنهنجي اچڻ سان هت، پوتيون ٿي پايان،**
**تنهنجي صبح سرتيون، ٿي پانڌي پچايان،**
**ڏاها تن تنهنجا ڏي ٿي ڪانگ اُڏايان.**

## سچل- هڪ انقلابي شاعر:

سچل مذهب جي خلاف ناهي پر رسمي ۽ روايتي ڳالهين کان منهن موڙيو هن ملا ۽ مولوي سهپ ۽ مذهب جي هر سوده، مدي خارج ۽ مطلبي تشريحن ۽ سمجهاڻين کي مجڻ کان انڪار ڪيو آهي. هن مذهب جي سچي روح پيغام کي عالم آشڪار ڪيو آهي. هو سمجهي ٿو ته انساني جسم صرف لباس آهي. جسم دوست جو ديرو آهي ۽

سچل سرمست تنگ نظري ۽ دڪيانوسي خالين جي خلاف آهي، هرنن جي نگري کان ڪوهين دور آهي. صوفي وٽ سچ ۽ سچ آهي، عشق ئي عشق آهي، هر صورت ۾ مالڪ ساڳيو ئي مالڪ آهي.

**صورت سپ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو نماڻو.**
**ڪافيون پڙهي چوڻيون، ڪائي ٿين پڙي نوان.**
**ڪائين پڙهي وزير ٿيو، ڪائين ٿيو دربان،**
**ڪائين احمد بلا ميمي هو ۽ حيرت،**
**سڄو پنو صبر ۾ هو ۽ حيرت ۾ حيران.**

## سچل جي انقلابي شاعري

لالسنگهه اجوائي پنهنجي انگريزي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ سچل سرمست کي انقلابي شاعر سڏي ٿو. دلير دودو درازي سچل سرمست سچ جو شاعر آهي ۽ حق گوئي هن جي سڃاڻپ آهي. زماني جي حالتن مطابق ڪوڙن ماڻهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ماڻهن کي مذهبي ۽ ڌرمي ۾ پنهنجي طرفان ڪوڙيون تشريحون ڪري انهن کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته شاعر سچل سرمست ميدان ۾ نڪري آيو ۽ اُنهن جي خلاف انقلابي آواز اُٿاريو. هن سختيون سٺيون، عداوتن کي منهن ڏنو ۽ دل جو سڪون وڃايو پر حق جي رستي تان نه هٽيو. اسان جا سنڌي شاعر دٻاءُ ۾ اچي حق جي واٽ تان هٽيو وڃن ٿا. سچل سرمست يا ڪنهن جي دٻاءُ ۽ جرئت سان هر مصيبت جو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي انقلابي آواز کي جاري رکيو.

**جي ميچين ٿا آدمي، سي نه ميچان مان،**
**سچو آهيان آءُ، جي ٻانهو ٻئي جو نه ٿيان.**

## وقت جون حالتون:

سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ ڏاڍيون تباهيون ڏٺيون. بادشاهه دهلي ۽ سنڌ تي چڙهايون ڪيون ۽ عام ماڻهن جو قتل عام ڪرايو. اُن کان پوءِ احمد شاهه ابدالي ۽ اتان جي بادشاهه تيمور شاهه جي حملن سنڌ کي برباد ڪري ڇڏيو حڪمران به ملن مولوين پادرين ۽ پنهنجن جي زير اچي ويا. اهڙي طرح مذهبي ۽ ڌرمي ڄاڻ وڏي وئي. مُلن ۽ پنڊتن من گهڙت قانون جوڙي ماڻهن کي ماڻهن کان ڌار ڪري ڇڏيو. اوچ، نيچ، ڀيد ڀاءُ، غفلت مذهبي ڪٽرپڻي امن کي برباد ڪري ڇڏيو. سچل سرمست سنڌ ۾ رائج مذهبي، سماجي ۽ انتظامي براين جي خلاف انقلابي آواز اُٿاريو.

**مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،**
**تيخي، پيريءَ بزرگي بيحد ڀلايا،**
**ڪن همارون ترهي، توڙي ممبر وسايا،**
**اُوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.**

سچل جي ڪلام، ماڻهن ڏاڍا ڪوڙ مچايا. سچل کي برو ڀلو چيو ويو. محفلون مچائي، سچل جي مذمت ڪئي ويئي. سچل ڪوڙن مذهبي ملن، مولوين ۽ منافق مشائخن کي انهن جي اشفانه حرڪتن جو جواب هن نموني ڏنو.

**ڪلمي مون کي ڪين ڪيو مورئون مسلمان،**
**نڪي احمد موڪليو عرب ڪئون ايمان،**
**سچو سو سبحان عالم ليکي آدمي.**

***-*-***

**نا مين مسجد نا مين حجرا، اندر پير نه پايان،**
**نا مين ڪعبه، نان مين قلبه مڪي مور نه جاوان،**
**نا مين نانڪ، نا مين لڇمڻ گنگا مول نه جاوان،**
**پار ته ميرا درس درازي سچل نام سڏايان.**

***-*-***

**ڪلمو پڙهان ته ڪافر ٿيا، قرآن نه انهي گهيڙ،**
**جادي راهه رسول جي، نيندي پايان نه پير.**

سچل سرمست هندن ۽ مسلمانن کي مذهب جي ڪٽرپڻي جي مخالفت ڪندي آگهاه ڪري چوي ٿو ته هو ساز ۽ سلوڪ ۾ رهيا ته پوءِ پڇتائڻو پوندو.

**وقت اها ئي ويل، دو ئي دور ڪرڻ جي،**
**ڪندي من مذهب مان سامهو ساڻ نٿو سيل،**
**هوندو مومن سان ملي، محبت جو ڪر ميل،**
**مٿان ٿئي اول سچو اولهه صبح نه لهي.**

سچل سچي مذهب جي اٿار ڪندي چوي ٿو ته مذهب دليون جوڙي ٿو ۽ نه ئي دليون ٽوڙي ٿو. مذهب محبت کي وڌائي ٿو ۽ نفرت کان پاسو ڪري ٿو. مذهب سک ۽ سڪون آڻي ٿو ۽ بد امني کان بچائي ٿو.

سچل سرمست قافين ۾ ملان ۽ پنڊتن کي مذهبي ڪٽرپڻي ڇڏي ڏيڻ جي ڏانهن ڪري ٿو. پر هو ڄاڻي ٿو ته انهن جو ڪردار کهڙو آهي.

**ملان تہ ڪارڻ ماني جي ختما پڙهن ٿا خاصا،**
**هي اچن ٿا ڪنن تي، هٿ ۾ ڪيون عصا،**
**چڙي وجن ٿا مانين تي پڪيون پرن ٿا پاسا،**
**ملان چون ٿا ڪين ڪائون ٿا ڪائي وجن ٿا ڪاسا،**
**سچو سچ چوي ٿو ظاهر، نيون ڪمتن ٿا باسا.**

سچل جي چوڻ مطابق ملا حقائي حسن ۽ عشق کان بنهہ بي بخر آهن. صرف وظيفا پڙهڻ ۽ ورق وڏائڻ سان حق جو ديدار حاصل نہ ٿيندو. هڪ دفعي هي حق جي حسن جو ديدار ٿي وڃي تہ مارون ڪائيندي سختيون سهندي هو وجد ۾ اچي، روح جي راحت ماڻي سگهي ٿو. سچل کي اهو احسان ٿئي تہ ڏٺي پاڻ اهو ملو آهي. پاڻ ئي قاضي آهي پاڻ ئي پنڊت پاڻ ئي هر جاءِ حاضر آهي.

**”پرڪنهن ويڙهي تون سين، توري آهي ڪو نہ پيو.“**

سچل سرمست هڪ اهڙو انقلابي شاعر آهي، تباهي نٿو چاهي نہ هي بربادي چاهي ٿو پر پيار ۽ محبت جو حامل آهي. هو نفرت ڪري ئي نٿو سگهي. هو ملن، پنڊتن ۽ ٻانيڻن جي ڪاري ڪرتوتن کي ڏڪاري ٿو پر لائق ملن، قاضي ۽ پنڊتن ۽ ٻانيڻ کي چاهي ٿو چاڪاڻ تہ انهن کان سواءِ سُکي، پر امن ۽ سهپ واري زندگي گذارڻ ممڪن ئي ڪو نہ آهي.

(نوٽ: مون هي مضمون مسٽر ٻلديو مٽلاڻي جي ڪتاب ”سچل جون وايون“ جو مطالعو ڪري اُن کان متاثر ٿي لکيو آهي.)

## سچل جي شاعري جو مضمون

سچل سرمست جي شاعري جو مضمون بنيادي طرح وحدت الوجود، وحدانيت، حسن و عشق، نفرت پاڻ سڃاڻڻ، سرمستي، فتنا ۽ بقا جي مسئلن تي مشتمل آهي. سچل سرمست قرآن، حديث ۽ وڏن مذهبي رهنمائن جي حوالن جي روشني ۾ مثالن ۽ دليلن سان سمجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

## وحدت الوجود

وحدت الوجود صوفين جو هڪ اصلاح آهي، جنهن ۾ حق تعاليٰ جي توحيد تي بحث ڪيو ويندو آهي. انهي بحث موجب حقيقي وجود هڪ آهي. فقط هڪ آهي ۽ اهو آهي الله تعاليٰ جو آهي. الله تعاليٰ جو وجود هڪ آهي، يعني فقط خدا ئي موجود آهي. ۽ ٻيو ڪجهه بہ ناهي. هر شيءِ انهي مان آهي ۽ انهي ۾ آهي جهڙي طرح سمنڊ ۾ لهرون ۽ موجود موجن جو وجود حقيقي ناهي پر مسافي لهرون ۽ موجون منجي وينديون پر سمنڊ قائم ۽ دائم رهندو آهي.

سچل سرمست وحدت الوجود جو وڏو شاعر آهي، وحدت الوجود تي تمام گهڻو زور ڏيئي ٿو ۽ اُن کي مختلف طريقن سان سمجهائي ٿو.هو ٻڌائي ٿو تہ حقيقي وجود فقط هڪ ذات آهي ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن ٻئي خدا حقيقتون هجن تہ حيات انهي مرحلي تي ئي ختم ٿي وجن. هو هميشہ کان آهي ۽ رهندو. هو واحد ۽ لامحدود آهي. ڪائنات جي هر شيءِ هن جي ذات جو حقيقي منظر آهي. سموريون موجود ذات انهي ذات کان جدا وجود ٿيون رکن.

**شاهہ آپي گدا، آپي امير اُمراء**
**آڳي ڏي، آپي پي، آپي پٽ، آپي ماءُ.**
**آڇي ڪپءِ آڇي، ڙس آڇي پيڻ پاءُ.**
**آپي موچ، اُتي اهر، سچل آپي دم دم درياءَ.**

هر شيءِ دنيا ۾ حقيقي ذات پات جي لهر آهي.

**جي اوهين ڇاڻو اي جڏهن، آهر الله لوڪ سارو**
**ڪافي آهي ڇپ ڇپائيءَ ۾، ڪاٿي سوماري نعرو**
**ڪاٿي بيڪسي ۾ گذاري ڪاٿي سود ڪمن وارو**
**ڪاٿي شرع ۾ شور مچائي، ڪاٿي ڪڇيءَ ۾ ڳارو.**
**جاڏي ڏسو ٿا خاري آهي، آهي سندس نينهن نظارو**
**حقيقت بي حال تون سچو ٿئي نہ رسيپارو.**

هو سڀ ڪجهہ آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. انساني روح خدائي روح جو جزو آهي. اُهي جزا وجي روح ڪل ۾ گڏ ٿيا.

**ورت سڀ انسان جي اُتي عشق اصل،**
**حلق آدم اعليٰ مورنده بروجهڙا ڪل،**
**آلاسان سري واناسره سچ سچا سومل،**
**ٻول نہ ٿئي تون ٻل، هتي هتي هڪ اتي.**

سچل چوي ٿو تہ هٿ نور ۾ نور آهي، سڀ صورتون حياتي آهن. هر هند هوئي موجود آهي.

**جي تو ڄاڻو پاڻ، آئون ٻيو ڪو آهيان،**
**ڪندو غرق گمان ڳلا انهي ڳالهہ جي.**

سچل سرمست موج ۾ مستي تان تير ۾ شاعري ذريعي پاڻ سڃاڻ ۾ اخلاق الاهي پيدا ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو.

**آهيان آئون اسدار جيڏيون مون ڪي ڪير پيانون ڏنيون،**
**جيتري بادشاهي تنهنجي، ڪيتر ۾ هٿ سڪار**
**نوري ناري ناهيان، آهيان رب ميار**
**مرشد ٻانهو نہ چيو تون سمجهو آهين سردار.**

## حسن و عشق

حسن ۽ عشق جا جذبا ازلي آهن. جيڪي انسان جي فن ۽ فڪر تي اثر وجهن ٿا. سيئي لطيفي فن جماليت جي هنج ۾ مبتلا آهن ۽ انهن جي فطري جذبي کي جسماني طرح پيش ڪندا آهن. شاعري جو بنياد شوق ۽ ذوق تي آهي. جڏهن حسن ۽ عشق دل ۾ تڙپ ٿيندا آهن. تڏهن شاعري وجود ۾ ايندي آهي.

سچل سرمست ديوان خدائي ۾ هن محبوب جلوو ڏيکاري منهنجي دل کي کسي ورتي ۽ محبت جي ميدان ۾ عجيب انداز سان مون کي شڪار ڪيو. هن جي هاڪ، جي ورلاپيون ۽ دانهون ۽ وسل جون وايون سچل جو ڪلام ۾ نمايان طور تي نظر اچن ٿيون. سچل چوي ٿو تہ حسن جي هر جلوي ۾ محبوب جي صورت نظر اچي ٿي.

سچل سرمست حسن ۽ عشق ۽ اظهار ڪري ٿو تہ جيئن تہ انسان ڏس

جي فڪرن مان آزاد آهي، حق ۽ سچ جي ڪا مقدار ٿئي ۽ ماڻهن اخلاص ۽ محبت جاڳ اٿئي.

**عشق محبت ٻاجهون چاڻين سڀ راهه خلاقي،**
**بزرگ ڪارڻ دنيا جي ڪن طلسم سڀ طلافي،**
**سچا بزرگ جي نه ٿيندا سچا صوفي متافي،**

سچل جي شاعريءِ ۾ محبوب جي حسن ۽ جمال جي جنون سان گڏ مشهور ۽ سرمد وارو حلال به موجود آهي. جن ازل کي سر جو سودو ڪري ڇڏيو آهي، پر عشق جو برڪتون انهن جي لاءِ مخصوص آهن، حسن جي دنيا جو دستور به نرلاو آهي. ڪڏهن جدائي سچل جي سيني ۾ باه ٻاري ڏني آهي.

**جي اچين ته اچ نه ته پرون پچاڙيون،**
**محبت ٻاريون مچ سيني منجهه سچو ٿي.**

عشق جو سودو ڏاڍو ڏکيو آهي ان ۾ سر ۽ ساهه کي قربان ڪرڻو پوي ٿو.

سچل چوي ٿو ته عشق کانسواءِ زندگي جو وجود بي سود آهي. عشق جي اڳڻ ۾ هستي کي متائڻ ضروري آهي. اُن کان پوءِ جدائي جي ديوار ٽٽي پوندي آهي ۽ وائي سان وصال مڪن ٿي سگهندو آهي.

عشق جي اڳيان علم عقل، شرم ۽ حيا سڀ ماٺ آهن، راهن تي سرڪار عابي جو اچڻ عاشق مرڻ کان اڳ ئي پاڻ کي ماريو ڇڏن ٿا. جي دلين ۾ دلبر جو درد رهندو آهي. سي هن فاني جڳ سان رشتا ٽوڙي پاڻ ۾ آڳ ٿي وجن ٿا. عاشق جي اندر ۾ عشق جو مشاهدو ڀرپور ٿيندو آهي. عاشق دوئي کان دور رهندا آهن ۽ سچن جي راهن ۾ حاضر رهندا آهن. پنهنجي ڪيل قولن کي پوري ڪرڻ لاءِ قربان ڪري ڇڏيندا آهن جن پريم جو پيالو پيتو آهي، تن کي موت ڪيئن ماري سگهندو.

**عاشق مرندا ڪيئن ڪي فدا ڪين مڪان ۾،**
**ديواني دريا جو پيتون پيالو پُر ڪري،**
**اجر منجهه امير ٿيا گڏيا ڪن جهان ۾،**
**عشق ۾ جي غرق ٿيا تن گهاگرون ۾ گها.**
**ٻولي ٻولن ٿا ٻي نه ڪا، اُهي رهن الامان ۾.**

الاهي عشق هڪ ازلي ذات آهي، جيڪا سڌون ڪرڻ ۽ خواهشون ڪرڻ سان نہ ملندي آهي. انهي جي لاءِ سر ۽ جان جو صدقو ڏيڻو پوندو آهي. عشق حق جو ٻيو نالو آهي، جنهن ڪانسواءِ هر شيءِ ڪوڙ آهي. عشق الله جو اهڙو دستور آهي، جنهن ڪي سمجهائڻ لاءِ منصور حيات سوليءَ چڙهڻو ٿو پوي.

**محبت جي مٺي ماريو ري مون ڪي.**
**ڪاڪين ڪنهن مان ورهہ ورهيان،**

**عقل علم سڀ چوڙ ڏنو سي عشق ڏنو اوترو.**
**اسيان ڪرل تہ ظاهر ڏيکين، سِر سجڻ جو سارو.**
**سينر سجندا جوڙ سانباها ورهہ ڪيو جان وارو.**

**فنا**

پنهنجي خودي ڪي توڙي ذات مطابق اندر سمجهائي وحدانيت جي تڪميل ڪرڻ ڪي فنا چئبو آهي. فنا ٿيڻ ڪان سواءِ منزل ملڻي ناهي. سچل سرمست چوي ٿو تہ سچو عاشق آهو هي آهي، جو جسمي ۽ جيءَ ڪي گهوري ۽ واپس نہ اچي خواهش ۽ تمنائن ڪي مارڻ ڪان پوءِ ئي دلبر جي ديدار جون راهون کلن ٿيون.

**اول ڪان عوطو هي ڪم، پڇي امر شاهي دادم،**
**اچڻ انهي ٿر ۾ ڪجن ڪونهي ڪم.**
**شادي ڪي ڪام ڪي عازن ناهي ڪم.**
**چئو منصور اُن ۾ شامل سان دم دم.**

سچل چوي ٿو تہ انهن، ترن قابورن قدم پنهنجي ذاتي خواهشن ۽ جسم جي خيرخواهي ڇڏڻ وارا ئي معراج جي منزل حاصل ڪن ٿا. ۽ روحاني جلون جو ديدار ڪن ٿا.

**جي فڪر ڪون فارغ ٿيا، ٿيا دنيا ڪان دور،**
**هوندا سي حضور، آئون تہ ڳرهيون ڳالهڙيون،**

جسم ۾ جان خالي آهن. اُنهن کي ڇڏي اڳتي وڌي حق جي رهاه ۾هلڻ ۾ حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي.

**اڳيان وجهه نگاهه ڳالهه نه ڪو ناهي سهي،**
**ختم ڇڏي هل اُڏهين تي رهبر مٿي،**
**راهه سچو ساءُ سچ تين هوئين هل هر ڳالهه.**

ڪوڙ ڏسي پلجي نه وڃن گهرجي ڪوڙ ته وڃڻو آهي، رهڻو ناهي، مايا چار مان آزاد ٿيڻ مصلحت کان بچڻ ۾ سوريءَ جو سينگار ٿيڻ سان ئي هقيقت ۾ هق جي پروڙ پوي ٿي.

وحدت جي وادي ۾ وصل ڪرڻ لاءِ جمع ۾ جان، ساهه ۾ سر کي گهري شهادت حاصل ڪرڻ اشرد لازمي آهي.

**عاشق شهادت ڪر قبول رک فنا دا خيال پيي،**
**هين جسم دا ڪرو سار مار انالحق دا نعرا.**

هڪ ڏينهن دنيا ڇڏي هلڻو آهي ته پوءِ هو ڇو نه پرين جي راهه ۾ هلي.

**عاشق نام سڏاوڻ سوکا، اوکا اُس پر رهڻا هئه**

انهن پردي کي هٽائڻ ۾ پاڻ وڃائڻ کان سواءِ يار جي جلوي جو نور نظر اچڻ ناممڪن آهي. پنهنجي خواهشن ۾ تمنائن ۾ قابو ۾ رکڻ ۾ منور مان گهري مرڻ کان اڳ مرڻ وارن کي موت به ماري ٿي سگهي پوءِ ڇو نه هو ذات حق سان ڪري لازوال هجي.

**بقا**

سچل سرمست مثنوي گذرنامه ۾ وحدت الوجود کي سمجهائڻ لاءِ پاڻي ۾ برف جو مثال ڏنو آهي. انسان برف مثال آهي، اُها صبح ڏانهن منهن ڪري ڳري پاڻي ٿيو وڃي. اصل اُهو پاڻي هو. جنهن مان برف ٿي. سچل جو چوڻ آهي ته انسان ڪجهه به ناهي پر انهي ڪل جو جزو آهي، انهي ڪري هن کي پنهنجي وجود کي وساري ذات متعلق ۾ هڪ ٿي وڃڻ گهرجي.

**ٻانهون پاڻ ۾ پاڻ، توهين مالڪ ملڪ جو،**
**لا خبري عبدي اهو ئي اهڃاڻ،**

**پاڻ پنهنجو پاڻهين صورت پنهنجي سجاڻ،**
**الله الله ڀريون پاڻ ئي الله پاڻ،**
**سچو سائين سيڪڙو باقي سڪ گُمان.**

ذات متعلق پنهنجي حسن جي تجلي ڏيکارڻ لاءِ هي منجهان تخليق ڪيو ۽ پاڻ ئي آدم ٿي پنهنجي ئي عبادت ڪرڻ ۾ جاودان ۽ ظاهر ٻي معنيٰ ناهي. پر دلبر جي ديدار آهن.

**آدم ٿي ڪر آيا، چاوڻ دي سنڌ تائين،**
**ظاهر ستوئي باطن سوئي مرشد ابوسين سمجهايا،**
**سچو صفات هي ڪر سارا سر ڇپايا.**

هن مطابق الڳ الڳ سونهن جون تخليقون ڏسڻ واري هر هنڌ تي نروار نظر اچي ٿو.

**حسن تنهنجو تو اچي طرهون طرح ڏيکار ۾،**
**هڪ هئين آئين وري ڪنهن شوق مون ۾،**
**خمار ۾ آهي سچو ئي نام جي ناهي ٻيو نروار ۾.**

شرير تہ هڪ لباس آهي، جنهن ۾ دلبر جو ديرو آهي. محبوب تہ هر هنڌ هڪ ئي آهي. جبل جهاڳڻ ۾ شڪر ڏاڪڻ اجايو آهي. ڇاڪاڻ تہ نهل تہ پاڻ وٽ ئي وسي رهيو آهي. اهو ئي هڪ وڏو سچ تہ رب پاڪ کان سواءِ پتو ڪجهہ بہ جاتي ناهي. حق صرف هڪ آهي جيڪڏهن جو جلوو هر شيءِ ۾ نظر اچي ٿو. اُنهن کي ماڻڻ لاءِ پاڻ کي وڃائڻو آهي،

## مصرفت پاڻ ميڃاڻڻ:

(1)سنڌ جي سمورن صوفي شاعرن خودي وڃائڻ ۽ پاڻ وسارڻ ۽مصرفت ذريعي پاڻ سڃاڻڻ تي زور ڏنو آهي. جيئن مالڪ پاڻ ماري، پاڻ سڃاڻي فنا ٿيئي الله ٿئي ٿو.تڏهن ازخود سندس اندر ۾ انالحق جو نعرو وڻڻ لڳي ٿو.انهي طاقت ۾ ساري ڪائنات منجهس سمجهائي وڃي ٿي.

**پاڻ پنهنجو پاڻ ويهي پاڻ ئي الله جاڻ.**
**الله الله چو ويهي چوان پاڻ ئي الله تعاليٰ**

**تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏيندڙ ساهہ آهہ قرآن**
**ناهي شڪ گمان، تون ئي سچو سائين هيڪڙو.**

پاڻ سڃاڻڻ جو مطلب آهي تہ انسان پنهنجو پاڻ ۾ ڇا آهي ۽ هو ڪٿي بيٺو آهي.اُن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ انسان پنهنجو پاڻ کي سچائي ترقي جي بلندين تي پهچي ٿو.

(2) سچل سرمت ٻڌائي ٿو تہ ظاهر ۽ باطل سڀ خدا آهي اسان کي پنهنجي وجود ۾ هجڻ کي ثابت ڪرڻ لاءِ مڪمل ڪرڻو آهي بي عملي ۽ جهالت کي هٽائڻ ضروري آهي ان کي پوءِ من ۾ معرفت بي مثال ٿيندي. جو ڪچو آئينو ٽٽي پوندو. پاڻ سڃاڻڻ سان ئي پنهنجو پاڻ کي ڳولي سگهبو. اُنهي کان پوءَ ئي مصرفت لاهي حاصل ٿيندي.

**پاڻ نہ آهيان پاڪ، پرڪي ڏينهن هت گذاريان ٿو.**
**ساڳوئي سورانهو آهيان ظاهر ليکي پاڪ،**
**آهيان آئون معشوق مرن جوم موتي بس مشطاق،**
**ڪائين زهر پيالو ظاهر، ڪائين پيان ترياق.**

مصرفت ۽ علم اُها روشني آهي جيڪا بي عملي ۽ جهالت جي اوندهہ کي گهٽائي ٿي.

(3) سچل سرمست مصلفي انداز ۾ پنهنجو ۽ مصرفت جو حقيقي تجريو ڪري ٿو. ۽ ٻڌائي ٿو تہ ذات حقيقي جو جلوو انسان جي اندر ۾ ئي جاري ۽ ساري آهي. اهڙي صورت ۾ پنهنجو وجود وڃائڻ سان مصرفت ذات حقيقي قائم ۽ دائم رهندي آهي.انهي کان پوءِ جڏهن هو رهندو ئي ڪونہ تڏهن سچل واقع اناالحق جو هو ڪو ڏسڻ لڳندو.

**پاڻ پنهون آئون آهيان، اڙي پينر پلي آهيان،**
**ڪيچ پيور پي وسان انتان بهي، ڪهڙي طرف آءُ آهيان**
**هت هت آهي صورت منهنجي ناهہ ڪو ٻيو ناهيان،**
**پنهنجو پاڻ ئي سان پيار سچوري نينهن اهو ئي لايان.**

ٻيائي جو ڪٽ ڪوري ڪيڻ سان اندر صاف ۽ اجرو آئينو ٿي وڃي ٿو ۽ اُن ۾ پرين جو جلوو پسي ٿو. محب پري ڪونهي، پر پاڻ ۾ ئي موجود آهي.

**پاڻ منجهون ڪل پيئي سيئي دوست جي وو ميان مون ڪي،**
**ولحن و هن انقرب ويجهو وجي ٿو ڏس هادي جي هيئي،**
**ڪڏهن زاري ڪڏهن زوري، ٻوليون سندس اهي سيئي،**
**ٻار رنگيو هڪ رنگ ناهي، ڪوڙين سندس رنگ ڪيئي،**
**سچو جو اندر ٻاهر سوئي، وچون ٻيا ئي ويئي.**

معرفت ۽ علم سان جڏهن پاڻ سڃائي ٿو تہ عاشق، معشوق ۽ عشق هڪ ٿا نظر اچن.

ڪائنات ۾ جيڪي تخليفون آهن اُ الله جي ڪاريگري ۽ اسمن جا مظهر آهن. انسان جي وجود طاقت ۾ وحدت جي وائي آهي، تہ سندس مزاج ۽ فطرت جا ڪيرائي رنگ ۽ روپ بہ آهن.

**احد احمد صورت ساڳئي، سر ٻنهي جو سوئي،**
**الله بر بڪر قالو بليٰ پنهنجو پاڻ آهيو ئي،**
**سچا خاصر هو هادي، سمجهن سر سوئي،**
**غائب سمجهي غر نہ ڄاڻي حق الهق اهو ئي.**

پاڻ سڃاڻڻ جو بنياد لڳاتار ڳولا جو مسلسل عمل آهي. سچل مثال ڏيئي سمجهائي ٿو تہ جيئن سمنڊ شمار قطرن جو ميڙ آهي ۽ ان سر ساڳئي قدري ڪي الڳ نٿو ڪري سگهجي تين خدا ۽ خدائي بہ ساڳئي ڳالهہ آهي.

**صحيح سڃاڻج ساري خود آهين وي خدائي،**
**ليڪن تارا اڳ ۾ ٿيا، روز ڪئي رونائي،**
**سچو سچي ڳالهڙي، پاڻ پرين پر سهائي.**

سچ سرمست نظرئي جو حامي آهي. هو دوئي جون ديوارون ٽوڙڻ ۽ هڪ ئي وجڻ جي تلقين ڪري ٿو. وجود حقيقي صرف هڪ ئي آهي ۽ اُهو رب پاڪ جو وجود آهي. هر شيءِ ان ۾ آهي تہ معرفت ۽ علم جي روشني م ڏسبو تہ هڪ محبوب جو ديدار نظر ايندو ڪثرت وحدت ۾ سمجهائي ويندي.

## سچل جي شاعري جون خوبيون

(1)سچل جي شاعري جي پهرين خوبي آهي تہ هو جڏهن ڪا نئين شئي پيش ڪري ٿو تہ اها فطري پس منظر ۾ پيش ڪري ٿو. اُنهي ڪري

سندس شاعري سچي، سريلي ۽ متاثر ڪن لڳي ٿي. هي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن عنوان تي بيت گهڙيا، سنڌي شاعري ۾ نئين ۽ روشن روايت قائم ڪئي. اسان جا جديد سنڌي شاعر انهيءَ روايت تي عمل ڪري، عمده ڪلام سرجي رهيا آهن. سچل روحن بابت فطري پس منظر ۾ بيت سرجي وڏي ادبي خدمت ڪئي آهي. روحن بابت هي بيت سچل جي ادبي صلاحيت کي داد ڏيڻو پوندو.

**هيئڙو وجدي هت، هٿ، ٿيون روانيون روجهون،**
**ڏکيا اوسر ڏينهڙا، پيو گذارن هت،**
**اُنئي بهر چپ، وطن تن نہ وسري.**

(2)سچل جي شاعري جي ٻئي خوبي اها آهي تہ نرالو ۽ جاندار اسلوب بيان ڪيو اٿس اهڙي اسلوب بيان جي ذريعي ڳجهين ۽ لڪل حامين کي ظاهر ڪري، ترهنڊڙن کي ڪرايو چڙي ٿو ۽ انهن جي سور کي جاڳائي نرالا نظارا سجائي ٿو. هنن بيت ۾ سچل سرمست محبوب جي منهن کي بيان ڪري وڏو فني ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

**ڪيا ڪپ محراب، منهن تي محبوبن جي،**
**سُون سيارن جو، پر هن ٿيون ثراب،**
**برهہ سدا باب، سچل سپ ختم ڪيا.**

اهڙو سريلو رسيلو ۽ معنيٰ خيز اسلوب نصرف سچل جو ئي ٿي سگهي ٿو.

(3) سچل جي ٽئين خوبي آهي دل جي گهراين مان نڪتل جذبن جو سچو ۽ من موهيندڙ ۽ روح ريجهائيندڙ اظهار بيان ڪرڻ جي صلاحيت. سچل پنهنجي لاثاني دعائيہ گيت ۾ پنهنجي سچن جذبن جو سچائي سان اظهار ڪري ڏيکاريو آهي، احساس ڏيکاري لاجواب ڪم ڪيو آهي.

**پار سچل تون، لاهين ڪشالي،**
**گهونگهٽ کولٹا، پهرين ٻولٹا.**
**لنگرا نماٹي دا، جيوين تيوين پالٹا.**

(4) سچل جي ڪلام جي چوٿين خوبي آهي تہ هو شان جا نوان طريقا

استعمال ڪري منڍ مچائي ٿو. ڪافي جي صنفن ڪي ثناء جي نون ۽ نران طريقن ورهائي عالم ڪي رجهايو آهي. سچل ڪافي جي صنف ڪي سهيڙيو آهي ۽ اُن ۾ سونهن، سچ ۽ خوشبو ڀري انهي صنف ڪي سونهن جي راڻي بنائي ڇڏيو آهي. ڪانين جا ڪجهه مثال پڙهي روح کي راحت ڪيو.

**تنهنجي سوماريا، سوري سنياريا،**
**انهي ڳالهه ڳاريا، هزارين مزار،**
**اُهي چار آيا، نيرن جي نواياءُ،**
**سئي سر سلايا، تنهن ترا گهار.**

***-*-***

**آهن انهن اکين کي، نهاهو نانهو تنهنجو،**
**ويٺو وٺي مان آهيان ڪامل قرار تنهنجو،**
**هن ڪي اوهان جي ٻاجهئون، آيو نہ مار ڪائي،**
**هي تان غريب آهي زميوار تنهنجو.**

سچل جي شاعري جي تحيس ۾ بناء سمئال خوبي آهي هن جي بيبائي ۽ پيرواهہ. هن ڪي جيڪي چوڻو آهي، بنان ڊپ ڊاءُ جي چئي ڏئي ٿو. ان ڪري هن جي ڪلام ۾ ڪٿي بہ کوٽ ناهي. هن ڪلام جي جيڪا حق گوئي سچل جي ڪلام ۾ آهي، اُها بي ملهہ آهي ۽ ٿورن ئي شاعرن جي ڪلام ۾ ملندي.

**يا موڪليو يا موڪلبو هي جي سب بهانا،**
**نانڪ نيٺ ڪجي واري مرد گهمن متانا،**
**سچل سنگر آئين اکيو حق هن مستانا.**

## سچل جون ادبي خدمتون

سچل سرمست شاعرانہ ذات جو ڏٽي، تخليقي صلاحيتن جو مالڪ سچي اسلوب استعمال ڪرڻ وارو هڪ بي ڊپو ۽ فرهند شاعر هو. هن پنهنجي انهن خوبين جو استعمال ڪري سنڌي شاعري لاءِ انيڪ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ سنڌي شاعري کي متائين مقام تي پهچايو. سچل جي انهن ادبي خدمتن کان سواءِ سنڌي شاعري سڌريل نہ هجي ها، سگهاري نہ هجي ها.

(1) سچل هڪ وڏو تجربيڪار شاعر هو. هن پنهنجي اعليٰ تجربيڪار جو باعمل استعمال ڪري سنڌي شاعري ۾ بيشمار صنفون جوڙيون ۽ شاعري کي مالا مال ڪيو. هن مسلسل دوها، مسلسل بيت، ڪلام، جهوڻيون ۽ گهروئي، جهڙيون صنفون جوڙي سنڌي شاعرن کي وڏي سگهه ۽ وسعت بخشي. هن سنڌي شاعرن لاءِ اظهار جا نوان نرالا ۽ سگهارا طريقا ميسر ڪري ڏنا جن کي سنڌي شاعر ۽ خاص ڪري جديد سنڌي شاعر استعمال ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي ادبي صلاحيتن کي ظاهر ڪري داد حاصل ڪري رهيا آهن. اسان جي جديد شاعري جهڙوڪ شيخ اياز، استاد بخاري، منشي ابراهيم ۽ ٻين جو ڪلام انهن ڳالهه جو ثبوت آهي.

(2)سچل رومانوي سنڌي داستانن بابت شعر لکيا آهن پر هن جو اهاوڏي خدمت آهي. جو هن عنوانن بابت بحث ڪري سنڌي شاعري کي هڪ نئون ۽ نرلاو تخليق جي طريقي ڪار متعارف ڪري. سنڌي شاعري کي وڏي ۽ نگهاري وسعت ڏني آهي. اُن کي زندگي سان ڀرپور پس منظر ۾ لکي هڪ انوکي ۽ انمول باب جو اضافو ڪيو آهي هن جا لکيل 34 بيت سهڻا آهن، من مهڻا آهن، ۽ اسان جي روح جي صدا آهن، هن جا وحدت بابت لکيل 35 بيت حقيقت بابت لکيل 28 بيت پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

(3) سچل جي ڪلام سنڌي شاعري ۾ سگهه ڀري آهي ۽ زندگي جي هر ديني، مذهبي، سماجي ۽ اقتصادي جي مسئلن کي مثالن ۽ دليلن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهي جاڪوڙ سنڌي شاعرن کي جديد دور ۾ شاعري ڪري لاءِ سگهه، سمجهه ۽ نئون انقلابي شعور ڏنو آهي. اسان جديد سنڌي شاعري سچل کي سنڌ جي سگهاري شاعري جو رهبر تسليم ڪيون ٿا.

(4) سچل سرمست گهڙولي جي صنف کي رائج ڪري هڪ شاعري ۽ ادبي شاعري کي ملائي وڏا رنگ ڇاپا آهن. گهڙولي ۾ عورت جي خدمت جي جذبن کي اجاگر ڪري، عورت کي عظمت کي ساراهيو آهي. گهڙولي سنڌ ۾ ڏاڍي مشهور آهي. جڏهن اها ڳائي ويندي آهي تہ شعور جاڳي اُٿندو آهي ۽ روح سجاڳ ٿيڻ لڳندو آهي. گهڙولي جي صنف سچل جي تخليقي عمل جو شاهڪار ڪارنامو آهي.

(5) سچل سرمست پنهنجي زماني جو انقلابي شاعر آهي. هن انسانن جي نيڪين کي ساراهيو آهي ۽ انهن کي براين کي بينقاب ڪري اُن تي وار ڪيا آهن. هڪ حق پرست ۽ انساني شرف ۽ شان جي قائل شاعر کان سواءِ مذهبي ڀيد ڀاءُ، دوئي، غفلت ۽ ڪٽرپڻي خلاف لکڻ ڪو آسان ڪم ناهي. پر انسانيت جي شاعر سچل سرسمت پنهنجي زندگي جي پرواهه نه ڪندي پاڻ کي انساني جي ڀلائي لاءِ وصف ڪري ڇڏيو آهي، سچل جي هڪ بي بها ادبي خدمت آهي، جنهن کي ڪڏهن به وساري نه سگهبو.

## عبارت

سچل سرمست جي عبارت سنڌ جي سيني شاعرن کان انوکي ۽ نرالي آهي. نرالي، انوکي ۽ اعليٰ سوچ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن وٽ ڪيئي طور طريقا آهن. ڪٿي ڪٿي هو مثالن جو اظاهر ڪري پنهنجي عبارت کي سنجيده بنائي ٿو. ڪٿي ڪٿي هو نرالا ۽ انوکا لفظ چوندي پنهنجي فڪر کي بيان ڪري موڪرانه عبارت جي ذريعي پاڻ کي وڏو عالم ثابت ڪري ٿو ته وري ڪٿي ڪٿي انساني جذبن ۽ احساسن کي عام انسانن واري ڍنگ ۾ بيان ڪري پاڻ کي ان انسانن جي شاعر ٻڌائي پيش ڪري ٿو. مذهبي ڌرم وغيره فرقن کي مٽائي سڄي انسان ذات جو شاعر بنائي پاڻ کي سمارئي ٿو. سنڌ جي وڏي اديب ۽ نقاد پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي ”ڪتاب“ سچل ۾ سچل سرمست جي ٻولي هڪ نئين نڪتو ڳولي لڌو آهي. هو لکي ٿو ته سچل عاشق ٻولي ۾ به هندڪي مسلمانڪي جو ڀير نه رکيو آهي ”سچل جي ٻولي اهڙي آهي جو ائين ڀيو سمجهي ته هن ڪڏهن هندو سنت جي وائي آهي. هندڪي وائي جو هڪ اثر انگيز مثال هي آهي:

**ديوي رکي دل ۾ جنهن من ڪيو مندر،**
**اندر ئي اندر، سچو پرچاري سوير ٿيو.**

***_*_***

**مندر ڪري من کي، يودگاري پوڄاءِ،**
**يار نه ڀيو پڇاءَ سچو پوڄاريا پربندر جا.**

سچل هندن جي وڏي اوتار مهاديو جو بيان بہ نج هندو پوڄاري وانگي سچائي سان ڪري سيني کي حيران ڪيو آهي.

**مهايو جي من ۾، پوڄارين جي پرک،**
**اُتيئي لهر اند ۾ لکن لک الک،**
**رکي ويا راز تي ڪالري سي ڪک،**
**جهلن مهاري جنگ هو پوڄا ۾ پر ٿيا.**

سچل سرمست جي ٻولي صاف ۽ سچن ماڻهن جي ٻولي آهي، هو صاف ۽ سچو شاعر آهي ۽ هن جي ٻولي، صاف ۽ سچن ماڻهن جي ٻولي آهي. پيد ياءُ ڪان آجي عام انسانن جي متري، سرپستي ۽ انتر راشريہ ٻولي آهي.

سچل سرمست جي ٻولي ۾ پل آهي، اُچل آهي، دار آهي للڪار آهي ۽ لازوال اثر ۽ گهُہ گهانہ ڳالهہ آهي.

## سچل سرمست جي ڪلام جي اهميت

سچل سرمست سنڌي ٻوليءَ جو هڪ تمام وڏو شاعر آهي هن جي سوچ نرالي آهي، نقط نظر پيارو آهي ۽ پيشڪش بہ پياري آهي. هو پنهنجي دور جو بہ هڪ بلند پائي جو شاعر آهي. ۽ بين الاقوامي سگهارو شاعر بہ آهي، هو هڪ اهڙو شاعر آهي جنهن حال ۾ رهندي بہ مستقبل جي مسئلن بابت شاعري ڪري خوب ڪمال ڪيو آهي.

سچل سرمست هڪ صاف ۽ سٺري انسان ۽ ڪشاده دل تجربيڪار جي حيثيت ۾ شاعري ڪري، پاڻ کي پنهنجي دور کان مٿانهون ڪٽي بين القوامي شاعر بنايو هن جي ڪلام جون قافي خوبيون آهن، صاف ڪشاده دلي، بي ڊپائي، آزاد خيالي ۽ انقلابي رنگ.

سچل سنڌي ٻولي جو ناميارو شاعر آهي. هو سچو آهي ۽ سچن انسانن کي پسند ڪري ٿو. هو ڪوڙن جي خلاف آهي. هو منافقن جي خلاف آهي. هو اُنهن جي غلط ڳالهين کي للڪاري ٿو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ اُنهن جي خلاف ڪافي ڪجهہ لکيو آهي ۽ اُنهن کي خوب ننديو اهي. هو صادق آهي ۽ ڪوڙن جي سخت خلاف آهي. جتي سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ مقابلي جا

امڪان پيدا ٿيندا ۽ ڏاڍاين ڳالھ نڪرندي اُتي عام انسان سچي شاعر سچل کي ياد ڪندا ۽ ميدان عمل ۾ اچي ڪوڙ فتني ۽ ڏاڍاين کي ختم ڪري سچ جو جهنڊو بلند ڪندا.

سچل سچو آهي هن جي شاعري سچي آهي ۽ پوري انسانذات لاءِ هڪ سچو تحفو آهي.

## مددي ڪتاب


(1) ڪلياڻ آڏواڻي سچل

(2) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سچل جو وايون ٻہ

(3) ڊاڪٽر ابن مبري شمل سنڌي ادب جو ارتقا (ترجمو)

(4)اي جي انم شاھ سچل سامي

(5)عثمان علي انصاري رسالو سچل سرمت جو مقدمو

(6) غلام محمد گرامي. "سامي کي سلام" 1964ع ۾ شايع ٿيل مضمون (مهراڻ) ۾.

(7) هسٽري آف سنڌي لٽريچر. ايل.ايچ اجواڻي. سهاتيہ اڪيڊمي (نيودهلي)

# پيائي چيئنراء سامي

(وڪرمي سنبت 1800ع – 1907ع 1743ع-1850ع)

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

”انهن ٽنهي شاعرن شاهہ، سچل، ساميءَ کي هڪٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. انهن جو فڪر ساڳيو آهي. انهن جو نظرياتي ۽ تاريخي پس منظر ساڳيو آهي. انهن جي زبان ساڳئي آهي. هنن جا نظريا ساڳيا هئا ۽ انهن جو پيغام ساڳيو هو. سنڌ سامي کان سواءِ اڌوري آهي. سنڌ جو ڪلچر ساميءَ کان سواءِ اڌورو آهي.“

**تنوير عباسي. ٽہ ماهي ”مهراڻ“ 1988ع**

”سامي الفاظ ۽ معنيٰ جو خالق آهي. وٽس سنڌي زبان جي محاورات جو وڏو خزانو آهي. هو جادوگر ۽ سحر نگار آهي. لفظن ۾ بلا جو زور اٿس.“

**قريشي حامد علي خانواڻي. نئين زندگي اپريل 1965ع**

”سامي ۽ هن جي ڪوتا (شاعري) بابت هيلتائين جيڪا اوک ڊوک ڪئي ويئي آهي سا گهڻو آتمڪ اُنتي، روحاني راز تائين محدود رهي آهي، جيڪا هن سان ۽ هن جي ڪوتا سان بي انصافي آهي. اڄ جڏهن انسان عقل، علم ۽ وگيان (سائنس) سان خدا تائين پهچي ڪيترن ايشور ۽ آتمڪ (روحاني) ۽ خدائي ۽ روحاني ڳجهن کي کوليو آهي تڏهن تہ پاڻ ڙاهو ضروري آهي تہ اسين پنهنجي ڪوي ساميءَ کي مادي نقطہ نگاهہ سان ڏسي معنيٰ جا نوان موتي ڳوليون.

**اي. جي. اُتم. ساهتيہ ۽ ساهتڪار تنقيدي مضمون مان ورتل**

لطيف ۽ سچل وانگر سامي بہ پنهنجي دور جو باغي شاعر آهي. هن

تصوف ۽ ويدانيت جي اوٽ ۾ مذهب ۽ ڌرم پنڊتن ۽ ٻاون وغيره تي چوٽون (وار) ڪيون آهن. مايا ڪي منهن ڪاري، ڏندري، ڏيوالي ۽ ڏائڻ سڏي سرمائيدار طبقي خلاف پنهنجي نفرت جو اظهار ڪيو آهي بهرحال سامي جو ڪلام تصوف ۽ ويدانت جو مها چار آهي.

**غلام محمد گرامي. ٽه ماهي مهراڻ 1964ع**

”سنڌ ۽ سنڌ جي سڄاڻپ جا ٽي شاعر آهن. شاهه، سچل ۽ سامي. سنڌ جا هي سونهارا ۽ سدا حيات شاعر سنڌي سماج جي سموري چڱائي، سموري سونهن ۽ سموري سچ جا ڄاڻو امين ۽ ترجمان آهن.“

**محمد ابراهيم جويو. ”شاهه، سچل ۽ سامي“**

## سامي جي جيون – ڪهاڻي

سامي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ پيارو، نيارو ۽ ناميارو شاعر آهي، هو پنهنجي ذات، ڏاهپ، مشاهدي جي قوت ۽ تخليقي صلاحيتن جي ڪري سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جو هڪ اهم شاعر آهي. هن جو درجو شاهه ۽ سچل جي برابر آهي.

## افسوس جو اظهار

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته سنڌي ۽ گهڻو ڪري هندو شاعرن، اديبن، عالمن، نقادن، محققن ۽ دانشورن ڀائي چيئنراءِ سامي سان انصاف نه ڪيو آهي. سامي تمام گهڻا سلوڪ سرجيا پر انهن هن جي سموري ڪلام ڪي گڏ ڪري، اُن ڪي ڇاپرائڻ جي ڪا سنجيده ڪوشش نه ڪئي آهي. گنگارام روهڙي واري جي گرمکي ۾ ڇاپايل ڪتاب ۾ سامي جا 5300 سلوڪ آهن، اهو سامي جي سلوڪن جو وڏي ۾ وڏو ڪتاب آهي. هن ڪتاب کي سنڌي عربي صورتخطيءَ ۾ ڇو نه ڇپايو ويو؟ ۽ سنڌ جي ماڻهن کي سامي جي گهڻن سلوڪن کان ڇو محروم رکيو ويو؟

ڀائي چيئنراءِ سامي سنڌ جو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مشهور شاعر آهي.

ڇو نہ هن جي سوانح عمري بابت ڪو مستند ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جيئن تہ هن جي زندگي جي باري ۾ مفيد معلومات هٿ ڪري هن جي باري ۾ من گهڙت واقعن جي ڇنڊ ڇان ڪري, انهن کي اصل حال ۾ آڻي سگهجي. سنڌ جي هن وڏي شاعر جي باري ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون ڇپيون ناهن. هو ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟ هن جو ديهانت ڪيڏي عمر ۾ ۽ ڪٿي ٿيو؟ هن ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟ هو ڪهڙي عمر ۾ ڏنڌي تي لڳو؟ هن ڪڏهن کان شاعري شروع ڪئي؟ هن جي ڪلام ۾ هٿ آيل سنڌي هندو شاعرن جو ڪلام ڪيئن هن جي ڪلام ۾ شامل ٿيو؟ هن جي شادي ڪهڙي عمر ۾ ۽ ڪهڙي خاندان مان ٿي؟ هو شڪارپور ڇڏي ڪڏهن امرتسر ويو؟ هو واقعي فقيراڻي لباس ۾ امرتسر ويو؟ هو امرتسر ۾ ڌنڌو ڪندو هو يا ساڌ سنگت سان گڏ وقت گذاريندو هو؟ هن کي ڪيترا پٽ هئا؟ هن کي پهريون پٽ ڪهڙي عمر ۾ ڄائو؟ ڇا هو امرتسر کان موٽي سنڌ ۾ آيو؟ ڇا هن جي وفات امرتسر ۾ ٿي؟ ۽ ڪهڙي عمر ۾ ٿي؟ انهن سوالن جا جواب ملڻ گهرجن جيئن تہ سامي جي حياتي بابت مفيد معلومات هٿ ڪري اهو اندازو لڳائي سگهجي تہ هن شاعري جا ڪهڙا ڪهڙا دور هئا, هن جي گم ٿيل ڪلام کي هٿ ڪري سامي جي شاعري بابت ڪا مفيد راءِ قائم ڪري سگهجي ۽ سنڌي شاعري ۾ سامي جي اهميت جو صحيح اندازو لڳائي سگهجي.

## وڏن جو احوال

ڀائي چَئنراءِ جي پيءُ جو نالو بچو مل, آڪهہ ڏاتارائي ۽ نک لُنڊ هئي. هو ڏاڍو شاهوڪار ماڻهو هو. هن جي سڄي شڪارپور ۾ عزت ۽ مڃتا هئي. هو وڏو سخي هو ۽ گهرجائو ماڻهن جي مدد بہ ڪندو هو. هن شڪارپور شهر جي واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ ڪافي رقم خرچ ڪئي. هن کي شڪارپوري ”شڪارپور جو ابو“ سڏي سارا هيندا هئا.

## پيدائش

ڀائي چَئنراءِ جي پيدائش وڪرمي سنبت 1800 برابر سنہ 1743ع ۾ شڪارپور شهر ۾ ٿي. هي مائٽن جو لاڏلو پٽ هو. هن جو پيءُ بچو مل وڏو شاهوڪار واپاري هو. ڀائي چَئنراءِ جي شروعاتي زندگي ڏاڍي ناز سان

گذري. هن جي سهڻي شڪل ۽ سنئين عادتن جي ڪري ننڍا وڏا سڀ هن کي چاهيندا هئا. هو سڄي پاڙي وارن جي اک جو تارو هو.

## تعليم

اِهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ ڀائي چئنراءِ ڪٿان ڪان ۽ ڪهڙن مڪتبن مان تعليم پرائي، هو اڻ پڙهيل نہ هو. هو گر مکي چڱي طرح ڄاڻيندو هو. ذاتي شوق جي ڪري هن شڪارپور جي عربي جي اُستادن ڪان ڪيترائي عربي جا لفظ سکيا جن کي هن پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو آهي. سماي راولپنڊي جي هڪ صوفي دل پنان سيٺ ڪان، جو ڪپڙي جو وڏو واپاري هو. فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. هو ويدن، اپنشدن ۽ سوترن وغيره جو چڱي طرح واقف هو. سندس سلوڪ انهي ڳالهہ جي واضح گواهي ڏين ٿا.

## ڪاروبار

ڀائي چئنراءِ اٽڪل ويهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي خانداني ڏنڌي ڪپڙي جي ڪاروبار کي اختيار ڪيو. هو خوش اخلاق ۽ خوش مزاج جوان هو. هو پنهنجن گراهڪن جو خاص خيال رکندو هو. گراهڪ ۽ پاڙي وارا دڪاندار بہ هن ڪان خوش ٿا. هن جي شرافت، ايمانداري ۽ سچائي جي ساراهہ ڪندا هئا. هو ذات پات ۽ ڀيد ڀاءُ جي تعصب ڪان بلڪل آجو هو.

## هڏ ڏوکي ۽ همدرد انسان

ڀائي چئنراءِ هڪ همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان هو. هڪ دفعي جڏهن هو پنهنجي دڪان ۾ ويٺو هو تہ هن ڏٺو هڪ گهٽ ذات واري عورت پنهنجي ٻار کي هنج ۾ کڻي جيئن بازار مان گذري رهي هئي تہ هڪ سامهون ايندڙ گاڏي سان ٽڪرائجي ڪري پيئي ۽ بيهوش ٿي ويئي. سندس معصوم ٻار بہ چوٽ کائي رڙيون ڪرڻ لڳو گهٽيئي دڪان کليل هئا انهن ۾ دڪاندار ويٺل هئا پر ڪو بہ دڪاندار هن عورت ۽سندس ٻار جي مدد لاءِ هيٺ لهي ڪو نہ آيو. ڇاڪاڻ تہ هو گهٽ ذات واري عورت هئي. ڀائي چئنراءِ هي ڏک ڀريو نظارو ڏسي يڪدم پنهنجي دڪان تان هيٺ لهي اچي عورت جي تيمارداري

ڪئي ۽ هن کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ ڪيترائي حيلا هلائي، هن کي هوش ۾ آڻي، هن کي پاڻي پياري، هن جي پٽ کي سندس ڪڇ ۾ ڏيئي پوءِ پنهنجي دڪان ۾ موٽي آيو. ڀائي چئنراءِ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته سنا ويس وڳا پائڻ وارا انسان ڪيڏا نه تعصبي ۽ بيپرواهه آهن. هن پنهنجي هن شعر ۾ ماڻهن جي اڻنگي روش جي خوب شڪايت ڪئي آهي:

**نينهن نڻا چاڻن، ويد پڙهي وادي ٿيا،**
**ٻانيڻ ڪن ٻيائي سان، جپ، تپ ۽ اشنان،**
**پنهنجي نارائڻ ري، جي سُڌ رکن ڪ نه،**
**رهن منجهه جهان، نرد ڪش نيارا نپ جا.**

ڀائي چئنراءِ وڏو همدرد ۽ خدمت گزار هو. خدمت هن جي لاءِ پاٺ پوڄا کان وڏيڪ هئي.

## سوامي مينگهراج مهراج سان عقيدت

ڀائي چئنراء کي سوامي مينگهراج مهراج سان ڏاڍي عقيدت هئي. سوامي مينگهراج بهاولپور جي علائقي احمد پور شهر جو وينل هو. هو شڪارپور ۾ هاٿي در وٽ هيمنداس جي مڙهي ۾ رهندو هو. هو وڏو ودوان (عالم) هو. هو شاعري به ڪندو هو ۽ نوجوانن کي شاعري سيکاريندو به هو. ڀائي چئنراءِ سوامي مينگهراج مهراج سان پنهنجي پهرين ملاقات ۾ ايترو ته متاثر ٿيو جو هن کي پنهنجو گُرو بنائي ڇڏيائين.

ڀائي چئنراءِ سوامي مينگهراج مهراج سان 8 يا ڏهه سال گُذاريا. هن سوامي مينگهراج مهراج کان ڌرمي شاسترن جو گهرو علم پرايو. هو سوامي مهراج کان شاعري جا بنيادي اصول به سکيا ۽ هن جي رهنمائي ۾ شاعري ڪرڻ به شروع ڪئي.

## تخلص

ڀائي چئنراءِ پنهنجي گرو سوامي مينگهراج مهراج کي مان ڏيڻ جي لاءِ ”سامي“ جو تخلص اختيار ڪيو. ڪٿي ڪٿي ”مينگهو“ ۽ ”ٻانيڻ“ جي تخلص کي به استعمال ۾ آندو آهي.

**سي ڪيئن رنگ رچن، سامي سپرين سان.**

***-*-***

**غريبي گلزار، موچاري مينگهو چوي.**

***-*-***

**چڏائن ٻانڀڻ چوي تنهن کي سهج سرود.**

سامي جي هر سلوڪ ۾ هن جو تخلص ضرور استعمال ٿيل هوندو آهي. ڪڏهن پهرين مصرع ۾ ڪڏهن ٻئي مصرع ۾، ڪڏهن ٽئي مصرع ۾ ۽ ڪڏهن چوٿين مصرع ۾ تخلص ڪتب آندل هوندو آهي. تخلص هن جي سلوڪن جي سونهن وڌائيندو رهندو آهي.

## شاعري جي شروعات

ڀائي چئنراءِ سامي پنهنجي شاعري جي شروعات 25-30 سالن جي عمر ۾ ڪئي هوندي. هو شڪارپور ۽ پرپاسي وارن نوجوانن سان گڏ سوامي مينگهراج مهراج وٽ مڙهي وجي شعري اصولن جي ڄاڻ حاصل ڪندا هئا. اُتي ڪي نوجوان هندو شاعرن جهڙوڪ موهن فقير، ساجن ڀيو، آسوُ ڏنون، بادل ۽ ٻين شاعرن جا شعر به اچي پڙهندا هئا ۽ جن جي ڪلام کي ياد ڪري ڀائي چئنرام ساٿين کي ٻڌائيندو هو. اهڙي طرح هن سلوڪ چوڻ شروع ڪيا. هو پنهنجن سلوڪن کي ڪاغذ جي چٽڪين تي گرمڪي ۾ لکي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. هو هندو شاعرن جي ڪلام کي گرمڪي ۾ ڪاغذ جي چٽڪين تي لکي مٽ ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هو سوامي مينگهراج مهراج جي رهنمائي ۾ سلوڪ لکندي لکندي هڪ وڏو شاعر بڻجي ويو.

ڀائي چئنراءِ سڄو ڏينهن دڪان تي ڏنڌو ڪندو هو ۽ شام جو سوامي مينگهراج مهراج جي مڙهي ۾ وڃي گُرو جي صحبت ۾ صرف ڪندو هو. هن جو ڏنڌو وڏندو رهندو هو ۽ هو سچي خوشي محسوس ڪندو هو.

## امر تسر ڏانهن روانگي

ڀائي چئنراءِ سامي 35-40 سالن جي عمر ۾ پنهنجي خانداني ڏنڌي کي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ پنهنجي پٽني سان گڏ امرتسر ويو. هن ڪڏهن

شادي ڪئي ۽ ڪهڙي خاندان مان ڪئي انهن جي باري ۾ ڪا به معلومات ميسر ناهي. هو سنهي صورت وارو ۽ بلند اخلاق نوجوان هو. هو صاف ۽ سُٿرا ڪپڙا پائيندو هو. سچو ڏينهن دڪان تي ويهي ڏنڌو ڪندو هو ۽ شام جو دڪان بند ڪري گهر وڃي گهر وارن سان وقت گذاريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ساد سنگ ۾ وڃي وقت گهاريندو هو ۽ خوش رهندو هو. هن جو امرتسر ۽ شڪارپور جو سفر هلندو رهندو هو. هو امرتسر ۾ به وقفي وقفي سان شاعري ڪندو رهندو هو

## پٽ جي پيدائش

ڀائي چئنراءِ سامي کي 50-60 ورهين جي ڄمار ۾ هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو گهنشامداس رکيو ويو. امرتسر ۾ به ڀائي چئنراءِ جي گهڻي واقفيت هئي. شڪارپور ۽ پرپاسي وارا ماڻهو ڏنڌي ڪارڻ امرتسر ايندا رهندا هئا. انهن جي سنگت ۾ وقت سٺو گذاريندو هو. انهن يارن ۽ دوستن هن جي ساڌو بنجڻ جي باري ۾ ڪٿي به اشارو نه ڪيو آهي.

ڀائي چئنراءِ سامي 60-65 سالن جي ڄمار ۾ امرتسر ڇڏي شڪارپور موٽي آيو هِو شاعري به ڪندو هو ۽ ساڌ سنگت ۾ حصو به وٺندو هو. هن جي شاعري جو چرچو هر هنڌ هو ۽ پري پري جي علائقن مان شاعر اچي هن سان ملندا هئا. رهاڻيون ڪندا هئا ۽ شاعري ۾ مفيد مشورا حاصل ڪري پنهنجي ڪلام کي زور وٺرائيندا هئا. سامي انهي وقت هڪ بيمثال ۽ باڪمال شاعر جي حيثيت حاصل ڪري چُڪو هو.

## ديهانت (وفات)

سامي 107 سالن جي وڏي ڄمار ۾ شڪارپور شهر ۾ وڪرمي سنبت 1907 برابر 1850ع ۾ وفات ڪئي. شڪارپور شهر جي پنچائت دستوري رسمن سان هن جو ڪريا ڪرم ڪرايو. اِهو ثابت ڪري ٿو ته سامي نڪو ساڌو هو ۽ نه ئي وري ڪو سنياسي هو. هو شڪارپور شهر جو هڪ وڏو مان وارو بزرگ ۽ هڪ وڏو شاعر هو.

## خراج تحسين

شڪارپور جي هڪ صوفي شاعر فقير غلام علي مسرور سامي کي هن نموني ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي:

**”ست سنت ساڌو پرش سامي مرد مٽيادار هو**
**قربن وارو فرد هو، ڪانگي ڪلنگيدار هو**
**سچ صوفين جي مسلڪ ۾ صوفي سپه سالار هو**
**سنہ عيسويءَ ارڙهن صدي پنجاهہ جو پرچار هو**
**سؤ ست ورهيہ جيوت پڇاڙان يار هن هسوار هو.“**

## سلوڪن جا ڇاپا

سامي جي پٽ اٽڪل 22 سالن جي عمر ۾ متن مان سلوڪ ٻاهر ڪڍي، انهن کي ترتيب سان ٺاهي رکيو. هن پنهنجي پيءُ کي ڪلام ڇاپرائڻ جو عرض ڪيو. اُنهي تي سامي وراڻيو تہ ”ڪو سنڌ جو سپوت اچي انهن کي ڇاپرائيندو.“

ديوان ڪوڙيمل ڪلناڻي هن جي 2100 سلوڪن کي گرمکي مان سنڌي عربي صورتخطي ۾ اُتارائي اُنکي سنہ 1885ع ۾ تعليم کاتي طرفان ٽن جلدن ۾ ڇپارائي پڌرو ڪيو. روهڙي جي گنگارام سامي جي 3500 سلوڪن کي گرمکي ۾ ڇپارايو. اهڙي طرح 2100 سلوڪن وارا ڇاپا ڇپندا رهيا. پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي سامي جي ٽن ڀاڱن ۾ ڇپيل سلوڪن کي هڪ ئي ڪتاب جي صورت ۾ گڏ ڪيو جنهن کي سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1992ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ لڳ ڀڳ 2675 سلوڪ شامل آهن.

## شاعري جون نمايان خصوصيتون

سامي سنڌ جو پهريون شاعر آهي جنهن سنڌ ۾ رائج بيتن جي شاعري کي ڇڏي، قديم هندو شاسترن جي مقبول صنف ”شلوڪ“ کي ”سلوڪ“ جو

روپ ڏيئي، سنڌي شاعري ۾ هڪ نئين روايت جو بنياد رکيو. سلوڪ چند ودیا جي اصولن تي لکيل هڪ نئين صنف آهي پر اُن جي ماترائن جو سلسلو بيت/ ڏوهيڙي جي صنف جهڙو آهي.

(2) سامي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن ويدن جي ويچارن کي صفائي ۽ سولائي سان سنڌي ٻولي ۾ سٽائي سنڌي شاعري ۾ وسعت آندي ۽ سنڌي شاعري کي اڳتي وڌڻ لاءِ راهه هموار ڪري ڏني.

(3) سامي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي ٻولي ۾ لفظن جي ذخيري کي وڌائي اُن کي مالا مال ڪيو آهي. سامي جي شاعري ۾ عربي ۽ فارسي لفظ بہ آهن، پر اُنهن جو تعداد ٿورو آهي. هن هندي ۽ سنڌي لفظن کي ملائي سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪار بنايو آهي.

(4) سامي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن 18 مصراعن وارو سلوڪ سرجي سنڌي شاعري ۾ وڏي وسعت آندي آهي. قديم سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جهڙوڪ شاهه عنات رضوي ۽ شاهه لطيف 4-5 ۽ 10 مصراعن وارا شاعر رچيا پر سامي ٻنهي کان گوءِ گهٽي ويو. سامي جي 18 مصراعن واري شعر جو مطالعو ڪري اُن جي شعري خوبين جو اندازو لڳائڻ لازمي آهي.

**”پنڊت تنهن کي پاڻ، جنهن کي سُڌ سروپ جي،**
**ائٿي پهر سروپ سان، جڙي سو جوڳي جاڻ،**
**سنياسي نسي بنان، سڀ ۾ ڄاڻي پاڻ،**
**اُتم جل ۾ آ پريتي، ڏوتي من سڃاڻ،**
**اُداسي اُداس ٿي ڄاڻي جڳ مهمان،**
**سو او ڏوتي انيئي، ڪٿي ويد پرماڻ،**
**ويساڳي پنهنجي پاڻ کي، ڏسڻ لاءِ حيران،**
**نانگو ٿيو نرباڻ سو، پاڻ ڪييو جنهن پاڻ،**
**ملان من مسيت ۾، ڪري دور قرآن،**
**مومن ڄاڻي من ۾، آهي سڀ جاءِ ساڻ،**
**داتا ديا وند سو ، جو ڪري پاڻ قربان**
**راڳي گاوي ديپ راڳ، ڏيئو ٻري تنهن ساڻ**

**سلطاني صاحب سو، جونياءَ ڪري نرباڻ،**
**سچو ليکو جو لکي، شاهه انهي کي چاڻ،**
**سورو سچو چاڻ سو، جو جيئي پنجيئي پاڻ،**
**گرهي گيان گرو رهي ماڻ نماڻ،**
**سَتي رهي پتورت ۾، اُهو چاڻي چاڻ،**
**اُهي ڳالهيون پرماڻ، سامي پائي ڪو سچو.**

لفظن جي جوڙ، انهن جي ترتيب ۽ تجنيس حرفي بيمثال آهي.

## سامي جي شاعري

سامي سنڌي ٻولي جو هڪ لاکيڻو شاعر آهي. هو ساڃهه ۽ سُرت جي ديوي جو لاڏلو هو. هن پنهنجي شاعرانه ذات، مشاهدي، تجربي ۽ تخليقي صلاحيتن جي ذريعي بيمثال ڪلام جوڙي سنڌ جي سيني ماڻهن کي موهي ڇڏيو.

سامي جي شاعري سلوڪن تي مشتمل آهي. لفظ سلوڪ هندستان جي قديم شاسترن جي مقبول صنف "شلوڪ" تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "چئن مصراعن وارو اخلاقي شعر." سامي سلوڪ کي اسٽپ ڇند جي گورک ڌنڌي کان آزاد ڪرائي، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي مقبول صنف بيت / ڏوهيڙي مطابق تحرير ڪيو هن دوها ڇند، سورٺا ڇند ۽ دوها-سورٺا ميل جي ذريعي ڪمال ڪاريگري ۽ فني ڪماليت سان پنهنجي ڪلام کي سرجي وڏو ڪمال ڪيو ۽ سنڌي شاعري کي ڪمال درجي تائين پهچايو.

سامي جا سلوڪ گهڻو ڪري چئن مصراعن وارا آهن. دوها ڇند مطابق لکيل سلوڪن جي هر مصرع ۾ 13+11 ماترائون هونديون آهن ۽ سورٺا ڇند مطابق لکيل سلوڪن ۾ هر مصرع ۾ 11+13 ماترائون هونديون آهن. دوها ڇند ۽ سورٺا ڇند مطابق لکيل سلوڪن جي هر مصرع ۾ 13+11=24 ۽ 11+13=24 ماترائون هونديون آهن ۽ سڄي سلوڪ ۾ ماترائن جو تعداد 24+24+24+24=96 هوندو آهي.

گهڻو ڪري سامي جي سلوڪن ۾ 4 مصراعون هونديون آهن. اُنهن جي ماتراعن جو تعداد مقرر هوندو آهي، اُهو گهٽ يا وڌ نہ هوندو آهي. شاهہ لطيف ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي بيتن ۾ ماتراعن جو تعداد گهٽ وڌ ٿيندو آهي. قرآن، حديث ۽ ٻين مذهبي حوالن جي ڪري ماترائن جو تعداد وڌي ويندو آهي. سامي هڪ وڏو ودوان (عالم) هو. هن جي سلوڪن ۾ ماترائن جو تعداد مقرر رهندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو حوالا استعمال ئي نہ ڪندو هو.

سامي تمام گهڻا سلوڪ لکيا جيڪي گرمکي ۽ سنڌي عربي صورتخطي ۾ ڇپجي چڪا آهن. گنگارام روهڙي واري جي گرمکي ڇاپي ۾ 5300 سلوڪ درج ٿيل آهن. اُنهن کي اڄ ڏينهن تائين سنڌي –عربي صورتخطي ۾ نہ ڇپرايو ويو آهي. وقت جي ضرورت آهي تہ انهن کي هڪدم سنڌي عربي صورتخطي ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو وڃي جيئن تہ نقاد ۽ محقق انهن جو مطالعو ڪري سامي بابت ڪا صحيح ۽ مثبت راءِ قائم ڪري سامي جي اهميت کي اجاگر ڪري سگهن.

پروفيسر پوڄراج ناگراڻي سامي جي سلوڪن جي ٽن حصن کي هڪ جلد ۾ گڏ ڪيو جنهن کي سنڌي اديبن جي سهاڪري سنگت حيدرآباد 1992ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن جلد ۾ سامي جي سلوڪن جو ڪل تعداد 2675 آهي. انهن سلوڪن مان 2 مصراعن وارو 1 سلوڪ، 5 مصراعن وارا 3 سلوڪ، 8 مصراعن وارا 5 سلوڪ، 10 مصراعن وارو 1 سلوڪ ۽ 18 مصراعن وارو ڊگهو 1 سلوڪ شامل آهي. 3 مصراعن وارا 488 سلوڪ ۽ باقي 4 مصراعن وارا 2187 سلوڪ آهن.

ڪن نقادن جورايو آهي تہ سامي سلوڪن کان سواءِ وايون ۽ شبد بہ لکيا جيڪي ملي نہ سگهيا آهن. سنڌ جي هڪ سڄاڻ شاعر تاجل بيوس مشهور راڳين کان ملاقاتون ڪري ڪافي معلومات هٿ ڪري هڪ ڪتاب ”سامي سودو سچ جو“ ڇپايو آهي، جنهن ۾ سامي جي سلوڪن کي نئين ترتيب ڏيئي واين ۽ ڏوهيڙن جي صورت ۾ آندو آهي. هي هن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ وائي سُر، لئہ ۽ سنگيت جي پيداوار آهي. اِها هڪ نئين طرز جي کوجنا آهي ۽ اهڙيون کوجنائون انهي ڳالهہ جي ثابتي ڏيئي سگهن ٿيون تہ سامن سلوڪن سان گڏ وايون ۽ شبد بہ سرجيا هوندا.

## شاهہ، سچل، سامي

شاعر ثقافت جا سرواڻ هوندا آهن. هو انساني قدرن جا علمبردار هوندا آهن. هو سماج جا خدمت گُذار هوندا آهن. هو امن جا اوتار هوندا آهن ۽ هو بيمثال تخليقڪار هوندا آهن. محمد ابراهيم شاعرن کي تاريخ جا فرشتا سڏي ٿو.

شاهہ، سچل ۽ سامي سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري جي سدا حيات ”ٽمورتي“ آهن. انهن جي شاعري سنڌواسين جو مان آهي، شان آهي ۽ سنڌ جي سڃاڻپ آهي. شاهہ، سچل ۽ سامي سچ پچ سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي شاعري جا بيباڪ، بيڌڙا ۽ سچا ترجما آهن.

## شاهہ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نہ صرف سنڌ جو پر سڄي دنيا جو عظيم شاعر آهي. هو صاف دل صوفي ۽ ڪليل دل ۽ دماغ وارو انسان آهي. هن جي شاعري هن جي شخصيت جو اندروني آواز آهي. هو تعصب ۽ مذهبي ڪٽرپڻي جو مخالف آهي.

**نڪي ڪم ڪفارسين، نڪا مسلماني من،**
**نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،**
**اُيا ائينءَ چون، تہ پرين ڪجو پانهنجو.**

شاهہ اوچ نيچ ۽ ڀيد ڀاءُ کي ڌڪاريندي ڪليو کُلايو چوي ٿو:

”ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي، سو لهي،“

شاهہ لطيف ڪوڙن ملن تي هر طرح سان وار ڪيو آهي:

**”ملن منو ماءُ، پٽو ڦٽو پيٽ ۾،**
**سڄاڻي الله، ڏيي ڏنائون ڏوڙ ۾.“**

شاهہ ٻيائي ۽ ڪٽر ڌاريندڙ ماڻهن کي هن طرح ڌڪاري ٿو:

**”مورک مور نہ ٻجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،**
**سي ڪيئن پرين پسن، ڪٽر جن اکين ۾.“**

*_*_*

**”اندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي،**
**اهڙو ئلهو ٿان، پيچي ڇو نہ پورا ڪرين.“**

شاهہ لطيف ڪوڙن ڪانوَن ۽ ڪٽر ملن ۽ قاضين سان گڏوگڏ فريبي جوڳين ۽ ڪوڙن سنياسين تي بہ گهري چوٽ هنئي آهي:

**جنهن سنياسي سانڍيو گلي ۾ گراهہ،**
**انهي کان الله، اجان آڳاهون ٿيو.“**

***-*-***

**”ڳولا جي گراهہ جا، جونا سي جوڳي،**
**قتل او قوڳي، جنين سڪر سانڍيا.“**

شاهہ لطيف مذهبي ڀيد ڀاءُ ۽ ڪٽر پڻي کي ڌڪاري، صاف دل صوفي هجڻ جو ثبوت فراهم ڪيو آهي.

## سچل

سچل سرمست بلند آواز وارو باغي شاعر هو. هن مذهبي ڪُلفت ۽ ڪٽرپڻي کي جڙ کان ڪاٽي ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي، هو اعلانيہ چوي ٿو تہ:

**”مذهب ملڪ منجهايا.“**

***-*-***

**”هندو مومن ناهيان.“**

***-*-***

**نامين مسجد، نامين حُجرا اندر پير نہ پايان،**
**نامين ڪعبہ، نامين قبلہ، مڪي مول نہ جاوان،**
**نامين نانڪ، نامين بهمن، گنگا مول نہ جاوان،**
**يار تہ ميڏا درس درازي، سچل ناوَ سڏايان،**

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ مذهبي ڪٽرپڻي ۽ تفرڪيبازي جي خلاف بغاوت جو اظاهر ڪندي چوي ٿو:

**ڪلمي مون کي ڪين ڪيو، مورون مسلمان،**
**نڪو احمد موڪليو، عرب کون ايمان،**
**سچو سو سبحان، عالم ليکي آدمي.“**

سچل سرمست مذهبي ڪٽرپڻي جي خوب مخالفت ڪئي آهي. هن هندو ۽ مسلمان کي آگاهه ڪيو ته هو سار سلوڪ ۾ نه هليا ته پوءِ پڇتائڻو پوندو.

”وقت اُهائي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذهب من مان، ساڃهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، سُڇو اولهه سج نه لهي.“

سچل سرمست ذات پات، ڀيد ڀاءُ، مذهبي ڪٽرپڻي، ڪلفت ۽ دوئي کي در ڪرڻ جي لاءِ باغيانه راهه اختيار ڪئي آهي.

## سامي

ڏکڻ هندستان جي صوفين ۽ سنت شاعرن سوامي راما نج جي زير اثر مذهبي ڀيد ڀاءُ ۽ انساني نابرابري جي خلاف زوردار تحريڪ هلائي. اُها تحريڪ 15 صدي کان شروع ٿي ۽ 19 صدي تائين جاري رهي. اُها تحريڪ سنڌ ۾ سامي جي دور (1743ع-1850ع) ۾ وارد ٿي. سنڌ جو سنت شاعر ڀائي چئنراءِ سامي هن تحريڪ جو پهريون نمائنده سنڌي شاعر آهي.

سامي ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ انگريزن جو شروعاتي دور ڏٺو انهن دورن ۾ نادر شاهه دهلي ۽ سنڌ تي ڪاهون ڪيون ۽ عام ماڻهن جو قتل عام ڪرايو. اُن کان پوءِ احمد شاهه ابدالي ۽ افغانستان جي بادشاهه تيمور شاهه جي ڪاهن سنڌ کي برباد ڪري ڇڏيو. مذهب ۽ ڌرم جو زور ايڏو ته وڌي ويو جو حڪمران به ملن مولوين، ٻانڀڻن ۽ پنڊتن جي زير اثر اچي ويا. ملن ۽ پنڊتن من گهڙت ۽ خيالي قائدن تحت ماڻهن کي پاڻ ۾ وڙهائي ڇڏيو. سامي پنهنجي ڪلام ۾ اوچ نيچ، ڀيد ڀاءُ، تعصب، مذهبي ڪٽرپڻي، ڪلفت ۽ ٻيائي جي خلاف ڪيترائي شعر تحرير ڪيا.

سنڌ جي دانشور غلام محمد گرامي پنهنجي ته ماهي مهراڻ 1964ع ۾ شايع ٿيل هڪ مضمون سامي جو ڪلام ۾ لکي ٿو ته ”لطيف ۽ سچل وانگر سامي به پنهنجي دور جو هڪ باغي شاعر آهي. هن تصوف ۽ ويدانت جي اوٽ وٺي مذهبي ۽ ڌرمي فرقي بندي ۽ بي روح رسمي عبادات ۽ تپسيا، ذات پات، رنگ نسل جي ڀيد ڀاءُ جي رد عمل ۾ ڪيترائي شعر لکيا.“

**پٿر پوڄاڪن، ديو نہ ڏسن ديھ ۾.**

***_*_***

**ميخاني مسجد ۾، ڄاڻي ڪو نہ فرق.**

***_*_***

**توڪي ڪل ڪيھي، قاضي ڪتابن جي.**

سامي ڍونگين ۽ ڏيکاءُ پسندن جا ڇوڏا لاهي ڇڏيا آهن جيڪي منهن تي رام رام ۽ اندر ۾ ڇريون سانڊي ڦرندا رهن.

**”لکين لٻاڙي، ڳالھيون ڪن ائمر جون،**
**سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا، مٿو ۽ ڏاڙھي،**
**ڪلڪائين ڪپٽ جي، ڪاتي، ڪھاڙي،**
**ڀار ڪائي ڀاڙي، رمتا وڃن رھہ ۾.“**

سامي پنهنجي زماني جي حاڪمن، ميرن حاجين، مکين ۽ چوڌرين جا هن طرح پول پڌرا ڪيا آهن.

**”ڪلجڳ جا ڪوڙا، مير متعدي، چوڌري،**
**راتيون ڏينهان لوڀ جا گھر ڀنڌن ٻوڙا،**
**ويساهي ويساهہ سان، ڊوهن وسوڙا.“**

شاهہ سچل ۽ سامي تعصب، مذهبي ڪٽرپڻي، ڪلپت ڀيائي، فرقي بازي ۽ نفرت جي براين کي ظاهر ڪري انسانن کي خبردار ڪيو آهي تہ هو انهن براين کان بچن ۽ سهپ،قربت، برابر، ميل ميلاپ ۽ همدردي جي ذريعي براين کان بچي برابري، ڀائيچاري ۽ محبت وارو معاشرو ناهڻ ۾ ڪردار ادا ڪن.

## سامي جي شاعري ۾ ويدن جي واڻي

سامي ويدانتي ويچارن جو وڏو ماهر هو. پنهنجي شاعري جو مقصد بيان ڪندي سامي پاڻ چوي ٿو:

**”ويدن جي واڻي ٿو، سنڌي ۾ سمجھايان.“**

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ پنهنجي مضمون ”سامي“ جيڪو ”نئين زندگي“ 1998ع واري فيبروري جي پرچي ۾ شايع ٿيو. اُن ۾ چوي ٿو تہ ”سامي جي

شاعري جو روح“ ويدانت آهي جنهن کي اسلامي تصوف ۾ ”وحدت الوجود“ ۽ انگريزي ۾ (Panlheism) چئبو آهي. ويدانتي ويچارن موجب ”اهم برهم اسمي“ يعني ”مان برهم آهيان“ چيو ويندو آهي.

## ويدانتي ويچارن جي سمجهاڻي

سامي ڏاهپ، عقلمندي ۽ علميت ذريعي ويدانت جي ويچارن جو دلچسپ ۽ دلفريب انداز ۾ اظاهر ڪري سيني کي موهي ڇڏيو آهي. سامي مختلف صوفين ۽ سنتن وانگر انهن عنوانن جهڙوڪ ”ايشور“ يا ”الله“ اوتار، خالق ۽ خلق جي وچ ۾ تعلقات ”وڻ“ پنجن پوتن ۽ براين جي ماءُ ”اوديا“ يا بي علمي ۽ سچي ستگرُو يا مرشد جي ذريعي ويدانت جي مشڪل ڳالهين کي سادگي ۽ سولائي سان سمجهايو آهي.

## ايشور (اللهﷻ)

سامي ويدانتي اصولن مطابق پنهنجي شاعري جي شروعات ايشور جي ساراهه سان ڪئي آهي.

**”ايشور پرتک، سامي سورج جان رهي،**
**انڌا ڏسن ڪينڪي، پتي پنهنجي اک،**
**ڪوهه ڪرين جک جک، درد در ديوانن جان.“**

ايشور سموري سرشتي (ڪائنات) جو خلقڻهار آهي. اُن جو نور ڪائنات جي ذري ذري ۾ موجود آهي. اُن کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ ڏسڻ وارين اکين جي ضرورت آهي.

## اوتار (Incarnation) جو تصور

ويدانتي فلسفي موجب ”اوتار“ جو تصور اهم آهي. جڏهن جڏهن ڌرم کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، تڏهن تڏهن ايشور جاندار شيءِ يا انسان جو روپ ڌاري ڌرتي تي ظاهر ٿيندو آهي ۽ ظالمن جو ناس ڪري، ڌرم کي بچائيندو آهي. سامي ”اوتار“ جي تصور کي هن نموني ۾ سمجهايو آهي.

**”ٻيڪ ڪري آيو، خاوند پاڻ خلق ۾،**
**جاهه ورائي چت سان، نانا رنگ لايو،**
**ڳڻتي ليکي ڪون پري، اچرج مچايو،**
**سامي سمجهايو، نيارو رهي نپ جان.“**

### خالق ۽ خلق ۾ تعلق

ويدانتي اصولن مطابق ايشور (الله) ڪائنات جو سرجڻهار آهي. سڀ جي انسانذات هڪ آهي ته اُن جي اصليت بہ هڪ آهي. انسان الله کان الڳ ناهي ۽ نہ وري الله انسان کان جدا آهي. سامي جو هي سلوڪ معنيٰ خيز آهي.

**”خالق منجهہ خلق خلق سڀ خالق ۾،**
**سمجهي ڪو سامي چوي، ورلو جَن هڪ،**
**مهر ڪري مالڪ، جنهن کي پرچي پاڻهي.“**

هن ساڳئي اصول کي هن طرح بہ بيان ڪيو ويو آهي.

**”سامي سڀ جنسار، اٿئي عجيبن جو،**
**ڏسي ٻُڌي پاڻ ٿو، ڄاڻي ڄاڻڻهار،**
**نرا ڪار آڪار، ڏاري آيوجڳ ۾.“**

### ”جوڻ“ (Transmigration of soul)

جوڻ ويدانتي فلسفي موجب هڪ اهم ترين نُڪتو آهي. اُنکي ”مهاچار“ بہ سڏيو ويندو آهي. آتما جو پرماتما سان ملڻ انسان جي ڪرمن (عملن) مطابق ٿيندو آهي. جيڪڏهن عمل سُٺا نہ هوندا تہ آتما کي بار بار جنم ۽ مرڻ جا چڪر ڪاٽڻا پون ٿا. آتما جو ڇوٽڪارو تڏهن ٿيندو آهي. جڏهن سٺا عمل هن جي پاپن کي ڌوئي ڇڏيندا ۽ آتما جوڻ جي مها چار کان آزاد ٿي، نرواڻ (نجات) ماڻيندي. سامي چوي ٿو.

**”مايا پلائي، وڏو جيءَ پر ۾،**
**پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، ويٺو وڃائي،**
**سيني ۾ سماي چوي، ڪوٽ جنم پائي،**
**اوديا پٽ لاهي، جاڳي ڏسي ڪينڪي.“**

## مانگ ديھ (انساني جنم)

ويدانتي اصولن موجب انساني جنم اهم آهي جنهن کي سامي هيرن جو هار ۽ انمول سمجهي ٿو انساني جنم اسان کي پهرين مذهبي، تهذيبي سماجي ۽ انساني قدرن جي طريقا ٻُڌائي، سِک، سچائي بيدپائي ۽ اورچائي سان زندگي گذارڻ جي لائق بنائي هن کي سماجي سورمو ٺاهيِ،ايشور جي قريب آڻي، هن کي نرواڻ ماڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

## پنج پوٽ

سامي ويدانتي ويچارن موجب پنجن براين جهڙوڪ ڪام، ڪروڌ، موھ، لوڀ ۽ اهنڪار جن کي "پنج پوٽ" يا ٻلوان دشمن" بہ چيووينڊو آهي کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. عام انسان کي جسني بيمارين طرف ڇڪي ٿو. ڪروڌ (ڪاوڙ) هن کي خونخوار جانور بنايو ڇڏي. موھ هن کي دنيوي شين ۾ ڦاسايو ڇڏي، اوپ هن کي گمراھ ڪريو ڇڏي ۽ اهنڪار (هٺ ۽ غرور) هن کي اوچ نيچ ۽ ڀيد ڀاءُ جو شڪار بنايو ڇڏي.

**"ٻانيڻ ٻڌ مَ ٺاٺ، ڪوڙا مايا موھ جا،**
**ڪٽي هٽندو ڏوڙ ۾، اها ڏائڻ ڏاٺ،**
**ڇڏي پوٽيون پاٺ، جاڳي ڏس جڳديش کي."**

## اوديا (بي علمي)

اوديا (بي علمي، اڻجاڻائي) پنجن پوٽن جي ماءُ آهي. بي علمي سڄي دنيا جا جيءَ منجهائي ٿي ۽ سيني کي لاچار ۽ عاجز بنائي ٿي. اکين جو نور کسي، راهن ۾ اوندھ ڦهلائي ٿي اُها ماڻهن کي اکين هوندي انڌو ڪنن هوندي ٻوڙو، دماغ هوندي معزور ۽ روح هوندي بيجان بنائي اُنهن کي ڀٽڪائيندي رهي ٿي.

**"ڏاڍي ڏيوالي، اوديا ڏائڻ ڏندري،**
**جنهن ڦري سڀ فقير ڪيا، ڪلڪل سان خالي."**

اسان کي انهن جسماني، سماجي ۽ روحاني براين کان بچائڻ وارو صرف ستگرو (مرشد) آهي.

## ستگرُو (مرشد)

ويدانيتي ويچارن موجب ستگروُ (مرشد) جو وڏو مقام آهي. سنت شاعر ڪبير اُن کي هن نموني ۾ بيان ڪيو آهي.

**”گرُو گووند دونون کڙي، ڪس ڪي لاگون پاءِ،**
**ٻلهاري گرو آپ ڪي، گووند ديو ڏِکاءِ.“**

گرُو (مرشد) ايشور جو لاڏلو هوندو آهي. هو هر وقت ڀليل ۽ ڀٽڪيل انسانن کي صحيح راھ ڏيکاري، اُنهن جي رهنمائي ڪندو آهي. هو انساني معاشري مان براين جو خاتمو ڪري روحاني خوشي محسوس ڪندو آهي.

**ڪامل ڪرم ڪيو، تڏهن اکيون کليو آيون،**
**ڏسي پنهنجي پاڻ کي، سيتل من ٿيو،**
**نسو آتم جيءَ جو، چئون سپ ويو،**
**ياسي ڪين ٻيو، سامي چئي سروپ ري.**

گرُو ايشور جو ديدار ڪندو آهي ۽ ٻين کي بہ ان جو ديدار ڪرائيندو آهي.

## سامي جي شاعري ۾ سنڌ جي روايتن جي ترجماني

سامي جي ڪلام ۾ ويدن جي واٽي جاويچار شامل آهن. انهن سان گڏوگڏ سنڌ ۽ سيدين جي روايتن جون ڳالهيون بہ شامل آهن جيڪي هن جي ڪلام جي اهميت ۾ اضافو ڪن ٿيون.

(1) سامي پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ، سنڌ جي ماڻهن، سنڌ جي ثقافت، سنڌ جي ادبي روايتن جو ذڪر ڪري، اُنهن کي بيمثال نموني ۾ ساراهي اِهو ثابت ڪيو آهي تہ هو سنڌ جو سچو ۽ سلڇڻو سپوٽ آهي.

(2) سامي جي ڪلام ۾ سنڌ جي آزاد فضا، کليل آسمان، سج، چنڊ ۽ تارن، پهاڙن، جهنگلن، ٻيلن، ندين ۽ جانورن جهڙوڪ شيرن، هاٿين، گهوڙن، باندرن، هرڻن، ڪوريئڙن، پروانن، نانگن، سپن، سنڌ جي گلن ڦلن جهڙوڪ

ڪنولن، گلاب جي ڳاڙهن گلن وغيره جو ذڪر ڪري سنڌ جي هر شيءِ کي ياد ڪري ۽ ساراهي هن سنڌ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪبو آهي. هن انهن شين مان حيرت انگيز تشبيهون جوڙي، سنڌي شاعري کي مالا مال ڪيو آهي.

(4) سامي سنڌ جي ماڻهن جي بنيادي خوبين جهڙوڪ پورهئي، اورچائي، بيڊپائي ۽ حوصلي کي خوب ساراهيو آهي.

**”وِرچي منڌ م ويهه، ڪاهه ته ڪيچين کي ملين.“**

***_*_***

**”جيئڻ ۽ مرڻ جو سامي سوچ نه ڪن.“**

(5) سامي سنڌ جي عوامي قصن ۽ داستانن کي پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ ڏيئي سنڌ سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. ”سسئي پنهون“ جي داستان جو هي شعر ڪيڏو نه معنيٰ خيز آهي ۽ سنڌين جي ڪاميابي جو اهم راز آهي:

**”ويهي منڌ مَ ويهه، ڪاهه ته ڪيچين کي ملين،**
**ساجهر ئي سامي چوي، چلي چپرين پيهه،**
**درويش جو ڏيهه ويڻن کي واري وري“**

سامي جو هي ”سهڻي ميهار“ وارو بيت حوصلو وڌائي ٿو.

**پاڻ وڃائي پانهنجي، اُٿي محبت مَ مه،**
**اچي پاڻ الله، عاشق ٿئي عرش ڪون،**

(6) سامي سنڌ جي سورمن ۽ جان نسارن کي ساراهيِ اهو ظاهر ڪيو آهي ته سنڌ جا سورما پنهنجي جان کي گهوري سنڌ بچائڻ لاءِ هر دم تيار آهن.

**”سدا الیلن جا، رتا نيڻ رهن،**
**ڪاڻ نه ڪين ڪنهنجي، سوري پڻ چڙهن.“**
**”عاشق سي چئجن، جي سوري سهن سرتي“**

اهڙا ڪيترائي مثال سامي جي ڪلام ۾ موجود آهن.

(7) سامي پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي هارين ۽ نارين کي ساراهي سنڌ جي خوشحالي جا گيت ڳاتا آهن. سامي اُنهن کي خبردار ڪري ٿو ته اُهي اناج کي نقصان پهچائڻ وارن پکين کان بچائين ۽ اناج جا اڪٿ پندار پيدا ڪن.

”پنهنجي پوک سنڀار پراڻي پيهي تي چڙهي،
ڪميا ڪائناٽي سان، ڪيڏي ڪلپت جهار،
ڏيئي واڙ ويساهه جي، تون سامي پرم نوار،
تان ڪٽي بيحد بار، انيئي اکٽ اناج جو.“

ڪير چوندو تہ سامي سنڌ ۽ سنڌ جي روايتن کي وساري ڇڏيو آهي.

## سامي جي سورمي

ڪنهن بہ قصي يا داستان جي مرڪزي زناني ڪردار کي سورمي چئبو آهي. مارئي، مومل، سورٺ، سسئي، سهڻي، نوري اهي شاهہ لطيف جون سورميون آهن. سامي جي سورمي ”سهاڳڻ“ آهي، جيڪا پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هو سيني سورمين جو شان آهي، مان آهي ۽ سڃاڻپ آهي. هو راڻي آهي، مهراڻي آهي هو عورت جي عظمت جو اوچو نانءُ آهي.

## سُهاڳڻ- هڪ مهاراڻي

سامي ڪمال ڪاريگري ۽ فني ڪماليت سان سهاڳڻ جي ڪردار کي تخليق ڪيو آهي ۽ هن کي سنڌي سماج جي راڻي ۽ مهاراڻي ڪري پيش ڪيو آهي. جنهن سماج ۾ سهاڳڻ جهڙيون سورميون موجود هونديون آهن اُن کي ڪير نقصان پهچائي سگهندو!

## سهاڳڻ جون خوبيون

(1) سهاڳڻ پنهنجي پيتار کي ريجهائي پيڪن ۽ ساهرن جو مان وڌائي ٿي.

(2) هو پنهنجو پاڻ کي پنهنجي پيتار کي ارپي سچ چند جيان جرڪندي نظر ايندي آهي. هو سهاڳ جو سک ماڻي، ڪلندي ۽ ٽلندي رهي ٿي.

”نسو مٺائي، جهولي جهروڪن ۾“

(3) هو ادب ۽ احترام جي مورت هوندي آهي ۽ خاوند کي خوش ڪري، خوش ٿيندي آهي.

(4) هو هميشہ ورجي صحبت ۾ مسرور رهندي آهي.
(5) هو پنهنجي ورسان هيع ۾ هرس ۾ وقت گذارنيدي آهي
(6) هن جي انمول خوبي هن جو”سنت“ آهي.سُهاڳڻ پتي ورتا (Husband devoted)عورت آهي. هو سيني جو مان رکندي آهي ۽ سڀ هن کي عزت جي نگاهن سان ڏسندا آهن.
(7) هو سادگي پسند آهي. هٺ ۽ غرور هن کان ڪوهين دور رهند آهن.

**”سهاڳڻ سچي، پاسي ٿئي نہ پيءَ کون،**
**سُميهي سُکيت سيج تي، چڙي ڪلپ ڪچي،**
**سيد سامي چئي، رهي رنگ رچي،**
**جيئنءِ گُل پچي، سڳند سوادي سو ٿو ٿئي.“**

## سهاڳن جا سينگار

سهاڳن هڪ نياري ناري آهي تہ هن جاسينگار بہ نيارا ۽ پيارا آهن. سادگي هن جي سونهن آهي پتي سان پيار هن جو چندن هار آهي. هوتن **”سمک ڏسي سپرين.“**

## سهاڳڻ- هڪ بيمثال سورمي

سامي جي سورمي بيمثال آهي، لاجواب آهي. سچ پچ هو ستي ساوتري آهي جيڪا پنهنجي پتي ديوَ مهاراجا ستيوان جي روح کي موت جي ديوتا جي چنبي کان آزاد ڪرائي اچي ٿي. هو ستي سيتا آهي جيڪا پنهنجي پتي شري رام جي حڪم تي ڌرتي ۾ داخل ٿي امر بنجي وجي ٿي.
سامي سچ چيو آهي

**”سهاڳڻ سائي، ماٺي سُک سهاڳ جو،**
**مينڌي جنهن محبت جي، لڳن تي لائي،**
**ڪري نہ ڪتر جيتري، ڏاهي وڏائي،**
**سامي سدائي، سيتل رهي سپاءَ ۾.“**

## سامي جو سنديش (پيغام)

سامي پنهنجي ذات، مشاهدي جي قوت، تجربي ۽ تخليقي صلاحيتن جي ڪري هر هنڌ مشهور ۽ معروف رهيو آهي. هن جو ڪلام شعريت، علميت ۽ هدايت جو هڪ اکٽ ڀنڊار آهي. هن جو هر سلوڪ معنيٰ جي موتين سان ڀرپور آهي. اُن ۾ ماڻهن لاءِ انيڪ سنديش موجود آهن، جيڪي اُنهن کي ديني ۽ دنيوي معامرن ۾ مدد ڪن ٿا. سامي هڪ نيڪ ۽ خوش اخلاق انسان هو. هن جو هي سنديش اهم ۽ لاڀدائڪ آهي ته:

**”چڱا سي چئجن، چڱو جنين جي جڳ ۾،**
**برائي ڪنهن جيوَ جي سامي ڪين ڏسن،**
**سداسم رهن، اسٿت آتم پد ۾.“**

سامي سچو آهي ۽ سچ جو پوڄاري آهي. هو ڪوڙ ۽ ڪلفت جي خلاف آهي. هو ڪوڙن ساڌن جي ڪوڙن ڪرتوتن کي ڌڪاري ٿو. اُنهن کي سچ جي طرف راغب ڪندي چوي ٿو:

**”ويد، پراڻ پڙهي ڪري، ٿو لوڪ ريجهائين،**
**سپيريان جي سڪ ۾، جهاتي نه پائين،**
**چاهه نه چکائين، تون پسندين ڪئين پرين کي.“**

پريم نه رڳو هڪ سماجي گُڻ آهي، پر اُهو هڪ روحاني گُڻ به آهي. پريم دلين کي جوڙي ٿو. ڪلفت ۽ ٻيائي جا بُت ٽوڙي ٿو. پريم هڪ اهڙي قوت آهي جيڪا هر قسم جي بُرائي کي ختم ڪري، ڀلائي جون راهون روشن ڪري ٿو. سامي جو هي سنديش بيشڪ ملهائتو آهي:

**”آءُ ته پياريان، پري پيالو پريم جو**
**سامي هن اوسر ۾، تن من سڀ ٺاريان.“**

سامي هڏ ڏوکي ۽ همدرد انسان هو. شيوا (خدمت) هن جي لاءِ پوڄا هئي. شاهه لطيف سچ چيو آهي: ”ذات نه آهي ذات تي، جو وهي، سو لهي.“ انگريزي ادب جي ممتاز اديب ۽ نقاد ڪار لائل جو چوڻ آهي ته ”رحمتي اُهي آهن جن پنهنجو ڪم ڳولي لڌو آهي.“ اُنهن کي ٻئي ڪنهن به رحمت ڳولڻ جي ضرورت ناهي.“ سامي جو هيءَ سنديش اهم آهي ته ڪم جي ذريعي ئي وڏو مقام حاصل ڪري سگهجي ٿو.

**”ڍيڍ، چمار، جو لاهه، پيچارا، نائي،**
**جنين لنوَ لائي، سي سيئي سُڌريا.“**

سامي اوديا (بي علمي، اڻڄاڻائي ۽ جهالت) کي قديم ڪوڙن ۽ خود غرض پادرين جيان نعمت نٿو سمجهي ۽ علم جي راهه ۾ ڪي رڪاوٽون نٿو پکيڙي. هو بي علمي کي خطرناڪ ڏائڻ سمجهي ٿو جيڪا جيءَ جان جلائي ٿي، اونده پکيڙي ٿي ۽ انسانن کي پٽ ڪائي، دربدر ڪري ٿي. سامي جو هي سنديش سموري انسانذات لاءِ لاڀدائڪ آهي ته وديا (علم) حاصل ڪجي ۽ پنهنجي زندگي کي سنواري معاشري کي رهڻ لائق بنائجي. بي علمي جي باهه کي علم جي پاڻي سان وُجهائڻ ضروري آهي.

**”باهه اوديا آ، ساڙي سڀ سنسار کي،**
**تنهن کي وديا جل سان وارم وارُ وجهاءِ،**
**صاف ڪري سامي چوي، من ممتا مٽاءِ.“**

سامي جي ڌرم پتني جي باري ۾ ڪا ڄاڻ ميسر ناهي لڳي ٿو ڄڻ سامي سهاڳڻ جي صورت ۾ پنهنجي ڌرم پتني جو چٽ چٽيو آهي. عورت قدرت جي هڪ انمول هستي آهي. هو شادي ڪري ساهرن ۾ اچي ٿي، ڀتار کي ريجهائي ٿي، ٻار ٻچا پيدا ڪري ٿي، انهن کي پالي نپائي ٿي ۽ اُنهن جي مستقبل کي سُڌارڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿي. عورت گهر جي سونهن آهي ۽ معاشري جو پلو چاهيندڙ آهي. هو ستي ساوتري ستي سيتا جيان پنهنجي ڀتار کي ارپي، خدمت ڪري عورت جو مان مٿاهون ڪري ٿي.

**”سامي سائي ڄاڻ، سهاڳڻ سڄڻ جي،**
**جنهن پر چايو پرينءَ کي، ارپي پنهنجو پاڻ،**
**سنسي ري شيوا ڪري، سک صبوري ساڻ،**
**پوري تنهن جو پاڻ، خاوند خالي نه ڪري“**

## سامي جي شاعري جون خوبيون

(1) سامي جي شاعري جي پهرين خوبي آهي الفاظ جو اڪٽ ذخيرو حامد علي جاناڻي تاج جويي جي مرتب ڪيل ڪتاب ”سامي تي نئين

نظر“ ۾ ڇيپل مضمون ”سامي جا سلوڪ“ ۾ چوي ٿو تہ سامي الفاظ ۽ معنيٰ جو خالق آهي. سندس لفظن ۾ خاص زور اٿس. هو جادوگر ۽ سحرنگار آهي.“ هن سنڌي ٻولي جي ذخيري (Vocabulary) کي خوب مالا مال ڪيو آهي. هي هن جو اهم ۽ بي مثال ڪم آهي.

(2) سامي جي شاعري جي ٻئي خوبي آهي، من موهيندڙ پيش ڪش (Presentation). هو لفظ ۽ معنيٰ کي گڏي اهڙي نموني ۾ بيان ڪري ٿو جو منڊل مڇيو وڃن ٿا. هو پنهنجن خيالن کي الڳ الڳ نمونن ۾ رنگي اهڙي تہ مهارت سان پيش ڪري ٿو جو سموري زندگي مسڪرائيندي ۽ جرڪندي نظر اچي ويندي آهي.

”آهي اوکيرو، جيئندي مرڻ جڳ ۾،
سمجهي ڪو سامي چوي، پر جي ڇڪيرو،
ڪيو جنهن ڪلپت جو نپٽ نپيرو،
دوست ري ديرو، خالي ڏسي ڪو نہ ڪو.“

(3) سامي جي ڪلام جي ٽئين خوبي آهي تہ هو پنهنجن ويچارن کي اشارن، ڪناين ۽ تمثيلن ۾ لڪائي بيان نٿو ڪري پر ڪکئي نموني ۾ بيان ڪري ٿو. جيئن پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ سندس راز کي بنان مونجهاري جي سمجهي وڃن. هن ڪوڙي قاضي جي حرڪتن کي هن نموني بيان ڪيو آهي:

پڙهي قرآن ڪتاب، قاضي ڪوهہ قضا ڪرين،
ملي وٽ محبوب سان، ڇڏي زور ثواب،
مٿان اچي اوچتي، ڪريئي ڪال ڪباب،
ٿيندين پوءِ خراب، سچ لٽي سامي چوي.

(4) سامي جي شاعري جي چوٿين ۽ نمايان خوبي آهي ڪردار نگاري. سامي هڪ سڄاڻ شاعر آهي. هو انسانن جي خوبين ۽ خامين کي سمجهي ٿو. اها هن جي وڏي قابليت آهي. هو مختلف ماڻهن جي گروهن کي مختلف نالا ڏيئي، انهن کي جيئرا جاڳندا ڪردار بنائي، انهن جي خوب ڪردار ڪشي ڪئي آهي.

**گرمک: مرشد**

**”سدائين گُلزار، گرمک رهن گيات ۾.“**

**ساڌو:**

**”سدائين نرمل، ساڌو جڳ سنسار ۾،**
**ليپ نہ لڳي تن کي، جيئن جل رهن ڪنول.“**

**دردمند:**

**”ڪهڙو حال چوان، دردوندن جي دل جو،**
**ڪليا گل گُلاب، جان رهن نت نوان.“**

**فقير:**

**”ڪري فقر فقير، فارغ ٿيا فڪر کان.“**

**سهاڳڻ:**

**جنهن ريجهايو ڪنت، آئون سهاڳڻ سا چوان.**

**عاشق:**

**”عاشق نت اُداس، روئن رت اکين مون.“**

**سنياسي:**

**”سنياسي سيئي، پاڻ، ڪڍيو جن پاڻ مون.“**

**سورهيہ:**

**”سامي چئي ڪو سورمو رهسي رنگ رَچي،**
**جيئن پتنگ مچي، سما ڏسي سوجهرو.“**

## سامي جون ادبي خدمتون

سامي سنڌي شاعري کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪيئي ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن قديم هندو شاسترن (ڪتابن) جي مقبول صنف ”شلوڪ“ کي ”سلوڪ“ جو نالو ڏيئي سنڌي شاعري ۾ رائج ڪري، اُن کي مقبوليت ڏياري. ”سامي جا سلڪ“ سنڌي شاعري جي جان آهن. سامي

سلوڪن جي ذريعي پنهنجي ڌرتي، اُن ماڻهن ۽ اُنهن جي ثقافت کي پڌرو ڪري نہ صرف پنهنجو مان وڌايو آهي پر سرزمين-سنڌ جي مان کي اجاگر ڪري وڏو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

سامي جا سلوڪ چند وديا جي اصولن مطابق لکيل آهن. اُنهن سلوڪن ۾ ماتراعن جو تعداد مقرر آهي. ڪٿي بہ گهٽ يا وڌ نٿو ٿئي. سندس سلوڪن جا قافيا پڪا ۽ پختا آهن. جي ڪٿي سندس قافين ۾ ڪا گڙٻڙ نظر اچي ٿي تہ اها سامي جي گهٽتائي ناهي پر هن اُتي اهڙا قافيا استعمال ڪيا آهن يا لفظ استعمال ڪيا آهن جيڪي ٻهراڙين ۾ عام ماڻهو ڳالهائيندا هئا ۽ ڳالهائين ٿا. سامي عام ماڻهن جي ٻولي کي اُنهن تي اُچارڻ ۾ ڪم آڻي عام ماڻهن جو مان وڌايو آهي.

سنڌي جي ڪلاسيڪي شاعرن جهڙوڪ قاضي قادن، شاهہ ڪريم، شاهہ عنات رضوي، شاهہ لطيف پنهنجي شاعري ۾ بيت جي مصراعن کي 4-5 ۽ 10 تائين محدود رکيو آهي، اُتي سامي پنهنجن سلوڪن ۾ مصراعن جو تعداد 18 ڪري وڏو فني ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هن قديم سنڌي ڪلاسيڪي شاعري ۾ ڏکهي ۾ ڏکهو سلوڪ چئي سنڌي شاعري ۾ وڏي وسعت آندي آهي ۽ سنڌي شاعري لاءِ نيون راهون کوليون آهن.

سامي هڪ آدرشوادي سنڌي عورت جي عضمت کي "سهاڳڻ" جي صورت ۾ ساراهي هڪ بيمثال ڪم ڪيو آهي هي سنڌي شاعري ۾ سامي جي هڪ بيمثال خدمت آهي ۽ اُن کي قدر جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. سامي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن سنڌي عورت جي عظمت جا گيت ڳائي، اُن جي حيثيت کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو آهي.

## سامي جي عبارت

سامي جي عبارت جا خاص گڻ آهن، سجيدگي، شائتسگي، پختگي ۽ عمدگي، عام طور سندس عبارت سادي، سولي ۽ سلوڻي ناهي. سنجيده فڪر ۽ فن جي ڪري عبارت عام فهم بہ ناهي. ان کان انڪار ڪرڻ جائز ڪونهي. هن جي عبارت فصاحت توڙي سلاست جي لحاظ کان پڪي،

پختي ۽ سهڻي آهي. هو پنهنجن ٻولن ۽ قولن کي پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي سامهون ڪمال ڪريگري ۽ فني علميت سان پيش ڪري انهن جو اندر ٺاريو ڇڏي ٿو.

**”پيرِ پرچي پاءِ، محبت جي ميدان ۾،**
**ڪتا پيا ٿي ڪيترا، جاني لڳ تنهن جاءِ،**
**سي ڍهڪين ڪين ڪي، سامي سِڪ وڏاءِ،**
**پهرين پاڻ جلاءِ، ڏسڻ ٿئي ئي پر جو.**

سامي جي عبارت هڪ ودوان (عالم) جي عبارت آهي، هڪ شاعر جي آهي ۽ هڪ عام انسان جي آهي، جنهن ۾ فڪر سمايل آهي، فن سمايل آهي، پيار سمايل آهي ۽ وڏو اثر سمايل آهي. هن جي عبارت پڙهڻ کان پوءِ سامي هڪ عالم، هڪ شاعر، هڪ درد وند عاشق ۽ هڪ سماج سڌارڻ واري انسان جي روپ ۾ اسان جي اڳيان ظاهر ٿي آشرواد ڏيندو نظر اچي ٿو.

سامي جي عبارت ۾ شعري صنعت، شعري خوبي ۽ فني لوازما موجود آهن اسان جي اديبن، شاعرن ۽ نقادن بنان تنقيدي اڀياس جي انهن شعري صنعتن کي سندس ڪلام مان خارج ڪري ڦهر ڪيو آهي.

## سامي جي ٻولي

سامي جي ٻولي شڪارپور ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ ڳالهائڻ واري سريلي ٻولي آهي. پروفيسر ڀيرومل مهرچند پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻولي جي تاريخ“ ۾ خوب لکيو آهي ”ٻولي تہ شڪار پور جي جهڙي آهي سڀ ۽ سوادي تهڙي آهي مٺي ۽ رسيلي واهہ جو منجهس ميناج آهي.“

شڪارپور جي ماڻهن پنهنجي ٻولي کي وڌيڪ مٺو بنائڻ لاءِ ڪي مخصوص طور طريقا ڪم آندا آهن.

هو ڪان ۽ مان جي بدران ڪون ۽ مون آڻيندا آهن مثال.

(1) محبتي مشتاق، پاسي ٿين نہ پيءَ ڪون،

(2) محبتي ماڻڪ لڌو، دل درياه مون.

(3) هو واحد مان جمع بنائڻ جي لاءِ ”اون“ جي بدران ”آن“ استعمال ڪندا آهن.

**مثال:**

رآهون بدران رآهان، دانهون دبران دانهان، ٻاهون بدران، ٻانهان، لتون بدران لتان، موجون بدران موجان ڪم آڻيندا آهن.

(4) هو ٻولي ڪي منڙو ۽ دلچسپ بنائڻ جي لاءِ اڪثر ڪري ”ڙا“ ۽ ”ڙو“ کي لفظ پنيان استعمال ڪندا آهن.

**مثال:**

”ويو“ بدران ”وئڙو“، ”رات“ بدران ”راتڙي“ ، ”ٻائر“ بدران ”ٻائڙا“، ”منو“ بدران ”منڙا“ ”سنهو“ بدران ”سنهڙو“ چئي خوسي مخصوص ڪندا آهن.

سامي شڪارپور ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ ڳالهائڻ واري ٻولي ۽ انهن مخصوص اچارن کي پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪري انهن علائقن وارن ماڻهن جو مان مٿي ڪيو آهي.

(1)سامي غ جي بدران گ ڪم آندو آهي.

مثال طور نغارو بدران نگارو، غيب بدران گيب، غريبي بدران گريبي، غوطا بدران گوتا وغيره.

(2)سامي خ بدران ڪ ڪم آندو آهي.

مثال طور، خط بدران ڪت، خيال بدران ڪيا، خودي بدران ڪدي وغيره.

(3)سامي ز بدران ج ڪم آندو آهي:

مثال طور سزا بدران سجا، مزا بدران مجا، رضا بدران رجا پرهيز بدران پرهج وغيره استعمال ڪيو آهي.

اهو چوڻ صحيح ڪونهي تہ سامي ٻولي کي خراب ڪيو آهي. سچ اهو آهي تہ هن ٻولي کي استعمال ڪندڙن جي ٻولي سمجهي اُن کي سنواريو آهي.

## لفظن جو اڪُٽ ذخيرو

سامي جي ڪلام ۾ لفظن جو اڪُٽ خزانو آهي. هن جي ڪلام ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت، هندي ۽ سنڌي لفظ ڪم آندل آهن.

**(1) عربي ۽ فارسي لفظ:**

درخت، صبر، شڪر، عشق، احمق، عروض، فراق، حيرت، عبرت، محب، عجب، هنگامو حضور، خاوند، محبوب، مئخانو دلبر، پروانو ديدار، وحدت، واصل، خام خاموسي، غوتا، نغارو رضا، عاجزي، خراب، مرغوب وغيره.

**(2) سنسڪرت لفظ:**

آتما، ايڪتا، پراڻ، پراڻي، پورب، پشچم، ورن، لوڪ، پرلوڪ، ڪايا، ڪنچن، نرگڻ، سرگڻ، انوپ، ڪنچر، مرگهه، ترشنا، نرادار، ڪيول وغيره شڪام پرماڻ وغيره.

**(3) هندي لفظ:**

ڏاهه، چنتا، گيان، اگيان، وديا، اوديا، اونگهه، کوج، سار، مَڌُر ڏيرج، نائي، مُرلي، پاجي، دهائي، جهل مِل، نپ، پار درس، درشن، ڪنت، کميا وغيره.

**(4) سنڌي لفظ:**

سنڌي لفظ سامي جي ٻولي جي سونهن آهن. اُهي اڳوڻي تهذيب جون سندر نشانيون آهن.

ٽوپي، سوٽي، ماڙي، ڪنو، ڪتولو ٻوڙو ڏيل، موڪرو جهيڙو سيج، ريجهاڻ، ريج، درياه، ويساهه، توڪل، سور، ساجهر، پاڙو لاڙو ڏاڙو واڙو ساڙو گهيڙ، روگ، موڳو سِڪ، ساراهه، لوئي، سرت، چاڻي، پورڙو ڏڳ، پڙلاءُ، واڳ، راڳ انهي جهڙا نايڪ لفظ سامي جي سلوڪن ۾ وجود آهي.

**(5) ٻٽا لفظ:**

سامي ڪي ٻٽا لفظ بہ گهڙيا آهن. سامي کان متاثر ٿي جديد سنڌي شاعري جي سرواڻ ڪشنچند بيوس بہ ٻٽا لفظ گهڙي پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيا. سامي جا ڪجهہ ٻٽا لفظ هي آهن: جل-ٿرو رام-ن، آتم-رنگ، موهہ-ممتا، رند-راءِ، گرب-گُماني، مايا-جل، وديا-هٽ، چاهہ-چڪي، پريم-رس، نرمل-راهہ، لالچ-لب، دک-درد، سُجهو-سڪٿو وغيره.

## عبارت کي سينگارڻ وارا طور طريقا

سامي پنهنجي عبارت کي دلچسپ بنائڻ لاءِ سينگار جا هي فني طور طريقا وڏي مهارت سان پيش ڪيا آهن.

### (1) اصطلاح:

سامي پنهنجي ڪلام ۾ نج سنڌي اصطلاح جوڙي پنهنجي سمجهه ۽ ڄاڻ جو ڏاڪو ڄمايو آهي ۽ پنهنجي شاعري جي سونهن کي اُجار ڪيو آهي. ڪجهه اصطلاح هيٺ درج ڪيا وڃن ٿا. رولو وڄهڻ، هئي هئي ڪرڻ، رنگ چڙهڻ، ڪوڙو دم هڻن، ڄُٽ ڪرڻ، ساک ڏيئڻ، وڇوڙو وڄهڻ، سار لهڻ، هٿ ڪٽڻ، منهن موڙڻ، گهاٽ گهڙن، ڳنڍ کولڻ، موج ماڻڻ، رَت رُئڻ، پُٺ ڏيئڻ، نيڻ ٺرن، اڻ گهڙيا گهاٽ لهڙڻ وغيره.

### استعارا:

سامي جا استعارا هن جي ٻولي جي مهارت ۽ مشاهدي جي قوت جي ساک ڀرين ٿا. ڪجهه استعارا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) مورک سو آهي، جو سچ سڃاڻي ڪينڪي،
(2) عاشق سي چئجن، سِڪ جنين کي سچ جي.
(3) آهي مهانگو، سامي سودو سچ جو.
(4) سِڪ ري صفائي، اچي ڪين اندر ۾.
(5) نڪري ڪيئن ڏهي ري، منجهون کير مکڻ.
(6) پريت بنان پريم ڪنهن پاتو ڪينڪي.
(7) سامي سو سچيار، جو ڪڍي ڪوڙ قلوب مون.
(8) ڀلو ڀلائي، برو برائي کي لهي.
(9) جنين هٺ هاريو تنين جيتيو جڳ کي.
(10) ورلو واپاري، سودو ڪري سچ جو.

### تشبيهون:

سامي جون تشبيهون هن جي مشاهدي ۽ تجربي جي ترجماني ڪن ٿيون. اُهي چٽيون ۽ دلچسپ آهن. اُهي سنڌ جي ڪليل فضا ۽ روايتن مان ڦٽي نڪتل آهن. سامي جون ڪجهه تشبيهون هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

(1) **”جيئن ٻيڙي ٻوڙ، تيئن لوڪ ڪٽنبين جا.“**

(2) **”محبتي مري، درشن ڪاڻ دوست جي،**
**جيئن مڇلي نير ڪون، پلڪ نہ رهي پري.“**

(3) **”جيئن نيڻن ۾ نور، تيئن ساڪي وسي سپ ۾.“**

(4) **”پاڻي منجهہ پنو، جيئن ڪلوٽو ڪنڊ جو.“**

(5) **”سامي سدائين، رهن پاڻي ۾ پيا،**
**جيئن هاٿي مڪنا، جهولن مڌ مستي ۾.“**

(6) **”ڪُتا ڪچن ڪينڪي، پتنگ جيئن پچن.“**

(7) **”سدا پرين جي لنوَ ۾، رهن ائين لين،**
**جيئن جل ڪون مين، پلڪ پرانهون نہ ٿئي.“**

(8) **”محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن،**
**پون پروانن جان، اڳيون عجيبن.“**

(9) **”عشق جاڳايو، سامي سمجهي جيءَ ڪي،**
**جيئن چقمق لوهہ ڪي، چٽ ري جلايو.“**

(10) **”جيئن وڄٽيءَ ۾ واءُ، تيئن ساڪي وسي سپ ۾.“**

## تجنيس حرفي:

سامي ٻين سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن وانگر پنهنجي ڪلام ۾ تجنيس حرفي جوواهہ جو استعمال ڪيو آهي. تجنيس حرفي سامي جي شاعري جي سونهن آهي. هي مثال پڙهي سامي جي فني خوبين جو مزو ماڻيو:

(1) **”دوست جو ديدار، ڪامل آهي ڪهڙو.“**

(2) **”مورک ڪوهہ مرين، رهين مايا موهہ ۾.“**

(3) **”جنين لنوَ لائي، سي سپ لال گلال ٿيا.“**

(4) **”نڪو آر نہ پار، سپيريان جي سڪ جو.“**

(5) **”عاشق اربيلا، ڪاڻ نہ ڪين ڪنهن جي.“**

(6) ”چڱا سي چئجي، چڱو جن جي چت ۾.“
(7) ”ڏاڍي ديوالي، مايا ڏائڻ ڏندري“

## ڪينئلداس ”فاني“ جي راءِ

سنڌ جي سريلي ۽ البيلي شاعر ڪينئلداس فاني پنهنجي مضمون ”سامي صاحب جي ٻولي ۽ شاعري“ جيڪو تاج جويي جي مرتب ڪيل ڪتاب ”سامي تي هڪ نظر“ ۾ ڇپيو آهي تنهن ۾ لکيو آهي تہ ”سامي پنهنجي عبارت کي رسيلو ۽ اثرائتو بنائڻ لاءِ ڪيئي نج سنڌي اصطلاح سلوڻي سنڌيءَ ۾ جهنجهي ڇڏيا آهن.“ سامي جون تشبيهون لاجواب آهن. هن جي تجنيس حرفي پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

## سامي جي ڪلام جي اهميت

اسان جي اديبن، شاعرن، نقادن ۽ عالمن بنان سوچڻ ۽ سمجهڻ جي سامي بابت گمراهہ ڪن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ڪي تہ سامي کي شاعر بہ تسليم نٿا ڪن. ڪي هن جي ٻولي تي اعتراض ٿا ڪن. ڪي هن جي خيالن سان متفق ناهن. ڪي هن جي شاعري جي چال ۽ رفتار کي ڍري سمجهن ٿا. ڪي وري هن جي ڪلام کي شاهہ ۽ سچل جي ڪلام سان ڀيٽي، اُن ۾ اوڻايون ظاهر ڪن ٿا. ڪي وري هن جي ڪلام کي سنڌ جي سماجي، تهذيبي ۽ ادبي روايتن کان وانجهيل سمجهن ٿا. هي سامي جو قصور ناهي. پر هي سنڌ جي تنگدل ڏاهن جي پنهنجي خامي آهي. سامي جو ڪلام روحانيت جي اوٽ ۾ لکيل آهي. جي انهن اوٽ کي پري هٽائي ڏسبو تہ پوءِ هر شيءِ سچ جيان صاف ۽ چٽي نظر ايندي.

سامي اڳتي ڏسڻ وارو (Anticipator) شاعر آهي. هن ايندڙ وقت کي محسوس ڪري شاعري ڪئي آهي. هن اڄوڪي وقت جي حالتن جي تصوير چٽي حيران ڪن ڪم ڪيو آهي. هو ڏسي ٿو تہ علم بنان هر هنڌ اونده آهي. ماڻهو سچ ۽ ڪوڙي وچ ۾ فرق نٿو ڪري سگهي. هو ڪوڙ ۽ فريب جي جار ۾ ڦاٿل آهي. ڪام (جنسي چاهہ) ڪروڌ (ڪاوڙ) موهہ (لڳاءُ)

لوڀ (لالچ) ۽ اهنڪار (غرور) اُنهن کي ماڻهن جي دائري مان ڌڪي مزاڪن پيا ۽ سچا رئندري زندگي سرڪن پيا. زندگي مقصد وڃائي ويٺي آهي. هر هنڌ ظلم ۽ ڏاڍائي جو راڄ آهي. هر طرف مارا ماري آهي، لاقانونيت آهي، دهشتگردي آهي، اغوا خوري آهي، جنسي ڏاڍايون آهن. علم جو وجود ناهي يا اُن جو استعمال غلط نموني ۾ ٿو ٿئي، ڪٿي بہ سلامتي ناهي، سڪون ناهي، هر پاسي ڦڏا، فساد، چوريون، ڌاڙا عام جام آهن. تعصب، پيد ياءُ، تفرڪيبازي ۽ مذهبي ڪٽرپڻي جي باهہ ٻري رهي آهي.

سامي مڃي ٿو تہ انهن براين ۽ ڏاڍاين جو هڪ ئي سبب آهي، اوديا (بي علمي، اڻڄاڻائي، جهالت). هن جو ايمان آهي، تہ وديا (علم) ئي انهن سيني براين جو خاتمو ڪري سگهي ٿي. علم اسان کي شعور ڏيندو بند اکيون کولي ڪائنات جي هر شيءِ کي اسان جي اڳيان ظاهر ڪندو. سچ ۽ ڪوڙ وچ ۾ فرق ٻُڌائيندو ۽ ذهن کي سگهارو بنائي اسان جي سوچ سمجهہ ۽ عمل کي صحيح راهہ تي آڻي انقلاب جون راهون روشن ڪندو.

سامي جا بي علمي (اوديا) ۽ علم (وديا) بابت لکيل سلوڪ انهن روحاني ۽ سماجي براين کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪندا ۽ اسان جي اڳيان سگهاري، پر امن ۽ خوشحال زندگي جو تصور پيش رکي هن گُم ٿيل جنت (Paradise Lost) مان ڇوٽڪارو ڏياري حاصل ڪيل جنت (Paradise regained) ڏانهن وٺي ويندو.

سامي چوي ٿو تہ اوديا (بي علمي) سيني بيمارين جي جڙ آهي. اوديا ڏندي ڏائڻ آهي.

**”سامي ڪيئن اڙين، تون اوديا جي ايمان ۾،**
**سُکي ڏٺو ڪو نہ ڪو، تنهن کي تپ چڙهي،**
**راتيون ڏينهن سڙي، سو بنان باهہ اندر ۾.“**

***_*_***

**”سارو جڳ نچي، اوديا جي اهنڪار ۾،**
**جيئن باندر بازيگر جي، هٿ ۾ نٽ نچي.“**

اهڙين حالتن ۾ ستگرو، مرشد يا استاد ئي ڪم اچي سگهي ٿو. هو علم جي ذريعي ٻي علمي کي هٽائي اندر کي ٺاري انساني صلاحيتن کي اجاگر ڪري، ڀلائي جي ڪمن ۾ لڳائي ڇڏي ٿو.

**"ڪيو جنهن سهي، گرمک گُر ويساهہ سان،**
**سنسو تنهن جو سير ۾، وڃڙو سڀ وهي،**
**باقي سا سروپ جي، سامي ليک رَهي،**
**آتم لال لهي، داخل ٿيا مهراڻ ۾."**

مرشد منجهيل من کي جاڳائي، منور ڪري ميدان عمل ۾ موٽائي آڻي ٿو ۽ سچي راهہ ڏيکاري ٿو.

سامي مڃي ٿو تہ ڪام، ڪروڌ، موهہ، لوڀ ۽ اهنڪار وڏيون روحاني ۽ سماجي برايون آهن اُنهن مان اهنڪار (وڏائي، غرور، تڪبر) وڏو طاقتور دشمن آهي، هن کي ذير ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. سامي جو اهو چوڻ سچ آهي.

**"جنين هٺ هارايو تنين جيتيو جڳ کي."**

اهنڪار يا هٺ کي هارائڻ لاءِ اديبن، شاعرن، نقادن ۽ دانشورن کي هڪ هنڌ گڏ ٿي، سوچي سمجهي ڪو منصوبو جوڙي، اُن تي عمل ڪرڻ لاءِ ميدان عمل ۾ اچڻو ضروري آهي. ڀِرين اُنهن کي "محبتي مشطاقن" جيان وايو منڊل کي موافق بنائڻو آهي:

**"محبتي مشتاق، لڪن ڇُپن ڪينڪي،**
**وسائي وينا پريم سان، اکن منجهہ اوطاق،**
**سدا سپيرين سان، پرچيا رهن پاڪ،**
**ٻانهڻ ٻولن واڪ، درد پريا ديدار جا."**

انهن کي اندر صاف ۽ پاڪ ڪري، پرچاءُ ڪرڻو آهي، جيئن تہ دليون دلين سان ملي سگهن.

ان ڪان پوءِ "دردوند" وانگر دلين جا ڏک مٽائڻ لاءِ ڪوشان رهڻو آهي:

**"دردوند داناءَ دويت نہ رکن دل ۾،**
**ڏنو جن عدالتي، سڄڻ سان ويساهہ،**
**هلن هٺ، سوڏي سندر راهہ،**
**سداليپ اڇاهہ، سامي رهن سپاءُ ۾."**

ائين ڪرڻ سان شڪ شبها دور ٿيندا. هٺ ۽ هيبت ڪان پري رهي سياءُ ۾ تبديلي آڻڻي هي.

آخر ۾ ”البيلن عاشقن“ جيان ميدان عمل ۾ ڪاهي، سختيون سهي جيت حاصل ڪرڻي آهي.

**”عاشق ڪيئن هٽن، سوري جان سنگرام ڪان،**
**اڪيون اکن ۾ رهي، سنمک چوٽ چٽي،**
**سامي ڪُٽ ڪُٽي، رمزن سان سُک سار جي.“**

رازن، رمزن ۽ موافق مُدمن سان طاقتور دُشمن کي زير ڪري سماج ۾ سهپ، محبت، برابري ۽ هم آهنگي کي قائم ڪري هن ڌرتي جي ٽڪڙي کي جنت بنائي سگهجي ٿو.

سامي جو ڪلام مفيد آهي ۽ اهم آهي. اُن ۾ سماج کي سُڌارڻ جون ڳالهيون ڪيون ويون آهن. سماج ۾ رائج برائين طرف اشارا ڪيل آهن ۽ انهن جي خاتمي لاءِ قابل عمل اُپاءُ بہ ٻڌايا ويا آهن. سامي کي سماج ۾ سُڌارا آڻڻ وارو شاعر نہ تسليم ڪرڻ اُنهن جي بي علمي آهي، بي عقلي آهي، اهنڪار آهي.

## مددي ڪتاب

(1) تنوير عباسي. تاج جويي جي مرتب ڪيل ڪتاب ”سامي تي هڪ نئين نظر“ ۾ ڇپيل مضمون ”سنڌي شاعري ۾ سامي جي اهميت.“

(2) ڪينئلداس ”فاني“. سامي تي هڪ نئين نظر ۾ شايع ٿيل مضمون ”سامي جي ٻولي ۽ شاعري.

(3) غلام محمد گرامي. سامي جو ڪلام. تہ ماهي مهراڻ 1964ع.

(4) محمد ابراهيم جويو. سامي تي هڪ نئين نظر ۾ شايع ٿيل مضمون تاريخ جو فرشتو سامي.

(5) محمد صديق ميمڻ. سنڌ جي ادبي تاريخ.

(6) تاجل بيوس. سامي سودو سچ جو.

(7) ڊاڪٽر ممتاز ڀنڀرو. سامي تي هڪ نئين نظر ۾ شايع ٿيل مضمون سامي.

(8) حامد علي خانائي. سامي تي هڪ نئين نظر ۾ شايع ٿيل مضمون سامي جا سلوڪ.

# خليفو گُل محمد گُل

(1855-1804ع)

## اديبن ۽ نقادن جا رايا

(1)”خليفو گل محمد پهريون شخيص آهي جنهن سنڌي ۾ الف ب وار حروفن جي لحاظ کان ”ديوان“ مڪمل ڪيو ۽ شايع ڪرايو.“

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“**

(2)”خليفو گل عروضي شاعري جو پهريون شاعر نہ آهي، پر پهريون صاحب ديوان شاعر ضرور آهي.“

**ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ”سنڌي ادب جو تنقيدي جائزو“**

(3)”قدما ۾ خليفو گل پنهنجي رمز ۾ يگانو هو. هن پنهنجي محنت سان نج سنڌي غزل جو مجسمو تيار ڪيو ۽ اُن ۾ ساهہ وڌو، مگر اُهو غزل اجان ٻارڙو هو ۽ جڙ لباس جي زيب و زينت کان محروم هو.“

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ”ڪُليات سانگي“**

## غزل جو پهريون سنڌي شاعر:

يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ خليفو گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي ٻولي ۾ غزل کي سرجي، سُڌاري ۽ سنواري اُن کي قابل قبول صنف، سُخن بنائي، سنڌي شاعري ۾ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

خليفو گل سنڌي ادب جو هڪ نئون اهل قلم ۽ سرجڻهار شاعر آهي. ”سنڌي غزل جو تجزيو“ جو ليکڪ شيخ عبدالرزاق راز جي راءِ مطابق ”گل اسان جي ٻولي ۾ غزل جو خالق آهي. جيئن تہ هو فارسي ٻولي جو عالم هو،

ڪيس غزل جي روايت ۽ روح جي چڱي طرح ڄاڻ هئي، تنهن هوندي بہ هن سنڌي غزل جي مزاج کي سنڌ جي حالتن مطابق بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“ خليفو گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي ٻولي ۾ غزل جو بنياد رکيو. گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ غزلن جو ديوان مرتب ڪيو گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن تغزل کي، جنهن کي غزل جي جان سمجهيو وڃي ٿو. ثانوي حيثيت ڏني ڇاڪاڻ تہ اهو سنڌي ماڻهن ۽ انهن جي روايتن سان ٺهڪندڙ نہ هو.گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن غزل ۾ فارسي روايتن جي بدران سنڌي روايتن کي رائج ڪيو .گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن غزل ۾ تصوف کي ملائي هڪ نئين هم آهنگي جو بنياد رکيو.گل پهريون سنڌي شاعر آهي.جنهن فطرت نگاري کي غزل جو خاص جُزو بنايو گل پهريون سنڌي شاعر آهي. جنهن فارسيت جي بدران سنڌيت، پرائپ بدران پنهنجايت جو بنياد رکيو. گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن غزل جي ٻولي ۾ نج سنڌي لفظ،محاوا ۽ تشبيهون ڪم آڻي اُن کي سنڌي شاعري جي هڪ ڪامياب صنف بڻايو . گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن اوپرن قدرن جي بدران خالص سنڌي قدرن جي ترجماني ڪري خوب داد حاصل ڪيو. گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن غزل جي موضوئن ۾ وسعت پيدا ڪري، سنڌ جي مسقبل جي شاعرن لاءِ هڪ پڪو ۽ پختو رستو گهڙيو. خليفي گل جي دور کي جديد سنڌي شاعري جي شروعات سڏجي تہ مناسب آهي

آخوند گل محمد گل سنڌي غزل جو پهريون سرجڻهار شاعر هو. هو هڪ صاف دل صوفي ۽ عاشقانا مزاج جو اڪمل انسان هو. هو هڪ وڏو بزرگ ۽ درويش صفت انسان هو هو هڪ وڏو عالم ۽ باڪمال شاعر هو. هو تصوف جو حقيقي پير وڪار ۽ عشق ۽ حسن جو سچو پرستار هو. هو هڪ متقي ۽ پيرهيزگار مومن هو. هو سيني جو ،خيرخواهہ، همدرد، يار وفادار، سچار ۽ ديندار انسان هو. هن جا پنهنجا ڪيترائي مريد هئا. هو پنهنجي علم کي فياضي سان ورهائيندو هو. ڪافي طالب علم هن کان درس حاصل ڪندا هئا ۽ هن کي اعليٰ اُستاد سمجهي ڪيس پائيندا هئا.

## جنم تعليم ۽ نوڪري:

آخوند گل محمد جو تعلق هالا پراڻا جي سانوڻي آخوندن سان هو. هو علم، فضيلت ۽ فڪر ۽ فهم جي ڪري قديم زماني کان وٺي ڏاڍو مشهور هو. سنڌن علم سان محبت جي ڪري هالا پراڻن ۾ سانوڻي آخوندن کي ”اُستاد گهر“ سڏيو ويندو هو. سيد حسام الدين جي لفظن ۾ ”هي گهراڻو پنهنجي دور ۾ ديني علم جو مرڪز رهيو آهي.“

آخوند گل محمد جي پيدائش سنہ 1806ع ۾ ٿي هن پنهنجي اباڻي مڪتب ۾ فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي. هن کي اردو ۽ هندي ٻولين جي چڱي ڄاڻ هئي. هو پڙهائيءَ ۾ ڏاڍو تيز هوندو هو.

آخوند گل محمد جا وڏا روهڙي واري پير پاڳاري جا خاص مريد ۽ خليفا هوندا هئا. آخوند گل محمد جي والد جي وفات کان پوءِ خلافت جي پڳ آخوند گل محمد کي ملي ۽ هو خليو گل محمد جي نالي سان مشهور ٿيو. خليفي گل محمد جي پير پاڳاري جي سڀني مريدن ۾ خاص عزت هوندي هئي. هو گهڻو وقت مريدن ۽ خادمن وٽ گُذاريندو هو ۽ باقائدگي سان پير پاڳاري جا فرض نيائيندي سيڪڙ حاصل ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. پير پاڳارو هن جي فرمانبرداري ۽ ايمانداري ڪري خليفي گل مان ڏاڍو خوش هوندو هو ۽ هن جا خادم ۽ مريد خليفي گل محمد کي چاهيندا هئا.

خليفي گل محمد جو گهڻو وقت هالا تعلقي جي ڪيبرن ڳوٺ ۾ گذرندو هو. اِتي هن کي مجازي عشق جي چوٽ لڳي.

**”اندر ۾ عشق جنهن جي جاءِ پنهنجي ٿو رهي جوڙي،**
**وس برسات جيئن دائم تنين جا نيڻ ٿيا آلا.“**

هن اوچتي عشق سندس زندگي بدلائي ڇڏي. سڄڻ جي ديدار جي سڪ ڪيس مجازي عاشق بنائي هر هنڌ مشهور ڪري ڇڏيو. هن جيدل ۾ رونق، رعنائي ۽ تازگي پيري، هن کي شاعري ڪرڻ تي آماده ڪيو. سڄڻ جي جُدائي ڪيس جهوري وڌو. هن جي زندگي جڻ برباد ٿي ويئي. غم سهندي، سورن سان لڙندي، هن جو روح مرندي مرندي وري زنده ٿي جاڳي اُٿيو. هن کي دُنيا بدليل بدليل ڏسڻ ۾ آئي هن جون اکيون کلي ويسون. سرستي هن

کي پنهنجي طرف مايل ڪيو. هن کي هر شيءِ ۾ عشق ۽ حسن جو جلوو ڏسڻ ۾ آيو. مٿيءَ جي خوشبوءِ هن کي سنڌ جو سپوت پُٽ بنائي ڇڏيو.

## شريعت جو شاعر

خليفو گل محمد شريعت جو ماهر هو ۽ طريقت ۽ معرفت کان خوب واقف هو. هو هڪ بلند اخلاق شخص هو. هو راڻو ملڻو همدرد ۽ سچار شخص هو. هو مريدن ۽ خادمن سان هر وقت ملندو رهندو هو. کيبرن جي ڳوٺ ۾ هن وٽ وڏا ميڙاڪا ٿيندا هئا. ڪي ڪي مريد هن وٽ سوال ڪٺي ايندا هُئا. هو انهن کي جواب ڏيئي. اُنهن کي خوش ڪندو هو. هو هارين، لوهارن، واڍن، درزين، ڪورين، مهاڻن، مير بحرن، شڪارين، صرافن وغيره سان ڪچهريون ڪندو هو. اُنهن جي ٻولي جي نج لفظن، ترڪيبن، محاورن ۽ تشبيهن وغيره کي ذهن ۾ سانڍي رکندو هو ۽ اُنهن مان معنيٰ جو موتي حاصل ڪري پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي محبت ۽ حقيقت جو درس ڏيندو هو. اُنهن کي پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آڻي، ترقي جون راهون طئي ڪندو هو. هن نج سنڌي لفظ، محاورا ۽ تشبيهون ڳولي پنهنجي ڪلام کي خوب مقبول بنايو.

کيبرن جي ڳوٺ ۾ ادبي ميڙاڪا بہ ٿيندا هوندا. آسي پاسي جا مقامي شاعر ۽ لوڪ شاعر اُنهن ميڙاڪن ۾ حصو وٺندا هوندا. خليفي گل جو دوست ۽ عزيز آخوند محمد قاسم (1812_1889ع) ۽ ٻيا انهن ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿي ادبي محفلون مچائيندا هوندا. خليفو گل اهڙي ميڙاڪن ۾ حصو وٺي هڪ سٺو تبصري نگار بڻجي ويو هوندو. هن جو دوست ۽ عزيز آخوند قاسم شروع شروع ۾ فارسي ۾ شاعري ڪندو هو. خليفي گل هن کي صلاح ڏني تہ هو سنڌي ۾ شاعري ڪري. آخوند قاسم هن جي صلاح تي غور نہ ڪيو پر پوءِ سيد محمد فاضل شاهہ جي چوڻ تي سنڌي ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي.

خليفو گل ۽ آخوند قاسم ڪڏهن ڪڏهن گڏ ٿي شاعري ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جي ڪلام جي واکاڻ ڪندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري هڪ ٻئي تي تنقيد بہ ڪندا هئا. آخوند قاسم غزل سان گڏ

ٻين صنفن جهڙوڪ ڪافي، مولود، قصيدا، قطعا، مثنوبون وغيره لکيون. خليفي گل جا صرف 175 غزل ۽ هڪ قطعو موجود آهي. خليفي گل پنهنجي دوست ۽ عزيز آخوند قاسم جيان ڪي ڪافيون بہ لکيون هونديون، ڪي مولود بہ لکيا هوندا، ڪي قطعا بہ لکيا هوندا، ڪي قصيدا بہ لکيا هوندا ۽ ڪي مثنوبون بہ لکيون هونديون، پر اُنهن جو ڪٿي بہ ذڪر موجود ناهي.

## ديوان گل جو سرجڻ:

خليفو گل ستيتاليهن ورهين جي عمر ۾ حج ڪرڻ ويو. حج تي ويندي ڪجهہ وقت بمبئي ۾ ترسي پيو ۽ پنهنجو ڪلام ليٿو ۾ ڇپرايو ۽ اُنهن جون ڪاپيون سنڌ ڏي روانيون ڪيون. بمبئي مان جيئن عربستان پهتو تيئن مڪه معظمه ۾ عيسوي سن 1855ع ۾ انتقال ڪري ويو. خليفو گل محمد هڪ وڏو شاعر ۽ قابل قدر شخص هو. هن سنڌي شاعري ۾ ڪيترائي اضافا ڪيا. انهيءَ ڪري موزون ڪلام چوندڙ شاعرن ۾ هن جو درجو بلند ۽ بالا آهي.

خليفي گل محمد ”گل“ جي هڪ ئي تصنيف ڇپيل آهي، جنهن کي ”ديوان- گل“ چيو وڃي ٿو. ديوان گل ۾ 175 غزل ۽ ڪجهہ قطعا آهن. ديوان گل جي اصلوڪي ڪاپي بمبئي ۾ ليٿو ۾ ڇپي هئي. اُها اصلوڪي ڪاپي ڪٿي بہ نٿي ملي.

ديوان گل جا هيٺيان ڇاپا ڇپيل آهن.

(1) 1915ع ۾ هريسنگهہ ڪتب فروض طرفان ليٿو ۾ ڇپايل ڇاپو.

(2) 1919ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي طرفان ڇپايل ديوان گل جو ڇاپو.

(3) مرزا قليچ بيگ طرفان شايع ڪرايل ڇاپو.

(4) ۽ مسلم ادبي سوسائٽي طرفان ڇپايل ديوان گل جو ڇاپو.

خليفي گل محمد گل ڪافي ڪجهہ لکيو هوندو. سنڌ جي دانشورن، نقادن ۽ محققن کي گهرجي تہ هو جاکوڙ ڪري خليفي گل جو سمورو ڪلام هٿ ڪن ۽ هڪ مڪمل ۽ مستند ڇاپو ڇپرائي پڌرو ڪن جيئن تہ سنڌي شاعري ۾ ڪا واڌ اچي ۽ خليفي گل جي سنڌي شاعري ۾ اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي.

## هن غزل کي سنڌي ۾ رائج ڪيو:

خليفو گل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌيءَ ٻولي ۾ غزل جي صنف کي سرجي، سُڌاري ۽ سنواري مستقبل جي سنڌي غزل گو شاعرن جي لاءِ هڪ انمول ادبي تحفو پيش ڪيو آهي. خليفو گل سنڌي غزل جو موجد آهي. گل ئي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن سنڌي غزلن جو مڪمل ديوان جوڙي، اُن کي ڇپائي اهل وطن ۽ اهل قلم جي اڳيان پيش ڪيو.

خليفو گل فارسي ۽ عربي ٻولين جو ماهر هو. هن جي وقت ۾ عروضي شاعري جي لکڻ جي باري ۾ ڪجهه ثبوت ملي رهيا آهن. سنڌي شاعر عروضي شاعري جي مختلف صنفن جهڙوڪ غزل، مرثيو، مثنوي، رباعي، قصيدي ۽ مسدس وغيره ۾ خوب لکي رهيا هئا. خليفو گل هڪ عاشق مزاح انسان هو. حسن جو سچو پيروڪار هو.انهيءَ ڪري غزل هن جو ڌيان ڇڪايو. هن غزل جي لوازمن تي غور ويچار ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ۾ غزل لکڻ شروع ڪيا شروع شروع ۾ هن فارسي اصولن، روايتن ۽ ترڪيبن مطابق سنڌي ٻولي ۾غزل لکيا جيڪي مقبول عام بڻجي نہ سگهيا.

انهي وقت فارسي صنفن ڪانسواءِ سنڌي صنفون جهڙوڪ ڪافي، مولود، مدح وغيره زور شور سان رائج هيون. سنڌ جا ڳوڻاٽا شاعر انهن ديسي صنفن ۾شاعري ڪري، شاعري جي معيار کي وڏي اوج تي آڻي چڪا هئا. خليفي گل ديسي صنفن کي نظر ۾ رکيو. هن غزل کي عام ماڻهن ۾ مقبول بنائڻ لاءِ ڪيئي نيون تبديليون آنديون هن غزل کي سنڌ جي حالتن ۽ روايتن ۽ سنڌي ماڻهن جي مزاج مطابق لکڻ شروع ڪيو. نج سنڌي لفظ، نج سنڌي قافيا، سنڌي ترڪيبون سنڌي محاورا، سنڌي استعارا، سنڌي مثال ۽ سنڌي تشبيهون ڪم آڻي غزل کي هڪ مقبول ۽ دلفريب صنف بنائي ورتو. هن غزل جي موضوئن ۾ فراواني آڻي، غزل کي وڏي وسعت بخشي. هن غزل ۾ انساني قدرن جهڙوڪ سونهن، محبت ۽ صداقت کي کولي نروار ڪيو. هن سنڌ جي پنهنجن خصوصي قدرن جهڙوڪ حب الوطني، پيار، پورهئي، انسان دوستي، همدردي ۽ هڪ ٻئي سان همراهي کي غزل ۾ شامل ڪري نہ صرف غزل ۾ رعنائي، تازگي ۽ دلچسپي پيري پر غزل کي بہ مقبول عام بنايو.

خليفي گل سنڌ جي تاريخي، ثقافتي، معاشي ۽ معاشرتي حالتن کي غزل جو جُزو بنائي وڏو داد حاصل ڪيو هو. غزل جي اندروني پهلوئن کي خارجي رازن ۽ رمزن سان هم آهنگ ڪري غزل جي صنف کي مقبول بنايو.

آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ ۾ تصوف جو چرچو رهيو آهي. سنڌ جي اهل قلم دانشورن ۽ ڪلاسيڪي شاعرن پنهنجين تاريخي ثقافتي ۽ رومانوي ڪهاڻين جي ذريعي تصوف جو اظهار ڪري سنڌين تي هڪ نفسياتي اثر وڌو ۽ اُنهن جي سوچڻ، سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي صلاحيتن کي هڪ الڳ رنگ ۾ رڱي اُنهن جي مزاج جو لافاني حصو بنائي ڇڏيو. سنڌين جو مزاج تصوف جي روايتن ۽ ثقافتي ۽ رومانوي تحريڪن جي اڻمٽ بنڌڻ ۾ ٻڌل هڪ پر اثر احساس آهي، عمل آهي ۽ هڪ آزاد اثر انگيز حڪمت عملي آهي. سنڌ جي ڌرتي تي ڪيئي تبديليون آيون، ڪيئي انقلاب برپا ٿيا ۽ ڪيئي تحريڪون نمودار ٿيون پر سنڌ واسين جي مزاج ۾ ڪڏهن بہ ڦيرو نہ آيو. اُنهن جو مزاج جيئن جو تيئن، قائم ۽ دائم آهي.

## فارسي ٻولي جو ماهر:

خليفو گل فارسي ٻولي جو وڏو ماهر هو. هو غزل جي مزاج ۽ روايتن کان چڱي طرح واقف هو. تنهن هوندي بہ هن سنڌي غزل کي سنڌ جي حالتن ۽ سنڌ جي ماڻهن جي مزاج مطابق تبديل ڪرڻ جي شروعات ڪئي ۽ اُنهي ۾ هو ڪامياب ٿيو. هن غزل ۾ نوان نوان موضوع شامل ڪري اُن کي وسعت بخشي هن فارسي غزل کي سنڌي ويس پارائي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

شيخ اياز جي خيال ۾ "عروضي شاعري جي خالق خليفي گل محمد غزل مان تغزل کي اوپرو سمجهي ڇڏي ڏنو هو ڇاڪاڻ تہ اُهو سنڌي شاعري سان ٺهڪندڙ نہ هو." خليفي گل تغزل کي ڇڏي نہ ڏنو هو پر تغزل کي ثانوي حيثيت طور استعمال ڪيو. گل غزل ۾ نوان نوان موضوع پيري اُن کي دلچسپ ۽ دلپسند بنايو. هن سنڌ جي ريتن، رسمن ۽ روايتن ۽ سنڌي ماڻهن جي مزاج، جيڪو اُنهن جي خمير مان ڦٽي نڪتو آهي، مطابق غزل لکي هڪ انقلابي قدم کنيو. هن فارسيت بدران اصليت جي راهہ اختيار ڪئي. هن فارسي ٻولي جي بدران سنڌي ٻولي کي استعمال ڪيو. هن نج سنڌي

لفظ، قافيا، ترڪيبون، محاورا، استعارا تشبيهون وغيره استعمال ڪري غزل کي سنڌي صنف سُخن بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن غزل ۾ نوان نوان موضوع ڪم آڻي غزل جي دامن کي ڪشاده بنايو ۽ سنڌي شاعر نيئن صنف ۾ واڌارو آڻي ان جون راهون روشن ڪيون.

غزل هڪ چت چور حسينا جيان آهي. غزل شاعر جي اندر جو آواز آهي، هن جي روح جي صدا آهي. غزل شاعر جي پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني آهي. غزل شاعر جي داخلي ڪيفيتن جو اُپٽار ڪندو آهي. غزل هن جي پورن ۽ سورن جي آتم ڪهاڻي هوندي آهي. گل هڪ دُنيادار شخص هو. هو معاشي، معاشرتي، اخلاقي، ثقافتي ۽ سياسي قدرن جو ڄاڻو هو. انهي ڪري هن غزل جي داخلي انداز کي صرف داخليت تائين محدود نہ رکيو. هن خارجي پهلوئن کي غزل ۾ شامل ڪري، غزل کي جڳ جي ڪهاڻي بہ بنايو. هن غزل جي دالي رازن ۽ رمزن کي خارجي پهلوئن سان ملائي غزل کي مڪمل صنف بنايو آهي. انهيءَ ڪري گل جي غزل ۾ سونهن آهي، سچائي آهي، سهامڻو سوز آهي ۽ منو منو گذار بہ نظر اچي ٿو.

خليفو گل سچو عاشق ۽ حسن جو سچو پوڄاري هو. هن عشق کي پنهنجي ڪلام ۾ فيلصوفانہ رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هن جي نظر ۾ سچو عشق پهرين سختيون ڏيئي ماري ٿو ۽ پوءِ نئين سر جياري هميشہ جي لاءِ سر خرو بنائي ٿو. گل جي ڪلام ۾ عشق جو نئون ۽ نرالو وجود روان دوان آهي. عشق جي تپش پهرين سيني کي ساڙي ٿي. محبوب جي سڪ انهيءَ ۾ باهہ جي چڻنگ لڳائي ٿي ۽ دلبر جي ديدار جي تڙپ اُن باهہ کي تبر ڪري، هن کي خاڪستر بنائي ڇڏي ٿي سچا عاشق مري مات نہ ٿيندا آهن. اُهي نئين زندگي حاصل ڪري لافاني بڻجي ويندا آهن. گل هن شعر ۾ عشق جي تپش جو خوب ذڪر ڪيو آهي.

”دل تي پچي پرت ۾ تو لئہ پرين پيارا،
آءُ ڪين اگهڻ منهنجي، محبوب جيءَ جيارا.“

خليفي گل غزل ۾ ڪيترائي نوان موضوع ڪم آندا جيڪي عام طرح غزل سان واسطو رکندڙ نہ هوندا آهن. گل توحيد کي غزل جو موضوع بنائي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هن غزل جي ٻن سٽن ۾ باريڪبيني ۽ ڪمال ڪاريگري سان توحيد جي نظريئي کي کولي ظاهر ڪيو آهي.

**”خاڪ منجهہ فڪرات هجڃي ويئي ماٺ ٿي تنهن کي نصيب،**
**واءُ منجهہ وڏڪار ٻولي تونهين تون، تونهين تون، تونهين تون.“**

گل رسالت جي اقرار کي غزل ۾ اشارن ۽ ڪنايعي جي رستي بيان ڪري غزل کي دلچسپ بنايو آهي.

**”آهہ هادي تنهن سندو همراهہ جنهن مڃيو محمد رسول اللہ،**
**آهہ سو شاهہ شاهہ شهنشاهہ جنهن مڃيو محمد رسول اللہ.“**

خليفي گل جي دور ۾ فرنگين سنڌ ۾ پير پاتو ۽ سنڌ جي سياست ۾ وڏي اُٿل پٿل آئي. سنڌي معاشري ۾ وڏيون تبديليون آيون. انهن ٻاهرين سوداگرن اچي سنڌ ۾ ڪوڙ ۽ ڪچ جو سودو ڪيو.سنڌين جي زرخيز زمين اُپت وڃائي ويٺي.

**”اچي سوداگر راتو ڏيهان ملهہ وٺن وڪٽي خراب،**
**ڪوڙ دُنيا جا ڪٽي اي دل ڪيئي آيا ويا؟“**

گل ڪلي طرح چئي ڏنو:

**”دنيا جي عيش عشرت کي پري هڻ تون ڪٽي پيالا.“**

گُل سنڀالي سنڀالي معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کي غزل جا موضوع بنائي غزل جي عام ماڻهن جي قريب ۽ زندگيءَ جي ويجهو آندو.

غزل ۾ فطرت نگاري جي حيثيت ثانوي هوندي آهي، پر خليفو گل اُن کي غزل جو خاص جُزو بنايو آهي. گل سمجهي ٿو تہ قدرت ۽ اُن جا نظارا رب جا آئينا آهن جن ۾ الله تعاليٰ جي ذات جرڪندي، ٻهڪندي ۽ڳجها اشارا ڪندي نظر اچي ٿي. گل فطرت نگاري جو وڏو شاعر آهي. هو فطرت جي روح پرور نظارن کي اکيون کولي ڏسي ٿو، روح کي ريجهائي ٿو ۽ سَوَن اسرارن کي کولڻ جو جتن ڪري ٿو.

خليفو گل ڀاڻي، واءُ، سڪل نوٽ زمين جي ڪُک مان اُن، گاهہ، گلزاريون، سرهاڻيون ظاهر ڪري ٿو جيڪي ڌرتي کي خوشحالي جي سر زمين بنائي ڇڏينديون.

**”هڪ طرف گجيون ۽ گوڙون، ٻئي طرف کوٽيون ڪنوَن،**
**مينهن ٽا ٽا ڪيو ٽمن، باهيون ٻرن چوڌس هزار.“**

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ خليفي گل کي ”جهونو عوامي شاعر“ سمجهي ٿو. اِهو صحيح ڪو نہ آهي. گل جي شاعري عوامي رنگ ۾ رتل ضرور آهي. گل ڳوناٽي ٻولي جا لفظ، قافيا، محاورا، تشبيهون وغيره استعمال ڪري غزل ۾ عوامي رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي ۽ ڪامياب بہ ويو آهي. هن محنت ڪش جي ڏنڌن ۾ ڪم ايندڙ خاص خاص لفظن کي ڪاريگري سان استعمال ڪري واهہ جي رونق رچائي آهي، ڳئون ۽ گابي جي مثال ڏيئي هن هجر جي ماريل ماڻهن جي دل ڏکوئيندڙ نقشو چٽي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

”ديد تنهنجي لاءِ دلبر دل ڦاٽيو دانهون ڪري،
جئن گابو ڳئون لاءِ ڦر ڪري ٿو راڙ رنڀ.“

سپ ۽ موتي جو مثال ڏيئي گل ڪهڙو نہ انوکو درس ڏنو آهي.

”درد منجهہ دل دوست تئن درس ٿئي،
جئن ڦڙو موتي ٿئي منجهہ پيٽ سپ.“

گل سپاهين جي اعليٰ بازين ۽ ڏکوئيندڙ ڪارنامن جو نج سنڌي قافين ذريعي ذڪر ڪري عوامي رنگ جي پلٽ پلٽان ڪري ڇڏي آهي.

”باهہ جي بازي بنايو روح سان ٿا راند ڪن،
جئن جئن سڙن تئن تئن لڙن ڪيڀيو اندر مان ٻهر ڪوٽ.“

خليفي گل جي عبارت ۽ ٻولي سادي، سوادي ۽ عام فهم آهي. هن غزل ۾ سادي فارسي ٻوليءَ جو بہ استعمال ڪيو آهي.

”اُن جون اکيون حوض ڪوثر، آب زم زم آب خضر،
رت رحيق، روح راحت جان جو ٿيو جئن گل آب.“

گهڻو ڪري هن جي ٻولي ۾ سادن فارسي لفظن جي بدران سادا ۽ سلوڻا ڳوناٽا سنڌي لفظ آندا آهن.

”مليو محبوب متوالو ويو ڏک ڏرت هڪ نالو،
پڳي دلدار دل ريهي ويا ڏکڙا، وريا سُکڙا.“

هن جي غزلن ۾ ڪم آندل محاورا ۽ تشبيهون نج سنڌي آهن، هن جي غزلن جو مزاج عام طرح مقامي نظر اچي ٿو جيڪو پڙهندڙ کي لطافت بخشي ٿو.

ايامن کان وٺي سنڌ جي سر زمين تصوف جي نظريئي ۽ ان جي اظاهر لاءِ موزون ۽ مددگار رهندي آئي آهي. جهونن سنڌي دانشورن ۽ ڪلاسيڪي شاعرن اُنهي کي استعمال ڪري سنڌ جي ماڻهن ۽ انهن جي مزاج کي گهڙي، انهيءَ کي سنڌ جي سڃاڻپ بنائي وڏو ڪم ڪيو آهي.

## شاعري ۾ تصوف:

خليفي گل پنهنجي شاعري ۾ تصوف ۽ عشق کي ملائي غزل کي سنڌي ماڻهن جي مزاج جي قريب آڻي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. گل جي غزليہ شاعري جا موضوع عارفانہ ۽ صوفيانہ آهن جن ۾ روحانيت ۽ اخلاقيات جا نڪتا هر هنڌ پکڙيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن جي شاعري ۾ الله جي عظمت، رسول جي عالمگير اهميت، ديني، دنيوي، معاشي، معاشرتي قدرن جي اپٽار هر هنڌ نظر اچي ٿي.

خليفي گل پنهنجن غزلن ۾ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي آهي.

**”ڪڏي ڇڏ ٻول سو دل کان آهي هت هت هو الحق حق،**
**هو الله احد جو دل سان آهي هت هت هو الحق حق.“**

گل نبي ڪريم جي محبت جو عقيدتمندانہ اظهار خوب ڪيو آهي.

**”ٿي سڪي ساري سدا دل منهنجي تو لئہ سيدا،**
**ڏک ۾ راتيون ڏينهن سڄا دل منهنجي تو لئہ سيدا.“**

گل جي ڪلام ۾ حضرت نبي سڳوري صلي الله عليه و آله وسلم ۽ چئن يارن سڳورن جي ساراهہ بہ خوب ڪيل آهي. حضرت نبي سڳوري جي ساراهہ هن ريت ڪئي ويئي آهي.

**”ٿي نہ هرگز ڪنهن طرح گمراهہ**
**جنهن مڃيو محمد رسول الله.“**

ڪن هنڌن تي گل مرشد جي ساراهہ بہ ڪئي آهي، پر حاڪمن ۽ اميرن جي ساراهہ سندس ڪلام ۾ ڪونهي.

پاڻ سچائن جيڪو الله کي سچاڻڻ جو پهريون ڏاڪو آهي. جي نظريي واري اصول جو اظاهر گل انهيءَ طرح ڪري ٿو:

**”باغ بيرنگيءَ جو ٻوٽو تون وجودي واهه گُل،**
**واس تنهنجي واسيو گل عرش، ڪرسي پوڻ اپ.“**

گل چڱي هلت چلت ۽ ڪار وهنوار جو ڪو پرچار ڪندي چوي ٿو:

**”رک سنگت محبت نسون سان، ٿيءَ م ڏنگن سان ڏنگو،**
**ڪوڙ تي شاهد ٿيءَ ڪڻ ڏي مٿي سچ سنڌ ساک.“**

گل ادب، احترام ۽ چڱي فضيلت سان هلڻ لاءِ ائين چوي ٿو:

**”تون مٿي هل ادب سين پير پري،**
**دل سندي ڏيان سان م ڪر ڏڙ ڏڙ.“**

گل حق هلال کائڻ لاءِ تلقين ڪندي چوي ٿو:

**”ڪلي کاءُ رهندو رزق رب جو روڳ،**
**آ رهندو انڌا ڪيم وجهه پيٽ روڳ.“**

گل اسان کي سُک ۽ سڪون سان زندگي گذارڻ لاءِ ڪيترائي روحاني ۽ اخلاقي مشورا ڏنا آهن جيڪي هر زماني ۾ مفيد ۽ ڪار آمد رهڻا آهن.

## حسن ۽ عشق جو سچو پيروڪار:

خليفو گل هڪ پاڪدامن عاشق ۽ حسن جو سچو پيروڪار هو. گل ڪيبرن جي ڳوٺ ۾ گهڻو وقت گذاريو. اُتي ئي ڪيس مزاجي عشق جي چوٽ لڳي. گل جي غزل جو هي شعر انهي محبوبا جي حسن جي تعريف ۾ لکيل نظر اچي پيو.

**”خوب خلقي تنهنجي صورت پاڪ خوش خاصي خُدا،**
**منهن ملاحت، سونهن سلابت سڀ ڪنان سهڻي سدا.“**

انهي محبوبا جي حسن کي گل انهن لفظن ۾ ساراهيو آهي.

**”ڏسڻ سان تنهنجي اي باغ حسن مون کي سريا ٿي گُل،**
**تنهنجو مُک گل، زلف سنبل منهنجي دل جئن گل لالا.“**

انهن عشق ڏسڻ وارين اکين ۾ دنياداري جو نقشو ڇنڇجي ويو.هن کي ڳوناڱن جي محبت، محنت ۽ خوشحالي جي خيال وري هڪ نئين زندگي بخشي ڇڏي. هن جي اکين اڳيان ڌرتي تي جنت جو نظارو جهل مل ڪري جرڪڻ لڳو.

**”پنهون پٽ ۾ ٻور ٻٽ ۾، روح ۾ روجهون هرڻ“**

انهي سهڻي صورت واري محبوبا گل کي سوبن سرور ڏنا، سوبن پور ڏنا. انهي جي وڇوڙي هن کي ساڙي فنا ڪري ڇڏيو. گل انهيءَ فنا واري ڪيفيت مان نقا حاصل ڪري هڪ وفادار، خوددار ۽ سرجٿهار شاعر جو روپ ڌاري ماڻهن جي سامهون نمودار ٿيو.

**”تات تنهنجي ۾ ڪئي گل ترڪ سيڪا تانگهه تات،**

**تون ئي منهنجو شهنشاهه آئون تنهنجو پينو گدا.“**

انهي پاڪ، ڳنڀير ۽ دلپذير عشق گل کي اصلي عشق جو ديدار ڪرايو. هن جي روح کي عشق سان پري ڇڏيو ۽ انهي اصلي ۽ ازلي عشق هن کي سچو عاشق بنائي ڇڏيو. ازلي عشق هن جون تمنائون پوريون ڪري هن کي گد گد ڪري ڇڏيو.

خليفي گل جي عاشقانه شاعري پاڪ آهي، پر خلوص آهي ۽ اُها تعصب ۽ تنگ نظري کان آجي آهي. عشق گل کي قيد ڪري ويهاري نڻو. هو انهيءَ کي تنگ نظري کان بچائي ٿو، بي خبري کان خبردار ڪري ٿو ۽ هڪ دلبر جي بدران هن کي نيڪ روپ ڏيکاري، هن جي منزل کي مٿاهون بنائي ٿو.

## غزل ۾ فطرت نگاري جو استعمال:

غزل ۾ فطرت نگاري جو استعمال گهڻو نه ڪيو ويندو آهي. خليفي گل فطرت نگاري کي بنيادي حيثيت ڏيئي غزل جو اهم جزو بنائي ڇڏيو آهي. ڪائنات جون هي شيون جهڙوڪ وڄ، گجگوڙ هوا، برسات، نديون، پلر جي پالوٽ، ڍنڍون، ڍورا، پٽ، ساوڪ، سُرهاڻ وغيره روح کي خوبصورتي، تازگي، رعنائي ۽ راحت آڇن ٿيون.

خليفي گل پنهنجي فطرتنگاري کي ڪمال فنڪاري سان چٽي سونهن کي وڌيڪ سونهن بخشي پنهنجي غزل جو زوردار ۽ دلچسپ حصو بنائي ٿو. گل فطرتنگاري ذريعي ڪيئي وڻندڙ تصويرون چٽيون آهن جي دلچسپ آهن، جاذب نظر آهن ۽ جيڪي هردم اکين کي اشارن سان وندرائيندڙيون رهنديون آهن. گل ساوڻ جي نظارن، برساتين، ڪنوٽين ۽ گجگوڙن جي باريڪبيني سان عڪاسي ڪري هر هنڌ سرور پکيڙي ڇڏيو آهي.

**"آتي رت ساوڻ سندي، مينهن وسي ڪئڙا ملار،**

**ڏٺ وسايو پٽ وسايو، سرها ٿيا سانگي سنگهار."**

هر طرف پاڻي جي پلٽ آهي. هاري ٻنيون ڪيڙي خوش نظر اچي رهيا آهن. هر سو ساوڪ ۽ ساوڪ آهي.

**"هڪ طرف گجيون ۽ گوڙيون، ٻئي طرف ڪنوٽيون ڪنون،**

**مينهن ٿا ٿا ڪيو ٿمن باهيون ٻرن چوڏس هزار."**

گل ڪمال ڪاريگريءَ سان فطرت جا رسيلا ۽ رنگيلا چِٽ چٽي، جذبن کي بيدار ڪري ڇڏيو آهي. سانگيئڙا ميدانن ۾ مچ ٻاري نچي ٽپي رهيا آهن. ماڻهو نينهن نظارا ۽ فطرت جڻ هڪ ٿي رس، رنگ ۽ راحت جو خوب لقاءُ ڏيکاري، سرور ۽ خوشيون ورهائي رهيا آهن. اُهي فطرتي نظارا گل جي غزل کي خوب سينگارن ۽ سنوارن ٿا. اهڙن نظارن جو اهڙو اظاهر ڪرڻ آسان ناهي. گل پنهنجي منڙن منڙن ٻولن کي ڪم آڻي واهه جا نظارا پيش ڪيا آهن.

**"خوش ٿيون سرهيون سنگهاريون پٽ ڦرن سينگار ڪيو،**

**لويون لاڪيون، لال سرتي ڳچي پويو پايو هار."**

برساتين زمين تي موج مچائي نه صرف سنگهارن ۽ سنگهارين کي خوشيون ڏنيون آهن، پر زندگي کي قدرت جي قريب آڻي سرشتي جي سموري سونهن کي کولي نروار ڪيو آهي.

## خليفو گل ڪلام جون خوبيون:

خليفو گل با ڪمال انسان ۽ بيمثال سنڌي شاعر آهي هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيتريون خوبيون ڀري، سنڌي شاعري کي مالا مال ڪيو آهي.

## شاعري جون خوبيون

(1) خليفي گل جي شاعري جي پهرين خوبي آهي تصوف ۽ سنڌ جي حالتن ۽ سنڌي ماڻهن جي مزاج جو عمدو ۽ عاليشان امتزاج. سنڌ جي سرزمين ايامن کان وٺي تصوف جي نظريئي لاءِ زرخيز رهي آهي. قديم صوفي شاعرن تصوف جي نظريئي کي ڪمال ڪاريگري سان پيش ڪري اخلاقي شاعري کي اوچي پائي تي پهچايو آهي. گل پنهنجي غزل ۾ تصوف ۽ سنڌي مزاج کي ملائي اعليٰ اخلاقي نڪتا بيان ڪيا آهن ۽ روحانيت جا راز قدم قدم تي پڌرا ڪري زندگي ۾ آنند، اتساهه ۽ پاڪيزگي پيري ڇڏي آهي. گل جو هي اخلاقي شعر پڙهو ۽ لطف حاصل ڪريو.

**”جنهن جي سخن ۾ ناهه سچ، واعده ڪري جي قول گچ،**

**قولڻ وفا ڪوڙن ڪنان آهي عبث آهي عبث.“**

سچ پچ هي هڪ نصيحت جو لاڪٽيو نڪتو آهي.

(2) خليفي گل جي شاعري جي ٻي خوبي آهي غزل ۾ موضوئن جي گهٽائي غزل جو موضوع محدود آهي. گل غزل جي موضوئن ۾ وسعت آڻي غزل کي عشق جي شاعري سان گڏوگڏ زندگي جي ترجماني ڪندڙ شاعري جي صورت بہ عطا ڪئي آهي. هن عشق سان گڏوگڏ اخلاقي پهلو، فطرت نگاري، سياسي معاشي ۽ معاشرتي حالات ۽ عوامي رنگ شامل ڪري، غزل جي موضوعن ۾ ڪشادگي آڻي اُن کي اظهار جو اعليٰ ذريعو بنائي ڇڏيو آهي. هن تصوف، اخلاقيات، منظرنگاري، معاشي ۽ معاشرتي ۽ روزمره جي ڪمن ڪارين کي غزل جو موضوع بنائي، اُن ۾ وسعت اڻي غزل کي زندگي جي ترجماني ڪندڙ صنف سخن جو درجو ڏياريو آهي.

(3) خليفي گل جي شاعري جي ٽئين خوبي آهي، عوامي رنگ کي شامل ڪري، غزل کي دلچسپ ۽ دلفريب بنائڻ گل غزل کي سنڌي مزاج مطابق لکڻ لاءِ عام فهم لفظ ڪم آندا. سادا ۽ سلوڻا قافيا استعمال ڪيا. سنڌي مثال، سنڌي ترڪيبون، سنڌي محاورا ۽ سنڌي تشبيهون استعارا استعمال ڪري، غزل کي سنڌي ماڻهن ۾ مقبول بنايو. گل ايراني ماحول جي نہ پر نيٺ سنڌي ماحول جي ترجماني ڪئي آهي. گل پنهنجي غزل ۾ سنڌ ۾

پيدا ٿيندڙ شين، ڏنڌن، وهوارن، پوک جي طور طريقن جو چٽائي ۽ ڪمال باريڪبيني سان ذڪر ڪيو آهي. ڪتي ۽ چيٽ جي پوکن جو ذڪر انهيءَ نموني سان ڪيو آهي.

**”اپاڙي چاڙهه عاشق عشق جو ايٽ،**

**ڪتي پوکي وڏائي ڪر مٿس چيٽ.“**

عام ماڻهن جي عام شين جهڙوڪ نير ۽ ڪپڙي جي رنگن جي تشبيهه ڏيندي کهڙو نه حڪمت ڀريو نڪتو پيش ڪيو آهي. جهڙي نموني جهڳن ۽ جهڦن کان پوءِ نير وڌيڪ رنگ ڪيندو آهي. تهڙي نموني عاشق طعنن ۽ تنڪن سهڻ کانپوءِ عشق ۾ وڌيڪ لطافت محسوس ڪري سرخرو ٿيندو آهي.

**”نير رنگ واڌو ڪيي منجهه جهڳ جهپ،**

**عشق وارو وڌ وڌي منجهه لُوس لپ.“**

گل جي شاعري ۾ عوامي رنگ جي ملاوٽ هن کي عام ماڻهن ۾ مقبول بنائي ڇڏي ٿي.

(4) خليفي گل جي شاعري جي چوٿين خوبي آهي تجنيس حرفي گل عروضي شاعري ۾ سنڌي شاعري جي بنيادي خوبي تجنيس حرفي کي استعمال ڪري ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. انهي خوبي جي ڪري سندس ڪلام ۾ رواني آهي، مناس آهي ۽ تغمگي آهي. اچو ته هيٺ ڏنل مثالن جو مطالعو ڪري انهي مان سرور حاصل ڪريون.

**”صبا صبح جا سلام منهنجا اڳيان نبي جي رساڻ نيئي هزار آزيون، لکين نيازيون ڪري سگهين جي سي ڪج سيئي.“**

***_*_***

**”اچ دوست ڀري پريت پيرا،**

**ٿي وير وندر ورونهن ويارا.“**

***_*_***

**”ساريو ساريو ٿي سڙي دل دوست جي ديدار لئي،**

**درد کان دانهون ڪريو هئي هئي آهون اپاپ.“**

خليفو گل سنڌي غزل جو موجد آهي. گل ئي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن غزلن جو ديوان جوڙي، اُن کي ڇپارائي اهل وطن ۽ اهل قلم جي اڳيان پيش ڪيو. گل کان اڳ ۾ موزون شاعري جي لکجڻ جون ڇڳيون چوکيون روايتون ملن ٿيون. پر ديوان جي صورت ۾ پهريائين گل جو ڪلام ئي ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو ديوان گل جي نالي سان مشهور آهي.

## علم عروض جو استعمال

خليفو گل محمد گل ئي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن علم عروض جي جدا جدا ارڪان ۽ بحرن ۾ ايراني شاعري جي روايتن مطابق جدا جدا مضمونن کي سنڌي شاعري ۾ جوڙي رائج ڪيو. محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي تاريخ“ ۾ لکي ٿو تہ سنڌي ادب جي پهرين دور ۾ ڪن بزرگن موزون ڪلام جو ذڪر ڪيو آهي، پر اُهو موزون ڪلام اڪتسابي (ڪوشش سان وزن تي، بيهاريل) نہ چئبو پر اتفاقي موزون ڪلام چئبو“ محمد صديق ميمڻ جي لفظن ۾ خليفي اڪتسابي موزون ڪلام جو پهريون شاعري ڪندڙ ليکيو وڃي ٿو.“

خليفو گل محمد پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن نوان نيٺ سنڌي لفظ ۽ عام فهم قافيا استعمال ڪري غزل کي سنڌي ماڻهن جي مزاج مطابق لکڻ جي شروعات ڪئي. هن جي ڪلام ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ ۽ قافيا موجود آهن. جيڪي شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ نظر نٿا اچن. خليفي گل پنهنجي ديوان گل جي حاشيہ تي اهڙن نج پراڻن لفظن جون معنائون فارسي ٻولي ۾ لکي ڇڏيون هيون. پر انهي ڇاپي واري ڪاپي جو ملڻ ناممڪن نہ تہ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي.

خليفي گل جو اهو وڏو ادبي ڪارنامو آهن جنهن قافيي جي پورائي لاءِ ڪيترائي لفظ ڳولهي ڪڍيا ۽ گهڙيا آهن ۽ سنڌي جي لفظن جي ذخيري کي مالا مال ڪيو آهي ”ملار“ سان قافيي جي پورائي لاءِ درست لفظ ڏڻ ڏار، مهار، پنوهار وغيره استعمال ڪري ڪلاسيڪي شاعرن جي سڪ لاٿي آهي، هن سادا، سلوڻا ۽ لفظ استعمال ڪري ڪمال ڪاريگري سان قافيي

جي پورائي لاءِ وڏي دانشمندي جو مظاهرو ڪيو آهي. محمد صديق ميمڻ هن جي ڪن قافيي جي پورائي لاءِ ڪم آندل لفظن ۾ ڪن خامين جو ذڪر ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي هن لفظن ۾ هتراڌو ڦير ڦار ڪئي آهي. ڪن لفظن جي اُچارڻ ۾ تبديليون آڻي ڪچو ڪم ڪبو آهي.

## انگريزي لفظن جو استعمال:

خليفي گل پنهنجي ڪلام ۾ انگريزي لفظ ڪم آڻي سيني کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. اهڙا انگريزي لفظ جهڙوڪ Pistol پستول، Judge جج، Barracks بيراڪون گل پهريون دفعو سنڌي شاعري ۾ ڪم آندا آهن.

**”سڀ ڇڏي بنگلا براڪون،**
**ماڙيون محلات هر هنڌ.“**

***-*-***

**”عشق جو علم عرف عين بيان،**
**ڪين سمجهي تنهن کي قاضي ججهه (جج).“**

***-*-***

**”پستول پريت تنهنجي پائي،**
**منجهه جان جگر چلايا ڇيرا.“**

پنهنجي ڪلام ۾ گل اهڙا اخلاقي سبق ۽ ناصحانا نڪتا پيدا ڪيا آهن، جيڪي انسانن جي رهنمائي ڪن ٿا ۽ ڪين سڏي وات ڏيکاري دلي ۽ روحاني طور مسرور ڪن ٿا.

## پهريون مڪمل ديوان سرجڻ وارو شاعر

ڊاڪٽر عبدالمجيد پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾ لکي ٿو تہ ”خليفي“ گل محمد هالائي سڀ کان پهريان مڪمل ديوان پيش ڪيو. جيتوڻيڪ عروض کي قبول ڪيو اٿس تڏهن بہ هن جي شعر ۾ قديم شعر جي روايتن جو اثر نظر اچي ٿو.“

## هن جي عبارت

خليفي گل جي عبارت صاف سُٿري، عام فهم ۽ پڪي پختي آهي. سندس ٻولي صاف، سلوڻي، سيڪ جو اثر نظر اچي ٿو.“

خليفي گل جي عبارت صاف سُٿري، عام فهم ۽ پڪي پختي آهي. سندس ٻولي صاف، سلوڻي، سيڪ ۽ عام فهم آهي. گل فارسي ۽ عربي ٻولين جو وڏو ماهر هو تنهن هوندي بہ هن جو ڪلام صاف ۽ سريلي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ عام فهم لفظ ڪم آندا آهن، جيڪي عام ڳوناٺا ڳالهائيندا آهن. اڪثر ڪن عربي آميز لفظن ڪانسواءِ ”ديوان گل“ صاف ۽ سليس سنڌي ۾ لکيل آهي. هو معلم کي نصيحت ڪري ٿو.

**”ملان ميٺ سان ننڍڙي ڇيرو کي پاڙهہ،**
**ڪرينس تاب تو ڪري جي روح راڙهہ!**
**دنيا دار سان ڪرم دوري غريب.**
**جي هو هونس وارو تہ مسڪين چاڙهہ**

گل جي عبارت عام فهم آهي ۽ اُن ۾ تجنيس حرفيءَ جي شموليت عبارت کي سريلو ۽ رسيلو بنائي ٿي.

خليفي گل جي عبارت ۾ محمد صديق ميمڻ جي لفظن ۾ ”فصاحت ۽ بلاغت جي ڪم نہ ٿي ڏسجي.“ گل ڪٿي ڪٿي فارسي شاعرن جي تقليد بہ ڪئي آهي. گهڻو ڪري هن نج سنڌي لفظ، تشبيهون ۽ محاورا ڪم آندا آهن.

خليفي گل عبارت کي عوامي رنگ ۾ رنگڻ لاءِ عام ماڻهن جي ٻولي استعمال ڪري، اُنهن جي ڏنڏن منجهان نصيحت جا نڪتا نروار ڪري وڏو ڪم ڪيو آهي. هن صاف ۽ سادي ٻوليءَ ۾ ڪيئي راز ۽ رمزون ظاهر ڪري سنڌي ماڻهن کي هڪ ٻئي جي قريب آندو آهي.

خليفي گل جي غزل جي عبارت روائتي ۽ اثرائتي آهي. انهيءَ ڪري هن جي غزلن ۾ خوبصورتي ۽ نواڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. شروع شروع ۾ هن سنڌي غزل ۾ فارسي لفظ ۽ تشبيهون ڪمال ڪاريگريءَ پيش ڪيون آهن. پوءِ فارسي لفظن جي جاءِ تي سيڪ سنڌي لفظ محاورا، استعارا، ترڪيبون ۽ تشبيهون پيش ڪري، غزل کي سنڌي روپ ڏنو آهي.

**”ڏکئن جا ڏاج ڪھڙا، رلئن جا ڪھڙا روپ،**
**بکئن جا ڪھڙا پانڊا، ولهن ڪھڙا ويارا؟“**

عام سنڌي روايتن جو عام سنڌي لفظن جي ذريعي اظهار گل جي عبارت جي نمايان خوبي آهي. هن جي عبارت ۾ مقامي رنگ ۽ عوامي انداز ڏاڍو پلو لڳي ٿو.

خليفي گل عام سنڌي ٻولي، محاورا، ۽ استعارا استعمال ڪري پنهنجي عبارت کي عام ماڻهن جي ترجماني ڪندڙ طرز تحرير بنائي سنڌي ٻولي کي عروضي دور وارين پابندين کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڀرپور ۽ سنجيده ڪوشش ڪئي آهي. گل سنڌي ماحول مان نهڪي ايندڙ تشبيهون ۽ چوڻيون ڪم آڻي پنهنجي عبارت ۾ اصلي سنڌي رنگ پري ڪمال ڪاريگريءَ جو ثبوت ڏنو آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ سنڌ ۾ هلندڙ ڏڻن، ونهوارن، ڪاروبارن ۽ پوک جي طور طريقن جو چٽائي سان ذڪر ڪيو آهي.

**”پاڻي پيٽ تاجيءَ ۾ پيرين پڌار،**
**ٿيا ڳنڍ جي ”گل“ مڙيئي ڳوپ ڳوت.**

گل ڪورڪي هنر جي وهنوارن ذريعي روحاني سبق حاصل جو جتن ڪري ٿو. گل سنڌ جي محنت ڪش ماڻهن جي ڏڻن سان لاڳاپو رکندڙ تشبيهون ڪم آڻي پنهنجي عبارت کي خوب چمڪايو آهي.

خليفي گل پوک جي طريقن ”ڪرڙا“ ۽ ”روت“ سان تشبيهه ڏيندي زندگي ۽ موت جي منزلن جو ڪھڙو نہ موزون ذڪر ڪيو آهي.

**”لڏئو جاءِ هڪ مان وهن جاءِ پيءَ،**
**هٽن جيئن ٿا هاري ڪرڙا ۽ روت.“**

گل الله جي وات ۾ وڪ وڏائڻ کي ڪورين جي ڪپڙي اُٽن سان پيٽي نهايت ئي جاذب نظر موزون ۽ اعليٰ تشبيهه اخذ ڪئي آهي.

**”پائي پيچ تاجيءَ ۾ پيرن پڌر،**
**ٿيا ڳنڍجي ”گل“ مڙيئي گوپ گوت.“**

نفس تي ضابطي رکڻ واري خيال کي شڪاري واري رسي ۽ مهاڻي جي چٽ سان پيٽي گل ڪمال ڪيو آهي. جهڙي طرح شڪاري ڦاهي واري رسي ۾ ڏيان رکي ويهندو آهي ۽ مهاڻو مڇي مارڻ لاءِ مٽ تي چڙهي ويهندو آهي ۽ چٽ کي وڏيڪ قبضي ۾ ڪري ويهندو آهي تهڙي طرح تون بہ پنهنجي نفس کي مڪمل ضابطي ۾ رک.

**”ٿو ڦاهي شڪاري منجهہ رَسيءَ کي رکيو ڏيان،**

**ٿو چڙهي مٽ تي ماڻهو هٿ رکي ٿو چاڙهہ چٽ.“**

اهڙيون تشبيهون گل جي ڪلام ۾ گهڻي تعداد ۾ موجود نظر اچن ٿيون جيڪي سندس عبارت کي عام فهم ماڻهن جي عام فهم عبارت بنائن ٿيون. گل فطرت جو ۽ پنهنجي ماحول جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو هو. هن جي عبارت ۾ فطرت ۽ سنڌ جي ماڻهن، اُنهن جي ڏنڌن، وهنوارن، ڪاروبارن کي جانچي ڏٺو ۽ نفاست سان پنهنجي ڪلام ۾ ڪمال ڪاريگريءَ سان بيان ڪري روح کي راحت بخشي آهي. گل باڪمال صوفي عشق مجاز انسان ۽ بيمثال شاعر هو. هن جي عبارت ۽ ٻوليءَ اهڙي ئي جاذب نظر ۽ متاثر ڪُن آهي.

گل جي شاعري جي سنڌي ادب ۾ وڏي اهيمت آهي. هو عروضي شاعري جو هڪ ممتاز شاعر هو ۽ جديد سنڌي ادب ۾ شاعري جي شروعاتي دور جو سرموڙ شاعر طور ڏاڍو مشهور آهي. هن جو دور وڏين سياسي ۽ ادبي تبديلين جو دور هو. انگريز سنڌ تي ڇانئجي چڪا هئا سنڌي سماج ڪيترن ئي گروهن ۾ ورهائجي چڪو هو. ادبي ميدان ۾ عروضي شاعري نمايان مقام حاصل ڪري چڪي هئي. عروضي شاعرن فطرت کان منهن موڙي ڇڏيو هو. سنڌي ثقافت ۽ روايتن کان پاسيرو ٿي ويا هئا. آزاد ۽ کلي ماحول کي ڇڏي هو هڪ مصنوعي ماحول جا قيدي بنجي ويا هئا. اُنهن سنڌي ٻولي، اُن جي نج لفظن، محاورن، ترڪيبن ۽ تشبيهن کي وساري فارسي شاعري جي لفظن، ترڪيبن، محاورن، تشبيهن ۽ مثالن کي پنهنجو بنائي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شروع شروع ۾ خليفي گل بہ اهو انداز اختيار ڪيو. هن جي غزلن ۾ بہ فارسي ٻولي جا لفظ، مثال، ترڪيبون، محاورا، تشبيهون عام جام نظر اچن ٿيون.

**”پيالو مئي سندو ڏي پر ڪري محبوب متوالا،**
**تہ مستيءَ ۾ محبت جي ڪيون هن هوش کي حالا.“**

***_*_***

**”محو ٿيا ذات ۾ ذاتي صفتن کان ٿي فاني،**
**ويا لنگهي برپپ رڻ لذائون باغ لقا.“**

***_*_***

**”بلبليون عاشق گلن تي، تو تي ”گُل“**
**گل اچي گلزار ۾ گل سان هيج.“**

گل پوءِ محسوس ڪيو تہ پسگردائي جي ماڻهن ۾ سندس ڪلام مقبول عام ٿي نہ سگهيو آهي. هن ٻهراڙي جي نج صنفن ۾ لکيل ڪلام کي ٻُڌو ۽ اُنهيءَ ڪلام هن کي قائل ڪيو تہ هو عروضي شاعري کان هٽي ۽ پنهنجي ديسي ۽ ڳوناڻي شاعري ۾ دلچسپي وٺي. هن ديسي روايتن مطابق شاعري لکڻ شروع ڪئي. هن پنهنجي ڪلام ۾ عام ماڻهن ۾ رائج صاف، سادي ۽ سلوڻي ٻولي جو استعمال ڪري وڏي مقبوليت ماڻي ورتي.

خليفي گل سنڌي شاعري ۾ نوان نوان تجربا ڪري هُن ۾ ڪيئي اضافا آندا آهن. هن غزل جي موضوعن کي عشق کان اڳتي وڌائي زندگي جي جدا جدا رخن ۽ روپن تائين ڦهلائي، انهن ۾ وڏي وسعت پيدا ڪئي ۽ نظم جي صنف لاءِ ابوات تي تياري جو آغاز ڪري ڇڏيو.

”سنڌي غزل جو تجزيو“ جي ليکڪ شيخ عبدالرزاق راز جي راءِ آهي تہ ”گل اسان جي ٻولي ۾ غزل جو خالق آهي“ گل بيشڪ غزل جي صنف کي سنڌي ٻولي ۾ سرجڻ وارو پهريون سرجڻهار شاعر آهي. هن غزل جي صنف ۾ بي بها اضافا ڪري سنڌي شاعري کي اڳتي وڌايو آهي. هن جي ڪلام ۾ ڪي لفظ اهڙا اچن ٿا جيڪي هن جي جديديت (Modernism) طرف اشارو ڪن ٿا. ڪٿي ڪٿي جديديت (Modernism) جا اهڃاڻ بہ نظر اچن ٿا.

**”سرکيا سورهہ سپاهي سينگ ساهل سخت سوٽ،**
**چال ۽ چالاڪ ڇهرا چست چاڙهيو ڏيئن چوٽ.“**

***_*_***

**”رنگ هڪ ۾ روپ ڪيئي آهن بجليون سو هزار،**
**منجهہ ڪڪر لڙهہ، واڄ آهي مينهن آهي گاج وڄ.“**

CB

## مددي ڪتاب

(1) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(2) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس.
(3) حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.
(4) محمد صديق ميمڻ. سنڌي ادب جي تاريخ ٻئي ڀاڱا.
(5) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. مهاڳ: ڪليات سانگي.
(6) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(7) شيخ عبدالرزاق راز. سنڌي غزل جو تجزيو.

# شمس الدين ”بُلبُل“

## (1857ع کان 1919ع)

### اديبن ۽ نقادن جا رايا

ڊاڪٽر اسد الله شاهه حسيني، سابق اعزازي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ”ڪلام بلبل“ ۾ ”ناثر طرفان ٻه اکر“ ۾ بلبل کي خوب داد ڏنو آهي. هو چوي ٿو ته ”بلبل پنهنجي فن جو امام آهي. سندس پائي جو انهيءَ مخصوص فن ۾ اڃان تائين ڪو شاعر پيدا نه ٿيو آهي.“

**ڊاڪٽر اسد الله شاهه حسيني، ”ڪلام بلبل“**

”ڪلام –بلبل“ جي ديباچي ۾ ضياالدين ضياء بلبل جي فن جي باري ۾ ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جي هڪ نظم جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر خليل بلبل جي شاعرانه عظمت جي خوب واکاڻ ڪئي آهي.

**”سنڌ اهڙو نه ڪيو هو ڪو سخنور پيدا،**
**نه بلاغت ۽ فصاحت ۾ ڪو همعصر پيدا.“**

**ضياالدين ضياء ڪلام – ”بلبل“**

بلبل جهڙي شوخ، بيباڪ ۽ اثر انگيز شاعري ٻئي ڪنهن به سنڌي شاعر نه ڪئي آهي ۽ نه وري ڪو ڪري سگهندو.

### شخصيت

شمس الدين بلبل سنڌي ٻولي جو نرالو ۽ ناميارو شاعر آهي. هن پنهنجي ذات، ڏاهپ، مشاهدي جي تيزي، جدت ۽ شوخ ۽ بيباڪ عبارت ذريعي سنڌي شاعري کي هڪ نئون رنگ ۽ ڍنگ ڏنو آهي. هن سنڌي شاعري جي خوب خدمت ڪئي هن شاعري جي هر صنف ۾ لکيو ۽ خوب لکيو.

بلبل جي شاعري گهڻو ڪري طنز ۽ مزاح جي رنگ ۾ رتل آهي. هن جي حمديه شاعري اعليٰ ۽ عاليشان آهي. هن جي نعتيه شاعري هن جي روح

جو آواز آهي. بلبل هڪ ديانتدار، دينداري ۽ مخلص انسان هو. بلبل جي نعتيه شاعري اُن جو پڪو ثبوت آهي. هن ا خلاقي ۽ اصلاحي شعاري به ڪئي آهي. هن سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ خوبصورت قصيدا لکي پڙهندڙن کان خوب داد حاصل ڪئي. هن جي تضمين واري شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. بلبل جي مزاحيه غزل نگاري لاجواب آهي. اُن ۾ شامل طنزيه ۽ مزاحيه رنگ سندس شاعري کي خوب دلفريب ۽ پرڪشش بنايو آهي.

شمس الدين بلبل هڪ باوقار، ديانتدار ۽ رعب دار شخصيت جو مالڪ هو هو هڪ بلند آواز بلند اخلاق ۽ بيباڪ شاعر به آهي.

## پيدائش:

شمس الدين بلبل جي پيدائش سن 1857ع ۾ ميهڙ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ٿي. هو اُتي ئي پليو ۽ وڏو ٿيو. هن ميهڙ جي ننڍن ننڍن مڪتبن ۾ سنڌي، فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪئي. ٿوري وقت کان پوءِ هو ميهڙ واري محدود زندگي کان بيزر ٿي ويو. هن ميهڙ کي ڇڏي ڏنو ۽ سن 1889ع ۾ ڪراچي پهتو جتي هو حسن علي آفندي جي زير اثر رهيو ۽ سياسي، سماجي ۽ تنظيمي تحريڪن جو حصو بنيو. هو معاون اخبار جو ايڊيٽر بڻيو. هن جي پر زور ۽ اثر انگيز مضمونن جي ڪري نه صرف هن جي شخصيت نکري پئي، پر معاون اخبار به مقبول ٿي ويئي. هن علم جي ميدان ۾ ڀرپور حصو ورتو. تعليم کي زور وٺرائڻ لاءِ هن عمدا ۽ دلنشين مقالا لکيا. هن طنزيه ۽ مزاحيه مقالا لکي خوب شهرت حاصل ڪئي.

## حسن علي آفندي سان تعلق:

بلبل پنهنجي مذاق ۽ ظرافت سان حسن علي آفندي جي لاءِ ميدان عمل تيار ڪيو. هن حسن علي آفندي سان علمي ۽ قلمي سهڪار ڪيو. جڏهن حسن علي آفندي دکن ايگريڪلچر فنڊ جي ائڪٽ کي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو تڏهن بلبل هن جو خاص مشير ۽ رفيق ڪار بڻيو. جڏهن پوني جي ڪميشن آفندي کي گهرايو. تڏهن بلبل هن جي هر قسم جي مدد ڪئي. سڀ قانوني

طور طريقا استعمال ڪري، گهربل ڪاغذات هٿ ڪري، ڪميشن اڳيان آفندي کي سرخرو ڪيو. اها بلبل جي هڪ وڏي خدمت هئي.

هن ڪان پوءِ بلبل صحافت جي ميدان ۾ آيو. هو محنت ڪري، مضمون، مقالا ۽ مزاحيه شاعري جي ذريعي هڪ وڏو صحافي بڻجي ويو. هن سنڌي ادب ۾ صحافت جي شعبي کي نمايان ترقي ڏياري ۽ صحافت جي فن کي زنده رکيو. "ڪراچي گزيٽ"، "خير خواهه" لاڙڪاڻو "مسافر"، حيدرآباد ۽ "آفتاب، سکر ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. هن پنهنجي مضمون نگاري، بيباڪ صحافت ۽ طنزيه عبارت جي ذريعي خوب مشهوري حاصل ڪئي.

## مجازي عشق جي چوٽ:

ڪراچي ۾ رهندي بلبل مجازي عشق جي چوٽ کاڌي ۽ هڪ پارسياڻي محبوبه جو اسير ٿي ويو. آخرڪار پارسي محبوبا کي ڪراچي مان ڪڍي ميهڙ پهتو. قانوني مشڪلاتون طئي ڪري اُن حسينا سان شادي ڪئي. هن ڪراچي کي هميشه جي لاءِ ڇڏي ڏنو.

## محمد صديق ميمڻ جي راءِ:

محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ" ۾ بلبل جي رنگين معاشقي جو ذڪر ڪيو آهي.

**"اڇي نه اڇي ڪين بلبلان ڪين ٿئي ٿو گُلگلان،**

**روز چمن ۾ ڇهچٽو، تازه به تازه نوبنو."**

(گلان بلبل جي محبوبا جو نالو هو.)

بلبل ڪراچي ۾ رهندڙ حسينائن جو به خوب ذڪر ڪيو آهي.

**"فوج سهڻن جي دل ڦري تي جهٽ پٽ،**

**هي به هڪ دلبرن جو ڌاڙو آهه."**

## مطالعي جو شوق:

بلبل کي مطالعي جو ڏاڍو شوق هو. هن وٽ وڏي ڪتابن جي لئبرري

هئي، جنهن ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي جي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو. لئبرري ۾ تفسير، حديث، فقه، تاريخ، تصوف، سيرت، سوانح، فلسفو عروض، نعت ۽ منطق تي "مستند ڪتاب موجود هئا جي سندس مطالعي ۾ رهندا هئا.

بلبل هند ۽ سنڌ ۾ هڪ اديب، عالم ۽ شاعر طور ڏاڍو مقبول هو. هو هڪ اخبار نويس، اهل علم، محفلن ۽ ڪچهرين جو مور هو. سياسي ۽ تعليمي اڳواڻ هو. هن جي دل قوم ۽ دين جي درد سان معمور هئي. اِها بلبل جي نمايان خوبي هئي.

بلبل راڳ جي رهاڻين کي ڏاڍو پسند ڪندو هو. راڳ سان دلچسپي جي اها حالت هئي جو جڏهن زخم کي ٽڪي ڏيڻ لاءِ حجام کي آندائون ته هن راڳيندڙن جي ٽولي کي گهرائي اُنهن کي چيو "راڳو سُر ڳايو." راڳيندڙ ڳائيندا رهيا ۽ ٽڪو لڳي ويو پر بلبل راڳ جي اثر ۽ ڪيفيت ۾ مستغرق رهيو. بلبل چوندو هو ته راڳ روح جي لاءِ آهي. اُن ۾ بدن جو ڪو به حصو ناهي."

## پُر وقار انسان:

بلبل هڪ بااخلاق ۽ پروقار انسان هو. بلبل باوجود ادبي ۽ سياسي مشغولين جي هڪ ديندار ۽ ديانتدار شخص هو. هو صوم و صلوات جو پابند، شرعي مسئلن جو ماهر ۽ دکين جو يار هو. هن جو لباس پر وقار هوندو هو. شرعي سونهاري، ٻتوان وار ۽ مٿي تي دستار ٻڌندو هو.

## هن جون خوبيون

شمس الدين بلبل جدا جدا خوبين ۽ خصلتن جو هڪ حسين ۽ رنگين گلدستو هو. هو تقرير جو باڪمال ماهر هجڻ سان گڏ مذهب پرست به هو موسيقي ۽ فني وابستگين سان گڏ نماز جي امامت به ڪندو هو. ظرافت انگيز ٽوٽڪن ۽ لطيف اخلاقي نقطن سان گڏ، اسلامي ڪتابن جي تاليف ڪندڙ به هو، مهمانوازي ۽ سخاوت سان گڏ، حساب ڪتاب رکڻ

وارو ماهر بہ هو. جليل ۽ رعبدار هجڻ سان گڏ عاجزي ۽ انڪساري رکندڙ شخص بہ هو. قومي ليڊر ۽ تعليمي ماهر هجڻ سان گڏ زميندارن سان گڏ اٿڻ ويهڻ وارو پيارو شخص بہ هو. هو سهڻي صورت سان گڏ، سهڻي صورت جو قدردان بہ هو بيشڪ بلبل باڪمال ۽ جامع شخصيت جو مالڪ هو. ضياء الدين ضيا جي راءِ موجب "بلبل جي شخصيت يڪ سوئي، يڪ خيالي ۽ يڪ وجودي تي قائم هئي."

انهي دور ۾ بلبل پنهنجو ڪتاب "جام جم" لکيو جنهن ۾ هنڌ جي پس منظر، هندن جي انگريز پرستي، ۽ مسلمانن جي ڪاهلي ۽ نااهلي تي مفيد معلومات پيش ڪري، مسلمانن کي خبردار ڪيو تہ هو پنهنجي ديس ۾ پنهنجي حقن لاءِ جدا جدا تنظيمون جوڙن، پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪن "پر جدا ۽ نہ گڏ" بلبل جو هي آواز پاڪستان جي ٺهراءَ کان ٻاويهہ سلا اڳ جو آهي، جنهن ۾ جداگانہ قوميت جو روح موجود آهي. بلبل جي وفات وقت سندس زبان مان هي لفظ نڪتا:

"هندن جا ٻُجڪا ڏار ڪريو، مسلمانن جا ٻُجڪا ڏار ڪريو." شمس الدين بلبل چوهٹ سالن جي عمر ۾ 13 سيپٽمبر 1919ع ۾ وفات ڪئي.

شمس الدين بلبل سنڌ جو هڪ لائق فرزند، طنزيہ ۽ مزاحيہ شاعري جو سروان شاعر ۽ سنڌي ادب ۾ انقلاب آڻن واري باوقار ۽ دلچسپ هستي هُئي. ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل هن جي تہ رُخي شخصيت تي تبصرو ڪندي خوب لکيو آهي: "بلبل واقعي قومي روح، زبان جي سادگي ۽ عام فهم عبارت استعمال ڪرڻ جي لحاظ کان سنڌ جو حالي هو، ظريفانہ ڪلام ۽ اصلاحي شاعري جي خيال کان اڪبر الله آبادي ۽ اخلاقي ۽ مذهبي لحاظ کان سعدي ثاني هو."

(نوٽ: مون بلبل جي شخصيت جي باري ۾ ٿورن سان گڏ ضياالدين ضيا جي "ديوان-بلبل" جي لکيل مقدمي تان معلوامت حاصل ڪئي آهي.)

شمس الدين بلبل سنڌي نثر توڙي شاعري ۾ تمام گهڻو لکيو پر سندس ڪافي ادبي ذخيرو ٽڙيل پکڙيل آهي. شاعري ۾ سندس بہ ڪتاب

”ديوان- بلبل“ ۽ ”ڪلام- بلبل“ شايع ٿيل آهن. بلبل جي ٻنهي ڪتابن کي غلام محمد گرامي مرتب ڪيو آهي.

## وڏو طنز نگار شاعر بلبل جي طنزيہ شاعري:

طنز شاعري جي هڪ قديم صنف آهي. بنيادي طرح طنز جو ڪم آهي. هلان ڪرڻ، سماج ۾ ماڻهن جي اوڻائين کي پڌرو ڪري، اُنهن تي چٿرون ڪري، ماڻهن کي سُڌارڻ. رچرڊ گارنيٽ (Richard Garnett) جي چوڻ مطابق ”طنز ادبي لحاظ کان مناسب لفظن ۾ راين کي ظاهر ڪري اُنهن کي سُڌارڻ جو هڪ فن آهي. طنز نگار انساني اوڻاين ۾ ڪمزورين کي اهڙي طرح ظاهر ڪندو آهي جو هر طرف کل پوپگ، مسخري ۾ مذاق جو ماحول پيدا ٿي ويندو آهي. هو ڪمزور انسانن کي نفرت جو شڪار ڪو نہ بڻائيندو آهي پر انهن ۾ جي لاءِ همدردي جا جذبا پيدا ڪندو آهي.

اها هڪ حقيقت آهي. ادبي شڪل ۾ صورت کان سواءِ طنز صرف کل پوپگ ۾ مسخري هوندي آهي. طنز جو بنيادي مقصد آهي. بُرن ۾ بيوقوف انسانن جي اڏنگي برتاءُ کي ٺوڪڻ ۾ چند اشارن ذريعي انهن لاءِ همدردي جو ماحول پيدا ڪرڻ. طنز نگار سياءُ ۾ هڪ شريف انسان هوندو آهي ۾ هڪ نقاد جيان ڪنهن کي ڍاهي پٽ ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي.

هڪ طنز نگار اصلاح پسند انسان هوندو آهي. جان ڊرائيڊن (John Dryden) جي چوڻ مطابق ”طنز نگاري جو ڪم آهي“ اوڻاين کي درست ڪري، براين کي سُڌارڻ“ طنز عام هوندي آهي. ذاتي نہ هوندي آهي. طنز نگار پنهنجي اصلاح جي ڪم کي حاصل ڪرڻ لاءِ هميشه محتاط رهندو آهي. هو ڪمزور انسانن کي بي نقاب ڪري انهن کي اگهاڙو نہ ڪندو آهي. هو انهن کي همدردي جو لباس پارائي انهن کي صرف چرڪائيندو آهي ۾ شرمسار ڪري انهن کي سُڌارڻ جو درس ڏيندو آهي.

هڪ طنز نگار وٽ ڇهہ هٿيار هوندا آهن جن کي ڪاريگري سان پيش ڪري هو پنهنجي ڪم کي ڪامياب بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اُهي

ڇهہ هٿيار هي آهن:

(1) مذاق (Ridcicule)

(2) حاضر جوابي (Wit)

(3) بد ڪلامي (Banter)

(4) مزاح (Humour)

(5) گارگند (Invective)

(6) دروغ گوئي (Irony)

انهن هٿيارن کي اُهو ئي طنزنگار مناسب نموني ۾ استعمال ڪري سگهي ٿو جنهن وٽ سمجهہ آهي، انساني طبيعت جي فلاسافانہ ڄاڻ موجود آهي ۽ مشاهدي جي ذريعي انساني اوڻاين کي اجاگر ڪرڻ جو ماهر آهي.

حسام الدين راشدي جو چوڻ آهي تہ ”بلبل جي ظريفانہ نثر ۽ نظم تي سنڌي ادب کي فخر حاصل آهي. بلبل نہ صرف ظرافت آميز ڪلام جو موجد آهي پر سنڌي شعر جي تاريخ جي نئين دور جو باني سڏيو وڃي ٿو.“

شمس الدين بلبل جو دور (1857ع-1919ع) سنڌ جي ماڻهن ۽ انهن جي ثقافت ۽ علم ادب لاءِ ڏاڍو ڏکيو وقت هو. سنڌ جا ماڻهو سکيا ستابا هئا، ڪمائي کائڻ وارا هئا ۽ خوشحال زندگي گذارڻ وارا ماڻهو هئا. انگريزن چالاڪي سان سنڌ تي ڌاڪو ڄمايو ۽ پنهنجي مڪاري وارين حرڪتن ۽ فرنگي ثقافت جي بقول بلبل، ”دلبرن جي ڌاڙي ذريعي سنڌ جي عام خواهہ خاص ماڻهن کي ڦريو، ڦاسايو ۽ اُنهن کي دين، ڌرم، ثقافت ۽ تعميري سوچ کان پري ڪيو. سنڌي ماڻهو پاڻ کي وساري، اغيار انگريزن جي دهلن تي باندرن وانگي نچي، ٽپي سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺا. اُنهن جي آزادي ۽ آزاد سوچ کي وڏو ڌڪ لڳو. اُنهن جي مان، اڀيمان (غرور) ۽ عظمت موڪلائي ويئي ۽ هو زرخريد غلام بڻجي ويا.

انگريزن ٽُرت نوان قانون ٺاهي، بنان عوام جي منظوري جي سنڌ ۾ رائج ڪيا. انهن جي تعليمي، قانوني، روينيو ۽ زمين جي ماپ تور وارن قانونن کي بدلائي سنڌ کي ڪافي نقصان پهچايو. سنڌ جا صدين کان هلندڙ مدرسا ٻيهي رهيا. زميندار ۽ وڏيرا ڏچي ۾ اچي ويا. نين نين شڪن

ماڻهن تي وڏو بار وڌو. عيسايت جي تبليغ شروع ٿي ويئي. انگريزي ٻولي کي تعليم جو ذريعو بنائي، هتي جي تعليمي نظام کي تباهه ڪيو و يو. سرڪاري نوڪرين ۾ ماڻهن کي ڀرتي ڪري، انهن کي پٽيوالا، چوڪيدار، داروغا، ڪلارڪ، هيڊ منشي ۽ سنڌي ماستر بنائي، اُنهن جي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪيو ويو. اُنهن جي صلاحيتن کي تباهه ڪيو ويو ۽ سنڌي ماڻهن ۾ ورچا وڌائي اُنهن کي ذهني طور ڪمزور بڻايو ويو.

انگريزن لالچون ڏيئي سنڌ جي ماڻهن کي خريد ڪرڻ شروع ڪيو. اُنهن کي وڏا وڏا عهدا، لقب، خلعتون ۽ جاگيرون عطا ڪري، اُنهن کي خان بهادر ۽ راءِ بهادر جا خطاب ڏيئي، پنهنجي طرف ڪيو. اهڙي طرح ساده لوح سنڌي ملڪ، ثقافت، ٻولي، ادب ڇڏي انگريزن جا غلام ۽ قدردان بڻجي ويا. اُنهن سنڌيدان کي بلبل پنهنجي طنزيہ شاعري ۾ خوب ننديو آهي. سنڌيدان کي انهن جي ڪريل حرڪتن تي مبارڪون ڏيندي خوب شرمسار ڪيو آهي.

**”پروانا، انعام، عطايون، لونگيون پوتيون شال مبارڪ،**

**خاطن جي خوشخبري خاصي، عمدا حال احوال مبارڪ.“**

انگريزن سنڌيدانن کي زمينون، جاگيرون عطا ڪري، اُنهن کي لقب، عهدا، خلعتون بخشي مڪمل طور تي پنهنجو ڪري ورتو.

ٻئي طرف فرنگي ثقافت هڪ اهڙ ۽ مغرور حسينہ جو روپ بدلائي، گهٽين ۾ پاڙن، پارڪن ۾ درسگاهن ۾، جلسن ۽ جلوسن ۾ ۽ ثقافتي مرڪزن ۾ سنڌ جي نوجوانن تي حملو ڪري، انهن کي پنهنجو گرويده بنائي، اُنهن جا هوش ۽ حواص کسي، کين پنهنجي آپي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. بلبل پنهنجي غزل جي هڪ شعر ۾ حسين دلبرن جي ڌاڙن جو خوب ذڪر ڪيو آهي.

**”فوج حسينن جي دل ڦري جهٽ پٽ،**

**هي بہ هڪ دلبرن جو ڌاڙو آهہ “**

انهن فرنگي حسينائن اُنهي کي شربا آڇي، مئي جا پيالا پياري، اُنهن کي سنڌي ثقافت جي دلفريب نظارن تان هٽائي، اُنهن کي سرمستي، توانائي

۽ خودداري کان دور ڪري ڪين باندرن جيان خوب نچايو.

بلبل جيڪو هڪ وطن پرست، غيرتمند ۽ خوددار انسان هو. اهڙين حالتن کي ڏسي تڙڦي اُٿيو. ديس واسين جي ڪمزورين ۽ احمقانا حرڪتن هن کي مجبور ڪيو ته هو ميدان. عمل ۾ اچي ۽ ديس واسين کي مڪارن ۽ عيارن جي اڏنگين ۽ بيهودا يلغار کان بچائي ۽ ڪجهه مناسب ۽ ڪارائتا قدم کڻي. بلبل جيڪو هڪ وڏو نقاد هو. سماجي ۽ معاشرتي مسئلن کي سمجهڻ ۽ سلجهائڻ وارو بيباڪ ۽ غيرتمند شخص هو. هن پهرين پهرين طئي ڪيو ته ستايل سنڌي عوام جي لاءِ واعظ، تقريرون ۽ اخلاقي هدايتون بيڪار ۽ بي اثر آهن. بلبل سوچي سمجهي اُهو طئي ڪيو ته انهن راين سان لڙڻ جي لاءِ قلم سان جهاد ڪري ته فائديمند ٿيندو. هن طنز جو نشتر هٿ ۾ کنيو ۽ وڏي واڪي ميدان عمل ۾ اچي جهاد جو اعلان ڪيو. بلبل سوچيو ته پهرين انهن مظلومن کي آئينو ڏيکاري. انهن جي اکي تان ڪمزورين جون پٽيون لاهي، انهن کي شرمسار ڪري، انهن ۾ پاڻ سڃاڻڻ جو جذبو جاڳائجي. انهن جي مايوسين کي دور ڪجي، انهن ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ڪري، نئون روح ڦوڪجي. انهن ۾ خود آگاهي، جرئتمندي، خودداري جاڳائي سين راهه تي آڻجي، مرده دلين کي وري زنده ڪجي.

طنز جي باري ۾ بلبل جي وصف واضح آهي. هن جي چوڻ مطابق طنز هڪ بيضرر پر ڪارآمد طريقيڪار آهي. جنهن جي ذريعي انساني اوڻاين کي دور ڪري، انساني ڪردار کي وري گهڙي، سُڌاري ۽ سنواري پيش ڪجي.

**بلبل جو چوڻ آهي ته:**

”پنهنجا عيب هرڪو ڏسي ٿو سگهي،
ڏسي نہ ته هي اعمالنامو پڙهي،
اگر آهي لائق ته عبرت وٺي،
ڏسي عيب پنهنجي نصيحت وٺي.“

**غلام محمد گرامي جي راءِ :**

غلام محمد گرامي سنڌي ادب ۽ شاعري جو هڪ بيمثال نقاد آهي. هن

پنھنجي مضمون ”سنڌي ادب ۽ مزاح نگاري“ ۾ بلبل جي طنز ۽ طنزيہ شاعري جو ڀرپور جائزو ورتو آھي، ھن جي طنزيہ طور طريقن کي پڌرو ڪري ھڪ لاجواب ڪم ڪيو آھي. جيڪو نہ صرف پڙھندڙن لاءِ پر پڙھائيندڙن لاءِ بہ ڪارگر آھي. گرامي جي چوڻ مطابق بلبل جي اثبات ۾ نفي آھي ۽ امر ۾ نھي آھي. جتي ھو جديد تھذيب ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ اثبات ۾ ڳالھائي ٿو. اُتي دراصل سندس مطمع نظر نفي آھي. جتي سنڌين جي درماندگي ۽ سادگي کي ھدف ملامت ٿو بڻائي، اتي دراصل سندس مطمع نگاھہ اثبات ۾ آھي.“ بلبل انگريزن جي جديد علم جي غلط ڪارين کي ننڌي ٿو اُتي ھو سنڌ جي سادن ۽ سٻاجھن انسانن کي پنھنجن اوڻاين کي دور ڪرڻ جو درس ڏيئي، پنھنجي گمشده تھذيبي عظمت کي وري حاصل ڪرڻ جي لاءِ ھمٿائي ٿو.

بلبل سنڌ جو ھڪ باوقار، باضمير، بيباڪ ۽ رعبدار شخص ھو. ھو اڏول ھو ڪرڙو ھو ۽ ڪونڌر ھو. ھو ذاتي فائدن جي لاءِ ڪنھن جي اڳيان جھڪڻ وارو ڪين ھو. انگريزن مڪاري ۽ عياري سان ھن کي خريد ڪرڻ جون گھڻيئي ڪوششون ڪيون، پر ھو ڪامياب ٿي نہ سگھيا. سندن لالچون، انعام، لقب، خلعتون ۽ عھدا ھن کي ڦاسائي نہ سگھيا. ھو ھڪ بلند اخلاق، بلند ڪردار ۽ غير جانبدار شخص ھو. ھن جي سامھون ھڪ مقصد ھو. سادن ۽ شريف سنڌين کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائڻ، پورھيو ڪري کائڻ ۽ ڪارائڻ جي اصول تي ڪاربند رھڻ ۽ سنڌ کي خوشحال بنائڻ لاءِ جتن ڪرڻ.

## کلي دل ۽ دماغ وارو انسان:

بلبل کلي دل ۽ دماغ وارو انسان ھو. ھن کي دين سان گھڻي محبت ھئي. ھو سڀني کي پيار ڪرڻ وارو شخص ھو ۽ سڀيئي ھن سان پيار ڪندا ھئا. ھو ڪنھن جي بہ خلاف ڪو نہ ھو. ھو تعليم ۽ ٻولي سان ھر دم محبت ڪندو ھو. ھو انگريزن جي مڪارين، عيارين ۽ غلط طور طريقن جي خلاف ھو. ھو انگريزن کي انھن جي غلط پاليسين جي لاءِ نندينندو رھيو ھو ڪنھن

ٻہ ڏيپ ڏاءُ اڳيان نہ جهڪيو هن کي انگريزي جي وڏن شاعرن ۽ تخليق ڪارن جهڙوڪ اليگزينڊر پوپ (Alexander Pope) جو ناٿن سوئيفٽ (Jonathan Swift) ۽ جان ڊرائيڊن (John Dryden) سان ڀيٽي، هن جي عظمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پوپ جي طنز کُلي ۽ کاري آهي، سوئيفٽ جي طنز ڀيج ڏاهہ واري آهي ۽ ڊرائيڊن جي طنز مزاح سان ڀريل آهي، پر انهي ۾ ذاتي حملا بہ شامل آهن. انهن جي مقابلي ۾ بلبل تعميري آهي. انهي ۾ تعصب، حسد، عناد ۽ ذاتيات جو ڪو بہ عمل دخل ناهي. هن جي طنز ۾ سنجيدگي شائستگي، خير خواهي ۽ خلوص ڀريل آهي.

بلبل سماجي ۽ معاشرتي حالتن جو ماهر هو. هن پنهنجي تحقيقي اک سان سماجي ۽ معاشرتي برائين جو مشاهدو ڪيو ۽ اُنهن جي علاج ڪرڻ جو عهد ڪيو. بلبل انهيءَ جي لاءِ طنز جو نشتر کڻي ميدان عمل ۾ آيو. بلبل جي طنز تلاور کان بہ وڌ تکي آهي. هن پهرين برن ماڻهن جي برائين جو باريڪبينني سان مشاهدو ڪيو ۽ انهن جي علاج لاءِ سوچي ٿو. ننڍڙي برائي کي ڪِلي ڪِلائي دور ڪري ٿو. انهن کان وڏين برائين کي ٺيڪ ڪرڻ جي لاءِ ٽڪو لڳائي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن دوا ۾ زهر ملائي اُنهن کي پياري ٿو، جيڪو ترياق بڻجي اُنهن جي اُناين کي دور ڪري ٿو. ڪڏهن هڪ قابل سرجن وانگر زخمن کي چيري فاسد مواد کي ٻاهر ڪڍي ڇڏي ٿو. هو اِهو اهڙي تہ ڪاريگري سان زخمن جو علاج ڪري ٿو جو نہ مريض کي ڪا خبر پوي ٿي ۽ نہ وري تيماندار کي، هڪ طنزنگار لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو دورانديشي، احتياط ۽ ڪاريگري جي دائري ۾ رهندي انساني اوڻاين جو علاج اهڙي نموني ۾ ڪري جيئن نہ ڪو چڙي ۽ نہ ڪو ناراض ٿئي.

بلبل جي طنزيہ نظم ”نئون زمانو“ سنڌي ٻولي ۾ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿي. انهي نظم ۾ بلبل ڪشادهہ دل سنڌين ۽ اُنهن کي نچائيندڙ فرنگي محبوبائن تي وڏي تنقيد ڪئي آهي. بلبل اُنهن جي اُٿڻ ويهڻ، لٽڪن جهٽڪن، اوزارن ۽ هٿيارن، ڊريسن، سواري جي ذريعن، ڪائڻ پيئڻ جي سامانن، وندر ورونهن جي ڪمن، رانديڻ روندين جي مقابلن، ڪائڻ پيئڻ جي سامانن ۽ اُنهن جي احمقانا حرڪتن جو ڪليو اظاهر ڪري، اُنهن جي

ڪوڪلي ۾ مصنوئي زندگين تي خوب چوٽ ڪئي آهي.

**”سيٺي ۾ سگريٽ سدائي، گٽ مٽ، گٽ مٽ وات ۾ وائي،**

**ڪيل خوشيءَ ۾ بردم خوردم، ميل جول ۾ وحشي بيدم،**

**جنٽلمين مِسن جا جوڙا، چيلهہ ۾ پاڪر نورا سوڙا،**

**نچ وي باندر نچ وي باندر، تاڪ ڌنا ڌن، تاڪ ڌِنا.“**

بلبل جي هن نظم ۾ جيڪا رفتار آهي، نغمگي آهي ۽ سچ پچ جيڪا لڪل بيهودگي آهي، اِها اڪيون کولڻ واري آهي ۽ اوڻائين کي دور ڪرڻ جو هڪ درس آهي.

بلبل فيشن پرستن تي ڏاڍا چوهہ چنديا آهن:

**”ڪارن جي ٻڌ ڪار گذاري، هپ هپ هري، هپ هپ هري،**

**جنٽلميني جلسا جاري، هپ هپ هري، هپ هپ هُري،**

**ڪوٽ سبائن ڪارو ڪارو، ڊانس بوٽ ولايت وارو،**

**ٽوپي ڪاري، سرتي ڪاري، هپ هپ هُري، هپ هپ هُري،**

**ڏاڙهي ساڻ ڏهاڙي جهڙو، مُڇون ڳانگٽ، وڇون ويڙهو،**

**سيٺي لڪڙي، چرخشماري، هپ هپ هري هپ هپ هري،**

**ڪاڻ وداع سليوٽ سلامي، ٽوپي هٿ ۾ ٽامي ٽامي،**

**آءِ ايم ويري ساري پياري، هپ هپ هري، هپ هپ هري.“**

بلبل سنڌيدانن کي انهن لفظن ۾ نِنديو آهي.

**”سنڌي دان سياهہ زور ۽ سخت، جاهل باخرد حفعہ بدعت،**

**سنڌيدان ايبيٽ، سنڌيوان فول، رڳا جانور جهنگي ۽ جهول،**

**سنڌيدان ڪم ظرف ڪچر و حقير، پري پڇ انهن کان جڻ تيز تير.“**

بلبل انگريزدانن جو بہ خوب مذاق اُڏايو.

**”جي عزت جهان ۾ رکو ٽنبٽش،**

**پڙهو انگلش، انگلش، انگلش،**
**اهو علم دولت جو آهي دليل،**
**زياهہ تہ ميٽو پڙهي ٿيو وڪيل،**
**اِهو علم بخشي فضيلت ڪمال،**
**حڪومت، مزا، عيش، اقبال ومال،**
**بنائي اِهو علم حاڪم شريف،**
**رسائي اهو علم لنڊن شريف.“**

بلبل اٽسڏي طرح سڀاجهن سنڌين کي تاڪيد ته ڪري ته هو پنهنجي ثقافت، عظمت ۽ اهليت ڇڏي ٽڙندا رهندا، ٿاٻڙندا رهندا پر ڪڏهن بہ منزل حاصل ڪري نہ سگهندا.

بلبل ڪاري ۽ گوري جي گفتگو ۾ خوب طنز جا تير اُڇلايا آهن. اُنهن ۾ روئڻ، رڙن ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ جو درس ڏنل آهي. ڪاري جي آرزو ٻڌو:

**”گرچ ڪارو منهن اٿم تہ بہ ڪاڻ ناهہ،**
**ٽوپلو پائي حماقت ٿو گهُران،**
**لائي چشمو چست چاڙهي، سوٽ، بوٽ،**
**مثل صاحب لوڪ صورت ٿو گهران.“**

## گوري جو جواب بہ ٻڌو:

**”گرچ آهي تنهنجو مون ڪان سينو صاف،**
**ڪاري ماڻهو ڪان ڪدورت ٿو گهران،**
**آ لقب لائق ٿيو تنهنجو ڊيم فول،**
**مان ڏيئڻ توکي نہ عزت ٿو گهران.“**

سچ پچ گڦاليءِ تقليد جي ذريعي حاصل ڪيل عزت ذلت ڪان وڌ خراب هوندي آهي. انهيءَ ۾ ڪو بہ وڏاءُ ڪونهي تہ طنزيہ شاعري جو بلبل

شاھہ آھي، شھنشاھہ آھي.

بلبل جي طنزيہ شاعري مان ڪجھہ مثال ڏجن ٿا جيئن تہ پڙھندڙ طنزيہ نُقطن مان ڪجھہ پرئان، مزو وٺن ۽ آپي ڪان ٻاھر نہ نڪرن:

**”زر ساڻ ڪوجھو ڪاٺو اڱ ۾ اُھو اگھاٽو**
**چريو بہ ٿئي سياڻو زر آ تہ عشق ٿھ پھہ.“**

***_*_***

**”باجو وڄائي ناچ جو ڪن ٿيون نشاط ۾،**
**صاحب ڪي ڏس بغل ۾ باندر بنايو آھي.“**

***_*_***

**”مرد ٿيا مڪار چئو کھڙي چيم،**
**ڪي رنون ٿيون خوار، چئو کھڙي چيم.“**

***_*_***

**”حيا لڄ ڪان ھر دم ڪيو پنھنجو پاسو،**
**ڦري مال، بئنڪن ۾ پئسا بچايو.“**

***_*_***

**”تڪبير ۾ وجي ٿي مرغ ۽ تتر جي لذت،**
**گردن مروڙي تن جي، پيو جوش ۾ جلائج.“**

***_*_***

**”آھي انگلش ۾ سندن اھل سان رغبت، الفت،**
**مٽ مائٽ جي ۽ گھر ٻار جي اھڙي تھڙي.“**

شمس الدين بلبل جي طنزيہ شاعري بيمثال آھي. ھن جي سنجيده شاعري بہ پنھنجو مٽ پاڻ آھي. بلبل جو اخلاقي ڪلام بہ اعليٰ درجي جو آھي.

بلبل جي حمديہ شاعري اثر انگيز ۽ روح کي راحت ڏيندڙ آھي. بلبل جي حمديہ ڪلام ۾ ”خلوه قدرت“، ”ذات الاھي“، ”تون آن“ ۽ ”ياد الله ڪر دم بہ دم“ ڏاڍيون مشھور آھن. بلبل ھڪ ديندار ۽ سچو مسلمان ھو. ھو الله تعاليٰ جي حضور ۾ عاجزي ۽ انڪساري سان عقيدت جا گُل نڇاور ڪندي چوي ٿو:

**”عالم الغيب، اي خدا تون آن،**
**خالق الا عرض و السما تون آن،**
**داغ تون، درد تون، دوا تون آن،**
**زهيت تون، مرگ تون، فضا تون آن.**

الله تعاليٰ جو وجود هر شيءِ ۾، هر دم موجود آهي. بلبل انهي اٽمٽ حقيقت جو اظاهر ڪهڙي نہ منفرد انداز ۾ ڪيو آهي:

**”تون ئي مان جي وار نہ وائي،**
**سڀ ۾ آهي ذات سچائي،**
**ايڪو ايڪ، نہ ٻول ٻيائي،**
**هرڪو آهي حق سان هم،**
**ياد الله ڪر، دم بر دم.“**

الله تعاليٰ هر هنڌ حاضر ۽ ناظر آهي. بلبل پنهنجي حمد ”جلوه قدرت“ ۾ الله تعاليٰ جي انهي خصوصيت جو عاجزي ۽ عقيدت سان اظاهر ڪندي ڪهڙو نہ دلفريب منظر پيش ڪيو آهي:

**”هر بر ۾، هر بازر ۾ هر بحر ۾ هر بن ۾،**
**هر جهنگ ۾ هر رنگ ۾ جبلن ۾ گلشن ۾،**
**ڇا لالہ ولونگن ۾، ڇا سنبل و سوسن ۾،**
**ڇا نرگس و نسرين ۾، سبزن ۽ نخلن ۾،**
**ڇا غنچو تہ ڇا گُل آ، ڇا رنگ تہ ڇا بُو آهہ.**
**جلوو تنهنجي قدرت جو اي قادرا هرسُو آهہ.“**

بلبل نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم سان والهانہ محبت ڪندو هو. بلبل سندن شان ۾ ڪيتريون ئي نعتون سرجيون آهن، جن مان ”عشق محمد“، ”نعت سرور ڪائنات“، ”رسول الله“، ”جلوه مصطفائي“، ”شاهہ رسالت“ ۽ ”حضرت نبي ڪريم“ ڏاڍيون مشهور ۽ مقبول آهن. بلبل جي نعت ”حضرت نبي ڪريم“ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿي. بلبل جو اظاهر بيان بيمثال آهي.

**محمد اسان جو شفيع و شفيق،**
**خدا خلق اعظم سان خلقيو خليق.**

**محمد اسان لاءِ پست و پناھ**
**محمد ٿيو دين جو دستگاھ**

**محمد کي مولا ڏني سروري،**
**محمد کي بخشي خُدِ برتري،**

بلبل هڪ نعت ”شاھ رسالت“ ۾ الله تعاليٰ ۽ رسول اڪرم جي تعلقات بابت هڪ شعر ۾ واھ جو اظاهر ڪري ٻنهي کي خوب ساراهيو آهي.

**”مٿي محبوب مدني جو پسي هي رُتبو عاليٰ،**
**خدا مطلوب مڙني جو هو مطلوب_خُدا آهي.“**

انهي ساڳئي خيال کي بلبل نعت سرور ڪائنات ۾ اهڙي نموني ۾ پيش ڪيو آهي.

**”ذات تنهنجي ۾ ظهور آ سچو نور- خُدا،**
**ڪيئي حيران هجي ويا تہ هئي حڪمت ڇا؟**
**ڪن ڄاتو آ، اوهان کي ۽ خُدا کي نہ جُدا.“**

بلبل سنڌي شاعري جي قديم صنف ”مولود شريف“ ۾ رسول ڪريم جي خوب ساراھ ڪئي آهي.

**معراج هليو سرتاج نبي، ڪري ويس وڳا وھ واھ ٻنو.**
**جبريل ٿو صدقي صدقي چئي اڄ صلي عليٰ وھ واھ ٻنو.**
**بيٺا ملڪ فلڪ جا قطار ڪري،**
**تو بن دُرج گهر جا نثار ڪري،**
**هڪبئي کي چون جيءَ جان فِدا،**
**اي نور خُدا، وھ واھ ٻنو.**

بلبل ”جنت خاتون“ جي فضائل ۽ محاسن تي سرائڪي ۾ هڪ نظم لکيو آهي، جنهن ۾ رس آهي، رچاءُ آهي، نغمگي آهي ۽ سنجيدگي آهي. اهڙو اعليٰ نظم شايد ئي ٻئي ڪنهن شاعر لکيو هجي. هن عظيم نظم جو هڪ بند ملاحظہ ڪريو ۽ سچو سرور حاصل ڪريو.

**جنت، نعمت، طوبيٰ، ڪوثر، ثمر تُساڏي حُب دا،**
**چاهون جنهن ڪون، پل وچ بخشو راز تُسان سڀ رب دا،**
**تو سرڪار نبي وعليٰ دي، او شافع امت سب دا،**
**حوا، مريم فخر ڪر بنديان، تيڏي نام نسب دا،**
**بنت رسول، بتول، تُساڏي عزت پاڪ وڏائي،**
**گهِن خيران، بردي در دي ديان حسن حسين دي مائي.“**

بلبل جي قومي ۽ اصلاحي شاعري اعليٰ ۽ افضل آهي بقول غلام محمد گرامي ”حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، حسام الدين راشدي، حاجي حامد خادم ۽ ڊاڪٽر جليل پارا عالم ۽ اديب چئي چڪا آهن تہ ”قومي خدمات جي ترجماني سڀ کان اول بلبل ڪئي آهي.“

بلبل جي دور رس نگهائن اهو معلوم ڪري ورتو تہ سنڌين جي اضطراب جو ڪارڻ نفاق آهي. بلبل سنڌي پائرن کي متحد ٿيڻ جي تلقين ڪري ٿو. هو چوي ٿو تہ اتحاد هڪ وڏي قوت آهي. جيڪا سيني کي جوڙيو رکي ٿي ۽ مقابلي لاءِ همٿائي ٿي. بلبل پنهنجي نظم ”جماعت بندي“ ۾ ٻڏي جي باري ۾ ٻُڌائيندي چوي ٿو:

**”پرائي ٿو انسان اعزاز ان کان،**
**کلي ٿو حقيقت جو سب راز ان کان.“**

بلبل ٻُڌائي ٿو تہ اسين سکيا ستابا آهيون. اسان جي زمين زُرخير آهي. محنت سان اسين خوشحالي حاصل ڪري سگهون ٿا. بلبل پنهنجي نظم ”تجارت“ ۾ اسان جي پيدا واري وسيلن بابت ٻڌائي ٿو.

**”اُپت پيدا واري ۾ اسان جو ملڪ افضل آ،**
**زراعت ۾ زياده زور اول کان سو اول آهي.“**

اسان جي لاءِ تعليم ضروري آهي. تعليم اسان جي جسماني ذهني ۽ روحاني صلاحيتن کي سُڌاري، اسان جي ترقي جون راهون کولي ڇڏيندي. بلبل چوي ٿو:

**”ڪنڌؤ ڪا قوم جي ملڪ جي، ملت جي ڪا حاجت جي،**
**ڪسب جي، ڪار جي، تعليم جي ۽ صنعت جي.“**

اڻين ڪرڻ سان خوشحالي ۽ ترقي جي منزل آسان ٿي ويندي آهي.
بلبل ديس واسين کي همٿائي ٿو:

**”بنايو ڪارخانا ۽ وڌايو فن و حرفت کي،**
**وڃايو ملڪ جو افلاس ۽ پنهنجي مصيبت کي.“**

بلبل انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندي، نصيحت ڪري ٿو:

**”ڪپايو ديس جي واپار ۾، ڌن، مال، دولت کي،**
**ڀيائي ٻن وجهي، ايڪو ڪريون، هاريون نہ همت کي.“**

بلبل زور ڏيئي چوي ٿو تہ اسين ٽڙيل پکڙيل آهيون ۽ خوب پريشان آهيون. اسان کي گهرجي تہ ڀيائي کي ڇڏي ايڪو پئدا ڪريون، تعليم حاصل ڪريون ۽ پنهنجن ميسر وسيلن کي تجارت، حرفت، زراعت ۽ صنعت جي ذريعي استعمال ڪري، پيداوار وڌايون، ترقي ڪريون ۽ خوشحال بڻجي ملڪ جو مان وڌايون.

## غزل ۾ نوان موضوع:

شمس الدين بلبل پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن غزل جي صنف کي نئون ۽ نرالو روپ ڏيئي، اُن کي معاشي ۽ معاشرتي زندگي جي قريب آندو آهي. سنڌ جي مشهور شاعر ۽ نقاد عبدالرزاق راز پنهنجي ڪتاب ”سنڌي غزل جو تجزيو“ ۾ بلبل جي غزليہ شاعري تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ ”بلبل جي غزل ۾ داخليت جو اثر گهٽ آهي ۽ خارجيت جو پهلو نمايان آهي.“

بلبل هڪ طنزيہ غزل گو شاعر آهي. هن پنهنجن حالتن جو گهرو مطالعو ڪري مناسب سمجهيو تہ معاشرتي بُرن اثرن کان معاشري کي بچائڻ لاءِ غزل جي هيئيت ۾ تبديليون آڻڻ ضروري آهي. هن غزل جي مواد ۽ موضوئن کي بدلائي وڏو انقلابي قدم کنيو. هن تغزل کي پنيان ڇڏي معاشرتي براين ۽ مسئلن کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي. هن وقت جي حالات مطابق غزل جي روائتي مضمونن جهڙوڪ حسن، عشق، تصوف، نصيحتي حڪايتن ۽ اخلاقي قدرن جي اُپٽار کي ڇڏي، سنڌ جي معاشرتي حالتن ۽

اُن جي نتيجن کي پنهنجي غزل جو موضوع بڻائي، غزل کي هڪ نئون موڙ ڏنو.

وقت جي معاشرتي حالتن بلبل تي گهرو اثر وڌو ۽ هن کي چڙ چڙو بنائي هن جي دل ۾ نفرت جو جذبو پيدا ڪيو. هن من موجي مجنوئن کي پنهنجي غزليہ شاعري ۾ خود آگاهي جو درس ڏيندي، انهن جي غل سوچ، غلط طور طريقن ۽ احمقانہ حرڪتن کي خوب ننديو آهي. بلبل کلي بہ ٿو ۽ روئي بہ ٿو:

**”سک ناچ راڳ تن جو ۽ بئنڊ باجو تن جو.**
**پوءِ خود بنائي بابو پيو بئنڊ سُر وڄائج.“**

اچو تہ بلبل جي طنزيہ غزل نگاري جا ڪجھ شعر پڙهون ۽ اُنهن مان درس حاصل ڪريون:

**”پڙهو انگريزي ڪيو اوج اعليٰ،**
**وٺي خوب عهدا، حڪومت هلايو.“**

***_*_***

**”جي اوهان چاڻو ٿا يار، مان سنڌي آهيان،**
**خاص لنڊن سان آ ناتو ٿيو فيشن منهنجو.“**

***_*_***

**”هٿ رُڳي رکڻ سان تنهنجي ڪمر ڏکي ٿي،**
**هئہ هئہ ملوڪ سائين، سل هي تہ سور ڇا هو.“**

***_*_***

**”ڇا هي اُن ۾ آهہ معشوقن جو معمولي عمل،**
**عاشق سان ڪار ڪجھ، نيزا ڪجھ ۽ پيار ڪجھ.“**

***_*_***

**”منهنجا عزيز اقارب بيگانا چاڻ احمق،**
**سرمست سرخرو ٿي صاحب سدا سڏائج.“**
**”عاقل وڃي ولايت، لنئون ليدي سان لائج،**
**سؤ قرب سان ڪرستان وڃي چرچ ۾ چوائج.“**

*_*_*

**”گهر، زمين ۽ مال ضبط، ڇڏ نه راڳ رنگ ربط،**
**شوق تون رک شراب جو تازه نو به نو.“**

بلبل روائتي انداز ۾ به عمديون غزلون لکيون آهن. اُنهن غزلن ۾ سيني لواضمات جو پورو پورو خيال رکيو ويو آهي.

**”الف مسلسل هڪ طرف، ريحان ۽ سُنبل ٻئي طرف،**
**ڪُنڍڙا ڪاڪل هڪ طرف، ابرو سندو غل ٻئي طرف.“**

*_*_*

**”تنهنجو نياپو صبا آندو ڪٿي ناياب اڄ،**
**منهن بهار جئن آهي، پرهه کوليو باب اڄ.“**

بلبل جو مزاحيه غزل الڳ نموني جو آهي. اُن ۾ تغزل بدران طنز جو رنگ آهي، نصيحتن بدران چٽرون آهن، محبوب کي خطاب ڪرڻ بدران معاشرتي بُراين جو ذڪر آهي، شعريت جي بدران معاشرتي رنگ موجود آهي ۽ اندروني ڪيفيتن بدران بيروني ڪيفيتن جو اُپٽار آهي.

شمس الدين بلبل جديد سنڌي، شاعري ۾ هڪ وڏو ”نظم“ لکندڙ شاعر آهي. هن جا نظم موضوع، پيش ڪش ۽ عبارت جي لحاظ کان لاجواب آهن. بلبل ”نظم“ کي نئين سر ترتيب ڏيئي، اُن ۾ نوان ۽ نرالا موضوع آڻي، اُن ۾ اصلاحي ۽ انقلابي رنگ پري، اُنکي رنگين، دلنشين شوخ ۽ بيباڪ عبارت ذريعي پيش ڪري وڏو ڪمال ڪيو آهي. بلبل جا نظم تخليقڪاري جو هڪ نادر نمونو آهي.

بلبل ڪيترائي خوبصورت ۽ دلفريب نظم لکيا آهن. هن جي نظم جي موضوعن ۾ وسعت آهي، توانائي آهي ۽ بيساختگي آهي. هن وڏا وڏا طنزيه نظم جهڙوڪ رحيما ۽ پليگي ڪريما ۽ نئون زمانو لکي خوب داد حاصل ڪيو آهي. هن جا سنجيده نظم جهڙوڪ احساس. ملڪت، فنا، تجارت ۽ آفتاب ظلمات به وڏا ڪامياب نظم آهن.

بُلبُل جو ”ڪريما“ هڪ شاهڪار طنزيه نظم آهي، هي تمام ڏگهو نظم آهي. هن ۾ ٻن مصراعن وارا 168 بندآهن ۽ آخر ۾ ٻن هم قافيا مصراعن

وارو بند آهي. هن نظم جي ترتيب لاجواب آهي. ان جي موسيقي، رفتار ۽ رواني حيران ڪن آهي.

ڪريما هڪ مثالي ۽ لاجواب نظم آهي، هن نظم ۾ بلبل ڏيکاريو آهي ته سنڌي مسلمان پنهنجي عظمت ڇڏي براين ۾ ڦاسجي چڪو آهي. انهن جي هر عمل ۽ هر حرڪت ۾ نقالي، ڏيکاءُ ۽ اجايو غرور شامل آهي اُنهن جي لباس جو طنزيه انداز ۾ اظاهر ڪري سيني کي شرمسار ڪري ڇڏيو آهي.

**”گلاب بند، ڪالر، لڪڙ هاف بوٽ،**
**گهڙي ڪوٽ پتلون چشما چروٽ،**
**قميصون ڪفن دار، جاڪيٽ، جوراب،**
**سليپر، سپاٽا، سبائڻ ثواب.“**

بلبل اُنهن جي حرڪتن جو اظاهر انهي انداز ۾ ڪيو آهي:

**هتي به اُهي ئي ڇتا جي ڪُتا،**
**مگر هاءِ ماڻهو ٻنهي هنڌ مُتا،**
**شريعت جو شيوو ڏنوسين ڇڏي،**
**وڏو سون گناهن ۾ غفلت گڏي.**

بلبل جو ”نئون زمانو“ هڪ مثالي ۽ لاجواب نظم آهي. هي نظم طنزيه شاعري جو شاهڪار آهي. هن نظم جڻ ته بلبل جي طنزيه شاعريءَ جو تت آهي. هن نظم ۾ فن آهي طنز آهي ۽ زندگي آهي. مزاحيه طور تي هي هڪ حسين، رنگين ۽ نمڪين نظم آهي. هن نظم ۾ لفظن جي چونڊ، جڙت، ۽ اُنهن جي ترتيب لاجواب آهي. منجهس جيڪا نغمگي آهي، رواني آهي، تسلسل آهي ۽ بيساختگي آهي. سا بيمثال آهي ”تاڪ ڏنا دن، تاڪ ڏنا“ جي لئي هن نظم ۾ جيڪا ڪڙي مناس پيري آهي، رنگيني نروار ڪئي آهي ۽ تاثر کي توانائي بخشي آهي اها بلبل جي ذات جو هڪ لازوال ثبوت آهي اچو ته هن نظم جو هڪ بند پڙهي پاڻ کي ڃاڻو سڃاڻون ۽ ٻُڌي مرون:

**”گينديِ، صابڻ، برش طرافي، بوس و ڪنار، ڪتن سان ياري،**
**فوٽو، فونو، پيالو پڪچر، تاڪ ڏنا ڏن، تاڪ ڏنا.“**

بلبل جو نظم ”فنا“ هڪ بيمثال نظم آهي. هن نظم ۾ چئن چئن مصراعن وارا نو بند آهن. هي نظم پُختگي، نغمگي ۽ تخليقي طور هڪ لازوال نظم آهي. هن نظم ۾ نوان نوان ناصحانا نقطا پيش ڪري بلبل ٻُڌايو آهي تہ هي دُنيا فاني آهي. هن ۾ رهندڙ هر انسان، هرشئي هر نظارو ڪي فنا ٿيڻو آهي. هي ڌن، دولت، محل، ماڙيون منارا عارضي آهن. اِنهن ڪي فنا ٿينڻو آهي. بقا صرف الله ڪي حاصل آهي.

**”هڪ رهندو پاڻ خُدا، بابا،**
**اي جاني هي جڳ فاني ٿئ**
**ڪن سائين لوڪ صدا بابا.**
**هي عرم روان تہ رواني ٿئ**
**آخر تہ فنا هي فنا، بابا.“**

بلبل جون نظمون بلند معيار ۽ باوقار آهن.

بلبل قصيدا نگاري بہ ڪئي آهي. هن جي قصيدن جو معيار بلند آهي. هن حسن علي آفندي، سيد الهندو شاهہ، سردار محمد يعقوب، سردار محمد ابراهيم، ۽ سر آغا خان جي باري ۾ سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ قصيدا لکي خوب داد حاصل ڪيو آهي. انهن قصيدن ۾ نيڪ انسانن جي واکاڻ ڪري، قوم ڪي انهن جي ڪارنامن کان آگاهہ ڪري قوم جي دلين ۾ عقيدت ۽ احترام جو جذبو جاڳايو آهي.

حسن علي آفندي جي واکاڻ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

**”قوم جي زخم واسطي بيشڪ،**
**مثل مرهم حسن علي آهي.“**

سردار محمد يعقوب، وزير خيرپور ميرس، جي شان ۾ لکيل اردو قصيدي جو هڪ بند پڙهو:

**”کيا نام پيارا هي محمد مع يعقوب،**
**کيا خوب هي، مرغوب هي، محبوب هي مطلوب.“**

غلام محمد گرامي جي لفظن ۾ ”تضمين جي فن ۾ بلبل پنهنجو مٽ پاڻ آهي.“ هن فن ۾ ٻيو ڪو بہ شاعر هن جو مقابلو نٿو ڪري سگهي.“ بلبل

جا هي مزاحيہ شعر پڙهي تازه توانا ٿيو:

**”وجي هڪ شاپ ۾ ويهي برانديءَ کي ڪيون هاها،**
**الايا ايها السفاتي ادر ڪاسا و ناولها،**
**آهن ڪوڙا رڳو قاضي وٺن ٿا برهمن بتليا،**
**ڪجا دالند حال ما سبڪساران سا جلها،**
**وجهي وارن ۾ وَنگوڙا هلي ٿي مس جڏهن بلبل،**
**تاب حمد مشڪيش چہ خون افتاد در دلها.“**

بلبل خواجہ حافظ ۽ امير خسرو جي غزلن جي بہ تضمين ڪئي آهي. خواجہ حافظ جي غزل جي تضمين جو هڪ شعر پڙهو ۽ تراوٽ حاصل ڪريو:

**”جياپو مون تہ گهڻو پنهنجي دل ۾ راز و نياز**
**هي بار درد هجر ساڻ سور سوز و گداز**

بهار حسن اوهان جي جي بوءِ ناز انداز.

ترا صبا وسرا آب ديده شد غماز
و گر نہ عشق و معشوق راز دار آنند.“

شمس الدين بلبل هڪ پروقار، رعبدار ۽ بيباڪ شخصيت جو مالڪ هو. هن جي موزون، مناسب، شوخ ۽ بيباڪ عبارت هن جي ذهانت، قابليت ۽ بيباڪ شخصيت مان ڦٽي نڪتي آهي. هن جي عبارت ۾ سمايل عام فهم لفظ، فصاحت، بلاغت ۽ مطلب جي ادائگي پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

## عبارت:

بلبل جي عبارت حسين، دلنشين ۽ نمڪين آهي. جيڪا پڙهندڙن کي پاڻ طرف ڇڪيو وٺي ٿي. بلبل پنهنجي طنزيہ نظم ”نئون زمانو“ ۾ فيشن پرست نوجوانن ۽ حسينائن جي هلت چلت جو کهڙو نہ چٽو نقشو چٽيو آهي.

**”ڪرڪٽ بال ۽ مرد زنانہ ٻوڙن ٻُڪن، تال ترانا،**
**هري هري، هاها، هر هر تاڪ ڌنا ڌنا دن، تاڪ ڌنا.“**

بلبل جي عبارت ۾ جڻ ڪا زندگي پريل آهي، جيڪا ڳالهائي ٻولائي

ٿي، جلوا جاڳائي ٿي ۽ ماڻهن کي پاڻ ۾ ملائي، هڪ ٻئي جي قريب آڻي قربتون وڌائي ٿي.

**”صبح سويلو اربيلو**
**سهڻو سُهڻو سهج سويلو**
**جاڳي گاجر، گاگن، گيلو**
**ٻانپڻ، ملا، چاڪر چيلو.“**

اهڙي سهڻي، سهج ۽ سريلي ٻولي بلبل کانسواءِ ٻيو ڪير لکي سگهي ٿو؟

بلبل پنهنجي لازوال نظم ”فنا“ ۾ اشارن ئي اشارن ۾ زندگي ۽ موت جي باري ۾ حيران ڪندڙ حقيقتون بيان ڪري اصليت جو احساس ڏياريو آهي. بلبل جي عبارت زندگي ۽ موت جي رازن ۽ رمزن کي کهڙي نه ڪاريگريءَ سان پيش ڪيو آهي:

**”گياني نه رهيا، ڏياني نه رهيا،**
**ڪيئي جوتس لاثاني نه رهيا،**
**ٿيا آخر سڀ فاني، نه رهيا،**
**فاني نه آهه بقا، بابا.“**

تجنيس حرفي بلبل جي عبارت جي سونهنءَ آهي، سُجاڻ آهي. بلبل پنهنجي ڏگهي نظم ”رحيما“ ۾ جيڪا تجنيس حرفي جو شاهڪار آهي، تجنيس حرفي جو استعمال وڏي فنڪاري سان ڪيو آهي.

**”اسان ڪان اڇي عار ايمان ڪي،**
**تسرا رت ۾ ٿيو شرم شيطان ڪي.“**

***-*-***

**”ڪمائي اسان جي سچي ڪوڙ ڪچ،**
**نه خالي ريا ڪان صافي نه سچ.“**

بلبل پنهنجي نظم ”توحيد“ ۾ خلوص ۽ عقيدت جو اظهار ڪندي کهڙا نه سريلا ۽ رنگيلا لفظ ڪم آڻي، الله جي حاڪميت کي حڪمت ڀري نموني ۾ استعمال ڪري، دلين ۾ سرور پيدا ڪيو آهي.

**”خدا جي آهي سلطنت جاوداني،**
**هلي حاڪمن تي سندس حُڪمراني،**
**سندس ذات آ پاڪ حادث نه فاني،**

**نڪو ڪو جوڙ تنهنجو نہ صافي نہ ثاني.“**

بلبل پنهنجي نظم ”جلوه مصطفائي“ ۾ صاف صاف، سادا سادا لفظ استعمال ڪري، پنهنجي عبارت کي اوج تي پهچايو.

**”جڏهن عشق تنهنجي ڪبو اثر،**
**نہ رهي آ غير جي ڪا خبر،**
**نڪو جذب هو، نڪو وجد هو،**
**نڪو تال هو نہ ڌمال هو،**
**هي ڪمال اُن جو ڪمال هو.“**

بلبل جي عبارت ۾ مٺاس آهي، عمدگي آهي، سنجيدگي آهي ۽ نغمگي آهي. بلبل پنهنجن غزلن ۾ قافيي ۽ رديف جو باقائدگي سان استعمال ڪيو آهي. انهي ڪري هن جي غزلن ۾ نواڻ آهي، تسلسل آهي ۽ من کي موهيندڙ ميناج آهي.

**ٿي زر جي زور باري، زر آ تہ عشق ٿهہ پهہ،**
**هر موج روز جاري، زر آ تہ عشق ٿَهہ پَهہ،**
**عشق جي، عشق جي آزار جي اهڙي تهڙي،**
**درد جي، دل جي، دلدار جي اهڙي تهڙي،**
**فلڪ کي فخر آهي، چند نوراني مٿي اهڙو،**
**اسان جي ماهرو جو منهن سچو انوار مهہ مهہ مهہ.**

نون نون تشبيهن بلبل جي عبارت ۾ تازگي ۽ توانائي آڻي، اُن کي دلڪش ۽ دلفريب بنائي ڇڏيو آهي.

**پل پل تو لڪائين ائين بازن کان پکي دل،**
**هڪڙو نہ پيو نيند ٿي خونخوار پس و پيش.**

**ڪيڏي سينڌ زلفن ۾ آهي سجڻ،**
**دلين جي وِڇڻ لاءِ ناهيو آ دڳ.**

**جيئن ڪاغذي گُلن ۾ نہ بُو باس ٿي رهي،**
**بلبل نہ گُلرخن کي تيئن باوفا ڏٺم.**

بلبل پنهنجي عبارت ۾ مرڪب لفظ ڪم آڻي خوب رنگ رچايو آهي.

هي مرڪب لفظ هن جي طنزيہ نظم ”نئون زمانو“ مان ورتا ويا آهن. آڪڙ شاڪڙ، ڪوٽ ڪالر، ڪيل خوشي، ميل جول، مرد زنانا، تال ترانا، برش طرازي، بردم خوردم، ٽوڙا سوڙا وغيره جهڙن رڪب لفظن بلبل جي عبارت ۾ نئون رنگ، نئون جلوو ۽ نئين معنيٰ ٻري چڙهي آهي.

**”ڏسج نئون تهذيب نمونو ”بلبل“ باطل، فيشن جهونو**

**بابو، بابو، ميم، مڪسچر، تاڪ ڏنا، ڏن، تاڪ ڏِنا.“**

بلبل جي عبارت لاءَ جواب آهي. اُن جو پڙاڏو جديد سنڌي ادب، شاعري ۽ صحافت ۾ گونجندو نظر اچي ٿو. بلبل اڳوڻين تشبيهن، استعارن ۽ استارن ۾ نوان رنگ ڀري، اُنهن کي نئين خوبصورتي بخشي آهي. هن انهن ۾ کي ٻيا مرڪبات ملائي، نيون ترڪيبون جوڙيون آهن ۽ نوان نوان قافيا ۽ رديف گهڙيا آهن. بلبل پنهنجي تعميري ۽ اصلاحي سُڌارن کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ پنهنجي عبارت کي گهڙيوآهي، سُڌاريو آهي ۽ سنواريو آهي. اوهان کي بلبل جو ديدار ڪرڻو هجي تہ انهي جي لاءِ سندس عبارت ڪافي آهي. سچ پچ بلبل جي عبارت سندس شخصيت جو اظهار آهي، آئينيدار آهي.

بلبل جي طنزيہ توڙي سنجيده شاعري خوبين جي کاڻ آهي. اچو تہ هن جي ڪجهہ خوبين جو اپٽار ڪريون ۽ پڙهندڙن کي همٿايون تہ اُهي بلبل جي شاعري کي پڙهن، سمجهن ۽ اُنهي مان سرور ۽ سبق حاصل ڪن.

## شاعري جون خوبيون

(1) بلبل جي شاعري جي پهرين خوبي آهي مقصديت بلبل جي شاعري لفظن جو اجايو اظاهر ناهي، عمل کي چڙهي ٻجڻ جو کيل ناهي، بيمقصد ناهي. بلبل جي شاعري جو هڪ واضح مقصد آهي تہ معاشي ۽ معاشرتي مشڪلاتن وچ ۾ ڪيئن همت سان رهجي ۽ پورهيو ڪري پاڻ کي ۽ قوم کي خوشحال بنائجي.

**”بنايون ڪارخانہ ۽ وڏايون فن و حرفت کي،**

**وڃايون ملڪ جو افلاس ۽ پنهنجي مصيبت کي.“**

(2) بلبل جي شاعري جي ٻئي خوبي آهي هن جي طنز نگاري. بلبل پنهنجي طنز نگاري کي ڪاريگريءَ سان استعمال ڪري اهڙا تہ ڪارناما سرانجام ڏنا آهن جو هرڪو حيران آهي. طنز نگاريءَ جي ذريعي بلبل ديسواسين جون اکيون کوليو، اُنهن جي اوڻاين کي دور ڪري، انهن ۾ پاڻ سڃاڻن جي صلاحيت کي اُجاگر ڪيو آهي. انهن ۾ خود آگاهي، خودداري، جرتمندي ۽ ويساهہ پيري اُنهي کي تيار ڪيو آهي تہ مصيبتن کي ڪيئن منهن ڏجي ۽ سرخرو ٿجي.

”ادا اڄ وقت ويهڻ جو نہ آ، آرام راحت جو،
مگر آهي زمانو هي، هنر، حرفت ۽ صنعت جو.“

(3) بلبل جي شاعري جي ٽئين خوبي آهي مشاهدي جي قوت کي احتياط سان استعمال ڪرڻ. مشاهدو بلبل جو هڪ ڪارگر هٿيار آهي. بلبل هر شيءِ، هر صورتحال ۽ هر مشڪل جو مشاهدو ڪري، اُن تي سوچي ٿو. لوچي ٿو ۽ صحيح اندازو لڳائي پوءِ اُنهي تي لکي ٿو. مشاهدي ڪرڻ جي لاءِ ذهانت ۽ قابليت ضروري آهي. بلبل ”جلوه قدرت“ نظم ۾ هر شيءِ، هر پهلو، هر خوبي کي مشاهدي مان حاصل ڪيل معلومات کي استعمال ڪري، قدرت جي جلوي کي باريڪبيني سان پيش ڪري ٿو.

”هستيءَ ۾، مستيءَ ۾ ڇا وحدت و ڪثرت ۾،
يا ذلت و عزت ۾، ڇا عيش ۽ عشرت ۾،
دولت ۾ ”نڪبت ۾، سيرت ۾ عسرت ۾،
عبرت ۾ فطرت ۾، عير ۾، حيرت ۾،
ڇا مومن، ڇا هندو، ڇا برهمن و بابو،
جلوو تنهنجي قدرت جو اي قادرا هرسُو آهہ.“

(4) بلبل جي شاعري جي چوٿين خوبي آهي تجنيس حرفي جو فنڪارانہ استعمال. تجنيس حرفي بلبل جي طنزيہ توڙي سنجيده شاعري جي سونهن آهي. بلبل پنهنجي مڙني صنفن جهڙوڪ قومي شاعري، اصلاحي شاعري، حمد، نعت، نظم، غزل ۽ قصيدا گوئي ۾ استعمال ڪري پنهنجي شاعريءَ کي خوب سينگاريو آهي ۽ انهن جي پنهنجي اندر جو آواز

بنايو آهي.

بلبل پنهنجي طنزيه نظم ”ڪارن جي ڪارگذاري“ ۾ تجنيس حرفي جو عمدو مثال پيش ڪيو آهي.

”باجو بينڊ، بگل ۽ تڙگم،
وايولن جي رين رين رقم رقم،
نچڪو ٽپڪو واري واري،
هپ هپ هُري، هپ هپ هُري“

بلبل ”آفتاب مهتاب“ نظم ۾ تجنيس حرفي جو ڪاريگريءَ سان استعمال ڪري، روح کي راحت بخشي آهي.

”تو سان هي جڳ آهي جاري،
بادل باري، باغ بهاري،
سبزي ساوڪ، گُل، گُلزاري،
تنهنجي منهنجي آهي ياري“

تجنيس حرفي جي ذريعي شاعري ۾ سونهن، نغمگي، رواني، تسلسل ۽ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي جيڪي پڙهندڙن کي آنند ۽ اتساهه ميسر ڪري ٿي.

(5) بلبل جي شاعريءَ جي پنجين خوبي آهي سندس عبارت عبارت شاعر جي دل جو آئينو هوندي آهي. جنهن ۾ شاعر جي شخصيت، قابليت، ذهانت جوش ۽ جزبو هڪ سُريلي صورت ڌاري نظر ايندو آهي. اُها عبارت ئي آهي جيڪا شاعر جي روح کي کولي پڌرو ڪندي آهي. بلبل پنهنجي اُتم (Sublime) عبارت ذريعي جديد سنڌي شاعري ۾ وڏو انقلاب پيدا ڪيو ۽ جديد سنڌي شاعرن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي قابل بنايو.

بلبل جي عبارت سادي، سهج ۽ دلچسپ آهي. بلبل پنهنجي ڏگهي نظم ”رحيما“ ۾ مالڪ ۽ بندي جي وچ ۾ قائم ۽ دائم تعلقات جو کهڙو نه دلفريب ۽ حيرت انگيز اظاهر ڪيو آهي.

”تون مالڪ اسان جو تون داور ڏٽي،
خطائون سڀيئي عفو ڪر ڏٽي،

**توُن معبود منهنجو پڄان يا ٿهان،**
**توُن مقصود منهنجو تہ ڪاڏي وڃان؟“**

اُهي ۽ ان جهڙيون ٻيون خوبيون بلبل جي شاعري جي سونهن آهن، سجاڻ آهن.

شمس الدين بلبل سنڌي شاعري جو تمام وڏو شاعر آهي. هن جديد سنڌي شاعري جي واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ بي بها ادبي ڪارناما (Contributions) سرانجام ڏنا.

بلبل سنڌي ٻولي ۾ طنزيہ شاعري جو پهريون موجد آهي. هن محنت ڪري سنڌي شاعري ۾ طنزنگاري جو باقائدگي سان ٻوٽو پوکيو. اُن جي سار سنڀال لڏي ۽ ان کي هڪ طاقتور وڻ جي شڪل عطا ڪئي. بلبل جي وقت ۾ سنڌي وڏيرا ۽ زميندار ۽ ڇڙواڳ سنڌي جوان فرنگي ثقافت جي ڄار ۾ ڦاسجي چڪا هئا. بلبل محسوس ڪيو تہ ملن جا واعظ، تقريرون يا ڏرويشن جا نصيحتي نقطا اُنهن کي انهي ڄار مان ڪڍڻ جي لاءِ ڪافي ناهن. بلبل اُنهن جي چوٽڪاري لاءِ طنزنگاري جي راهہ اختيار ڪئي. بلبل اُنهن جو مذاق اُڏايو. انهن کي شرمنده ڪيو ۽ اُنهن تي چٿرون ڪري اُنهن کي جاڳايو. چرڪايو ۽ شرمسار ڪيو. بلبل اهڙن سنڌيدانن جو نقشو ائين چٽيو آهي.

**ڏاڙهي ساڻ ڏهاڙي جهيڙو،**
**مڇون گانگٽ، وڇون ويڙهو،**
**سيٽي، لڪڙي، چرخ شماري،**
**هپ هپ هُري، هپ هپ هُري“**

بلبل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن شاعري جي موضوعن ۾ وڏي وسعت آندي ،آئنده جي سنڌي شاعريءَ لاءِ نئين واٽ گهڙي ۽ اُنهيءَ کي محدوديت کان بچائي وريو بلبل پنهنجي شاعري ۾ نوان نوان موضوع آڻي، اُنهن تي خوب لکيو. ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر ائين نہ ڪيو ۽ نہ ئي وري ڪو ڪري سگهندو. هن جي شاعري جا هي موضوع نوان ۽ نرالا آهن. تڪبر، علم، جهل، عادل، قناعت، فنا، گردش، فلڪ، اهل جهان، آفتاب

عالمتاب، تجارت، جماعت بندي گرمي وغيره. ائين ڪري بلبل نه صرف پنهنجي قابليت ۽ ذهانت جو ثبوت ڏنو پر سنڌي شاعري ۾ نوان نوان موضوع ڪم آڻي، سنڌي شاعري جي ترقيءَ لاءِ ڪيئي نوان قدم کنيا.

## نظم کي سائنسي بنيادن تي گهڙڻ وارو شاعر:

بلبل پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ”نظم“ جي صنف کي سائنسي بنيادن تي گهڙي، اُن کي سنڌي شاعري ۾ رائج ڪيو. بلبل ڪيترائي فني ۽ موضوعاتي نظم لکي سنڌي شاعري ۾ انقلاب آندو آهي. هن جا لکيل نظم جلوه قدرت، ذات الاهي، تون آن، احساس ملت، آفتاب عالمتاب، رات، احساس ملت، فنا، تجارت وغيره مقصد ۽ معنيٰ جي لحاظ کان مڪمل نظم آهن. بلبل جا طنزيه نظم جهڙو ”نئون زمانو“ ۽ ڏکهو نظم رحيما شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

## هن قصيده گوئي کي رائج ڪيو:

بلبل پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي شاعري ۾ قصيدا گوئي کي رائج ڪيو. هن سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ قصيدا لکي، شاعري جي هن قديم صنف کي ڪافي ترقي ڏياري. بلبل حسن علي آفندي، سيد الله ڏنو شاهه، سردار محمد يعقوب، سردار محمد ابراهيم ۽ سر آغا خان تي قصيدا لکي خوب داد حاصل ڪيو. بلبل پنهنجن قصيدن ۾ ٿامس ڪارلائل (Thomas Carlyle) جي ”هيرو ورشپ“ جي نظريعي ۾ نواڻ آڻي وڏي ادبي خدمت ڪئي آهي.

بلبل پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن تضمين جي فن کي سنڌي شاعري ۾ رائج ڪيو. هن فن تحت بلبل جون نظمون ۽ غزل ساراهڻ جوڳا آهن. اهڙي فن جو مطالعو ڪندي، بلبل جي خداداد لياقت، مطالعي ۽ مشاهدي جي خبر پوي ٿي.

بلبل جو اهو ادبي ڪارنامو وسارڻ جوڳو ناهي ته ڪيئن نه هن پنهنجي حسين، دلنشين ۽ نمڪين عبارت جي ذريعي سنڌي ادب، شاعري،

صحافت ۾ مضمون نگاري جي فن ۾ بي ملھہ اضافو ڪيو آهي. موزون ۽ مناسب خيالن کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ موزون ۽ مناسب لفظ اختيار ڪري بلبل پنهنجي عبارت کي سريلو ۽ سگھارو روپ عطا ڪيو آهي. ائين پيو لڳي جڻ جديد سنڌي عبارت بلبل جي عبارت مان ڦٽي نڪتي آهي. بلبل جي عبارت جو مزو ماڻڻ لاءِ هن جي نظم ”آفتاب عالمتاب“ جو هي بند پڙهڻ جھڙو آهي.

”تون انڌاري دور ڪرين ٿو
ڪارنهن ڪل ڪافور ڪرين ٿو
سارو عالم نور ڪرين ٿو
ماڻهن کي مسرور ڪرين ٿو.“

## ادبي خدمتون:

شمس الدين بلبل هڪ باوقار شخص ۽ مقبول عام شاعر هو. هن جي شاعري ۾ جيڪا رنگيني آهي، شوخي آهي ۽ اظهار بيان جي دلفريب ڇڪ آهي. تنهن بلبل کي ٿوري ئي وقت ۾ سڄي سنڌ ۾ مقبول بنائي ڇڏيو. جيڪا ڪاميابي بلبل کي ٿوري وقت ۾ حاصل ٿي، اُها ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر کي نہ ملي. بلبل جي ڪاميابي جو راز سندس الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل قابليت، ظرافت ۽ ملنسار طبيعت ۾ پوشيده آهي.

غلام محمد گرامي پنهنجي تحقيقي مضمون ”سنڌي ادب ۾ مزاح نگاري“ ۾ بلبل جي شاعري کي ساراهيندي چيو آهي تہ ”بلبل سنڌي شاعري ۾ اهڙي نئين طرز جو موجد بلڪ خاتم آهي، جنهن جي تخليق جو شرف کيس حاصل آهي. سندس تخليقي رنگ اهڙو تہ منفرد ۽ مثالي آهي جو نڪو اڄ تائين ٻئي ڪنهن شخص اُن جو تتبع ڪيو آهي ۽ نڪو ڪو نڀاهي سگھيو آهي.“

بلبل جي شاعري جو جيترو وڌيڪ مطالعو ڪبو تہ ڪيترائي نقطا نڪري نروار ٿيندا. بلبل جي شاعري سنڌ واسين جي اندر ۾ سمايل آهي.

انهي ڪري ضروري آهي تہ هن جي سموري شاعري، صحافتي تحريرن ۽ مضمونن کي گڏ ڪري ڇپايو وڃي ۽ هن جي لکيل ڪتابن، ادبي مضمون ۽ تنقيدي تحريرن کي گڏ ڪري شايع ڪرايو وڃي. جيئن تہ نئين معلومات حاصل ٿي سگهي اهو معلوم ٿي سگهي تہ سنڌي ادب ۽ شاعري ۾ سندس ڪهڙو مقام آهي.

ﻫ

## مددي ڪتاب


(1) حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.

(2) محمد صديق ميمڻ. سنڌي ادب جي تاريخ.

(3) شيخ عدبالرزاق راز. سنڌي غزل جو تجزيو.

(4) غلام محمد گرامي. سنڌي ادب ۾ مزاح نگاري هڪ تحقيقي مقالو.

(5) ڊاڪٽر الله شاهہ حسيني. ڪلام بلبل

(6) ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل. ڪلام بلبل.

(7) غلام محمد گرامي. ڪلام بلبل جو مقدمو.

(8) ضياالدين ضياء. ديوان بلبل جو مقدمو.

# حمل فقير لغاري

(1225هه-1296هه، 1809ع-1880ع)

## اديبن ۽ نقادن جا رايا

”حمل خان لغاري ميرن جي آخري دور ۽ انگريزن جي اولائي دور جو سنڌي ۽ سرائڪي زبان جو قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. شاهه لطيف، سچل ۽ روحل کان پوءِ جيڪڏهن ڪو شاعر ديس واسين سان سلوٽي ۽ سوادي ٻولي ۾ مخطاب ٿيو آهي تہ اُهو حمل فقير لغاري آهي.“

**عبدالرحمان منگيو. يادگار حمل فقير ۾ ڇپيل مضمون ”حمل فقير ۽ سندس ڪلام“**

”درويش حمل فقير جو ڪلام سچ جو سنيهو، پاڻ ڄاڻڻ ۽ انساني جدوجهد جو آدرش ۽ عالمي امن جو پيغام آهي. هن جي شاعري ۾ بوريت نہ آهي. سڄي شاعري بامقصد آهي، خودداري، آزادي، غيرت ۽ ديس جي محبت، سڄڻ جي ساراهہ غيرن سان ڏڪار سندس شاعري جا موضوع آهن.“

**محمد شاهه ڦرڙو. يادگار حمل فقير ۾ شايع ٿيل مضمون. ”اي گت غوص جا.“**

”سندس (حمل فقير جو) سنڌي ڪلام توڙي سرائڪي ڪلام اُن جي شخصيت کي ظاهر ڪري ٿو. جنهن موجب هن ۾ في البديهہ شعر جوڙڻ ۾ گهڻي قابليت هئي. سچ پچ حمل جو شعر محبت ۽ مجاز سان گڏوگڏ ڏنگي دنيا تي ڀرپور تنقيد آهي.“

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ**

”حمل جا بيت سري توڙي ڪاڇي، لاڙ توڙي ڪاري توڙي لس ٻيلي طرف

معلوم ۽ مروج آهن. ”سندس تمنا بہ اِهائي هئي ”حمل دي هر بيت همہ جا ملڪين وچ مشهور ٿيون.“ ۽ ٿيو بہ ائينءَ سندس عام فهم، رنگين ۽ دلچسپ ۽ پُر اثر عاشقانا بيت سگهو ئي جهرجهنگ مان ڪڏندا، ٽپندا، اُڏامندا، واهڻ وسيون ڊوڙندا ملڪ ۾ مشهور ٿي ويا.“

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. حمل فقير جو ڪلام جو مقدمو**

حمل لغاري سنڌ جو تمام مقبول عوامي شاعر آهي ۽ شاهہ صاحب (شاهہ لطيف) کان پوءِ ڪيس ئي عوام ۾ مقبول هجڻ جو شرف حاصل آهي. سرائيڪي ۽ سنڌي ۾ لاثاني شاعري ڪئي اٿس.“

**سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب**

## سُريلو سُگهڙ ۽ مقبول عوامي شاعر:

حمل فقير هڪ سريلو سُگهڙ ۽ مقبول عوامي شاعر آهي. هن سُگهڙ پائي جي فن کي شاعري جي فن سان ملائي شاعري جي دائري کي وسيع ڪيو. هن شاعري ۾ تازگي، توانائي ۽ دلچسپي پيدا ڪئي. هن عوامي قصن کي ڳاتو. هن بيت جوڙي قصن کي ٻيهر زنده ڪيو ۽ اُنهن ۾ نوان رنگ ۽ نوان پيغام ڀري خوب مقبوليت حاصل ڪئي.

## زندگي جو احوال

## وڏن جو ذڪر:

حمل فقير لعاري جا وڏا ميرن جي حڪومت جي شروعاتي دور ۾ ڊيري غازي خان لڏي خيرپور رياست ۾ اچي رهيا. اُتي انهن پنهنجو ڳوٺ مير خان لغاري ٻڌو. انهي وقت ميان سعيد خان ميرن پاران سبزل ڪوٽ جو نواب هو. مير رستم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي گهرو لڙاين سبب حمل جي مائٽن کي خيرپور رياست جي علائقن کي ڇڏڻو پيو. حمل جا نواب سعيد خان جي پٽ سان لاڳاپا هئا. انهيءَ ڪري حمل جا مائٽ سڪرنڊ تعلقي ۾

ڳوٺ مير خان لغاري جي ڳوٺ لڳ ڳوٺ محمد خان ۾ اچي ويٺا.

## ولادت، تعليم ۽ مشغول:

حمل فقير جي ولادت خيرپور رياست ۾ پنهنجي اصلي ڳوٺ مير خان لغاري ۾ 1225هه مطابق 1809ع ۾ ٿي. هن جي والد جو نالو رحيم خان هو. حمل وارا پاڻ ۾ پنج ڀائر هئا ۽ حمل سڀني کان ننڍو هو.

نواب ميان سعيد خان حمل کي ننڍپڻ کان وٺي پاڻ وٽ سبزل ڪوٽ ۾ رهايو. ممڪن آهي تہ حمل جي تعليم نواب سعيد خان جي زير اثر ٿي هجي. وقت جي رواج موجب حمل پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ پارسي تعليم حاصل ڪئي. فطري ذهانت ۽ پختدگي جي ڪري حمل پارسي جو اُستاد بنيو. سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ ۾ هن پنهنجو مڪتب کوليو. رئيس مير خان جي پٽ ميان بختيار خان حمل جي ڏاڍي قدرداني ڪئي ۽ هن کي همٿائيندو رهيو تہ هو اُستاد ٿي پارسي پڙهائيندو رهي حمل ميان بخيتار جي پٽن پنهنجي پٽ محمدرحيم کي دل وجان سان پارسي تعليم ڏني حمل هڪ هوشيار ايماندار ۽ هُنر مند استاد هو. هن جي پٽ محمد رحيم جي اعليٰ تعليم ۽ قابليت سندس ڏنل تعليم جو نتيجو هئي. ٿورن سالن کان پوءِ حمل مڪتب جي پڙهائي جو ڪم ڇڏي ڏنو. هن جي پڙهائي اعليٰ درجي جي هئي ۽ هن جي صاف صاف اُچارن ۽ منڻي آواز جي ڪري، پڙهندڙن کي ڏاڍو پسند ايندي هئي. بختيار خان حمل جو وڏو قدردان هو.

## حڪمرانن ۽ وڏن خاندانن سان تعلقات:

حمل فقير پنهنجي خوش طبعي، قابليت ۽ شاعري جي ڪري هر هنڌ ڏاڍو مقبول هو. هو مخلص ۽ ڪچهري جو مور هو. انهي ڪري سندس واقفيت تيزي سان وڌڻ لڳي. هو سنڌ جي گهڻن ئي خاندانن وٽ ايندو ويندو هو. اُهي هن کي چاهيندا هئا ۽ هن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا.

خيرپور رياست ۾ رهڻ ڪري حمل فقير ۽ بختيار خان وارن جي مير

علي مراد خان سان چڱي خاصي سُڃاڻ هئي. جڏهن بہ ٻئي ڄڻا سلام لاءِ ويندا هئا تہ شاهي مهمان ٿي وڃي رهندا هئا مير علي مراد خان سندس ذهانت ۽ سٺي اخلاق جي ڪري حمل فقير لاءِ مقرر ڇهہ ماهي پينشن مقرر ڪري ڇڏي هئي جيڪا هن کي گهر ويٺي ملي ويندي هئي.

خيرپور ۾ حمل فقير مير علي مراد خان جي پٽ مير شاهنواز خان سان ملندو رهندو هو. اُتي هن جي ڏاڍي عزت ٿيندي هئي. ٻنهي جا يارانہ تعلقات هئا. مير شاهنواز خان حامل فقير جي پٽ محمد رحيم کي پاڻ وٽ نوڪري ڏني، جتي هو ڏاڍي شان ۽ مان سان رهندو هو.

حمل فقير جي خاندان جو پير سائين پاڳاري جي درگاهہ سان وڏو واسطو هو. حمل فقير جو ڀائٽيو جيڪو علم ۽ قابليت وارو هو. سو درگاهہ جو مريد ٿيو ۽ پير صاحب حذبالله ڪيس پنهنجو صلاح ڪار مقرر ڪيو. اهڙي قرب ۽ اعزاز سبب حمل فقير جو تعلق پير سائين علي گوهر شاهہ اول سان ٿيو جيڪو هڪ وڏو عالم، عارف ۽ شاعر هو. جڏهن حمل فقير پنهنجي پهرين ٿيهہ اکري پير سائين علي گوهر شاهہ کي ٻُڌائي، جيڪا پير سائين کي گهڻو وڻي، پير صاحبن وٽ حمل فقير ڏاڍو مقبول هو.

حمل فقير جو لکي جي سيدن سان وڏو واسطو هو. اُهي لنواري وارن پيرن جا مريد هئا. هو حمل فقير جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا ۽ هن جي خوش گوئي ۽ خوش طبعي جا وڏا قدردان هئا. حمل فقير جي سنڌ ۾ ڏاڍي ڄاڻ سڃاڻ هئي. هو مجلسن کي پسند ڪندو هو ۽ ڪڏهن بہ لِڪي نہ ويهندو هو. ٻُڌندڙن کي کلائي، خوش ڪري ڏاڍو مقبول بڻجي ويو.

## شادي:

حمل فقير بہ شاديون ڪيون. ٻئي زالون صورت ۽ سيرت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. ٻئي سدوريون ۽ سُلڇڻيون عورتون هيون. پهرين زال مان حمل فقير کي هڪ پُٽ ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿي. ٻئي زال مان بہ نياڻيون ۽ هڪ پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو رحيم خان رکيو ويو. محمد رحيم خان کي هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو حمل خان رکيو ويو. سندس هي پٽ ننڍي وهي ۾ گُذاري

ويو. ميان محمد رحيم کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ موجب ”انهيءَ ڪري فرينہ اولاد حمل خان جي پيڙهي ڪا نہ ٿي.

## مريدي جو سلسلو:

هڪ مريد جي حيثيت ۾ حمل فقير پنهنجي ارادت ۽ عقيدت لنواري وارن بزرگن سان رکي ائين لڳي پيو تہ حمل فقير 1247هہ ۾ 22 سالن جي عمر ۾ خواجہ محمد حسين مدني جي هٿ تي بيعت ڪري سندس مريد ٿيو حمل فقير خواجہ محمد حسن جي شان ۾ تي مدفون جوڙيون مرشد حمل فقير جو ڏاڍو قدر ڪندو هو. حمل فقير جي پڻ پنهنجي مرشد سان ڏاڍي عقيدت هئي. پهرين جهنڊي چاڙهڻ جي رسم تي حمل فقير لنواري ويو هن جون هي مصرائون انهي ڳالهہ جو ثبوت آهن.

**”حمل حمد پڙهہ تون، لکين ليل نهار،**
**اڇي اکين ساڻ ڏٺو تو، درشن ۽ ديدار.**
**”بخت ڀلو ٿيو دست ڏنائون، ڪرم ڪيو ڪلتار.“**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لفظن ۾ ”جيترو پنهنجي مرشد خواجہ محمد حسن جي يادگيري ۽ ساڻس عقيدت ۽ محبت هئي. اوترو ئي خواجہ صاحب کي بہ حمل جي سچائي ۽ صداقت، علم ۽ فضل، خاص طور تصوف ۽ طريقت جي پاڻ جو بہ قدر ڪندو هو.“ مرشد ۽ مريد ٻئي هڪ ٻئي کي چاهيندا هئا ۽ قدرداني بہ ڪندا هئا. حمل فقير لنواري وارن جو مريد هو پر پي سائين پاڳارن لاءِ هن کي ڏاڍي حب ۽ عقيدت هئي.حمل فقير ۽ سندس ڪٽنب جو پير سائين پاڳاري جي درگاهہ سان گهاٽي وابستگي هئي.

## سير ۽ سفر

حمل فقير سير ۽ سفر جو ڏاڍو شوقين هو. هن خيرپور، حيدرآباد ۽ نوابشاهہ جا وڏا سفر ڪيا. هن ننڍين ننڍين ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن جو خوب سفر ڪيو. ننڍين ننڍين ڳوٺن ۾ مشاعرا ٿيندا هئا. اُتي وڃي هو مشاعرن ۾ حصو

وڄندو هو ۽ خوب داد حاصل ڪندو هو. هو سوالن جا جواب ڏيئي خوب کلندو هو ۽ کلائيندو هو. هو ڪمال ڪاريگري سان ٽوڪون هڻندڙن ۽ چٿرون ڪندڙن کي منهن ڏيندو هو. سير ۽ سفر جي دوران هن جي شاعري اپري ۽ خوب ترقي ڪئي.

## شخصيت:

حمل فقير هڪ خوش طبع ۽ خوش گو شاعر هو. هو هڪ قابل، صلح پسند ۽ بيباڪ انسان هو. هو رلڻو ملڻو ماڻهو هو. هو هميشہ عام ماڻهن سان محبت ڪندو هو. هو مجلسن جو مور ۽ ڪچهرين جو ڪانگي هو. هن جي خوش طبعي، حاضر جوابي ۽ خوش گوئي ۽ نڪتہ سجي (Wit) سندس يارانہ شخصيت جا نمايان پهلو هئا. هن سنڌ ۾ ڏاڍا سير ۽ سفر ڪيا، هو وڏو سخي ۽ يارن جو يار ۽ دلين جو دلدار هو. ڪانگل وٽان سڄي سنڌ کي سلام موڪلڻ وارو پيارو ۽ بيمثال شاعر هو. هو سدورو ۽ سياڻو مرد متير هو. هو مينڌي ڪندو هو ۽ ڪپڙا گهڻو ڪري سادا ۽ صاف پائيندو هو. مٿي تي اڪثر ڪيمخابي ميرائي ٽوپي پائيندو هو. اها هن جي سڃاڻپ هوندي هئي. جي شاهہ لطيف سج هو، سچل سرمست چنڊ هو تہ حمل فقير هڪ چمڪندڙ تارو هو.

## وفات:

حمل فقير 71 سالن جي وڏي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ محمود لغاري ۾ تاريخ 2 صفر سن 1225ھ مطابق 1880ع ۾ وفات ڪئي. هن جو مقبرو ڳوٺ محمود خان لغاري جي ڀرسان آهي. هرسال 2 صفر تي عقيدتمند، ڳوناٺا، اديب ۽ شاعر هن جي مزار تي اچي هن کي محبت ۽ عقيدت جو سلام پيش ڪندا آهن.

## شاعري جا اهم نڪتا

(1) حمل فقير سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن سُگهڙ پائي جي فن کي شاعري جي فن سان ملايو آهي ۽ شاعري جي دائري ۾ وسعت آندي آهي. هن شاعري ۾ تازگي، توانائي ۽ دلڪشي پيري شاعري ۾ نواڻ آڻي، اُن کي مقبول بنايو آهي.

(2) حمل فقير پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن فصاحت جي ذريعي ڏگها شعر جوڙيا آهن. هن هر شيءِ کي تفصيل سان بيان ڪري اُنهن ۾ تشبيهون، استعارا، محاورا ۽ صنعت تجنيس جو ڀرپور استعمال ڪري رنگ رچايا آهن، منڊل مچايا آهن.

(3) حمل فقير روايتي اهڃاڻن جو استعمال ڪري شاهه ۽ سچل جي اهڃاڻن کي کولي بيان ڪيو آهي. هن پاڻ به ڪي هلڪا هلڪا اهڃاڻ گهڙيا آهن. ائين ڪري هن اهڃاڻڪاريءَ جي روايت کي ٻيهر زنده ڪيو آهي.

(4) حمل فقير پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن ڳوناڻن موضوعن کي ڳوناڻي سادي، سلوڻي، ماکيءَ کان مٺي ۽ من موهيندڙ اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي. هن جا ٻول عين ڳوناڻي ماحول منجهان کنيل آهن، جي نه صرف ماڻهن کي متاثر ڪن ٿا پر هر جاءِ رواني، ترنم ۽ موسيقيت به پکيڙن ٿا.

(5) مزاح جو مطلب ٻئي کي هيٺ ڏيکارڻ ناهي، اُن کي خوار ڪرڻ ناهي. مزاح هڪ ناڪاري جذبو ناهي، پر مزاح سچ پچ هڪ هاڪاري جذبو آهي. حمل فقير پنهنجي ڪلام ۾ فني ڪاري گري جي ذريعي ڪلائي، انساني اوڻايون دور ڪري، وري انسان کي چڱو ڀلو بنائي ڇڏي ٿو. حمل فقير مزاح جي صنف ۾ پيار ۽ همدردي جا رنگ ڀري، اُن کي مقبول بنائي ڇڏيو آهي. حمل فقير جهڙا مزاحيه شاعر ورلي نظر ايندا آهن.

## حمل فقير- به اُستاد شاعر

حمل فقير ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪرڻ سروع ڪئي. هن جي والد رحيم خان، جيڪو پاڻ به هڪ شاعر هو حمل کي همٿايو ۽ هن کي شاعري ڏانهن گهڻو متوجه ڪيو. حمل وڏو خوش نصيب هو جو هن کي وقت جا به نامور شاعر مليا جن هن جي تربيت ڪئي ۽ هن کي قابل قدر شاعر

بنجڻ ۾ هن جي رهنمائي ڪئي. اُهي ٻه نامور شاعر هئا. (1) مولوي لطف علي ۽ (2) خليفو نبي بخش لغاري.

مولوي لطف علي بهاولپور رياست جو رهاڪو هو. هو حمل جو وڏو همعصر هو. لطف علي ”سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال“ جو قصو سرائڪي ٻولي ۾ لکيو. جنهن حمل کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هن سيف الملوڪ جي قصي جي پيران هڪ ننڍي مثنوي ”قصہ سري جمجمہ سيلطان، معجزه عيسيٰ عليه السلام“ جوڙي.

حمل پنهنجي بياض ۾ لطف علي جا ڇهه چونڊ بيت لکيا ۽ اُن جي پيران پنهنجا رچيل بيت لکيا. لطف علي محبوب جي مجازي تعريف لاءِ هي بيت چيو:

**نين سياه سريجن دي هن، سهجئون مست مدام ڏؤهين،**
**مينت، مرگهٹ ڇوڙ بحر بر، چمن تيڏي اقدام ڏوهين،**
**داراتين سلطان سڪندر، دردي خاص غلام ڏُوهين،**
**يا رب لطف علي ڪون شوقؤن، مل شتاب امام ڏؤهين.**

هن بيت جي پيران حمل هي بيت چيو:

**”ناز پر هي دي نين سدائين، مي ٻن هِن مستان ڏؤهين،**
**جادو، جلويدار جنگار، سرڪش هن سلطان ڏؤهين،**
**خون ڪيتي نِتِ ڪيوي ڦردي، پرور دي پهلوان ڏؤهين،**
**ڪر ڪر آون درد مندان تي، جنگ آتين جولان ڏؤهين.**

ٻنهي بيتن کي پيٽڻ سان خبر پوي ٿي لطف علي گهڻو بليغ آهي ۽ حمل زياده فصيح، حمل جو هي بيت لطف علي جي بيت جو تتبع آهي.

لطف علي هن بيت ۾ نئين صنعت ڪم آڻي مجازي محبوب جي تعريف هيئن ڪئي آهي:

**ميرا دلدار، موهن منٺار، يگانہ يار، ذهين بيمار،**
**سدا سيمار ڪري ياد شهييان،**
**آنکين پُر رنگ، دروني دنگ، گُهن اڙٻنگ،**
**ڪرن نِت جنگ، سدا سر سنگ لهتن سرواهيان.**

هن بيت جي تبع ۾ حمل هي بيت چيو:

**”ميرا دلدار مٺا منٺار اوي غمخوار**

**سٺان ڪم ڪار ويڪان مُڪ يار دا.**

**وِڪالي چم، جڏان جنهن دم، وڃن سڀ غم،**

**جي ڪوي جم، زلف دي تار دا.“**

ٻنهي بيتن ۾ چار چار قافيا جرڪندي ۽ منڌ مچائيندي خوب نظر اچن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش جو چوڻ آهي، ”ته انهي خيال کان مولوي لطف علي سرائڪي شاعري ۾ ڄڻ حمل جو حقيقي اُستاد آهي.“

حمل فقير جو ٻيو اُستاد شاعر سندس عزيز خليفو نبي بخش لغاري هو. جيڪو سنڌي ٻولي جو هڪ ناميارو شاعر ٿي گذريو آهي. خليفي نبي بخش حمل فقير جي خوب رهنمائي ڪئي ۽ هن کي سنڌ جو بهترين عوامي شاعر بنائي ڇڏيو.

خليفي نبي بخش ”سسئي پنهون“ جو منظوم داستان جوڙي سڄي سنڌ ۾ هل چل مچائي ڇڏي، جنهن جي جواب ۾ حمل فقير ”هير رانجهي“ جا ست بيت سرجيا. اهو ظاهر ڪري ٿو ته حمل فقير خليفي نبي بخش جي شاعرانه خوبين جو قائل هو. خليفي نبي بخش مجازي محبوب کي ساراهيندي هي بيت جوڙيو.

**”محبوب ڏٺو سي خوب، دلين تي دام گهتي دُر دانا، يار يگانه،**

**چٽڪيا شوق شڪار شتابي، چا ترڪش، نير ڪمانا، ڪر بهانا.“**

حمل فقير به هڪڙو بيت جوڙي خليفي نبي بخش کي خوب خوش ڪيو. اهڙي بيت مان خليفي نبي بخش جي شاعري جي سُڳنڌ محسوس پيئي ٿئي.

ٻنهي اُستاد شاعرن حمل فقير جي شاعري کي سينگارڻ ۾ هن جي خوب رهنمائي ڪئي ۽ هن کي سنڌي شاعري جو هڪ منفرد ۽ جدت پسند شاعر بنائي ڇڏيو.

## حمل فقير جي شاعري:

يادگار حمل فقير ۾ لکيل پنهنجي مضمون ”حمل فقير ۽ سندس

ڪلام“ ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي عبدالرحمان منگي لکي ٿو تہ ”حمل خان لغاري ميرن جي آخري دور ۽ انگريزن جي اولائي دور جو سنڌي ۽ سرائڪي زبان جو قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. شاهہ ڀٽائي، سچل ۽ روحل ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪو شاعر ديس واسين سان سلوڻي ۽ سوادي ٻولي ۾ مخاطب ٿيو آهي تہ اُهو حمل فقير لغاري آهي.“

حمل فقير جو هٿ آيل ڪلام سندس ڪليات ۾ موجود آهي. انهيءَ جو اڌ ڪلام سنڌي ۽ اڌ ڪلام سرائڪي زبان ۾ چيل آهي. ڪجهہ شعر هندي ريختہ ۾ چيل آهن. سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ چيل ڪلام ۾ مدحون، معزا، مناقب، مثنوي، سہ حرفيون، بيت، ڪافيون، غزل، هنر، ڏهسناما ۽ معما وغيره شامل آهن.

حمل فقير جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام گهڻو مقبول آهي. عوام انهيءَ کي دلين ۾ سانڍي رکيو آهي. سندس ڪلام کي ڳوڙهائي سان پڙهنداسين تڏهن سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جون خصوصيتون معلوم ٿي سگهنديون. حمل جي سنڌي ڪلام ۾ ڪلاسيڪيت جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. اُنهيءَ ۾ معلومات جا ذخيرا موجود آهن. اُنهن ۾ سنجيدگي آهي. جيڪا اعليٰ درجي جي آهي. سرائڪي ڪلام گهڻو ڪري عوامي رنگ ۾ رنگيل آهي. ان ۾ مزاحيہ رنگ بہ آهي ۽ مجازي حسن ۽ عشق جون مهميرون روان دوان آهن. انهيءَ ۾ چٽسالي، حرفت ۽ چالاڪيءَ جا رنگ چٽا نظر اچن ٿا.

## شاعري جا موضوع

حمل فقير هڪ وڏو عوامي شاعر آهي. هن جي شاعري جا موضوع بہ عوامي آهن. هن جي شاعري جا نمايان موضوع هي آهن. (1) مرشدن جي ساراهہ (2) وڏن واقعن جي ترجماني، (3) سنڌي قصا ۽ داستان، (4) مزاح نگاري، (5) مجازي حسن ۽ عشق جو آواز (6) يار ۽ ياراڻي، (7) وطن جي محبت، (8) اورچائي، (9) همت ۽ حوصلو (10) جاکوڙ ۽ (11) خود اعتمادي هن جي شاعري هڪ ڪليل دل ۽ تيز دماغ واري محب وطن شاعر جي اندر جو آواز آهي.

## حمل فقير جي شاعري جا رنگ:

حمل فقير جي شاعري سنڌ جي سمورن رنگن ۾ رنگيل نظر اچي ٿي جيڪي اکين کي ٺرمائي ۽ روح کي ريجهائي ڇڏن ٿا.

(1) حمل جي شاعري جو عوامي رنگ هن کي پنهنجي عوام ۾ مقبول بڻايو بيٺو آهي.

**ڪانگل ڇٽج قريب ڪي، ساري سنيهو،**
**ڏيان نياپا نياز سان، ڪانگل پيو ڪيهو،**
**ڏيئي حال حمل جو جانب ري جيهو،**
**ٻه پيئي نيهو ڏج سنيهو سڄڻين.**

(2) حمل جي ڪلام ۾ مزاح جو رنگ به خوب آهي.

**زلف ڏنگا، ابرو ڏنگا، گُفتار ڏنگي، رفتار ڏنگي،**
**جنهن جاءِ هوندا هي چار ڏنگا، لاچار هوندي هر ڪار ڏنگي،**
**جت يار ڏنگو اغيار ڏنگو هدار ڏنگو بازار ڏنگي،**
**جت سوار ڏنگو ڪمدار ڏنگو مختيار ڏنگو سرڪار ڏنگي،**
**ڪير ڪنهن جو فرياد سڻي، ڪير ڪنهن جو ڪو داد ڪري.**

حمل زميندارن، ڪمدارن ۽ سرڪاري عهديدارن تي کهڙيون نه گهريون چوٽون ڪيون آهن.

(3) مجازي حسن جي رنگ جون رمزون به ڏسو:

**اکيان هِن تلوارين تيريان ڪجل تيرا ڪامڻ،**
**ڪجلے نال ڪلور ڪيتوئے، اکيان ڪون دے آمڻ،**
**ديدان دا دستور اهو جو دام وڏا گهت دامڻ،**
**حمل هزار اکين هن ڪيے راجا جيهي رامڻ**

(4) اهجاڻ ڪاري جو اليبلا رنگ ڏسو ۽ حمل جي شعور کي

جاڳندي، جلهون ڪندي ڏسي ڪيس سلام ڪريو

**پائيندڙ ڪي پاءِ، يڪون ڏهاڙي پر سان،**
**چوڙ ٻڏين ڪينڪي، نينهن جو ڏوءِ ڏڪاءِ،**
**توکي ننڊن نهوڙيو غفلت، گيرب گاءِ،**

حمل هن درياءِ، لکن کي لوڙهي ليو.

(5) حمل جي ڪلام ۾ عڪس جو رنگ بہ نور پکيڙي ٿو ۽ يادگيرين کي وري جيئرو ڪري ٿو. حمل فقير پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن کي اهڙي تہ انوکي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو جو اُهي سهڻي صورت ڌاري هن جي اکين اڳيان جهل مل ظاهر ٿين ٿا جڻ تہ اُهي تجربا ۽ مشاهدا هينئر ئي ڏٺا ويا آهن.

حمل فقير سرمارئي ۾ ٿر جي جهنگي ڦلن ڦُولن جو ذڪر ڪري هڪ جيئرو جاڳندو فطري عڪس پيش ڪيو آهي. سڀ شيون هن جي اکين اڳيان ظاهر ٿي پاڻ پسائي رهيون آهن ۽ روح ريجهائي رهيون آهن.

**ڏٺم ڏاڏاڻي ڏيهہ تي، جاپندي چاريون،**
**ماکيون مٺيون پاڻيان، ڪپڙيون ڪاريون،**
**تنين کي ساريون جهڄي هاڻءُ حمل چئي.**

حمل جي ڪلام جا هي رنگ وڏيڪ رنگين، وڏيڪ حسين ۽ وڏيڪ دل نشين ٿي ويندا آهن. جڏهن اسلوب جي چَل چَل اُڇل ۽ هلچل اُنهن ۾ رواني، پيري رفتار ۽ ترنم پيري ڪو جادوئي اثر جاري ڪنديون آهن.

## گهڻن صنفن ۾ شاعري:

حمل فقير جي پيشرو (Predecessor) خليفي نبي بخش لڳ ڀڳ 22 صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي. حمل فقير لڳ ڀڳ 15 صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي. جهڙوڪ مدح، مناجات، معجزو، مناقب، مثنوي، سہ جرفي، ڏهسنامو، معرفت نامو، نصيحت نامو، بيت، چار تڪا بيت، ڪافي، غزل، معمو ۽ منظوم صحيفو وغيره. اچو تہ حمل فقير جي چند صنفن ۾ ڪيل شاعريءَ جو جائزو وٺون:

### (1) بيت:

حمل فقير ڪلاسيڪل صنف بيت ۾ بهترين شاعري ڪئي آهي. هن ست سر سرجيا آهن. سر سسئي، سر مارئي، سر سهڻي، سر مومل، سر سارنگ، سر ڪانگل ۽ سر بروو سنڌي. اُنهن ستن سُرن ۾ ڪل 165 بيت ۽ 7 ڪافيون آهن. سندس ستن سُرن ۾ ٽن سٽن وارا 12 بيت، چئن سٽن وارا 36 بيت پنجن سٽن وارا 15 بيت، ڇهن سٽن وارا 6 بيت، ستن سٽن وارا 5 بيت ۽ 11 سٽن وارو هڪ بيت آهي. سندس بيتن ۾ ٻن سٽن وارو ڪو به بيت ناهي.

حمل فقير جي بيتن واري شاعري سنجيدگي ۽ مقصد سان ڀريل آهي، هن جون تشبيهون ۽ محاورا دلفريب آهن. عڪس ۽ اهڃاڻ چٽا آهن. پر روايتي آهن.هن جو سرڪانگل عوامي شاعري جو هڪ بيمثال مثال آهي. نبي بخش بلوچ جي لفظن ۾ ”انهن ۾ رچيل سلاست ۽ رواني حمل فقير جي زبان جي ساک ڀرين ٿا.“

## (2) مدح:

مدح هڪ قديم عوامي صنف آهي. حمل جي ڪلام ۾ 4 مدحون آهن جن مان 3 سنڌي ۾ ۽ 1 سرائڪي ۾ آهن. حمل فقير پنهنجي اُستاد خليفي نبي بخش لغاري وانگر ڊگهيون مداحون به سرجيون آهن. خليفي نبي بخش پنهنجي وقت ۾ هڪ ڊگهي مدح ”داد ڪر بغداد وارا“ رچي. هن مدح ۾ 34 بند آهن ۽ هر هڪ بند ۾ پنج پنج مصراعون آهن. حمل فقير جي جوڙيل مدح ”ڪر مهر مون تي مصطفيٰ“ تمام ڊگهي آهي. هن ۾ 81 بند آهن ۽ هر هڪ بند ۾ 3 هم قافيا مصرائون ۽ هڪ وراڻي واري مصرع آهي.

**”هي لڙهه لغاري لام تو.**
**سيد سچا پيو سام تو.**
**دل ٿار نيڻن نام تو.**
**ڪر مهر مون تي مصطفيٰ.**

## (3) ڪافي:

ڪافي سنڌ جي جهوني صنف آهي. سنڌي شاعرن وايون ۽ ڪافيون جوڙي سنڌي شاعري ۾ خوب ڪمال ڪيو آهي. حمل فقير جي ڪلام ۾ 6 سنڌي ۽ 1 سرائڪي ڪافي آهي. ڪافين جي سٽاءِ، موضوع ۽ پيش ڪرڻ

جو طريقو ڏاڍو نيارو ۽ پيارو آهي. هي سرائيڪي ڪافي بهترين آهي.

**سانون شوق مچايا شور، شور وے لوڪو**
**سانون شوق مچايا شور.**
**رانجھے جيھا اور نہ ڪوئے، هي محبوبان دا مور.**
**سانون عشق مچايا شور.**

سنڌي ڪافيون سريليون ۽ رسيليون آهن. حمل فقير جي هي ڪافي برهہ جي بار سان ڀريل آهي.

**موٽ ميڊا منٺار يار، تو لئہ ساهہ سِڪي ٿو**
**ساجن توڙي سپرين، برهہ آيا سربار،**
**حمل هر دم ٿو گهري، تنهنجو دوست ديدار.**

سر مارئي واري هي ڪافي ڪلاسڪي رنگ ۾ رتل آهي وطن کان وڇڙيل مارئي جي اندر جو آلاپ آهي.

**"آهہ اندر منجهہ اُڪير، عمر مون کي ماروئڙن جي."**

حمل فقير جي ڪافين ۾ رنگ آهي، ترنگ آهي، لئي آهي ۽ موسيقي بہ آهي.

## (4) غزل:

حمل جي ڪلام ۾ 3 غزل شامل آهن. 1 غزل سنڌيءَ ۾ ۽ 2 غزل هندوي ۾ آهن. اُهي منن ٻولن وارا غزل آهن. اُنهن ۾ گهرائي ۽ سنجيدگي ناهي. اُنهن ۾ هلڪو هلڪو ترنم ضرور موجود آهي. سنڌي غزل جي هن شعر ۾ مجازي حسن جي خوب ساراهہ ڪيل آهي.

**لعل لب لالن سندا، لک لعل تنهن مؤن لعل ٿيا،**
**سادي لالي لبن قربان ڪئين مرجان جان.**

هي هڪڙي هندي غزل جو شعر پڙهو:

**دين دنيا، عيش عشرت، اس ڪے دل سون اُترے،**
**جس سخي ساقي ڪا هاٿون پر پيا ہے جام دِل.**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لفظن ۾ "سنڌي خواهہ ريختہ هندي ۾

نسبتاً جديد رنگ جا غزل موجود آهن.

**(5) چار تڪا بيت:**

مولوي لطف علي نئين قسم جا بيت جوڙيا جن کي ”دوهڙے دهڙے“ يا ٻتا ڏوهيڙا چئبو آهي. ٻن ڏوهيڙن کي جوڙي هڪ چئن هم قافيا سٽن وارو بيت ٺاهيو ويو. اُنهي بيت ۾ ترنم دلپزيري ۽ موسيقي جو جادو سر چڙهي ڳالهائي ٿو. حمل فقير بہ چئن هم قافيا سٽن وارا بيت جوڙيا آهن. انهن ۾ حقيقيت ۽ هدايت وارا بيت خوب آهن.

**خودي خدا نون مول نہ ڀاندي، خودي خدا تون پلي،**
**خودي ڪيتي، خراب ڪيتي، گئي بخت الرئي دي تلي،**
**خودي جيهي خطا نہ ڪائي، مارخودي لون ڪُلي،**
**حمل حب حقاني هووي، چوڙ خودي خود ملي.**

هي چئن هم قافيہ سٽن وارو بيت صنعت تجنيس جو بيمثال مثال آهي.

**حمل فقير جي سرائڪي شاعري:**

حمل فقيري جي سنڌي شاعري بيمثال آهي تہ سندس سرائڪي شاعري بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. حمل جو سرائڪي ڪلام هڪ ڪلي دل ۽ تيز دماغ واري شاعر جي اندر جو آواز آهي، روح جو راڳ آهي. هن جو سرائڪي ڪلام هر رنگ ۾ رنگيل آهي. اُن ۾ پيار بيشمار آهي. ترنم جي رم جهم بوند بهار آهي، اُن جي رفتار ڇڙ ڪا سنڌو جي ڌارا آهي ۽ موسيقي موهن جي مُرلي جي گونجار آهي.

حمل فقير جي سرائڪي شاعري فطري آهي. اُها مصنوئي ناهي اُها انساني جذبن ۽ احساسن جي بي معنيٰ راند ناهي. سچ پچ اُها انساني جذبن، تجربن ۽ آدرشن جو ڪليو ۽ فطري اظهار آهي. جيڪو پڙهندڙن کي پرمائي ٿو ۽ گرمائي ٿو. حمل جي سرائڪي شاعري جا موضوع نوان ۽ نرالا آهن. مرشدن جي عقيدن سان ساراهہ، نصيحت ناما، ٽيهہ اکريون، هير ۽ سندس ماءُ جا سوال جواب التجا بہ حضور محبوب، قادر جي قدرت، هير ۽ سندس مجاز عشق، دلبر جو حسن، سڄڻ جا ماڻا، مجازي عشق جون مهميزون، مزاح

وغيره. حمل جي لعل لنواري جي مدح ڪي پڙهوءِ سرور حاصل ڪريو.

**واه محبوب مڪمل مرشد، حامل لطف رباني،**
**لائق لعل لنواري دا شهہ نقشبندي نوراني،**

نصيحت نامي جي نڪتن مان ڪجهہ پرايو.

**ڪر ڪجهہ ياد خدا ڳون بندا، ڇوڙ دنيا دا ڪوڙا ڏنڊا،**
**حرص، هوس دا تاڙ نہ ڏنڊا، ڪر گهن ڪجهہ تون نيڪ عمل،**
**اها عمر نہ آسي وَل.**

”دربيان خطاب والتجا بحضور محبوب“ دکي دل جو درد ڀريو ترانو آهي.

**الف آءُ سهڻا جاني، يار ميرا،**
**گل لڳ ڪرون منيان ڳالهيان جي،**
**اسان ٻاجهہ آرام حرام هيا،**
**تڏهين تون ڏي، تون آ يار.**

## هيرءِ سندس مجاز جو روپ ڏسو:

**رانجهو راضي، تان رب راضي، ميڏي پيش رانجهن لُڪ آزي،**
**روز الستي عشق اسا دا، ماهي نال مجازي،**
**ڪيڙا خوني خللي، ميڏا ماهي نيڪ نمازي،**
**حمل هميشہ حيات رانجهو رب، ڏيوس عمر درازي.**

دلبر جي ديدار جون برڪتون ڏسو:

**”دلبر دا ديدار ڏٺي، ڪل درد الم، غم دور ٿيون،**
**حوران، پريان ديک حسن، سڀ چٽپٽ سي چڪچور ٿيون.“**

”سہ حرفي دربيان خطاب والتجا بحضور محبت“ ۾ عشق ۽ عمل جي لڙائي ڪي کهڙي نہ سهڻي نموني نيايو ويو آهي.

**جنهن جي سڪ سانون، سوئـــے آءُ مليا،**
**هڻ پيچ، پٽي پَٽـــے سيـــے سيي پولڙ ـــے پيي،**

**حمل، اسان وصال بحال ٿيا،**
**ڳــــــــے وچ والــــــــے رنج رولڙے پــــــــے.**

مجازي دلبر جي حسن جي تعريف لاجواب آهي. ڇا تشبيهون آهن، ڇا محاورا آهن.

**منهه مسجد، محربا ڀرون، وچ نين ديوي ڏون ٻلدي،**
**سهي ڪيتو سي سجدا انهين وچ اصلون روز ازل دي،**
**محبت، ڏينهن ميثاق لڳي هيئون عاشق اڄ ڪلهه دي،**
**حمل هر اک دم جو ساڏا، قاصد هِن پل پل دي.**

غير زميوار نوجوان جي اعمالن کي مزاحيه رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

**ڏنگي ٽور تين پٽڪا ڏنگا، هٿين پنج ڇهه ڇلي،**
**ڪڍ ڪڍ پٽوين تين وٽ ڏيندے اُبتــــــے پيچ اوَلــــــے،**
**آکڙ شاکڙ نال شهر وچ ٽوٽ ٽُرن کر ٽلي،**
**طرے چوڙ نڙان تــــــے کڙدے گانڊو کر کر گلــــــے.**

حمل جي سرائڪي شاعري ۾ سڀ رنگ موجود آهن. ساراهه جو رنگ، پيار جو رنگ، انتظار جو رنگ، ديدار جو رنگ، ڪل خوشيءَ جو رنگ. حمل جي سرائڪي شاعري جڻ زندگي جا گيت ڳائيندي نظر اچي ٿي.

حمل جو اسلوب بيمثال آهي. اُهو سريلن ٻولن، سريلين تشبيهن ۽ پيارن محاورن سان سينگاريل آهي ۽ سڌو دل تي اثر ڪري ٿو. حمل جو اسلوب نه رڳو هن جي شاعري جو تاج آهي، پر سنڌي شاعريءَ جو هار سينگار به آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لفظن ۾ ”حمل جي شاعرانه اسلوب ۾ وڏي لچڪ آهي.“ اُن ۾ اُڇل به آهي جيڪا سوين سير ڪرائي من کي موهيو ڇڏي.

حمل فقير جي سرائڪي شاعري دل کي ڇهڻ واري آهي. خوبصورت لفظ، اُنهن جي خوبصورت پيش ڪش ۽ قافين جي فنڪارانه ادل بدل روح کي ريجهائي ٿي. ڪٿي خوشيءَ جا خزانا آهن، ڪٿي جدائي جو درد آهي.

ڪٿي ملڻ لاءِ آزيون نيزاريون آهن، تہ ڪٿي وصل جي وائي آهي. سندس ڪلام ۾ زندگيءَ جا سڀ رنگ سمايل آهن. هن جي سرائڪي شاعري لاجواب آهي، لازوال آهي.

## حمل جي عوامي شاعري:

عوامي شاعري ڌرتي ڄاول ماڻهن جي شاعري آهي اُها انساني جذبن ۽ احساسن، سوچ ۽ لوچ، جدوجهد ۽ جاکوڙ آرزوئن ۽ آدرشن، هار ۽ جيت ۽ اڻ کهيل ارمانن جي اصلي ۽ فطري شاعري آهي. عوامي شاعري عام ماڻهن جي جزبن ۽ احساسن جي سولي، سليس ۽ سلوڻي ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪرڻ جو نالو آهي. عوامي شاعري جا موضوع سادا ۽ سچا هوندا آهن، اُنهن جو اظهار اُنهن جي لاءِ زندگي کي سمجهڻ، اُن تي عمل ڪرڻ ۽ زندگي جي ترجماني ڪرڻ آهي.

حمل فقير هڪ مستند عوامي شاعر آهي. هن جا موضوع عوامي آهن ۽ هن جي ٻولي بہ عوامي آهي. عوامي شاعري جو واسطو عام ماڻهن سان آهي. عام ماڻهو هلن ٿا، ڪرن ٿا، وري اُٿن ٿا ۽ رڙهندا، جهرندا، سور سهندا، مصيبتن جو مقابلو ڪندا اڳتي وڌن ٿا. فتح يا هار انهن جي لاءِ بي معنيٰ آهي. جدوجهد اُنهن جي لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. ”سرسسئي“ ۾ سسئي هڪ نربل ۽ نازڪ نار هوندي بہ پنهون کي ڳولڻ لاءِ سوين سور سهي ٿي هزارين مصيبتن جو مقابلو ڪري ٿي پر واپس نٿي موٽي.

سرتيون سپيئي، وچون واٽ وري ويون،
حمل هلي هيڪلي، سسئي سر ڏيئي،
ڪٿي پير پنهل جو پٽي تن پيئي،
وچڙ کي ويئي، موٽي موٽي ڪينڪي.

حمل فقير سادن ۽ سولن لفظن جي ذريعي سنڌ ڄائي سسئي جي بيمثال جرئت جو کهڙو نہ چٽو نقشو چِٽيو آهي. سنڌ جا عام ماڻهو جيءَ کي جوکي ۾ وجهي اڳتي هلندا رهندا آهن. هي عوامي شاعري جو انمول انگ آهي.

سنڌي ماڻهو وطن ڄايا آهن ۽ وطن انهن جي لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. هو وطن کان دور ٿي سور سهندا آهن، پر وطن کي وسارڻ اُنهن جي لاءِ موت برابر آهي ٿر ڄائي مارئي جو بہ اهو ئي حال آهي. عمر ڪوٽ ۾ قيد هوندي بہ هن کي وطن ۽ وطن جي هر شيءِ هر وقت ياد آهي.

حمل حُب وطن جي، اندر روح رهي،
ساڪي رب صحي، دليون ويڙ نہ وسري.

مارئي ٿر جي ماڻهن، اُتي جي جانورن، وڻن ٽڻن، گاهہ ولين، ڦلن ڦولن ۽ ويس وڳن کي ساريو ڇئي پيئي.

عمر اباڻي پار ڏي، لاڪ رتيون لويون،
ستي ويئي ساريان، لاکيون جي لويون،
سيئي پيارن پاڻ ۾، لوڻ لسي لويون،
لويون، هاڻي هت حمل ڇئي.

ماري جي وطن جي حُب کي سادن ۽ سلوڻن لفظن ۾ بيان ڪري حمل عوامي شاعري جي ساک پري ٿو. عوامي شاعر جو جيترو ملڪو ٻولي ۽ اُن جي اظهار تي هوندو، اُن جي شاعري بہ اوتروئي اثر ڇڏيندي.

ڪانگل سنڌ جو عام پکي آهي. حمل اُن کي سادن ۽ سولن لفظن جو جامو پارائي، اُن کي قرب جو قاصد بنائي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. ”سر ڪانگل“ حمل جي عوامي شاعري جو سينگار آهي.

ڪانگل چئج قريب کي، نيئي نياپا،
چئجان چگّيان ڪري، ڏيئي ڏوراپا،
سٽيم تو ساجن لئي، سگّ ۾ سياپا.
جيءَ جا، جياپا، هيڪر آءُ حمل چئي

پنهنجي ارمانن کي سادن ۽ سولن ٻولن جي ذريعي ظاهر ڪرڻ عوامي شاعري جي خاص خصوصيت آهي.

ٽڪر ساڻ ٽڪر هٽي ۾ هلان ڪري،
واڪا ڪيون ورائي وڃي ڍرڪي منجهہ ڍڪر،
حمل هاڙهي حب جي پٽين پير پٽر،

**وهايائين وکر، ڪو سورن سندو ساٿ مون.**

سادن ۽ سولن لفظن ۾ سسئي جي ارڏن جزبن جو اظهار ڪري عوامي شاعري جي عوامي رنگ کي پڏرو ڪيو ويو آهي.

حمل فقير ملڪ جي بدليل حالتن جو ڪهڙو نه چٽو نقشو چٽيو آهي.

هئي هئي هئي هاءِ جو محبت ويئي ملڪ مون،

**جتي قرب ڪمال هو، تتي لاءِ نه ساءِ،**

**حمل چئي هن ڳالهه جو ڪونهي سُڌ سماءِ**

حمل فقير هڪ "معمي" ۾ هي خيال پڏرا ڪيا آهن: سادا خيال، سادي ٻولي پر عمده عوامي شاعري.

**عجب ڏٺوسي آدمي، دل جو ڏيان ڏري،**

**نه رزق خاطر راتيان ڏينهان ٿو پيرين پنڌ ڪري،**

**توڙي هلي تکڙو، توڙي هلي هري،**

**تان حمل چئي نه چُري، رهي نيٺو هن هنڌ تي.**

حمل فقير عام ماڻهن جي عام جذبن ۽ احساسن کي عام فهم سولي ۽ سلوڻي ٻولي ۾ بيان ڪري عوامي شاعري کي فني پُختگي عطا ڪئي ۽ عوامي شاعري جا ڪيترائي جُزا ٻڌائي عوامي شاعري کي وڌڻ ويجهڻ جا آسان ۽ عمدا راز ٻُڌايا آهن.

## حمل جي مجازي شاعري:

سنڌ ۾ مجازي شاعري جو خالق ميون شاهه عنات رضوي آهي. هن کان پوءِ سنڌ جي ٻئي قادرالڪلام شاعر خليفي نبي بخش لغاري مجازي شاعري کي وڏي مقام تي پهچايو. هن جي مجازي شاعري لاجواب آهي، بيمثال آهي. ڇا هن جو مواد آهي، ڇا هن جي عمده تجنيس هرفي آهي ۽ ڇا اُن جو ڪليو ڪلايو اظاهر بيان آهي. هن جي مجازي شاعري سحر انگيز آهي.

حمل فقير جي مجازي شاعري من موهيندڙ ۽ چت چورائيندڙ آهي. هن جي صاف گوئي ۽ خوش طبعي هن جي مجازي شاعريءَ کي چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪائي ڇڏيو. حمل مجازي محبوب جي حسن کي خوب ساراهي ٿو.

**سهڻي صورت سيرت تيڏي، منهن لب منايان،**
**ڪيا سارهيان!**
**حوران پريان ديک حسن سي شرم ڪنون شرمايان،**
**ول نہ آيان!**
**سُهڻيان صفتان سڀ ٽُسان وچ رب رحيم رهايان،**
**واهہ وڏايان!**
**تيڏي بيت برهہ دي بيشڪ، حمل هن هوايان،**
**عشق اُڏايان!**

حمل جو مجازي محبوب حسن جو نادر نمونو آهي. دنيا جي هر شيءِ هن جي ٻانهي آهي، هن جي سلامي آهي. حمل فقير محبوب جي جسماني عضون جو ڪهڙو نہ دلفريب چٽ چٽيو آهي.

**ڪنڊا نڪ، نين ڪنڊي ڪامل، ٻرون جيهاندي جاڙي،**
**صورت صاف، سرو قد قامت، نين ڳوڙهي، گل ڳاڙهي،**
**چشمان چائين نين چالائين اپني عشق اُماڙي،**
**ٻالڻ نال ٻلاڙي.**

حمل محبوب جي ٽور کي بہ خوب ساراهي ٿو.

**عجب جيهي هي ٽور سڄڻ دي، عجب جيهي هي چال،**
**عجب نرالي.**

محبوب جو حسن زوراور آهي:

**دم دم دوست سڄڻ دا، حسن ڪريندا هلان،**
**ڪيڪر هلان.**

محبوب جو حسن ماري ٿو ۽ وري جياري ٿو ۽ دل جون راهون روشن ڪري ٿو. سڄڻ جا ماڻا ۽ ادائون چٽ چورائي عاشق کي ڪنگال بنائي ڇڏن ٿيون.

**”هس ڳيا، دل کس ڳيا، بيوس ميري دل هوئي،**
**حمل هُڻ محبوب بنان، پيا ڪو نہ ڪري دلجوئي.“**

مجازي عشق بہ ڪو گهٽ ڪونهي، اُهو رلائي ٿو ڦاسائي ٿو ۽ بنان موت جي ماري ٿو.

**”مار مجازي موگاڪيتا، نيڻان نيند نہ آئوندے،**
**رات ڏينهان آرم نهين، دل غم وچ غوطے کوندے،**
**گل گلاب آنون منهن تيڏے ٻنوَر وانگو پئي ڀوندے،**
**حمل هُڻ سِڪ سانپيان ڪِتان نهين اندر وچ مؤندے.“**

حمل فقير هڪ عجب انسان آهي، مجازي عشق جي عام احساسن، تجربن ۽ جذبن جي ڪهڙي نہ ڪلي اپٽار ڪري، هر دل کي هيران ۽ پريشان ڪري ڇڏي ٿو. مجازي عشق کي کولي بيان ڪرڻ ۾ حمل ڪا هڪ مخوصص نٿو ڪري.

**”ستے لوک سجڻ گهر آيا، نال ٻڪل**
**دي ٻڪ ڪر، لوکون لُک ڪر،**
**ڇُيد ڇُبد، ٻيهندا آيا، ساهہ سمورا سُک**
**ڪر، لوکون لُک ڪر،**
**ٻاجهہ ڪنون آ ٻيٺا ميڏي جهولي دي وچ**
**جهڪ ڪر، لوکون لُک ڪر.“**

حمل فقير مجازي عشق جو راڻو آهي. ڪانا تر هن کي دوکو نٽي ڏيئي سگهي. ڪي طلسمي شينهن هن کي ڊيڄاري نٽا سگهن. هو همت ۽ حوصلي سان هلندي مومل ماڻي ٿو. حمل فقير وسيع النظر شاعر جي حيثيت ۾ مجازي عشق جي حد مقرر ڪري ڇڏي آهي.

**حمل چئي جو ويهي ڪيم سوچ ويچار،**
**تہ دل لڳي دوستي جو ڇا ملهہ آهي مقدار؟**
**تان اندر مان عقل ڇيو، نڪتو هي نروار،**
**جي لڳي تہ لک هزار، نٽي تہ ٽکوئي نہ لهي.**

سچ پچ حمل جي مجزي شاعري ان جي قابليت جو سهڻو ثمر آهي.

## حمل فقير جي مزاحيہ شاعري:

مزاح نِگار هڪ ڏاڍو ڏکيو ۽ اڻنگو فن آهي مزاح نگاري، اُهوئي ڪري سگهي ٿو جنهن جو دل ڪشادو هجي، جيڪو خوش طبع هجي، جيڪو خوش گُو هجي، جيڪو بيباڪ ۽ حاضر دماغ هجي، جيڪو عام ماڻهن جي ڪچهرين ۾ شرڪت ڪندو هجي، جيڪو ڪڏهن پاڻ کلندو هجي ۽ جيڪو ڪڏهن ٻين کي پاڻ تي کلڻ جو موقعو ڏيندو هجي. کل ڀوڳ، سچ پچ، هڪ صحت بخش خوراڪ آهي. اُها دل ۾ سانڍيل ڪاوڙ نفرت ۽ ڪدورت کي کِل ڀوڳ رستي خارج ڪري، هن کي نفسياتي طرح صحتمند رکي. مزاح ناڪاري شيءِ ناهي، اُها حقيقتاً هاڪاري شيءِ آهي، جيڪا انساني دل کي نقصان ڏياريندڙ اثرن کان آجو رکي ٿي ۽ هن کي عام ماڻهن جي ڪچهرين ۾ وهڻ لائق بنائي ٿي.

مزاح انساني اوڻاين کي پڌرو ڪري، اُنهن کي کل ڀوڳ جي ذريعي سُڌارڻ جو نالو آهي. مزاح اهڙو موثر فن آهي جو انساني ڪمزورين جو نفسياتي علاج ڪري اُن کي صحتمند بنائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. صحيح مزاح نگار اُهو آهي، جيڪو خوش طبع ۽ خوش گو هجي. جيڪو همدرد ۽ رحمدل هجي، جيڪو برداشت جو مادو رکڻ وارو هجي ۽ جنهن جي دل حسد، نفرت ۽ ڪدورت کان آجي هجي.

شمس الدين بلبل جو دور مزاح نگاري جو دور هو. هن دور ۾ ڪيترائي مزاح نگار شاعر پيدا ٿيا ۽ اُنهن پنهنجي فن کي چمڪايو. يڪدم پوءِ اسان جي مزاح نگار شاعرن شرافت جون حدون لتاڙي ڇڏيون. محمد هاشم مخلص ۽ هن جي ساٿي شاعرن هڪ ٻئي تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا، هڪٻئي کي گارين ڏيڻ جو بازار گرم ڪري ڇڏيو. ساٿين جي ذاتي خامين کي ظاهر ڪري هڪ ٻئي جي ڪردار ڪوشي ڪئي. اهڙن شاعرن مزاح نگاري ۾ گار گند، ڪردارڪشي، عرياني ۽ بيهودگي ڀري، وڏو اخلاقي ممڻ مچائي ڇڏيو.

حمل فقير کي مزاحيه شاعري ڪرڻ جي لاءِ ڏاڍو ڏکيو وقت مليو. ائين لڳي ٿو ڄڻ قدرت حمل کي اهڙين حالتن ۾ مزاح نگاري ڪرڻ جي لاءِ خاص خلقيو. حمل رلڻو ملڻو انسان هو. هو حاضر جواب ۽ بيباڪ هو. هو خوش

مزاح ۾ خوش طبع انسان هو. هن وٽ برداشت جو وڏو مادو هو. هو هڪ کلمک ماڻهو هو. هو هر وقت ذاتيات کان متاهون رهڻ وارو هو. حسد، نفرت ۽ ڪدورت کا قطعي آجو هو. اِهي حمل جا پيدائشي گُڻ هيا جن هن کي هڪ تعميري ۽ صحتمند مزاح نگار بنايو.

حمل فقير جي مزاح نگاري جو شڪار ڪو خاص ماڻهو نہ هوندو هو. هو انساني خرابين ۽ براين کي خاص فني انداز ۾ عيان ڪندو هو جو ڪنهن کي بہ بُرو نہ لڳندو هو. حمل البلن ۽ اڙٻنگ انسانن تي کلندي خوب چوي ٿو:

**”البيلا اڙٻنگ، خيال وڏي سان خان هٺا.“**

جوين بيدل عاشقن کي خوب سنائي ٿو ۽ انهن جو مذاق اُڏائي ٿو.

**”هئي وي جوين جاڙ ڪيتوئي، ڇوڙ ڪر تنين ڇوڙ ڳيون،**
**ڄاتم چلين توڙ نوڙي، هر پار ٻاراڻي توڙ ڳيُون،**

**لوهہ ڪنون لڳ ڏاڍي سي ڪر هيٺي هڏ اکوڙ ڳيُون،**
**همت، هشمت، حال حسن ڳئي، ماس هڏان تون روڙ ڳيون.“**

بي عقل عاشق جوين ۾ ڄاڙون سهن ٿا ۽ هر شيءِ وڃائي روئندا رهن ٿا. طنز تکي آهي پر انداز بيان اُنکي برداشت ڪرڻ تي آماده ڪري ٿو.

حمل فقير غير ذميوار نوجوانن جو خوب مذاق اُڏايو آهي. هو ڪجهہ بہ نٿا ڪن، نڪو ڪمائن ٿا ۽ نہ وري گهروارن جي ڪا مدد ڪن ٿا. هو ڏنگي چال چلن ٿا، مٿي تي ڏنگا پٽڪا پائين ٿا ۽ آڱرين ۾ ڇَلا پائي رُلن ٿا، خوار ٿين ٿا.

**”زالا اڳون زور سي ڏاڙهي، گُوند مريندیان ڪلي،**
**منتان ڪر ڪر ماءُ، چڙيندي اگهہ اگهہ اکيان ملي،**
**گهر وچ ڪلا، ٻُجا، ٻاهر شير بهادر بلي،**
**حمل جنهن گهر حال اِهو سو اک ڪيهين گهر هلي.“**

مزاح جو اهڙو انداز بيان حمل کان سواءِ ٻيو ڪو بہ شاعر اختيار نٿو

ڪري سگھي.

غير ذميوار عورتن جو ڪھڙو نہ چٽو ۽ طنز آميز نقشو چٽيو ويو آهي.

**”ڪچي ڪامڻ، خوب خوشالي، چٽي چٽي بال ڪلي،**
**چولا پائلـــــے، پيٽ وڪالـــــے، اڳٺ دڪـــــے ول**
**ڊلـــــے،**
**هر ڪھين نون ”ادا“ سڏيندي، پاڪر پا پا ملـــــے،**
**حمل نهين زالون گڏ ٻلي جا ٻڌي نال نہ ڪلـــــے.“**

حمل ”سلڪٽي (سلچٽي) ۽ ڪُلڪٽي (ڪُلچٽي) زال جو ڪھڙو نہ مزاحيہ نقش چٽيو آهي.

**”ڪائي ڪائي نار سُھاڳڻ، وَرَ دے ڳارے ٻڌي،**
**ڪتتتي ويندي، پرت پريندي، خبر دار هُنر دي،**
**جي وِتَ وارث، ور جھيڙيندا، ڪندو نہ چڙنيدے گھر دے،**
**حمل نماڻي ڪيا ڪرے، جو هي گھرانـــــے گھر دے.“**

***_*_***

**”ڪائي ڪائي زال ڪُلڪٽي، طبع جنھن جي ڪتي،**
**اوڙي پاڙي، جھيڙا جھتا، چئون طرفون سي حتي،**
**ٽوٽي، ڦوٽي، گھر ڳنھندي منھن ڪون پيٽي وَٽي،**
**حمل جي پرتي، نہ رنلن جيھي، جي رُني تہ پونبڻ مِٽي.“**

حمل هڪ خير خواھہ ۽ همدرد مزاح نگار آهي. هن جي مزاح نگاري حسد، ڪدورت ۽ ڪميڻپائي کان سوين قدم دور آهي. هو ڪِلي، ڪلائي انساني اوڻايون دور ڪري ٿو ۽ صحتمند معاشري بنائڻ لاءِ وڏي مدد ڪري ٿو.

## حمل فقير جي شاعري جون خوبيون:

حمل فقير فني طرح هڪ ڪامياب شاعر آهي. هن جون فني خوبيون سندس اسلوب، اهجاڻ ڪاري، صنعت تخنيس ۽ موسيقي جي ميدان ۾

نمايان طور نظر اچن ٿيون.

(1) حمل فقير جي شاعري جي پهرين خوبي آهي سندس من موهيندڙ ۽ پُر اثر اسلوب. هن جي اسلوب کي جيڪي شيون سينگاري بيٺيون آهن سي آهن سادي سلوڻي ٻول مالها (Poetic Diction) نين ۽ نرالين تشبيهن ۽ محاورن جو فنڪارانه استعمال. لفظن ۽ لئي جي بيمثال جڙت ۽ کُلي دل سان لفظن جو اظهار ڪرڻ. ”سر بروو سنڌي“ جو هي بيت سندس اسلوب جي ساک ڀري ٿو.

”سرتيون، منجهه صبوح ٿي، دعا گهريم جنهن دوست لئيه،

**اجهو آيو مون پرين، رڱن پيڙو روح،**

**وري ٿيم وروهه حمل هوت حسين سان.“**

(2) حمل فقير جي شاعري جي ٻي خوبي آهي موسيقي. حمل پنهنجي چونڊ (لفظن کي لئي سان ملائي، سُهڻين تشبيهن سان سينگاري، رفتار ۽ رواني ڏيئي اهڙي ته فنڪارانه ترتيب ڏئي ٿو جو لفظ ڳالهائڻ لڳن ٿا ۽ سُر ٻُري ٻاهر نڪرن ٿا. شاعر پنهنجي شاعرانه ترتيب سان موسيقي پکيڙي، روح کي ريجهائڻ جو ذريعو بنائن ٿا. داستان ستون جي فصل 6 جوهر سريلو شعر ۽ اُن جو هر لفظ موسيقي جا آلاپ آلاپي ٿو ۽ روح کي خوش ڪري ٿو.

**سهڻا يار سلوڻا، ڪجهه تان مهر ڪيون مُڙ پالو پيِ،**

**گهونگهٽ کول غريبان کو ڪجهه مُکڙا عجب وِکالو ٻيِ،**

**ڪر ڪر واعدي ورهيه ڳئي، ڪو سخن پيا تان پالو پيِ،**

**دردمندن ڏُنه چشمان پا ڪجهه ديکه دک ٽالو ٻيِ،**

**لاهه حجاب حمل سون ٻهه ڏُون چار گهڙيان گڏ پالو پيِ.**

(3) حمل فقير جي شاعري جي ٽئين خوبي آهي بيباڪي، حمل کي جيڪا به ڳالهه ڪرڻي هوندي آهي، اُها بنان ڊپ، ڊاءُ ۽ حجاب جي کُلي دل سان چئي ڏيندو آهي. هن بيت ۾ حمل مجازي محبوب سان ڳجهي ملاقت جو ذڪر ڪري، ڪمال ڪاريگري سان هي عمدو عڪس نروار ڪيو آهي.

**”سوتـــــے لوڪ، سڄڻ لنگهه آيا، نال ٻوڪل دے لُڪ ڪر،**

لوڪون لُڪ ڪر.
ڇيدا ڇهندا، ڀهندا آيا، ساهہ سمورا سُڪ ڪر،
لوڪون لُڪ ڪر.
ٻاجهہ ڳڻُون آ ٻيٺا ميڏڙے جهولـــــے دي وچ جهڪ ڪر،
لوڪون لُڪ ڪر.
حمل ڳُون ٻَل لاءِ، ٻَر هٿيان پاءِ ول جُهڪ ڪر،
لوڪون لُڪ ڪر.

(4) حمل فيقير جي شاعري جي چوٿين خوبي آهي صنعت تجنيس جو لاجواب استعمال، سُر سارنگ جو هي بيت صنعت تجنيس جو سچو ۽ سُريلو ثبوت آهي.

”هُند ٿي منڊل وڇيا، آڙنگ ڪيو آسمان،
وري ويس وسڻ جا، سارنگ ڪيا سامان،
آيو اُتر پار ڏونه، ڳوڙ ڪري گهمسن،
هو جي ورهين جا ويران، سي مولا ملڪ وسايا.“

تاج جويي پنهنجي ڪتاب ”باهيون بيراڳين جون“ ۾ چوي ٿو تہ حمل فقير جي شاعري جي فني خوبي آهي اُهڃاڻن جو استعمال. حمل فقير روايتي آهڃاڻن کي ورجائي سنڌي شاعري ۾ نواڻ آندي آهي. ائين لڳي ٿو جڻ حمل جي اُنهن اهڃاڻن جديد سنڌي شاعرن کي اهڃاڻڪاريءَ طرف متوجہ ڪيو آهي.

## حمل فقير جا ادبي ڪارناما

حمل فقير سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو وڏو شاعر آهي. هو لوڪ شاعر بہ آهي، سُگهڙ شاعر بہ آهي ۽ علمي شاعر بہ آهي. هن جي شاعري جا هي ٽي رنگ لاجواب آهن. جيڪي هن کي سنڌي شاعري ۾ اوچو مقام ڏيارڻ جي قابل بنائي سگهن ٿا. هن ڪيترائي ”تجربا ڪيا، ۽ ڪيترين ئي ادبي ايجادون برپا ڪري سنڌي شاعري کي خوب سنواريو ۽ سينگاريو آهي.

حمل فقير جو هي وڏو ادبي ڪارنامو آهي، جو هن سگهڙ پائي جي فن ۽ شاعري جي فن کي پاڻ ۾ ملائي سنڌي شاعري ۾ وسعت پيدا ڪئي آهي ۽ پوين سنڌي شاعرن لاءِ نيون راهون روشن ڪري ڇڏيون آهن.

حمل فقير سُر وار بيت سر جي بيت جي صنف کي پيهر جياريو آهي. هن سسئي، مارئي، سهڻي، مومل، سارنگ، ڪانگل ۽ بروو سنڌي جي قصن ۽ داستانن کي دهرائي سنڌي شاعري ۾ ڪلاسيڪي رنگ پريو آهي ۽ پوين شاعرن لاءِ وسيع ميدان تيار ڪيو آهي.

حمل فقير سرائڪي شاعري جي هڪ صنف ”دوهڙے دوهڙے“ (ٻتا ڏوهيڙا) کي سنڌي شاعري ۾ رائج ڪيو آهي. ٻتن ڏوهيڙن مان حمل چئن هم قافيا مصراعن وارو بيت سرجي وڏي ادبي خدمت ڪئي آهي. چار سٽا بيت اسان جا اڳوڪا شاعر بہ لکي رهيا آهن ۽ داد حاصل ڪري رهيا آهن، پر انهن جون چارئي مصراعون هم قافيا ناهن. حمل چئن هم قافيا مصراعن واري بيت جو سرائڪي شاعري ۾ خوب استعمال ڪيو آهي.

حمل فقير جون تشبيهون ۽ محاورا لاجواب آهن. حمل جو مشاهدو ڏاڍو تيز آهي. هو هڪجهڙين شين جو غور سان مشاهدو ڪري اُنهن مان نيون تشبيهون جوڙي، پنهنجي شاعري کي ايئن سينگاري ٿو، جيئن ڪا سُهاڳڻ نو لکو هار پائي پنهنجي سهاڳ کي سنواريندي آهي. حمل جي شاعري ۾ هزارين تشبيون ۽ محاورا موجود آهن. جيڪي اصلي آهن، فطري آهن. اُهي تشبيهون ۽ محاورا شاعر جي فني خوبين کي ظاهر ڪن ٿا ۽ هن جي ذات ۽ ڏانءُ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

حمل گهڻن شعري صنفن جو استعمال ڪري ڌوم مچائي ڇڏي آهي. هن مدح جي صنف کي اوچي مقام تي پهچايو آهي. هن جي هڪ ڊگهي مدح ”ڪر مهر تون ئي مصطفيٰ“ لکي ڪمال ڪيو آهي. هن مدح ۾ چئن مصراعن وارا 81 بند چيا آهن. اهڙي ڊگهي مدح ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر نہ رچي آهي.

## حمل فقير جو اسلوب:

ڪو بہ اديب يا شاعر پنهنجن جذبن، احساسن، ويچارن ۽ تجربن کي مفيد ۽ ڪارآمد بنائڻ جي لاءِ ڪي اديب ۽ فني طور طريقا استعمال ڪندو آهي، انهن کي اسلوب چيو ويندو آهي. عام طور اسلوب کي اندر جو آواز سڏيو ويندو آهي. اهو سؤ في صد سچ ڪو نہ آهي. ڪو اديب يا شاعر پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ يا تہ صرف مروج ادبي ۽ فني طور طريقا استعمال ڪندو آهي يا وري نوان طور طريقا گهڙي پنهنجي انفراديت کي قائم رکندو آهي. اهڙي نموني اسلوب هن جي سڃاڻپ بنجي ويندو آهي. حمل فقير جو اسلوب هن جي ذات، چاڻ ۽ ڏانءُ جو بيمثال اظاهر بيان آهي. هن جا موضوع پيارا، هن جا عنوان اکيون ٺارڻ وارا ۽ هن جو البيلو اسلوب هن جي شعور جو اوچو آواز آهي. حمل ۽ هن جو اسلوب بيان ٻئي هڪ آهن. انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي.

حمل جي سنڌي شاعري "سنڌي صاف زبان" ۾ رچيل آهي. هن جي اها دعويٰ آهي تہ:

"اول صفت الله سندي ٿو ساراهيان سبحان،
بعد تنهين تاريخ چوان ٿو سنڌي صاف زبان."

بيشڪ حمل جي شاعري جي سنڌي زبان صاف آهي، سولي ۽ سلوڻي آهي ۽ ماءُ جي ٿڃ جيان پاڪ ۽ مٺي آهي. حمل جون تشبيهون، هن جا محاورا ۽ اُنهن جو فنڪارنا اظهار سندس ٻولي جو سينگار آهن. هن جو اسلوب بيان فطرت ۽ زندگيءَ جو آواز بي اختيار (Spontaneous) آهي.

"دلبر دا ديدار سدا، دل رات ڏينهان پئي
منگـــــے،
رب ڪنون پيا مول نہ مگـــــے."

حمل جو اسلوب هڪ اِلاهي نعمت آهي، جيڪا دل، دلبر ۽ رب جي مرضي مطابق هلي ٿو. ڳالهيون ڪري ٿو ۽ قلب کي قرار ڏيئي اُن کي مسرور ۽ مخمور بنايو ڇڏي ٿو.

حمل جي اسلوب جي خاص خوبي آهي، بيشمار تشبيهون ۽ محاورن جو استعمال. هن جون تشبهون سهڻيون آهن، من مهڻيون آهن. اُنهي ۾ سمايل معنيٰ جا موتي بي بها آهن. محبوب جي منهن کي عام فهم شين سان

پيڻتي کهڙو نہ جلوو ڏيکاريو ويو آهي.

**”منه مسجد، محراب ڀرون، وچ نين ڏيوے ڏون ٻلدے،**

**صحيح ڪيتو سے سجدا اُنهين وچ اصلئون روز ازل ادے،**

**محبت ڏينهن ميثاق لڳي هيون عاشق نہ اج ڪلھ دے،**

**حمل هر هڪ دم جو ساڏا، قاصد هن پل پل دے.“**

حمل جي اسلوب جي ٻئي خوبي آهي ترنم، حمل کي لفظن کي استعمال ڪرڻ جي وڏي مهارت حاصل آهي. هڪ جاءِ تي خود پاڻ چوي ٿو.

**”مدح مبارڪ جوڙيم، پوتم داڻے در عدن دے.“**

ڪڏهن ڪڏهن هم آواز لفظ استعمال ڪري حمل هر مضراع ۾ اندروني ترنم پيدا ڪري ٿو.

**”غم، وهم، الحم، اسان ڏا لڳ پڳ سڀ اُلوڙ گيون،**

**ڪنون آس، اُداس پياس پيا رت ماس هڏان تون پي روڙ ڳنون.“**

حمل جي عبارت جي ٽئين خوبي آهي، صنعت تجنيس جو عمدو استعمال. هو لفظي پوچ ۾ جڙاءُ جو وڏو ماهر آهي. اُنهي ڪري هڪ هڪ لفظ مان انيڪ معنائون نروار ڪري، خوب رنگ رچائي ٿو.

**گليان تڪ تڪ، گليان دلبر، ڪڏان آئوسين اِس ڳليان،**

**ڦيرے ڪر ڪر ٽوڙيم ڳليان.“**

ڳليان لفظ جون الڳ الڳ معنائون ڏيئي خوب ڪمال ڪيو آهي. حمل صنعت تجنيس کي استعمال ڪري کهڙو نہ رنگ رچايو آهي.

**”مان سام آهيان، مان سام آهيان جا ڪام ڪري ڪم خان ميان،**

**مان طعام، اهي ماتام ڪايان، ما تام پانيان هي طعام ميان،**

**آ جام ڪريون، آ جام ڪرين، هي ڄام ڪهڙا، آ ڄام ميان.“**

هڪڙي هڪڙي مصراع ۾ گهڻا گهڻا قافيا استعمال ڪري صنعت تجنيس جو سهڻو مثال پيش ڪيو آهي.

حمل موضوع جي مطابق زبان استعمال ڪري ٿو. عام موضوع جي لاءِ عام ۽ سادي ٻولي ۽ گهري موضوع جي لاءِ تشبيهن ۽ محاورن سان ڀرپور

ٻولي جو استعمال ڪري اسلوب ڪي موافق ۽ موزون بنائي ٿو حمل فقير جي شاعري"سولي سنڌي سوکڙي" ۾ ڪيل آهي.

**جوڙ حمل تو هيڪڙو، صحبفو محبحا،**

**جوڙ تون سادي سنڌي واءِ،**

**سولي سنڌي سوکڙي سمجهڻ سيني لاءِ**

حمل جي ٻولي سنڌين جي لاءِ هڪ سوکڙي آهي، هڪ اظاهر جو سادو ۽ سلوڻو نمونو آهي، جيڪو اُنهن جي اندر جو احوال معلوم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

## حمل فقير جي شاعريءَ جي اهميت:

حمل فقير هڪ وڏو سگهڙ شاعر ۽ وڏو علمي شاعر آهي. هن پنهنجي رنگين ۽ حسين عبارت جي ذريعي سيني کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. اُهي هن جهڙي موزون ۽ موافق ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ کي ترجيح ڏيڻ چاهن ٿا. حمل فقير پنهنجن استاد شاعر مولوي لطف علي ۽ خليفي نبي بخش لغاري کان گهڻو ڪجهه سکيو. هن اُهو سڀ ڪجهه فراخدلي سان پوين شاعرن کي موٽائي ڏنو آهي. هي حمل جو وڏو ادبي ڪارنامو آهي.

حمل فقير جو ڪلام پنهنجي فني جوبن جي ڪري پوين شاعرن جي لاءِ بهترين نمونو بنجي ويو. حمل مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هو. هن کي هر وقت ڪا مصرع طرح پيش ڪئي ويندي هئي. هو في البديهه شعر پڙهي حاضرين کي محظوظ ڪندو هو. اُنهن مان ڪي شاعر حمل جي راهه تي هلي شعر ٻه چوندا هئا. حمل فقير جو اُنهن تي وڏو اثر هو. اُهي حمل جي نقش قدم تي هلي خوب شاعري ڪندا هئا.

محبوب جي ڪارن وارن کي گهڻن ئي شاعرن ساراهيو آهي، پر حمل محبوب جي وارن جي ساراهه نرالي انداز ۾ ڪئي آهي.

**زُلف دراز ميڏے دلبر دے، نانگ سياه هن سُتے،**

**کاوڻ ڪيتے، پئے ڇهه ماري، پيچ گهتے**

**منهن اُتے.**

حمل جو اهو پنهنجو بيت سنڌ ۾ سرائڪي زبان جي قابل شاعرن جي لاءِ هڪ نمونو بنيو. حمل فقير جي ڪيترن ئي همعصرن جهڙوڪ عرضي فقير ماري، شاهه محمد ديدڙ، نو رمحمد ۽ جان محمد ۽ ٻين حمل جي ڪلام کي سامهون رکي شاعري ڪئي آهي. پير حسن بخش، ميان لال بخش حمل جي سرائڪي شاعري جي سهڻي ۽ سُريلي طرز ڪيترن ئي سُگهڙن کي شاعري ڪرڻ تي آماده ڪيو. سندس سهڻيون طرزون ايترو ته من موهيندڙ هيون جو سنڌ جي شاعرن کان علاوه ڪاري ۽ لس ٻيلي تائين جي شاعرن حمل جي طرزن جو تتبعو ڪيو. لس ٻيلي جي شاعر نم فقير جو چيل هي بيت حمل جي اعليٰ شاعري جي ساک ڀري ٿو.

**دس اساڏا، دلبر دِل دا، جنهن ڏانهن سڪ سچائي،**
**عجب اهائي.**
**هار سينگار، اتاهين سرخي، جوڙ چڱي جوڙا ئي،**
**عجب اهائي.**

**سونهن، سگهه سرسي ساجن، سا رازق پاڻ رکائي،**
**عجب اهائي.**
**جهڙس ڪونهي جڳ ۾ ٻيو ڪو، خاوند قسم خُدائي،**
**عجب اهائي.**

نم فقير پنهنجي دلبر جي ساراهه ڪندي اڻ سڌي طرح پنهنجي دلبر شاعر حمل کي ساراهيو آهي.

حمل فقير جي اهيمت جو اندازو انهي ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هو هڪ ئي وقت ۾ لوڪ شاعر، سگهڙ شاعر ۽ مقبول علمي شاعر آهي هو هر ميدان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، هن جي ذات ۽ ذانءُ انهي جي ساک ڀرين ٿا. حمل جي شاعرانه خوبين ۽ شعور کي سندس مجازي شاعري جي رازن ۽ رمزن جاڳائي پڌرو ڪيو. حمل خوش قسمت شاعر هو جنهن کي اُستاد شاعرن جي رهنمائي حاصل ٿي. هن پنهنجين شاعرانه خوبين کي چمڪائي پاڻ کي مقبوليت جي بلند مقام تي پهچايو.

سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب“ ۾ صحيح چيو آهي. ”حمل لغاري سنڌ جو تمام مقبول عوامي شاعر آهي ۽ شاهه صاحب کان پوءِ ڪيس ئي مقبول بنجڻ جو شرف حاصل آهي. سرائڪي ۽ سنڌي ۾ لاثاني شاعري ڪئي اٿس.“

## مددي ڪتاب


(1) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.

(2) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. ”حمل فقير جو ڪلام“ جو مقدمو.

(3) تاج جويو. باهيون بيراڳين جون.

(4) عبدالرحمان منگيو. يادگار حمل فقير. هڪ مضمون.

(5) سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.

(6) محمد شاهه ڦرڙو. يادگار حمل فقير- هڪ مضمون.

# مير عبدالحسين "سانگي"

(1851ع-1924ع)

## اديبن ۽ نقادن جا رايا

"سانگي محض ذهني عشق خاطر شعر ڪيو نہ چيو. سندس شاعري قدري اُن سياسي سماجي ۽ ادبي ماحول جو عڪس آهي. جنهن ۾ سانگي صغير ساٿي ساماڻو پر اُن کان وڌيڪ سندس شاعري سندس جذبن، تجربن، احساسن ۽ اخلاقي قدرن جو آئينو آهي."

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "ڪليات سانگي"**

"مير عبدالحسين سانگيءَ جي اچڻ سان غزل جي افق تي نئين روشني اچي ويئي. سانگي سنڌي غزل کي خشڪ اخلاقيات کان آجو ڪري، عشق و محبت جي پهلوئن تي خاص زور ڏنو آهي. جتي بہ هن اخلاقي موضوع آندو آهي، اُتي بہ شعريت جي صنف آشڪار آهي."

**پروفيسر ارجن شاد مضمون "سنڌي غزل ۽ سانگي"**

"هن (سانگي) غزل جي روايتي انداز کي قائم رکندي، اُن ۾ نئون رنگ ڀريو سنڌي غزل جو انفرادي مزاج ۽ مقام متعين ڪيو. هن غزل ۾ پنهنجو ماحول پيدا ڪيو ۽ شيراز جي باغن جي بجاءِ سنڌوءَ جي ڪناري کي پنهنجي شاعري جو محور ۽ مرڪز بنايو."

**ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"**

"مير عبدالحسين سنڌي غزل ۾ نئون آواز آهي. هن غزل جي صنف ۾ ڪيتريون نازڪ ۽ نفيس چيزون جوڙي جديد سنڌي غزل جي راهہ هموار ڪئي."

**شيخ عبدالرزاق راز "سنڌي غزل جو تجزيو"**

”سانگي هڪ نرالو شاعر هو. هن ڪي پنهنجا ويچار پنهنجي ٻولي ۾ ڪلڻ جو نرالو ڍنگ هو.“

**هري دلگير ڪتاب ”ڪشن چند بيوس“**

”سانگي سنڌ جي حڪمران ٽالپور گهراڻي جي اکين جو تارو هو. سنڌي فارسي ۽ اردو ۾ شاعري ڪيائين. سنڌي غزل ۾ هن کان وڌيڪ ڪو ٻـ شاعر نـ ٿيو آهي.“

**سيد حسام الدين راشدي ڪتاب ”سنڌي ادب“**

**هڪ عظيم شاعر:**

مير عبدالحسين سانگي سنڌ جو عظيم سخنور ۽ ناميارو شاعر آهي. هو هڪ ڪامل شاعر آهي. هن پنهنجي ذات، ڏانءُ ۽ ڏاهپ جي ذريعي سنڌي شاعري کي خوب چمڪايو ۽ خوب مقبوليت حاصل ڪئي. هن ڪمال ڪاريگريءَ سان فارسي شاعري جي مزاح ۽ فارسي لفظن، روايتن، مثالن، ترڪيبن، محاورن، استعارن، تشبيهن وغيره کي سنڌي شاعري جي مزاح ۽ سنڌي روايتن، ترڪيبن، لفظن، مثالن، محاورن، استعارن، تشبيهن وغيره سان جوڙي نئين سنڌي غزل کي تخليق ڪيو. اُهو غزل جو نون روپ اسان جي سنڌي شاعري جي سچاڻپ ۽ اسان جي ڏاهپ جو ثبوت آهي.

مير عبدالحسين سانگيءَ شاعري جي مشهور صنفن جهڙوڪ ڪافي، غزل، قصيده گوئي، مرثيـہ نگاري، سلام ۾ شاعري ڪري خوب داد حاصل ڪيو هن لوڪ ادب جي صنف منظوم خط لکي ان کي ادب جو درجو ڏياريو. هن سنڌي، فارسي، اردو ۽ سرائڪي ٻولين ۾ شاعري ڪئي. سانگي عاشقانہ شاعري جو بي ڊپو ۽ پر خلوص شاعر آهي. هو سنڌي غزل جو باني آهي ۽ جديد سنڌي غزل گو شاعرن جو رهنما آهي. هن جي فطرت جي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن جي شاعري زندگي جي ترجمان آهي. هن جي شاعري رومانوي رنگن ۾ رتل آهي. هن جي شاعري ۾ انفراديت روان دوان آهي. هن جي ڪلام ۾ جديديت جو رنگ صاف صاف نظر اچي رهيو آهي. جهڙي هن جي شخصيت سريلي ۽ دلفريب آهي سندس ڪلام، جيڪو سندس شخصيت جو عڪس آهي، اهڙوئي پُر اثر آهي.

## زندگي جو احوال:

سنڌي ٻولي جو شهزادو شاعر  مير عبدالحسين خان سنڌ جي ٽالپور حڪمرانن جي اڪين جو تارو هو. هو سنڌ جي حڪومت جي آخرين حڪمران مير محمد نصير خان جو پوٽو ۽ مير عباس علي خان جو فرزند هو. انگريزن سنه 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪري ميرن کي  قيد ڪيو ۽ انهن کي هندوستان جي مکيه شهرن ۾ رکيائون. مير محمد نصير خان کي ٻن پٽن مير محمد حسن علي خان ۽ مير محمد نصير خان کي ڪلڪتي جي ڳوٺ هزاري باغ ۾ قيد ڪيائون. مير محمد عباس علي خان سندر بن ۾ اڪيلي سر پنهنجي تلوار سان شير جو مقابلو ڪيو ۽ شير کي ماري ڇڏيو. هن جي جُرئتمندي جو چئني پاسي چرچو ٿي ويو. هڪ انگريز خاتون هن جي بهادري کان متاثر ٿي هن سان شادي ڪئي. انهي عورت جي بطن مان سنه 1851ع ۾ مير عبدالحسين خان جي پيدائش ٿي. ڇهن ڏينهن کانپوءِ هن جي ماءُ گذاري ويئي ۽ مير عبدالحسين ”ڇني جو ڇورو“ بنجي ويو.

مير عبدالحسين جي ماءُ جي انتقال کان پوءِ مير عباس علي خان ڪلڪتي جي معزز شيعن جي خاندان مان ٻئي شادي ڪئي جنهن مير عبدالحسين کي پاليو ۽ گهر جي سار سنڀال لڌي. جڏهن مير عبدالحسين پنجن سالن جو ٿيو ته هن جي والد مير عباس علي خان وفات ڪري ويو. تنهن کان پوءِ هن جي چاچي مير محمد حسن علي خان کيس پاليو ۽ هن جي تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪيو. هن مرزا احسن علي عرف مرزا بزرگ ”وفا“ کي قرآن شريف ۽ فارسي پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. سنه 1859ع ۾ انگريزن ميرن تان قيد جي پابندي هٽائي، کين آزاد ڪيو. جنهن ڪري هو ڏاڏاڻي ڏيهه سنڌ ۾ موٽي آيا.

مير عبدالحسين حيدرآباد جي ٽنڊي يوسف ۾ پنهنجي ڏاڏي بي بي مهربانو جي حويلي ۾ اچي رهيو. مهربانو سندس پرورش ۽ تعليم جو بندوبست ڪيو. هو به سنه 1862ع ۾ گذاري ويئي. اُن کان پوءِ مير عبدالحسين پنهنجي چاچي مير محمد حسن علي خان جي تربيت ۾ آيو جنهن سندس تعليم جو سنو انتظام ڪيو ۽ هالا پراڻا جي هڪ عربي ۽

فارسي جي عالم، اديب ۽ شاعر آخوند احمد کي سندس استاد مقرر ڪيو. آخوند وٽ علم حاصل ڪرڻ جي دوران مير عبدالحسين کي نہ فقط فارسي زبان ۽ ادب ۾ چڱو خاصو عبور حاصل ٿيو. بلڪ آخوند صاحب جي شاعرانہ ذوق جو بہ مٿس گهڻو اثر پيو ۽ طبيعت شاعري ڏانهن مائل ٿي.

جڏهن مير عبدالحسين ارڙهن ورهين جو ٿيو تڏهن سندس چاچي مير محمد حسن علي، انگريزن کان گرانٽ منظور ڪرائي ۽ هن کي حيدرآباد جي پير سان هڪ بنگلو ٺهرائي ڏنو. انهي سال انگريزن کيس والد جي وارث جي حيثيت ۾ هزهائينس جو خطاب ڏنو ۽ ماهوار اٺ سؤ روپيہ پينشن بہ مقرر ڪئي. هڪ سلا ڪانپوءِ اُها پينشن ماهاور ٻارهان سؤ روپيہ مقرر ٿي ويئي.

## مجازي عشق جي چوٽ

ڦوهہ جواني ۾ مهراڻ جي ڪيٽي ۾ هرڻ جو شڪار ڪندي مير عبدالحسين هڪ مير بحر الهڙ حسينہ جنهن جو نالو حاجران هو جي اکين جو شڪار ٿي ويو هو خود چوي ٿو:

**”پاڻ آهيان شڪار ٿيو هاڻي،**
**سانگي کهڙو وڃي شڪار ڪيان.“**

هو ڏاڍو پريشان ٿي ويو. هن جي دل جو قرار کسجي ويو. هو هيڏانهن هوڏانهن رلندو وتندو هو. پاڻ جود چوي ٿو:

**”واچوڙي وانگي ڦرندو وتان شب و روز،**
**آهيان ڪڏهن زمين تي ڪڏهن آسمان تي.“**

ائين ڪندي هن جي دماغي حالت دگردون ٿي ويئي. مير محمد حسن علي خان پنهنجي ڀائيٽي جي پريشاني تي تمام گهڻو فڪرمند ٿي ويو. هن مير عبدالحسين جي محبت جومان رکيو ۽ هن جي شادي حاجران سان ڪرائي ڇڏي

مير عبدالحسين انهي شادي تي ڏاڍو خوش ٿيو. هن جي زندگي ۾ خوشي واپس اچي ويئي. هو حاجران سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو. هر جمع رات ٻئي ڄڻا گهوڙن تي سفر ڪري ڀٽائي جي روضي جو ڦيرو ڪندا هئا. مير عبدالحسين حاجران جي سونهن جو ذڪر انهن لفظن ۾ ڪيو آهي:

”منٺار مٺي يار کي صورت ڏني موليٰ،
مون کي انهي مهه ور جي محبت ڏني موليٰ،
الله آهن منهنجيون ڪيون پوريون،
منٺار مليو روح کي راحت ڏني موليٰ.“

سندن شادي کي اڃان چار سال ئي ڪو نه گذريا هئا جو حاجران وفات ڪري ويئي. مير عبدالحسين کي رڻ ۾ رولي ويئي ۽ هن کي فقير بنائي ڇڏيو. ايتري قدر جو هو ڇرين واري زندگي گذارڻ لڳو ايتري قدر جو هو حيدرآباد ۾ شاهه جي پٽ وچ ۾ پيرين اگهاڙو ايندو ويندو هو ۽ راتين جون راتيون گنجي ٽڪر تي پير پٽون ڪندو هو. هن پنهنجي پريشان حال زندگي جو نقشو انهن لفظن ۾ چيو آهي:

”جنهن مون کي ٿي ڏنو ٿي چيو تنهن چريو چريو
پنهنجي پرينءَ ڏي مون جو ڏٺو وريو ورِيو
فرقت ۾ پنهنجي حال تي مون پاڻ ٿي رُنو
سڀ ڪنهن چيو ٿي عشق جو ڏونگر ڏريو ڏريو.“

پنهنجي غم جي اظهار لاءِ هن ڪافيون چوڻ شروع ڪيون. انهي عرصي دوران هن جي شاعري جي شروعات ٿي. هڪ امير زادو هئڻ جي باوجود هن سانگي (جنهنجو مطلب آهي وقتي طور رهي هليو وڃڻ وارو) جو تخلص اختيار ڪيو.

”سانگ دنيا ته آهه اي سانگي،
سمجهيو ساٽيهه جنهن سو نادان ٿيو.“

مير محمد حسن علي خان پنهنجي ڀائٽي مير عبدالحسين سانگي جي پريشاني ڏسي ڏاڍو فڪرمند ٿي ويو. هن يورپي عملدارن جي مدد سان به ٿي مڊمون هن جي خدمت ۾ رکيون جن هن جو من موهي ڇڏيو. هن جا اڳيان سور وسارائي ڇڏيا. مير محمد حسن علي خان مِس رائيٽ کي مسلمان بنائي اُن جي شادي مير عبدالحسين سناگي سان 1877ع ۾ ڪرائي ڇڏي، مس رائيٽ هاڻي بيگم بلقيس بنجي ويئي.

بيگم بلقيس ڏاڍي باوقار ۽ وفادار عورت هئي. هو مير عبدالحسين سانگي سان ڏاڍي محبت ڪندي هئي ۽ سانگيءَ بہ هن کي دل و جان سان چاهيندو هو. هو هر ڪم ڪار ۾ سانگيءَ سان گڏ هئي. سانگي جي معاشي حالت نيڪ نہ هئي. ماهوار ٻارهن سؤ روپيہ پينشن مان سڄي گهر جو ڪم هلائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. پر بيگم بلقيس دانائي ۽ هوشمندي سان محدود آمدني ۾ گهر جو انتظام سنڀاليندي هئي. سانگي کي بيگم بلقيس سان ڏاڍو پيار هوندو هو. سانگي هن کي اُٺ تي چاڙهي ڪڏهن گنجي ٽڪر، ڪڏهن پٽ شاهہ تي ڪڏهن مهراڻ جي ڪيٽي ڏانهن گهمائڻ جي لاءِ وٺي ويندو هو.

## علم ۽ ادب جو پرستار

مير عبدالحسين سانگي علم ۽ ادب جو پرستار هو. هن کي شاعري سان عشق هو. هن وٽ هڪ وڏو ڪتب خانو موجود هو جنهن ۾ فارسي، عربي، اردو، هندي، انگريزي ۽ سنڌي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو. افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هن جي ڪتب خاني جا هزارين ڪتاب محفوظ رهي نہ سگهيا ۽ ڪيترن ئي ڪتبان کي درياءُ ۾ لوڙهيو ويو.

سانگي هڪ وڏو ڪاتب بہ هو. هو پنهنجن ڪتابن جي ڪڏهن ڪتابت بہ پاڻ ڪندو هو سانگي ڪيترن تي مشهور ڪتبان جي خود ڪتابت ڪري اُنهن کي پنهنجي ڪتبخاني ۾ محفوظ ڪيو. انهيءَ طرح هن جي ڪتب خاني ۾ ڪتابن جو ذخيرو وڌندو رهيو.

مير عبدالحسين سانگي کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ان جي ڪلام سان ڏاڍي محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. هو هميشہ شاهہ لطيف کي مرشد ڪري مڃيندو هو. پنهنجي غزل جي هڪ شعر ۾ سانگيءَ شاهہ لطيف کي انهن لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪري ٿو:

**”هاديءَ راهہ صدا آهہ ڀٽ ڌڻي سو پر جهلو،**
**ياد ٿو هر دم ڪريان تنهن مرشد و مولٰي کي آئون.“**

سانگي اڪثر سنڌس روضي تي حاضري ڀرڻ لاءِ ايندو ويندو رهندو هو. اُتي شاهہ لطيف جي پيرن ۽ خليفن سان ملاقاتون ڪندو رهندو هو ۽

انهن کان مفيد معلومات حاصل ڪري شاهہ لطيف جي زندگي ۽ ڪلام تي فارسي نثر ۾ هڪ ڪتاب ”لطائف لطيفي“ جوڙيو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انهيءَ ڪري مير عبدالحسين سانگيءَ کي ”حضرت شاهہ عبداللطيف جي سوانح ۽ ڪلام جي کوجنا ۽ تحقيق جو باني مباني“ سڏي ٿو.

مير عبدالحسين سانگيءَ کي موسيقي سان خاص محبت هئي. هن وٽ هڪ پيانو موجود هو جنهن تي هن جي زال بيگم بلقيس ڌنون وڄائيندي هئي. سانگيءَ کي شاهہ لطيف جي راڳ ۽ سنڌي ڪافين جي لئي سان ڪافي رغبت هئي. هو پاڻ خود ڪافيون جهونگاريندو هو. هن وٽ يڪتاري تي ڪافين ڳائڻ جون محفلون متل رهنديون هيون. هو خود پاڻ چوي ٿو:

**”سانگي سچ ٿو چوان روح ٿو ريجهي راڳن تي.“**

مير عبدالحسين سانگيءَ شڪار جو وڏو شوقين هو. هر سال سانوڻ ۾ سياري ۾ مهراڻ جي ڪيٽي، ڪير ٿر جبل ۽ ڪڏهن ٿر ۾ شڪار تي ويندو هو ڪڏهن بيگم بلقيس بہ سان گڏ ويندي هئي. هو گهڻو ڪري تترن، تلورن، هرڻن، سرهن، ڦاڙهن وغيره جو شڪار ڪندو هو. شڪار جو شغل 1904ع تائين جاري رهيو. شڪار سانگيءَ جو محبوب مشغلو هو.

سن 1877ع ۾ ڊاڪٽر رائيٽ جي ڌيءَ مس رائيٽ (پوءِ بيگم بلقيس) سان شادي ڪرڻ کانپوءِ مير عبدالحسين سانگيءَ کي سيڪنڊ ڪلاس هانرري مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. هڪ سال کان پوءِ 1878ع ۾ کيس فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جا اختيار مليا. سانگي کيس پنهنجي بنگلي ۾ هلائيندو هو. هن ايمانداري ۽ سلقي سان مئجسٽريٽي هلائي. هن ڪنهن کي بہ سزا نہ ڏني. هو اولائي چارج بدران سڏو سمن يا وارنٽ ڪڍندو هو يا آرڊر جاري ڪندو هو. آرڊر گهڻو ڪري شاعري ۾ ڪندو هو. هو هڪ انصاف پسند ۽ رحمدل مئجسٽريٽ هو. سانگي 45 سالن تائين مئجسٽريٽي هلائي ۽ سنہ 1922ع ۾ رٽائرمينٽ ورتي.

سنڌي مشاعرن جي شروع ڪرڻ جو سهرو مير عبدالحسين سانگيءَ جي سرتي آهي. سانگي بلند رُتبي تي هوندي فقير طبع هو. هو شاعرن جو وڏو قدردان هو هو. انهن جي سرپرستي ڪندو هو ۽ انهن جي مالي مدد بہ ڪندو هو. هن جي اوطاق تي هر آچر تي مشاعرا ٿيندا هئا. مير مشاعرا هو

پاڻ ئي ٿيندو هو. هن جي مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن ڪجهه شاعرن جا نالا هي آهن: غلام محمد شاهه گدا، مير محمد فاضل شاهه فاضل، سيد حيدر شاهه حيدر، محمد ابراهيم خليل، آخوند محمد قاسم، آخوند لطف الله لطف، مرزا قليچ بيگ، مرزا دوست محمد دوست، سيد مرتضيٰ شاهه مرتضائي، محمد صديق مسافر وغيره. انهن شاعرن کي شاعري ۾ دعوت ناما ڏبا هئا ۽ اُهي بہ شاعري ۾ جواب ڏيندا هئا. سانگي کي جن شاعرن سان محبت هئي انهن جا نالا هي آهن. غلام محمد شاهه گدا، ميان وڏل حيدري، ميان تقي محمد شاهه، ميان علي محمد شاهه، ميان صاحبڏنو شاهه، حافظ حامد ٽکڙائي، مرزا قليچ بيگ، سيد ابوالحسن شافي.

مير عبدالحسين سانگيءَ هڪ پروقار شخصيت جو مالڪ هو. سندس اٿڻ ويهڻ شاهاڻو ۽ طبيعت فقيراڻي هئي. گهڻو ڪري ٿورو ڳالهائيندو هو ۽ آهستي آهستي ڳالهائيندو هو. هن جي گفتگوءَ سنجيده ۽ پر معنيٰ هوندي هئي. هو نہ بحث ڪندو هو ۽ نہ ئي ڪنهن تي ناراض ٿيندو هو. هو ڪنهن کي بہ پٽ پاراتو نہ ڏيندو هو. هو انگريزن کي پاڻ جهڙو ڀانئيندو هو ۽ انهن سان هميشہ برابري وارو سلوڪ ڪندو هو. سانگي مذهبي طور پنهنجن وڏن جيان اثناعسري شيعو هو. هو تعصب ۽ مذهبي ڀيد ڀاءُ کان بالاتر هو. هن جي ڪلام ۾ ڪٿي بہ ٻئي مذهب يا عقيدي جي ملامت، نفرت ۽ بغض نظر نٿو اچي. هو پاڻ کي شيعو يا سُني نہ پر ”صوفي“ سڏائيندو هو. هو هڪ صوفي ماڻهو هو ”صلع ڪل“ هن جو عقيدو هوندو هو.

مير عبدالحسين سانگيءَ وڏي اخلاق وارو ۽ نهايت ئي ملنسار ماڻهو هو. هن جي دل انساني قرب ۽ همدردي سان ڀريل هئي. هو امير ۽ غريب جي وچ ۾ ويڇو نہ رکندو هو. هو هڪ ٽالپور شهزادو هو پر اُن جي نمائش ڪڏهن بہ نہ ڪندو هو. بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”خودداري، تصوف، خودشناسي، وضعداري، انساني همدردي ۽ انڪساري سانگيءَ جي شخصيت جا مرڪزي اوصاف هئا.“

## وفات

سنڌ جو شهزادو شاعر، نثر نگار افسانہ نگار، محقق، راڳ رهاڻ جو شوقين، شاهه لطيف جو شيدائي ۽ جديد سنڌي غزل جو بادشاهه سنہ

1924ع ۾ چوهتر سالن جي ڄمار ۾ ڪنهن رواجي بيماري جي ڪري وفات ڪري ويو.

**”ڇٽڪو هي ڇلپلي جو ٿيو چالو جهان ۾،**
**سانگي سنڌءِ سخن آ يارن ۾ يادگار.“**

سندس وصعيت موجب سانگيءَ کي شاهه لطيف جي روضي جي ڇانوَ ۾ دفن ڪيو ويو.

## عظيم شاعر:

مير عبدالحسين سانگيءَ ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ ۾ هڪ ”عالم شاعر آهي، هڪ عاشق شاعر آهي.“ هڪ عظيم سخنور آهي. هو فرنگين جي زير اثر زندگي گُذارڻ وارو هڪ باوقار شاعر آهي. هو ٽر ڄائي سورمي مارئي جي احساسن جو ترجمان شاعر آهي. هو مارئي وانگر چوي ٿو:

**”نمڻي نار آهيان، پر وڏن جا وڻ وڃائنيدس.“**

سانگي مارئي جيان قيد آهي. هو ڌارين جي حڪمن تحت هلڻ وارو هڪ مجبور شخص آهي، پر هن جو روح مارئي جيان آزاد آهي. مارئي لاءِ وطن سيڪجهه آهي. هن جي لاءِ وطن جي واري هيرن ۽ جواهرن کان وڌيڪ قيمتي آهي. وطن جون آزاد فضائون، صاف شفاف پاڻي، منڊا منڊا ماڻهو اُنهن جو پورهيو انهن جي اورچائي، روح کي راحت بخشن ٿي مارئي قيد آهي، پر هو ماٺ ناهي. هن جا ارمان، هن جا ڏوراپا، هن جون صدائون ڏاڍن کي ڌاريندين ۽ انهن کي شرمسار ڪنديون.

مارئي جو اهو عزم، اها حُب الوطني سانگي جي شاعري جو بڻ بنياد آهي. سانگي جي شاعري وهندڙ سنڌوءَ جي ڌارا آهي. جيڪا زور سان وهندي، اڳتي وڌندي رهندي، آهي جنهن کي ڪوئي بہ روڪي نہ سگهيو آهي ۽ نہ وري ڪو روڪي سگهندو. سانگي جي شاعري قوميت جي جزبي سان سرشار آهي ۽ اُها سنڌ واسين جي لاءِ توانائي ۽ رهنمائي جو هڪ روشن باب آهي. سانگي جي شاهڪار ويچارن جو ساءُ وٺو.

**”عمر آيا اجهي آهن، پڇي بادل بهارن جا،**
**پون ٿا ياد پلپل ۾ پکا پنهنجن پِنوهارن جا.“**

مير عبدالحسين سانگي جديد سنڌي شاعري جو سرپرست اعليٰ آهي هو جديد سنڌي شاعري جو بنياد رکڻ وارو هڪ باوقار، خوددار ۽ بيباڪ شاعر آهي. سانگي ڪلاسيڪل شاعرن جيان هڪ کان وڌيڪ ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي. هن جي شاعري، سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ آهي. اچو تہ هن جي ڪلام مان لطافت ۽ توانائي حاصل ڪريون.

**سنڌي ڪلام:**

**”حيوان صفت جي ٿيو انسان تہ ڇا ٿيو؟**
**جي ماڻهپو ناهي تہ پوءِ آدم ٿي ڪبو ڇا؟**
**بي قدر زمانو آهي، بي شائبہ تنهن ۾،**
**انصاف نہ آهي اُتي رستم ٿي ڪبو ڇا؟“**

**سرائڪي ڪلام:**

**”منٺار مٺا ميڏا هسڻا هي، دلدار سڄڻ دل کسڻا هي،**
**هي من موهن ميڏا مهرو جنهن جي لعل ڳلان تي لسڻا هي،**
**دل ياد محب منٺار دي وچ، هر ويل اکيان نون وسڻا هي.**
**اي سانگي، ڪيا آخر ٿيسين، وچ پرت پيادل پسڻا هي.“**

**اڙدو ڪلام**

**”بلبلون سي کهوکهان هي بهار،**
**بيوفا ليکهہ بي زمانہ هي،**
**سن کي مير اغزل کهينگي لوگ،**
**يہ عجب طرح کانہ ترانہ هي،**
**اب هي عبدالحسين وقت نشاط**
**ڪوئي جانا مين آج جانا هي.“**

مير عبدالحسين سانگيءَ قوميت جي ساراهہ ۾ سُريلا، رسيلا ۽ سگهارا گيت آلاپڻ وارو هڪ منفرد شاعر آهي. هن ڌرتي جي خمير مان جنم ورتو

آهي. ڌرتي هن جي ماءُ آهي. ڌرتي هن جو جيءَ جياپو آهي. ڌرتي جون سيئي شيون ٻي ملهه آهن. اُهي روح کي گرمائن ٿيون. خوشين کي جاڳائن ٿيون ۽ اُتساهه کي اُڀارين ٿيون. اهڙين منڙين شين تان سروارڻ روا آهي. اچو ته ڌرتي جي سونهن جي نظارن مان آنند ماڻيون.

**”پٽن جي پرن تي، پري پنهنجا پاند،**
**چيڙ چونڊي آٽين سرتيون سدا.“**

***-*-***

**”پنوهارن جي آهي پسيءَ سان پريت،**
**سگهر جيڪي کائن سانگي سدا.“**

***-*-***

**”بلبل آئون آهيان، عشق مون کي آهي گلن جو،**
**الله نگهبان رهي منهنجي وطن جو.“**

فرنگين جي حڪومت سنڌين کان سڀ ڪجهه کسي ورتو. ٽالپورن کي غلام بنائي سنڌين جي آزادي تي قابض ٿي ويا. سانگيءَ جهڙي قوميت جو احساس رکندڙ انسان لاءِ اهو وڏو ڌڪ هو. هن جي دماغ ۾ انگريزن جي لاءِ نفرت جو جزبو ڀڙڪي اُٿيو. هن بنان ڊپ ڊاءُ، جرئت ۽ بيباڪي سان انگريزن جي خلاف لکيو ۽ خوب لکيو.

**”سرو، سمن وسوسن صد برگ سڪن ٿا،**
**سانگي ويو سمورو آهي سينگار وطن جو.“**

***-*-***

**”بيگانا ٿا ڏسجن جي يگانا هئا وطن جا،**
**پنهنجا ٿي ويا غير غريب الوطني ۾.“**

بيشڪ مير عبدالحسين خان سانگيءَ سنڌ جو پروقار ۽ بيباڪ شاعر آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ انگريزن جي غلط ڪارين ۽ ڏاڍاين جي خلاف خوب لکيو آهي ۽ انهن کي کلم کُلا ننديو آهي. هو وطنيت جي جذبي سان سرشار آهي. جنهن فرنگين جي خلاف مسلسل جهاد ڪري، اهو ثابت ڪيو آهي ته هو هڪ شوخ، بيباڪ ۽ سورهيه شهزادو شاعر آهي.

عشق ۽ حسن مير عبدالحسين جي شاعري جا محور آهن. اُهي هن لاءِ زندگي آهن، سهارو آهن ۽ رهنما آهن، هن جي زندگي عشق ۽ حسن جي گود ۾ گذري آهي، اُتي وڏي ۽ ويجهي آهي. انهن جي رازن، رمزن ۽ يادگرين ۾ پوري ٿي. سانگي جيڪو باوقار، خودمختار ۽ سچو انسان هو تنهن زندگي جي شين، روين ۽ رخن کي ڪو نہ وساريو. سانگي عشق ۽ حسن جي دائري ۾ رهندي، انهن کي وڏي اهميت ڏني آهي، انهن سان انصاف ڪيو آهي ۽ انهن کي بہ زندگيءَ جو محور بنايو آهي ۽ خانداني، سماجي، معاشي ۽ ملڪي مسئلن کي موافق ۽ مناسب نموني حل ڪرڻ جي لاءِ هر وقت ڪوشان رهيو آهي.

مير عبدالحسين سانگي جي زندگيءَ جا بہ پاسا آهن. عشق ۽ محبت ۽ زندگيءَ جي ترجماني. انهيءَ ڪري هن غزل کي داخلي ڪيفيتن جو قيدي نہ بنايو آهي. هن غزل ۾ خارجي پهلوئن ۽ ڪيفيتن جي جڙت ڪري، زندگي جي قريب آندو آهي. هن غزل ۾ نوان موضوع شامل ڪري، اُن کي وسعت ڏيئي، اُن کي اهڙي مفيد ۽ منفرد صنف جو درجو ڏيئي، اُنکي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ صنف سخن بنائي پيش ڪيو آهي. سانگي جي شاعري جتي عشق ۽ حسن جي سچاٽپ آهي، اُتي ئي زندگي گذارڻ وارن طور طريقن کي قوت بخشڻ لاءِ مددگار بہ آهي.

مير عبدالحسين جي شاعري زندگي جي ترجماني ڪندڙ شاعري آهي. سانگي پنهنجن ذاتي جذبن، خيالن ۽ تجربن کي پنهنجي شاعري جا موضوع بنائي، پنهنجي ذاتي مشاهدن ۽ تجربن مان حاصل ڪيل سماجي، معاشي، معاشرتي ۽ ثقافتي معلومات کي پنهنجي شاعري ۾ جاءِ ڏيئي، زندگي جي حالتن ۽ حقيقتن کي نروار ڪيو آهي.

**”تڏهين ترڪ وطن ڪيوسون جڏهين اهل وطن بگڙيا،**
**جي ٻگڙن جا نہ ها اهڙا بہ ياران ٻگڙيا،**
**اثر صحبت جو بيشڪ ٿئي ٿو مونکي آ ٿيو يقين آهي.**
**زماني جي ٻگڙن ڪان بہ مردن جا سخن ٻگڙيا.“**

سانگي جهڙي طرح دنيا ۾ رهي پنهنجي زندگي گُذاري، انهيءَ جو چٽو عڪس هن جي شاعري ۾ جرڪي رهيو آهي. هن هزهائينس جو لقب حاصل ڪيو. هو آنرري ميجسٽريٽ بنيو. هن عشق جي ميدان ۾ عشق ۽

حسن جي وچ ۾ توازن رکي پنهنجي زندگيءَ کي چمڪايو. هن شاعرن جي سرپرستي ڪئي ۽ انهن کي مٽي جو موڙ بنائي، ادب جي ميدان کي مچائي پنهنجي ڇاپ ڇڏي.

فرنگين ٽالپورن جي حڪومت جو خاتمو ڪيو ۽ اُنهن کي قيد و بند ۾ جڪڙي رکيو. سنڌ جي ثقافت جو رنگ بدلجي ويو. معاشري ۾ تبديليون آيون. سچا ۽ اصلي انسان ناپيد ٿي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي فرنگين جا پاليل وڏيرا ۽ جاگيردار ميدان عمل ۾ آيا ۽ انگريزن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ نااصافي واريون ڪارروايون ڪري ڌرتي ماءُ جي اولاد کي ڏاڍن جو شڪار بناوي ۽ سنڌ کي زنيجرن ۾ جڪڙي رکيو.

## حقيقت پسند انسان

سانگيءَ حقيقت پسند انسان هو. هن سوچي ويچاري انهن ڏاڍاين ۽ برن اثرن کي زائل ڪرڻ جي لاءِ اخلاقي قدرن کي ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن سنڌ واسين ۾ خود اعتمادي، خودداري ۽ همٿ کي جاڳايو تہ اُهي برين حالتن کي سمجهن ۽ انهن کان بچي نڪرڻ لاءِ ڪي ڪارگر طريقا استعمال ڪن.

"سو مرد آهي جو نہ چوي، پر ڪري انصاف،
همٿ نہ آهي جي رڳو وات آهي تہ ڇا ٿيو."

*_*_*

"لانڍي هجي لوڙهي ۾ رهن لاءِ ڪکن جي،
ڏيکارجي دشمن کي مگر اوڏ لکن جي."

صداقت پسند سانگي نفاست ۽ سچائي سان سنڌواسين کي سندن ڪمزورين ۽ حاڪمن جي ڏاڍاين ۽ پابندين کان اگاهہ ڪيو. انهن کي جاڳايو ۽ قائل ڪيو تہ هو اُٿن ۽ پنهنجين حالتن کي سُڌارڻ ۽ انسانن جيان زندگي گذارڻ لاءِ مناسب ۽ مفيد طور طريقا استعمال ڪن.

مير خادم حسين خان پنهنجي مضمون "سانگي جي فارسي شاعري ۾ زماني جي شڪايت ۾ چند چاڻ ڪري ڄاڻايو آهي تہ "اهڙو دور اچي ويو آهي، جنهن ۾ نہ علم، نہ حلم، نہ فضيلت، نہ ايمانداري، نہ خوش اخلاقي، نہ

شجاعت آهي. وطن ويران آهي، هم وطن بيڪس آهن. ايمانداري بدران رياڪاري ۽ مڪاري رائج آهي. ماڻهو ناشڪرا ۽ ڪوڙا آهن.

**”هوا اهڙي لڳي آهي جو پنهنجي پنهنجي مذهب ڪان،**
**مسلمان و ڪرستان ويهود و برهمڻ بگڙيا.“**

هي سانگي جي مشاهدي جو سچو ۽ پڪو ثبوت آهي.

سانگيءَ جي شاعري سجاڳيءَ جو سڏ آهي. سانگي زندگيءَ جي راهه تي هلندي، زندگيءَ جي ڏاڍاين ۽ سورن کي پڌرو ڪري، ڌرتي جي ڄاون کي جاڳائي رستو ڏيکاريو آهي، ته هو زندگيءَ کان فرار نه ٿيندا پر جيئندا همٿ سان، جرئت سان ۽ مستقل مزاجي سان:

**”اي غريبو نه غير ڏي ڏسجي،**
**حال عربت ۾ پيي غيور آهيان.“**

## شاعري جا موضوع

مير عبدالحسين سانگي جي شاعري جا مضمون / موضوع محدود ناهن، اُهي وسيع آهن. جيڪي زندگي جي انيڪ رُخن ۽ روپن جي ترجماني ڪندي نظر اچن ٿا. انيڪ موضوعن جو موجود هجڻ اهو ڏيکاري ٿو ته سانگي پنهنجي زندگي مان حاصل ڪيل تجربن جي آڌار تي ڪافي پرايو ۽ ايمانداري سان پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيو آهي. هن جي شاعري جا نمايان موضوع آهن. غزل گوئي، عشقيه شاعري، فطرتنگاري/ منظر نگاري، مرثيه گوئي، سلام، واقع نگاري، سيرت نگاري، قصيدا گوئي وغيره.

سانگي صداقت سان جن شين، واقعن ۽ صورت حال جو مشاهدو ڪري ٿو، تن کي صفائي ۽ چٽائي سان چٽي، تخليق جا اهم ڪارناما سرانجام ڏئي ٿو. هن جا جزبا، احساس ۽ ذاتي تجربا نقلي ناهن، اصلي آهن، خيالي ناهن، حقيقي آهن، مثالي (Ideal) ناهن، عام فهم آهن. سانگي جي شاعري هڪ سچي انسان جي سچن جزبن، تجربن ۽ مشاهدن جو سچو تخليقي اظهار آهي. سانگي جي شاعري سانگي جي سچي آتم ڪٿا آهي. اهڙي سچي آتم ڪٿا دُنيا جي ادب ۾ ملڻ مشڪل آهي.

مير عبدالحسين سانگي سنڌي غزل جو خالق آهي، سانگيءَ جي غزل ۾ تنوع ۽ ندرت روان دوان نظر اچي ٿي. سندس غزل ۾ فارسي غزل جا سڀ لوازمات پنهنجي اصلي رنگ ۾ نظر اچن ٿا. اُهوئي سبب آهي جو ”سندس غزل“ پروفيسر احسان بدوي جي لفظن ۾ ”غزل جو نمائندو آهي ۽ اُن معيار جو آهي، جو غزل جو حقيقي معيار آهي.“

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چوي ٿو تہ سانگي پنهنجي علمي وسعت ۽ پيدائشي ڄاڻ سان سنڌي غزل جي لاءِ پنهنجو ماحول پيدا ڪيو ۽ پنهنجي زبان ڪم آڻي، فارسي رنگ واري روايتي غزل کي خالص سهڻي سنڌي غزل ۾ تبديل ڪري ڏيکاريو. سانگي فارسي غزل جي روايتن، مزاج ۽ ان جي منظرن جو چڱي طرح مطالعو ڪيو ۽ مناسب نموني ۾ غزل ۾ تبديليون آنديون.

**جو مهراڻ جي ڪيٽي ۾ ڪنارو آهي گهاري جو.**
**سو سمورو سير حاصل غيرت ئي ڪشمير ٿيو آهي.“**

سانگي جي عظمت جو اِهو لازوال ثبوت آهي جو هن سنڌي غزل کي سنڌي ماحول، سنڌي ترڪيبون، سنڌي محاورا، استعارا، تشبيهون، اهڃاڻ مهيا ڪري سنڌي شاعري ۾ منفرد مقام ڏياريو.

مير عبدالحسين سانگيءَ عشقيہ شاعري جو امام آهي. عشق هن جي وجود جو لازوال انگ آهي، عشق هن جي شخصيت جي صدا آهي ۽ عشق هن جي ڪلام جو ڪوهينور هيرو آهي. رومانوي دور جا هي نوجوان انگريز شاعر پي بي شيلي (P.B. Shelly) جان ڪيٽس (John Keats) ۽ لارڊ بائرن (Lord Byron) پنهنجو مٽ پاڻ آهن. شيلي جي عشقيہ شاعري مثالي آهي، ڪيٽس جي عشقيہ شاعري چوڏهين رات جي چانڊاڻ آهي ۽ بائرن جي عشقيہ شاعري دکندڙ چنگ آهي. سانگيءَ جي عشقيہ شاعري تنهي کان الڳ ٿلڳ آهي. سانگيءَ جي عشقيہ شاعري هن جي روح جي رڙ آهي. هن جي دل جي صداقت ڀري صدا آهي ۽ هن جي شخصيت جو بي ملھ اظهار آهي.

سانگيءَ هڪ سچو عاشق آهي، ڪو سڏڙيو عاشق ناهي، هن عشق جو لڪي لڪي نہ، پر کلم کُلا اظهار ڪيو آهي. سانگي عشق کي رب جو تحفو

سمجهي قبول ڪيو آهي. هن مهراڻ جي ڪيٽي جي هڪ الهڙ دوشيزاه حاجران کي پنهنجي قسمت جو هار بنائي حويلي ۾ وٺي آيو ۽ هن سان بيمثال نينهن نڀاهيو.

”اسان عشق کي آهي مشهور ڪيو،
اسان کان لڏو عشق بازي رواج.“

سانگي عشق کي مٿي جو موڙ بنايو ۽ عشق جي تجلي سان سڄي ڪائنات کي منور ڪري ڇڏيو. سانگي جو عشق هڪ طرفو نہ پر ٻہ طرفو آهي. سانگي پنهنجي عشق کي حاجران جي عشق سان سينگاري، عشق کي سرخرو ڪري ڇڏيو.

## سانگي جي شاعري جا رنگ

(1) مير عبدالحسين سانگي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن فطرت نگاري / منظرنگاري کي غزل جو لازمي حصو بنائڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيا. سانگي قدرت کي چٽڻ جي بدران قدرتي نظارن کي خوبصورتي، نفاست ۽ دلچسپ نموني بيان ڪري ڪمال ڪيو آهي. سانگيءَ کير ٿر جبل، پٽ شاهہ گنجي ٽڪر ۽ ٿر جي قدرتي نظارن کي بيان ڪري، اُتي رهندڙ ماڻهن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو دلچسپ نظارو پيش ڪيو آهي. ڪي نظارا سانگيءَ جي لاءِ اهم آهن. ڇاڪاڻ تہ اُهي دلچسپ آهن، ڪي نظارا هن جي پورن ۽ سورن جا يادگار مثال آهن ۽ ڪي نظارا ملڪ جي خوشحاليءَ جا ضامن آهن.

”اُتا مينهن مارن تي بي انتها،
ڦتا ڦوڳ ساوا ٿيا سر جا بجاءَ.“

*_*_*

”لعل کان ٿيو لعل آهي گُل انار،
موتين کان صاف آهن موتيا.“

*_*_*

”ڏسڻ ۾ اچن اڄ ٿا ڪارا ڪڪر،
اُپرندي ڏي آهن وڄن ور وِڏا.“

سانگيءَ جي منظر نگاري اصلي آهي، اکين ڏٺي آهي ۽ دل تي سِڌو اثر ڪري ٿي.

(2) مرثيہ گوئي مير عبدالحسين سانگي جي شاعري جو عجب ۽ نرالو تخليقي ڪارنامو آهي. سانگي پنهنجي آخري عمر ۾ مرثيہ جوڙيا جن جو تعداد ڇهہ آهي ۽ اُنهن ۾ جملي 460 بيت آهن. سانگي پنهنجي مرثئي جي هڪ بند ۾ پنهنجن رنجيده جذبن ۽ خيالن جو اظهار ڪري ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

**"اڪبر جو ڏسي لاش پيلا سر نہ پٽيان ڇا؟**
**قاسم جو ڏسي سرکي جدا سر نہ پٽيان ڇا؟**
**عباس جا ٻئي دست ڪپيا سر نہ پٽيان ڇا؟**
**پاٽيج منهنجا مقتول ٿيا سر نہ پٽيان ڇا؟**
**سڀ يار ۽ ياور منهنجا دُنيا کي ڇڏي ويا،**
**ماڙيون ڏسي جنت جون هتان صاف لڏي ويا."**

(3) شاعري ۾ سلام کي غزل جو قائم مقام سمجهيو ويجي ٿو. انهيءَ ۾ تسلسل نہ هوندو آهي. سانگيءَ رڳو ٻہ سلام سرجيا، هن جي سلام جا ٻہ شعر پيش ڪجن ٿا.

**"نہ آيو امام تعزيو آيو امام جو**
**آقا امام پنهنجي عليه السلام جو**
**هي سيج آ قاسم نوشہ جي جلوه گر،**
**گهوڙو هي آهي اڪبر عالي مقام جو."**

(4) واقع نگاري ۾ ڪنهن واقع يا حالت جي تصوير چٽي ويندي آهي. واقع نگاري ۾ واقعو انفرادي حيثيت رکي ٿو. سانگي جي واقع نگاري جي عاليشان مثال جو مطالعو ڪريو جيڪو حضرت قاسم جي قتل ٿيڻ جي باري ۾ آهي.

**"منهنجي شادي جنهن سان ٿي سو گهوٽ ماريو هائي هائي،**
**رات پرڻيو صبح جو رڻ ڏي سڌاريو هائي هائي،**
**نير هن ڪپڙن تي منهنجي نير هاريو هائي هائي،**
**مونکي ماري سيج سوڙو مونکي ساڙيو هائي هائي."**

(5) مير عبدالحسين سانگي سيرت نگاري جي فن جو وڏو ماهر آهي. ٻيو ڪو بہ سنڌي شاعر هن فن ۾ سانگي جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. سانگي ڪربلا جي ڪونڌرن، انهن جي سرفروش اولادن ۽ خاص ڪري مجاهد عورتن جي جيڪا سيرت نگاري ڪئي آهي اُها بيمثال آهي. سانگي ٿر ڇائي پروقار ۽ خوددار عورت مارئي جي سيرت نگاري ڪري نہ صرف مارئي کي امر ڪري ڇڏيو آهي. پر سيرت نگاري جي صنف کي امر پد تي پهچايو آهي. مارئي هڪ سچي وطن پرست آهي ۽ هن کي وطن جي هر شيءِ سان محبت آهي.

**جڏهن آئون ويڙهہ ۾ وينديس پنوهارن جي وراڪن ۾،**
**ڇڪاري ڇيلڙا ڇانگون ڪيو ويڙهين ۾ واريينديس.**

هو عمر جي قيمتي ڪپڙن کي ٺوڪاري ٿي ۽ لال پوتيءَ جي واکاڻ ڪري ٿي.

**رکي لڄ لال لوئي جي وري وينديس ويڙهيچن ڏي،**
**پياري پرت پنهوارن ساڻ پائر پاس پاريينديس.**

مارئي هڪ اڏول انساني جذبو آهي. هن هارائڻ نہ سکيو آهي. بيشڪ هو هڪ نماڻي عورت آهي پر هن جي حب الوطني وڪامڻ واري شيءِ ناهي. مارئي هڪ للڪار آهي، جابرن لاءِ کُلي تلوار آهي.

**”نماڻي نار آهيان پر وڏن جا وڻ وڃائيينديس.“**

مارئي اعلان ڪري چوي ٿي تہ هو ڏاڍن کي ڏارڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي سر ”عمر مارئي“ ۾ مارئي جي سيرت نگاريءَ کي اهڙي انداز ۾ پيش نہ ڪيو آهي.

(6) قصيدا گوئي شاعري جي اهڙي صنف آهي جنهن ۾ مذهبي اڳواڻن، مرشدن، پيرن، دانشورن، بهادرن ۽ وطن پرستن جي واکاڻ ڪئي ويندي آهي، جيئن تہ پڙهندڙ بہ اهڙا گڻ حاصل ڪري سگهن. سانگي داد-رسي جي نئين صنف گهڙي، پنهنجن همعصر شاعرن کي ساراهي وڏو داد حاصل ڪيو آهي. سانگي پنهنجي هڪ ٺي غزل ۾ ڇٺن همعصر شاعرن جهڙوڪ غلام محمد شاهہ گدا، مرزا قليچ بيگ، ميان وڏل حيدري ۽ حافظ حاجي حامد کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي.

**هي غزل پهرين گدا جهڙي سخنور ڇا چئي،**
**بي مثل جو آهي اقليم سخن شهوار.**

***_*_***

**شاعر عالي دماغ آهي، اهو مرزا قليچ،**
**سر زمين شهر ۾ جنهن کي ٿيو ڪلي اختيار.**

***_*_***

**حيدري جي نظم کي پوءِ چئو با آواز بلند،**
**شاعر نازڪ خيال ۽ آهہ جو يارن جو يار**

***_*_***

**تنهن کان پوءِ چئجن وري حامد سندا اشعار خاص،**
**جي آهن تسبيح جئن پوتل چئو دُر شاهوار.**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ درست چيو آهي تہ ”سانگيءَ عالم شاعر هو ۽ سانگيءَ عاشق شاعر هو.“ عشق سانگيءَ جي شاعري جو محرڪ جذبو آهي. سانگي سڏڻيو عاشق نہ پر سچو عاشق آهي. عشق جڏهن هن جي زندگيءَ ۾ شدت سان نمودار ٿيو تہ هن هڪ عام انسان جيان مهراڻ جي ڪيٽي جي هڪ الهڙ دوشيزه حاجران کي دل ڏيئي ويٺو هن جو عشق ڏيکاءُ وارو نہ، پر فطري هو. هن محبوب سان لڪي لڪي ملاقاتون نہ ڪيون پر حاجران کي حويلي ۾ آڻي، اُن جو کلم کلا اعلان ڪيو.

**”حاصل ٿيو رقيبن کي جدائي جو جهنم،**
**سانگي کي تہ جيئري آهي جنت ڏني مولا.“**

سانگي هڪ عاشق آهي ۽ عشق ئي سندس ڪل ڪائنات آهي. هن جو عشق مجازي آهي، پر پاڪيزه آهي. هن جو عشق هڪ طرفو نہ، پر ٻہ طرفو آهي، اڌورو ناهي، پر پورو آهي. هو محبوب جي ڪاڪل وارن، البيلين اکڙين ۽ جسم جي جلويدار عضون تان فدا آهي تہ سندس محبوبا سندس ذات ۾ گم آهي. سانگيءَ لاءِ عشق چانڊوڪي رات آهي، جهرمر بوند بهار آهي ۽ هستيءَ جو سينگار آهي. سانگي عاشق آهي ۽ حسن جو سرپرست آهي. هو حسن کي پوڄي ٿو هن عشق ۽ حسن کي ملائي حُسن جي حڪمراني قائم ڪئي آهي ۽ عشق کي سرخرو بنايو آهي.

**اداڙي، اسين آهيون عاشق مزاج،**
**آهي سر اسان جي تي وارن جو تاج.**

سانگي جو عشق سچو آهي، ڪچو ناهي. سندس محبوب حقيقي آهي، فرقي ناهي عشق هن جي زندگيءَ جو محور آهي. هن جا احساس ۽ خيال عشق جي جذبي سان رڱجي ظاهر ٿين ٿا. سانگي جيڪي ڪجھ ڏسي ٿو انهيءَ جو ديدار ٻين کي بہ ڪرائي ٿو.

**دل گهرئي دلدار جا زُلف ڏوتا،**
**ڏس تہ ڪيئن اٽڪن ۽ لٽڪن لاڏ مان.**

سانگي جي عشق هن جي ڪلام ۾ حيرت انگيز واڌارا ڪري اُنکي بيمثال بنايو آهي. اُن ۾ غنائي رنگ، نغمہ سرائي، نزاڪت، رنگيني، رعنائي، توانائي، لطافت، رواني، بيساختگي ۽ حڪمت ڀري، اُن کي زنده جاويد تخليقي ڪارنامو بنائي ڇڏيو آهي.

**طالب سو آهيان تنهنجي محبت جي مرض ۾،**
**اي من موهن مٺا آءُ جيان ٿو مريو مريو.**
**سچ تنهن سپ کان منهنجو ٿو شيرين ڪلام ٿئي،**
**جي چاهہ مان چکيون مون چپن جون جي چاشنيون.**

سانگيءَ جو عشق اُتم (Sublime) آهي جو زندگي کي اتم بنائي، سيني رشتن ۾ هم آهنگي آڻي، اُنهن کي دلپسند بنائي ٿو.

## غزل جو باني

مير عبدالحسين سانگي سنڌي غزل جو باني آهي. بقول ”شيخ عبدالرزاق راز ”مير عبدالحسين سانگي سنڌي غزل ۾ نئون آواز آهي. هن غزل جي صنف ۾ ڪيترين نازڪ ۽ نفيس چيزون پيداد ڪري، سنڌي جديد غزل جي راهہ هموار ڪئي.“

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي خيال موجب ”سانگي جي شاعري جي جاڳندي عشق کيس فرقي تخليقات بجاءِ غزل ۾ حقيقت نگاري، صداقت شاعري جو علم بردار بنايو.“

ڊاڪٽر اياز قادري موجب ”سانگي بنيادي طرح حسن و جمال جو شاعر آهي. هن جي قلم غزل کي جادو ۽ بلندي بخشي. هن غزل جي گلستان ۾ ايتري سخن سرائي ڪئي آهي. جنهن جيتري سنڌ جي ٻئي شاعر کان نہ ٿي سگهي آهي.“

مير عبدالحسين سانگي جديد سنڌي غزل جو خالق آهي. هن فارسي غزل جي لوازمن کي سمجهيو اُنهن تي عمل ڪيو پوءِ غزل ۾ سنڌي روايتن، ترڪيبن ۽ فني لوازمن مطابق ”قير قار ڪري، نئين سنڌي طرز تهرير ناهي، اُن کي الڳ حيثيت ڏياري، جديد سنڌي غزل جي راهہ روشن ڪئي. هن جديد سنڌي غزل کي سرجيو سُڌاريو ۽ سنواريو سانگي غزلن ۾ زير اضافت جي ڪثرت سان استعمال کي روڪيو. هنج سنڌي اسلوب کي استعمال ڪري، پنهنجي سادي، سلوڻي، سنڌي لب و لهجي واري ”دارجا“ يا روز مرهہ واري ٻولي استعمال ڪئي ۽ سنڌي غزل ۾ سلاست ۽ سُونهنءَ پيدا ڪئي.

**تڏهن پرين سان تو پرت ڪئي سانگي،**
**محبت دل منهن جي ٿي پهڻ کان وڏيڪ.**

سانگي غزل ۾ فارسي جي ترڪيبن ۽ اصطلاحن کي شامل ڪري، پنهنجي ٻوليءَ ۽ روايتن کي ڪو نہ وساريو. هن تڪلف ۽ تصنع کي ڇڏي، سنڌي ٻوليءَ جو چست بندشون ۽ شوخ اصطلاح ۽ محاورا ڪم آڻي، پنهنجي ڪلام جي رونق، زينت ۽ جازبيت ۾ اضافو ڪيو.

بنيادي طرح غزل عشق ۽ حسن جي جذبن جو ترجمان آهي. سانگي پنهنجن غزلن ۾ عشق ۽ حسن کي اتاهہ بلندين تائين پهچايو. نہ صرف پاڻ سرخرو ٿيو پر غزل جي صنف کي بہ سرخرو ڪري ڇڏيو.

**جي تون پائنين تہ روح ٿئي راضي،**
**ماهہ روئن جي مدح توائي ڪر.**

سانگي غزل کي مجاز جو آئيندار بنايو ۽ نوان بجر باڪري غزل ۾ معنيٰ پريا موتي پکيڙي، سياسي، سماجي، اخلاقي، تصوف ۽ مزاج جي موضوئن کي اوچو درجو ڏياريو.

سانگي سنڌي غزل ۾ قديم سنڌي شاعري جو لب و لهجو ۽ اهڙيون ڪيئي روايتون قائم ڪري خوب رنگ ڄمايو آهي ۽ سنڌي غزل کي قديم ڪلاسيڪل شاعر جي اسلوب جي قريب آندو آهي.

**جي سهڻو پاڻ سڏائي ويا، البيليون اکيون اٽڪائي ويا،**
**چپ چاشني دار چکائي ويا، سي سورن کي تہ جاڳائي ويا،**
**اجان هاڻ هتي ها يار پرين دلبند سڄڻ دلدار پرين،**
**غمخوار مٺا، مٺڙا پرين، جي پيچ پيارل پائي ويا.**

پروفيسر ارجن شاد جي چوڻ مطابق "سانگيءَ نج ڪافين جي رنگ ۾ غزل چيا آهن. پنهنجن غزلن ۾ سنڌي لوڪ ڪٿائن، اُن جي سورمين کي مثال طور ڪم آندو آهي.

**نکري پنهور مان چيو سسئيءَ ٿي سوز مان،**
**ڪوهيا تنهنجي قرب وڏس ڪهسار ۾.**

***-*-***

**عمر ماڙين ۽ مالن تي پکا کي ڪر لڄائيندس،**
**ويڙهيچن کي وساري هت ويهي ڇا ور وڃائيندس؟**

سانگي غزل ۾ ڪلاسيڪي موسيقي، اندر ناريندڙ اسلوب ۽ سنڌي روايتن کي ملائي، غزل جو هڪ نئون جهان جوڙيو آهي. سانگي جديد غزل جو شاهہ نہ پر شهنشاهہ آهي. تغزل سناگي جي شاعري جي جان آهي. سوز و گداز ان جو سينگار آهي. تخيل، نازڪ ڪلامي ۽ دلچسپ طرز تحرير اُن جا لازمي جُز آهن. جمالپرستي جو جمال سانگي جي غزلن کي نمايان بنائي ٿو. چمڪائي ٿو ۽ اندلٺ جي رنگن وارن ڏيان چڪائي ٿو.

مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ رومانويت جا رنگ صاف صاف نظر اچن ٿا. رومانويت هڪ ابدي تحريڪ آهي جيڪا انگلينڊ ۾ رائج 18 صدي جي جُڙتو ڪلاسيڪي (Neo Classical) شاعري جي پابندين جي خلاف هڪ انقلاب جي صورت ۾ اُڀري، رومانويت جا نمايان پهلو آهن. قدرت ڏانهن واپسي عوامي تحرير طرز ، تخيل جو استعمال، قديم ثقافت سان وابستگي، انقلابي رنگ، ماڻهو ۽ هن جي عظمت جو اعلان وغيره.

سانگي سفر ۾ شڪار لاءِ پٽ شاهه، مهراڻ جي ڪيٽي، گنجي ٽڪر، ڪير ٿر جبل ۾ ٿر جي قدرتي نظارن جو دل کولي ديدار ڪيو ۾ اُنهن کي چٽائي، صفائي، ۾ نفاست سان چٽي نہ صرف پاڻ سرور حاصل ڪيو پر پڙهندڙن جي لاءِ لطافت ۾ چاهه جا در کولي اُنهن کي بہ مسرور ڪيو. اهي بظاهر هن جي يادگيرين ۾ تجربن جا اولڙا آهن، هن جو جيون ـ سرمايو آهن.

**شاهد گل ٿيو آهي رونق فزا،**<br>
**چار سو بلبل جا آهن چهچٽا،**<br>
**صحن چمن ۾ پيون آهن اشرفيون،**<br>
**آهي سخاوت ڪئي باغ سخا.**

سانگي فطرت جا حسين ۾ دلفريب نظارا چٽي، ماڻهو ۾ قدرت کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي، زندگيءَ کي سينگاريو آهي ۾ انساني اُمنگن کي سنواريو آهي.

مير عبدالحسين سناگي ڏرتيءَ جو شاعر آهي. هن ڌرتي ڄاوڻ هارين نارين، پنوهارن، سنگهارن جي عظمت کي خوب ساراهيو آهي. هن اُنهن جي پورهئي جا گيت ڳائي، اُنهن کي سلام پيش ڪيو آهي.

**سدا منهنجا مارو مٺا منجهه ملير،**<br>
**پپن ۾ گولاڙن مان ماڻن مرا،**<br>
**للر لس مريڙو آهي ملڪ ۾،**<br>
**منگها موڪ، مينهن آهن پٽ پريا.**

سانگيءَ سادن سادن خيالن کي راز ۾ مرز سان پيش ڪري ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

**حسن جي ٿي فوج تي چڙهائي،**<br>
**ويا خاڪ ٿي خاندان کهڙا کهڙا،**<br>
**ادا حضرت عشق جي نوڪري ۾،**<br>
**ڏنا سون ڏکيا امتحان کهڙا کهڙا.**

سانگي جي عبارت عام فهم ۾ عوامي آهي، جنهن ۾ بيساختگي رواني ۾ سنگيت پريل آهي.

**هتي دردن جا تہ دڪان هئا،**
**هت سورن جا تہ سامان هئا،**
**وڏا شوخن جا هت شان هئا،**
**سي هاڻي ماڳ مٽائي ويا.**

## سانگي جي شاعري جا اهم نقطا

(1) سانگي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن ڌارين جي غلامي خلاف آواز اُٿاريو ۽ انهن جي ڏاڍاين کي کلي طرح ننديو ۽ انهن جي غلط ڪمن جي خلاف لکندو رهيو. ڌارين جي زيادتين جي ڪري وطن جو امن برباد ٿي ويو ۽ معاشرت تباهہ ٿي ويئي. پنهنجا پراوا ٿي ويا ۽ يگانا بيگانا ٿي ويا

**پراڻا خاندان جي هئا سي ٿي پيا پورا،**
**زماني ڏس آهن نون خانن جا خانا ڪيا،**
**اڳي جي ناتوان هئا، سي زماني ڪيا توانا پر،**
**توانا جي، اصل هئا، سي زماني ناتوانا ڪيا.**

(2) مير عبدالحسين سانگي کي پنهنجي ثقافت سان بي انتها پيار آهي. هن ثقافتي رنگن ۽ ثقافتي ڪهاڻين جي ذريعي ثقافتي رنگن ۽ رواين کي بيان ڪري، قديم سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪيو آهي. هن مارئي، سسي ۽ مومل جي ڪردارن جي ذريعي سنڌي ثقافت کي پيش ڪري، ماضيءَ سان ناتو نڀايو آهي.

**هتي جي ڪاچ ڪان تنهنجا تہ مر ڪامي مران تنهن ڪان،**
**وڃي ٿر ٿاڪ تورن جي ڪٿا ۽ ڪير ڪائيند يس.**

***_*_***

**مومل ڪي راڻي ٿي چيو ملنداسون ڪنهن مهل،**
**قسمت جو مهري جي وري آيو مُهار ۾.**

(3) سانگي شاعري ۾ تخيل ۽ نازڪ خياليءَ کي پيش ڪري شاعريءَ کي اعليٰ اوج تي پهچايو آهي.

**واچوڙي وانگر ڦرندو رهان روز شب،**
**آهيان ڪڏهن زمين تي، ڪڏهن آسمان تي.**

***_*_***

**جي ڪريان واهه، نڪري آهه اڇي،**
**قلب ۾ منهنجي ڪو ٻيو ڪري ڪٺ.**

***-*-***

**تنهنجي ڪاڪل تان ڪريان قربان ڪٿوري جا ڪَرا،**
**عين آهي جو اي جاني، تنهنجي نيڻن تان نثار.**

(4) مير عبدالحسين سانگيءَ جي شاعري ۾ رومانويت جو هر عنصر موجود آهي جيڪو هن کي سنڌي شاعري جو سونهارو سرجڻهار بنائي ٿو.

مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڪلام ۾ جديديت (Modernism) جا آثار نظر اچن ٿا، جيڪي ڏيان ڇڪائي رهيا آهن. جديديت فن، فن تعميرات ۽ ادب جي هڪ اثرائتي تحريڪ آهي، جيڪا 1887ع ۾ پئرس ۽ جرمنَي ۾ نموندار ٿي. هي تحريڪ جديد خيالن، جديد طور طريقو ۽ جديد طرز تحرير تي خاص زور ڏئي ٿي. هي تحريڪ روائتي خيالن ۽ روائتي طور طريقن بجاءِ جديد خيالن ۽ جديد طور طريقن تي وڌيڪ ڏيان ڏيئي ٿي. هن تحريڪ جا نمايان پهلو آهن. (1)نوان خيال، نوان طور طريقا ۽ نئون اسلوب، (2) ثقافتي رستن سان وفاداري، (3) پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ۽ عقيدت، (4) عام ماڻهن سان بي انتها پيار، (5) انهن جي مسئلن کي سلجهائڻ لاءِ جتن ڪرڻ ۽ (6) سچ جي هر حالت ۾ ترجماني ڪرڻ.

## سانگي :هڪ اعليٰ شخصيت

مير عبدالحسين سانگي هڪ پروقار ۽ بيباڪ شخص هو. هن کي سچ سان عقيدت هئي ۽ سچ کي شوخي ۽ بيباڪي سان ظاهر ڪرڻ جو ڏانءُ به هو. هو شهزادو شاعر هو. هو انگريزن جي زير اثر رهيو. پر هو نڪو ڪو ڊنو ۽ نه وري ڇرڪيو. هو بنان ڊپ ڊاءُ جي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو هو. هو انگريزن جي غلط ڪمن کي ننديندو به هو. اُنهن کي شرمندو به ڪندو هو ۽ خوار به ڪندو هو.

**ڪڏهن ڪين ڪنهن جي پرواهه ڪري سو.**
**ڪيا رنگ ٿي آسمان ڪهڙا ڪهڙا.**

سانگي سنڌ واسين کي جاڳائي چوي ٿو تہ هو سنڌ جو اولاد آهن. سنڌ جا آزاد شهري آهن. انهي جي زندگي انهن جي پنهنجي آهي. اُنهن کي ڌرتي سان نينهن نڀائڻو آهي. انهن کي پنهنجي لوليءَ جهڙي منڙي، سادي، سلوڻي ۽ عام فهم ٻوليءَ جي ذريعي هڪ ٻئي جي قريب آڻي، خودداري ۽ خود اعتماديءَ سان جڳ کي جيتڻو آهي.

**ڪڙن سان ڪجن مر ڪڙائي جون ڳالهيون،**
**مٺن سان ڪجن پر مٺائي جون ڳالهيون،**
**مناسب نہ آهي مٺان جي ڪندين تون،**
**وفادار سان بي وفائي جون ڳالهيون.**

هي خيال خديديت جي نظريئي مطابق پيو لڳي. خديديت منفرد انداز جي هڪ انفرادي تحريڪ آهي. انسان پنهنجي وطن، يارن، مال، پيداوار وغيره کي ياد ڪري پاڻ کي خوشنصيب پيو سمجهندو آهي.

**ٿيون اڄ ڳنڍيرن ۾ آهن ڳنڍيون،**
**سُڪا جي ها وڻ سي بہ ساوا ٿيا،**
**آهي ڏٿ ڏوٿين جي پاسي پڪو،**
**ٿيو سائو سيارج ۽ مکڻي صفا.**

سانگي هڪ انفراديت پسند شاعر آهي. هن مختلف صنفن کي پاڻ ۾ ملائي، نوان رس ۽ رنگ ڀري خوب موج مچائي آهي. هن بيت، ڪافي ۽ غزل کي پاڻ ۾ جوڙي نظم جو وايو منڊل پيدا ڪيو آهي. اِها ادبي رمز ظاهر ڪري ٿي تہ هو اعليٰ درجي جو تخليقار انسان آهي. هن جي شاعري جي ٻولي عام فهم آهي. انهي ۾ نہ ڪا ڏکيائي آهي، نہ ڪا ڳجهارت آهي ۽ نہ وري مونجهہ ۽ مونجهارو آهي. هن جي ٻولي عام فهم آهي جيڪا قرب پيدا ڪري ٿي ۽ ويڇا ختم ڪري ٿي.

**نہ دشمن دشمنن جا ۽ نہ ٿياسين خار يارن جا،**
**آهيون بيواسطہ ٿيا ٻار پنهنجن ۾ پراون ۾.**

سانگي ڪليل دل ۽ ڪليل دماغ وارو البيلو انسان آهي هو پيار جو نو لکو هار سانگي جي شاعري جون خوبيون آهي.

دل گرفتار ڪرڻ لاءِ اسان جي آهي،
سانگي سينگار ڪيو ڪنهن ڪيو دلدار ڪيو.

سانگي مخاطب ٿيڻ وارن غير مناسب، غير مانوس ۽ مدي خارج طور طريقن کي تبديل ڪري، ماڻهن کي قدرت جي هنج ۾ آندو محبوب کي مِٺا، منٺا، منٺار، پرين، يار، دلدار، سهڻا، سڄڻ، وغيره جي منٺن ۽ من موهيندڙ لفظن سان پڪاري، سڄي ماحول کي پنهنجو بنائي، پنهنجائپ جو راڄ قائم ڪيو.

هن پنهنجائپ سان پُر ماحول ۾ يارن جي ڏندن، چپن ۽ وارن کي ساراهي، سانگي نئين طرز تحرير کي رائج ڪري جدت ۽ جاذبيت جو خوب مظاهرو ڪيو آهي.

تنهنجا سهڻا آهن ڏند پرين،      سی ڏند آهن دلبند پرين،
تنهنجا لب شيرين از قند،      سنده ڪارا وار ڪمند پرين،
جن سان عاشق ٿيا پيوند پرين،      انهی ننڊ ۾ سی خرمند پرين،
وڏا فڪر ۾ تنهنجی قبد پرين،      تنهنجا عاشق آرزو مند پرين.

انهن بندن ۾ هڪ رس، لوڪ ادب، نون لفظن جي جڙت، تجنيس هرفي، موسيقي، رواني، اعليٰ عبارت ۽ سنڌ جي سونهن جو هر رنگ، هر روپ جرڪندي نظر پيو اچي.

اسان جي جديد سنڌي شاعرن ۽ اديبن جديديت ۾ سچ، سونهن، سرهاڻ، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي ريتن ۽ روايتن، سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين، لوڪ موسيقي، قدرتي نظارن، سنڌين جي اورچائي، پورهئي سان پريت، سنڌي ماڻهن جي احساسن ۽ ويچارن، انهن جي جاڪوڙ انقلابي سوچ، ۽ منٺن ماڻهن جي منٺي ٻولي، اصطلاحن، محاورن ۽ استعارن سان سينگاري هڪ نئين سنڌي تحريڪ "سنڌيت" کي جنم ڏنو آهي. اها تهريڪ روان ۽ دوان آهي.

## مير عبدالحسين سانگي جي شاعري جون خوبيون:

(1). هن جي شاعري جي پهرين خوبي آهي. حسن پرستي ۽ عشق بازي جو کليو کلايو اظهار. بيان "سنڌي ادب تاريخ" جو ليکڪ محمد صديق

ميمڻ لکي ٿو تہ ”آخوند قاسم پنھنجي ڪلام ۾ پاڻ کي ڳيرو برست ثابت ڪيو آهي ۽ سانگي پاڻ کي زنانہ حسن جو ثنا خوان ثابت ڪيو آهي.“ سانگي پاڻ کي عاشق مزاج سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اسان عشق کي مشهور ڪيو آهي ۽ جڳ ۾ عشق بازي جو رواج قائم ڪيو آهي.

سانگي پيدائشي طور هڪ عاشق آهي ۽ حسن جو پوڄاري آهي. هن جو عشق مجازي آهي، پر صاف ۽ پاڪ آهي هن جو عشق هڪ تخليقڪار جيان نوان جهان جوڙي ٿو ۽ نوان جلوا پکيڙي ٿو. سانگي عاشق ۽ معشوق کي ملائي هڪ ڪري ڇڏي ٿو. زندگيءَ کي گلزار بنائي ڇڏي ٿو. اهڙو عشق زندگيءَ جي لاءِ آهي، ماڻهن جي لاءِ آهي، انهن جي خوشحاليءَ جي لاءِ آهي.

**اسان جو عشق عالمگير هاڻي پير ٿيو آهي،**
**ڏسي مون کي سو سهڻو صورت تصوير ٿيو آهي.**

اهڙي عشق کي وسارڻ ممڪن ڪونهي.

**اسان جي عشق جون ڳالهيون ادا ڳوٺن ۾ ڳائيندا.**

(2) سانگيءَ جي شاعري جي ٻئي خوبي آهي فطرت نگاري ۽ قدرت جي حسين نظارن جي منظر ڪشي. سانگي قدرتي نظارن جو عاشق هو. هو سچائي سان انهن جو ديدار ڪندو هو. اکين کي ٺاريندو هو، روح کي ريجهائيندو هو ۽ انهن ۾ انساني يادگرين جا حسين لمحا پري، انهن کي خوبصورتي سان پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري، آنند ورهائيندو هو. هن ٿر جي نظارن جو ذڪر ائين ڪيو آهي، جيئن ٿر ڄائي مارئي جي ترجماني ڪندو هجي.

**ڏسڻ ۾ اچن اڄ ٿا ڪارا ڪڪر،**
**اُپرندي ڏي آهن وڄن ور وڏا،**
**سڪارن ٿي سدا ٿر جي ٿڏڪار کي،**
**پٽي تي لڳي ڇا ٿي باد صبا.**

سانگي جا قدرتي منظر سون روپا آهن جيڪي من کي ليائن ٿا، گرمائن ٿا، پرمائن ٿا.

(3) سانگي جي ڪلام جي ٽئين خوبي آهي شاهہ لطف وانگر ديس جي ريتن، روايتن ۽ ڪارگُذارين کي سانڍي رکڻ جي صلاحت ۽ انهن جو

اظاهر ڪري پڙهندڙن کي مسرور ڪرڻ سانگي به سنڌ جي روايتن کي پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪري، خوشيون ورهائي خوش ٿئي ٿو:

**سلف کان در خلف عمدا ٽڙيا گل باغ هستي ۾،**
**پراڻن کان نوان آباد اي گل هاڻ ٿيا هالا.**

**لاڙ جاڙي چاشني کان چڱا،**
**ٿيا پچائي چانورن جا چلا.**

**ادبي ڪارناما:**

مير عبدالحسين سانگي ڪيترائي ادبي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن.

(1) سانگي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جديد سنڌي غزل کي سرجيو ۽ اُن جي لاءِ نج سنڌي طرز تحرير جوڙي. سانگي وڏا وڏا تجربا ڪري فارسي غزل جي لوازمن منجهان نوان سنڌي لوازما گهڙي، جديد سنڌ غزل جي راهه هموار ڪئي.

**گُلبدن يار مون وٽ آيو آهي،**
**دل کي باغ و بهار ڇو نه ڪجي.**

(2) سانگي پنهنجي ڪلام ۾ گهڻا انگريزي لفظ استعمال ڪري، سنڌي شاعري جي ٻول- مالها (Poetic Diction) ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي. سانگي پنهنجي ڪلام ۾ هي انگرزي لفظ ڪم آندا آهن: سمن، ڪميشن، مئجسٽرٽ، ڪورٽ، گورنر، ڪمشنر، ڪليڪٽر، چيمبر، آفيسر، رجسٽرار، گلاس، گئس، آفيس وغيره.

**مٺن ماڻهن جي ابروءَ جو اشارو،**
**سو سانگيءَ لاءِ سرڪاري سمن آهه.**

مئجسٽريٽ عشق جي ڪورٽ ۾ حڪم ڪيو،

**اغيار باوقار رهي يار بي وقار.**

(3) مير عبدالحسين قصيدا گوئي جو ماهر شاعر آهي، هن گهڻائي قصيده تحرير ڪيا، جيڪي ٽڙيل پکڙيل آهن. سانگي ساراهه ڪرڻ جي فن

جو وڏو ماهر هو. هن پنهنجن همعصر شاعرن کي يڪجاءِ ياد ڪري انهن کي داد سخن پيش ڪرڻ جي لاءِ نئون ”داد سخن“ جو طريقڪار ايجاد ڪيو.

(4) سنڌي لوڪ شاعرن ڪيترائي ۽ ڪيترن ئي قسمن جا منظوم خط جوڙيا جيڪي عوام ۾ ڏاڍا مشهور آهن. سانگيءَ بہ فارسي ۽ سنڌي ۾ منظوم خط تحرير ڪري، اُنهن کي ادبي درجو ڏياريو. سانگي جي هڪ منظوم سنڌي خط جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

(خط بطرف مير محمد مراد خان خيرپور)

**نامور مير محمد خان امير نامدار،**
**تنهنجو حامي ۽ حمايت هوءِ سدا پروردگار،**
**موڪليل مڪتوب نظمي جي ڏسڻ سان شاد ٿيس،**
بلڪ جنهن تنهن تي ڏٺو سو ٿي پيو باغ و بهار.

## سانگي جي عبارت

عبارت ڪنهن شاعر يا اديب جي شخصيت جي آئنيدار هوندي آهي. سانگي هڪ پرورقار، بيباڪ، همدرد ۽ يارن جو يار هو انهي ڪري هن جي عبارت ۾ خودمختاري، بيباڪي، همدردي ۽ دوستيءَ جا عناصر جهلڪندي نظر اچن ٿا. هن جي عبارت ۾ سادگي آهي، نفاست آهي، دوستانہ خلوص آهي ۽ سڀ کان اول بيباڪ پڻ آهي.

سانگي سنڌي ٻولي کي نج ادبي درجو ڏيارڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيا. سنڌي صورتخطي ٺهڻ کان پوءِ هن ڏاڍي جاکوڙ ڪئي. بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”سانگي سنڌي غزل کي خالص سنڌي ماحول ۾ چمڪائڻ، خالص سنڌي لفظن ۽ خالص سنڌي محاورن ۽ عام فهم ٻولي سان سينگارڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اسلوب بيان ۾ ادا ڪرڻ جي راهہ روشن ڪئي.

سانگي سير ۽ شڪار جي لاءِ مختلف علائقن جهڙوڪ گنجي ٽڪر، پٽ شاهہ، ڪير ٿر جبل ۽ ٿر جي ماحول کي پرکيو اُتي جي ماڻهن، اُتي جي ٻولين، لفظن، محاورن تشبيهن جي استعمال جو مطالعو ڪري، اُنهن کي پنهنجي ڪلام ۾ ڪتب آڻي، خالص طرز سنڌي جو بنياد وڌو.

سانگي طرز سنڌي جي آبياري جي لاءِ نج سنڌي لفظن، اصطلاحن، محاورن، مثالن ۽ اسلوب بيان کي طرز سُڌي جو لازمي جزو قرار ڏنو. سانگهءَ جو وڏو ڪارنامو هي آهي تہ هن فارسي اصطلاحن ۽ ترڪيبن کي سنڌي ماحول ۽ سنڌي اصطلاحن، محاورن ۾ هم آهنگي پيدا ڪري هن نئين طرز تحرير جو نمونو تيار ڪيو.

سانگي فارسي زبان جي بدران روز مرهہ واري "دار جا" (عوام جي لب ولهجي واري عام رائج ٻولي) کي اختيار ڪيو ۽ اُن کي پنهنجي شاعري جو ذريعو بنايو نہ فقط سانگيءَ انهي روز مرهہ جي گفتگوءَ واري سنڌي زبان کي ۽ اُن جي منڙن، سلوڻن ۽ پيارن محاورن، چست ترڪيبن کي پنهنجي شعر جو ذريعو بنايو. هن پڙهيلن واري فارسي زبان کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. هن فارسي لوازمن کي پڻ دارجا سنڌي جي اثر هيٺ آندو.

انگريزي حڪومت جي قائم ڪيل ڪاتن ۾ انگريزي ٻولي جو استعمال عام جام هو. اڌ پڙهيل ماڻهو بہ اڪثر ڳالهائڻ ۾ انگريزي لفظ استعمال ڪري خوش ٿيندا هئا. سانگيءَ بہ پنهنجي شاعري ۾ انگريزي لفظ ڪم آڻي، انگريزن ۽ انگريزي ٻوليءَ جو مذاق اُڏايو آهي.

**عاشق جي تہ آهہ لاءِ رقيب،**
**هينري مارٽن جي تہ تفنگ۔**

***_*_***

**بيغ زبان سان ٿو وٺان صليم نظم جو،**
**لفٽيننٽ آءِ، ميجر ۽ آءِ ڪمانڊر.**

سانگيءَ جي طرز ادا دلڪش، لذيذ ۽ شيرين آهي. هن فارسي محاورن ۽ لفظن کي اهڙي تہ نزاڪت سان سنڌي لفظن ۽ محاورن سان ملايو آهي جو هڪ جدا طرز بيان بنجي ويئي آهي.

**ڪٽي بازي زمين ويئي، آسمان کان حسن بازي ۾،**
**نہ مٽ تنهنجو مثاڪو ٿيو ۽ ڪروڙين جي قمر نڪتا.**

***_*_***

**نہ خلقيو خدا حسن جهڙوڪو ٻيو ڪو نہ آهي،**
**اُهي آهي سانگيءَ صداقت جو بحث.**

تشبيهون ۽ محاورا ڪلام جي رونق ۽ جاذبيت ڪي وڌائن ٿا، لطافت ڪي ورهائن ٿا ۽ آنند ڪي ميسر ڪري ڏين ٿا. تشبيهون ۽ محاورا نوان اشارن ۽ نون معنائن سان طرز تحرير ڪي خوبصورتي، توانائي ۽ رعنائي بخشن ٿا. سانگيءَ جون تشبيهون عام آهن، پر حقيقت ۾ اُهي بي بها موتي آهن جيڪي پڙهندڙن کي لڀائن ٿا.

زلف چوڙي چيو سڄڻ سهڻي،
نانگ آهن هي ته وارن جا.

*_*_*

سانگي ميون ڪان ۽ مٺاين ڪان،
لب شبرين شوح بار لذيذ.

*_*_*

سينڌ تي تيئن جبل جي آهه گاهه،
جيئن سهڻن جي آهن سينڌ تي وار.

ميرعبدالحسين سانگيءِ جو ڪلام جديد سنڌي شاعرن جي ۽ تيئن سچ جو نئون ترو رو آهي، جيڪو سنڌي شاعري ۽ ادب کي روشن ڪندو. بيشڪ سانگيءَ جي شاعري سنڌ واسين جي لاءِ هڪ انمول تحفو آهي.

مير عبدالحسين سانگي سنڌي ادب، جي تاريخ ۾ نمايان اهميت راکڻ وارو هڪ شاعر ، هڪ نثر نگار ۽ هڪ محقق آهي. هن سنڌي شاعري نثر کي خوب چمڪايو. سنڌي ادب ۾ وڏي حيثيت جو مالڪ بنيو. هن جو تنقيدي ڪتاب لطيفي تنقيد جي ميدان ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

سانگيءَ جي شاعري هن جي شخصيت ڄاڻ ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نادر نمونو آهي، انمول آئينو آهي، هن جي شاعري ۾ سنڌي ڪلاسيڪل موضوع، تصوف، پيار سنڌي روايتن ، وطن جي محبت ، ثقافتي روايتن سان عشق نظر اچي ٿو. هن جي شاعري ۾ قديم صفن جهڙوڪ بيت، ڪافي ،حمد، نعت، مدح مناجات جا سڀ رنگ موج مچايو ۽ رنگ ڄمايو نظر اچن ٿا. هن جي شاعري ۾ ڪلاسيڪل رنگن جي وڏي اهميت آهي، جن هن جي شاعري ۾ نوان رنگ ڀري، نوان نياپا سرجي ، نوان تاثر نروار ڪيا آهن .

سانگي هڪ وڏو تجربا ڪندڙ (Experimentalist) شاعر هو شروع ۾ ملڪ ۾ رائج فارسي شاعري جي لوازمن لفظن، اصطلاحن، محاورن ۽ ترڪيبن مطابق شاعري ڪئي. پوءِ سنڌي ماڻهن جي مزاج مطابق اُن ۾ تبديليون آڻي نج سنڌي لفظ، استعارا، محاورا ۽ ترڪيبون ڪم آڻي غزل کي نج سنڌي غزل بنايو ۽ اُن جي استعمال لاءِ سنڌي عبارت جوڙي راس ڪئي.

سانگي تمام گهڻن موضوعن تي شاعري ڪئي ۽ هن جي شاعري ۾ گهڻو قديم ۽ جديد تحريڪن جا آثار نظر اچي رهيا آهن. اِهي اثرات مستقبل طرف اشارو ڪري رهيا آهن. سانگي سنڌي شاعري ۽ نثر جو شهزادو، تخليقڪار ۽ وڏو محقق آهي. سيد حسام الدين جي راءِ وزندار آهي تہ ”سنڌي غزل ۾ هن ڪان (سانگي کان) وڌيڪ ڪو بہ شاعر نہ ٿيو.“

سانگي جي شاعري سندس شخصيت جو چٽو چٽو عڪس آهي. انهيءَ ۾ عشق، سونهن، سچائي، جدت، نواڻ ۽ جديد سنڌ شاعرن لاءِ رهنمائي جو عنصر بہ موجود آهي. ننڍو توڙي وڏو، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل هن جي شاعري طرف انهيءَ ڪري ڇڪجي ٿو ڇاڪاڻ تہ اُها معلومات سان ڀريل آهي. ڪٿي ڪير ٿر جبل، ڪٿي ٿر، ڪٿي مهراڻ جي ڪيٽي ڪٿي گنجي ٽڪر، ڪٿي برسات جا نظارا، ڪٿي جهنگلي جانورن، ڪٿي ماڻهن جا حال احوال نمايان نموني ۾ موجود آهن، اُهي اڪثرين کي نارن ٿا ۽ روح کي ريجهائن ٿا ۽ ذهن کي جاڳائن ٿا. آس پاس جي مسئلن بابت آگاهي ڏيارن ٿا. اها آگاهي صلاحيت ۾ واڌارو ڪري ٿي ۽ مسئلن کي سمجهڻ ۽ سلجهائڻ جي سگهہ کي سگهارو ڪري ٿي.

سانگي نہ رڳو جديد سنڌي غزل جو خالق آهي پر طرز سنڌي جو بہ خالق آهي. اسان جي جديد سنڌي شاعري ۽ ادب هن جي خلقيل طرز سنڌي مان ڦٽي نڪتو آهي. جديد سنڌي شاعر ۽ اديب انهي طرز سنڌي کي اڳتي وڌائي رهيا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو اهو تنقيدي رويو داد لهي جڏهن هو چوي ٿو: ”سانگي جي شاعري علمي ۽ ذهني ڪارنامي جي بدران سندس جذبن ۽ محبت جو ثمر آهي.“ جيئن عشق ۽ جذبو قائم رهڻ وارا آهن، سانگيءَ جو ڪلام بہ قائم ۽ دائم رهندو.

مير عبدالحسين سانگي وڏي قدبُت وارو شاعر، نثر نگار ۽ نقاد آهي. هن سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي. هن جي ڪلام ۾ انيڪ موضوع آهن. هن شاعري جي بيشمار ڪلاسيڪل، عروضي، لوڪ ادب جي صنفن ۾ شاعري ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. شاعري، نثر نگاري ۽ تنقيد جي ميدان ۾ سانگيءَ سان برابري ڪرڻ وارو ڪو ٻيو ڪو نہ ٿو سُجهي.

## مددي ڪتاب


(1) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. ڪليات سانگي جو مقدمو.

(2) پروفيسر احسان بدوي. مير عبدالحسين سانگي.

(3) ڊاڪٽر اياز قادري. سنڌي غزل جي اوسر.

(4) محمد صديق ميمڻ. مير عبدالحسين خان سانگي. مضمون

(5) پروفيسر ارجن شاد. سنڌي غزل ۽ سانگي. مضمون

(6) شيخ عبدالرزاق راز. سنڌي غزل جو تجزيو.

(7) ڪريم بخش خالد. سانگي عظيم سخنور. مضمون

(8) مرزا فتح علي بيگ. سانگي جا اٽيچپيل منظوم خط. مضمون

(9) وقار راشدي. سانگي جي اُردو شاعري. مضمون

(10) مير خادم حسين خان. سانگي جي فارسي ڪلام ۾ زماني جي شڪايت (مضمون)

(11) پير حسام الدين راشدي. سنڌي ادب.

(12) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.

(13) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.

# ڪشن چند ”بيوس“

(1885ع-1947ع)

### اديبن ۽ نقادن جا رايا

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ ڪاڪي لاچند جو حوالو ڏيندي ٻڌايو آهي تہ ”هلندڙ زماني ۾ بيوس“ هاڻوڪين خيالن ۽ ريتن ڪي سنڌي شعر جو جامو پهرائي ڏيکاري ٿو تہ سنڌ جو اُتيل روح پرواز ڪرڻ لاءِ تيار آهي.“

**ڊاڪٽر عبدالجبار ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“**

### اعليٰ انسان اعليٰ شاعر:

ڪشنچند بيوس هڪ مثالي اُستاد، برک شاعر ۽ هر دل عزيز انسان آهي. بيوس گهڻن روپن وارو (Versatile) شاعر آهي. هو هڪ محب وطن شاعر آهي. هو هڪ سرگسي شاعر آهي. هو هڪ بياني شاعر آهي. هو هڪ فطرت جو شاعر آهي. هو آشا وادي شاعر آهي ۽ هو هڪ سماجوادي شاعر آهي. بيوس جي هر ورپ ۾ سونهاري سنڌ سماپل آهي. موجن ڀريو مهراڻ موجزن آهي. سنڌو سيپتا جو اڻمٽ نقشو چٽيل آهي، ۽ سنڌي جيون جون لازوال يادگريون اُڪريل آهن.

ڪشن چند ’بيوس‘ گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ آهي. هو هڪ آدرشي اُستاد، قابل حڪيم، اعليٰ شاعر، ماهر تعليم، ناٽڪ نويس، مضمون نگار، سماجي ڪارڪن ۽ ٻارن سان پيار ڪندڙ انسان آهي. هو هڪ ننڍو نماڻو ۽ فرشتن جهڙو آهي. معصوم انسان آهي. هو رلڻو ملڻو همدرد ۽ هڏ ڏوڪي انسان آهي، هو ٻارن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو ۽ ٻار بہ هن ڪي خوب چاهيندا هئا ۽ هن ڪي ”سائين“ سڏي بيحد خوش ٿيندا هئا.

بيوس مذهبي ڀيد ڀاءُ کان آجو هو. هو سمجهندو هو ته هڪڙي ئي رب ڪائنات خلقي آهي. سڀ انسان مسلم، هندو، سک، عيسائي برابر آهن. انهن جون مسجدون، مندر، گرُدوارا ۽ گرجا گهر قابل احترام آهن. بيوس پنهنجي نظم ”رام ۽ رحمان“ ۾ سوال ڪري ٿو:

**هي مسجد گهر مولا جو ترسول ٽڪاڻو ڪنهن جو آهه؟**
**ڇا ڪعبي ڇا ڪاشي اندر هي نام ٽڪاڻو ڪنهن جو آهه؟**
**خود دل يا هردي ۾ هي چانڊاڻ ڇٽاڻو ڪنهن جو آهه؟**
**هن سُندر سنسار اندر هي ساز سٽاڻو ڪنهن جو آهه؟**

بيوس مالي طور ڪمزور هو. گهر جي ڀاتين جي سار سنڀال لهڻ ۽ اُنهن جو پالڻ پوشڻ هن جي لاءِ هڪ وڏو مسئلو هو. هو روڄ راڙي بدران معاشي مسئلن کي سهپ ۽ همٿ سان حل ڪري وٺندو هو. هن جي لاءِ مسئلن کي مُرڪي منهن ڏيڻ عبادت کان گهٽ نه هو.

### شاهه ۽ سامي سان عقيدت:

بيوس کي شاهه لطيف ۽ سامي لاءِ ڏاڍي عقيدت هئي. پر هو صوفي مت ۽ ويدانت جو پوئلڳ نه ٻڌيو هن ايڪتا ۽ انساني برابري جي راهه اختيار ڪئي. هو ”جيئو ۽ جيئڻ ڏيو“ جي بين الاقوامي اصول تي هلندو هو ۽ چاهيندو هو ته ٻيا به هن اصول جي پيروي ڪن ڇاڪاڻ ته هن جادوئي اصول سان ئي هن جڳ ۾ سُک ۽ سلامتي قائم رهي سگهي ٿي. هو امن پسند هو ۽ عدم تشدد جو حامي هو. هو ڦڏن فسادن ۽ جهڳڙن کان پري رهندو هو. هو چوندو هو ته اسان کي هڪ ٻئي جي اوڻاين کي وساري، وڏي دل جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. بيوس پنهنجي نظم ”وڏي دل“ ۾ خوب چيو آهي:

**”ڪر دُنيا ۾ دل وڏيري، تون به رهه، مان پڻ رهان،**
**آڻ من ورتي ۾ ڦيري، تون به رهه، مان پڻ رهان.“**

بيوس کلي دماغ وارو شخص هو. هن جي دل جون دريون کُليل هيون. هو تنگ دلي کي ناپسند ڪندو هو. هو امن جو پوڄاري ۽ عدم تشدد جو حامي هو. هو چوندو هو ته ”اسين سڀ ڀائر آهيون ۽ اسان کي پيار ۽ خلوص سان رهڻ گهرجي.“

## هڪ مخلص انسان:

بيوس هڪ مخلص انسان هو. هو ڏيکاءُ کي پسند نہ ڪندو هو. دنيا جي وڏن وڏن شاعرن پاڻ کي ولي يا اوتاري سڏايو. ڪن وري پاڻ کي الله جو ترجمان هئڻ جي دعويٰ بہ ڪئي. بيوس فطري طرح نماڻائي جو مجسم هو. هن نہ پاڻ کي مالڪ سڏايو ۽ نہ وري سالڪ. هن پنهنجي لاءِ ”بيوس“ تخلص پسند ڪيو.

بيوس هڪ اعليٰ اخلاق ۽ کُلي دماغ وارو انسان هو. بيوس محنتي، اورچ ۽ اڏول شخص هو. هو ملنسار، قربدار دل وارن جو دلدار ۽ دلبر انسان هو.

## جنم، تعليم ۽ نوڪري:

ڪشن چند بيوس 15 فيبروري 1885ع ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ پيدا ٿيو. بيوس ننڍپڻ کان سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي فائنل پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ماستر تي نوڪري ۾ گهڙيو. هن گهڻو وقت لاڙڪاڻي ۾ گذاريو. پوءِ شاهہ محمود اسڪول لاڙڪاڻي جو هيڊ ماستر ٿيو جتان 1940ع ۾ رٽائر ڪيائين.

بيوس پنهنجي محنت سان انگريزي، فارسي ۽ هندي ٻولي جي تعليم حاصل ڪئي. ماستري جي ڌنڌي ۾ بيوس هڪ مثالي اُستاد طور مشهور ٿيو. هو ٻارن کي چاهيندو ۽ ٻار بہ هن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. هو شاگردن جي رهبري ڪندو هو ۽ کين ميدان عمل ۾ آڻڻ جي جاکوڙ ڪندو هو. رحمدل ۽ حليم طبيعت وارو انسان هو. هو محنتي اُستاد هو. هن ڪترائي فرمانبردار شاگرد جهڙوڪ پروفيسر رام پنجوائي، ڊاڪٽر اجواڻي، هري دلگير ۽ هوندراج دکايل وغيره پيدا ڪيا.

رٽائر ٿيڻ کان پوءِ بيوس حڪمت جو ڌنڌو شروع ڪيو ۽ هن جي زندگي سُني نموني گذرڻ لڳي. هو لاڙڪاڻي شهر ۽ اوري پري جي ايراضين ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو. سڀ ماڻهو کيس بيوس سائين“ ڪري سڏيندا هئا. آخر ۾ هڪ مثالي اُستاد، قابل حڪيم، ماهر تعلمدان، ناٽڪ نگار، مضمون نگار، سماجي ڪارڪن ۽ جدد سنڌي ادب جو باني ڪشن چند بيوس 62 سالن

جي ڄمار ۾ 22 سيپٽمبر 1947ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. سنڌي شاعرن، اديبن ۽ دانشورن هن جي دکرائڪ لاڏاڻي تي هن کي شرڌ انجليون (Homages) پيش ڪري، هن جي شاعري جي اهميت، هن جي اصلي عبارت، هن جي منرن منڙن لفظن جي جڙت ۽ هن جي لازوال قابليت جو ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر شاهه محمود بخاري انهن شرڌانجلين جو ذڪر عقيدت سان پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ڪليات بيوس“ ۾ ڪيو آهي.

**”سنڌڙي جي روح جو بيوس ڪوي آواز هو،**
**سنڌ کي هستي سندس تي هڪڙو اعليٰ ناز هو.“**
**قيمت ڪنول.**
**”شاهه سامي سچل جان تو ڏنو سندتيش پڻ،**
**تنهنجي هر هڪ بيت ۾ آڪاش واڻي ٿي وسي.“**
**برسرام روهڙا.**
**”سنڌ زنده آهي جيسين تنهنجو زنده نام آ،**
**تنهنجن ڪوتائن ۾ رهندو تنهنجو نالو پائدار.“**
**ڪيئلداس فاني**
**شعر ماکي کان مٺو پيدا ڪري ويندو رهيو،**
**اي فيا هر هڪ سُخن ۾ رس ڀري ويندو رهيو.“**
**پرسرام فيا**
**”جاني جديد يگ جو رهبر تون شاعري جو،**
**سنديس تو سڻايو يڪسان دلبري جو.“**
**ارجن سڪايل**
**”آفتاب آهين ادب جو شاعري جو شاهه تون،**
**سنڌڙي جي شعر جي محفل جو آهين ساهه تون.**
**هري دلگير.**

اهُي شرڌانجلين وارا شعر ڊاڪٽر محمود شاهه بخاري جي مرتب ڪيل ڪتاب ”ڪليات بيوس“ مان ورتا ويا آهن.

سنڌ جي عروضي شاعرن سنڌي شاعري ۾ گهڻا واڌارا ڪو نہ آندا. انهن ڪيئي مونجهارا پيدا ڪري، سنڌي شاعري جي رفتار کي روڪي ڇڏيو. انهن سنڌ جي اساسي شاعري (Classical poetry) ۽ اُن جي

روايتن کي ڇڏي، ايراني شاعري جي روايتن کي پنهنجو ڪيو. اُنهن فطرت کان منهن موڙي ڇڏيو. اُنهن سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگي ۽ اُن جي روايتن کي ڇڏي ڏنو. اُنهن زندگي کان منهن موڙي ڇڏيو اُنهن پنهنجي لاءِ هڪ معنوئي ماحول پيدا ڪري، پاڻ کي اُنهي ۾ قيد ڪري ڇڏيو. اُنهن جي زندگي محدود ٿي ويئي ۽ انهن جا موضوع بہ محدود ٿي ويا. اُنهن ايراني هيئيت ۽ مواد کي پنهنجو بنايو. اُنهن ايراني قيفن جهڙوڪ قصيدو، غزل، رباعي، مثنوي وغيره. اختيار ڪيون. انهن ايراني اهڃاڻن کي سنڌي شاعري ۾ داخل ڪيو. اُنهن سنڌي شاعري ۾ گُل، بُلبل، نسيم، مرغزار، آب روان، گلشن، چهن، جوانان، چهن، مرغان، چمن ۽ هزارين لفظ سنڌي شاعري ۾ آندا. حسن يوسف، چشم آهو، آب ۽ تاب، ناز ۽ نياز، بهار ۽ شراب جون تشبيهون ۽ استعارا ڪم آڻي دنگ ڪري ڇڏيو ۽ سنڌي شاعري کي اصلي مان تقليدي بنائي ڇڏيو. غلام محمد گدا جي شعر ۾اِهي سڀ اهڃاڻ موجود آهن.

”تو آتيشن مزار جي رشڪ ۾ سوز و غم،
ماند شمع پنهنجي دل ۾ جان گري گري“

سنڌ جي عروضي شاعرن غزل جي صنف ۾ خوب لکيو. اُنهن مجازي عشق ۽ اُن جي چوٽن کي غزل ۾ خوب ڳايو. اُنهن غزل ۾ حسين عورتن ۽ ڇيرو جوانڙن جي نازڪ ۽ نرمل جسماني عضون جهڙوڪ نڪ، چپ، گل، وار ۽ حال چال جي رسمي ساراهہ ڪري، مدهوش ٿي ويا ۽ هوش مان نڪري ويا.

هي ڏاڍو ڏکيو وقت هو. مخالفت زورن تي هُئي، هڪ غريب سنڌي ماستر ڪشن چند بيوس همٿ ڪري ميدان. عمل ۾ آيو. هن فطرت طرف موٽ کاڌي، انسانن ۽ اُنهن جي سوني چاندي جهڙين ادبي روايتن کي وري اختيار ڪيو. سنڌ جي نج ۽ نڪور لفظن کي ٻول مالها جو حصو بنايو. هن انگلينڊ جي مشهور شاعر ۽ نقاد وليم ورڊسورٿ (William Wordsworth) جي لفظن ”شاعر هڪ انسان آهي ۽ هو انسانن سان ڳالهائيندو آهي“ تي عمل ڪندي، سنڌي شاعري کي انسانن سان ۽ فطري ماحول سان هم آهنگ ڪري، شاعري ۾ نوان رنگ، نوان موضوع، نوان ۽ نڪور سنڌي لفظ جوڙي، شاعري جي ڪن صنفن کي وري جياري، نيون صنفون ايجاد ڪري، وري

سنڌي شاعري کي فطري دڳ تي آندو. ذات ۽ ذانءُ، مشاهدي ۽ مطالعي جي ذريعي سنڌي شاعري کي خوب ترقي ڏياري. بيوس، بيشڪ باغي نه هو پر هن اهڙا ته انقلابي قدم کنيا جو هرڪو حيران آهي هري دلگير پنهنجي ڪتاب ”ڪشن چند بيوس“ ۾ سُگن آهوجا جي راءِ کي دهرائيندي لکيو آهي ته بيوس پنهنجي تخليقي ڪارنامن سان وقت جي ڌارا کي موڙي کيس نئين زمين تان هلائي تازگي، توانائي ۽ رواني بخشي آهي.

مشهور سنڌي ڪهاڻيڪار آسانند ماموتر ”بيوس هڪ اڀياس“ ۾ لکيو آهي ته ”بيوس جي شاعري سان سنڌي نظم جي نئين پرپات ٿِي آهي ۽ بيوس سائين انهيءَ پرپات جو وهائو تارو آهي.“ بيوس جي شاعري ته وڏن وڏن شاعرن، اديبن، نقادن ۽ دانشور جهڙوڪ مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر دائود پوٽي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، پروفيسر منشاراماڻي، ارجن حاسد، سُگن آهوجا ۽ ٻين پنهنجي راءِ ڏيندي بيوس جي شاعري کي ساراهيو آهي. اهي رايا بيوس جي شخصت، شاعراڻ عضمت، ان جي جديد سنڌي ادب ۾ اهميت کي نروار ڪن ٿا.

نصير مرزا پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب ”ڇهه ڇهه پئسا، ٻه ٻه پايون“ ۾ مرزا بيگ طرفان بيوس لاءِ ڏنل راءِ جو ذڪر ڪيو آهي. قليچ بيگ چوي ٿو ته ”بيوس جي شعر جي طاقت قوي ۽ فطري آهي. سندس ڪلام نهايت رقت آميز ۽ دلڪش آهي.“

”سُرها گل جي مهاڳ“ ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي لکيو آهي ته ”مان بيوس کي سنجيده ۽ فهميده شاعر ڪري ليکيان ٿو.“

ڊاڪٽر گربخشاڻي ”شيرين شعر“ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته بيوس جي شاعري ۽ عبارت اصلي آهي ۽ نه نقلي.“

سڳن آهوجا، هري دلگير جي لکڻ موجب، پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو ته ”مان بيوس سائين کي ئي سنڌي ٻولي جو پهريون شاعر سمجهان ٿو جنهن جديد سنڌي شاعري جو بنياد وڌو آهي.“

ڊاڪٽر ارجن حاسد پنهنجي ڪتاب ”بيوس ۽ نئون دور“ ۾ لکيو آهي: ”ٻولي جي سلاست ڪمال جي اٿس. اُهو بيوس جو ڪمال هو جو هن جي ڀيچرن کي اسين پنهنجو نتا سمجهون، ڪا اهيمت نه ڏيندا آهيون، تن کي پنهنجي تخيل جي ڪيميا سان هو ٻي ٻها بنائي ويو.“

پروفيسر ڊي ڪي، منشاراماڻي ”بيوس هڪ اڀياس“ ۾ لکيو آهي. جيڪڏهن بيوس کي سنڌي شعر جي سجاڳي واري دور جو باني ۽ باغي شاعر سڏجي ٿو ته روا آهي.“

## بخاري جي راءِ:

ڊاڪٽر محمود شاهه بخاري پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب ڪليات بيوس ۾ چيو آهي: ”بيوس جو ڪلام سنڌي ساهتيه جو سينگار آهي.“

ڪشن چند بيوس سنڌ جي ڪيترن ئي رُخن ۽ موضوئن تي شاعري ڪئي آهي. انهي ڪري جدا جدا عنوان ڏيئي اُن جي شاعري جو اڀياس ڪريون ٿا.

## ديس سان محبت ڪرڻ وارو:

بيوس ديس سان پيار ڪرڻ وارو هڪ وڏو جديد سنڌي شاعر هو. هو ميدان عمل ۾ اچڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. ڪهڙي به هلچل هجي. ڪهڙي به تحريڪ هجي، ڪهڙو به ميڙاڪو هجي بيوس اُن ۾ حصو ضرور وٺندو هو ۽ صحيح راءِ ڏيندو هو. بيوس وديسي مال جي بهشڪار ۽ ديسي مال کي واپرائڻ لاءِ ڪيئي گيت لکيا.

**”وٺو ديسي، سکو ديسي، پچو ديسي، رهو ديسي،**
**اهي ڳالهيون سچو ديسي هينئن اندر هنڊائي ٿو.“**

بيوس چاهيو ٿي ته آزادي کان اڳ آزاد سوچ، سجاڳي ۽ عقيدت پيدا ٿيڻ ضروري آهي. مٽي سان محبت ڪرڻ ۽ مٽيءَ جي چاهت انسان کي بيدار ڪندي آهي ۽ وطن تان سروارڻ جي آرزو جاڳائيندي آهي.

**اُهي مائر پلي مرڪن، ٻاروتڻ ۾ لولي ڏين،**
**ته صدقي ديس تان من ڪرڻ جهڙي نه ٻي خدمت.“**

بيوس هميشه سنڌ سونهاري پورڻ پلاري جو عاشق هوندو هو. هن عقيدت سان چيو آهي.

**”مون کي محبت آ، بيحد پنهنجي سونهاري ديس سان.“**

بيوس سنڌ جي ساراهه ڪندي ڪيئن نه گد گد ٿئي ٿو.

**خاص ڪٿوري ڀانيان، وطن جي واري،**
**مٽي منهنجي ملڪ جي مُشڪان موچاري،**
**منهنجي دلبر ديس جي، پٽي پڻ پياري،**
**گاهه ۽ گلزاري، بٽ باغيچو ڀانيان.“**

بيوس هڪ دلبر انسان هو ۽ وطن جو شاعر عاليشان هو ۽ ديس جو وڏو قدردان هو. بيوس سچو انسان۽ شاعر هو. سنڌ هن جو ساهه هئي، ويساهه هُئي، اتساهه هئي. سنڌ جي هن سچي سپوت سنڌ ڌرتي جاڳڻ ڳائي نه صرف سنڌ ڌرتي کي امر بنايو پر پاڻ به اَمر ٿي ويو.

## سرگسي شاعر:

ڊاڪٽر اجواڻي جي راءِ ۾ بيوس هڪ لاڏلو سرگسي شاعر هو. هن ڪيترائي سرگسي گيت لکيا، جن کي ڏاڍو پسند ڪيو ويندو هو. هو هلندي هلندي بي اختياري وچان گيت سرجيندو هو. اُهي گيت، رس، سنگيت ۽ رواني جا حاصل هئا. اهڙي گيتن وڏن وڏن ڌرمي ڏهاڙن الوداعي تقريبن، ميلاپ جي موقعن پرڀات ڦيري جي وقت ڳايو ويندو هو. اهي گيت ماڻهن کي خوش رکندا هئا ۽ روح کي راحت ڏيندا آهن. هندن جي ڌرمي ڪتابن ”مهاڀارت“ ۽ ”رامائڻ“ ۾ سرگسي گيتن جو وڏو ڀنڊار موجود آهي. بيوس جي هڪڙي سواگتي گيت مان رس حاصل ڪريو:

**”گهر گهر ۾ واڌائي آهي،**
**ڪرشن جنم جي وائي آهي،**
**وريو واهه جو وارو،**
**آيو موهن مرلي وارو.**

(هي سرگسي گيت ڊاڪٽر محمود شاهه بخاري جي مرتب ڪيل ڪتاب ”ڪليات بيوس“ مان ورتو ويو آهي.

## هڪ وڏو بياني شاعر:

بيوس هڪ وڏو بياني شاعر آهي. بياني شاعري ۾ ڪنهن نه ڪنهن روحاني شخص، قومي سورمي / سورمي ۽ اعليٰ اخلاق واري انسان جي

ڪارنامن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. اُها بياني شاعري جيڪا اهم ڪردارن کي دلچسپ ۽ دلفريب انداز ۾ ڪري، اُها اعليٰ ۽ عمده هوندي آهي.

بيوس هڪ وڏو بياني شاعر هو. هن جي اعليٰ بياني رچنائن ۾ گرو نانڪ جي آتم ڪٿا رشي آشرم، سروڻ ڪمار وغيره ڏاڍيون مشهور آهن. ”گرو نانڪ جي آتم ڪٿا“ انن سٽن واري بندن ۾ لکيل آهي، هري دلگير جي چوڻ مطابق هن ۾ 136 بند آهن. بيوس سک ۽ شرڌا سان گرو نانڪ جي زندگي ۽ هن جي بي مثال ڪارنامن کي بيان ڪري نہ صرف گرونانڪ جي اعليٰ ڪردار کي نئين سر تخليق ڪيو آهي، پر پنهنجو پاڻ کي هڪ وڏو بياني بنائي شاعر ثابت ڪرڻ لاءِ ڪامياب بہ ويو آهي.

**رنگا رنگ پيو ڪو نہ گهر جي لباس،**
**ڪپي لال ٿو پريم رنگي مٺاس،**
**اڇو رنگ اوجل اندر جو اُداس،**
**ڪپي سرسو دل جو سدورو نعاش،**
**برهہ بيرنگي جو بکي رنگ سان،**
**اسان جو گرو جن سندس ننگ سان،**
**سندس ايڪتا ۾ ڪجي پيو ساهہ،**
**گرو ديوَ نانڪ، سچو بادشاهہ.**

بيوس هڪ ٻئي بياني نظم ”سروڻ ڪمار“ ۾ ماتا پتا جي شيوا ڪندڙ پٽ سروڻ ڪمار جي دکدائڪ موت جو اهڙي تہ دل ڏاريندڙ نموني ۾ بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙن جا هانءُ ڦاٽي پيون ٿا.

**ڦٿڪيو ڪري ڦهہ ڪري، ٻلي پاڻ جهلي،**
**پاڻ ڪٽي پيءَ، ماءُ ڏانهن هاءِ ڪيئن هلي،**
**جيڪس جن جي جان ٿي بنان جل جلي،**
**سائين ڪير سلي، حقيقت هن حال جي.**

”شڪونتلا“ نظم ۾ ”رشي آشرم“ ۾ ڪيل بيوس جي بياني شاعري بيمثال آهي.

**جتي سونهن سوڀيا جو ناهي ڪو يار،**
**جتي موهہ جوڀن ۾ هردم بهار،**

**جتي خاص جهنگل ۾ منگل اپار،**
**جتي سير سائي وطن جي قطار.**

”پريم پتر“ ۾ شڪونتلا جي دلي حالت کي کھڙي نہ درد ڀري نموني ۾ چٽيو ويو آهي. هو دل کي دلاسو ڏيندي چوي ٿي:

**”انڌاري پنيان مَن سهائي اچي،**
**وڇوڙي پٺيان وصل وائي اچي.“**

يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ بيوس جي شاعري ڏاڍي دلفريب آهي.

**هڪ سوادي انسان:**

بيوس هڪ انتشا وادي انسان ۽ شاعر هو. هو نااُميدي کان ڀڄڻ وارن مان ڪو نہ هو. هن کي فراريت پسند چوڻ هڪ وڏي غلطي آهي. هو مضبوط ارادن جو مالڪ هو ۽ سچ تان سر گهورڻ وارو شخص هو. هو اونده کان دور ڀڄڻ وارن مان نہ هو. هو گهڻو وقت تنگ دستي جو شڪار رهيو پر اُف بہ نہ ڪيائين هو ڄاڻندو هوتہ ڏک سُکن جي سونهن آهن. گھور انڌيري مان نڪري روشني ضرور نروار ٿيندي. اُماوس کان پوءِ چوڏهين رات ضرور ايندي رات کان پوءِ ڏينهن ضرور اُڀري ايندو.

ڏک سُکن جي سونهن. گهوريا سُک ڏکن ري واري چوٽي تي بيوس کي پورو يقين هو. هو هر سختي ماٿ ميٽ ۾ سهندو هو. هو روئڻ ۽ راڙو ڪرڻ جي خلاف هو. هو چوندو هو تہ دُنيا برڪت ڀريو ڀنڊار آهي. جيڪو جاکوڙ ڪندو سو بي ملهہ موتي، ماڻڪ هيرا ضرور حاصل ڪندو.

**”وقت خالي ڪاڻ آ، ڪوٽ ۾ لهہ لال کي.“**

هو چوندو هوتہ دُنيا سُک جي آنند نگري آهي. فقط روشن نظر ۽ اٽل ارادي جي ضرورت آهي.

**”سائو ٿي رهہ سرءُ ۾ خندان ٿي خزان ۾،**
**بي لطف حياتي کي شمشاد ڪنداسين.“**

هو اعلان ڪندي چوندو هو:

**همٿ سندي هٿوڙ سان، ڏونگر کي ڏارجي،**
**جي مارجي تہ مڙس ٿي ميدان مارجي،**
**اڳتي قدم هليو هلي، پوئتي نہ وارجي.**

بيوس ميدان ڇڏي ڀڄڻ وارن مان ڪو نہ هو. هن جو ڪاهلي ۽ بزدلي ۾ يقين ڪو نہ هو. بيوس جي شاعري آشا جي جلوي ۽ جان سان ڀرپور آهي. قدم قدم تي آس جو سورج چمڪي رهيو آهي. آسمان تي اُڏامندي، ڌرتي تي نظر رکڻ ضروري آهي. بيوس پنهنجي نظم ”آس“ ۾ خوب لکيو آهي.

**”جيئن رهي محڪم ارادو ۽ اچا شڪتي اڏول،**

**تيئن تي نڪري آس نراشا جي پردن مان ڇٽي.“**

بيوس جي شخصيت ۽ شاعري جي نمايان خوبي آهي تہ مشڪلاتن کي مُرڪي منهن ڏيڻ عين عبادت آهي:

**درد جي دل تي ڏچا پنهنجي ڌري،**
**تون ٺهڪ ڏي،**
**روج راڙي جي مٿان بيٺي ٻري،**
**تون ٺهڪ ڏي،**

## فطرت جو پرستار

ڪشن چند بيوس فطرت جو وڏو پرستار هو. فطرت جيئرو جاڳندو وجود (Entity) آهي. قدرت هڪ مهربان ماءُ جيان زندگي کي سهارو ڏيئي رهي آهي. تارن ڀريو آسمان، ڌرتي، بادل، جبل، نديون، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، گُل ڦل، پکي پکڻ جانور، جيت، هوائون وغيره جهڙا قدرت جا نظارا اسان کي موهي رهيا آهن، اسان جي دل جون دريون کولي شعور کي جاڳائي، سُرت ۽ ساڃاهہ جو سبق سيکاري، آئيندي جي آگاهي ڏيي، زنده رهڻ لاءِ رهنمائي ڪري رهيا آهن. برساتن، ٻوڏن، طوفانن ۽ زلزلن جون تباهہ ڪاريون ڏيکاري، انسانن ۾ جرئت، همٿ ۽ حوصلو ڀري مصيبتن جو مرڪي مقابلو ڪرڻ جي قابل بنائي رهيا آهن.

بيوس فطرت نگاري ۽ مشاهدي جي ذريعي لڪل اسرارن کي کولڻ، روح ريجهائيندڙ نظارن جي ذريعي انسانن کي راحت، خوشي ۽ آنند ڏيڻ جي لاءِ تيار ڪري رهيو آهي. بيوس انساني جذبن کي سُهٽي، سريلي ۽ سگھاري نموني ۾ پيار، سَهپ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ استعمال ڪري ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

بيوس ”باغ بهار“ ۾ مختلف قسمن جي گُلن ڦُلن جو ذڪر ڪري وايومنڊل کي معطر بنايو آهي ۽ انساني جذبن کي خوب سُرور ڏنو آهي.

**”ڦلوار ڦوهه مان ڦري، ڦولن ۾ ڏوم ڏام،**
**ڇا لام لام تي ٽڙيا، گُل لال عام جام،**
**گيندو گلاب ديد کي ڏي اشرفيون انعام،**
**تبسم وسائي شوق مان موتين مٽيون مدام.“**

”رشي آشرم“ جو منظر ڪيڏو نه دلفريب ۽ من موهيندڙ آهي.

**جتي آهي آڪاش اوجل سدا،**
**هلي ٿي هوا صاف سيتل سدا،**
**وهي جل ٿو چشمن ۾ نرمل سدا،**
**مچي موج لهرن جي پلپل سدا.**

برسات جا ڪي لقاءَ پريا منظر ڏسو ۽ آنند ماڻيو.

**مڙي بادل، ڪڙي آيا، ٽڙي ٽانگر به خوب،**
**پڻ چڙي، ٽاري ٽري، گهر ۾ گهڙي مڏڪار ۾.**

هي هڪ قدرت جي نظاري جو دلفريب ۽ لازوال ڏيک آهي.

**”عجب بنايا بجليون بادل،**
**بوندون برس برس ڪن ٽادل،**
**واچڻ ڪن وسڪارا، قدرت وارا.“**

”سهائي راتڙي“ ۾ ڪهڙو نه دلفريب قدرتي منظر چٽيو ويو آهي.

**”آهه چانڊوڪي رتل ڪڪرن اندر ڪيڏو لقاءُ،**
**برف جا بادل بنائي ٿي سهائي راتڙي“**

بيوس هڪ سماجوادي شاعر به آهي. بيوس تي روس جي انقلاب جو اثر صاف صاف نظر اچي ٿو. دين جا نظم ”هاءِ هاري“، ”مزدورڻ“ ۽ ”شاهوڪار“ انهيءَ جو چٽو ثبوت آهن.

بيوس پنهنجي نظم ”شاهوڪار“ ۾ شاهوڪارن ۽ سرمائيدارن کي خوب ننديو آهي. هو شاهوڪار کي چور سان ڀيٽي هن کي ظالم خون چوسيندڙ ۽ انساني حقن کي غضب ڪرڻ ارو شيطان سڏيو آهي.

**”ڪيئن نہ رت چوسي جور ڪي لوڪ پيو سائين سڏي،**
**خون ڪينچي جو ڪري، دردي دليون خالي ڇڏي.“**

”مزدورڻ“ هڪ مثالي عورت آهي. هو جوت، جلوي ۽ جمال جي مورت آهي. هن ڪي دُنيا نيچ ۽ قابل نفرت ٿي سمجهي جيڪا پورهيو ڪري ٿي، پيڻ ڊوئي ٿي، ٽڪر ٽانڪي ٿي. هن جي زندگي وڏي ڪشٽ ۾ گذري ٿي.

هاري جيڪو ڪيت ڪيڙي ٿو رت ولوڙي ٿو ۽ ان اُپائي ٿو اُهو لاچار آهي، قرضدار آهي ۽ مصيبتن جو ماريل آهي.

**”تنهنجي تصوير منجهان قوم جو ڪنياءَ بکي،**
**تنهنجي فرياد مان بيداد جو برتاءُ بکي.“**

## سرمائيداري جو دشمن:

ڪشن چند بيوس شايد پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سرمائيداري سرشتي ڪي پنهنجي نظم ”شاهوڪار“ ۾ ننديو آهي. هن شاهوڪار ڪي زار سان ڀيٽيو آهي ۽ جيڪو ظالم آهي، آزاريندڙ آهي، خون چوسڻ وارو آهي، حق غضب ڪرڻ وارو شيطان آهي.

**جيئن وڏيو من، مان، رتبو شاهوڪار جو،**
**تيئن وڏيو باعث زار جي آزار جو.**

سنڌ جي هڪ برک دانشور ۽ نقاد جي اُتم پنهنجي ڪتاب ”لينن پارت جو دوست“ ۾ پروفيسر رام پنجواڻي جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ ”شاهوڪار شاهي تي هلان ڪندڙ بيوس پهريون سنڌي شاعر آهي. بيوس پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن زار جو ذڪر ڪيو آهي.“

## بيوس جي ٻاراڻي شاعري:

ٻاراڻي شاعري ڪنهن بہ قوم جو انمول سرمايو هوندي آهي. سنڌي ٻولي ۾ ٻاراڻي شاعري جو بنياد رکڻ لاءِ ڪاڪي ڀيرومل، مرزا قليچ بيگ، محمد صديق مسافر، ڪشن چند بيوس ۽ ٻين شاعرن شروعات ڪئي پر مقبوليت صرف بيوس کي ملي.

بيوس ننڍي کنڊ جي ٻن مشهور شاعرن رابندر ناٿ ٽئگور ۽ علامہ اقبال کان ڏاڍو متاثر هو. شروع ۾ بيوس ٽئگور ۽ اقبال جي ٻاراڻن گيتن جا ترجما ڪيا "پکي جي پڪار" ۽ "ڪڙ ڪبيتو" اقبال جي گيتن جا ترجما آهن. پر عبارت بيوس جي پنهنجي آهي. بيوس ٽئگور ۽ اقبال جي گيتن مان ٻاراڻي شاعري جا لازمي جزا جهڙوڪ آنند ۽ اُڇل، رنگ ۽ روشني حاصل ڪري پنهنجي ٻاراڻي شاعري کي شروع ڪري اُن کي اوج تي پهچايو.

ٻاراڻي شاعري لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ٻاراڻي شاري لکندڙ شاعر لاءِ ضروري آهي تہ هن جي مشاهدي جي قوت ليز هجي. هن کي انساني طبيعت جي ڄاڻ هجي، هو سندن پسند ۽ ناپسند کان واقف هجي، هو ٻارن سان ٻاقائدگي سان ملندو جلندو هجي، هو ٻارن جي منڙي ٻولي ۾ سمايل نفسيات جو علم رکندو هجي ۽ هو ٻارن جي من پسند موضوعن تي سادي ۽ سلوڻ ٻولي ۾ گيت لکي نہ صرف ٻارن کي خوش ڪري، پر پاڻ بہ آنند حاصل ڪري بيوس ٻارن جي اندر جو حال ڄاڻڻ لاءِ خود بہ ٻار بڻجي ويندو هو. هو ٻارن سان رِلندو ملندو هو. هو انهن سان گڏ کيڏندو هو. هو انهن سان چرچا بہ ڪندو هو. هو انهن کي کلائيندو بہ هو ۽ پاڻ بہ کلندو هو.

بيوس ٻارن سان گڏ کيڏندي کيڏندي انهن جي اندروني ڪيفيتن کي ڄاڻن جي ڪوشش بہ ڪندو هو. هو اهو ڄاڻڻ جي کوج بہ ڪندو هو تہ ٻارن کي ڇا وڻي ٿو ۽ انهن جي پسند جا ڪهڙا جانور، پکي ۽ جيت آهن. هو انهن سان ڳالهائيندي انهن جي ٻولي ڄاڻڻ جو جتن بہ ڪندو هو. بيوس جا ٻاراڻا گيت پڙهي، احساس جاڳي ٿو تہ هي گيت نہ صرف ٻارن جا گيت آهن پر شاعر جي اُجري اُجري آتما جون رنگ رتل رچنائون آهن.

انهي ڪري ٻاراڻا گيت لکڻ مهل ٻاراڻي شخصيت کي سڃاڻي انهن جي فطرت مطابق گيت سرجن جيڪي نہ صرف دل جون تارون ڇيڙي سگهن، پر اندر جي اک کولي آڪاش واڻي ثابت ٿي سگهن. ٻاراڻن گيتن ۾ رواني ۽ موسيقي هوندي آهي، رنگن جي بهار هوندي آهي، روح کي راحت ڏيئڻ لاءِ سُريلا مثال، رنگين استعارا ۽ روح ريجهائيندڙ تشبيهون بہ هونديون آهن. اُنهن جي ٻول مالها (Poetic Diction) ڪرشن جي بنسري جهڙي مٺي هوندي آهي، سپڪ، سادي ۽ سلوڻي هوندي آهي.

ڪشن چند بيوس ٻارن جو شاعر آهي. ٻار ايشور جا اوتار آهن، رب جو روح ريجهائيندڙ روپ آهن، جڳ جي اکين جا تارا آهن، جڳ کي جاڳائڻ واريون رچنائون آهن ۽ آئندي جا اَبا آهن. ڪشن چند بيوس جا ٻاراڻا گيت هر موسم ۾ تازا ۽ توانا آهن ۽ پڙهندڙن جي دلين کي تازگي ۽ توانائي بخشن ٿا.

ڪشن چند بيوس کان اڳ ۾ يا هن کان پوءِ ڪنهن بہ سنڌي شاعر ايترا ٻاراڻاگيت نہ لکيا آهن. جيترا بيوس لکيا آهن. بيوس بيشمار ٻاراڻا گيت لکيا آهن. هن جا گهڻا ٻاراڻا گيت نرسري جي شاگردن لاءِ ڪجهہ چئن سالن کان وٺي سورهن سالن جي ٻارن لاءِ ۽ باقي وڏڙن ٻارن لاءِ آهن. بيوس جي ٻاراڻن گيتن مان هي گيت ڏاڍا مشهور آهن. جهڙوڪ: گُل ڦل، منڙو گهوڙو، پنپوري، ڪاغذ جي ٻيڙي، پينگهہ، ڦوڪڻو ملوڪڙو، ڪڪڙون ڪون، ريل، سارنگ، برسات جي راتڙي، پکي جي پڪار ۽ ڪڙ ڪٻيتو.

بيوس جا ٻاراڻا گت سريلا آهن، رسيلا آهن ۽ رنگيلا آهن. اُنهن جي جوڙ جڪ، جڙت ۽ منظر نگاري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي تہ انهن نظارن ۾ هڪ پر اسرار حرڪت نظر ايندي آهي ۽ ائين لڳندو آهي تہ انهن نظارن ۾ ڪنهن بہ وقت چُرپُر ٿيندي ۽ هو اسان جي اکين اڳيان نمودار ٿي اسان کي جاڳائيندا، چرڪائيندا ۽ پرمائيندا.

”سهائي راتڙي“ هڪ سهڻو ٻاراڻو گيت آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن سهائي راتڙي هر شيءِ کي برف جان اڇو بڻائي، تن من کي جرڪائي دلين ۾ نور چمڪو پيدا ڪري ٿي.

**”ڇهچٽو چا چا مچائي ٿي سهائي راتڙي،**
**رنگ طرحين جا رچائي ٿي سهائي راتڙي“**

”چنڊ“ هڪ مشهور ٻاراڻو گيت آهي جنهنکي ڳائي ٻار بہ چمڪي اٿندا آهن ۽ هر پاسي چنڊ جان چٽائي پکيڙي راهون روشن ڪندي نظر ايندا آهن

**”سيتل تنهنجي آهي سُهائي،**
**رات ٿڌيري، صاف صفائي،**
**نيڻ نهارڻ ساڻ نهال،**
**چمڪ چمڪ تون چنڊ مشعال.“**

”ڪڙ ڪٻيتو“ هڪ منڍو ۽ من موهيندڙ گيت آهي. ڪڙ ڪٻيتو روشني پکيڙي ٿو. راهون روشن ڪري ٿو ۽ ڀٽڪيل مسافرن جي رهنمائي ڪري، ڪين منزل تي پهچائي ٿو.

**”چا ڪڙ ڪٻيتي کي آهه ڪنوڻ ڪنين ۾،**
**بجلي بتي ٻري ٿي گويا گُلن ۾ ٻلن ۾.“**

”برسات“ گيت ۾ منڍن نظارن جو ذڪر ڪري روح کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن گيت ۾ واهه جي مستي آهي، واهه جو مزو آهي.

**”رعد رڙڪا، گورگڙڪا، خوب ڪڙڪا ٿو ڪري،**
**پڻ تنبورا، ساز سُرندا، سارنگين جي تار ۾.“**

”ڪڪڙون ڪون“ سجاڳ جو سڏ آهي جيڪو سُتلن کي جاڳائي ڪين نئين صبح جي سواگت ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿو.

**”جاڳين ۽ جاڳائين تون،**
**ڪڪڙوڪون، ڪڪڙو ڪون.“**

”ريل“ واهه جو گيت آهي. اُن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ لفظن سان جوڙيل ريل ڪيئن نہ اوچتو ئي اوچتو اصلي شڪل ڌاري ٿي، سگنل هيٺ ڪري ٿو انجڻ چالو ٿئي ٿو ۽ ريل دونهان ڪڍندي ”ڇهہ ڇهہ پئسا، ٻہ ٻہ پايون“ جو اُچار اُچاريندي، پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان ڊوڙندي نظر اچي ٿي.

**”ريل اسان جي سهڻي ڏاڍي،**
**آهي من کي مٺڻي ڏاڍي،**
**جنهن سان گڏجي راند رچايون،**
**ڇهہ ڇهہ پئسا، ٻہ ٻہ پايون.“**

”پنيوري“ ٻارن جو مشهور ترين گيت آهي. پنيوري رنگ برنگي ويس پائي هڪ ڪنوار بڻجي، ڪيئن نہ ڏسندڙن کي پرمائي رهي آهي، ناچ نچائي رهي آهي ۽ دل وندرائي رهي آهي. هو ڪنهن کي بہ ڏک ڏيڻ واري ناهي.

**”ڏينيو جهڙو سونو رنگ،**
**پر نہ هڻين ٿي ڪنهن کي ڏنگ،**
**تنهن لئہ تو سان آهي پيار،**
**هل پنيوري پٽون بازار.“**

”ڏٺي در وينتي“ هڪ جادو ڀريو گيت آهي. 1945ع ۾ جڏهن مون پهريون درجو سنڌي پڙهڻ جي لاءِ پرائمري اسڪول مٽي شهر ۾ داخلا ورتي، تڏهن ٿر جي سڀني ڇوڪرن جي پرائمري اسڪولن ۾ هي گيت تراني طور ڳايو ويندو هو. اسان جو لاڏلو اُستاد سائين امولڪداس براهمڻ اسيمبلي لاءِ گڏ ٿيل ٻارن اڳيان پهرين هي گيت ڳائيندو هو ۽ پٺيان سڀ ٻار اُن کي دهرائيندا هئا ۽ خوش ٿيندا هئا. تراني ختم ٿيڻ کان پوءِ هو ڊوڙندا، نچندا پنهنجن ڪلاسن ۾ ويندا هئا.

اُن وقت مٺي جي پرائمري ڇوڪرين جي اسڪول ۾ هي ترانو ڳايو ويندو هو.

”ڀارت ڪي پريم آڌار هو تُم،
سري ڪرشن تمهاري جئه هووي.“

ڪشن چند بيوس جي ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۾ رس بہ آهي ۽ رچاءُ بہ، اُڇل بہ آهي ۽ آنند بہ. رنگ بہ آهي ۽ روشني بہ، وندر بہ آهي ۽ سکيا جو سامان بہ بيوس جي ٻاراڻن گيتن جي ٻول مالها مصري جهڙي مٺي آهي. موسيقي مور جي ٽهوڪي جهڙي آهي، رواني ڪنهن سنڌو جي ڏيمي ڌارا جهڙي آهي، رنگا رنگي اهڙي جڻ سوين اندلنون ڪڙيل آهن، عبارت فطري ۽ بي ساختہ ۽ موضوع سُهڻا ۽ من مهڻا آهن. بيوس جا ٻاراڻا گيت سنڌي شاعري جو سينگار آهن ۽ پڙهندڙن لاءِ نو لکو هار آهن.

## شاعري جون خوبيون:

(1) ڊاڪٽر گربخشاڻي ”شيرين سعر“ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ ”بيوس جي ڪلام جي خاص خوبي آهي موضوع ۽ عبارت ٻئي اصلي آهن، نقلي ناهن.“ بيوس جي شاعري جو تعلق عام شين ۽ عام قدرتي نظارن سان آهي. هن جو نظم غريبن جي جهوپڙي عام ماڻهن جي رهائش گاهہ/ گهر آهي. هو انهي جي سلامتي لاءِ دعا گهري ٿو

”قدرت سندي ڪمال، صحت لاءِ سوڪڙي،
الله، جهري م شال غريبن جي جهوپڙي.“

(2) بيوس جي شاعري جي ٻئي خوبي آهي موضوعن جي فراواني. عروضي شاعرن پنهنجو پاڻ کي فطرت، ڳوٺاڻي زندگي ۽ عام ماڻهن کان الڳ ڪري، سنڌي شاعري جا موضوع محدود ڪري ڇڏيا ڪشن چند بيوس عروضي شاعري جي پابندين کي ٽوڙي، سنڌي شاعري کي بيشمار موضوع ڏئي مالا مال ڪري ڇڏيو. بيوس جي شاعري جا انيڪ موضوع آهن. هماليه آسمان، غريبن جي جهوپڙي، برسات جو نظارو ندي، محنت، رام رحمان، شاعر، جاتي جهڳڙو، استري، هاءِ هاري، مزدورڻ، شاهوڪار، پورهيت، قوميت، غلامي، موت، انسان، همدردي، وڏي دل وغيره ميسر ڪري ڏنا ۽ سنڌي شاعري کي روان دوان رکيو.

(3) بيوس جي شاعري جي ٽين خوبي آهي تجيس حرفي جوڪمال استعمال. تجنيس حرفي سنڌي شاعري جو سينگار آهي. اسان جي اساسي شاعرن تجنيس حرفي جو استعمال ڪري، سنڌي شاعري کي اوج تي پهچايو. بيوس تجنيس حرفي جو استعمال ڪري، پنهنجي شاعري کي خوب سينگاريو آهي. نظم ”غريبن جي جهوپڙي“ ۾ تجنيس حرفي جو دلفريب اظهار ڪيو آهي.

**”سج چنڊ واجهه ٿو وجهي، جنهن جي وٿين منجهان،**
**ترڪو اچن ٿا ترورا، تارن ڪتين منجهان.“**

قدرت وارا گيت جو هي بند پڙهو ۽ تن ۽ من جي تازگي ۽ توانائي ماڻيو.

**”جڏهن وڻن تي واءُ اچي ٿو،**
**پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو،**
**چم چم جا چمڪارا، قدرت وارا.“**

(4) بيوس جي شاعري جي چوٿين خوبي آهي. اهڃاڻڪاري بيوس جي شاعري جا اهڃاڻ روحاني رازن کان بي تعلق آهن. هن جا اهڃاڻ روزمره جي شين ۽ حالتن سان واسطو رکن ٿا.

**”نرمڪو“ وياج خور سرمائيدار جو اهڃاڻ آهي،**
**”ڪنهن ڪوي ٿي نرمکي کي مفت ڪائو مالدار؟**
**آهي سا غافل غريبي شرم شامت جو شڪار.“**

چور بہ خون چوسيندڙ شاهواڪر جو اهڃاڻ آهي.

**”ڪيئن نہ رت چوسي چور ڪي لوڪ پيو سائين سڏي،**
**خون ڪئڇي سان ڪري، دردي دليون خالي ڇڏي“**

”سروڻ ڪمار“ فرمانبرداري جو اهڃاڻ آهي. ”هماليہ“ عصمت جو اهڃاڻ آهي. ”ڪڙڪٻيتو“ رهنمائي جو اهڃاڻ آهي. ”جهوپڙي“ رهائش گاھ جو اهڃاڻ آهي. ”شاهوڪار“ ظالم جو اهڃاڻ آهي. انهن اهڃاڻن جي ذريعي عام شين کي اهميت ۽ معنيٰ ملي ٿي.

(5) بيوس جي شاعري جي پنجين خوبي آهي ڪمال ڪاريگري سان نج نڪور قافين جو استعمال بيوس قافين کي ادل بدل ڪري، ٻيٽا ٻيٽا ۽ ٽيٽا ٽيٽا قافيا استعمال ڪري پنهنجي ٻول مالها ۽ شاعري کي دلچسپ ۽ دلفريب بنائي ٿو.

ٻٽن ٻٽن قافين جو جادو ڏسو.

**”مينهن جي مانداڻ ڪان سارا چمن چٽاڻ ٿيا،**
**ڦوھ ۾ گل ڦل ڦٽي پيئر ڪلي هر ٽار ۾.“**

هڪڙي هڪڙي مصرع ۾ ٽن قافين جي مثال جو ڪمال ڏسو.

**”اڄ مُڙي، بادل ڪڙي، آيا ڪڙي ٽانگر ۾ خوب،**
**ڇڻ ڇڙي، ٽاري نڙي، گهر ۾ گهڙي انڌڪار ۾.“**

(6) بيوس جي شاعري جي ڇهين خوبي آهي، موزون ۽ مناسب تشبيهن جو فنڪارانہ استعمال. ٻاراڻن گيتن ۾ تشبيهون وڏو ڪم ڪن ٿيون. اُهي عبارت کي نواڻ بخشين ٿيون ۽ مضمون کي دلچسپ بنائن ٿيون. ”آسمان“ نظم ۾ بيوس صبح کي سون جي ڏنگي ۽ شام کي رنگبرنگي لعل سان ڀيٽي خوب رنگ ڄمايو آهي.

**”ڇا صبح سون ڏنگي،**
**ڇا شام لعل رنگي.“**

سج ۽ چنڊ کي ٻن نيڻن سان ڀيٽي عجيب منظر پيش ڪيو ويو آهي.

**”تنهنجا ٻہ نيڻ پيارا،**
**سج چنڊ نانوَ وارا.“**

اهڙيون اُتم ۽ اثرائتيون تشبيهون ڀيو ڪو ٻہ شاعر پيش نٿو ڪري سگهي.

بيوس جي شاعري جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي موسيقي. هو تجنيس حرفي جي ذريعي، سازن، باجن جاناﻻ ڪڻي، لفظن جي ترتيب ذريعي پنهنجي شاعري ۾ سنگيت جي جهنڪار پيدا ڪري، روح کي ريجهائي ٿو.

(8) بيوس جي شاعري جي ستين ۽ آخري خوبي آهي مرڪب لفظن جو استعمال بيوس کان سواءِ ڪنهن ٻئي سنڌي شاعر ايترن مرڪب لفظن جو استعمال شايد ئي ڪيو هجي. بيوس جا جوڙيل ڪي مرڪب لفظ هي آهن: ڪوتا پتي (شاعري جو خاوند)، پرجا پتي (عام ماڻهن جو حڪم) گهوٽ گهر، گل پوش، تاج محل، آڪاش گنگا" چنڊ تلڪ، هوا هٽ، روپ مندر، جڳ پتي، شهر تيسوا وغيره. بيوس اهڙا مرڪب لفظ جوڙي پڙهندڙن کي حرت ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

## ادبي خدمتون:

ڪشن چند بيوس سنڌي ٻولي جو هڪ ممتاز اديب ۽ برک شاعر آهي. هن شاعري سان گڏ ناٽڪ ۽ مضمون بہ لکيا. جيڪي گهڻا مشهور آهن. اڄ اسين بيوس جي شاعري جي ميدان ۾ ڪيل ادبي خدمتن جو جائزو وٺون ٿا.

## گيت نگار:

(1) بيوس پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن گيت جي صنف کي سنڌ ۾ رائج ڪيو. هن گجراتي، ڪانياواڙي، ۽ هندي جي ڪن قديم صنفن جو مطالعو ڪري سنڌي گيت جوڙيو. بيوس سنڌي گيت جو شاهہ آهي، بادشاهہ آهي. هن جي گيتن ۾ پيار آهي، سونهن ۽ سينگار آهي، سُر سگنيت جي جهنڪار آهي، رنگن جي بهار آهي، رواني بيشمار آهي ۽ عبارت عمده ۽ عاليشان آهي.

بيوس جي گيتن ۾ قدرت وارا، محنت، سنڌ سونهاري، تارن ڀري رات، مکڙي جي بيتائي وغيره لازوال گيت آهن. قدرت وارا هڪ بيمثال گيت آهي جيڪو ٻارن ۾ وڏن ۾ مقبول آهي.

**”سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ قدرت وارا،**
**نرمل جوتي نور نظارا، قدرت وارا.**
**ڪوٽان ڪوٽ بنايئي ڏرتيون،**
**سهسين سج، چنڊ، تارا ڪتيون،**
**جن جو انت نہ پارا قدرت وارا!**
**گُلن اندر سرهاڻ پرين ٿو**
**موتين سان مهراڻ پرين ٿو**
**موتي لعل هزارا قدرت وارا.**

محنت بہ هڪ بيمثال گيت آهي، جنهن ۾ بيوس محنت جي ساراهہ ڪندي ڏيکاريو آهي تہ محنت موتين جو مهراڻ آهي، سون روپي جي کاڻ آهي، محنت انسان جو ڪارآمد هٿيار آهي، جنهن جي ذريعي هر ڪم ڪاميابي سان پورو ٿيندو آهي. محنت هڪ قوت آهي، هڪ نعمت آهي.

**ٻُک سگهي ڪيئن تنهن کي گهيري،**
**ڪم بختي ڪيئن تنهن کي ڪيري،**
**ستي جو چستي سان ڦيري،**
**محنت تي جو پاڻ کي هيري،**
**محنت ڪامل ڪيميا ڪار،**
**محنت ڪر محنت هر وار.“**

**نظم نگار:**

(2) ڪشن چند بيوس پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن نظم جي صنف جو بنياد وڌو. نظم هڪ مقبول عام صنف سُخن آهي. نظم ۾ ڪنهن خيال يا اُن جي ڪنهن حصي کي منصوبابندي جي ذريعي، سيني فني لوازمات سان گڏ عمده عبارت ۾ ظاهر ڪيو ويندوآهي. بيوس تمام سُنا نظم لکيا آهن جن مان همالیہ، آسمان غريبن جي جهوپڙي، شاهوڪار، مزدورڻ وغيره عمده ۽ عاليشان آهن.

”هماليہ“ بيوس جو هڪ شاهڪار نظم آهي، جيڪو اُپ ڪان بہ اوچو آهي. هن نظم ۾ 11 بند آهن ۽ هر هڪ بند ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون ڇهہ ڇهہ مصرائون آهن. هن نظم ۾ بيوس هماليہ جي عصمت کي ساراهيو آهي. هن اوچائي اڏولتا، اوچين اوچين چوٽين ۽ پراڻن لنگهن وغيره جو اظهار ڪري هماليہ کي شاعري جو اعليٰ مثال ڪري پيش ڪيو آهي.

**اي هند جا سهاَرا، پکراج تاج وارا،**
**ناموس ۾ نيارا، منهنجا هماليہ پيارا،**

***_*_***

**ڏرتي مٿان وسين ٿو،**
**آڪاش سان گسين ٿو.**

بيوس هن نظم کي کهڙي نہ ڪمال ڪاريگري سان رچيو آهي. نہ صرف پڙهندڙ حيران آهن، شاعر پاڻ بہ حيران پيو نظر اچي.

”آسمان“ بہ هڪ لازوال نظم آهي، هي نظم هڪ سُريلي ۽ سگهاري ڳجهارت آهي. هي هستي جو حيران ڪندڙ منظر آهي.

**ڪنهن حال تي هلين ٿو، ڪنهن چال تي چلين ٿو،**
**مون کي نہ ڪجهہ سلين ٿو، پاڻان پري جهلين ٿو.**

***_*_***

**اي آسمان نيلا،**
**تارن سندا وسيلا.**

”غريبن جي جهوپڙي“ هڪ بهترين نظم آهي. بيوس جهوپڙي جي بناوٽ، اُن جي جدا جدا حصن ۽ اُن جي جاءِ جي باري ۾ تفصيلات بيان ڪري، ان کي شاهڪار نظم بنايو آهي. جهوپڙي هڪ رهائش گاهہ آهي، جنهن ۾ هوا، روشني قدرتي ماحول جو خاص خيال رکيو ويو آهي. سچ پچ جهوپڙي صحت جي هڪ سوکڙي بڻجي ويئي آهي.

**”سج، چنڊ واجهہ ٿو وجهي جنهن جي وٿين منجهان،**
**ترڪيو اچن ٿا ترورا، تارن ڪتين منجهان،**
**پڻڪا ڪندي پجي هوا جنهن جي پتين منجهان،**

ڇڻڪار ڪري مينهن ٿو ڇڻڪي ڇتين منجهان،
قدرت سنڌي ڪمال صحت لاءِ سوڪڙي،
الله جهُري م شال غريبن جي جهوپڙي“

بيوس جي منصوبابندي حيران ڪن آهي. تجنس حرفي هن نظم جي سونهن کي خوب چمڪايو آهي. ڪن مورک ترقي پسند نقادن هن نظم کي خوب ننديو آهي ۽ اِن کي غير ترقي پسند نظم قرار ڏنو آهي. اُهي مورک اِهو ڇووساري وينا تہ جهوپڙي هڪ رهائش/ گهر آهي ۽ جنهن جي سلامتي لاءِ شاعر دعا گهري رهيو آهي.

## پنج سٽي جو باني:

(3) بيوس پنج سٽي جو باني آهي. پنج سٽي جون پنجئي سٽون هم قافيا هونديون آهن. شيخ اياز پنج سٽي ۾ فني ۽ موضوعاتي تجربا ڪري، هن کي ڪامياب بنايو آهي.

(4) ڇهہ سٽي جو بنياد وجهندڙ بيوس آهي. ڇهہ سٽي جو پهريون چار سٽون هم قافيا هونديون آهن ۽ آخري ٻہ سٽون هم قافيا هونديون آهن. بيوس جا ڇهہ سٽا ڏاڍا مشهور آهن.

(5) بيوس جو اٺ سٽو هڪ اهم صنف آهي. اٺ سٽي ۾ اٺ سٽون هونديون آهن. پهريون چار سٽون هم قافيا هونديون آهن، پويون ٻہ سٽو هم قافيا ۽ آخري ٻہ سٽون هم قافيا هونديون آهن. اٺ سٽي جي آخري سٽ کي وراڻي طور استعمال ڪيو آهي. بيوس جو ”گرو نانڪ جيون ڪٿا“ اٺ سٽي جي صنف ۾ لکيل آهي. هن جو وراڻو: ”گرو ديو نانڪ سچو بادشاهہ وراڻو بيوس جي نظم جي اهم ترين خوبي آهي، اِها نظم ۾ تسلسل قائم رکي ٿي ۽ اُن جي تاثر کي وڌائي ٿي.

اسان جي هڪ انقلابي شاعر حيدربخش جتوئي جو زوردار ۽ شاهڪار نظم ”يلي ائين، جي آئين درياءَ شاهہ“ بہ اٺ سٽي جي صنف ۾ لکيل آهي.

(6) بيوس پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن بيت جي صنف کي وري جياري، صاف سٿرو بنائي، اُن کي اوج ڏياريو. هن مختلف موضوعن تي گيت

لکيا ۽ بيتن جي صنف ۾ ڪي نظم جهڙوڪ غلامي، وطن وغيره ۽ ڪي بياني ڪوتائون جهڙوڪ سروڻ ڪمار وغيره لکيون.

”جيسين بيوس بند ۾، هوندو هڪ غلام،
هٽي سگهندو هام، ڪو بہ نہ آزادي سنڌي“

*_*_*

”جتي جيجل تي ڏني، جهوليءَ ۾ لولي،
ٽڙي ٻنڊڻ ۾ ٻڌي طوطيلي ٻولي،
منڙي تي مون تان وئي گهڙي ۾ ڪولي،
چلڪي سان چولي، بيوس وهي وطن ري“

بيوس جي گهڙيل واٽ تان هلي جديد سنڌي شاعرن بيت جي صنف کي خوب ترقي ڏياري، سنواري ۽ سينگاري اوج تي پهچايو آهي.

ڪو بہ اديب يا شاعر جنهن طريقي سان پاڻ کي يا پنهنجن ويچارن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اُن کي طرز تحرير، اسلوب يا عبارت چئبو آهي. عبارت منجهان هن جي انفراديت ۽ هن جي ذهن جو شوق ۽ ذوق جو اظهار ٿئي ٿو. ٻول مالها، جملن جي جوڙجڪ، رنگارنگي، عڪس بندي، موزونيت، ربط، وزن ۽ خيالن جي ترتيب اهي سڀ عبارت جا لازمي جزا آهن. تمثيلون، محاورا، استعارا، ادبي اشارا، زبان جي سلاست، تجنيس حرفي جو استعمال، قافيا بندي وغيره عبارت کي مناسب ۽ سگهارو بنائن ٿيون.

## بيوس جي قابليت:

بيوس جي هي وڏي قابليت آهي تہ لکڻ کان اڳ ۾ هو موضوع تي ڀرپور سوچي ٿو. تور تڪ ڪري ٿو ۽ اُن مان حاصل ڪيل مواد جي جڙت ڪري اُن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ موزون ۽ مناسب عبارت اختيار ڪري ٿو. هو مناسب عبارت ذريعي پنهنجن ويچارن کي ظاهر ڪري آنند ماڻي ٿو.

## بيوس جي عبارت:

بيوس جي عبارت جا ڪيترائي رنگ آهن. موضوع موافقت ۽ مناسبت سان هن جي عبارت نوان نرالا نمونا اختيار ڪري ٿي. هن جي

عبارت سادي آهي، سوادي آهي، رنگين آهي، سنگين آهي، سگهاري آهي. بيوس پنهنجي عبارت کي خوب گهڙيو آهي، جڙيو آهي ۽ اُن کي قائم ۽ دائم رکيو آهي. هن جي عبارت پڪي آهي، ڪچي ناهي، ڪري آهي، ڪوڙي ناهي.

پروفيسر لالسنگ اجواڻي "شعر بيوس" جي مهاڳ ۾ خوب لکيو آهي: ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر اصلوڪي گيان ۽ وگيان جي ڳالهين کي شعر جو لباس اهڙو پورو نہ پارايو آهي جهڙو اونهي حوض واري بيوس." بيوس پنهنجي عبارت جو خود ڪهڙو نہ ڪمال نموني سان برهہ جي بازار ۾ اُپٽار ڪيو آهي.

"گنج خانا، گيت غيبي، خاص کولڻ واسطي،
آهہ قدرت کان مليل، ڪامل ڪوي سر کي ڪليد."

ائين لڳي ٿو جڻ قدرت جا راز کولڻ لاءِ عبارت هن کي قدرت طرفان تحفي ۾ ملي آهي. هن عبارت جي ذريعي هو ڪڏهن آب کي موتي بنائي ٿو ڪڏهن عورت کي رب جو پرجهال روپ بنائي ٿو ۽ ڪڏهن آنند کي الله طرفان ڏنل سوکڙي بنائي ٿو.

بيوس جي عبارت اُتم (Sublime) آهي. هو هڪ تخليقڪار جان سادا، سُريلا ۽ کياني لفظ ڪم آڻي، ڪيڏو نہ سندر خيال ظاهر ڪري ٿو.

"سونهن جي سوني مٽئي ۾ رم جو موتي جڙيو،
ڪم نڏاڪتدار ٿي ويو، وصل جي وينجهار جو."

بيوس پنهنجي غزل "محبتي مشتاق" جي هڪ ئي شعر ۾ ايترا مرڪب لفظ ڪم آڻي واهہ جو لقاءُ ڏيکاريو آهي.

"چت مٽي، چنتن مٽي، چتون مٽي، چيتن مٽي،
ٿا چون چئو پنچ مٽي، چمڪي چڳي چالاڪ لاءِ."

بيوس جي "اُلٽي آس" هڪ ئي شعر ۾ ڇهن قافين جو استعمال ڪري ڪهڙو نہ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

رک آهہ سندي باهہ جي پرواهہ نہ ڪوئي،
سک راهہ ڏي بي آهہ ادا واهہ نہ ڪوئي.

بيوس "عشق جي اوگهڙ" ۾ تجنيس حرفي جا ڪهڙا نہ جلوبدار جلوا ڏيکاريا آهن.

**”دهل دل دڪ دڪ ڪري خون ناڙين ۾ نچي،**
**سانس ۾ سُرندا وڄن ٿا ۽ رڳن اندر رباب.“**

بيوس جادو نگري ڪوهه ڪاف ۽ اُن جي جادوئي عڪسن کي طلسمي لفظن ذريعي پڌرو ڪيو آهي تہ اُهي جاڪوڙي جيڪي وڙهندا اڳتي وڌندا اُهي ئي منزل تي پهچندا ۽ پريم جي پري ماڻيندا.

**جي ڪشالا ڪشٽ ڪائي، ڪونڌ پهتا ڪوهہ ڪاف،**
**ديو دڪ وٽ، سوپ سُک جي تن پري پيڪر ڏني.“**

بيوس هڪ لاجواب تشبيهہ جو استعمال ڪري پنهنجي عبارت کي لاجواب بنايو آهي.

**”ڇا سندس تشبيهہ بيوس ماهہ تابان سان ڪجي،**
**روءِ خوبان عاشق لئہ خود خدا آباد آ.“**

بيوس جي پنهنجي نظم ”پورهيت“ ۾ چٽي ۽ چنيدڙ عبارت ذريعي ڪيل سوال کي پڙهو ۽ غور ڪريو.

**”مالڪاڻي ڇيڇڙي ۾ پيڙجڻ ڪين روا؟**
**پنهنجي دل جي پيڙا اندر پيڙجڻ ڪين روا؟“**

بيوس پنهنجي عبارت کي پنهنجن گهڙيل محاورن ذريعي خوب سنواريو آهي، سينگاريو آهي.

**”محنت جو دم خود مختيار“، ”محنت“**

***_*_***

**”سچو بيوس رڳو رهبو، ٻا گُڻ ڊوڙندا ايندا.“**

***_*_***

**”دُنيا ۾ خلق خدمت کان نہ ٻي بيوس بند کي بهتر.“**

ڪشن چند بيوس جي عبارت اعليٰ آهي، اُتم آهي. اُها دل ۽ دماغ تي اثر ڪري ٿي. اها شعور کي بيدار ڪري، سُرت ۽ ساڃاهہ کي جاڳائي ٿي ۽ روح کي راحت بخشي ٿي.

ڪشن چند بيوس هڪ پيدائشي شاعر هو. هو ٻاراڻي وهي کان ئي ڪجهہ لکندو رهندو هو. ڪڏهن مضمون، ڪڏهن ننڍڙا ناٽڪ ۽ ڪڏهن

ڪچا ڦڪا شعر، هو پنهنجي ڪلاسي شاگردن کي اُهي لکڻيون پڙهي ٻڌائيندو هو. ڪڏهن هو واکاڻيندا هئا ۽ ڪڏهن ٽيڪا ٽپڻيون به ڪندا هئا. جڏهن هن جي پيءُ حڪيم تيرٿداس ڪتري کي اها خبر پيئي ته هو ڏاڍو خوش ٿيو. هن ننڍڙي بيوس ۾ هڪ وڏي اديب ۽ شاعر ٿيڻ جا آثار ڏٺا. هو بيوس کي همٿائيندو هو ۽ انعام به ڏيندو هو ۽ بيوس پنهنجيون لکڻيون پيءُ ۽ چاچن کي ٻڌائيندو هو. سڀ ڏاڍو خوش ٿيندا هئا ۽ هن کي دعائون ڪندا هئا.

بيوس سنڌي ماستر جي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ 19 سالن جي عمر ۾ پڙهڻ ويو. اُتي هن پهريون شعر لکيو. جڏهن ڪاليج جي سپرنٽينڊنٽ کي اها خبر پيئي ته هو ڏاڍو خوش ٿيو. شعر کي پرهي هن اڳڪٿي ڪئي ته ”بيوس هڪ وڏو شاعر ٿيندو“ اچو ته بيوس جي پهرين لکيل شعر ”برسات“ جو واس وٺون ۽ تازه دم ٿيون:

**”پي پپيهو خوب پاڻي ڍؤ منجهان ڍاپيو گهُمي،**
**بلبليون، چيها، چتون آهن لڳا للڪار ۾.“**

***–*–***

**”روح کي راحت رسي، اڄ تازگي چؤ ڏس ڏسي،**
**هير دل کي هر گهڙي، خوش ڪري خنڪار ۾.“**

بيوس ننڍي عمر کان شاعري ڪئي ۽ آخرت تائين لکندو رهيو. بيوس هڪ وڏو تجربا پرست (Experimentalist) انسان هو. هن طرحين طرحين جا تجرباڪري، پراڻي سنڌي صنف کي سُڌاريو، سنواريو ۽ وري رائج ڪيو. هن نيون نيون صنفون جوڙي جديد سنڌي ادب ۽ شاعري لاءِ نيون راهون گهڙيون ۽ جديد سنڌي شاعري جو باني بڻجي ويو. جيڪڏهن بيوس نه لکي ها، تجربا نه ڪري ها، ايڏا جتن نه ڪري ها ته شايد جديد سنڌي شاعري ايڏو اوج نه ماڻي ها.

بيوس شروع ۾ عروضي شاعري کي اختيار ڪيو. هن عروضي شاعرن ۽ دوستن سان گڏ لکڻ شروع ڪيو. هو باقائدي عروضي ۾ شاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ مشاعرن جي صدارت به ڪندو هو. هن جي ڏاڍي واهه واهه ٿيندي هئي. هنجي شروع جي لکيل غزلن ۽ نظمن ۾ عروضي شاعري جا نمايان

اثرات نظر اچن ٿا. اُهي فارسي لفظ، اُهي فارسي استعارا ۽ اُهي فارسي تشبيهون صاف نظر اچن ٿيون.

”ڏسندي جمال جاني، حورن لڳي حيراني،
ماهہ بدر فلڪ تي ٿي دربدر اچي ٿو.“

*_*_*

”ڇا سندس تشبيهہ بيوس ماهہ رتابان سان ڪجي،
روءَ خوبان عاشقن لئہ خود خُدا آباد آهہ.“

اوپرا فاسي لفظ جهڙوڪ ماهہ تابان، روءِ خوبان چشم روشن دلربا، شمشاد، شفق، آفاق، صياد، فلڪ فرياد، اُهي ۽ انهن جهڙا ڪيترائي اوپرا لفظ بيوس جي ٻول مالها (Diction) ۾ موجود آهن. ڪٿي ڪٿي سخت سنسڪرت لفظ جهڙوڪ استت، ساڌنا، کيان، وگيان، ڀڳتي، پاونا، سمادي، مهان وغيره بہ بيوس جي ٻول مالها جو حصو آهي. اهڙن لفظن سان ڀريل هڪ شعر جو مطالعو ڪريو:

”چرڻ ڪومل، نيچ هرپل نئڙندو وچ ناٿ ڏي،
سر نہ پيرن تي پڇائڻ آهہ داخل دوش ۾.“

آهستي آهستي بيوس فارسي ۽ سنسڪرت اثرات کان آجو ٿي ويو. هن نج سنڌي لفظن، استعارن، تشبيهن، محاورن، مثالن وغيره جو استعمال ڪري سنڌي ٻولي کي هر خيال ۽ هر ويچار جي اظهار جو ذريعو بنائي داد حاصل ڪئي.

بيوس ڪيئي مضمون ۽ ڪيئي ناٽڪ بہ لکيا. هن تمام گهڻي شاعري بہ ڪئي. هن جو مڪمل مواد اڄ تائين بہ ملي نہ سگهيو آهي. هن جي شاعري جي ڇپيل ڪتابن جي لسٽ هيٺ ڏجي ٿي.

## بيوس جون تصنيفون:

بيوس جي ڇپيل سنڌي شاعري جي ڪتابن جي لسٽ.

(1) شيرين شعر (1929ع)

(2) ساموندي سِپون (1929ع)

(3) موجي گيت، هري دلير سان گڏ (1932ع)
(4) ڦولداني محمد صديق مسافر سان گڏ (1939ع)
(5) شعر بيوس (1951ع
(6) بيوس گيتانجلي (1969ع)
(7) ڪليات بيوس (1991ع)

ڪشن چند بيوس جديد سنڌي شاعري جو وڏو ڏات ڌڻي آهي. هن نپنهنجي ڏات، ڏانءُ، ڏاهپ ۽ تجربن جو جرتمندانہ استعمال ڪري سنڌي شاعري ڪي عروضي پابندين کان آجو ڪرائي جديد سنڌي شاعري جو بنياد رکيو. جهڙي طرح انگلينڊ جي بهترين شاعر ۽ نقاد وليم ورڊسورٿ جڙتو ڪلاسيڪل (Aeo Classical) شاعري کي ٽوڙي رومانوي شاعري جو بنياد رکيو. ساڳئي طرح هڪ سنڌي ماستر ڪشن چند بيوس سنڌي شاعري کي عروضي روايتن کان آجو ڪري جديد سنڌي شاعري جي شروعات ڪئي. بيوس باغي ڪو نہ هو پر هن انقلابي قدم کڻي جديد سنڌي شاعري جي روايتن کي سگهارو بنايو. شيخ اياز 1945ع ۾ سچل سرمست اڪيڊمي خيرپور طرفان ادبي ڪانفرنس ۾ مشاعري جي صدارت ڪندي چيو "سنڌي ادب ۾ اهو انقلاب بيوس جي شاعري ۾ قليچ جي نثر وڌو."

بيوس جديد سنڌي شاعري جو باني ۽ سرموڙ شاعر آهي. هن جي ڪارنامن تي اجان تائين ڪا بہ خاص تحقيق نہ ڪرائي ويئي آهي ۽ سنڌي ادب ۾ شاعري جي ڪن اهم حصن تي چڙهيل لٽ کي صاف ڪرائي، ان جي چمڪ ۽ عصمت کي نروار نہ ڪرايو ويو آهي. اها ڪوتاهي ناهي، پر وڏي زيادتي آهي، وڏو ظلم آهي.

اسان جڏهن جديد سنڌي شاعرن ڏانهن نظر ڊوڙايون ٿا تہ اسان کي هر طرف ڪشن چند بيوس جو اثر بکندي نظر اچي ٿو. ڪيئلداس فاني، شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، نياز همايوني، تنوير عباسي، بردي سنڌي، سروپچندر شاد، قمر شهباز، تاجل بيوس، تاج جويي ۽ ٻين بيوس جي واٽ تي هلندي، جديد سنڌي شاعري ۾ وڏا اضافا ڪري، نہ صرف بيوس جو پر سڄي جديد سنڌي شاعري جو مان مٿاهون ڪيو آهي.

هري دلگير پنهنجي ڪتاب ”ڪشن چند بيوس“ ۾ صحيح لکيو آهي: ”بيوس سنڌي شاعري جو عظيم شاعر آهي. هن جو اثر سنڌي شعر تي گھٽ وڌيڪ هلندو.“ ”شعر بيوس جو مهاڳ لکندي مانواري فتح چند واسواڻي خوب لکيو آهي: ”بيوس جي ڪوتا (شاعري) ته دلي امنگن ۽ آنند سان گڏ زندگي جي راهه روشن ڪندي رهندي جيسين سنڌي آهن ۽ سنڌين ۾ ڪوتا (شاعري) جو قدر آهي.“

ω

## مددي ڪتاب


(1) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.
(2) ڊاڪٽر گربخشاڻي. ”شيرين شعر“ جو مهاڳ.
(3) ڊاڪٽر دائود پوٽو. ”سُرها گل“ جو مهاڳ.
(4) هري دلگير. ڪشن چند بيوس.
(5) پروفيسر ارجن حاسد. بيوس ۽ نئون دور.
(6) ڊاڪٽر لالسنگ اجواڻي. ”شعر بيوس“ جو مهاڳ.
(7) فتح چندواسواڻي. شعر بيوس جو مهاڳ.
(8) پروفيسر رام پنجواڻي. بيوس هڪ اڀياس.
(9) پروفيسر ڊ.ڪي. منشاراماڻي. بيوس هڪ اڀياس.
(10) ڊاڪٽر محمود شاهه بخاري. ڪليات بيوس.
(11) شيخ اياز. خط، انٽرويو، تقريرون.
(12) نصير مرزا. ڇهه ڇهه پئسا، ٻه ٻه پايون.

# حيدر بخش جتوئي

(1901ع، 1970ع)

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

1954ع کان 1969ع جي ٻکڙ ٻوسات واري ماحول ۾ ون يونٽ قائم ٿيڻ کان وٺي ان جي خاتمي تائين حيدر بخش جتوئي سنڌ جي هاري ليڊر هئڻ سان گڏوگڏ سنڌ جو قومي اڳواڻ، سنڌ جي قومي اتحاد ۽ عوامي تحريڪن جي اتحاد جو علمبردار رهبر ٿي انهن پندرهن سالن ۾ حيدر بخش جتوئي ايوب شاهي ۽ ڊڪٽيٽرشپ ۽ پنجاب جي جاگيرداري نوڪر، شاهي سازش کي بي نقاب ڪندو رهيو.

**ڊاڪر. سوڀو گيانچنداڻي. جيئي سنڌ جيئي سنڌ**

هي غريب گهر جو ماڻهو هو سندس نوڪري جي زماني ۾ ايماندار رهڻ ڪري پئسو گڏ ڪري نہ سگهيو. هو نوڪري کان ٻاهر نڪرڻ بعد، جي مشڪلاتن سامهون اچڻ واريون هيون، اُنهن جي پرواهہ نہ ڪيائين، بقول شاعر:

**جنهن کي تار لڳي يار جي،**
**سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي.**

جي.ايم. سيد باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي.

هاري انقلاب جي مشن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلائڻ سان گڏ، حيدربخش جتوئي جو وڏو ڪارنامو هي هيو جو هن، هارين جا سچا هڏڏوکي ورڪر پيدا ڪيائين. هي سندس خوشنصيبي پڻ هئي جو کين پاڻ جهڙا جوشيلا، سرڦريا ۽ سرويچ ساٿي همرا ٿيا. جن آخري دم تائين تحريڪ سان توڙ نڀائي اُنهي هٿ ۾ مرحوم مولوي نذير حسين جتوئي، قاضي فيض محمد، عبدالجبار، ۽ غلام محمد لغاري جا نالا قابل ذڪر آهن.

**علي احمد بروهي. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي**

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سنڌ ڌرتي جو هڪ عظيم انسان هو اهڙا

انسان ورلي جنم وٺندا آهن. هونئين سنڌ ڌرتي ڪيئي جوڌا جوان پيدا ڪيا آهن پر هن دؤر ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جهڙو جوش، اثر انگيز جذبو پنهنجي ڪاز سان ايمانداري، وطن سان محبت ۽ مظلوم عوام سان همدردي رکندڙ ٻيو ڪو بہ شخص نظر نٿو اچي.

**نور محمد شيخ. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي**

اسان جو هم صفت معصف حيدر بخش سنڌ جي آزادي لاءِ اڪيلو ئي لڙندو رهيو. وڏي واڪي چوندو رهيو:

**”وڪي جنهن سنڌ پياري، تنهن تي لعنت،**
**ڪيو جنهن ڪم ڪجارو، تنهن تي لعنت،**
**وجهي ٿو جڳ سارو، تنهن تي لعنت!**
**ٿيون قربان تو تان، سنڌ پياري.**

**غلام محمد لغاري. باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي**

## حيدر بخش جتوئي جي زندگي جو احوال:

حيدربخش جتوئي آڪٽوبر 1901ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ بکو ديري ۾ غريب هاري جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن جي پيءُ جو نالو الهداد جتوئي هو. الهداد غريب هو، پنهنجي اولاد کي پڙهائڻ جي لاءِ ڪو بہ پئسو وغيره نہ هو. هن پنهنجي پُٽ حيدر بخش جتوئي کي اُتي جي عام اسڪولن ۾ پڙهايو هو ڏاڍو ذهين ۽ محنتي هو پرائمري کان وٺي ميٽرڪ تائين اُن سُٺي پڙهائي ڪئي. غريبي جي ڪري هن کي في وغيره معاف ڪئي. هو پنهنجي هوشياري سان هر سال پهريون نمبر کڻندو هو. استاد بہ هن کي چاهيندا هئا. ۽ هن جي همت افضائي ڪنداهئا. شاگرد بہ هن جي هوشياري جي ڪري هن کي ڏاڍو چاهيندا هئا. ڪنهن شيءِ جي کوٽ ٿي ويندي هئي تہ هو اُن کي تحفي طور اُهي شيون آڻي ڏيئي خوش ٿيندا هئا.

حيدر بخش جتوئي پڙهائي جي وقت ڏاڍي محنت ڪندو هو. استادن جي عزت ڪندو هو ۽ شهر جا شاهوڪار ماڻهن هن جي مدد لاءِ

اسڪالرشپون جاري ڪيون. اُنهن جي ڪري اُن جي همت وڌي ۽ ڏاڍي محنت ڪري ميٽرڪ ۾ سڄي علائقي ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو. هن 1923ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. اُن کان پوءِ حيدر بخش ڊي جي سنڌ ڪاليج (ڏيارام جيٺمل) سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي اُتي ان جي مالي مدد به ٿيندي هئي. اُن جي هوشياري ۽ ذهانت نه صرف اُتي جي شاگرد ساراهيندا هئا پر اُتي جااُستاد به اُن سان ڏاڍي محبت ڪندا هئا ۽ همٿائيندا هئا ته هو پڙهي ۽ نمبر حاصل ڪري ۽ پنهنجي زندگي کي ٺاهي. ڪاليج جي پرنسپال مسٽر شاهاڻي ۽ وائس پرنسپال پروفيسر بوٽاڻي هن جي مدد ڪندا هئا ۽ ڏاڍو چاهيندا هئا. هو محنتي هو ۽ پنهنجي پڙهائي جي ڪري ذهني طرح اهڙو ته مضبوط ٿيو جو زندگي جي آخري گهڙي تائين سختين کي سهندو رهيو ۽ پنهنجو مان مٿي ڪندو رهيو. ڪاليج جي پرنسيپال مسٽر شاهاڻي حيدر بخش جي باري ۾ ائين لکيو آهي ته: Look at this hyder Bakhsh! His face shows intellect. هن حيدربخش ڏي ڏسو! سندس منهن مان عقل ٿو بکي.

هن 1927ع ۾ بي.اي. پاس ڪئي. پرهائي سان گڏوگڏ هن شاعري ڪرڻ به شروع ڪئي ۽ اُتي جي ادبي گروپ سرسوتي ۾ شموليت ڪئي. بي.اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ هو نوڪري ۾ آيو ۽ هيڊ منشي ٿيو ۽ روينيو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ مختيارڪار بڻيو. هو ڏاڍو اصول پرست هو. رشوتون نه وٺندو هو ۽ قائدن ۽ قانونن مطابق ڪم ڪندو هو. هو ڪنهن جي به سفارش کو نه مڃيندو هو. غير قانوني ڪمن سان هن کي ڏاڍي نفرت هئي. انهي ڪري اُتي جا وڏيرا ۽ غلط ڪم ڪرائيندڙ ماڻهو هن کي ڪو نه چاهيندا هئا. هو اصول پرست ۽ همت وارو هو. وقت جي حالتن کيس مجبور ڪيو ته هو نوڪري ڇڏي ڏئي. ڪن وڏن روينيو آفيسرن ان کي ائين ڪرڻ نه ڏنو. هن مختلف هنڌن تي نوڪري ڪئي گهٽ پگهار جي ڪري هو پنهنجي زندگي ڏکيائي سان گذاريندو هو. هن ڪيترين ئي علائقن ۾ نوڪري ڪئي. جهڙوڪ: بدين، رتديري ۾ ۽ قنبر ۾ هيڊمنشي طور ڪم ڪيو ۽ ڏوڪري، بدين جميس آباد. ڊگري ۽ گهوٽڪي ۾ مختيارڪار طور

ڪم ڪندو رهيو. هن نوڪري ڪندي ماڻهن جون ڏاڍيون خدمتون ڪيون. هو ناٺ نوٺ ڪان پري رهيو ۽ صرف هڪ سچي سرڪاري نوڪر جي طرح هو پنهنجا فرض ايمانداري سان سرانجام ڏيندو رهيو. هو سچو سرڪاري ڪارندو هو. هو سيني جا سچا ۽ اصولن وارا ڪم ڪري خوش ٿيندو هو. هو ڪڏهن بہ غلط ڪم نہ ڪندو هو ۽ انگريز آفيسرن جي بہ سفارش نہ مڃيندو هو. هو ناراض ٿيندا هئا. تہ بہ غلط ڪم نہ ڪندو هو. هن جي هڪ دوست جمع خان جعفري ڪيس صلاح ڏني تہ اصول پسندي تہ ايترو سختي سان قائم رهڻ فائدي ۾ ناهي، هن کي مسٽر جمع خان جعفري جي ڳالھہ نہ وڻي ۽ اُنکي چيائين تہ معاشري ۾ ڪيترين ئي غلط ڳالهيون ۾ ڪم جاري آهن اُنهن کي ڪيئن ڇڏي ڏجي.

حيدر بخش جتوئي ايترو تہ سخت هوندو هو جو ڪنهن کي بہ همت نہ ٿيندي هئي ۽ هو رشوت جي ذريعي هن کان ڪو غلط ڪم ڪرائي سگهن.

## انقلاب پسند آفيسر:

1930ع واري ڏهاڪي ۾ هن کي ترقي پسند لٽريچر مليو. هو قادر بخش نظاماڻي، سوڀي گيانچنداڻي ۽ ترقي پسند ۽ روشن خيال اڳواڻن سان ملڻ لڳو. هن جي خيالن ۾ تبديلي آئي ۽ هو وڏو ۽ مضبوط ليکڪ بڻجي ويو. هن تي ڪنهن بہ ظلم نہ ڪيو ۽ هن ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏني ۽ هو وڏيڪ مقبول ٿيو. پهرين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ هو نوڪري کان بيزار ٿي ويو ۽ عام ماڻهن جي خدمت ۽ مدد ڪرڻ لاءِ سوچيائين.

هن سينئر ڊپٽي ڪليڪٽر جي عدهي کان استعيفيٰ ڏئي، هاري ڪميٽي ۾ شامل ٿيو. هو هن هاري ڪاميٽي جو جنرل سيڪريٽري بڻيو ۽ مرڻ گهڙي تائين هو اُنهي عهدي تي ڪم ڪندو رهيو. استعيفيٰ ڏيڻ تي هن جايار دوست ڪاوڙيا ۽ هن کان پري ٿي ويا. هاري ڪاميٽي ۾ رهندي هن غريبن جي لاءِ زمينون هٿ ڪري ڏنيون. هن 1950ع ۾ هاري ڪاميٽي جو آئين جوڙيو. هن هارين جي تنظيم سازي ڪري انهن کي باخبر بڻايو ۽ انهن جي دل وجان سان ڪم ڪيو. اُنهن وڏيرن ۽ اثر وارن اڳواڻن جي طرفان

هارين ۽ نارين تي ظلم ڪيا ۽ هاري ڪاميٽي جي عملي اُنهن ڪي ڪورٽن ۾ وجهي للڪاريو ۽ اُنهن کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنو.

حيدر بخش جتوئي هارين جي حقن کي مقرر ڪرڻ ۽ اُنهن جي بچاءُ واسطي قانون ٺهرائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي. حيدربخش جتوئي تحريڪ هلائي ۽ اُها تحريڪ ايڏي مضبوط هئي جو سرڪار کي مجبور ٿي ايڪٽ پاس ڪيو. جنهن جي ذريعي سب غلط ڪم ڪار بند ٿي ويا ۽ هارين کي انصاف ملڻ شروع ٿيو. اُن کان پوءِ ون يونٽ ٺهيو اُن ڪري ملڪ ۾ نفرتون وڌيون ۽ عوام لاءِ ٿيندڙ ڪم رولي ۾ اچي ويا. ونيونٽ ٽٽڻ کان پوءِ بہ اُهي نفرتون اجا بہ قائم آهن. حيدربخش جتوئي ون يونٽ جي خلاف بہ ڪتابڙا لکيا "سنڌ سان ناانصافي (ٻہ ڀاڱا)" ۽ "اچو تہ پاڪستان بچايون" لکيا جن ۾ سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلمن جو بيان ٿيل آهي.

اُن کان پوءِ هن ٻيا بہ جامع مقالا "پاڪستان ۾ جمهوريت يا آمريت جي عنوان سان لکيا. عدالتي پابندين جي خلاف هن وري هڪ ٻيو ڪتاب "ڊيموڪريسي اينڊ اِن جئس آف دي چيف جسٽس" لکيو. اُن کان پوءِ چڪتاڻ پيدا ٿي. هاءِ ڪورٽ حيدربخش جتوئي جي اپيل کي رد ڪري ڪيس کي سپريم ڪورٽ ڏانهن موڪليو. جنهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ردڪري گورنر جنرل جو آمريت وارو فيصلو بحال ڪيو ۽ حڪومت ڊاهڻ ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ جو فيصلو ڏنو. جنهن کي ماڻهن قبول نہ ڪيو. ان ڪيس کان پوءِ جمهوريت پسند ماڻهن جي اڳيان پيش ڪيو ويو. حيدربخش جتوئي سنڌ ۾ ٿيندڙ ٻين ظلمن بابت بہ ٻيا ڪتاب لکيا جنهن تي هن کي قيد ڪيو ويو.

سنڌ جي اديبن، شاعرن، وڪلن، استاد اڳواڻن ۽ عوام جي مخالفت هلندي رهي ۽ آخر ون يونٽ ٽٽو ۽ سنڌ کي صوبي جي حيثيت بہ ملي. هو سنڌ کي آزار ۾ ڏسي 21 مئي 1970ع تي رحلت ڪري ويو.

## سوڀي گيانچنداڻي طرفان حيدر بخش جتوئي جو ورتل هڪ انٽرويو:

سنڌ جي وڏي اديب ناول نگار ۽ ڪالم نگار طرفان حيدر بخش جتوئي

جو ورتل هي انٽرويو (Interview) ڳالهہ ٻول جي سنڌي علم ادب ۾ وڏي اهميت آهي، هي ڳالهہ ٻول سچي ۽ جرئت مندانہ آهي، هن ۾ سوڀي گيانچنداڻي حيدربخش جتوئي جي زندگي ادبي صلاحيتن سماجي خدمتن کي هوشياري ڏيارڻ، همت سماجي خدمتن جي سچي پچي تصوير پيش ڪئي هي ڳالهہ ٻول پڙهندي ائين پيو لڳي جڻ حيدر بخش جتوئي اسان جي سامهون ويٺو آهي ۽ پنهنجن ادبي صلاحيتن کي بيان ڪري رهيو آهي. هي انٽرويو 21 مارچ 1970ع تي ورتو ويو.

هي انٽرويو ڪامريڊ جتوئي جي وفات کان ڪجھ ڏينهن اڳ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي ريڪارڊ ڪيو هو. انٽرويو وٺڻ وقت جتوئي صاحب سخت ڪمزور هئا. اُنهي ڪري هن انٽرويو ۾ ڪي ڪچيون ڳالهيون بہ شامل آهن، اُنهن کي بنا ڦيرڦار جي ڏنو ويو آهي. سوڀي گيانچنداڻي جي ڳالهہ ٻول ڪافي صاف سٿري آهي. هن ۾ حيدر بخش جتوئي جي شروعاتي زندگي بابت ڪافي معلومات پريل آهي. هو آڪٽوبر 1901ع ۾ پيدا ٿيو. اُن پنهنجي تعليم تمام سٺي نموني شروع ڪئي. ۽ سڄي علائقي ۾ ڏاڏو مشهور رهيو هن ڪاميابي سان 1923ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ پهريون نمبر آيو. هو شوق سان پڙهندو هو ۽ استاد هن کي چاهيندا هئا ۽ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ هن کي همٿائيندا هئا. هن جا مائٽ غريب هئا، اُنهي ڪري في وغيره ڪا نہ ڏئيڻي پوندي هئي اُن جي ذهنت، هوشياري ۽ فرمانبرداري جي ڪري هن کي اسڪالرشپون بہ ملنديون هيون. هن 1927ع ۾ بي.اي. پاس ڪئي ۽ سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو. مختيارڪار بہ ٿيو. حيدربخش جتوئي شاعري جو شوقين هو. هن اُن وقت جي قائم ڪيل ادبي سرستوتي گروپ ۾ شامل ٿيو ۽ يارن، دوستن سان گڏ ڏاڏو ادبي ڪم ڪيو. هو آزاد خيال هو. انگريزن کان نہ ڊڄندو هو ۽ نہ نهندو هو. هو اصول پرست هو ۽ رشوت کان پري هو. هن جي طبيعت اصول پرستي تي ٻڌل هئي، ڪنهن کي همت نہ ٿيندي هئي تہ هو ان کي رشوت آڇي. هن مختيارڪار جي نوڪري کي جاري رکيو. هن ڏوڪري، بدين، جميس آباد، ڊگري ۽ گهوٽڪي وغيره ۾ نوڪري ڪئي. اُها هن کي نہ وٽي ڇاڪاڻ تہ

رشوت جاري هئي ۽ ماڻهن ۾ محبت ڪا نہ هئي ۽ سماج جون حالتون بہ سٺيون نہ هيون. هن کي انڪم بورڊ اسٽيٽ ۾ نوڪري ملي. اُتي هن کي وقت مليو تہ هو پنهنجي ادب ۾ ڪيل ڪم جاري رکي هن کي 1938ع ۾ رشين ادب جا ڪي ڪتاب مليا. هن جي خيالن ۾ تبدلي آئي ۽ هن جو ڌيان هاري تحريڪ ۾ ويو. هن زمينن ڌانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ۽ هاري گيت جي شروعات ٿي. رشيا جي لڙائي کان پوءِ هن نوڪري ڇڏي ڏني ۽ هاري تحريڪ ۾ شامل ٿيو. هو هاري تحريڪ جو جنرل سيڪيٽري ٿيو ۽ پوءِ هو صدر ٿيو ۽ مرڻ تائين اهو عهدو ماڻيندو رهيو. هو ۽ ان جو خاندان غريب هئا ۽ هر قسمن جون سختيون سهندي بہ پنهنجن اصولن تہ قائم رهيا ۽ عزت ماڻيندا رهيا. دائود پوٽي کان مليل ڪتاب هن تي وڏو اثر ڪيو. هن پنهنجن مضمونن ۽ سعرن ۾ اُن جي مواد کي سچائي، ايمانداري ۽ ڪاريگري سان پيش ڪيو آهي.

ٻارون هن تي وڏو اثر ڪيو ۽ برفا روشا حيدر بخش جتوئي جي شعري ۾ ڪئي پر تعصب جو نالو نہ هو. ماڻهن سان محبت ڪندڙ منڙو انسان هو. هن ڪي ئي ڪتاب لکيا تن مان ڪي هي آهن: تحفہ سنڌ، آزادي قوم ۽ ٻيا بہ ڪي ڪتاب آهن جن۾ گهڻا گيتن جاڪتاب آهن. هن جي ڪتاب ”شڪوه“ تي اعتراض ورتا ويا ۽ هن تي ڪافي الزام لڳا.

سنڌ جي ڪن يارن ۽ شاعرن هن کي ڏاڍو تنگ ڪيو اها پنهنجي چالاڪي ۽ هوشياري جي شاعري جي ذريعي پاڻ کي بچائيندو رهيو. اخبارن وغيره ۾ ماڻهو هن جي خلاف لکندا رهيا. سنڌ جي ٻن عزت دار شاعرن ۽ مضمون نگرارن جهڙوڪ دين محمد وفائي ۽ محمد هاشم هن جي خلاف ڪجهہ بہ نہ لکيو. حيدر بخش جتوئي جو لکيل ڪتاب شڪوه، علامہ اقبال جي شعر مان مناقب تي لکيل آهي، جيڪو اعلامہ اقبال جي ڪلام کان وڏيڪ اثر رکڻ وارو آهي. هن ٻڌايو تہ جڏهن صحيح خيالات انسان جي دماغ ۾ وڌندا ۽ هو غلط چوڻ ڇڏي ڏيندا تڏهن هن شڪوه کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو شوق جاري ٿيندو ۽ هرڪو ماڻهو خدا کي خدا سمجهي اُن جي خدائي مطابق هلندو.

هاري تحريڪ سان حيدر بخش جتوئي ڏاڍا ڪم ڪيا. هن هاري ڪاميٽي جي نهرئڻ ۾ ڪافي ڪم ڪيو هن ڪي اهڙا قانون نهرايا جيڪي هارين جا مددگار ثي سگهيا ۽ ٿيندا رهن ٿا. هن ايڪٽ پاس ڪرايو. ڪجهه هارين کي زمينون مليون ۽ هارين ۾ بيداري جاڳي ون يونٽ جي خلاف هن هڪڙو ڪتاب لکيو ان جو نالو آهي "Injustice to Sindh" حيدر بخش جتوئي کي ون يونٽ خلاف ڪم ڪندي ڏاڍيون تڪليفون پيش آيون ۽ سزائون بہ مليون. حيدر بخش جتوئي شاعري ۾ سنڌ جي هارين نارين کي تہ پنهنجي ڪلام ۾ ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. مثال طور:

**ياءُ آ پنهنجو هر انسان، پنهنجو آهي هي ايمان،**
**پنهنجو آهي هي اسلام، جيئي سنڌ جيئي سنڌ.**

**هڪڙو مصرع ۾ چيو آهي تہ:**

**جيئي هنڌ جيئي سنڌ، جيئي جيءُ متو.**
**هر هنڌ، پنهنجو آهي هي پيغام،**
**جيئي سنڌ جيئي سنڌ.**

حيدربخش جتوئي ۽ هاري ڪاميٽي جي ڏاڍي گلا ٿي ۽ اُن جي ميمبرن تي غداري جا الزام ڳايا ويا، پر هو ڪو نہ مڙهيا. حيدربخش جتوئي جو چوڻ آهي تہ: We shall survive all the mean aggression that any people or combinations of people threaten to practice against us, so I have no such fear. هن زور زبردستي کان پاسو ڪري پاڻ ۾ ٻڌي قائم ڪن. هي هڪ سنڌي شعر حيدر بخش جتوئي جي سنڌ لاءِ ۽ سنڌي هارين ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن لاءِ وڏي نصيحت آهي.

**سنڌي فرزند اُٿي زور نظر پيدا ڪر،**
**جو وجهي ٿرٿلو دنيا ۾ اثر پيدا ڪر،**
**نئون چراغ، نئون خورشيدو تعمير پيدا ڪر،**
**نئون گلزار ۽ هيڪار ۽ پيدا ڪر،**

جو انهي سان ئي همراز آ آزادي ۽ قوم!

حيدر بخش سنڌ جو سدا حيات شاعر آهي ۽ ان جي شاعري ۾ شعور آهي هو هڏڏوکي ۽ محنتي انسان هو. هن سنڌ جي ترقي لاءِ سب ڪجهه ڪيو. هن غريبن ۽ هارين جي فائدي لاءِ قائدا ۽ قانون ٺاهيا ۽ اُنهن مان هارين نارين کي گهڻو فائدو ٿيو ۽ ٿيندو رهي ٿو. هن جيئي سنڌ جو نعرو ايجاد ڪيو ۽ اُنهن خدمتن جي ڪري هن کي باباءِ سنڌ سڏيو وڃي ٿو.

## حيدر بخش جتوئي جي شاعري:

حيدر بخش جتوئي هڪ منفرد شاعر هو ۽ اُن جي شاعري ، انصاف جي شاعري آهي همت جي شاعري آهي ۽ جدوجهد جي شاعري آهي هن ۽ هن جي خاندان غربت جي زندگي گذاري پر حق کي نہ ڇڏيائون. هن گهڻي تعليم حاصل ڪري پاڻ کي پنهنجي خاندان کي ۽ سماج کي سڌارڻ جو وڏو ڪم ڪيو. حيدر بخش جتوئي جديد سنڌي دور جو ٽيون نمبر شاعر هو. ٻيا بہ هن جا ساٿي شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام هئا. هن پنهنجن ساٿي شاعرن جو ساٿ ڏنو ۽ شاعري ڪري معاشري کي متاثر ڪيو. شيخ اياز معاشري ۾ همت کي جاڳايو. نارائڻ شيام نيڪي ۽ شرافت جي شاعري ڪئي.

حيدر بخش جتوئي انقلابي شاعري ڪري معاشري ۾ همت ۽ مظلومن جي واڪاڻ ڪئي ۽ اُنهن کي باهمت بڻايو. هن جي شاعري علم عروز جي اصولن مطابق لکيل آهي. اُن جي شعرن جو وزن مضبوط آهي ۽ هن جا ڪافيا عوامي آهن. هن جي شاعري هر موضوع تي ٽيل آهي. هن جي شاعري ۾ نرمي آهي. پر سختي بہ سهڻ جهڙي آهي. هن تمام گهڻي شاعري ڪئي هن گيت بہ لکيا، نظم بہ لکيا، غزل بہ لکيا ۽ شڪايت ناما بہ لکيا، هن جو مواد مضبوط آهي ۽ اُنهي جي پيش ڪش نئي نرالي ۽ عام شاعرن کان الڳ آهي. هن جي شاعري جا لفظ عوامي نہ پر سختي سان ٻريل ۽ مضبوط آهن جن جي ذريعي هن هر برائي، ڏاڍائي ۽ بداخلاقي کي ننگو ڪري ڇڏيو آهي.

حيدر بخش جتوئي انصاف پسند ۽ اصول پرست شاعر هو. هو امن پسند هو ۽ چاهيندو هو تہ سماج ۾ امن قائم رهي ۽ امن کي ٽوڙڻ وارين

ريتون ۽ رسمون نہ هجن. هو چاهيندو هو تہ ماڻهو ماڻهو پاڻ ۾ محبت سان گڏجي رهن ۽ سنا ڪم ڪري پاڻ سنا ٿين ۽ سُنائي ڪي پکيڙڻ لاءِ سنا ڪم ڪندا رهن. هو برائين سان ڏاڍي نفرت ڪندو هو ۽ اُنهن ۾ وڪوڙيل ماڻهن کي نہ چاهيندو هو ۽ اُنهن جي ڏاڍي بُرائي ڪندو هو. جڏهن هن ڏٺو تہ معاشرو بگڙجي پيو ڏاڍا ماڻهو ڏاڍايون ڪن پيا، رشوت وڌندي رهي ٿي. ڪوڙا ملا ۽ مولوي مذهبي ڳالهين کي غلط نمونی پيش ڪن پيا ۽ ماڻهو اُنهن جي ڪري گهمراه ٿين پيا ۽ حق معاشري مان غائب ٿي رهيو آهي تہ هن پنهنجي شاعري ۾ اُنهن ڳالهين کي ڏاڍو ننديو. هن ڏٺو تہ غلط ڳالهين جي ڪري غلط ڪاريون وڌي رهيون آهن تہ هن سماج جي سڌاري لاءِ انقلابي شعر لکڻ شروع ڪيا. سُنن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن اُنهن کي پسند ڪري خوب همٿايو. هو سچائي، ايمانداري ۽ همت سان لکندو رهيو. جيئن تہ ڪوڙن بُرن ۽ تعصب پرست ماڻهن کي قابو رکجي. اُن جو مقصد هو تہ سماج مان غلط ريتون ۽ رسمون نڪري وڃن ۽ ڪوڙن ۽ ڪٽر ماڻهن کي موقعو نہ ملي تہ هو عام ماڻهن جي زندگين ۾ محبت خوشحالي ۽ برائي کي ڪو ڏڪ نہ رسائين.

حيدر بخش جتوئي سماج ۾ انصاف رکڻ لاءِ ڏاڍي جدوجهد ڪئي ۽ هڪ انقلاب پسند شاعر بڻجي سماج ۾ انصاف ۽ حق جي لاءِ گهڻو ڪجهہ لکيو. هو سچو هو ۽ سچ جي لاءِ هر قسم جي برائي، رشوت ڏاڍائي ۽ غلط ڪارين کي همت سان روڪڻ جي لاءِ لکيو. هن سختيون بہ سٺيون ۽ وڏيرن ۽ڪوڙن ملن، وڏيرن ۽ غلط ڪم ڪندڙ ڏاڍن جون ڏاڍايون بہ ڏٺيون پر هو موڙيو نہ ۽ همت سان روڪيندو رهيو ۽ ماڻهن کي همٿائيندو رهيو تہ هو غلط ڪم نہ ڪن، وڏيرن اڳيان وڪجي نہ وڃن ۽ ڪوڙن کي سڃاڻن ۽ ان جي زير اثر رهڻ کان بچن. هن ماڻهن کي سيکاريو تہ خدا سڀني ماڻهن جو پيدا ڪندڙ آهي. اُهي پاڻ ۾ برابر آهن ۽ ڪو بہ ننڍو وڏو ناهي. ملا ۽ وڏيرا انهن ڳالهين جي ڪري اُن کي ڏاڍو تنگ ڪرڻ لڳا، هن کي انصاف کان پري رهڻ جا جدا جدا طريقا استعمال ڪرڻ لڳا. حيدر بخش جتوئي جي زندگي ڏاڍي ڏکي ٿي وئي ۽ سرڪاري نوڪري جي دوران هن کي انصاف نہ ڪرڻ

لاءِ هن کي لوڀ ۽ لالچ ۽ دٻاءُ ۽ ڏڙڪن جي ذريعي پريشان ڪيو پر مجاهد ۽ دلير شاعر تي اُنهن ڳالهين جو ڪو به اثر نه ٿيو ۽ هن هڪ لاجواب سنڌي نظم لکي جنهن ۾ هن الله جي حڪمن کي غلط نموني ۾ پيش ڪرڻ وارن ڪوڙن ماڻهن کي هن سختي سان ڌڪاريو آهي ۽ ماڻهن کي خبردار ڪيو آهي ته هو اُنهن غلط حرڪتن کان پري رهن. هو هر وقت سچا رهن ۽ سچائي جي اصولن کي قبول ڪن ۽ ڪوڙن ماڻهن کي سمجهن ۽ معاشري ۾ نابرابري ٿيڻ نه ڏين. هو چوندو هو ته قدرت سچي آهي ۽ قدرت جا قانون سچا آهن ۽ ڪو به انهن کي بدلائي سماج کي ٽوڙي نٿو سگهي. صرف قدرت قانون سچا آهن ۽ اُنهن تي هلڻ لازمي آهي، جيئن ته پيار رهي برابري رهي ۽ امن رهي.

حيدر بخش جتوئي هارين ۽ نارين جو وڏو ساٿي هو. هن هاري ڪاميٽي ۾ شموليت حاصل ڪري، وڏو رتبو حاصل ڪيو. هن هارين جي ڏکن، سورن کي سمجهيو ۽ اُنهن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. جلد ئي ڪي هارين جي ڀلائي وارا قائدا قانون ٺهيا. جن جي ذريعي اُنهن جي ڏکن ۽ مصيبتن کي دور ڪرڻ جا موڪليا مليا هاري خوش ٿيا ۽ اُنهن جي تحريڪ به ڏاڍي مضبوط ٿي. حيدر بخش جتوئي رشوتي لالچي ۽ ٺڳ، وڏيرن جي ڏاڍاين کي ڏاڍو ڌڪارو ٿيو. پر هن هار نه مڃي. اُنهن جي حقن جي لاءِ ڏر ڏر ڀوڙندو رهيو ۽ ان تي سختيون ٿينديون رهيون پر هڪ دلير ۽ انصاف پسند اڳواڻ پاڻ کي مصيبت ۾ وجهي رشوتي ججن ۽ اُنهن جي فيصلن کي ڪو نه مڃيو.

اهڙن حالتن جي ڪري سڄي معاشري ۾ ڏڦيڙ پکڙجي ويو. نفرتون وڌي ويون ۽ قاعدي قانون تي اعتبار به گهٽجي ويو. ڪوڙا سياستدان ۽ سرڪاري ڪارندا ميدان ۾ لهي آيا ۽ ون يونٽ جهڙو برو قانون ناهي ملڪ کي ڏاڍو نقصان پهچايو ويو. صوبا ختم ٿي ويا هئا. انصاف ختم ٿي ويو ۽ نفرت ۽ بدانتظامي جو نظام قائم ٿي ويو. ماڻهن جو اتحاد ٽٽي ويو ۽ ملڪ جي سلامتي پڻ خطري ۾ اچي وئي. حيدر بخش جتوئي هاري ڪانفرنس سان گڏ ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ ميدان ۾ اچي ويو. سنڌ جي صلح پسند اڳواڻن هن جو

ساٺ ڏنو هن ون يونٽ جي دور ۾ ٿيندڙ غير اخلاقي ۽ غير سياسي براين کي پنهنجن ڪتابن ۾ بيان ڪري عام سنڌين کي خوش ڪيو حيدربخش جتوئي ۽ اُن جي ساٿين تي سختيون ٿيون. اُنهن کي ڌڙڪا مليا ۽ اُنهن کي قيد بہ ڪيو ويو. سنڌ جي انصاف پسند ججن ماڻهن ۽ شاگرد تنظيمن جي مسلسل گڏجاڻين ۽ ڪوشش سان ون يونٽ ٽٽو ۽ مظلومن کي انصاف مليو. سنڌ وري بہ الڳ صوبو بڻجي ويو. انهي دور ۾ سنڌ جو بابا سائين شاعر حيدر بخش جتوئي هن فاني جهان کي ڇڏي ويو. اچو تہ حيدربخش جتوئي جي شاعري جو جائزو وٺي هن کي سوچون سمجهون ۽ عمل ڪري سنڌ ۾ امن کي قائم ڪري سنڌ کي جنت بنايون.

تو مرد ٿئي ڪجھ تفنگ تير سهي،
سهي ڪري سور کي راز ٿو سرير سهي.

*_*_*

قوم ساري ٿي هينئر ڳائي ترانو تنهنجو.
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

*_*_*

اي امريڪي ائٽم جام لعنت توتي صبح ۽ شام،
تو برپا ڪيو قتل عام! توڪان ٿيو انسان بدنام.

*_*_*

سلامت سدين سان سنڌ پياري!
سلامت راحت جان، سنڌ پياري!
سدا خوش حال، خندان سنڌ پياري،
سدا سرسبز شادان، سنڌ پياري،
تون پنهنجي جند ۽ جان، سنڌ پياري،
ٿيون قربان تو تان، سنڌ پياري،

*_*_*

وڏيرا چون ٿا، وڏا جان آهيون،
تمندار سردار سلطان آهيون،

ضعيفن جي لئہ قهر يزدان آهيون،
۽ ڏاڍن جا نوڪر ۽ دربان آهيون.
حريت جي جذبي کان بيجان آهيون،
اجا ٻيي چون ٿا، تہ انسان آهيون.

*_*_*

آدمي قدرت جو سو حصو ٿيو،
جنهن جو قدرت ساڻ ڪجهہ جهيڳڙو ٿيو،
پنهنجي جُرئت ساڻ ڪم سولو ٿيو،
پنهنجي پورهئي ساڻ هو پختو ٿيو.
ڪينو فتنو ٿئي برباد،
قرب محنت زنده آباد.

*_*_*

پنهنجو آهي هي پيغام،
جيئي سنڌ جيئي سنڌ.

*_*_*

موت نہ توکي ماري سگهيو!
وقت نہ توکي ڳاري سگهيو!
سنڌ نہ توکي وساري سگهيو!
جان کان برتر هوش محمد،
سنڌ جو دلبر هوش محمد.

*_*_*

پريو پل خانن کي! ڪيو قابو جوانن کي،
مرايو مهربانن کي نهوڙيو نڪتہ دانن کي،
اجهايو شعدانن کي ڇڏيو ڪاٽي زبانن کي،
پڙهو قومي ترانن کي تہ پاڪستان زنده آباد.

## حيدر بخش جتوئي جي شاعري جو پيغام:

حيدر بخش جتوئي جو فڪر ۽ اُن جي شاعري نيون ۽ نراليون آهن.

هن جي شاعري سنڌ جي مسڪينن ۽ مظلومن جي لاءِ آهي. هن پنهنجي هڪ ڪتاب شڪوه ۾”تحفه سنڌ“ ۾ ڏتڙيل عوام جو ذڪر ڪري پاڻ کي انصاف پسند شاعر ثابت ڪيو آهي. هن سنڌ جي مسڪينن ۽ مظلومن لاءِ گهڻو ئي ڪم ڪيو. اُنهن جي ڏکن سکن جو ذڪر ڪري اُنهن کي قابلِ عزت بنائڻ جي جدوجهد ڪئي آهي. هو پنهنجن شعرن ۾ توڙي جلسن ۾ اُنهن جي ڪمن کي ساراهي اُنهن کي قابل قدر ماڻهو بنائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو هو. اُن ڪري هن جي مقبوليت وڌندي رهندي.

حيدربخش جتوئي، سن 1901ع ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم هن پنهنجي ڳوٺ بکو ديري مان پرائي. اُتي جي سماجي ۽ معاشي حالتن کان هو ڏاڍو متاثر ٿيو. هن تي تقريبن چئن قسمن جي ماحول سان واسطو پيو آهي. لاڙڪاڻي ضلع جي مشهور سرسبز ۽ جهولنڌڙ ٻنيون ۽ پوکون آهن. اُتي جي وهندڙ پاڻي بہ ان تي وڏو اثر ڪيو پر غريب هارين جي حالتن بہ هن تي اثر وڌو جيڪو آخري گهڙي تائين قائم رهيو. جيڪو هن جي شاعري ۾ هر هنڌ موجود آهي. ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ اُتي جي زندگي رنگين ماحول کي ڏسي هن جي دل تان ٻهراڙي وارا نظريا نہ مٽيا ۽ اُنهن جي ياد هن کي ستائيندي رهي تہ هو مظلوم ماڻهن کي جاڳائي ۽ اُنهن جي حالتن کي بدلائي. ڪراچي ۾ رهندي بہ قنبر کي ياد ڪري ٿو.

سُڳداسي سنڌي سهڻا، چاندي مثل ٿا چلڪن،
هيڪار ۾ مُطر، ڪن ٿا قنبر،
منڙيون پيڻ جون ڏوڏيون، ٻهہ بشيار آهن،
ڪائن وڏا ننڍا ٿا، سڀ عام جام قنبر!

هو قنبر جي ماڻهن جي واکاڻ هيئن ٿو ڪري تہ:

کهڙا نمڪ پريا هن، قنبر جا آدمي سڀ،
پاڻي نمڪ پريو ٿا، پيئن مدام قنبر،
پائن سفيد ڪپڙا، چهرا هميش چهرا،
کهڙو ڪلر جو آهي، تاثير تام قنبر.

حيدر بخش جتوئي سنڌ سان ۽ سنڌ جي ماڻهن سان ڏاڍي محبت ڪندو هو. ڪراچي ۾ رهندي هن ادبي ۽ سياسي ڪتاب نظر مان ڪڍيا.

هندستان مان ايندڙ ماڻهن ۾ سياسي اڳواڻن جي خيالن جو به هن تي اثر پيو. هن جي شاعري ۾ سوز ۽ عشق نالي ماتر به موجود نه آهي. هن جي شاعري عام سنڌي مسڪينن ۽ مظلومن جي شاعري آهي. جنهن ۾ هاري، هر، ڏاند ۽ ڪوڏر جهڙا لفظ نظر اچن ٿا. هن جي هي شعر پڙهي ان جي فڪر کي سمجهي سگهجي ٿو.

يلي آئين، جي آئين، درياءُ شاهه،
تي ”راوي“ اچي تنهنجي ديدار تي،
۽ ”ستلج“ ۽ ”جهلم“ نمسڪار تي،
ٿين مست ٿيون تنهنجي للڪار تي،
ٿين توتي قربان، فتنا پنهنجي ڪن جان،
ڏين پاڻ پنهنجو لهن وصل تنهنجو
يلي آئين جي آئين دريا شاهه.

هن ۾ حيدر بخش درياء شاهه جي واکڻ ڪري پاڻ کي به خوب مشهور ڪيو آهي. هن جي نظم ڏاڍي مشهور ۽ انمول آهي. 1927ع ۾ هن بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوءِ سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو ۽ مختيارڪار طور ڪم ڪندو رهيو هن ايمانداري ۽ هوشياري سان ڪم ڪري ڏاڍي عزت پاتي. هو رشوت خورن جي خلاف هو ۽ سرڪاري نوڪري ڪندي هن نه ڪنهن جي سفارش قبول ڪئي ۽ نه وري رشوت ورتائين. هن پنهنجي شاعري جي ڪتابن جهڙوڪ ”تحفه سنڌ“ ۽ ”شڪوه“ لکي سنڌي معاشري ۾ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ ماڻهن جي الزام تراشي به هن کي اصول پرستي کان روڪي نه سگهي. هو حق پرست هو ۽ حق کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو. سن 1943ع ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏي ملڪي خدمت ۾ لڳي ويو ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ڪافي سختيون ڏٺائين پر سچ چوڻ کان نه ڪيٻايائين. 1947ع ۾ جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو ته حيدر بخش ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪ نظم چيائين

سوز ۾ جان سڙي خاڪ ٿي، ڇاڇا نڪتا،
”حيدر“ اکين مان سنڌ ۽ باهه جا شعلا نڪتا،

**ذري ذري مان اُهي خاڪ مان واڪا نڪتا،**
**ديس جا جيڪي بہ دشمن هئا، نڪتار نڪتا.**

آزادي کان پوءِ هن هارين نارين جي مسئلن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن هاري کي خوب ساراهيو ۽ همٿايو.

**تنهنجي محنت ٿي ڪري ڪٽڪ ۾ جوئر پيدا،**
**ڏوڙ مٽي منجهان موتي ۽ جواهر پيدا،**
**باغ باغات گلستان معطر پيدا،**
**آهي ڇا ڇا نہ ڪيو ڏاٽي ۽ ڪوڏر پيدا،**
**هي جهان آهہ ڪرامت ۽ فسانو تنهنجو،**
**اُٿ اي هاري، اجهو آيو زمانو تنهنجو.**

هن ٻئي ڪلام ۾ هارين جي ڏاڍي واڪاڻ ڪئي آهي.

**سنڌ جا ساهہ ۽ سردار ۽ دلبر هاري،**
**قوم جا هار ۽ سينگار ۽ زيور هاري،**
**تنهنجي احسان جي هيٺ آهہ بشير هر هاري،**
**ٿيا زمانو ۽ زمين تنهنجي ثناگر هاري،**
**قوم ساري ٿي ڳائي هينئر ترانو تنهنجو،**
**اُٿ اي هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.**

حيدر بخش جتوئي جو پيغام آهي تہ هاري جيڪو سڀني جو يار ۽ مددگار آهي، اُن کي جاڳي عوام جي خدمت ڪرڻ لازمي آهي، هو اُتي هر هلائي پيداوار حاصل ڪري ۽ ملڪ جي ماڻهن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ محنت ڪري.

## حيدر بخش جتوئي جي شاعري جون خصوصيتون:

حيدر بخش جتوئي سنڌ جو هڪ وڏو مجاهد شاعر هو. اُن جي شاعري مجاهدن واري شاعري آهي. جنهن ۾ هر ظلم ۽ ڏاڍائي کي چڱي طرح بيان ڪيو ويو آهي. هو انصاف پسند هو ۽ ان جي شاعري ۾ ڪٿي بہ ناانصافي ناهي.

هن جي شاعري حق جي شاعري آهي، سچ جي شاعري آهي ۽ انصاف پسندي جي شاعري آهي. هو زندگي ۾ ڪڏهن بہ ناانصافي نہ ڪندو هو ۽

ڪنهن کي ٻـ ڪرڻ نـ ڏيندو هو. اُن هڪ سچي مجسٽريٽ جيان ڪم ڪيو ۽ ڪنهن کي ٻـ همت نـ هئي تـ هو ان کي ناپسندي وغيره جي اصولن کان پري ڪري سگهي. هو سچو انسان هو ۽ انصاف کي هر حالت ۾ قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهندو هو.

هي امن پسند هو ۽ چاهيندو هو تـ امن هر حالت ۾ قائم رهي، هو پنهنجي زندگي ۾ وڏيرن ۽ ڏاڍن جي خلاف هوندو هو. ظلم ۽ ڏاڍائي هن جا دشمن هئا. ظالم ۽ ڏاڍا هن کان ڊڄندا ها. هو ڪنهن بـ حال ۾ ڏاڍن جو ساٿ نـ ڏيندو هو ۽ اُنهن جي طرفان ٿيندڙ براين ۽ ڏاڍان کي نـ صرف ناپسند ڪندو هو پر انهن کي پنهنجي شاعري ۾ نفرت جي نگاهن سان ڏسندو هو. هو اُنهن جي بُراين کي نفرت سان ڏسندو هو. هو هڪ بهادرن انسان هو ۽ ڪنهن کان بـ ڪو نـ ڊڄندو هو.

هو هڪ سچو ۽ حق پرست انسان هو. ان جي شاعري ۾ هر هنڌ ڪوڙ، ٺڳي ۽ نفرت جي خلاف ۽ سچ چوڻ تي خوش ٿيندو هو. دٻاءُ وغيره سهي بـ ڪوڙ نـ ڳالهائيندو هو. ۽ ڪوڙن جي سازش ۽ غلط ڳالهين کي مڙسي سان ۽ جرئت سان ڏسندو هو ۽ اُنهن جي غلطي عوام اڳيان آڻيندو هو. عام ماڻهن هن جي جرئت کي سارهائيندا هئا.

هو هارين نارين مسڪينن ۽ مظلومن جو طرف دار هو. همت ۽ جرئت سان اُنهن جو بچاءُ ڪندو رهندو هو. ڪوڙا مُلا، مولوي ۽ وڏيرا هن کي مجبور ڪرڻ لاءِ تـ هو اُنهن جو ساٿ نـ ڏئي. پر هو اُنهن جي نـ ٻڌندو هو. هو هر هنڌ اُنهن جي خلاف رهندا ۽ ڏاڍائين کي ختم نـ ٿيڻ ڏيندا هئا. جتوئي صاحب ڏاڍو مضبوط ارادن وارو ماڻهو هو ۽ هارين نارين ۽ مظلومن کي نـ صرف بچائيندو هو پر کين همٿائيندو هو تـ هو حق تـ هلن ۽ پاڻ ۾ مِٽ ۽ محبت سان رهن ۽ غلط ڪم نـ ڪن.

حيدر بخش جتوئي معاشري کي سڌارڻ لاءِ همت جو قائل هو. هو چاهيندو هو تـ هر ڪو ماڻهو پنهنجو ڪم ڪار باقائدگي سان ڪري ۽ سستي ۽ ڪاهلي کان بچندو رهي. هو اجاين ۽ ڪوڙين ڳالهين کان پري رهن. هو اهڙا ڪم نـ ڪن جن جي ڪرڻ سان اُهي مايوس ۽ ڊڄڻا بڻجي وڃن. هو

ڪيس ٻڌائيندو هو تہ معاشري ۾ ڪي خرابيون ضرور آهن ۽ ڪي غير قانوني رسمون، ريتون ۽ رواج موجود آهن ۽ اُنهن کي گهرجي تہ هو اُنهي کي سمجهن ۽ اُنهن کان پري رهن جيڪڏهن اُهي ائين ڪندا تہ هو جرئتمند ٿي هر طرح سان خوش رهندا. هو سچا انسان آهن ۽ هو پاڻ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙين ريتن ۽ رسمن ۽ رواجن کي قبول نہ ڪن تہ اسان جو معاشرو سنئو رهندو. اسان جي زندگي خوشحال ٿيندي ۽ اسان حق پرست ٿي هر برائي کي ختم ڪري ڇڏينداسين.

حيدر بخش جتوئي سچو هو ۽ سچائي تہ مضبوطي سان رهندو هو. هن کي سچائي کان هٽائڻ لاءِ ڏڙڪا ڏاڍا ملندا هئا، هن تي الزام بہ لڳندا هئا. پر هو مجاهد شاعر اُنهن کان ڊڄي ڪري پنهنجي سچائي تي ڪو بہ حرف اچڻ نہ ڏيندو هو. هن دور جا ماڻهو بہ اُن جي سچائي اصول پرستي ۽ اخلاقي جرئت جو ذڪر ڪندا رهن ٿا.

## حيدر بخش جتوئي هڪ انقلابي شاعر:

حيدر بخش جتوئي هڪ انقلابي شاعر ۽ محنتي انسان هو. اُن جي انقلابي شخصيت ۽ تاريخ ساز ڪارناما وڏا مشهور ۽ همٿائيندڙ آهن. هن دور ۾ هن جا علمي ۽ عملي ڪارناما جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ بي مُلھ آهن. اُنهن جي ڪري هن ڪيترين ئي تحريڪن ۾ حصو ورتو ۽ مقبول رهيو.

هن بنا هٿيارن ۽ لڙائن جي ذريعي ڏکين حالتن ۾ سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ شاعري کي ڏاڍو زور وٺايو اُنهي ڪري سنڌ قائم ۽ دائم آهي ۽ پنهنجي رسمن ۽ رواجن کي مضبوط بڻايو. حيدر بخش جي عظمت دريا خان ۽ دودي کان گهٽ نہ آهي. هن پنهنجي علم ۽ همت جي ذريعي اهڙا تہ علمي ۽ ادبي ڪارناما سر انجام ڏنا تہ سنڌي قوم سجاڳ ٿي نہ صرف پاڻ کي مضبوط بڻايو پر سنڌ جي شهرت کي بلندين تائين پهچايو هو باشعور ۽ جدوجهد ڪندڙ انسان هو. هن وڏيون ڪوششون ڪري تعليم حاصل ڪئي. هو نيڪ امن پسند ۽ جرئت مند انسان هن. اُن کي سماجي بُراين ۽ ملڪي ڇڪتاڻ هڪ جي باوجود جان جي پرواهہ نہ ڪندي ماڻهن جي خدمت

ڪئي ۽ ڏاڍائي ۽ ڏاڍن سان وڙهيو ۽ اُنهن کي ماڻهن جي اڳيان للڪاريو. حيدر بخش جتوئي ذهانت ۽ همت جي ڪري هميشه هڪ تاريخ ساز هستي طور مشهور آهي. اُن جا ڪارناما ذهين انسانن وانگر سماج ۾ مشهور آهن ۽ اُنهن تي جدوجهد سان اڄ به عمل ڪري وڏن جوڏن ۽ انقلابي اديبن جيان سماج ۾ وڏو انقلاب آڻي سگهجي ٿو. حيدر بخش جتوئي قديم ۽ جديد علم ۽ جرئت جو مالڪ هو.

حيدر بخش جتوئي شاعرانه دل ۽ دماغ وارو حساس ۽ سڀاجهو انسان هو. بلند شخصيت جو مالڪ هو ۽ پنهنجي تاريخ ساز ۽ انقلابي شاعري جي ڪري واقعي هڪ وڏو انقلاب آڻڻ جي سچين ڪوشش جي ڪري سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. هو حوصلي مند ۽ جرئت مند هو ۽ ڪنهن کان به ڊڄڻ وارو نه هو. هو اصول پرست هو. ايماندار هو ۽ جدوجهد ڪندڙ انسان هو. ذاتي شهرت جي خلاف هو ۽ ان نٿي چاهيو ته هو ذاتي ملڪيت گڏ ڪري پاڻ کي وڏو ڪري. هن ايمانداري جدوجهد ۽ سماجي برائين کي ختم ڪري پاڻ کي عوام ۾ ڏاڍو مقبول بڻايو.

هو درويش صفت ماڻهو هو. سادگي واري زندگي گذاريندو هو ۽ حيدر بخش جتوئي نٽ ٺانگر کان پري رهيو ۽ آڪڙ ساڪڙ وارو نه هو. هو هر ڪنهن سان عزت ۽ مان سان ملندو هو ۽ هيٺن جو يار مددگار هو. ڪوڙا مُلا ۽ مولوي هن کان ڊڄندا هئا. ڇو ته هو پنهنجي شاعري ۾ اُنهن جي غلط ڪمن ڪارين کي ڏاڍو ڏڪاريندو هو. اُهي لطيف سائين جي نظر ۾ ڪنا ۽ ڪميڻا هئا، لطيف اُنهن ماڻهن جو ڪردار هن بيت ۾ هيئن چيو آهي ته:

**ان پر نه ايمان، جيئن ڪلمه گو ڪوٺائين،**
**دعا تنهنجي دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،**
**منهن ۾ مسلمان، اندر آذرو آهين.**

ڪوڙن ماڻهن حيدر بخش جتوئي کي ڏاڍيون تڪليفون پهچايون. اُن جي شاعري تي چوٽون ڪيون ۽ اُن کي ڪافر به سڏيو حيدر بخش اُنهن جي ڏاڍاين ۽ بُرن خيالن کي هڪ لاجواب ۽ انقلابي شاعري جي ڪتاب شڪوه ۾ اعلامه اقبال وانگر خوب ننديو ۽ للڪاريو آهي. اُن چيو آهي ته انسان

هڪ مثالي هستي آهي هو سچو آهي ۽ سچن اصولن جي لاءِ پنهنجي جان جي قرباني ڏئي ڇڏيندو آهي. هو سچن مذهبي ريتن ۽ رسمن تي هلي هڪ سچي مسلمان وانگر عدل ۽ انصاف موجب زندگي گذارڻ جي لاءِ جدوجهد ڪندو رهندو آهي. هن جي ڳالهين کي ڪوڙن ماڻهن ۽ ڪوڙن وڏيرن وڏي تحريڪ هلائي ۽ هن کي مسلمان سمجهڻ کان به انڪار ڪيو. هن کي هر هنڌ بدنام ڪيو ويو ۽ ان تي عجيب عجيب الزام لڳايا ويا. هو خاموش ته ٿيو پر پنهنجي شاعري ۽ عملن جي ذريعي اهو ٻڌايو ته بنا هن جي ڪلام پڙهڻ جي ڪري هو. اهڙيون احمقانه حرڪتون ڪري رهيا آهن ۽ سچ کي ڪوڙ بنائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن جڏهن هو هن جي ڪلام کي پڙهندا ته اُنهن جي دماغن ۾ صحيح سوچ پيدا ٿيندي ۽ هو ڄاڻي سگهندو ته هي سچي ڪائنات الله جي طرفان خلقيل آهي ۽ ان جي اصولن تي عمل ڪرڻ ايمان آهي.

پوءِ هو پنهنجن غلط طور ۽ طريقن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ پنهنجا ڪوڙا قائدا ۽ قانون ناهي نفرت، حسد ۽ تعصب کان توبع تائب ٿيندا. سچ پچ حيدر بخش نه ڪوڙو آهي نه ڪافر آهي ۽ نه ئي ويڙهاڪ، هو سچو مسلمان آهي ۽ سچن مسلماني اصولن تي عمل ڪندڙ ماڻهو سنا ۽ سچا آهن ۽ الله سائين اُنهن جي ڪمن ڪارين کي پسند ڪندو.

## حيدر بخش جتوئي جون ادبي خدمتون:

حيدر بخش جتوئي هڪ قابل عزت شخصيت هئي. جنهن پنهنجي علم ۽ عمل جي ذريعي سنڌ ۾ ڪيئي نوان نوان ادبي ڪارناما سرانجام ڏيئي سنڌي علم ۽ ادب کي وڌايو. هن بي ڊپي شاعر سنڌي شاعري ۾ نوان نوان مضمون آڻي وڏو انقلاب آندو جنهن سنڌ جي ماڻهن جي خراب حالتن کي سڌاري سنڌي ماڻهن جي عظمت کي وڌايو. هن کان اڳ ۾ سنڌي ادب ۽ شعر جي حالت هڪ جهڙي هئي. جنهن ۾ نه ڪا نواڻ هئي نه وري ڪو جرئت ڀريو پيغام هو. سيئي ساڳيون ساڳيون ڳالهيون ڇئي ادب ۽ شاعري جي لاءِ رڪاوٽ بڻجي ويا. اهڙيون حالتون حيدر بخش جتوئي جهڙي مجاهد

شاعر ۽ باشعور انسان جي لاءِ قابل ۽ قبول ڪو نہ هونديون. هن همت، بي ڊپائي، جرئت ۽ ذهني جدوجهد سان اهڙي رُڪاوٽي حالتن تي قابو پاتو ۽ سنڌ ۾ ۽ انقلابي شاعري جي شروعات ڪئي.

حيدربخش جتوئي پنهنجي ڄاڻ ۽ مطالعي سان شعر ۾ نواڻ آڻي سنڌ ۾ بيداري پيدا ڪئي ۽ سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي لاءِ هڪ نئي راهہ گهڙي، هن خوشحالي، شاعري کي بند ڪرڻ لاءِ ڏاڍي جدوجهد ڪئي ۽ نقل پرست ۽ بي همت شاعرن کي شعور ڏيڻ جي لاءِ انقلابي قدم کنيو. هن پنهنجي شاعري ۾ اهڙن جي عمل کي روڪڻ جي جرئت ڪئي. هن هارين نارين جي ڀلائي لاءِ ناحق، وڏيرن ۽ رشوتي آفيسرن جي خلاف لکيو. اُنهي ڪري علائقي ۾ حالتون بدلجڻ لڳيون عام ماڻهن کي خبر پوندي رهي تہ اهڙا ماڻهو ڪوڙا آهن، بزدل آهن، بي دل آهن ۽ ڪمزور ۽ هيڻن جا دشمن آهن. هو چاهين ٿا تہ غريب ۽ مسڪين اُنهي جا ٻانها ٿي رهن ۽ بنا پئسن جي اُنهن جي نوڪري ڪندا رهن. حيدر بخش جتوئي اهڙن ماڻهن جي خلاف هڪ وڏي تحريڪ آهي.مضبوط دل وارا ماڻهو ۽ پنهنجي ٻڌي ۽ جدوجهد جي ذريعي اُنهن جي خلاف آواز اٿارڻ لڳا ۽ اُنهن کي بدنام ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳا ۽ حيدر بخش جتوئي جي اڳواڻي هيٺ جلسا جلوس بہ ڪرڻ لڳا. هن همت ۽ جرئت سان اهڙين ملڪ دشمن، وڏيرن، جاگيردارن ۽ رشوتي سرڪاري نوڪري ڪندڙ ماڻهن جي زندگي کي پريشانين سان ڀري ڇڏيو. غريب ۽ مسڪين ماڻهو جيڪي ڪمزور هئا پر ڪائر نہ هئا. ٻانها ٿي رهڻ لاءِ ڪوڙن ۽ بزدل مُلن، مولوين ۽ وڏيرن جي خلاف لکي اُن کي ڏاڍو متاثر ۽ بدنام ڪيو. عام ماڻهن جي همت وڌي ۽ معاشري ۾ ڪوڙن جي لاءِ نفرت بہ وڌن. بيوس ۽ مظلوم ماڻهو جرئت مند ٿي ميدان عمل ۾ اچي ويا. حيدر بخش جتوئي جيڪو هڪ وڏو ۽ جرئت مند شاعر هو. تنهن اُنهن حالتن ۾ اهڙي تہ شاعري ڪئي جو سڄي علائقي ۾ انقلابي حالتون پيدا ٿيڻ لڳيون. هارين نارين جا حوصلا وڌي ويا. هر هنڌ ڪوڙن مُلن ۽ وڏيرن جي خلاف جلسا ٿيڻ لڳا

**قدرت جا عجيب رنگ اکيون کولي ڏسو**

**الله کي انڊا ٿي مگر ڳولي ڏسو**

**الله ڏسو کھڙو آ قدرت جي خلاف،**
**دنيا کي انھي رولي وڏو ٻولي ڏسو.**

حيدر بخش جتوئي هاري گيت جوڙي ادب ۾ وڏي نواڻ آندي. هن هارين جي خراب حالتن کي عوام اڳيان پڌرو ڪري اُنهن جي اهميت کي اجاگر ڪيو. هاري به سجاڳ ٿي ويا اُنهن محنت ڪري زمينن مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اُنهن جو مان وڌيو ۽ سماج ۾ اُنهن جي عزت ٿيڻ لڳي. ماڻهن اُنهن کي ساراهڻ شروع ڪيو ۽ اُنهن جي مسئلن کي سمجهي عوام ۾ سڌارا آڻن لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳا. حيدر بخش جتوئي جيڪو هارين جو يار مددگار هو. تنهن هارين جي لاءِ خوب لکيو ۽ اُنهن جي محنت ۽ جرئت جي ساراهه ڪري اُنهن جي عظمت کي وڌايو. هن هاري گيت ۾ هارين جي محنت، مشڪت ۽ خدمتن جي واکاڻ ڪئي.

**هاري تنهنجو هي نظام اشرف ۽ آباد رهي،**
**جو به بيڪار آ بدڪار آبرباد رهي،**
**جو به مزدور آ هاري آ سدا شاد رهي،**
**ديس سرسبز رهي زنده ۽ آزاد رهي.**

هاري ۽ ناري محنتي آهن ۽ پنهنجي ۽ عوام جي خدمت ڪري سماج ۾ سڌارا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. عظيم آهن ۽ محنت ڪري سڄي معاشري کي خوشحال بنائڻ وارا آهن. اُنهن جي عظمت کي سلام:

**هاڻي محنت کي مليو درجو عبادت جو آهه**
**هاڻي محنت ئي ٻيو نالو ڪرامت جو آهه**
**پورهيو اڳ وانگي نه اڄ بوج مصيبت جو آهه**
**پورهيو اڄ باعث فرحت ۽ مزو فطرت جو آهه.**

حيدر بخش جتوئي سنڌ جي ۽ ثقافت جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي آهي. سنڌ اُن جي ماءُ آهي ۽ سنڌي هن جا ڀائر ۽ يار آهن. سنڌ جي هر شيءِ واکاڻ جوڳي آهي. حيدر بخش جتوئي سنڌ جي ثقافت جي شين کي هڪ نئين انداز ۾ پيش ڪري جڻ ادب ۾ هڪ نئين روايت جو اضافو ڪيو آهي. هن

سنڌو درياء کي بي پناهه عظمت بخشي هڪ لاجواب نظم جوڙيو آهي. جيڪو قيامت تائين ڳايو ويندو ۽ حيدر بخش جو شان وڌندو رهندو.

**سنڌ پاڙ ساري جهان جو آ تخت،**
**جتي مينهن موتين سندو آهه سخت،**
**وهي ٿو هتان هر هميشه جو بخت،**
**هي دنيا ۾ آهي وهشتي درخت،**
**جوڳا هي لهي ٿو، ڪٿي پيو رهي ٿو**
**فرنگي ۽ هنڌي، جپاني ۽ سنڌي!**
**منجهان اهڙن سندر سخي بارگاهه،**
**پلي آئين جي آئين درياهه شاهه.**

اهڙي امر نظم جو هي ٻئي مصرع به ڏسو:

**پلا پيڙي تنهنجي ڇهٽي آسمان،**
**چڙهڻ مٿس حيدر مثل آس مان،**
**هي سچ نوح جي ڪشتي جي آسمان!**
**پلا اوج تنهنجي! پلا موج تنهنجي،**
**عجب تنهنجون ڇوليون! ڏين وهه جو لوليون،**
**هي لوليون ٿيون ٻوليون ڪري نئين ساهه!**
**پلي آئين جي آئين درياهه شاهه.**

ڪوڙن ماڻهن سرڪاري حڪمت کي غير مذهبي نموني لکيو آهي ۽ ماڻهن کي گهمراء ڪري ڇڏيو. انهي ڪري هو صحيح شيءِ سمجهي نه سگهيا، صحيح کي غلط سمجهڻ لڳا، سچ کي ڪوڙ سمجهڻ لڳا ۽ ماڻهن کي الله ۽ هن جي حڪمت کي سمجهڻ کان قاصر رهيا. ائين هر هنڌ فطنو ڇانئجي ويو. ماڻهن ۾ ڏقيڙ پيدا ٿي ويو ۽ هو بيوڪوفين واريون حرڪتون ڪرڻ لڳا. ڪوڙن ماڻهن جي اهڙن حرڪتن حيدر بخش جتوئي کي ڏاڍو ڏکايو ۽ اُنهن کي نئين طرز ۾ شڪوه ۾ پيش ڪيو آهي.

حيدر بخش جتوئي اُنهن جي ڪوڙن حرڪتن کي ائين پيش ڪيو آهي.

**مون کي افسوس ٿو الله جي حالت تي اچي،**

**مون کي حيراني ٿي انسان جي حماقت تي اچي،**
**مون کي کل ٿي ڪٽي حڪمت جي جهالت تي اچي،**
**مون کي شرم گهڻو منهنجي حماقت تي اچي،**
**مون کي ٿو خوف ۾ ماري هي نزاڪت منهنجي،**
**ليڪ تنقيد ٿي آهي رهي عادت منهنجي.**

هن شعر ۾ حيدربخش جتوئي سچ پچ الله جي عظمت کي نہ للڪاريو آهي پر ڪوڙن ماڻهن جي طرفان پيش ڪيل ڪوڙن ڳالهين کي ماڻهن اڳيان پيش ڪيو آهي. شڪوه جي ڪري حيدربخش جتوئي جي ڏاڍي بيعزتي ٿيندي هئي ۽ ڪوڙن ماڻهن ان کي ننديو آهي ان جي گلا ڪئي آهي. هن کي مسلماني جي درجي مان بہ ڪڍي ڇڏيو آهي. حقيقت اُها آهي تہ ڪوڙن ماڻهن الله ۽ اُن جي اصولن کي غلط نموني ۾ پيش ڪري ماڻهن کي ايڏو تہ گهمراه ڪيو جو اُنهن پنهنجي ڪوڙ کي سچ سمجهيو ۽ حيدر بخش جتوئي طرفان بيان ڪيل سچ کي ڪوڙ سمجهي ان کي خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

حيدر بخش جتوئي مسلمان آهي ۽ سچو آهي ۽ اُن تي الزام هڻي اُن کي بدنام ڪيو ويو آهي. حيدربخش جتوئي چوي ٿو تہ هن نظم کي هوشياري سان پڙهڻ ۽ ڪوڙن ماڻهن جي الله ۽ ان جي قائدن کي غلط نموني پيش ڪري وڏو گناهہ ڪيو آهي. جيڪڏهن انهي نظم کي خيال سان پڙهبو تہ سچ هي آهي تہ قائم ۽ دائم آهي اُن جا اصول سچا آهن ۽ اُنهن کي ڪوڙي نموني پيش ڪري ڪوڙا مُلا ۽ مولوي جاڻ خوار ٿي جڳ جي سامهون اچي رهيا آهن.

حيدر بخش جتوئي هڪ وڏو انقلابي شاعر هو هن پراڻين صنفن ۾ انقلابي رنگ ڀري ڪمال ڪيو آهي ۽ جڻ ڪي نيون صنفون خلقيون آهن، هي هڪ غزل آهي پر اُنهن جو مواد نئون ۽ نرالو آهي.

**ملو سڙي ٿو بزم اسان جي ڏسي ڏسي،**
**سيني سندس ۾ ڪيني جي آتش ڀري ڀري،**

هن نظم جي مصرع نئي نرالي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ آهي.

**هر ڪنهن کي هلڻو آهي هي فاني وطن ڇڏي،**

پيارا عزيز دوست ۽ گلشن چمن ڇڏي
هن تخت زمين کي هزارين وچن ڇڏي
هو ڪو وڃائي وارو وڃي انجمن ڇڏي

حيدر بخش جتوئي سنڌي شاعري ۾ نوان ۽ نرالا موضوع آڻي نيون ۽ نراليون صنفون پيدا ڪري جهونن صنفن ۾ نئون رنگ ۽ انداز آڻي وڏو ڪم ڪيو آهي. هي حيدر بخش جي ادبي ڪارنامن جو مختصر هڪ نمونو آهي.

## حيدر بخش جتوئي جو اسلوب:

پنهنجن خيالن کي صفائي ۽ چٽائي سان ظاهر ڪرڻ جي فن کي اسلوب يا طرز يا تحرير چئبو آهي. اسلوب کي انگريزي ۾ اسٽائل چئبو آهي. اُهو ضروري آهي ته سهڻن ۽ اثر انگيز موضوع کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اسلوب به سهڻو ۽ اثر انگيز هئڻ گهرجي. جتي مواد سهڻو آهي ۽ جنهن کي سهڻي اسلوب ۾ پيش ڪيو ويو آهي ته اُهو ادب جو سهڻو ادبي ڪارنامو پيش ڪندو.

حيدر بخش جتوئي هڪ نيارو ۽ نرالو شاعر آهي ته اُن جو اسلوب به نرالو ۽ نيارو آهي. اُن جي مشهوري جا سبب آهن. سهڻا ۽ سُريلا نوان ۽ نرالا ۽ خيالت ۽ اُنهن سان گڏ نئون نرالو ۽ آزاد اصلوب جي اُن جا خيال انقلابي آهن، ته اُن جو اسلوب به انقلابي آهي. جي هن جا خيال ساراهه جوڳا آهن ته اُن جو اسلوب ۾ نئون طرز ۽ ادا موجود هوندو آهي. جي هن جا خيال عوامي آهن ته ان جي طرز ۽ ادا به نئي ۽ نرالي آهي جي هن جا خيال فطنن کي روڪڻ وارا آهن ته هن جو اسلوب تخي ڇُري جيان تکي ۽ ڏنگي ڏڱ آهي. هو نه صرف پنهنجن نون نرالن ۽ انقلابي خيالن جي ڪري مشهور ۽ معروف آهن پر هن جو اسلوب اثر انگيز ۽ متاثر ڪُن آهي. گهڻن نقادن جو چوڻ آهي ته حيدر بخش جهڙا خيال ۽ اسلوب ٻئي ڪنهن شاعر جي شاعري ۾ نظر نه ايندا.

حيدر بخش هارين ۽ نارين جو اڳواڻ آهي هو اُنهن کي چاهي ٿو چاڪاڻ ته اُهي محنت سان مٽي مان سون اُڇاريندا آهن ۽ خوشحالي

ڦهلائيندا آهن. حيدر بخش جتوئي اُن جي مسڪيني ۽ غريبي کي بلڪل نئين ۽ نرالي طرز ۾ ۽ تحرير ۾ پيش ڪري سنڌي شاعري کي نئون رنگ ۽ نئون رس ڏنو آهي.

**توکي انگريز تي ڦريو ۽ زميندار لٽيو.**
**وياج ڦورن تي ڦريو توکي عملدار لٽيو.**
**توکي پيرن تي ڦريو قوم جي سردار لٽيو.**
**توکي بيدردي سان هر هڪ پي نمڪخوار لٽيو.**

مسڪينن ۽ غريب هاري جي اهڙي نئين اسلوب بيان ڪري اُن جي زندگي ۾ همت جو ڪهڙو نہ سهڻو نمونو پيش ڪيو آهي.

**تنهنجي طاقت جي اڳيان هرڪا بي طاقت ٿي ختم.**
**تنهنجي حملي اڳيان انگريز حڪومت ٿي ختم.**
**ظالم انگريز سان انگريز جي اُمت ٿي ختم.**
**يعني جاگيري زميننداري جي لعنت ٿي ختم.**

***_*_***

**هاري سيني جو يار آهي محنت اُن جو هٿيار آهي،**
**ان جي طاقت اڳيان هر شيءِ بيڪار آهي.**

حيدر بخش جتوئي سنڌ کي ماءُ سمجهي ٿو ۽ ان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. هن سنڌو دريا جي جنهن اسلوب ۾ ڪئي آهي، سو امر آهي. هن اُنهي انمول نظم ۾ سنڌو دريا جي موجودگي، هلڻي رفتار، دريائي ميدانن، ريگستاني رستن ۾ هلڻ کي ڏاڍو جرئت مند ۽ حسين نموني ۾ بيان ڪري نہ صرف درياکي ساراهيو آهي پر پنهنجي بي سهارا ڪري پاڻ کي سنڌ جو سپوت پٽ ظاهر ڪيو آهي.

**آهي ٿي پختي پڪي هاري حڪمت برپا.**
**سيني تي علم ۽ سائنس جي ترقي برپا.**
**يعني ٿيا تجربا فڪرات ۽ محنت برپا.**
**جن وسيلي ٿي جهان ۾ ويئي جنت برپا.**

ڪهڙو نہ تيز دريا آهي، ڪهڙي نہ تيز رفتار آهي ۽ ڪهڙو نہ اثر انگيز اسلوب آهي.

حيدر بخش جتوئي جرئتمند آهي ۽ فطني بازن جي فطنن کي ڏکئي ۽ تيز نموني ائين ظاهر ڪيو آهي. جڻ ڇري پيو هلائي جڏهن فطني بازن ڪوڙن ماڻهن، مذهب ۽ مذهبي اصولن کي پنهنجي غلط نموني ۾ پيش ڪيو تہ هر هنڌ فطنا جاري ٿي ويا ۽ دنگا فساد مچي ويا.حيدر بخش جتوئي، پنهنجي ڪتاب شڪوه ۾ ڇُري جيڙي اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي. اُنهي بيان تي ڪي ماڻهو خوش ٿيا تہ ڪوڙن ماڻهن ۽ فڪني باز وڏيرن اُن کي ننديو.

**تڏهن حڪمت نہ هئي تو ۾ جهالت نہ هئي.**
**ڇا تي قادر تون هئين ڪاٿي ۾ قدرت نہ هئي.**
**تو ۾ جذبو تہ هو جشن نہ هئي حڪمت نہ هئي.**
**قهر ۽ رحم نہ هو تن جي ضرورت نہ هئي.**

***_*_***

**منهنجو هو عشق علم پيو معشوق نہ هو**
**تون نہ خالق هيئن تنهن وقت ڪو مخلوق نہ هو.**

بي خبر انسانن قائلين ۽ جهايلن ، ڪوڙن ماڻهن جي چورڻ تي وڏا فساد مچايا . ۽ حيدر بخش جتوئي تي الزام لڳيا ، للڪاريو ۽ مارڻ جون ڌمڪيون ڏينون حيدر بخش جتوئي ماڻهن کي خبردار ڪيو آهي. تہ هو حق تي هلن ۽ ڪوڙن ماڻهن جي ڪوڙن ۽ غلط خيالن کان پري رهن. خدا حاضر ناظر آهي. ۽ غلط خيالين کان پري رهن. خدا حاضر ناظر آهي . هو حق جو حامي آهي، ۽ محنت ڪشش ۽ سچن کي پسند ڪندو آهي.حيدر جتوئي گهڻن ئي موضوعن تي شاعري ڪئي آهي ۽ پنهنجي نياري انداز بيان ۾ اُنهن کي پيش ڪر ڏاڍوي مقبوليت مائي آهي. هن غزل جو معزو عجيب آهي جنهن کي نياري انداز بيان ڪيو ويو آهي.

**آخر تہ موت ايندو گهوري چوائي وجهندي**
**هن موٽ بحسيا جي ڏاڍي تکي تير آه**

حيدر بخش جتوئي عام خيالن کي کهڙين عمدي اسلوب ۾ بيان ڪري اُن کي معني بخش بنايو آهي

**ٿا گهرون گڏجي دعا پاڪ جي سارا هہ ڪري**
**سا بہ لطيف و عطا تون متان الله ڪري**
**اي بردار رهي شل تون سان سدا فتح قريب**
**تو کي رب شاد رکي تنهني سکي ساهہ ڪري**

حيدر بخش جتوئي جو اسلوب اعليٰ آهي ۽ زور آهي اثر وارو آهي، ۽ معنيٰ خيز آهي.

## حيدر بخش جتوئي جي شاعري جي اهميت:

حيدر بخش جتوئي نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جديد دور جا ٽي وڏا اديب ۽ شاعر هئا. اُنهن سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪافي تبديليون آنديون ۽ سنڌي شاعري کي مالا مال ڪيو.

حيدر بخش جتوئي هڪ هر دل عزيز شخص انقلاب پسند ۽ هارين جو وڏو رهنما هو. هو سچو هو، بلند اخلاق هو ۽ ڪنهن کان بہ ڊڄڻ وارو نہ هو. هن زندگي ۾ ڪافي تڪليفون سٺيون پر جهڪيو ڪو نہ. هو هارين جو سچو ساٿي هو ۽ عظيم رهنما هو. هن هاري ڪاميٽي ناهي ۽ هاري گيت کلي اُنهن کي مقبول بڻايو هو. هارين جو ڏاڍو قدر ڪندو هو. چاڪاڻ تہ اُهي ڪيت ڪيڙي اِن اُپائي ماڻهن کي خوشحال بنائڻ ۾ وڏي مدد ڪن ٿا. هارين کان سواءِ ڄڻ سڄي سر زمين واري جو ڍير آهي.

حيدر بخش جتوئي وڏو انقلاب پسند هو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ کي نہ چاهيندو هو ۽ ڏاڍ ڪندڙ وڏيون ڪوڙن ماڻهن کي جيڪي هارين ۽ اڻ چڙهيل ماڻهن کي مذهب بابت غلط ڳالهيون ٻڌندا هئا تن کي دشمن سمجهندو هو هن اُنهن ماڻهن کي پنهنجي انقلابي ڪتاب "شڪواه" ۾ خوب ننديو آهي، انهي ڪري وڏيرن هن تي ڪوڙا الزام لڳائي هن جي سچائي ۽ ايمانداري کي نقصان پهچائڻ جون ڪئي ڪوششيون ڪيون پر هن اُنهن جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجي سچ جي راهہ تي چمڪندو رهيو.

جتي سچ جي ضرورت هوندي، جتي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ کي جهڪائڻ جي ضرورت هوندي ۽ جتي غريبن ۽ مسڪينن ماڻهن کي مدد ۽ رهنمائي جي

ضرورت هوندي اُتي ماڻهو حيدر بخش جتوئي جي شاعري پڙهي ميدان عمل ۾ اچي مقابلو ڪرڻ لاءِ آقا رهندا.

سنڌي فرزند، اُٿي زور نظر پيدا ڪر!
جو وجهي ٿرٿلو دنيا ۾ اثر پيدا ڪر!
نئون چراغ، نئون خورشيد و قمر پيدا ڪر،
نئون گلزار ۽ هيڪار ۽ ڪر پيدا ڪر.

## مددي ڪتاب


(1) ڀيرو اڪر. سوڀو گيانچنداڻي جيئي سنڌ جيئي سنڌ.
(2) باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي. جي.ايم. سيد.
(3) باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي. علي احمد بروهي.
(4) باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي. نور محمد شيخ.
(5) باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي. غلام محمد لغاري.
(6) هسٽري آف سنڌي لٽريچر. (انگريزي) ايل ايڇ اجوائي. سهاتيه اڪيڊمي نيو دهلي.

# نارائڻ شيام

(22 جولاءِ 1922ع – 10 جنوري 1989ع)

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

(1) اسان جي دور جي شاعرن ۾، نارائڻ شيام کي وڏي اهميت حاصل آهي، هو انهن ٿورن شاعرن مان آهي، جيڪي اسان جي دور جي شاعري جي وهڪري کان الڳ ٿلڳ پنهنجي ذاتي اسلوب جي ڪري نرالا ۽ انوکا ٿا لڳن. نارائڻ شيام سنڌي جي جديد شاعري، توڙي ترقي پسند شاعري جي بنياد وجهڻ مان هڪ آهي. نه فقط هو اُنهن بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي، پر اُنهن سڀني مان اهم پڻ آهي ڇو ته هو شاعري توڙي ترقي پسندي جي قدرن کي اڄ تائين نه فقط پنهنجو ڪندو آهي، پر اڃا تائين انهن کي سنوارڻ سينگارڻ ۽ اُنهن ۾ ننڌين راهن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي.“

**ڊاڪٽر تنوير عباسي. بوند، لهرون، سمنڊ**

(2) ”هن جي ڪلام هن جي واتان ٻڌڻ جي سوچي رهيا هئاسين، تڏهن هو اسان کي الوداع ڪري، ايترو دور وڃي نڪتو جو هن جي واپسيءَ جي اُميد ئي نه رهي، شيام جي شاعري ۾ ٻولي جي مڌرتا، ڪلپنا جي اُڏام، ڌرتيءَ جي سونهن ۽ سڳند سان لڳاءُ، سنڌ ۽ انسان جي رنگا رنگ جذبات جو اظاهر ملي ٿو.“

**محمد ابراهيم جويو. شيخ اياز پنج شعري مجموعا**

(3) ساري رات ڪبير سان تون، مان ڳالهيو،
ڌرتي انيڌُئي وئي، اهڙي پر ڳايو،
ڌَر ڌَر ورجايو، نياپو هن جي نينهن جو.

**نارائڻ شيام. شيخ اياز**

(4) شيام ۽ اياز لڳ ڀڳ ساڳي دؤر جا شاعر آهن، ٻئي اڄ جي دؤر جا عيوضي ۽ نوجوان ٽهيءَ ۾ بهترين اهل سخن آهن. ٻنهي وٽ فن ۽ خيال جون بلنديون آهن.

**ڪيرت ٻاٻاڻي. ڪونج خاص نمبر**

(5) شيام جي گونا گون ۽ شاعري بابت گهڻو ڪري چئي سگهان ٿو. پوءِ نه ٿو چوان ڪنهن ٻئي وقت حوالي سان چوندس. پر هڪ ڳالهه چوڻ سان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان جا سندوتا جي جهلڪ ۽ تلاش مون هن جي شاعري ۾ ڏٺي آهي سا اڄ جي ٻئي ڪنهن شاعر جي رچنا ۾ نه آئي آهي ۽ نه ئي اچي سگهي ٿي.

**گوبند مالهي. ڪونج خاص نمبر**

(6) شيام جي شاعري ۾ نه صرف گهرائي آهي پر ڪلپنا جي اُڏام پڻ. شيام جا ڪي شعر پڙهندي من اهڙو مگن ٿيو وڃي جو نه سرير جي سڌوهي نه سنسار جي شيام جي بلند پروازي پاٺڪ (پرهندڙ) کي اُڏائي وڃي ٿي عرش رسائي.

**ارجن ”حاسد“ ڪونج خاص نمبر**

## نارائڻ شيام- زندگي جو احوال:

نارائڻ شيام سنڌي ٻولي جو وڏو شاعر ۽ تخليقڪار هو. نارائڻ شيام ضلعي نوابشاهه جي نوشهروفيروز تعقلي جي هڪ ڳوٺ ڪاهي قاسم ۾ 22 جولاءِ 1922ع ۾ پيدا ٿيو. هن جي پيءُ جو نالو ديوان گوڪل داس هو. ماءُ جو نالو جمنا ديوي نگواڻي هو. هن پرائمري ۽ سيڪنڊري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي هن جو پيءُ مختيارڪار هو. اُنهي ڪري گهڻن ئي تپيدارن جا پٽ هن سان گڏ پڙهندا هئا. ان جي ڪري نارائڻ شيام ڏاڍو مشهور هو ۽ سب هن جي عزت ڪندا هئا. مئٽرڪ جي امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ جي اسڪول ۾ هن کي ماستري جي نوڪري ملي. هو فارسي

پڙهائيندو هو ۽ فارسي ۾ تمام گھڻو هوشيار هو. هن وٽ سنڌي توڙي فارسي لفظن جو وڏو ذخيرو هو. جنهن هن کي قابل استاد بڻائي ڇڏيو. هو پنهنجي شاعري، ٻاجهاري سياءُ ۽ حليمائي جي ڪري ڳوٺ جي ماڻهن جي اکين جو تارو هو. هو شاعري بہ خوب ڪندو هو.

## ڪراچي مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ:

نارائڻ شيام وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪراچي ويو. اُتي هن ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي رهائش لاءِ هن کي منارام هاسٽل ۾ جڳهہ ملي. سنڌ جي شاعر، اديب ۽ نقاد عبدالرزاق راز سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جا خاڪا لکي هڪ ڪتاب "ساٿي کي ساريام" شايع ڪيو. انهي ڪتاب ۾ نارائڻ شيام جو بہ خاڪو ڏنل آهي. عبدالرزاق راز جو چوڻ مطابق نارائڻ شيام وڏو اديب ۽ پختو نقاد ۽ برجستو شاعر هو. هو سنڌي ادبي سرڪل جو سرگرم رڪن هوندو هو. نارائڻ شيام صبر وارو شاعر هو. هو فطري طرح سادو هوندو هو. هو سادو ۽ سچو ماڻهو هو. هن جو رنگ صاف نہ پر سانورو هو ان ڪري هن پنهنجو تخلص شيام (ڪرشن مراري) رکيو منارام هاسٽل ۾ نوجوان سنڌي شاگرد هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت سان ملندا هئا ۽ ادب تي بحث جاري رهندو هو. ادبي محفلن ۾ نارائڻ شيام خوب بحرو ونندو هو ۽ ٻڌندڙ حيران ٿي ويندا هئا تہ هو ايتري معلومات ڪٿان ٿو حاصل ڪري. هو وڏو مقرر هو. جڏهن هو ڳالهائيندو هو تہ سب حاضرين مٺ ماٺ ۾ هن کي ٻڌندا هئا۽ خوش ٿيندا هئا. هاسٽل ۾ نارائڻ شيام سان گڏ سوڀو گيان چنداڻي، عبدالرزاق راز، شيخ اياز ۽ ٻيا نوجوان منارام هاسٽل ۾ رهندا هئا. شيخ اياز ۽ ساڻ وڏي نوٽ ناٽ وارو هو. هو ڪڏهن بہ اسان جي ڪمرن ۾ نہ ايندو هو. اسان گڏ ٿي هن جي ڪمري ۾ ويندا هئاسين ۽ ڪو پروگرام ناهيندا هئاسين، اُتي هاسٽل ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ ٻين ٻولين جي اديبن ۽ شاعرن جو اثر وڌندو رهندو هو. رشيا مان ڪميونزم جا خيالات ٻڌي اسان جي شعور ۾ ڏاڍو ڦيرو آيو. اسان قديم خيالن کي ڇڏي نوان خيال اختيار ڪرڻ شروع ڪيا. اسان جون دليون بدليون ۽ اسان جدت پسند ٿي ويا

سين. اسان سوچيو تہ سنڌي ادب کي ڪيئن جديد بڻائجي ۽ نون ۽ فراخ دلانا خيالن کي اپنائي سنڌي ادب ۾ نواڻ آڻجي اسان بہ ڳالهيون سوچيون. (1) تہ ڪيئن قديم سنڌي جي صنفن کي نئين زماني جي خيالن مطابق ٻيهر رائج ڪجي ۽ (2) پرڏيهي صنفن کي پنهنجو ڪجي ۽ انهن ۾ سنڌي شاعري لکي انهن کي مقبول بڻائجي جديد سنڌي شاعري جي شروعات اهڙي نموني ٿي.

## شيام جي حيثيت:

نارائڻ شيام هڪ وڏو اديب ۽ نقاد هو. نوَن خيالن جي چڱي طرح سار سنڀال لئہ اسان دوستن کي سمجهائيندو هو  شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ عبدالرزاق شاعري جي پرڏيهي صنفن تي ڪم ڪيو. ڪنهن هائيڪو لکيا، ڪنهن ترائيل لکيا ڪنهن سانيٽ لکيا اهڙي طرح نيون صنفون مشهور ٿينديون رهيون ۽ سنڌي شاعري تڪڙي تڪڙي ترقي ڪرڻ لڳي. سنڌي شاعرن جلدي جلدي ۾ ايتريون تہ نيون صنفون گهڙيون ڪو بہ نٿو ڄاڻي تہ اُنهن صنفن کي پهرين ڪنهن گهڙيو.

نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز گهڻيون ئي پرڏيهي صنفون گهڙيون جيڪي اڄ بہ ڪامياب ۽ مشهور آهن. عام طرح ائين چيو ويندو آهي تہ پهرين پهرين اُنهن پرڏيهي صنفن کي نارائڻ شيام لکيو ۽ اُنهن کي سنڌي شاعري ۾ رائج ڪيو.

## انجمن ترقي پسند جو قيام:

اسان سنڌي اديبن گوبند مالهي، سوڀو گيان چنداڻي، شيخ اياز، عبدالرزاق راز ۽ ٻين سنڌي اديبن، شاعرن ۽ نقادن ڪراچي ۾ انجمن ترقي پسند جو بنياد رکيو. ائين ڪرڻ سان سنڌي ادب ۾ وڏا ڦيرا آيا ۽ شاعرن ۽ اديبن نوَن نوَن موضوئن تي لکي سنڌي ادب ۽ شاعري کي وڏي ترقي ڏياري. سنڌي ادب ۾ نوَن خيالن جي ڪري وسعت پيدا ٿي ۽ سنڌ ۾ فراخ دلي جو زور پڪڙيو. ماڻهن پراڻي ادب ۽ پراڻن خيالن کي ڇڏي نوان موضوع ۽ نوان

خيال اختيار ڪري سنڌي ادب ۾ شاعري کي نوَن رنگ بخشيو ائين جديد ادب پيدا ٿيو ۽ ماڻهن جي ذهين تي ڇانئجي ويو.

## لڏ پلاڻ جو احوال:

مون ۾ نارائڻ شيام بي.اي. جو امتحان بمبئي يونيورسٽي مان پاس ڪري ايم.اي. ۾ داخلا ورتي 1947ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جو ورهاڱو ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هندن جي وڏي لڏ پلاڻ ٿي. سنڌ جا سنڌي سنڌ مان لڏي هندستان هلايا ويا. نارائڻ شيام پنهنجي وڏي ڪٽنب سان گڏ لڏي هندستان هليو هو. هو اُتي دهلي ۾ ”هاٿي خاني“ پاڙي ۾ رهڻ لڳو. جيئن تہ هن جي گهر جا ڀاتي تمام گهڻا هئا ان ڪري اُتي انهن جو گذر سفر ڏاڍو ڏکيو ٿيڻ لڳو.

## نوڪري:

اُتي هن کي پوسٽ ۽ تار کاتي ۾ اڪائونٽنٽ برانچ ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ملي. هن نوڪري ۾ تمام گهٽ پگهار ملندو هو. جنهن جي ڪري هن جي رهائش گاهہ ۽ رهڻ سهڻ ڏاڍو سادو هو. اُتي هن کي سڃاڻڻ وارا تمام گهٽ هئا. هو ماڻهن سان گهٽ ملندو هو ۽ اُتي هن جا دوست بہ تمام ٿورڙا هئا. هو نوڪري ايمانداري سان ڪندو هو باقاعدگي سان آفيس ويندو هو. هو قدرتي نظارن جو عاشق هو. گهر کان آفيس تائين روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڏا وڏا وڻ هوندا هئا. جن تي ويهي مختلف پکيڙا منڙيون ٻوليون ڳائي ماحول کي رنگين بڻائي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن نارائڻ شيام آفيس کان موٽندي اُنهن وڻن جي هيٺان ويهي پکيڙن جون لاتيون ٻڌي شاعري جا خاڪا جوڙي گهر موٽي ايندو هو. آڌي رات جو اُتي اُنهن خاڪن ۾ رنگ ڀري عاليشان شعر جوڙيندو هو ۽ انهن کي شايع ڪرائي داد حاصل ڪندو هو.

## قدرتي نظارن جو عاشق:

نارائڻ شيام قدرتي نظارن جو عاشق هو. قدرت جا وڻندڙ نظارا هن کي وڻندا هئا ۽ هن جي روح جهومائي ڇڏيندا هئا. هو آسمان چنڊ، تارن ۽ ٻين

حيران ڪُن نظارن کي ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيندو هو. قدرت جي جڙ هن جي لاءِ ڪو شاعري جو کُليل ڪتاب هو. هو آسمان، چنڊ، تارن، ڪتين کي ڏسي سوچيندي نظر ايندو هو قدرت هن کي قدرتي نظارن جي ذريعي نوان نوان سبق سيکاريندي هئي ۽ هن جو شوق وڌندو رهندو هو.

## نوڪري کان رٽائرمينٽ:

نارائڻ شيام همت، حوصلي ۽ ڪاريگري سان نوڪري ڪئي هن جا سپ آفيسر توڙي ننڍا ڪلارڪ ۽ پٽيوالا هن مان خوش هئا. هن 58 سالن جي عمر ۾ هيڊ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ سن 1980ع ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ هن ساهتيه اڪيڊمي ۾ ڪنوينيئر طور ڪم ڪري داد حاصل ڪيو. هن کي 1970ع ۾ ساهتيه اڪيڊمي جو ايوارڊ مليو.

## نارائڻ شيام جا ساٿي:

اُنهي دور ۾ جيڪي اديب شاعر ۽ نقاد هن جا ساٿي هئا اُنهن مان ڪي هي آهن. هري دلگير، فتح چند واسواڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن کٽواڻي، پوپٽي هيراننداڻي، لڇمڻ ڀاٽيه، ارجن، حاسد، واسديوَ نرمل، هريش واسواڻي، هري همٿاڻي چيتن ڪرناڻي ۽ گوردڻ محبوباڻي.

## شخصيت:

گوردڻ محبوباڻي هڪ وڏو سنڌي شاعر ۽ ناٽڪ نگار هو. هن جي نارائڻ شيام سان ڏاڍي ياري هئي. ٻئي منڙا شاعر ۽ اديب هئا. نارائڻ شيام جي شخصيت کي ائين بيان ڪيو آهي.

شيام واقعي هڪ انوکي شخصيت جو مالڪ آهي. معصوم ٻار جهڙو سانتيڪو سٻاجهو چهرو، کليل پيشاني، خمار ڀريل اکيون، مرڪ جڙيل چپ، هو اڪثر خاموش رهندو هو، پر سندس خاموشي بہ ڳالهائيندي آهي. هن جي چپن تي پکڙيل مرڪ سيني کي ديوانو بڻائي ڇڏيندي آهي.“

(نوٽ: مون نارائڻ شيام تي لکندي گوردن محبوباڻي جي مضمون، جيئن مون کين سڃاڻپ مان فائدو حاصل ڪيو آهي.)

## تصنيفات:

نارائڻ شيام ڏهه ڪتاب لکيا آهن، ڪي وري چون ٿا تہ هن جا لکيل ڪتاب يارهن آهن. يارهون ڪتاب ڪهڙو آهي ان جي ڪنهن کي خبر نہ آهي. هن جا لکيل ڏهه ڪتاب هي آهن:

(1) ماڪ ڦڙا 1953ع
(2) پنکڙيون 1955ع
(3) رنگ رتي لهر 1957ع
(4) روشن ڇانورو 1962ع
(5) ماڪ بنا رابيل 1964ع
(6) وري پريو پلاند 1968ع
(7) اڇائيندي لڄ مران 1972ع
(8) مهڪي ويل صبح جي 1983ع
(9) نہ سورنگ نہ سوسُهراڻ 1987ع
(10) ذاتي ۽ حيات 1988ع

## وفات:

نارائڻ شيام 69 سالن جي ڄمار ۾ دهلي ۾ وفات ڪري ويو. هن جي وفات تي پنهنجي ڪتابڙي سُر نارائڻ شيام ۾ شيخ اياز ائين لکيو آهي:

**تنهنجي رَڳَ ڪٽي ويون، گنگا جون لهرون،**
**سنڌوءَ اُڀريون، ٻانهون ڦهلايون گهڻو.**

***_*_***

**شيام! نہ آئي راڙِڪا، گُذري وئي رات،**
**ڇا تو ميڄي ماتِ گوڪل مان گُم ٿي وئين؟**

## نارائڻ شيام جي شاعري:

نارائڻ شيام جديد سنڌي شاعري جي رچندڙن مان هڪ آهي. هن جديد سنڌي شاعري ۾ وڏا تجربا ڪيا آهن ۽ گهڻيون صنفون قائم ڪري پڙهندڙ کي ڏاڍو حيران ڪري ڇڏيو آهي. هن هندي ادب ۽ مغربي ۽ جاپاني ادب جي قديم صنفن کي سنڌي رنگ ۾ رنگي وڏو ادبي ڪارنامو سر انجام ڏنو آهي. هن جي شاعري مٺي آهي، سٺي آهي ۽ سنڌي ثقافت جي رنگن ۾ رنگيل اهڙي تہ نموني ۾ آهي جو ساڃيہ ۽ سُرت جو هڪ وڏو تحفو بڻجي آهي.

نارائڻ شيام سچ جو شاعر آهي، پيار جو شاعر آهي ۽ سُرهاڻ جو شاعر آهي. هن جي شاعري پڙهندڙن تي جادو ئي اثر وجهي ٿي، اُنهن جي شعور کي جاڳائي ٿي ۽ اُنهن جي جذبن کي اهڙي تہ مُرڪ بخشي ٿي جو ائين پيو ڀانئين جي ڄڻ موهن جي مُرلي وڄي رهي آهي ۽ زندگي راڌا جيان نچي رهي آهي. ڪٿي بہ مايوسي هجي، غم هجي ۽ ڏکڙا هجن تہ هن جي شاعري جي ٻڌڻ سان هر شيءِ نئون روپ وٺي سُرور ئي سُرور پکيڙي ڇڏي. هن جي شاعري ۾ مستي آهي نئون سوچ آهي ۽ وڏي بلندي آهي. هن جي شاعري پڙهڻ سان ماڻهو سجاڳ ٿي نہ صرف پاڻ سنو انسان سمجهي ٿو پر سڄي ڪائنات ۾ نيڪي ۽ سنائي جون رچنائون ڏسي سمجهي نيڪي جو اوتار بڻجي وڃي ٿو. هن جي شاعري جي خاص خوبي آهي تہ هو سچن ۽ قيمتي زيورن وانگر انسانن جي سهون کي سينگاري ٿي.

نارائڻ شيام هڪ وڏو تخليقي شاعر هو. هن ڪيترين ئي بلند بالا شاعري جا ڪارامند ڪارناما ڏئي شاعري کي بلندين تي پهچايو آهي. هن پنهنجن شعرن کي مختلف صنفن ۾ لکي پاڻ کي وڏو ۽ وڙهندڙ شاعر پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ نظم، ترايل، دوهو، سورٺو، بيت، وائي، گيت، رباعي، غزل، آزاد نظم، سانيٽ، ۽ هائيڪو ۾ شاعري ڪري وڏا رنگ رچايا آهن. هن جيترين صنفن ۾ لکيو آهي، ايترن صنفن ۾ ٻئي ڪنهن شاعر قلم آزمائي نہ ڪئي آهي. هن هائيڪو جي شاعري کي ڪاميابي سان استعمال ڪري سڀني جديد سنڌي شاعرن کي پٺتي ڇڏي ڏنو آهي.

سنڌي شاعر ۽ نقاد ڊاڪٽر تنوير عباسي جي لفظن ۾ ”نارائڻ شيام سنڌي جو اُهو نرالو شاعر آهي. جيڪو پنهنجي نرالي اسلوب، لهجي ۽ مزاج ۽ فڪر، ٻولي، موسيقيت ۽ ڪامياب تجربن سبب، سنڌي شاعري جي موجوده دور جي وهڪري ۾ رهندي، بہ اُن وهڪري کان ڌار هڪ انوکي، نرالي ۽ دائمي حيثيت رکي ٿو.“ نارائڻ شيام جو فڪر گهرو آهي. ٻولي منڙي آهي ۽ پيش ڪش اهڙي تہ موهيندڙ آهي جو ڪو بہ پڙهندڙ پاڻ کي هن جي شاعري کان پري رکي نٿو سگهي. هن جي شاعري ۾ سنڌ جي ثقافت جا سڀ رنگ موجود آهن ۽ زندگي جون رهايون هر روح کي خوش ڪن ٿيون.

نارائڻ شيام زندگي ۽ اُن جي رنگن روپن جو بهترين ۽ سدا بلند شاعر آهي. هن جي شاعري ۾ مُرڪ آهي. جنهن ۾ پيڙا جي جهلڪ پيي نظر اچي ٿي. هن جي شاعري ۾ پيڙا پيي آهي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مُرڪ بہ نظر ايندي آهي.

**گُل خوشبو جي تور، ٻڏي سهائي رات کي،**

**تون بہ تند ڪا تور، سُر ۾ ٻڏ سرهيون گهڙيون.**

نارائڻ شيام جي شاعري ۾ مُرڪ توڙي لڙڪ ٻئي انمول آهن جيڪي زندگي جي سنڌرتا، مُڏرتا ۽ مصيبتن کي مُرڪي سهڻ جي سگ آهن.

شيام ۽ شيخ اياز ٻئي وڏا شاعر ۽ زندگي جا پوڄاري پيارا آهن. ٻنهي تمام گهڻا شعر چيا آهن اُهي سنڌي ماءُ جا پيارا پُٽڙا آهن اُنهن جي شاعري رنوان دوان ۽ جذبن، احساسن جي ۽ آدرشن جي ڄج آهي. سُر نارايڻ شيام ۾ شيخ اياز ڪهڙي نہ رازن پري ڳالهہ ڪئي آهي.

**اڄان آهن ڳائڻا، ڇا مون کي ڪجهہ گيت،**

**تو کان پوءِ تہ ميت! سانجهي سُوني ٿي وئي.**

شيام ۽ اياز شاعري جا مُنارا آهن جن مان روشني نڪري زندگي جي رنگن کي وڏيڪ روشن ۽ رنگين بڻائي ٿي.

سنڌ جي شاعر، اديب ۽ نقاد ڊاڪٽر سحر امداد نارائڻ جي شاعري جو مطالعو ڪري خوب ساراهيو آهي تہ شيام جو نہ رڳو ڪلاسيڪي سنڌي شاعري جو اونهو اڀياس ڪيل ٿو ڏسجي، پر ساڳئي وقت پنهنجي فوڪ

لوڪ سان شيام جي شاعري جا جڙ نڙ ناتا ملن ٿا. شيام جي شاعري جو فطري فلو/ندي جي رواني ڪٿي قافين تہ ڪٿي معنائن ۾ جيڪو ”لوڪ“ جو اُهاءُ ملي ٿو. سندس شعرن مان سونهري ماضي جو جيڪو شعور بُڪي ٿو اهو حال جي ست رنگي سونهن ۽ سچاين ۽ مستقبل جي آس جي رنگ سان ملي هڪ بنهہ نئون ۽ انوکو رنگ پسائي ٿو.

ارجن حاسد نارائڻ شيام جي شخصيت کي ائين بيان ڪيو آهي.

نارائڻ شيام! نارائڻ شيام!
تو لاءِ اهو ئي آهہ سچو انعام،
جيئن سچو تون، تيئن تون سچو شاعر،
تہ زنده آهہ سنڌي زبان،
ڪهڙو پاڻ بہ وڏ ٿو
تيين شاعر شيام،
پائي سگهي سچو سون انعام؟
پڙهيو پيو تنهنجو ڪلام.

## گيت جو سُريلو شاعر نارائڻ شيام:

نارائڻ شيام سنڌي گيت جي شاعري جو سُريلو، منڙو ۽ شعور کي بلند ڪرڻ وارو شاعر آهي. گيت هنڌي شاعري جي سهڻي، سُريلي ۽ مُڌر صنف آهي، جنهن کي ڪشن چند بيوس سنڌي شاعري ۾ رائج ڪيو. اُن کان پوءِ جي شاعرن جهڙوڪ شيخ اياز، نارائڻ شيام، عبدالرزاق راز مقبول بڻايو آهي. پنهنجي ڇپيل ڪتاب منڙو ٻولن مور ۾ سرو پچندر شاد گيت جي باري ۾ لکيو آهي تہ گيت ننڍي ڪنڌ جي دلچسپ، دلفريب ۽ مقبول شاعري جي هڪ صنف آهي، انهي جو اندازو انهي ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ گيت شروع کان وٺي مندرن ۾، ميلن ۾، جلسن ۾ جلوسن ۾، درسگاهن ۾ ۽ قرب ڪچهرين ۾ ڳايا ويندا هئا ۽ ڳاتا وڃن ٿا. گيت ايشور جي شاعري آهي، فطرت جو راڳ آهي، هڪ باشعور ۽ باسمجهہ شاعر پنهنجي ذاتي جذبن ۽

ويچارن کي، سادن، سلوڻن ۽ منڊڙن ٻولن جي ذريعي ظاهر ڪري ٿو اُن ۾ سُر ۽ سنگيت جو رنگ ڀري، گيت سر جي ٿو. گيت سُريلن، سچن ۽ سگهارن جذبن کي منڊڙن، من موهيندڙ ۽ ڪومل لفظن جي ذريعي ظاهر ڪرڻ جو نالو آهي. گيت شاعري جي اها صنف سُخن آهي جنهن ۾ سچن اکرن ۽ خلوص انساني جذبن، احساسن، ويچارن ۽ آدرشن کي سُر ۽ سنگيت سان سنواري، سادن سادن، مٺن مٺن، ڪومل ڪومل لفظن جي ذريعي ڪاريگري ۽ فنڪاري سان اهڙي نموني پيش ڪري ٿو جو ذاتي ويچار آفاقي ويچار بڻجي وڃن ٿا. گيتن ۾ جذبا ضروري آهن، فطري اظهار ضروري آهي، موسيقي ضروري آهي ۽ رواني پڻ ضروري آهي. گيت شاعري جي اُها صنف آهي جيڪا انساني احساسن کي سندر، مڌر ۽ ڪومل ٻولن جي ذريعي ظاهر ڪري شعور کي جڳائي ٿي، آنند آڇي ٿي ۽ روح کي راحت بخشي ٿي.

گيت هڪ اهڙي صنف آهي جنهن ۾ پنهنجائپ آهي، سندرتا آهي، ڪوملتا آهي ۽ مڌرتا آهي. اهڙين خاصيتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گيت جي شاعر کي موسيقي، شاعري جي ٻول، مالهاءُ، بي روڪ انساني جذبن کي بي ساختگي سان ظاهر ڪرڻ کان فن اچڻ گهرجي. چند وديا جي اصولن کان هٽي ٻئي ڪنهن شعري سر کي استعمال ڪرڻ يا ڀاري ۽ وزني لفظ استعمال ڪرڻ سان رواني ۾ فرق اچي سگهي ٿو.

نارائڻ شيام سنڌي گيت خوب لکيا آهن جن ۾ زندگي جون تصويرون بہ آهن روپ ۽ رنگ بہ آهن چنچلتا ۽ مُڌرتا بہ آهي ۽ سچائي ۽ سونهن جون وڄندڙ مُرليون بہ آهن جيڪي زندگي کي سُريلو ۽ رسيلو بڻائڻ ٿيون. هن جي گيتن ۾ زندگي جا سڀ رنگ موجود آهن. اُنهن ۾ سُنهن بہ آهي، سچائي بہ آهي مٺاس بہ آهي ۽ سُر ۽ سنگيت جا سهڻا نمونا بہ آهن. هن جا گيت جاڳن ٿا، شعور بخشن ٿا ۽ زندگي جون هر قسم جون تصويرون ڏيکاري موهت ڪري ڇڏين ٿا. هن جا گيت روح کي وندرائين ٿا ۽ زندگي ۾ ڪيترائي موج پيش ڪري زندگي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

نارائڻ شيام جي گيتن ۾ مختلف نظارا اکين کي وڻندا رهن ٿا ۽ عجيب نموني ۾ ظاهر ڪيل سچايون، سهڻيون لڳن ٿيون. هن جي گيتن ۾

موتين جي چمڪ آهي، گلن جي مسڪراهٽ آهي، هارين جي هُنگار آهي ۽ ٻارڙن جي خوشي جون تصويرون بہ آهن هن ننڍين ۽ وڏن لاءِ ڪي ئي گيت لکيا آهن. نارائڻ شيام هن گيت ۾ ڌرتي کي سنواريندڙ هارين جي جذبن کي کهڙي نہ سُريلي نموني ۾ پيش ڪيو آهي.

**لاباري جي جنهن کي اون،**
**خوش ٿي ڌرتي ڪيڙي چو نہ.**
**سون رُپي جي جنهن کي اون،**
**داڻو داڻو ميڙي چو نہ.**
**خوشحالي جي جنهن کي اون،**
**ڪانا ڪک بہ سهيڙي چو نہ.**
**شيام دلين جي جنهن کي اون،**
**راڳ رسيلا ڇيڙي چو نہ.**

نارائڻ شيام ٻارن جي رشتن کي ڪهڙو نہ سهڻي ۽ سُريلي نموني ۾ سمجهايو آهي. اُنهي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن کي ٻارن لاءِ ڏاڍو پيار آهي. جنهن جو اظهار نارائڻ شيام هن گيت ۾ ڪيو آهي.

**چمپا راڻي ننڍي نماڻي،**
**سڀنو سڀاجهو پيار،**
**پائوءَ جي هوءَ آهہ دلاري،**
**پاپي ڪريس پيار!**

ٻارڙا سڀ جي جان آهن. سڀ اُنهن سان پيار ڪن ٿا ۽ اُن کي وندرائڻ لاءِ هر قسم جي ڪوشش ڪندا آهن. نارائڻ جي شاعري ۾ قدرت جا سڀ رنگ ۽ ڍنگ موجود آهن جي زندگي جي رنگن روپن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڪن ٿا. قدرت هڪ کليل ڪتاب آهي. جنهن ۾ رنگ بہ موجود آهن. سرهاڻ بہ خوب آهي ۽ نصيحتن جا خوب راڳ ڇيپل آهن. هي گيت هڪ اهڙي تصوير آهي جنهن کي بازار ۾ خريد نٿو ڪري سگهجي:

**ڪارن ڪڪرن جي ڇم ڇم،**
**سونين بجلين جي رم جهم،**

**پاڻي پاڻي هر ڪنهن هنڌ،**
**اڇي هوا مان ڀني سڳنڌ.**
**مٿان انڊلٺ رنگ ڪيا،**
**هيٺ اڇا رابيل ٽڙيا،**
**ٽانڊاڻا ائن لاٽ ڪين،**
**اُپ ۾ جهر مر جهرمر وجهن،**
**رنگ عجب سارنگ رچي،**
**مور نچي چڻ رنگ نچي.**

هن گيت ۾ قدرت جي نظارن کي کهڙي نه سُريلي نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. نارائڻ شيام قدرت جو هڪ وڏو شاعر آهي. هن جا قدرتي نظارا موج مچائن ٿا ڏکين ڳالهين کي سمجهڻ جي توفيق ڏين ٿا ۽ ڏکين سوالن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. هن جي قدرتي شاعري ۾ رنگ آهن، روپ آهن ۽ نرالا نظارا آهن جيڪي مست ۽ مهو ڪري ڪائنات جي سيني رازن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

نارائڻ شيام پيار جو شاعر آهي، هن جي شاعري ۾ ڪٿي به حسد ۽ تعصب نظر نٿو اچي. هو چاهي ٿو ته سڀ انسان هڪ آهن. اُنهن کي پير سان وبهاري دنيا مان ٻيائي کان آجو ڪري دل جو دلبر بنائڻ هڪ وڏي عبادت آهي.

**پنهنجي پير ۾ جاءِ، پرين! ڏي پنهنجي پير ۾ جاءِ،**
**جنم جنم جي آهيان پياسي، منهنجي پياس بجهاءِ.**
**پرين ڏي پنهنجي پير ۾ جاءِ.**
**تنهنجو چنڊ ڪٺي مان جاڳان منهنجو ديپ جلائي،**
**پرين ڏي پنهنجي پير ۾ جاءِ.**
**تنهنجي پيڙ ڪٺي مان ڳايان، منهنجو ساز وڄاءِ،**
**پرين ڏي پنهنجي پير ۾ جاءِ.**

نارائڻ شيام جا گيت مٺا آهن، وڻهندڙ آهن ۽ انساني احساسن کي چمڪائي اُميدن کي روشن ڪن ٿا. اُهي وڇوڙي کي مٽائي، ميلاپ جا منڊا گيت ڳائي انسانن کي جوڙي رکن ٿا.

## نارائڻ شيام- واين جو شاعر:

وائي سنڌي شاعري جي جهوني صنف آهي. هن ۾ سنڌ جي روايتن جو ذڪر خوبي سان ٿيل هوندو آهي. راڳيندڙ جڏهن وايون ڳائيندا آهن تہ سر زمين سنڌ جهومڻ لڳندي آهي. وائي سنڌ جي سنڌي سُر ۽ سنگيت جي ۽ سنڌ جي سونهن جي سيڱاٽپ آهي. وائي شاعري ۽ سنگيت جو مڌر ۽ سُريلو سنگم آهي. وائي ڀاڳي جي وهندڙ ڌار جيان آهي، جيڪا اڳتي وڌائي، نوان نظارا ۽ نيون راهون ڏيکاري ٿي. وائي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ رس، رچاءُ، رواني، موسيقي ۽ بي ساختگي رچيل هوندي آهي. وائي هڪ پر اثر ۽ دلچسپ صنف آهي. وائي ڳيچ جي هڪ سڌريل صنف مان ڦٽي نڪتي آهي. وائي ڇند وديا جي ماترڪ اصولن مطابق لکي ويندي آهي. وائي جو تعلق سنگيت سان آهي. اُنهي ڪري وائي ٻول ملها (Diction) ساڌي ۽ سولي هوندي آهي، سادا ۽ سلوڻا لفظ وائي جي دلچسپي، لطف ۾ زندگي سان تعلق رکندڙ هوندو آهي، صوفي خيال ۽ رمزون، بچا ۽ خالص انساني جذبا ۽ احساس قدرتي نظارا، سوچ ۽ لوچ، دعائون ۽ تمنائون، خوشي ۽ غم، ميلاپ، وڇوڙو جاکوڙ ۽ پورهيو هار ۽ جيت، وندر ۽ ورونهن، اهي وائي جا دلچسپ ۽ دل فريب موج آهن.

جديد سنڌي شاعري جي پرڏيهي صنفن تي لکڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي جهونين صنفن: بيت، دوها، سورٺا ۽ واين تي نئين نموني ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. نارائڻ شيام خوب وايون لکيون. بلبل نئين ۽ نرالي نموني ۾ هن جي واين ۾ لفظ بلڪل نوان ۽ نهڪي ايندڙ آهن. هن جون وراڻيون الڳ ٿلڳ ۽ وائي کي خوب سينگاريندڙيون آهن. هن جا قافيا صاف، سنا ۽ موثر آهن. هن جي واين ۾ قدرت ۽ قدرت جا نظارا ضرور آهن، جيڪي هن جي خيالن کي وڏيڪ معنيٰ بخشيندا آهن ۽ هن جي واين ۾ رنگ ۽ روپ پکيڙي ڇڏيندا آهن. هن جون وايون نوَن ۽ الڳ ٿلڳ آهن جن ۾ نارائڻ شيام نون جزبن ۽ خيالن کي نئين نموني ۾ پيش ڪري وائي ۾ گهرائي ۽ معنيٰ ڀريندو آهي. هِن جون وايون سيني سنڌي وائي نگارن کان بلڪل الڳ آهن. هن جهڙيون مؤثر وايون لکڻ جهڙي تهڙي شاعر جو ڪم نہ آهي.

نارائڻ شيام جي واين جا ٽلهه نوان آهن، جن ۾ وراڻيون بہ قابل غور آهن جيڪي وائي جي اثر کي وڌيڪ واضح ڪري رنگ وکيري ڇڏينديون آهن

ٽلهہ:

**هڪ وک ڪڏي روشني، ٻي وک ڪٽندي ٻاٽ،**
**ٽانڊاڻي جي لاٽ، رات انڌاري پنڌ گهڻو.**

ٽلهہ:

**دور دور هئين دور،**
**آلا، اڪ اڄ ٽي ڳولي.**

نارائڻ شيام جا ٽلهہ نوان ۽ نرالا آهن اُنهن ۾ ڳولا آهي، بيڪراري آهي ۽ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي تمنا لڪيو ڪجهہ نهاري رهي آهي. نارائڻ شيام جي واين جي وڏي خوبي آهي قدرت ۽ قدرتي نظارن سان تعلق. قدرتي نظارا شيام جي واين کي وڌيڪ وڻندڙ ۽ پُر اسرار بڻائي انهن ۾ نواڻ پري سُهڻا سهُڻا منظر پيش ڪندا آهن.

**ڪنهن ڪنهن مهل هتان هُتان رکي رکي چمڪاٽ،**
**ٻُوند ٻوند هيءَ روشني، اوندهہ نجي اُساٽ،**
**ڏسندي پري ٽري وڃي، ويتر ڪاري واٽ،**
**ٽناڊائي جي لاٽ، رات انڌاري پنڌ گهڻو.**

نارائڻ شيام جي منزل پري آهي. وايون ڏکيون آهن، روشني ناهي پر هن کي ڪو بہ فڪر ناهي تہ هومنزل تي ڪيئن پهچندو قدرت جا نظارا هن کي مدد ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا آهن ۽ هو هن کي منزل تي پهچائي ڪامياب ڪري ڇڏيندا.

**ڪنهن ڪنهن مهل هتان هُتان رکي رکي چمڪاٽ،**
**ٽانڊائي جي لاٽ، رات انڌاري پنڌ گهڻو.**

هن جي واين ۾ سونهن بہ قدرت جي اسراڻ تي بيٺل آهي. هن پنهنجن خيالن کي فلاسافرن جي نظر سان ڏسي وائي کي ويتر فنڪارانا نموني ۾

پيش ڪيو آهي. نارائڻ شيام جي شاعري تہ الڳ آهي پر هن جي پيش ڪش بہ بلڪل جُدا آهي هن جي هي وائي پڙهو:

**دور دور هئين دور، آلا اک ڇا تي ڳولي،**
**ڪونجون ڪري قطار اُڏاڻيون،**
**وڻڙي ويئي ڪجلي ڪڪري،**
**اُڀاڻڪي اُڀ ڏانهن نهاري،**
**آلا اک ڇا تي ڳولي؟**

هن وائي ۾ شاعر قدرت جي حسين ۽ رنگين نظارن کي ڏسي حيران ۽ پريشان ٿي ويو آهي. هو اهو سمجهي نٿو سگهي تہ اک اهڙن ساهرانا نظارن ۾ ڇا پئي ڳولي ۽ ڇو پئي ڳولي اها حقيقت آهي تہ قدرت ۽ اُنهن جي اثر وائي ۾ هجڻ لازمي آهي، انهي جي ڪري وائي جي اهميت وڌي وئي ۽ وڻندڙ بڻجي ٿي.

قدرت هن جي نظارن ۽ اُن جي انوکن اثرن جو شيام جي واين ۾ ڏاڍو اثر آهي. اُهي شيام جي جذبن ۽ احساسن کي اهڙي تہ طلسماتي نموني ۾ پيش ڪن ٿا جو ائين پيو لڳي تہ اعليٰ تخليقار اُنهن سيني شين کي خلقي ڪو سهڻو منظر پيش ڪيو آهي. هي وائي ڪا رڳو شاعري ناهي پر سونهن سچائي ۽ سُرهاڻ جو ڪو سهڻو نظارو آهي. اچو تہ هن جو مطالعو ڪيون:

ٿلهہ:

**مون نہ جواني ۾ لکي**
**ڪوئل جي ڪونجار، مون نہ جو اني ۾ لکي.**
**هير ڀني جي اوٽ ۾.**
**آئي جا هبڪار، مون نہ جواني ۾ لکي،**
**پوپٽ نچندا ئي رهيا.**
**رنگ رتي جهنڪار، مون نہ جواني ۾ لکي،**
**نيري نڀ جي گهور ۾.**
**هئين اُڪير اُپار، مون نہ جواني ۾ لکي،**

نارائڻ شيام هن وائي ۾ جيڪي رنگ ڀريا آهن جيڪي سُر ۽ سنگيت جا لهرا نروار ڪيا آهن ۽ جيڪي منظر پيش ڪيا آهن اُنهن جو ڪو بہ جواب نہ آهي. جديد سنڌي شاعرن جهڙوڪ شيخ اياز، تنوير عباسي، امداد حسيني، اُستاد بخاري، سروپ چندر شاد، تاج جوئي ۽ ٻين شاعرن جيڪي وايون لکيون آهن اُهي سهڻيون ۽ بي مثال آهن پر اُنهن ۾ جي نارائڻ شيام جي واين جي خوبين کي شامل ڪيو وڃي تہ سچ پچ اُهي امير ٿي رهنديون.

## نارائڻ شيام غزل جو ڀوڳڙهو شاعر:

نارائڻ شيام سنڌي ٻولي جو هڪ وڏو شاعر هو. ان تمام گهڻا غزل لکيا. هن جا غزل ڀوڳڙها، معياري ۽ مڪمل آهن. اُنهن ۾ رس آهي، رنگ آهي، درد آهي ۽ پُر اسرار نظارا آهن جيڪي پڙهندڙن کي ڏاڍو متاثر ڪن ٿا.نياز فتحپوري جي لفظن ۾ غزل جو تعلق انسان جي اُنهن جذبن سان آهي جيڪي تمدن جي هر دور ۾ پايا ويندا، اُنهي ڪري سنڌي جا جيڪي نام نهاد نقاد، غزل کي هڪ فرسوده صنف سمجهن ٿا، اُنهن شايد غزل جي قوتن ۽ وسعتن کي سمجهيو ناهي.

غزل اڄ ڪلهہ جي دور جي مقبول صنف آهي، هن ۾ ٻن مصراعن وارا شعر هوندا آهن جن جي ڀوڳڙن خيالن کي بحر وزن قافيي ۽ رديف جي ذريعي سان پيش ڪري وڏا رنگ رچايا ويندا آهن ۽ عشق، ديوانگي جي اثر تحت زندگي رازن ۽ روپن کي پڌرو ڪري زندگي کي وڌيڪ حسين ۽ رنگين بڻايو ويندو آهي.

## نارائڻ شيام جي غزل جون خوبيون:

نارائڻ شيام هڪ وڏو سنڌي شاعر آهي "هري دلگير نارائڻ شيام جي مجموعي رنگ رتي لهر ۾ خوب لکيو آهي. نارائڻ شيام پنهنجي غزل کي نوَن خيالن، احساسن ۽ انقلاب جو ذريعو بڻايو آهي. ننڍن ننڍن، مٺن مٺن لفظن ۾ لطف، حسين ۽ رنگين خيال نڀائڻ اها شيام صاحب جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي. نارائڻ شيام پنهنجن غزلن کي ڪامياب ۽ مؤثر بنائڻ لاءِ ڪمال

ڪاريگري سان بندش جي چستي، لفظن جي نشت، تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال ڪري پنهنجن غزلن کي سون، ساريڪو بنائي پيش ڪرڻ ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن وٽ جذبي، فڪر ۽ تخيل جو اهڙو لطيف سنگم ٿو ملي جيڪو سنڌي جي ٻئي ڪنهن بہ شاعري جي ڪلام ۾ مشڪل سان ملي ٿو. هن جي غزلن جون هي خاص خوبيون آهن جيڪي هن کي غزل جو وڏو شاعر بنائن ٿيون.

**(1) سلاست:**

دقيق ۽ ڏکين خيالن کي سولن سولن لفظن يعني عام فهم ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ اها شيام جي پهرين خوبي آهي.

**هجي جا ڪلڻ خوبين جي ۽ عيبن کان بنهہ آجي،**
**نہ پنهنجي شاعري اهڙي، نہ پنهنجي زندگي اهڙي.**

***-*-***

**ڏينهن جي شور ۾ رات جي خاموشيءَ ۾،**
**جي وسارڻ بہ گهريم، توکي وساري نہ سگهيس.**

**(2) رواني:**

اهڙا لفظ استعمال ڪرڻ جن کي اُچارڻ ۾ زبان نہ اٽڪي. ان خوبي کي رواني چئبو آهي. رواني پريل شعر پڙهندي لفظن جو اُهو ئي آواز نڪرندو آهي، جيڪو اُنهن لفظن جو اصل آواز هوندو آهي. رواني جي لحاظ کان جيتري قدر ٿي سگهي، شعر جو هر رڪن ڪنهن لفظ تي ختم ٿيڻ گهرجي. شيام جي شعرن جي اثر کي رواني وڌيڪ رنگين بڻائي ٿي. مثال طور هي بہ شعر پڙهو:

**گلي ڪنهن کي لڳايان ۽ چني ڇيهون ڪريان ڪنهن کي،**
**جگر پنهنجي جو رت آهي پريل هر گل جي رڳ رڳ ۾.**

***-*-***

ان ناز تان نثار پوي منٿ هڪ قبول،
ٻيهر تہ چؤ ائين ئي نهاري تہ ڇا ڪاريان.

**(3) اختصار:**

گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ مطلب ادا ڪرڻ کي اختصار چئبو آهي. اختصار نارائڻ شيام جي غزلن جي خاص خوبي آهي. اُنهن شعرن جو مطالعو ڪريو ۽ لطف حاصل ڪريو.

عشق انڌي جو انڌو رهندو،
حسن پاڻ کي سؤ سينگاري.

*-*-*

رات جي راڻي ڪاري رات،
هت هُت خوشبوءِ، جيئن اُفواهہ.

مٿئين شعر ۾ خوشبو جي اُفواهہ سان تشبيهہ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

**(4) تخيل:**

تخيل هڪ اهڙي قوت آهي جيڪا تجربن ۽ مشاهدن ذريعي ذهن ۾ اڳئي گهر ڪري ويل معلومات جي ذخيري کي ٻيهر ترتيب ڏيئي، هڪ نئين صورت بخشي ٿو ۽ پوءِ اُن کي لفظن جي اهڙي دلچسپ ۽ دلڪش نموني ۾ جلوه ڪري ٿو جيڪو معمولي نمونن کان بلڪل يا ڪي قدر عليحدو ٿيندو آهي. نارائڻ شيام جي غزلن کي تخيل خوب سنواريو ۽ سينگاريو آهي. شيام جي شعرن ۾ تخيل جا ڪيئي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

رات ڪاٽي اسان ٻنهي جاڳي،
نيٺ ڪنهن ڪنهن جي ننڊ چورائي.
ڳل ڇهڻ ساڻ گل ٽڙيا گويا،
چرچي چرچي ۾ ائين بهار آئي.

*-*-*

**خوف کان ننڊ نہ بلبل کي سڄي رات آئي،**
**وڃي گلشن مان صبا، گل کي نہ ڪيڏانهن ڪڍي.**

*_*_*

**ڇا فقط ڏوڙ آھہ ڌرتي تي؟**
**چنڊ وٽ صرف چانڊني هوندي!**

## (5) جدت:

جدت جو مقصد آهي تہ خيالن کي اهڙي نموني ۾ پيش ڪيو وڃي جيئن جديد زندگي ۾ اهو ماڻهن کي وڌي ۾ سرور پهچائي. جدت جو واسطو اظاهر سان آهي. انداز بيان جي جدت سان، معمولي ڳالهين ۾ بہ اهو لطف ۽ اهو اثر پيدا ٿئي ٿو جو شعر ٻڌندڙ وجود ۾ اچيو وڃن. نارائڻ شيام با شعور ۽ جدت طراز شاعر آهي.

**اسان جا پير اکين تي رکڻ لاءِ ماندي آھہ،**
**اسان کي واٽ ڇڪي توڙ تي رسائيندي.**

*_*_*

**تصور سان تنهنجي نہ چمڪيو ٿي ساغر،**
**ڇپن تائين آڻي بہ هاري ڇڏيو سين.**

*_*_*

**اڙي مٺو تہ مٺي ڪڻ، ڪرين اهو ڇا پيو،**
**قدم صنم جا بہ ڏس، پنهنجي سر جو بار بہ ڏس.**

## (6) جماليات:

سڳن آهوجا جي چوڻ مطابق ”جمالياتي شاعري،ماديت ۽ روحانيت جي دلڪشين کي هڪ ٻئي ۾ سموئي ڇڏي ٿي ۽ پنهنجن باريڪين ۽ نفاستن، وسعتن ۽ گهراين سان اسان جي حواسن کي تهذيبي تربيت ڏئي ٿي.“ نارائڻ شيام جي غزلن ۾ جماليات نمايان نموني ۾ موجود آهي.

**سونهن ڪيڏي نہ اڄ ڪيڏي سرهاڻ،**
**هڪ نظر ۾ ئي جيءُ هيڪاريو.**

***-*-***

**ڇا رس ڀري رهاڻ ۾ جهنڪار ماڪ جي،**
**ڏڙڪڻ ڪلين جي دل جي بندءِ انگ انگ ۾.**

### (7) تڙپ:

شيام جي غزلن جي ڪيترين ئي شعرن ۾ تڙپ ملي ٿي.

**ساڻ تنهنجو خيال ٻيو نہ رهيو،**
**هاءِ تنهائي، ههڙي تنهائي.**

### (8) روز مره جي ٻولي:

نارائڻ شيام جي غزلن جي ٻولي روز مره جي زندگي ۾ ڪم ايندڙ ٻولي هوندي آهي جيڪا پڙهندڙن کي خوب وڻندي آهي. خيالن کي وڻندڙ روپ ۾ پيش ڪندي آهي.

**اٿي چرکي بس ڪاوڙي مسڪرائي،**
**لڪي ڪنهن ڪئي پير تي ڪتڪتائي.**

### نارائڻ شيام جا هائيڪا: (جاپاني تصويرن):

جديد سنڌي شاعرن جاپاني صنف هائيڪو تي بہ تجربا ڪيا آهن. شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، امدا حسيني، ۽ ٻين هائڪو لکيا آهن پر اُهي ڪامياب هائڪو لکي نہ سگهيا آهن. سوائي نارائڻ شيام جي سنڌي جي شاعرن هائيڪو کي هائيڪو نماءُ جو نالو ڏنو ڪن ٽيڙو جو نالو ڏنو ۽ ڪن وري اُن کي هائيڪو بہ سڏيو.

هائيڪو جاپاني شاعري جو هڪڙو ننڍڙو نمونو هوندو آهي، هن ۾ ٽي ننڍڙيون مصراعون هونديون آهن. پهرين ۽ ٻي مصراع هم قافيا هونديون آهن. هائيڪو جون ماترائون 6، 7، 6 يا 5، 7، 5 هونديون آهن. هائيڪو ۾

قدرت بنيادي شيءِ هوندي آهي. شاعر ڪنهن قدرت جي اثر تحت ٿورن لفظن ۾ پنهنجن خيالن کي ظاهر ڪندو آهي. هائيڪو کي سولائي سان سمجهڻ ڏکيو هوندو آهي. غور ۽ ويچار ڪرڻ کان پوءِ هائيڪو ۾ سمايل جذبن کي سمجهي سگهبو آهي.

نارائڻ شيام پنهنجي هڪڙي خط ۾ هائيڪو بابت ائين چيو آهي: تصويرون مون جاپاني ڪوتا مان متاثر ٿي لکيون آهن. جاپاني ٻولي ۾ اُن ڍنگ کي هائيڪو چوندا آهن "Haiku" جاپاني ڪوتا ۾ Rhyme System قافيا نہ ٿيندو آهي. اُن ڪوتا جو آڌار آهن ماترائون. جاپاني ڪوتا جي پهرين سٽ ۾ 5 ماترائون ٻي سٽ ۾ 7 ماترائون ۽ ٽي سٽ ۾ 5 ماترائون ٿينديون آهن.

جاپان جي ڪوتا هائيڪو ۾ ٻہ عناصر ٿين ٿا هڪ دائمي يا ابدي ۽ ٻيو عارضي يا گهڙي جو جنسار. ليڪن ٻئي جزا بجلي جي چيڙن وانگر هڻڻ گهرجن جن جي ملڻ سان چمڪاٽ پيدا ٿئي. سنڌي جو نئون فارم چترڪاري جي ٽيڪنڪ تي بدّل آهي. يعني پهرين پس منظر، جنهن تي ايري ٿو هڪ نقش ۽ آخر اُن نقش جو خاص انگ يا جزي جو فڪر ۽ نظر جو مرڪز ٿي ٿو پوي. سنڌي هائيڪو ۾ پهرين پس منظر ايري ٿو ۽ آخر ان نقش جو خاص انگ يا جزو جو فڪر ۽ نظر جو مرڪز ٿو پوي. پس منظر ۽ فڪر هائيڪو جا خاص انگ آهن.

هائيڪو نارائڻ شيام جي من پسند صنف آهي. هو هائيڪو کي تصوير سڏي ٿو. جنهن ۾ جذبن ۽ خيالن کي اهڙي تہ ڪاريگري سان پيش ڪيو آهي، جيئن ڪو چترڪار چتر چٽيندو آهي. هن جي هائيڪو ۾ ٽي مصراعون ٿينديون آهن، پهرين ۽ ٽي مصراع هم قافيا هونديون آهن ٻي مصراع الڳ هوندي آهي. تنوير عباسي جي چوڻ موجب: مختصر طور هائيڪو هڪ عڪس آهي، جذبي سان پريل عڪس، اهو معروضي عڪس آهي، جيڪو ڪنهن "وٿ" (Object) کي وقت ۽ ماڳ (Time and space) ۾ متيعن ٿو ڪري ۽ ان ۾ موسم (Season) جو عنصر ضروري آهي.

هائيڪو ۾ گهڻو ڪري تيرهن ماترائون هونديون آهن 11، 13، 11:

**موڪل واري ڏينهن**
**چانئٺ تي بيٺس اچي،**
**اڄ بہ اچي پيو مينهن.**

هن هائيڪو ۾ مينهن جي وسڻ ڪي شيام اهڙي تہ خوبصورت نموني ۾ پيش ڪيو آهي جو ڄڻ ڪي چترڪار پنهنجي چتر ڪي پيش ڪري موج مچائي آهي.

نارائڻ شيام هائيڪو کي تصوير چوي ٿو تہ واقعي جذبن، احساسن ۽ نظارن کي تصوير جي شڪل ۾ پيش ڪري ٿو. شيام جا سڀ هائيڪو گهڻو ڪري جذبن ۽ احساسن جون موهہ ڀريون تصويرون آهن. هندستان جي ڪن نقادن هائيڪو کي تصوير سڏڻ کي غلط قرار ڏنو آهي پر ائين نہ آهي. شيام جون تصويرون هائيڪو کي رنگين ۽ حسين صورت ۾ پيش ڪرڻ جا حسين ۽ رنگين طريقا آهن.

شيام راڳيندڙ جي ساز اُن جي اکين ۽ چپن جي جذبي کي ڪهڙي نہ حسين چتر ۾ پيش ڪيو آهي. جنهن کي ڏسي چترڪار بہ حيران ۽ پريشان آهي. هن جا لفظ ۽ پيش ڪش ڪنهن بہ جذبي کي تصوير ۾ پيش ڪري سگهن ٿا.

**ساز رکيل پٽ ساڻ**
**بند اکيون چُپ ڳائڻو**
**راڳڻ ساڻ رهاڻ.**

نارائڻ شيام جا هائيڪو سچ پچ ٻين لفظن سان چٽيل تصويرون آهن اُنهن ۾ شاعري جا رنگ آهن ۽ چترڪاري جا عمده ڍنگ بہ آهن، اچو تہ هن خوبصورت هائيڪو جو مطالعو ڪريون ۽ شاعري ۽ چترڪاري جو لطف حاصل ڪريون.

نارائڻ شيام جا هائيڪو الڳ شيون آهن جن ۾ سُنهن آهي تہ سُرور بہ ۽ سهڻا جذبا ۽ سهڻا رنگ. هن جا هائيڪو نہ صرف اعليٰ شاعري آهن پر اعليٰ تصويرون بہ آهن، اچو تہ هن هائيڪو کي ڏسون ۽ اُن جي جذبن ۽ چترن کي ڏسي حاصل ڪريون.

پوپٽڙا رنگين،
ٻار تہ گڏجي ماءُ سان،
هائي هلندا ڪين.

نارائڻ شيام هڪ انوکو نظارو پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ رنگين پوپٽن اُن جي مستين ۽ ٻارن جي لاءِ اُن جي اوچتي وندر ڪي ڪهڙي نہ جذباتي ۽ طلسماتي نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

اهڙي حسين جذباتي تصوير کي پيش ڪرڻ نارائڻ شيام جو ئي ڪم آهي. ٻيو ڪو بہ شاعر اهڙي تصوير چٽڻ کان لهرائيندو.

نارائڻ شيام جا هائيڪو ڏاڍا مشهور آهن اُهي شاعري بہ آهن ۽ چترڪاري نارائڻ شيام جا هائيڪو معلوماتي توڙي فني طرح صاف سُٿرا آهن اڇا جزا بہ آهن، ڇا موزون قافيا آهن ۽ ڇا درست ماترائون آهن. موزون قافين جي ذريعي نارائڻ شيام پنهنجن هائيڪن ۾ خوب رنگ پريو آهي ۽ خوب صورتي پيش ڪئي آهي. هن جا قافيا سادا آهن پڪا ۽ پختا آهن.

گليءَ گليءَ ۾ شور،
اُنهاري جون موڪلون،
ٻار لغڙ ۽ ڏور.

*_*_*

ڪوئل جي ڪونجاهر،
دونهون جيئن جهاز جو
هي جمنا جي ڏار.

نارائڻ شيام ڪهڙي نہ سولائي سان جذبن ۽ عزمن جون ڪي ناياب تصويرون پيش ڪيون آهن، جيڪو سنو چترڪار تہ اُنهن تصويرن کي چترن ۾ چٽي سيني کي موهي سگهي ٿو. چترن ۾ رنگ ۽ لڪيرون سونهن پيدا ڪنديون آهن ۽ نارائڻ شيام پنهنجن تصويرن کي صاف، سُريلن ۽ معنيٰ ڀريل لفظن ۾ پيش ڪري وڏو ڪارنامو سر انجام ڏنو آهي. سچ پچ نارائڻ شيام جا هائيڪو سنڌي شاعري جي سونهن آهن ۽ اُهي سونهن ۽ دل فريبي جي ڪري اسان جي ذهن تي ڇانيل رهندا.

اچو تہ نارائڻ شيام جي اُنهن هائيڪن کي پڙهون ۽ مزا ماڻيون.

ڏيئي کنڌ کي ٻانهن
کٽ تي ليٽي پئي ٽڪيئہ،
رات ستارن ڏانهن.

*_*_*

تارا سهس هزار،
هو ماناري تي مکيون،
ٽپڪي روشن لار.

*_*_*

در کڙڪايو واءُ،
کوليم پر کنهن کي کلي،
چوان تہ اندر آءُ.

## نارائڻ شيام: ڊاڪٽر سحر امداد جا خيالات

نارائڻ شيام جديد سنڌي شاعري جو هڪ وڏو شاعر آهي. هن گهڻين ئي صنفن ۾ شاعري ڪري وڏي هلچل مچائي ڇڏي آهي. هن جي شاعري ۾ سچ آهي، سنگيت آهي ۽ سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ثقافت جو گهرو مطالعو ڪيو ويو آهي. هن جي شاعري ۾ سنڌي تهذيب جا سوبن رنگ ۽ روپ آهن. هن جي شاعري سنڌ جي ۽ سنڌي ٻولي جي هڪ بي مثال تصوير آهي.

نارائڻ شيام تمام گهڻي شاعري ڪئي آهي. هو شيخ اياز جو جهونو دوست آهي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ايڏي وڏي شاعر نارائڻ شيام کي سنڌ ۾ وساريو ويو آهي. سنڌ ۾ هن تي تمام ٿورا مضمون لکيا ويا آهن. شيخ اياز تنوير عباسي ۽ امداد حسيني هن تي ڪجهہ لکيو آهي. هن تي ڊاڪٽر سحر امداد هڪ متاثر ڪندڙ مضمون لکيو آهي. جنهن جو عنوان آهي ”موجوده دؤر جو هڪ اهم شاعر“ جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل رسالي مقالا ۾ شايع ٿيل آهي. ڊاڪٽر سحر امداد مشهور سنڌي اديب، شاعره

۽ نقاد آهي. هن جي سوچ سچي آهي ۽ هن جي پيش ڪش نرالي آهي هن پنهنجي مضمون ۾ نارائڻ شيام کي ساراهيو آهي پر پنهنجو پاڻ کي هڪ روشن خيال نقاد طور پيش ڪيو آهي. نارائڻ شيام جو اهڙو مطالعو هن طرح ڪنهن ٻي سنڌي شاعر ۽ اديب پيش نہ ڪيو آهي. هن مطالعي ۾ نہ واڪاڻ آهي نہ ڪا اجائي گلا آهن هن ۾ ادبي طرح هڪ وڏي شاعر جو ڪلي دل سان اپياس ڪري اُن جي شاعري کي پڙهندڙن اڳيان رکيو ويو آهي.

نارائڻ شيام وڏو تخليقڪار اهي اُن جي تخليقن ۾ زندگي جا سوين رنگ موجود آهن جيڪي پڙهندڙ کي موهي ڇڏين ٿا. هن جي شاعري عام ماڻهن جي جذبن، احساسن، کي رنگ ڏيکاري ڄڻ جادو پکيڙن ٿا. هن جي شاعري ۾ سنڌ جو روايتون مُرڪن ٿيون جيڪي زندگي کي مُراڪي نوان جلوه ڏيکارين ٿيون هن جي شاعري ۾ سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ريتون، رسمون موجود آهن جيڪي شاعر کي منفرد بڻائن ٿيون. شاعر هن جي شاعري ۾ جيڪا سُنهن پکيڙي آهي، ثقافت جا رنگ قائم ڪيا آهن ۽ ڌرتي ۽ ڌرتي جي روپ کي پيش ڪيو آهي. اُنهي جو ڪو جواب نہ آهي. هن سنڌ جي روپ کي سنواري سنڌ جي جيجل ماءُ جي رنگ ۾ پيش ڪري اهڙي تہ تخليق ڪاري ڏيکاري آهي جو هر هنڌ واهہ واهہ پکڙجي وئي آهي. نارائڻ شيام جي شاعري ۾ سُنهن آهي، زور آهي، اُڇل آهي ۽ انسان ذات لاءِ هڪ صاف ۽ سٺو پيغام آهي. هن جي شاعري جو مطالعو زندگي جو مطالعو آهي.

نارائڻ شيام هڪ وڏو شاعر آهي. هن گهڻن ئي صنفن ۾ لکي ڪمال ڪيو آهي. هن جي هر صنف ۾ شاعري مثالي ۽ لاجواب آهي. هن جا بيت هجن يا سورٺا، وايون هجن يا دوها، گيت هجن يا نظم، ترائيل هجن يا هائيڪو آهي. سڀ معنيٰ جا موتي آهن. اُنهن جي سونهن رواني ۽ پيش ڪش اعليٰ طرح آهي. اُنهن کي پڙهي ماڻهو هر شيءِ ۾ هيرا موتي ۽ لالون ڏسي خوش ٿي وڃن ٿا. هن جي شاعري ۾ جادو آهي ۽ زندگي کي سنوارڻ جا نوان نوان رنگ ۽ ڍنگ آهن. نارائڻ شيام هڪ جادوگر شاعر آهي هن جي لفظ لفظ ۾ جادو آهي، جيڪو پڙهڻ وارن کي موهي ڇڏي. هن جي لفظ ۾ جيڪو رنگ آهي، اهو هر لفظ کي سوني وارو رنگ ڏئي عام شين کي خاص

شين ۾ بدلايو ڇڏي. هن جا لفظ سنا، معنيٰ خيز ۽ سنڌي کي سنوارڻ وارا هيرا موتي آهن. هن پنهنجي شاعري ۾ معنيٰ خيز لفظ آڻي اُنهن ۾ جيڪا سُنهن ۽ نوان پري آهي، جو ائين پيو لڳي ڄڻ هڪ وڏي تخليق ڪار تخليقڪاري جا سهڻا سهڻا روپ ڏيکاري هڪ وڏي تخليق ڪار هجڻ جو ثبوت پيش ڪيو آهي.

نارائڻ شيام گهڻائي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ زندگي جا رنگ ۽ روپ مرڪندي نظر اچن ٿا. هن جي شاعري معني جي کاڻ آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ ڄڻ هيرا لال موتي ۽ اهڙيون بي مُل چيزون پيش ڪيون آهن ڄڻ ڪو ماهر سونارو پنهنجا قيمتي زيور ناهي سونهن ۽ سوڀيا کي سنواري رهيو آهي. هن جي هٿن ۾ ڄڻ ڪو جادوئي رنگ آهي، جيڪو زندگي جي هر تڪليف ۽ مصيبت ۾ اُن کي رنگي خوشي ۽ اُميد ۾ بدلايو ڇڏي. نارائڻ شيام جي شاعري ۾ اُميد ۽ آسري جو پيغام موجود آهي جو پڙهندڙ جهوميو اُٿن ۽ ڪوششون ڪري هو اُهو سڀ حاصل ڪن ٿا. ڄڻ ڪي ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنتون ڪن ٿا. هن جي شاعري ڪاميابي جي ڪُنجي آهي. هن جي شاعري ماڻهن کي جاڳائي هر ڪم ڪرڻ جي لائق بڻايو ڇڏي. جنهن کي سونهن ۽ سوڀيا گهرجي مقصد ۽ منزل گهرجي جنهن کي هر مصيبت کان بچڻو هجي اُن لاءِ اُهو لازمي آهي ته هو نارائڻ شيام جا شعر پڙهي پاڻ کي سمجهي عوام کي سمجهي ۽ ڪائنات جي رچندڙ جو جلوو ڏسي.

نارائڻ شيام هڪ سُريلو شاعر آهي پر هڪ سُريلو انسان به آهي. هو سونهن ڏسي ٿو ته بڇڙائي پڻ ڏسي ٿو. خوشي به ڏسي ٿو ته غم به خوشحالي ڏسي ٿو ته بک ۽ اڃ به هو آزادي ڏسي ٿو ته قيد پڻ. هو سهائي رات ڏسي ٿو ته اونداهي رات به مطلب ته هو زندگي جا سڀ رنگ ۽ ڍنگ خوشيون ۽ ناراضگيون، ملڻ ۽ وڇڙڻ، اُميد ۽ نااُميد ڏسي زندگي کي صحيح نموني ۾ سمجهي زندگي گذاري سگهي ٿو. اُهي زندگي جا رنگ آهن.

نارائڻ شيام هڪ سهڻو سُريلو ۽ تجربيڪار شاعر آهي هن جو اسلوب انوکو آهي، منو آهي ۽ حيران ڪندڙ پڻ هو پنهنجن شعرن کي

سچائي سان پيش ڪري سچي هجڻ جو ثبوت پيش ڪري ٿو. هن جي تخليقن ۾ سادي ٻولي، سگهارا مثال، سهڻيون تشبيهون ۽ معنيٰ خيز چوڻيون هونديون آهن جيڪي هن جي طرز تحرير کي جرڪائي ڇڏين ٿيون. هن جو اسلوب ڏاڍو وڻندڙ آهي. هن جي ٻولي عام ماڻهن جي ٻولي جيان معنيٰ پربل آهي. هن جي ٻولي ۾ رس آهي مناس آهي گهرائپ آهي ۽ پنهنجائپ آهي. اُهي سڀ شيون هن جي اسلوب کي سنواري سينگاري هن کي مقبول بنائن ٿيون سهڻا خيال عمده پيش ڪش ۽ اثر انگيز اسلوب هن جي لکڻين کي بي مُل بنائن ٿيون.

**اُن تہ هڪ آواز فضا ۾ گم ٿي ويندو سانءِ،**
**منهنجي ملڻ لاءِ پوءِ گگن ۾ واجھہ وڌا وجھجانءِ،**
**بس ۾، ڪي بس جي ڦيٿن مان، ڦرندي گذري وقت،**
**هي گھر، دفتر، روڊ، نگر پر، من نہ ڪٿي ٿر ٿانءُ،**
**ڏينهن جي گهاٽي جنگل ڪان پوءِ، رات جي اونهي ڍنڍ،**
**هين مان پاڻ ڦتائي، هُن ۾ پاڻ کي غرق ڪجانءِ،**

نارائڻ شيام اهڙو تہ سهڻو شاعر آهي جو هو هر شيءِ، هر نظاري کي اهڙي تہ چٽي نموني ۾ پيش ڪري ٿو جيئن ڪو چترڪار چترڪاري ڪندو هجي جنهن ۾ خوشي جا رنگ هوندا آهن. آس اُميد جا رنگ هوندا آهن ۽ مُرڪڻ ۽ جرڪڻ جا رنگ موجود هوندا آهن. هن جي شاعري ۾ زندگي جا سيئي رنگ آهن جيڪي زندگي کي جرڪائيندا رهندا آهن.

## نارائڻ شيام جي شاعري جي اهميت:

نارائڻ شيام سنڌي ٻولي جو تمام وڏو شاعر هو. هو اعليٰ صفتن وارو ذات ڏٺي هو. هن پنهنجو پاڻ کي سنڌي ٻولي ۽ شاعري تان گهوري نہ صرف پنهنجي ٻولي کي ترقي ڏياري پر پنهنجو مان بہ مٿانهون ڪيو. هو گهڻو پڙهيل لکيل هو. فارسي ٻولي جو سنو ڄاڻو هو. هو محنتي هو ۽ فرض سناس بہ هو اُنهي ڪري هن هر مصيبت سهي پنهنجي زندگي گذاري ۽ سنڌي ادب ۽ شاعري ۾ بي شمار ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون. هو هڪ هيرو هو.

ڪوهينور هيرو هو. اُن پنهنجي قابليت ۽ ادبي صلاحيتن جو ڀرپور استعمال ڪري سنڌي شاعري کي شاهڪار بڻايو. هن شاعري ۾ تمام گهڻن صنفن تي لکيو. هن دوها، بيت، وايون، گيت، نظمون، غزل، رباعيون، ترائيل، سانيٽ، هائيڪا وغيره لکي پنهنجن صلاحيتن جو مظاهرو ڪري. هو جڏهن لڏ پلاڻ کان اڳ ۾ سنڌ ۾ هو تہ سنڌي اديب ۽ شاعر هن کي ساراهيندا هئا ۽ هن جو قدر ڪندا هئا. لڏ پلاڻ کان پوءِ جڏهن هو هندستان ويو تڏهن هن تمام گهڻو ادب، ناٽڪ ۽ شاعري لکي ۽ سنڌي ماڻهن کي ڇرڪائي ڇڏيو. اُهي ڇوڙ لڳا تہ هڪ خراب مالي حالتن ۾ رهندڙ هڪ اديب ۽ شاعر اهڙو سنو ڪيئن ٿو لکي. اُنهن کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ اُنهن هن جو قدر نہ ڪيو. هن جي ڇاڙو پر هن همت نہ هاري هن ڇيو تہ هيرو تہ آخر هيرو آهي. پنهنجي آهي. اُن کي ڪو بہ رد نٿو ڪري سگهي. هندستان جي اديبن ۽ شاعرن ڪتاب ڇپائيندڙ ادارن ۽ شاهوڪار ماڻهن هن جي مان ۾ مشاعرا نہ ڪرايا هن جي لکڻين کي عام نہ ڪيو. هن جي ڪا واهر نہ ڪئي ۽ هن جي لکڻين کي ڇاپائي هن شهرت وڏائڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ ورتي. نارائڻ شيام جيڪو سنڌ ۾ رهندڙ اديبن ۽ شاعرن ۾ وڏو مقبول آهي. شيخ اياز، عبدالرزاق راز، تنوير عباسي، استاد بخاري، امداد حسيني، ڊاڪٽر سحر امداد تاج جويو ۽ ٻيا هن جا وڏا قدردان آهن. هو هن جي شاعري جا وڏا عاشق آهن. هو هر موقعي مهل تي نارائڻ شيام جا ڏينهن ملهائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن ۽ هن جي لکڻين کي شايع بہ ڪرائيندا آهن. پنهنجن ٻيبها ادبي صلاحيتن کي استعمال ڪري هن پنهنجو پاڻ کي مقبول بڻايو آهي. هن جي اها مقبوليت ختم ٿيڻ واري نہ آهي. وقت بدلجي پيو ماڻهن جا ڪم ڪار وڌي ويا آهن. اُنهن وٽ، ايترو ٽائيم ناهي جو اهي ڊگهيون نظمون ۽ ٻيا کي ڊگها شعر وغيره پڙهڻ جي لاءِ آتا هجن. نارائڻ شيام ڪيترائي ننڍا شعر لکيا آهن. هن جا دوها، بيت، وايون ۽ هائيڪو ڏاڍا مشهور آهن، اُنهن کي پڙهي هو پنهنجي شاعري کي نمايان بڻائي، سُرخرو ٿيڻ لاءِ هر وقت تيار آهن. اڇو تہ هن جي ننڍڙن ننڍڙن شعرن کي ياد ڪري رس حاصل ڪريون.

**دوهو:**

**ماڪ مثل رئندو رهيس، اونداهي ۾ رات،**
**ڪرڻن سان ڳوڙها اُگهيئہ، پرچائي پرڀات.**

**دوهو:**

**چنڊ لڳو ٿي ائين، اُپ ۾ آڌي رات جو**
**جر تي هو ريان جيئن، تري هنس نِنڊ اڪڙو.**

**دوهو:**

**رات ائين ها سيج تي، وڪڙيل تنهنجا وار**
**چڙ شاعر جي ذهن تي، ربط بنا استعار.**

**بيت:**

**تنهنجي منهنجي پريت، جيئن ٻہ ٽڪڙن هڪ دوهڙو**
**تو بن ڪهڙي ريت، سرتا، ڪا معنيٰ مون ڪي.**

***_*_***

**مومل ماڪيءَ ميٺ! مون سان چار اکيون ڪري،**
**ڪيئي نگاهون هيٺ، ويئي پت تان اُس لهي.**

***_*_***

**برسي بادل بوند، دل ۾ جاڳيا پاؤ ڳيچ،**
**وڇوڙ جان اٿهوند، ڏنگ هڻي ماندو ڪيو.**

**وايون:**

**گهري گهري سانت گونج آ ڳاتي گيت جي،**
**آڌي رات، پني فضا تاريلي ايڪانت.**
**گونج آ ڳاتي گيت جي.**

**لهرائي لڙ لڙ اندر بادل بجلي پانت،**
**گونج آ ڳاتي گيت جي.**

**ساز پڳل، چپ ڳائڻو مک تي ڪومل ڪانت،**
**گونج آ ڳاتي گيت جي.**

## هائيڪا: تصويرون

چتر چٽڻ جو موهہ
ٿي ئي ويو منهنجي هٿان،
رنگ رتو اڄ ڏوهہ.

*_*_*

روئي ڏيڻ ثواب،
ڪتا اٽڪيا پاڻ ۾،
سهڪي سهن عذاب.

*_*_*

مور مور ئي مور،
هتي هُتي اُوري پري،
شور شور ئي شور.

*_*_*

ڇٽيل گلن جو ڍير،
نئڙي پٽ تان پنکڙيون،
چونڊي ويٺو ڪير.

## غزل:

نارائڻ شيام جا غزل چمڪندڙ تارن وانگر آهن اُنهنجي چمڪ قائم آهي ۽ قائم رهندي. نارائڻ شيام اهم ۽ وڏو شاعر آهي. هن جي اهيمت قائم رهڻ واري آهي.

## غزل

ڪو نہ ڪنارن جو ويساهہ،
ڀائيندو ٻيي آ درباهہ.
هر هر هئين اُپ ڏانهن نگاهہ،
هاءِ مٺي دل جو ويساهہ.

**مون وٽ تہ نہ تارا نہ چراغ،**

**رستو آهي راتو واهہ**

**رنگ رتي سرهاڻ مٿان،**

**حرص پري گنجار سياهہ**

**رات جي راڻي ڪاري رات،**

**هت هُت خوشبو جيئن افواهہ**

**روئي عشق ٿيو خاموش،**

**حسن ڪنيو هڪ سُک جو ساهہ**

**پڇن جو ڦل پنهنجي ديد،**

**دل ڪي ڪينچي، جيئن گناهہ**

**ڳائجي اڄ موهن جو دڙو،**

**ڪلهہ ٿي هئي تهذيب تباهہ**

**وسريا ڏينهن، ويساها مينهن،**

**هاڻ نہ اُٿلي ڪو درياهہ**

**ڪل دل! جيئن گڏ جڳهہ بہ ڪلي،**

**جڳہ سان ڪرڻو آهہ نباهہ**

**اُس ۾ لُڪ جو پنڌ سهي،**

**واٽ تي آهہ جهجي وڻراهہ**

**لڙڪن ۾ ئي پيهي شيام،**

**پائي سگهنديدا دل جو گاهہ**

ناراڻ شيام جي شاعري ۾ سچ، سونهن، سرهاڻ، درد، تڙپ ۽ سڪ موجود آهي، ڪو اهڙو انسان هوندو جيڪو اُنهن کان پڄڻ جي ڪوشش ڪندو.

سنڌ جي هر دل عزيز شاعر پنهنجي ڪتابڙي سُر ناراڻ شيام کي هن نموني سان ساراهيو آهي.

ساري رات ڪبير سان، تون، مان ڳالهايو،
ڌرتي انبرُ تي وئي اهڙي پرڳايو،
ور ور ورجايو، نياپو هن جي نينهن جو.

*_*_*

آهه اڌوري تو بنا، هيءَ جا منهنجي مون،
ساميءَ وانگر تون، سدا رهندين سنڌ ۾.

## مددي ڪتاب


(1) بوند، لهرون، سمنڊ. ڊاڪٽر تنوير عباسي.

(2) شيخ اياز. پنج شعري مجموعا. محمد ابراهيم جويو.

(3) سُر نارائڻ شيام. شيخ اياز.

(4) ڪونج خاص نمبر. ڪيرت ٻاٻاڻي.

(5) ڪونج خاص نمبر. گوبند ”مالهي“

(6) ڪونج خاص نمبر. ارجن ”حاسد“

(7) هسٽري آف سنڌي لٽريچر. ايل ايڇ اجواڻي.

(8) شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام. محمد ابراهيم جويو. ”مهراڻ“ مارچ 1999ع

# شيخ مبارڪ اياز

## ولادت: 2 مارچ 1923ع، وفات: 28 ڊسمبر 1997ع

**اديبن ۽ نقادن جا رايا**

(1) اياز نه رڳو هن صديءَ جو وڏو شاعر هو، پر صدين جو شاعر هو. جيئن اڳئين صديون گذرڻ کان پوءِ به ڀٽائي جي عظمت ۽ اهميت برقرار آهي، تيئن اياز ايندڙ صدين ۾ به زنده رهندو، ڇو ته اياز ماضيءَ جو تسلسل، حال جو ترجمان ۽ مستقبل جو رهبر شاعر آهي.“

**تاج جويو. مان ورڻو هان، مان ورڻو هان**

(2) اڄوڪيءَ سنڌ جي پاڪ ڌرتيءَ تي، ادب ۽ فن جي ميدان ۾، سچ ۽ ڪوڙ جي هن دنيا ۾ دشمن جا سيئي وار اياز وڏي وڏي پاڻ ڏانهن موڙيا ۽ پنهنجي اڪيلي سِر تي سَٺا. اسان جا سمورا ساٿي خود اُهي جيڪي بنهه مُهڙ ۾ هئا سي سيئي دشمن جي مورچن منجهان ڇُٽل تيرن کان گهڻي قدر محفوظ رهيا، ڇاڪاڻ جو اياز سندن تيرن آڏو پڻ پنهنجو سينو سپر بنائي بيٺو.

**محمد ابراهيم جويو. سورج مکي سجهه جو ماڳ**

(3) شيخ اياز سچ پچ سنڌين جو لوڪپر ۾ (محبوب ترين) لاڏلو مها ڪوي (عظيم شاعر) هو. هن نه رڳو جديد سنڌي ڪوتا (شاعري) جي فن ۽ فڪر کي ڳائي اوج ڏني، پر نثر کي به شاعراڻي رواني ۽ ڪلپنا سان دلڪش ۽ دلچسپ بڻايو. هو پڪا 80 سال سنڌي ڪويتا تي ڇانيل رهيو ۽ 50 کن ڪتاب لکيائين. جن مان تمام گهڻا شعري مجموعا آهن.

**اي.جي. اُتم آڪاش کان وڏو ڌرتي جو شاعر جو مضمون**

(4) شروع کان ئي شيخ اياز بابت گهڻو ڪجهه ٻڌو هئم جنهن ۾ دهريو، ناٽڪ ۽ غدار جا لقب القاب پيش پيش هئا. ڏينهن پڄاڻا اياز جي ڪنهن وائي جي سٽ نظرن مان گذري، ”پون نه آئي پانءَ آهه مان اُڏري ويندو سانءِ“ ان وائي ۾ الائي ڪهڙو ڏوراپو هو. ڪا ميار هئي ڪو پنهنجائپ ڀريو سهاپو هو جنهن جيءَ کي جهونجاري ڇڏيو.“

**مهتاب محبوب. رڻ تي رم جهم مضمون**

(5) هو هن صدي جو سرواڻ شاعر آهي. هن سنڌي زبان کي لفظن جو وڏو ذخيرو ڏنو آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ ترنم ۽ شعريت کي قائم رکيو آهي، اهي عظمت جا نشان آهن. هو سنڌي شاعري ۾ ڪيترين صنفن جو موجد آهي. جنهن کي سنڌي ادب جي تاريخ وساري نه سگهندي ائين چئجي ته هو هن دور جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

**شيخ عبدالرزاق راز. سانگي ڪي سارايام**

(6) اياز جي شاعري جو تڏي دل سان مطالعو ڪجي ته محسوس ٿيندو ته تاريخ ڳالهائي رهي آهي، ڪو لمحو ڪو قدر، ڪا حقيقت وقت جي ڏيڻ ۾ دفن ٿي فنا نه ٿيندي، پر هڪ ابدي زندگي جي خواب جي طرح اُن طرف ڏسي رهي آهي ۽ شيخ اياز اُنهي کي نون لفظن، نون روپن ۽ نوَن شڪلين ۾ ايار ڪندو پيو وڃي ۽ اُنهي کي پنهنجي زماني جي اڳيان کنيو پيو وڃي.

**حمايت علي شاعر. شيخ اياز (اردو)**

## جنم:

شيخ اياز جديد سنڌي شاعري جو عظيم شاعر آهي. هن جو جنم 2 مارچ 1923ع ۾ شڪارپور سنڌ ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو مبارڪ هو هن جي ذات شيخ هئي ۽ هن جو تخلص اياز هو. شيخ اياز جو تعلق شيخ گهراڻي جي شاهوڪار ماڻهن سان هو. ننڍي هوندي کان ئي هو لاڏ ڪوڏ سان پليو. هن جي دوستي هندو ٻارن سان تمام گهڻي هئي.

## تعليم:

شيخ اياز جا مائٽ پڙهيل لکيل هئا ۽ اُنهن شيخ اياز جي پڙهائي جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. هو ننڍي هوندي کان ئي ذهين ۽ فرمانبردار شاگرد هو. هن پنهنجي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ بي.اي. جو امتحان به شڪارپور مان پاس ڪري وڏو مان پرايو شهر جا نوجوان هن کي پسند ڪندا هئا ۽ هن جي سٺي صورت ۽ سيرت جي ساراهه ڪندا رهندا هئا. هو شهر جو هڪ پيارو هوشيار ۽ دل پسند شاگرد هو. هو تقريري مقابلن ۾ حصو وٺندو هو ۽ انعام ۾ حاصل ڪندو هو.

## وڪالت جي تياري:

شيخ اياز وڪالت جي تياري جي لاءِ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ هن کي به منارام هاسٽل ۾ داخلا ملي جتي اڳئي سنڌ جا ڪيترائي قابل ۽ هوصلي مند نوجوان شاگرد رهندا هئا. جهڙوڪ شيخ عبدالرزاق راز، سوڀو گيانچنداڻي، گووند مالهي، هري دلگير وغيره هئا. شيخ اياز مائيٽي ۽ خوددار طبيعت جو مالڪ هو. هو ساٿين سان ڪڏهن ملندو رهندو هو ۽ ڳالهائيندو به ٿورو هو. هو ياري دوستي جو قائل ڪو نه هوندو هو هو ڪنهن جي به ڪمري ۾ نه ويندو هو ۽ ٻيا دوست هن سان ڳالهائڻ لاءِ هن جي ڪمري ۾ ايندا هئا. اُتي ادب ۽ شاعري تي بحث مباحثا ٿيندا هئا. شيخ اياز اُنهن مباحثن ۾ حصو وٺندو هو. ساٿين کي به پنهنجن خيالن کان ڏاڍو متاثر ڪندو هو. سڄي ڪراچي ۾ جديد ادب تي مباحثا ٿيندا هئا. مضمونن جا مقابلا ٿيندا هئا. اُنهن ۾ اُهي سڀ نوجوان سنڌي ادب ۽ شاعر حصو وٺندا هئا ۽ خوب پرائيندا هئا. شيخ اياز جدت جو قائل هو. ڪميوسٽ ادب کي پسند ڪندو هو ۽ ٻين ٻولين جي ادب کي به پڙهي پنهنجي علم ۾ واڌارو آڻيندو هو. شيخ اياز اُن وقت گورڪي، نذر الاسلام، خليل جبران ۽ اردو جي شاعرن ۾ فيض، راشد، ميرا جي کي پڙهيو ۽ پنهنجي ذهن کي وڏي وسعت ڏني. اُن جي سوچ ۾ وڏو ڦيرو آيو ۽ هو جديد دنيا جي رنگن ۾ رنگجي ويو. انهي کان پوءِ شيخ اياز مينارام هاسٽل ڇڏي

جناح ڪورٽس ۾ رهڻ شروع ڪيو. اُن اُتي ايل.ايل.بي. جو امتحان پاس ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڪاميابي سان ايل.ايل.بي. جو امتحان پاس ڪري موٽي آيو ۽ اُتي وڪالت شروع ڪيائين.

## وڪيل جي حيثيت ۾:

شيخ اياز وڪيل جي حيثيت ۾ ڪڏهن ڪڏهن هو شڪارپور ۾ ڪم ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ڪراچي ۾ سُٺي شڪل روب دار ٻولي ۽ سُٺي بحث مباحثي ڪان پوءِ هو ججن کي قائل ڪري ڇڏيندو هو ۽ ڪيس کٽي ويندو هو. هو ڪراچي ۽ شڪارپور ۾ مشهور وڪيل ٿي ويو. هو هر قسم جي ڪيسن ۾ همت ۽ حوصلي سان حصو وٺندو هو ۽ ڏکيا ڏکيا ڪيس کٽي داد حاصل ڪندو هو. اُن وڪالات ۾ ڪافي ڪمايو ۽ ڪافي شهرت حاصل ڪئي.

## سنڌ يونيورسٽي جو وي.سي.

ڪجهه وقت جي لاءِ شيخ اياز ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جيل ۾ هڪ ئي ڪمري ۾ گڏ رهيا. شيخ اياز جي اُٿڻ ويهڻ ۽ هن جي شاعري ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڏاڍو متاثر ڪيو. جيل مان ڇُٽڻ ڪان پوءِ جڏهن هو پاڪستان جو وزير اعظم ٿيو. اُن شيخ اياز کي سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر بڻايو. اُها ڳالهه سنڌ جي استادن ۽ پروفيسرن کي نہ وڻي. سنڌي ادب جي اسلامي تحريڪ جي ليڪڪن شيخ اياز جي خلاف وڏو گوڙ مچايو پر جنهن کي ذوالفقار علي ڀُٽو چاهي اُن کي ڪير ٿو هٽائي سگهي. شيخ اياز باقائدگي سان هن عهدي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن جلد ئي وڏي تعداد ۾ عورتن ۽ مردن کي پروفيسر طور نوڪري ڏني. پروفيسرن محنت سان ڪم ڪري پاڻ کي خوب مچايو. وائس چانسلر جي آفيس جو ڪم ۽ اُن جا طريقا غير معمولي هئا. هن جي آفيس ۾ هر وقت رونق لڳي رهندي هئي ۽ عام ماڻهو شيخ اياز سنڌ جي اسلامي اديبن تي الزامن جا سوين تير ڇوڙيا. بدانتظامي جا تير، بي حيائي جا تير، بدمعاشن جا تير، طرفدارن جا تير، بد اخلاقين جا

تير، ڪافر پٽي جا تير وغيره. شيخ اياز جيئن تہ ذوالفقار علي ڀٽي جو لاڏلو هو اُنهي ڪري هو بچندو رهيو. هن هندستان جا بہ ڪيترائي دورا ڪيا ۽ وڏي مشهوري ماڻي. وي.سي. جي حيثيت ۾ هو ڪيترائي ملڪ گهميو. هن اُنهن بابت ڄاڻ حاصل ڪري پنهنجي معلومات ۾ اضافو ڪيو. هن اُنهن ملڪن جي ادب کي پڙهيو ۽ اُن ملڪن جي ادبي صنفن تي ڪم ڪري اُنهن کي سنڌي ٻولي ۾ رائج ڪيو.

## مشهوري جا سبب:

شيخ اياز هڪ وڏو ڏات ڏڻي هو، شاعر هو ۽ عظيم تخليق ڪار هو. اُن پنهنجي ادبي صلاحيتن تخليقي خوبين ۽ فني ڪارنامن جي ڪري خوب ترقي ڪئي ۽ مشهوري پرائي هن جي مشهوري رڳو هن جي ادبي صلاحيتن جي مرهون منت ناهي. سنڌ جي نوجوان اديبن ۽ شاعرن هن جي خوب مدد ڪئي. اُنهن شيخ اياز جي شان ۾ جلسا ڪرايا، مشاعرا منعقد ڪرايا ۽ شيخ اياز کي خوب مشهور بڻايو. اُنهن پنهنجي هڙان ۽ وڙان خرچ ڪري شيخ کي سنڌ جو لاڏلو ۽ دادلو شاعر بڻايو سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽي جي جرئت مند ۽ قدردان شاگردن شيخ اياز جي شعرن کي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ خوب موج مچائي ۽ رنگ رچايا ۽ شيخ اياز کي ڪُلهن تي چاڙهي گهمايو ۽ ڦرايو ۽ هن جي لاءِ نعرا لڳائي هن کي خوب داد ڏنو ۽ هن جي شهرت کي آسمان تائين پهچائي ڇڏيو. پر جڏهن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽي جو وي.سي. بڻيو تہ هن اُنهن فرمانبردار ۽ حمايتي شاگردن جو قدر نہ ڪيو. هن ڪيترن ئي شاگردن کي دٻايو ۽ ڏمڪايو ۽ ڪيترن ئي شاگردن کي سزائون ڏنيون. هن گهڻن ئي شاگردن کي يونيورسٽي ۾ ريسٽيڪيٽ ڪري اُنهن جي زندگي کي ناڪارا بڻائي ڇڏيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن وي.سي. جو عهدو ڇڏي ڏنو. اُن کان پوءِ شيخ اياز پنهنجن ادبي ڪارنامن ۾ لڳي ويو. هن گهڻائي ڪتاب لکي سنڌي ادب کي ترقي ڏياري. هن سنڌي ٻولي کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون. سنڌي ٻولي جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ اڻ ٿڪ ڪوشش ڪيون.

## ستاره امتياز جو اعزاز:

اُنهي دور ۾ شيخ اياز ڪيترائي ادبي ڪارناما سرانجام ڏنا. اُنهن خدمتن جي ڪري هن کي ستارا امتياز جو اعزاز بخشيو ويو. هي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن وڏو اعزاز حاصل ڪري نه رڳو پنهنجي شان کي وڌايو پر سموري سنڌ جي عزت کي به اوج تي پهچايو.

## شخصيت:

شيخ اياز هڪ نرالي شخصيت جو مالڪ هو. هو سهڻو هو ۽ ڊگهيرو هو. هو گهڻ ڳالهائڻ وارو هو ۽ ياري دوستي جو ڪو گهڻو قائل نه هو. هو واقعي پيارو ماڻهو هو ۽ ڪاوڙ ۾ ته وڌيڪ پيارو لڳندو هو. هو چانڊوڪي رات جو عاشق هو. شيخ عبدالرزاق راز پنهنجي ڪتاب ”ساٿي ڪي سارِيام“ ۾ لکيو آهي ته ”هن جي نراڙ تي شاعري جي لڪير نمايان نظر ايندي آهي.“ هو محنتي آهي ۽ جدوجهد ڪري ڪاميابي حاصل ڪرڻ هن جي اولين خوبي آهي.

## وفات:

هن وقت تائين شيخ اياز جي شاعري جي بلندي گهڻ ٿيڻ لڳي. هو بيمار ٿي پيو ۽ آخرڪار 28 ڊسمبر 1998ع تي ڪراچي ۾ گذاري ويو. هن کي ڀٽ شاهه تي (شاهه لطيف جي علائقي ۾) دفنايو.

**ساري جڳ کي ويو جاڳائي،**
**ڪاٿي او سهيو شيخ اياز.**

## تصنيفون:

شيخ اياز 50 کن ڪتاب تصنيف ڪيا. هن مان ڪيترائي شاعري جا مجموعا آهن. هن جا ڪي مشهور شاعري جا مجموعا هي آهن. ”ڀنور ڀري آڪاس“، ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“، ”سورج مُکي سانجهه“، ”رڻ تي رم جهم“، ”سانجهي سمنڊ سپون“، وغيره. تاج جوئي جي لفظن ۾ اُپ ڪان اُچوڏرتي جو

شاعر رنگ رچائي هر هنڌ سچ، سونهن ۽ سهراڻ جا ڏيا جلائي سنڌڙي کي سنواري ۽ سينگاري ويو. شيخ اياز ادب جي هر شاخ جهڙوڪ ادب شاعري، ڊراما، افسانا، ناول، سوانح عمري، آتم ڪٿا، مضمون نگاري ۽ ٻين شاخن ۾ خدمتون سر انجام ڏيئي جديد ادب جو سرپرست اعليٰ بڻجي ويو آهي.

**شاعر ناهي جهڙو تهڙو**

**يار اياز آهي هيرن جهڙو.**

## شيخ اياز جي شاعري:

شيخ اياز سنڌي ٻولي جو هڪ ناميارو ۽ هر دل عزيز شاعر هو. هن جي شاعري ۾ جڻ سنڌ خود ڳائي پئي. هن جي شاعري سنڌ جي تاريخي شاعري آهي، ثقافتي شاعري آهي. ۽ انسان ذات جي شاعري آهي. هن جي شاعري ۾ سموري انسان ذات مرڪي پئي، ڳائي پئي ۽ پنهنجي عظمت جو اعلان ڪري پئي. شيخ اياز هڪ ذهين ۽ پر عظمت انسان هو. هن شاعري کي عظمت بخشي ۽ انسان کي اُپ کان بہ اُچو بنايو. شاعري جا موضوع نوان ۽ نرالا آهن ۽ اُنهن جي پيش ڪش نئين ۽ زوردار آهي. هن جا شعر پڙهي، پڙهندڙ ائين سمجهن ٿا جڻ ڪو اُپ مان حڪم احڪام فرمائي انسانن کي سجاڳ ڪري، اُنهن کي فرض بجا آڻي ٿو. هن جي شاعري سچ جي شاعري آهي. حقيقت جي شاعري آهي ۽ ڏاڍ کي تڙي ڪڍڻ جي شاعري آهي. سچ پچ ائين پيو لڳي جڻ شيخ اياز پنهنجي شاعري جو ڪرشمو ڪڍي آيو آهي ۽ دنيا کي هر برائي کان بچائيندو.

## ابراهيم جويي جي راءِ:

ابراهيم جويي پنهنجي هڪ مضمون "اياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ اسان جو فرض آهي" ۾ لکيو آهي تہ ڪنهن شاعر جي شعر يا فڪر کي سمجهڻ ڪو آسان ڪم بہ ناهي. شاعري جي وڏي ۾ وڏي وصف ۽ خوبي اها آهي تہ اُن جي ٻولي سادي ۾ سادي هجي، جو تہ شاعر شعر چوي ٿو اُن لاءِ ٿو تہ ماڻهو هن جي شعر کي سمجهن. جيڪڏهن شاعر ماڻهن جي سطح جي ٻولي

استعمال نہ ڪندو تہ اهو شاعر پنهنجي شعر کي جڙ تہ ماڻهن تائين پهچائڻ ئي نہ ٿو گهري. سچ پچ شاعر هڪ باشعور انسان آهي اُن جي لاءِ لازمي آهي تہ چئي ۽ واضح طريقي سان پنهنجي ڳالهہ کي ائين ورجائي جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ذهن جاڳي ۽ اُنهي تان شڪ ۽ گمان جا ڪڪر اُڏامي وڃن ۽ سچ اُنهن جي اکين اڳيان سج جيان چمڪي اُٿي. هو سمجهن ۽ پنهنجي سوالن جا صحيح جواب حاصل ڪري متمعين ٿين. سٺو شاعر اهو آهي جيڪو پنهنجن خيالن کي سولائي سان پيش ڪري ذهن ۾ ڇڪتاڻ کي گهٽتائي ۽ ضمير کي ريجائي.

## ادريس جتوئي جي راءِ:

سنڌ جو عظيم شاعر شيخ اياز جديد سنڌ جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. اُن جي نانءُ کان سواءِ سنڌي ادب جو تصور بلڪل اڌورو آهي. شيخ اياز صاحب، اُهو مان ۽ مرتبو هڪ ڏينهن ۾ حاصل نہ ڪيو آهي. پر اُن لاءِ هن پنجاهہ سالن کان بہ وڌيڪ عرصو ادب جي ميدان تي محنت ڪري پاڻ موکيو آهي. اُن ڪري اڄ هو اسان کان توڙي جسماني طرح الڳ ڪراڙ جي ڪنڌي تي شاهہ لطيف جي هنج ۾ ستو پيو آهي. پر پوءِ بہ هو پنهنجن ڪتابن، خوبصورت شعرن ۽ اسان جي دلين ۾ زندهہ آهي. هاڻي تہ هن سنڌ ۾ جڙ تہ نئون جنم ورتو آهي. جيئن پاڻ ئي چيو اٿس تہ:

**مان جو زندگي ۾ سڀ کان جدا هوس،**
**موت ۾ ڪنهن کان بہ جدا نہ آهيان.**

شاعر وٽ قابليت ۽ صلاحيت تہ هوندي آهي، پر هو جيستائين مسلسل محنت نہ ڪندو تہ هو قابل ۽ ڪامل شاعر ٿي نہ سگهندو. شيخ اياز 50 سالن جي مسلسل محنت سان هڪ ڪامل ۽ قابل قدر ۽ عظيم شاعر بڻجي سگهيو.

## اي.جي. اُتم جي راءِ:

”شيخ اياز سنڌ جي آڳاٽي شاعري جي شاخ، بيت ۾ وائي کي وري جيئاري جاودان بڻايو ۽ غزل کي بہ گيڙو ويس پهرايو تہ بين نئين شاعراڻين

شاخن، هائڪو ترائيل، چوسٽن، نثري نظم وغيره سان سنڌي شاعري کي مالا مال ڪيو. اُن کان سواءِ هن پنهنجي ترقي پسند نظريي ۽ سنڌ ڌرتي سان ڪميٽمينٽ سان تنگدل، تعصب ۽ تانا شاهن (ڊڪٽيٽرن) جي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف سنڌ ۽ سنڌيت جي جذبي سان ٽمٽار ڪوتا سان اهڙي سجاڳي پيدا ڪئي."

شيخ اياز تجربا ڪري مختلف شعري صنفن ۾ نرالو رنگ ڀريو آهي. هن قديم صنفن کي نئون روپ ڏيئي سنڌي شاعري کي مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. هن نہ صرف پراڻين ديسي صنفن کي وري جياريو آهي پر ڪيترين ئي پرڏيهي شهري صنفن جهڙوڪ سانيٽ، ترائيل، هائيڪو وغيره ۾ شاعري ڪري وڏو انقلاب برپار ڪيو آهي.

## شيخ اياز هڪ مڪمل شاعر:

شيخ اياز هڪ مڪمل شاعر هو. هن جي شاعري ۾ جدت نگاري نمايان آهي. هن جي شاعري ۾ رشين شاعري جو اثر مرڪندي ۽ جرڪندي نظر پيو اچي، ائين پيو لڳي جڻ هن نئون ۽ نرالو چولو پائي پاڻ کي جڳ جي اڳيان پيش ڪيو آهي. اُنهي چولي ۾ هن جي وڏي ساراهہ بہ ٿي آهي ، هن روايتي سوچ کي ڌڪي ڪڍيو آهي ۽ نئين ۽ انقلابي ڇٽ کي سر تي پائي جڳ مشهور ٿي ويو آهي. هن جون لکڻيون دلين تي اثر ڪن ٿيون ۽ نئين دنيا ۾ عزت، شهرت ۽ ناموري جي منزل تي لهائين ٿيون. هي زماني ۾ ادب جو روشن سج آهي. هو ايڏو تہ وڏو ذات ڏٺي آهي جو دنيا جي هر موضوع تي بي مثال تحريرون لکي پاڻ کي بيمثال شاعر ثابت ڪري ادب جي دونيا ۾ مستقل طور ڇانئجي ويو آهي. تحريرون لکي پاڻ کي لاجواب ۽ بي مثال شاعر ثابت ڪري ادب جي دنيا ۾ مستقل طور ڇانئجي ويو آهي.

## اياز جي شاعري جا نمونا:

شيخ اياز شاعري جي ڪيترن ئي صنفن تي لکيو آهي ۽ خوب لکيو آهي. اچو تہ اُنهن جو جائزو وٺون ۽ سرور حاصل ڪريون:

## دوها

صبح سويري نيسر هيٺان نينگر چوڙيا وار،
اُجلي اُجلي تن تان مٺيا، گدلا گدلا پيار.
*_*_*
بک تي نڪتي باک ۽ ڏک ۾ گذريو ڏينهن،
چڏ هي سک جون ڳالهڙيون، پنهنجو کھڙو نيهنهن!

## بيت

سجڻ جو ساريوم، تہ آيون هيرون هنج ۾،
جيڏانهن نهاريوم، چوڏهين جي چانڊاڻ هئي.
*_*_*
ستارن جي سيج تي ستس ساري رات،
پڏري ٿي پرڀات، چميندي ڪنهن چنڊ کي.

## گيت

آءُ وهاءِ ويل،
گهڙي جا ميل، محبت ڪنهن جي ناهي رهندي!
پورو ٿيندو پنڌ،
سنڌءِ سوڳند، حياتي ويندي کهندي کهندي.

## ڇيچ

اڙي چنڊ، اڙي چنڊ، پرين تو تہ ڏٺو ناهي!
سندس روپ، سندس رنگ، ائين آهي جيئن تون!
اڙي رات، اڙي رات، پرين تو تہ ڏٺو ناهي!
سندس وار، سندس ونگ، ائين آهي جيئن تون!

## وائي

جتي ڪٿي هو آهي، جيڏيون، جنهن سان جان جُڙي!
ملي ويو هو پنهنجي مڻ سان، ڳوڙهن منجهہ ڳڙي،
جنهن سان جان جڙي.

**ڇني ڏنو سون، ڇڇي نہ سگھندي، تنهن جي قرب ڪڙي،**
**جنهن سان جان جڙي.**

**آزاد نظم**

**ازل جي پُر اسرار آڳ،**
**جلائي پئي ۽ وسائي پئي زندگي جا ڏيئا.**
**ڏيئا ۽ ڏياٽيون پيون بدلنديون،**
**مگر لاٽ سان واٽ پئي جرڪندي،**
**سدا جوت ڪي آهي جاڳ!**
**ازل جي پر اسرر آڳ،**
**جلائي پئي ۽ وسائي پئي زندگي جا ڏيا.**

**نظم**

**گھاوَ پيو مان پنهنجا پويان،**
**ٻاڙها ٻاڙها گل سيني مان،**
**تنهنجي لاءِ سدائين سويان،**
**آءُ ڪلا جي ڪالي، تن ڪي،**
**تنهنجي آءُ لتڙ ۾ لوديان.**

**شاهہ جي رسالي جو اُردو ۾ ترجمو:**

شيخ اياز شاهہ جي رسالي کي اُردو ۾ ترجمو ڪري وڏو ڪمال ڪيو آهي. هن شاهہ لطيف کي پاڪستان جي هر صوبي ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو آهي. هر صوبي جا ماڻهو هن جي شاعري کي پڙهن ٿا، سمجهي ٿا، اُن تي ڳالهائن ٿا ۽ اُن تي مضمون وغيره لکي سنڌ جي ماڻهن سان محبت جو اظهار ڪرن ٿا. شيخ اياز شاهہ لطيف جي شاعري کي بحر ۽ وزن جي شاعري جي اصولن مطابق ترجمو ڪيو آهي. اُنهي ڪري هن جي شاعري ائين پئي لڳي جڻ اها شاهہ جي اصلي شاعري نہ آهي، پر ٻي ڪا الڳ شاعري آهي. شاهہ لطيف جي اُنهي اردو ڪالم ۾ نہ ڪو رس آهي ۽ نہ ڪو وري رچاءُ. اُن ۾ نہ ڪو وري رنگ ۽ نہ سچن خيالن ۽ احساسن جي ڪا ترجماني. شيخ اياز

هن اردو ترجمي ۾ پاڻ کي وڏيڪ سگهاري نموني ۾ ظاهر ڪري شاهه لطيف جي مٿان هاوي ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جو ترجمو اصلي نه پر بناوٽي پيو لڳي. هن شاهه لطيف جي شاعرانه عظمتن کي گهٽ ڏيکاري وڏو غلط ڪم ڪيو آهي.

## فهميده رياض جي راءِ:

اردو جي مشهور مصنف ”رسالہ شاهه عبداللطيف“ اردو ۾ ائين لکيو آهي. ”اياز شاهه لطيف جي ڪلام جو اردو ۾ ترجمو ڪري عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، پر ڪارنامي کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو. شاهه جي ترجمي جي لاءِ اُردو جي ٻولين ۾ ڪيل صوفي شاعري جي طريقہ اظاهر کي استعمال ڪيو وڃي ته شاهه جي ڪلام سان بهتر انصاف ٿي سگهندو.“

## شيخ اياز جا دوها:

دوهو نندي کنڊ جي هڪ قديم شاعري جي صنف آهي. دوهو ٻن هم قافيا سٽن تي مستمل هوندو آهي. هن ۾ هر موضوع سمائي سگهجي ٿو. دوهن ۾ نندي کنڊ جي مذهبي شاعري لکيل آهي. سنڌ جي قديم شاعرن به دوها لکيا هوندا اُهي اُنهن ڪڏهن لکيا، ڪٿي لکيا ۽ ڪهڙي سنڌي ۾ لکيا اُنهي بابت ڪا ڄاڻ ملي نه سگهي آهي. سنڌ جي قديم ڪلاسيڪي شاعرن جهڙوڪ: قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، شاهه عنايت رضوي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي دوها ملن ٿا، اُنهن جو تعداد تمام ٿورو آهي.

## دوهي جا اهم جزا:

(1) دوهو ڪارونجهر جي ڪور تي مور جو ٽهڪو آهي. جيڪو ماڻهن کي سجاڳ ڪري اُنهن کي اُنهن جي ذميوارين کان آگاهه ڪري ٿو.

(2) دوهو مندر ۾ وڄندڙ گهنڊ جيان آهي جيڪي انسان جي ضمير ۾ سور ۽ سنگيت جو آلات پيدا ڪن ٿيون.

(3) دوهو تارن سان ڀريل آڪاش آهي، جيڪو راڳ، رنگ ۽ چمڪ جي ذريعي ضميرن تان ڪٽ لاهي اُن کي ابدي آرام بخشي ٿو.

(4) دوهو پاڻ ياري جي پريت جيان آهي، جنهن ۾ پيار آهي، پڪار آهي ۽ ڏاڍ ۽ ظلم جي خلاف هڪ للڪار آهي.

(5) دوهو هڪ سور وير جو نعرو آهي، جنهن کي ٻڌي ويري ميدان جنگ مان ڀڄي نڪرڻ لاءِ مجبور ٿي وڃن ٿا.

(6) دوهو موهن جي مرلي آهي جنهن ۾ رس آهي، رچنا آهي، رنگ آهي ۽ روپ آهي، جيڪو زندگي کي رنگين بڻائي زنده رهڻ جي قابل بڻائي ٿو.

## دوهي جا قسم

(الف) دوهي جا ڪيترائي قسم آهن پر، شيخ اياز ٻن قسمن جا دوها لکيا آهن. پهريون 24 ماترائون وارا دوها ۽ ٻيا 32 ماترائن وارا دوها، اچو ته اُنهن دوهن جر جائزو وٺون ۽ دلين کي خوش ڪريون.

آهي تنهنجي ياد جي، ائين گذري ۾ گونج،
آڪيري مان جيئن وچي، اُڏاري ڪائي ڪونج.

نيڻن مان جو نئين ڀُلي، ڪک پن ٿي ويا رنج،
نڪتيون تنهنجون ڳالهڙيون، جيئن پاڻي تي هنج.

*-*-*

بک تي نڪتي باک ۽ ڏک ۾ گذريو ڏينهن،
چڱ هي سُک جون ڳالهڙيون، پنهنجو کهڙو نينهن.

*-*-*

پهتو من ۾ پار ڪان، جيئن چولي جو چوهه،
ويجهي آئي جو ڪنڌي، مانو ٿي ويو موهه.

*-*-*

سجڻ نه آيو ساوڻ آيو، مُنو اسان کي مينهن،
بادل برسيا نيڻ نه ترسيا، نار وهايا نينهن.

اُنهن پنجن ئي دوهن ۾ 24 ماترائون آهن.

(ب)

**دنيا مڪر فريب سوا ٻيو ڇاهي دنيا ساري مطلب جي آ.**
**جنهن ۾ ڪوئي مطلب ناهي اُن جي ذات اڪيلي آ.**
**تون پاڻ تہ بدلايو ناهي ٿو دنيا بدلائڻ چاهين،**
**تون دنيا ڇا سمجهي سنگهندين، تون پاڻ تہ ڄاتو آ ڇاهين.**

**ـ*ـ*ـ***

**وتي هي دنيا آ ڏوتي، هن دنيا ڪي تياڳ،**
**انت بحر جي خبر نہ ڪائي جهاڳ سمندر جهاڳ.**

**ـ*ـ*ـ***

**ڇڻ تہ مٽي جي ماٽي سامهون، ٻيٺو سوچي سنت ڪبير،**
**"هيءُ جڏهن ماٺهو هوندو هو، اُن جو گر نہ پيرا!"**

**ـ*ـ*ـ***

**اڳ جيئن ساڳي دنيا آهي، ڏک ٻہ ساڳو سک ٻہ ساڳو،**
**جنهن سان دک ڏتاري ڪوئي، آ ماڻهو ٻہ مک ٻہ ساڳو.**

اُنهن پنجن دوهن ۾ 32، 32 ماترائون آهن. شيخ اياز تمام گهڻا دوها رچيا آهن. اُنهن کي ڪليات جي صورت ۾ ڇپڻ گهرجي جيئن تہ پڙهندڙ هر وقت ونڊر ۾ نصيحت حاصل ڪري سگهن.

## دوهن جا نمونا:

شيخ اياز جي دوهن جا ڪيترائي نمونا آهن. اُنهن مان ڪن نمونن جي دوهن کي پڙهي رس حاصل ڪريون ٿا.

### (1) عوامي دوها:

اُهي دوها جن جو تعلق عام زندگي سان آهي ۽ ماڻهن جي عوامي منگن جو اظاهر ڪن ٿا تن کي عوامي دوها چئبو آهي.

**سڄڻ نہ آيو ساوڻ آيو، ڇائي گهٽا گهنگهور،**
**اچا وتي ويڳاڻو ڦرندو، منهنجي من جو مور.**

**ـ*ـ*ـ***

صبح سويري نير هيٺيان نينگر ڇوڙا وار،
اُجلي اُجلي تن تان مهٺيا گدلا گدلا پيار.

*_*_*

ساري جڳ تي تون وسين، جيئن ساوڻ جو مينهن،
منهنجي من جي بوند جو، آهي تون سان نينهن.

*_*_*

ڪٿي نہ ڪوئي ڪونڌر ڏسجي، ڪٿي نہ اُڀري ڪنڌ،
آءُ اڪيلو هان اُوجهڙ ۾، پري پريڻءَ جو پنڌ.

### (2) قدرتي دوها:

اُهي دوها جيڪي قدرت جي اثر تحت لکيل هوندا آهن تن کي قدرتي دوها چئبو آهي.

سج لهي ٿو آهہ افق تي ڪوئي زرد گلاب،
آهي پوئين پاڇائين سان لهرائيندڙ آب.

*_*_*

ڇا نئي شام تہ ويئي رڱجي ڌهر ڌهر ۾ پير،
جهانجهر ڇمڪي، ڪير ڪڙي آدر تي ننگي پير.

*_*_*

اُٿ پکيئڙا اُڏريا اُپ ۾ آئي اُسر وير؟
دير نہ لڳندي سج هاريندو جڳ لئہ سوني ڍير.

*_*_*

سج لهي سانجهي ٿيو آهي، آئي آهہ اذان،
مسجد جا مينار لڳن ٿا جنهن ۾ سون سان.

### (3) درديلا دوها:

اُهي دوها جن مان درد جو تاثر نڪري ۽ دل کي درد سان ڀري ڇڏي تن کي درديلا دوها چئبو آهي.

**منهنجي من کي چيري ڦاڙي، ڪلين پيو انسان،**
**آءُ نہ تنهنجو امرت آهيان، اڇليءَ ڪيئن نادان!**

***_*_***

**پري پئي ڏرتي جي ڇاتي، مري پئي مخلوق،**
**پرين پري ٿي، چڙهُ تي ڪٽان مان پري اها بندوق.**

***_*_***

**منهنجي آليون اکڙيون، گهريون، جيئن جمنا جي جَل،**
**تنهنجي صورت، وهڪ مٿان جيئن وڻڙي تاج محل.**

## ٻوڙها دوها:

اُهي دوها جن جو تعلق سنجيدا ۽ مشڪل معاملن سان هجي تن کي ٻوڙها دوها چئبو آهي.

**وڻ وڻ ۾ آ منهنجو واسو، پن پن ۾ پڙلاءُ،**
**واهہ چوي ٿي، جهوٽو آهين، آءُ اُڏامي آءُ.**

***_*_***

**مان ڪوئل جي ڪوڪ، ڪڏهن مان ڪاري ڪاري رات،**
**مان سان اوندهہ جنهن ۾ ڪيئي ڏيئا ٻاري ڏات.**

***_*_***

**ڪجهہ بہ نہ هوندي سڀ ڪجهہ آهي، سرتيون هي سنسار،**
**ساري جڳ جڳ سان آ، اڳتي آ انڌڪار.**

**پل لئہ آهي هيءُ چانڊوڪي، پل لئہ آهي پيار،**
**هن کان اڳتي ڇوليون ماري، ڪوئي ڪارونيار.**

دوهي جي صنف بلڪل مختصر آهي. پر اُن ۾ هر شيءِ سمائل آهي. دوهو لکڻ لاءِ ضروري آهي تہ تخليقي صلاحيت بہ موجود هجي ۽ فني ڄاڻ بہ اُنهن کي ٿهڪو ڏئي اُپ تائين پهچائي، هن مختصر شعر کي رچڻ اڄڪلهہ جي شاعرن چڏي ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنکي رچڻ جي لاءِ تخليقي خوبين کان هو خالي آهن.

## شيخ اياز جون وايون:

وائي سنڌ جي هڪڙي قديم ۽ اعليٰ گُڻ واري صنف آهي، اُها ڳيچن ۽ لوڪ گيتن مان ڦٽي نڪتي آهي. اُن کي سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن سرجيو. ترقي ڏياري ۽ ان تي هڪ معنيٰ خيز صنف بنايو آهي. سنڌ جو سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف اُن جو خالق آهي.

## وائي جي وصف:

وائي شاعري ۽ سنگيت جو مڌر ۽ من موهيندڙ سنگم آهي. وائي هڪ پُر اثر ۽ دلفريب صنف آهي. هي ڳيچ ۽ لوڪ گيت جي سڌريل صنف آهي. هي ڇند وديا جي ماترڪ اصولن مطابق لکي ويندي آهي. وائي جو تعلق سنگيت سان هوندو آهي، اُنهي ڪري وائي ڪنهن نہ ڪنهن راڳ ۾ لکي ويندي آهي. هن جا موضوع مقرر ڪو نہ هوندا آهن. وائي تصوف، اخلاق، نيڪي ۽ انساني قدر جي موضوئن تي لکبي آهي.

## وائي جي سٽاءَ:

وائي جي سٽاءَ سادي ۽ سهڻي هوندي آهي.

(1) وائي ۾ هڪ ٿلهہ هوندو آهي جيڪو هڪ هڪ مصرع جو ٿيندو آهي، اُنهي مصرع جي پهرين اڌ ۾ قافيو هوندو آهي. اُن جو ٻيو اڌ بنا قافيي جي هوندو آهي اُن کي وراڻي چئبو آهي. جنهن کي بار بار دهرائي وائي جي تاثر کي مضبوط ڪيو آهي ۽ وائي ۾ رنگ ڀريا آهن.

(2) ٿلهہ کان پوءِ وائي جون ٻيون مصراعون شامل ڪري وائي کي مڪمل ڪبو آهي.

(3) وائي جا قافيا پڪا، پختا ۽ مڪمل هوندا آهن جيڪي وائي کي مڪمل ڪرڻ ۾ فائديمند ٿيندا آهن.

(4) وائي جا لفظ سدا ۽ سولا، سلوڻا ۽ نرم ۽ نازڪ هوندا آهن.

## اياز جي وائين جي سٽاءُ:

اياز نہ رڳو هڪ وڏو شاعر آهي پر ڪمال جو فني ماهر بہ آهي. هن پنهنجي فن، مهارت ۽ عمده پيشڪش جي ذريعي پنهنجين وائين کي هيرا، موتي، گل ڦل ۽ انمول تحفن وانگر گهڙي پيش ڪيو جڳ ۾ سونهن، سرهاڻ ۽ پيار پري ڇڏيو آهي.

(1) اياز جي وائي جو ٿلهہ انمول هوندو آهي، ٿلهہ ۾ هڪ سٽ هوندي اهي، سٽ جا بہ اڌ هوندا آهن. پهرين اڌ کان پوءِ قافيو ايندو آهي، ٻيو اڌ بنان قافيي جي هوندو آهي. جنهن کي وراڻ چئبو آهي.

(2) اُن کان پوءِ وائي جي لاءِ گهربل مصراعون ايندیون آهن. جيڪي وائي جي مقصد کي واضح ڪنديون آهن.

(3) وائي جي ٻين مصراعن پٺيان قافيو ايندو آهي. جيڪو پڪو ۽ پختو هوندو آهي.

(4) اياز جي واين کي ٻيا فني زيور سينگاري اُن ۾ رنگ ۽ روپ سان پري ڇڏيندا آهن.

## شيخ اياز جون وايون:

شيخ اياز جون وايون انمول ۽ بي بها آهن. هن وائي ۾ انيڪ تجربا ڪري اُن جي روپ ۽ سروپ کي خوب سنواريو ۽ سينگاريو آهي اچو تہ اونهن تجربن ۽ تبديلين جو ذڪر ڪريون.

هن جي وائي هڪ سٽ جي ٿيندي آهي. اُن جي پهرين اڌ کان پوءِ قافيو هوندو آهي ۽ ٻيو اڌ بنان قافيي جي هوندو آهي.

گهرا گهرا نينهن پرين جا،
ڪارا ڪارا نيڻ.
آيو تن ۾ نينهن تہ ٿي ويا،
سپ کان پيارا نيڻ،
ڪارا ڪارا نيڻ.

(2) ڪڏهن ڪڏهن وائي جي پهرين اڌ ۾ ٻه هم قافيا سٽون ڏينديون آهن ۽ ٻيو اڪيلو هوندو آهي.

**امڙ تنهنجا ڪوڪلا،**
**منهنجي لاءِ نلايل،**
**مون کي وسرن ڪينڪي.**

(3) هن پهرين اڌ جي قافيي کي وراڻي طور استعمال ڪري نوان پيدا ڪئي ويندي آهي.

**پرتي ٻوٽو ساڻ،**
**ويٺي دل وندرائين.**
**ڪيئي گُل ٽڙي پيا، توڙي اون ۾ هاڻ،**
**پرتي ٻوٽي ساڻ.**

***_*_***

**واري اها سي**
**سانجهي سج لهي پيو،**
**مون تنهنجي موجود کي باسي ڙي باسي.**

(4) شيخ اياز تمام گهڻا تجربا ڪيا آهن ۽ وائي جي صورت ۾ تبديليون آڻي ڪمال ڪيو آهي، هن وائي کي تجربن جي ذريعي مڪمل صورت بخشي آهي. جيڪا هن کان اڳ ۾ ٻئي ڪنهن به شاعر نه ڪئي آهي. اهو شيخ اياز جي تخليقڪاري جو مستقل ثبوت آهي. تازو چيل وائي ۾ هن تجربي جو مطالعو ڪيو ۽ اياز کي داد ڏيو.

**ڪنڊيءَ نه سڱنريون،**
**ٻير نه پلڙو،**
**سائو نه سلڙو.**
**چانگون نه چيلڙا،**
**مارو اڪيلڙا.**

اياز هن وائي ۾ تجربا ڪري، اُن کي حيرت انگيز بنايو آهي، هن ٽلهه جي پهرين اڌ ۾ ٽي سٽون وجهي ۽ ٻئي اڌ ۾ ٻه سٽون آڻي وڏو فني ڪمال

ڪيو آهي. هن شيخ جو پس منظر پيش ڪري، مارن جي اڪيلائي جو کهڙو نہ المناڪ ۽ ڏکوئيندڙ منظر پيش ڪيو آهي، اهڙي وائي وري ٻيو ڪوبہ نندو يا وڏو شاعر پيش ڪري نہ سگهندو.

## اياز جي وائي جون خوبيون:

(1) اياز جون وايون دل جي گهراين مان ڦٽي نڪتيون آهن، انهي ڪري اُنهن ۾ رس آهي، رچاءُ آهي ۽ رومانس آهي.

(2) هن جون وايون من اندر ڪپي وجن ٿيون ۽ نوان نوان نظارا پيش ڪري روح کي ريجهائين ٿيون.

(3) هن جون وايون جادوئي ڪنجيون آهن، جيڪي زندگي جي بند رازن کي کولي زندگي جيئڻ جي طريقن کي پختا ڪري زندگي کي بي بها بڻائڻ ٿيون.

(4) هن جون وايون سچ جو نياپو پهچائي سچ کي نواڻ بخشين ٿيون ۽ سچ تان سر ڏيڻ جو درس ڏين ٿيون.

(5) اُهي من تان اوندھ کي تڙي ڪڍن ٿيون ۽ هر هنڌ سوجهرو پکيڙي پرين پسڻ جا نوان ۽ نرالا طريقا ٻڌائي زندگي کي جيئڻ جي قابل بڻائن ٿيون.

(6) اياز جون وايون سنڌ جي روايتن کي چمڪائي حسن ۽ دلڪش بنائي اُن جي آزادي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ لاءِ نچندي ۽ ڪڏندي جان ڏيڻ جي لاءِ هر وقت تيار رکن ٿيون.

## اياز جون شاهڪار وايون:

(1)

**ڀنيٽ ڀنيٽ پڙڪن پڙڪن،**
**راڳ اسان جا راڳ اسان جا.**
**اڪڙين ۾ آڙاھ ازل جا، اگ الا، آ اسارو تن ۾،**
**راڳ اسان جا، راڳ اسان جا.**

**شعلا شعلا سارو عالم، جڳمڳ سارو جيون،**
**راڳ اسان جا، راڳ اسان جا.**
**تند تپي تتي، ڪوئي منڙو جان جپي ٿو پڪي بن بن،**
**راڳ اسان جا، راڳ اسان جا.**
**ڳايان ڳايان، جرڪي جوالا، سيئي ڏک سک جر ۾ جرڪن،**
**راڳ اسان جا، راڳ اسان جا.**

(2)

**ڪيئن ڪريان مان، ڪنهن بہ ريت،**
**منهنجي من کي چين ناهي.**
**هاءِ ڪهڙي رات آهي، چنڊ منهنجو آهي ميت،**
**منهنجي من کي چين ناهي.**
**هيءُ گلابي رت ڇڏي مون ڪان رُسي ويا ڪئين گيت،**
**منهنجي من کي چين ناهي.**
**هار ڪائي، هار ناهي، جيت ڪائي ناهي جيت،**
**منهنجي من کي چين ناهي.**
**تون ڪٿي آهين پرين، آهي اڄ ڪٿي تنهنجي پريت،**
**منهنجي من کي چين ناهي.**
**ڪيئن ڪريان مان ڪنهن بہ ريت،**
**منهنجي من کي چين ناهي.**

(3)

**موت ڪيا سڀ مات،**
**هوندا ڪير حيات.**
**ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان؟**
**سهسين سپنا، سچ جا،**
**وائي سانڍي وات.**
**ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان؟**

(4)

ڀُون نہ آئي ڀان، الا، مان اُڏري ويندو سان،
مون سان جاڙ نہ ڪر، اي جيڏا، سچ ٿو آئون چوان.
الا، مان اُڏري ويندو سان.
نيٺ تہ ڀائيندين تون، هاڻي ڀلي نہ ڀانءِ،
الا، مان اُڏري ويندو سان.
ڳائي منهنجا گيت پيو، پوءِ مون کي ياد ڪجانءِ،
الا، مان اُڏري ويندو سان.

(5)

اُڏري آڌي رات،
ڪونجون ڪرڪن رولاتي،
جڳ جهوڙيو ننڊ ۾ تن کي پنهنجي تات،
اُڏري آڌي رات.
آهي کهڙي ماڳ جي وائي وار وات،
اُڏري آڌي رات.
ويندئون ويم وار جي، ڪڏهن ٿي پريان،
اُڏري آڌي رات.

## شيخ اياز جا گيت:

گيت سنڌي ڪنڊ جي دلچسپ، دلفريب ۽ مقبول عام شاعري جي هڪ صنف آهي، انهي جو اندازو اُنهي ڳالهہ مان لڳائي سگهہ جي ٿو تہ گيت شروع کا وٺي مندرن ۾، ميلن ۾ مشاعرن ۾، جلسن ۾ جلوسن ۾، درسگاهن ۾ ۽ قرب ڪچهرين ۾ ڳايا ويندا هئا ۽ ڳايا وڃن ٿا.

گيت ايشور جي شاعري آهي فطرت جو راڳ آهي هستيءَ جو آواز آهي، هڪ باشعور ۽ با سمجهہ شاعر پنهنجن ذاتي جذبن ۽ ويچارن کي سادن، سلوڻن ۽ منڙن ٻولن جي ذريعي ظاهر ڪري ٿو اُن ۾ سُر ۽ سنگيت جو رنگ ڀري، گيت سرجي ٿو گيت سُريلن، سچن ۽ سگهارن جذبن کي منڙن، من موهيندڙ ۽ ڪومل لفظن جي ذريعي ظاهر ڪرڻ جو نالو آهي.

## گيت جي وصف:

سروپ چندر شاد هڪ انمول وائي سرجي آهي جنهن ۾ گيت جي وصف بيان ڪئي وئي آهي ۽ گيت جي اهم جُزن جو اظهار ڪيو ويو آهي.

## منهنجا گيت:

من جا ڇيڙي تار، او يار ڳايان ٿو مان گيت،
منهنجا پيارا پيارا گيت،
پاليل سؤ اوجاڳن جا،
هانءَ هندوري جا لوڏيل،
۽ اجاريل لڙڪن جا.
ٻول ٻول ۾ پيار، او يار ساهن جو سنگيت.
منهنجي گيتن ۾ مستي،
واريءَ ٿي جيئن مور نچي،
سٽ سٽ ۾ ئين سوز پريل،
پروانو جيئن ڪو ئي پڇي.
پرچڻ جا سپ پار، او يار ناهي رسڻ جي ريت.
منهنجي گيتن ۾ پريل،
ديس جي مٽي جي خوشبوءِ،
هر دکايل دل جي دانهن،
پورهيت جي پگهر جي بوءِ.

گيت من جي گهرائن مان ڦٽي نڪرندو آهي، هن ۾ پيار بہ هوندو آهي ۽ سنگيت بہ اُن ۾ هاري جي هونگار بہ هوندي آهي ۽ پاڻياري جي پريت جو هن ۾ ديس جي مٽي جي خوشبوءِ بہ هوندي آهي ۽ پورهيت جي پگهر جي بوءِ پڻ.

## ڪشنچند بيوس جا گيت:

سنڌي شاعري ۾ گيتن کي رائج ڪرڻ وارو ڪشن چند بيوس آهي هو سنڌي شاعري جو اولين وڏو شاعر آهي. هن ڪيترائي سهڻا ۽ من موهڻا

گيت رچيا آهن هن جو هڪ مشهور گيت آهي قدرت وارا جنهن کي اڄ بہ علمي درسگاهن ۾ ڳائي راس ورتو ويندو آهي.

سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ قدرت وارا.

نرمل جوتي نور نظارا، قدرت وارا،
ڪوٽان ڪوٽ بنائي ڌرتيون،
سهسين سج، چنڊ، تارا ڪتيون.
جن جو انت نہ پيارا، قدرت وارا.

## ٻيا گيت لکڻ وارا:

ٻيوس ڪان پوءِ شيخ اياز، هري دلگير، عبدالرزاق راز، نارائڻ شيام ۽ ٻيا ميدان ۾ آيا ۽ اُنهن گيت لکڻ شروع ڪيا انهن گيت جي صنف کي ڏاڍو مشهور ڪيو.

## ناوءِ هلي آ گيت ڪٺي:

تازو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو شيخ اياز جي گيتن جو ڪليات "ناؤ هلي آ گيت ڪٺي." ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ان ۾ 210 گيت شامل آهن. اُهي گيت شيخ اياز جي مختلف شعري مصنفن مان ورتا ويا آهن.

(1) اياز جا گيت من جي گهرائين مان ڦٽي نڪتل آهن. اُنهن ۾ سُر ۽ سنگيت جي لهر، انساني روح کي سڪون جي سانجها ڏين ٿا.

(2) اياز جا گيت اندر جو آواز آهن اُنهن ۾ رس آهي، رهاڻ آهي، مناڻ آهي ۽ پيار جو پيغام پڻ آهي.

(3) اياز جا گيت گهرا آهن، مٺا آهن، سريلا آهن ۽ رسيلا آهن.

(4) اياز جا گيت انساني جذبن ۽ احساسن جا رم جهم روان ۽ جادوئي آواز آهن جيڪي ونڊر، ورونهن ۽ سچائي کي جاڳائي زندگي کي سينگارن سنوارن ٿا. اياز جا گيت ڌرتي سان فطرتي پيار جو اظهار آهن، اُنهن ۾ وطن جي محبت هجي ٿي ۽ ماڻهن کي قربان ڏسڻ راءِ اتساهہ ڏيندي آهي. اياز جا گيت سونهن جا گيت آهن، پيار جا گيت آهن ۽ خوشبوءِ جا گيت آهن اُنهن

انسانن کي سڏاري، اُنهن کي انساني دلين تي راڄ ڪرڻ جي قابل بڻائن ٿيون. اياز جا گيت زندگيءَ ۾ نوان رنگ، نوان روپ ۽ نوان سوچ جا طريقا اُپري اُن کي قابل بنائن ٿا.

**آئي ڙي آئي،**
**مون گهر باک بسنت جي**
**سموري سرهاڻ سان مون گهر سرهائي.**
**آئي ڙي آئي،**
**مون گهر باک بسنت جي.**

## اياز جا انمول گيت:

شِيخ اياز ڪُل 210 گيت لکيا آهن جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ آهن، اچو تہ اُنهن مان ڪن گيتن جو مطالعو ڪيون ۽ رس ۽ رهاڻ حاصل ڪريون.

(1)

**آءُ بادل، مان بہ روئان تون بہ روءُ،**
**مان بہ غم جا داغ ڌوئان، تون بہ ڌوءُ،**
**زندگي منهنجي بہ آ پنڪڻ پلڻ،**
**آسمانن جي جهانن ۾ رکڻ،**
**گاهي گهاهي مست ٿي جهولڻ جهولڻ،**
**ڏر تي جي پياس تي چُلڪڻ چلڻ،**
**آ هزارين ميڪدا منهنجو گهُلڻ،**
**زندگاني لئہ سدا ڦولڻ ڦلڻ**
**آءُ بادل، مان بہ روئان تون بہ روءِ،**
**مان بہ غم جا داغ ڌوئان تون بہ ڌوءِ.**

(2)

**ڪٿي تہ آهين شيام!**
**جڻ جمنا جي لهر لهر ۾، تنهنجي آهہ لُڙاٽ،**

گهمي ڏٺم سڀ گهاٽ،
ڪٿي ته آهين شيام!
ڄڻ پنڇيءَ جي گيت گيت ۾ آهي تنهنجا تان.
ڪٿي لڪو آن ڪان!
ڪٿي ته آهين شيام!
چُور چُور تي پئي هان تنهنجو وٺي وٺي مان نانءُ.
هچي پيو آ هانءُ،
ڪٿي ته آهين شيام!
ڪٿي ته آهين شيام!

(3)

ڪيچ وڃي ڪنهن ڪاڻ، پُنهل تون موٽي آءُ،
رستي رات ته رهندي، رانول! جيون مايان ماڻ.
پنهل تون موٽي آءُ.
ٻيهر هي ينيور نه ملنديءِ آءُ پلي جي ياڻ،
پنهل تون موٽي آءُ.
هيءُ ڇاتي جا آتي آهي، تير اُنهي ڪي تاڻ،
پنهل تون موٽي آءُ.
هي جڳ هو جڳ مون سان جرڪي، مان تنهنجي چانداڻ،
پنهل تون موٽِي آءُ!

(4)

ٽر ۾ ڪهڙا ٽاڪ،
ٽڪن جا،
ٽر ۾ ڪهڙا ٽاڪ!
واري ساري واٽ،
نه ڪائي ڇانوَ نه ڪائي ڇاٽ،
مٿيان آ ٽاڪ،
ٽڪن جا.

**ٽر ۾ کهڙا ٽاڪ!**
**ڀني نہ تن لئہ ڀونءِ**
**ٽتيءَ تي پيرِ پُڇي ٽيا پُونءِ**
**چڪن ٽا چاڪ**
**ٽڪن جا**
**ٽر ۾ کهڙا ٽاڪ!**

(5)

**هيا هيا هيا، او...**
**دور وڃي ٿي نيا...**
**هيا هيا هيا...!**
**کهڙي گهاٽ لڳي هيءَ نؤ ڪا، ڪٿي ڪٿي جيون،**
**ڇڪي پيو اڄ من کي سيني جهڙو سندر جن.**
**هيا هيا هيا او...**
**دور وڃي ٿي نيا...**
**چاندوڪي ۾ چڙهندي پدما، تک سان وهندي تار،**
**لڙهندي لڙهندي پنهنجي نؤڪا، پنهنجي ويندي پار.**
**هيا هيا هيا، او**
**دور وڃي ٿي نيا...**
**بن مانجهيءَ منجهنڌار مٿان هي نوڪا ويندي دور،**
**ڪنهن ڏورانهن ڏيهہ اسان کي ڇڪي پريںءَ جو چور.**
**هيا هيا هيا او**
**دور وڃي ٿي نيا...**

## اياز جي گيتن جا قسم:

اياز پنهنجن گيتن کي سريلا رسيلا ۽ دلڪش ۽ دلپسند بنائڻ لاءِ انهن جا ڪيترائي قسم رچيا آهن، جيڪي روح کي وندرائن ٿا ۽ خوشي پهچائن ٿا.

**(1) پاڻياري:**

**پاڻياري ڦلڪي.**
**سينهُونءَ تي سُتو سانگ گهڙي جا.**
**پلڪ پلڪ ڇُلڪي،**
**پاڻياري ڦلڪي.**
**آلا آلا رنگ چُنيءَ جا.**
**انگ پيا اُلڪي،**
**پاڻياري ڦلڪي.**
**ڪنيرَ واري ڪار ڪيائين،**
**جا ڪئي جهلڪي،**
**پاڻياري ڦلڪي.**

**(2) لولي:**

**لوليون،**
**اوآبا!**
**لوليون! لوليون!**
**شال دولهه ٿئين سال دودو ٿئين!**
**شال سورهيه ٿئين، سنڌ تي سر ڏئين،**
**لوليون،**
**اوابا،**
**لوليون! لوليون!**
**پيڙ تنهنجي ٻه شل، سورمي تي جئي!**
**مارئي تي مري، مارئي تي جئي!**
**لوليون!**
**اوابا!**
**لوليون، لوليون!**

**(3) ناچ ڌُن:**

**پريت جي پايل پايل**
**آيل! آيل!**
**گهايل گهايل،**
**منهنجا پير.**
**جندڙي ڪوئي جهوٽو آهي،**
**۽ منهنجو من،**
**وارياسي تي پوٽو آهي،**
**جندڙي سر تي سانجهي آهي،**
**۽ منهنجو من،**
**مانجهادي جو مانجهي آهي.**

**(4) لمڪيان ڙي لو:**

(هي گيت ٽري گيت آهي جنهن ۾ ناچ نچڻ جا سريلا طريقا ٻڌايا ويا آهن.)

**آءُ اُتر هير سان، لمڪيان ڙي لو**
**لمڪيان ڙي لو**
**ڪنپ ڪنيا ٽا ڪرن، لمڪيان ڙي لو**
**پٽ تتر پار جا،**
**روز اُتر ڪان اچن، لمڪيان ڙي لو**
**پنڌ پري هوءِ ڙي، لمڪيان ڙي لو**
**پار پرين لوءِ ڙي، لمڪيان ڙي لو**
**تانگهه ڪئي تاوڙي، لمڪيان ڙي لو**
**ڪانگ ڏسي ڪامڻي،**
**ڪانڌ مٿان ڪاوڙي، لمڪيان ڙي لو**
**ڏور ڪئيءَ ڏينهڙا، لمڪيان ڙي لو**
**ڪالهه اُنا مينهڙا، لمڪيان ڙي لو.**

## (5) مٽھيار:

(مٽھيار ھڪ ٿري لوڪ گيت آھي، گھڻو وقت اڳ ۾ پنهنجي تمام گھڻو پنڌ ڪري ٿر جي علائقن ۾ ايندا ھئا، ۽ ٿري عورتن کي ڪپڙا، زيور، ميڪ اپ جو سامان، منڊيون ۽ رومال وغيره اڌھار تي ڏئي ويندا ھئا، ھو سال ڏيڍ سال کان پوءِ اچي وياج سميت رقم وٺي ويندا ھئا. شيخ اياز اھڙي لوڪ گيت کي علامتي رنگ ۾ پيش ڪيو آھي.

**مٽھيار آيو، مٽھيار آيو ڙي!**
**مٽھيار ڙي!**
**آيو جنن ۾، والا ڪنن ۾،**
**ڳانا ڳلي ۾، جھونجھار ڙي!**
**مٽھيار ڙي!**
**موتي لُٽائي، جوتي لٽائي،**
**ڇا ڇا سجائي سنسار ڙي،**
**مٽھيار ڙي،**
**ٻانھن ٻُٽي جو ويندي لُٽي جو،**
**چوري چني جو سينگار ڙي!**
**مٽھيار ڙي!**
**گھونگھٽ ھٽائي، جھومر ٽڪائي،**
**ڇا ڇا ورونھون و ايار ڙي!**
**مٽھيار ڙي!**

## (6) ڪرھو:

ڪرھو ھڪ ٿريلو گيت آھي، جو اُٺن جي سفر ۾ ڳائيندا آھن. ڪرھو اوسيئڙي ۽ وڇوڙي جو گيت آھي.

**ھُڙڪ ھُلو ھو، ڏيمان ھُلو ھو.**
**پنڌ پري ھو،**
**ڪير ڪري ھو،**

واٽ اوائي،
ڏيل ڏري هو.
پوءِ بہ پرينءَ جو پنڌ پلو هو
هُڙڪ هُلو هو، ڏيمان هلو هو.
پار نہ پيرو
ڏگ نہ ديرو
رات گهٽا ئين،
دور سويرو.
ڪر هلڙو ڙي، جيءُ جهلو هوا
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هُلو هو.

## (7)همرچو:

(همرچو هڪ ٿري لوڪ گيت آهي جيڪو اهي ڪيڙي ميڙي وقت ڳائيندا آهن)

گرجي گرجي گا جڙلو لا....
همرچي جو ويلوڙي،
هيل گهتا گهنگهور الا لا!
سانوڻ زوران زو الا لا!
همرچي جو ويلوڙي،
رم جهم رم جهم الا لا!
گهنن گهنن پريات الا لا...
همرچي جو ويلڙي،

## (8) نئون جمالو:

نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!
نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!

**جنهن ۾ ليٽ ٻُڏا ٻيٽ تي،**
**هوجمالو!**
**جنهن جي ڦاٽ ڀڳا گهاٽ تي،**
**هوجمالو.**
**جنهن ۾ ٻيڙيون سائين سيڙهون ٽي،**
**هوجمالو.**
**جن جا پڳهه جڳهه جڳهه تي،**
**هوجمالو.**
**نئين موج تي مهراڻ ۾،**
**هوجمالو.**
**نئين موج ئي مهراڻ ۾،**
**هوجمالو!**

**شاهڪار گيت:**

(شيخ اياز جا سڀئي گيت سريلا ۽ رسيلا آهن پر هي گيت بي مثال آهي، بي بها آهي ۽ شاهڪار گيت آهي. هن جي سٽا پياري ۽ نياري آهي، هن ۾ جيڪا ڍار آهي، رفتار آهي ۽ رواني آهي اُها ٻئي ڪنهن به سنڌي گيت ۾ نه ملندي هن ۾ سُر به آهي، سنگيت به آهي، پيار به آهي، پيغام به آهي ۽ لڪل پيار جي پُڪار به آهي)

**منهنجا پرين!**
**او ٻانورا! او سانورا.**
**گهر ۾ گهرين،**
**چوري ڪرين، ڪلندو ورين،**
**مان لک چوان، پيرين پوان،**
**پر جو مڙين، او شل جڙين!**
**منهنجا پرين!**
**او ٻانورا! او سانورا.**

سورج ويو جيئن ڊرڪندو،
۽ شام لهرايون چڳون،
ائين نظر تون مرڪندو.
ڪيڏيون نہ گهرايون هيون.
منهن ۾ سنڌ، اي آشنا!
سو سو سنها جن ڏنا!
جيئن ڪنگ اُڏريا واءُ ۾،
ڦرنديون ڪريون ڪنيڙيون ٿيون.
ٿي ويا چلا ڦهلا ۾،
جئين ڊنڊ ۾ لهريون اُٿيون.

## شيخ اياز جي گيتن جون خوبيون:

(1) شيخ اياز جا گيت بنا زور زبردستي جي ازخود هانءُ مان ڦٽي نڪري ايندا آهن.

(2) اُنهن جا موضوع عوامي آهن، سونهن، سچائي، پيار، ميل ميلاپ ۽ وڇوڙو.

(3) اُنهن ۾ سُر ۽ سنگيت هوندو آهي. جيڪو اُنهن کي رنگين، حسين ۽ دل نشين بنائي ڇڏيندو آهي.

(4) اُنهن جي ٻولي سادي ۽ سلوڻي، ميٺاج ڀري ۽ فطري هوندي آهي.

(5) اُهي سڌو دل تي اثر ڪندا آهن ۽ نسن ۾ نينهن ڀري جيون کي خوشيون ئي خوشيون ڏيندا آهن.

(6) اُهي محبت ماريل دلين کي ڪرار ڏئي اُنهن ۾ سرور ئي سرور ڀري زندگي کي نئون رنگ ۽ نئون روپ ڏيندا آهن.

(7) اُهي خوشيون وراهي دلين ۾ رنگ ڀري، نوان نياپا پهچائيندا آهن.

(8) اُهي زندگي جا راز ٻڌائي زندگي کي روان دوان رکندا آهن.

(9) اُهي زندگي جي معاملن کي سمجهائي انساني زندگي مان ڏکن ۽ سورن جو خاتمو ڪري ڇڏيندا آهن.

(10) اُهي اشارن ئي اشارن ۾ سچ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ ماڻهن کي تيار ڪندا آهن ۽ ڪوڙ ڪاوڙ ۽ نفرت کي هڪالي ڪڍندا آهن.

## اديبن ۽ نقادن جا رايا:

### رسول بخش پليجو:

اياز سنڌي ٻولي جو زبردست عاشق ۽ پارکو آهي. هو سنڌي لفظن جو وينجهارڪ آهي، اکرن جا املهہ ۽ بي بها خزانا جيڪي هر هنڌ ٽڙيا پکڙيا پيا هئا، جن ڏانهن ڪنهن ڌيان نٿي ڏنو تن کي هن سهيڙي، اجاري ۽ گهڙي منجهائن شعر جا اهڙا حيرت انگيز نو لکا هار ٺاهيا آهن، جن کي ڏسي عقل چرخ ٿيو وڃي.

### امير علي چانڊيو:

هينئر سنڌي شاعري جو خاص جزو پيو محسوس ٿئي، گيت بنيادي طرح هندي صنف آهي، جيڪا لوڪ گيت مان سرجي آهي. گيت بنيادي طور تي نسواني شاعري آهي، جن کي عورتون ڳائينديون هيون، گيت لاءِ ڪا هيئت مقرر نہ آهي ۽ نہ ئي ان لاءِ ڪا موضوع جي پابندي آهي. گيت انگريزي شاعري جي ليرڪ جي قريب آهي. گيت جو (Canvass) بلڪل (Landscape) وانگر ڪشادو آهي.

### تاج جويو:

شيخ اياز سنڌ جي قديم ڪلاسيڪي صنفن، بيت ۽ وائي کي نون رنگن سان سينگاريو ۽ انهن کي نين تقاضائن ۽ لاڙن موجب تبديل ڪيو. اُنهن آڳاٽن ۽ وساري ڇڏيل صنفن جي اهليت، مزاج ۽ اثر جو اندازو لڳائي، شاعري ۾ مقبول ڪيو.

## شيخ اياز جي انقلابي شاعري:

(1) انقلابي شاعري ڇا آهي:

سچو شاعر انقلابي هوندو آهي. هو سچ جو ساٿي ۽ ڪوڙ جو دشمن هوندو آهي جو انصاف ۽ ناانصافي جو ويري هوندو آهي. انقلابي شاعر دنيا مان ڪوڙ، ٺڳي ۽ فتني کي ختم ڪندو آهي ۽ ڪوڙن، ٺڳن ۽ فتني بازن

کي ڪم ڪرڻ نہ ڏيندو آهي. هو زماني مان غلط ڪمن ڪارين کي تڙي ڪڍندو آهي ۽ جڳ ۾ صلح ۽ امن پيدا ڪري زندگي ۾ چڱا ڪم ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندو آهي. هو زندگي ۾ سونهن پيدا ڪندو آهي. سراهي پيدا ڪندو آهي ۽ انساني ڀائيچاري جي لاءِ ڪوشان رهندو آهي. دنيا مان هر برائي ۽ هر فتنو ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ سوچ کي انقلابي بڻائجي.

## (2) شيخ اياز جي انقلابي سوچ:

شيخ اياز اسان جو پيارو ۽ دلير شاعر آهي. هن 50 سال مسلسل شاعري ڪري اسان جي ذهنن کي بدلائي ڇڏيو آهي. هن اسان جي سوچڻ جي طريقي ۾ نواڻ آڻي اسان کي انقلابي پسند بڻائي ڇڏيو آهي. هن اسان جون اکيون کولي ڇڏيون آهن ۽ اسان کي هر شيءِ جي سمجهڻ جي قابل بڻايو آهي. هن اسان کي وهمن ۽ برهمن جو ساٿ ڇڏي جديد دنيا جي جديد طريقن کي پنهنجو بنائي سچو انسان بنايو آهي. اسان جي هي دنيا ڪوڙ فريب ۽ ٺڳي جي دنيا نہ آهي. اسان جي دنيا سچ جي دنيا آهي، سچ سوچ جي دنيا آهي ۽ سچن طريقن سان ڪم ڪرڻ جي دنيا آهي. هتي جون سيئي ڪوڙيون ڳالهيون ڊوڙ ٿي ويون آهن ۽ جي ۾ سچ اُڀري هر هنڌ روشني پکيڙي ڇڏي آهي.

## اياز سچن جو ساٿي:

شيخ اياز سچو آهي ۽ سچن جو وفادار ساٿي آهي، اُنهن جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي. هو جرئتمند آهي، هو ڏاڍ جو ويري آهي ۽ اداين کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي. هن 1965ع واري جنگ ۾ عام ماڻهن جو ڏاڍو ساٿ ڏنو آهي. اُنهن کي ظلم کان بچايو ۽ سختيون بہ سنائون. جنگ جي حالتن سنڌ جي ماڻهن کي ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏيو اُنهن جون مذهبي، معاشي ۽ معاشرتي حالتون خراب ٿي ويون هيون هن ڪيترائي شعر لکيا ۽ ماڻهن کي حوصلو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هڪڙو شاهوڪار نظم جوڙيو.

**سهندو ڪير معيار و يار،**
**سنڌڙي تان سر ڪير نہ ڏيندو.**

هن انقلابي نموني ماڻهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ هو سنڌڙي تان سر ڏيڻ جي لاءِ ميدان عمل ۾ اچي ويا. سنڌين جو هي بدليل روپ ڏسي ويري ڏڄي ويا. اُنهن سوچيو تہ سنڌ جا ماڻهو سنڌ کي ظلمن کان آجو ڪرڻ لاءِ ڪيئن تيار ٿيا ۽ ڪنهن اُنهن کي تيار ڪيو؟ اُهو سنڌ جو انقلابي شاعر شيخ اياز هو جنهن ماڻهن کي بيدار ڪيو اُنهن ۾ جرئت ۽ بي ڊپائي پيدا ڪئي، اُنهن ۾ وڙهڻ ۽ سر گهورڻ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ اٿهن کي شان ۽ مان سان زنده رهڻ جي قابل بڻايو.

## شيخ اياز تان سختيون:

شيخ اياز شروع کان وٺي انقلابي شاعر هو. جتي بہ ڪو غلط ڪم ڏسندو هو اُتي پهچي ويندو ۽ ظلم کي ختم ڪرائڻ لاءِ ميدان عمل ۾ اچي ويندو هو. هو ڏاڍ جي خلاف هو. ظلم جي خلاف هو ۽ غلط ڪارنامن جي خلاف هو. هو اُنهن تي ڳالهائيندو هو. جلسا ڪرائيندو هو ۽ انصاف جي لاءِ ڪوششون ڪندو هو. ائين ڪندي هو لٺيون بہ سهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن جيلن جا در بہ ڏسندو هو. پر پيچي نڪرڻ ٺيڪ نہ سمجهندو هو.

شيخ اياز سچ چوڻ کان ڪڏهن ڪو نہ ڏڄندو هو. هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ ٻنهي پاسي رهندڙ سنڌي يائرن تي بہ وڏو اثر ڇڏيو. شيخ اياز سنڌ ۾ هو ۽ اُن جو منڙو يار نارائڻ شيام هندستان ۾ اها جنگ ڏاڍي ڏکي هئي، ٻنهنجن جي هئي ۽ ٻن ديسي يارن جي وچ ۾ هئي. شيخ اياز اُنهي موقعي تي هي نظم لکي:

**هي سنگرام!**
**سامهون آ،**
**نارائڻ شيام!**
**هن جا منهنجا**
**قول بہ ساڳيا،**
**ٻول بہ ساڳيا.**
**هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏئي، پر،**

**منهنجا رنگ،**
**رتون به ساڳيا.**
**ڏٿ به ساڳيو**
**ڍول به ساڳيا،**
**هان به سڳايو**
**هول به ساڳيا.**
**هن تي ڪئين بندوق ڪڻان مان!**
**هن کي گولي ڪئين هڻان مان.**
**ڪئين هڻان مان،**
**ڪيئن هڻان مان،**
**ڪيئن هڻان مان،**
**ڪيئن هڻان مان.**

هي نظم انساني رشتن ۽ انساني تعلقات بابت هڪ بي مثال نظم آهي هن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انسانن جو خون هڪ آهي ۽ برابر آهي. هن نظم جي ڇپجڻ کان پوءِ وڏا گوڙ ٿيا. شيخ اياز کي هندن جو دوست ۽ مسلمانن جو دشمن سڏيو ويو. اُن کي ڪافر به سڏيو ويو. هن تي ڪيس هلايا ويا، هن جي ڪتابن تي بند شيون وڌيون ويون ۽ هن جي روزمره جي زندگي کي مشڪل بڻايو ويو هن مڙس تي مقابلو ڪيو. ۽ پاڻ کي بچايو.

## جي.ايم. سيد جي راءِ:

جي.ايم. سيد شيخ اياز کي بنگال جي انقلاب پسند شاعر نظر اسلام سان ڀيٽيتي چيو آهي ته هو بنگال جي انقلاب پسند شاعر جهڙو هو. هو سختين ۽ مصيبتن کان نه ڊڄندو هو ۽ جيڪي ڪجهه چوڻو هوندو هو سو ذوردار نموني ۾ چئي ڏيندو هو. شيخ اياز مصيبتن جي وچ ۾ بينو رهيو نعرا هاڻي حق جون ڳالهيون ڪندو رهيو.

**ساري شهر وسايا پٿر، جن سان چڪنا چور رهيو.**
**پوءِ به هن تي نعرا ماريا مڙس ته ڪو منصور رهيو.**

***-*-***

**جو لکڻو آهہ لکي وٺ اڄ،**
**ڪنهن چاتو آهہ سڀاڻي ڪي،**
**ٻيو ڏينهن تہ ناهي ڪنهن بہ ڏٺو**
**ٻئي ڏينهن تہ مرڻو آ توکي.**

***-*-***

**مان جنهن ٽاري ڪي ڏوڙيا ٿو**
**ان مان پٽر ڇڻن ٿا،**
**پٽر جي ڪڏهن ساوا،**
**ڪڏهن ڳاڙها آهن،**
**منصور! مان توکان بہ اڳتي نڪري چُڪو آهيان،**
**مون لاءِ تہ ڪو شبلي بہ نہ رهيو آهي.**

***-*-***

**ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين، توکي چشمن پانيان،**
**مٽي ماٽي لايان.**
**ڪالهہ مليران مهڪ اُٺي جا، نگر نگر ڦهلايان،**
**مٽي ماٽي لايان.**
**تنهنجي مٽي منجهہ ملان جي آئون مارت پايان!**
**مٽي ماٽي لايان.**

## شيخ اياز جو انقلابي گيت:

شيخ اياز هڪ وڏو انقلابي شاعر اهي هن جو هي انقلابي گيت ڏاڍو مشهور آهي. اڄ ڏينهن تائين بہ نوجوان سنڌي ماڻهن جي جلسن ۾ ڳايو ويندو آهي. انهي گيت تي ناچ ڪري نوجوان نعرا هڻي نهال ٿي ويندا آهن. هن گيت ڪي پرکي ڏسو:

**انقلاب، انقلاب، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!**
**جيئن زمين آسمان،**
**جي ڪلي پئي زبان،**

ڪُنڊ ڪُنڊ، چونڪ چونڪ،
شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ،
جيئن ڏئي اُٿي جواب، انقلاب،
انقلاب، انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
هي ٻه ڪو نياءُ آ،
جو مزور پاءُ آ،
سو لهو پيئي پيو،
سو پئي پيو شراب، انقلاب!
انقلاب، انقلاب، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

## شيخ اياز جي شاعري جي اهميت:

شيخ اياز پنهنجي شاعرانه ذات، تخليقي صلاحيت ۽ فني ڪمالات جي ذريعي سنڌي شاعري کي سنواري، سينگاري اُن کي سرخرو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هڪ باڪمال ۽ بي مثال شاعري جي حيثيت کي امر بڻائي ڇڏيو آهي. هو سنڌڙي جو هڪ سچو رهبر ۽ رهنما آهي. سنڌ جي ڀلائي ۽ سنڌ جي ترقي هن جو ايمان آهي ۽ سنڌين جي سرخرو ئي هن جي مذهب جو هڪ نمايان حصو آهي. سنڌ اياز جو شان ۽ مان آهي، ۽ اياز سنڌ جي سپوت جيان سنڌ لاءِ جيئي ۽ سنڌي ثقافت جو مان وڌائي سنڌ کي جنت بنائڻ چاهي ٿو سندس هي شعر پڙهو:

هي سپنا منهنجي ۾،
هيءُ آهي رات اُنت، لوڪو،
ڪجھ شاھ ڏني ڪجھ شيخ ڏني،
هن سنڌڙي کي صورت لوڪو.

شيخ اياز پنهنجي سنڌڙي جو شاعر آهي. هو پنهنجي ثقافت جو شاعر آهي ۽هو پنهنجي ديس جو شاعر آهي. هن جو ڪجھ ڪيو آهي اُهي پنهنجي قوم لاءِ، پنهنجن ماڻهن لاءِ ۽ زندگي جي سچن ۽ خالص قدرن لاءِ، شيخ اياز سنڌ آهي ۽ سنڌ شيخ اياز هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي سيني

ٻاگَن جي ماڻهن جي خوب ترجماني ڪئي آهي. هن ٿر، لاڙ وچولي جابلو علائقي ۽ اُترين علائقن ڪي ساراهيو آهي، اُنهن جي ثقافتي قدرن کي واڪاڻيو آهي ۽ اُتي جي ڪهاڻين ۽ داستانن جي ذريعي اُتي جي ماڻهن جي سونهن ۽ سچائي ۽ سرهاڻ کي بيان ڪري زندگي جي سيني رنگن، روپن ۽ رخن کي پيش ڪري هڪ بي مثال ۽ لاجواب تخليق ڪار ثابت ڪيو آهي. شيخ اياز ڏاڍ جي خلاف آهي، ظلم جي خلاف آهي، غلط ڪارين جي خلاف آهي ۽ غلط عملن جو وڏو دشمن آهي. هو ڏاڍايون ۽ دشمنيون ختم ڪري امن ۽ پيار کي قائم ڪرڻ چاهي ٿو.

**گهايل ڌرتي جي سيني تي،**
**اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا،**
**جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،**
**دنيا کي بدلائي ٿي.**

شيخ اياز هڪ وڏو شاعر آهي. هو هيڻن جو مددگار، سچ جو طرفدار آهي، انصاف ڪندڙ آهي ۽ ڏاڍ جون ريتون ۽ رسمون توڙي امن ۽ سڪون جون راتيون جوڙي امن جو راڄ قائم ڪرڻ چاهي ٿو.

**ڪلهه جا تنهنجي وائي هئي،**
**تنهن ۾ تو سان جنگ هئي،**
**ڌرتي تنهنجي تنگ هئي،**
**جا اڄ تائين جاري آ.**

شيخ اياز سمجهي ٿو تہ شاعر امن جا پيغمبر آهن. هو جنگ جي سخت خلاف آهي. هو چاهين ٿا تہ پيار، سمجهداري، رواداري جي ذريعي جنگ جي رستن کي روڪي دنيا کي امن جو گهوارو بڻائي سگهن ٿا، ۽ انسان کي اعليٰ مخلوق بڻائي دنيا ۽ دنيا وارن کي سرخرو ڪندا.

## محمد ابراهيم جويي جا خيالات:

محمد ابراهيم جويو سنڌ جو وڏو محقق ۽ شيخ اياز جو سچو رهبر ۽ رهنما آهي. هن پنهنجي هڪ مضنون اياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ اسان جو

قومي فرض آهي. ۾ سنڌ وارن کي سمجهايو آهي تہ جيڪڏهن هو سنڌ جو ڀلو چاهين ٿا تہ اُنهن کي شيخ اياز کي ايمانداري سان پڙهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ هي اُنهن جو قومي فرض آهي. شيخ اياز هڪ وڏو شاعر ۽ تلخيق ڪار آهي. هن جي شاعري کي هن جي زندگي ۾ بہ ڪافي عزت ملي. هن سنڌ جي صحيح ترجماني ڪري اُنهن تي جيڪو احسان ڪيو آهي، اُنهي جي بدلي ۾ اُنهن کي گهرجي تہ هو شيخ اياز کي پڙهن، اُن جي نقطہ نطر کي سمجهن ۽ اُن جي پيغام تي عمل ڪري سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلائي لاءِ هر وقت ڪم ڪن. شيخ اياز کي وسارڻ ممڪن ئي ناهي. ڇاڪاڻ تہ اُن سنڌين جي ذهن کي بيدار ڪيو آهي ۽ انهن کي عقلمند بنايو آهي. شيخ اياز اسان جي سنڌ جو سريلو رهنما آهي، جيڪو اسان کي وطن جي خدمت جو سبق سيکاري ٿو ۽ سنڌ جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ تي تيار ليکڪ لکي ٿو. هو سنڌ جو سچو شاعر آهي ۽ سنڌ جي خدمت ڪرڻ اُن لاءِ عبادت جي برابر آهي. شيخ اياز عوامي شاعر آهي. اُن جو ڪم آهي عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ اُنهن کي جرئت بخشڻ جيئن تہ هو پنهنجن ڪمن ڪارين کي باقائدگي سر انجام ڏئي سگهن. شيخ اياز جي شاعري جو ماحول سنڌ جي عام ماڻهن، وايو منڊل ۽ حالتن سان آهي ۽ جيڪي سنڌي اُنهن حالتن کي ڄاڻن، سڃاڻن ا، سي شيخ اياز کي ڪيئن ٿا وساري سگهن. شيخ اياز جي شاعري عام ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جي ترجمان آهي.

درد جي، شام آ، سج ويندو لهي،
واءُ ۾ آهہ ڪا ڳالهڙي اڻ ڪهي،
هي ٻہر ٻيلڙا، ٿا شفق ۾ پرن،
ڇيلڙا ٿا ڇرن، ڏئي عجب آهي،
ڀيالهون لاڙ ۾، آهہ رستو سڌو،
چنڊ آ چوٽ جو ۽ ڪنڍي جي ڇهي،
وار تي جا وکيڙي، اتر واءُ ۾،
تون اُنهي کان سواءِ ڪو نہ سگهندين رهي،
هوءَ جيڪا هوا جيئن آزاد آ،

**سچ چئجان توسان وئي ڪنهن ٺهي،**
**ڪيئن زنجير هن تي پيار پيار جا،**
**ڪا گهڙي ڪا نہ تون ڪان سوائي رهي!**

شيخ اياز جي شاعري زنده آهي ۽ رهندي جيئن جيئن سنڌ جا ماڻهو اُن ڪي پڙهندا رهندا، سجاڳ ٿيندا، خوش ٿي هم جوشيون هڻندا ۽ زياده سگهہ ۽ محنت سان ڪم ڪندا ۽ پاڻ ڪي سنڌ جا سچا سپوت ثابت ڪندا.

شيخ اياز جي شاعري سنڌين کي اُهو حوصلو ڏنو تہ هو بنا ڊپ، جي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندا رهن، ائين ڪرڻ سان اُنهن جي اظاهر جي قوت بہ مضبوط ٿيندي. هو جرئت سان سچ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار رهندا. اياز جي شاعري سنڌين ۾ ايمان پري چڏيو آهي ۽ اُنهن کي هر مصيبت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو آهي. هاڻي اسان جا امن پسند سنڌي پيڇي نہ نڪرندا پر امن کي بچائڻ جي لاءِ مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اياز جي شاعري سنڌين ۾ اهو وشواس پيدا ڪيو آهي تہ هو همت ۽ حوصلي وارا آهن ۽ پنهنجي همت سان پنهنجا سمورا ڪم ڪري سنڌ مان برائن جو خاتمو ڪندا، مجبورين کي ڇڏي ڏيندا ۽ ڏکين حالتن جو بہ مقابلو ڪري ڪاميابي حاصل ڪندا. اياز جي شاعري سنڌين کي سچا، سنا ۽ مضوط انسان بڻايا آهن. هو امن قائم ڪرڻ جي لاءِ هر مصيبت کي سهندا ۽ ورين کي وڏي اڇلائي ڇڏيندا.

## اياز جي ڪلام جي ضرورت:

عبدالواحد آريسر پنهنجي هڪ مضمون ”آڪاش کان وڏو ڌرتي جو شاعر“ ۾ خوب لکيو آهي: ”اياز جيترو ڌرتي کي ڳايو آهي، او ترو شايد ئي ڪنهن شاعر پنهنجي ڌرتي کي ڳايو هجي“ شيخ اياز جا هي بہ شعر قابل قدر آهن. سنڌڙي آهي تہ سڀ ڪجهہ آهي.

**هي ڪنڌ ڪلهن تي آ جيسين،**
**هو پير ڌريندا ڪيئن تيسين**
**هن ڌرتي تي، جا امي آ،**

**هي جندڙي هوئين، نڪمي آ**
**جي تون وڙهندي ماريو ويندين،**
**هن وستيءَ تي واريو ويندين،**
**دودا! تنهنجو ساهه ته ويندو**
**ماڻهو جو ويساهه نه ويندو.**

شيخ اياز ماڻهن کي وڙهڻ، جان ڏيڻ جو ۽ زندگي قربان ڪرڻ جو درس ڏنو آهي، هن سيکاريو آهي ته وطن لاءِ ساهه وڃي ته وڃي پر ويساهه نه وڃي، ويساهه سان ڪم ڪرڻ وارا، فنا ٿي ويندا، پر هارائيندا ڪڏهن به نه، ويساهه رکندڙ ماڻهو شيخ اياز جي شاعري جو قدر ڪن ٿا ۽ ڪندا رهندا. شيخ اياز اتساهه ۽ ويساهه جي رستي سنڌ جي ماڻهن کي جاڳائي رکيو آهي ۽ پنهنجي شاعري ۾ اُنهن جي بي بها جذبن ۽ احساس کي پيري اُنهي کي زندهه جاواڏان بنائي ڇڏيو آهي. شيخ اياز سچ پچ سداحيات جديد سنڌي شاعر آهي. هو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي لاءِ اهم نه پر نهايت ئي اهم آهي ۽ هن جي شاعري جي اهيمت گهٽ ٿيڻ واري ناهي.

## شيخ اياز جون ادبي خدمتون:

شيخ اياز سنڌي ادب ۽ شاعري جو عظيم سرپرست آهي. هن پنهنجي ذات، شاعري، تخليقاري صلاحيتن ۾ فني ڪمالات جي ذريعي سنڌي شاعري کي جيڪا بلندي بخشي آهي. تنهن سنڌي شاعري کي بلندين تائين پهچائي عالمي شاعري جو درجو ڏياري ڇڏيو آهي. هن تجربا ڪري، انيڪ محنت ڪري ۽ مطالعي ذريعي ادبي ۽ فني صلاحيتون حاصل ڪري سنڌي شاعري کي بي پناهه ترقي ڏياري آهي.

### (1) دوها:

دوهو نندي ڪنڌ جي هڪ قديم صنف آهي. هن صنف ۾ شاعري ڪري نندي ڪنڌ جي شاعرن نهايت ئي وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. شيخ اياز پهريون جديد سنڌي شاعر آهي جنهن دوهي جي صنف کي سنڌي ٻولي

۾ رائج ڪري وڏي فني ڪاريگري جو ثبوت ڏنو آهي. دوهو ٻن هم وزن سٽن جي هڪ نازڪ صنف آهي. هن صنف ۾ هر قسم جي موضوع کي سمائي سگهجي ٿو.

**جهڙي ڳالهه فريد ڪئي! اهڙي ڳالهه نه ٻي،**
**نه ڏئين پرائي چو پري، نه تر سا اپنا جي.**

***_*_***

**چتونءَ جي چونگار نه ٻڌ، ٿو پيجري ۾ ٻولي،**
**ڪيئن چئجي ڪنهن وقت اُڏامي ٻاهر در کولي.**

## (2) بيت:

بيت سنڌي شاعري جي هڪ منفرد صنف آهي. اها دوهي جي سڌريل ۽ ترقي يافتا شڪل آهي. "ڀنور ڀري آڪاس" جي پيش لفظ ۾ شيخ اياز خوب لکيو آهي. اهو سنڌي بيت جو ڪمال آهي ته ان جي پهرين ۽ پوئين سٽ جي آخر ۾ نه قافيو آهي، نه رديف، پر اُن جي باوجود بيت بيت ۾ ترنم ۽ هم آهنگي ٻئي هر صنف سخن کان زياده آهي.

**ونڌر منهنجي واٽ تي، ڳولڻ ۽ ڳائڻ،**
**ٽتي ٽڏيءَ مند سان، نينهڙو پائڻ،**
**پرين کي پائڻ، رلندي پنهنجي راڳ ۾.**

***_*_***

**پيئڻ ۽ جيئڻ منو متوالن جو**
**پيري ساڻ پرڻ، سرڪيون تنهنجي سونهن جون.**

## (3) وائي:

وائي بيت کي سر سنگيت ۽ قافيي جي مختلف رنگن، روپن سان سينگاري ناهي ويندي آهي. اُن جو اثر سهڻو ۽ سريلو ۽ جادوئي هوندو آهي. هن جون ڪلاسيڪي وايون لاجواب آهي. هن اُنهن ۾ اهڃاڻي انداز کي شامل ڪري اُنهن ۾ نوان رنگ ڀريا آهن ۽ اُنهن ۾ نئين معنيٰ پيش ڪئي آهي.

**ڳل تي ڳوڙها، گُل تي شبنم،**
**ياد اوهان جي ياد اوهان جي.**
**چٽگون واري جي چوني ۾،**
**هاءِ ستارن جو عالم،**
**سير سنڌو جي پرخم پرخم،**
**ياد اوهان جي ياد اوهان جي.**

شيخ اياز عروضي وايون بہ رچيون آهن. اُنهن ۾ ڪورس ناهي، ڪو رومان ناهي. انهي ۾ وائي جا ڪي بہ انگ ۽ ڍنگ ناهن.

**هر محبت جي مزار،**
**وقت ڪوليندو رهي ٿو ڏينهن رات،**
**چنڊ ڪان پڇ جنهن جي پاڇي ۾ ائين ٿا ڪئي پيار.**
**هر محبت جي مزار.**
**وقت ڪوليندو رهي ٿو ڏينهن رات،**
**رات ڪان پڇ جنهن ۾ آهن، زلف ڪيئي عشڪبار.**
**هر محبت جي مزار.**
**وقت ڪوليندو رهي ٿو ڏينهن رات.**

شيخ اياز عروضي واين ڪي سڌاري لکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪيتريون لاءِ عروضي وايون لکيون پر اُهي پوءِ بہ ڪامياب وايون ناهن.

## 4) گيت:

شيخ اياز گيت جو بادشاهہ آهي. هن جا گيت اعليٰ شاعري جو اعليٰ نمونو آهي. اُنهن جا موضوع آهن، سونهن، پيار، سچائي، جدوجهد، ميلاپ، وڇوڙو وغيره. اُنهن جي پيش ڪش جادو ڀري آهي ۽ لافاني آهي. هن تمام گهڻا گيت لکيا آهن، ڪنهن ٻئي سنڌي، اردو ۽ پاڪستاني شاعر ايترا ۽ اهڙا دلفريب گيت نہ لکيا آهن.

**هن نگري جي ڳلي ڳلي،**
**تنهنجي گهر سان وچي ملي.**

رمتي جوڳي بين ڪنئي،
در در پٽڪي نئين هينئي.
مليو هن کي ڏان دلي.
تو در موتي وري وري،
اڄ هي جيون جهول پري،
ڳوڙها ڳاڙي، ڪلي ڪلي،
من نگري جي ڳلي ڳلهي،
تنهنجي گهر سان وچي ملي.

**(5) لوڪ گيت:**

شيخ ياز ٿر جي لوڪ گيتن ۽ لوڪ ناچن کي گهڻو پسند ڪندو هو. هن ”ساوڻ تيج“ کي سنڌي ۾ لکيو آهي. ساوڻ تيج ٿر، مارواڙ ڪڇ ۽ ٻيچ جو هڪ مشهور لوڪ گيت آهي. هي برسات جي موسم جو پيارو ۽ وڻندڙ لوڪ گيت آهي. برسات جي ڏينهن ۾ جڏهن مينهن وسندا آهن، پاڻي ۽ ساوڪ هر طرف پليون لڳنديون آهن. ساوڻ تيج کان چند ڏينهن اڳ جوان ڇوڪريون پنهنجن برتنن ۾ ان جا ڏاٽا پوکينديون آهن، ساوڻ تيج جي ڏينهن اُهي سنا ڪپڙا پائي زيور استعمال ڪري ڪلنديون نچنديون، گيت ڳائينديون، تلان، ٿوين ۽ ٿوپڙين ڏي وينديون آهن، اُنهن برتنن کي جن ۾اِن جا ڏاٽا رکيل، جن کي گجوا چئبو آهي. گهيڙينديون آهن ۽ پوءِ گهرن ڏانهن موٽي ايندیون آهن. ساوڻ تيج وڏو، خوشين وارو ۽ منڙو موسمي گيت آهي. اهڙا گيت لکڻ سولو ڪم نہ آهي. شيخ اياز بنان گيت جي پس منظر جي ڄاڻ جي هي تيج گيت لکيو آهي. جنهن ۾ نہ رس آهي ۽ نہ رچاءُ آهي ۽ نہ وري ڪا خوشي.

آئي ساوڻ تيج ري،
ڳچ سوين تارڙا، ويجهہ وجهي وڄ ڙي،
ڇوري نہ ڇيڄ ڙي،
آئي ساوڻ تيج ري،

وٺ مٿي مينهڙا، ڇٽ ڪئي ڇاٽ ڙي،
ٿورڙي اُسات ڙي،
آئي ساوڻ تيج ڙي.

**(6) ٽه سٽا:**

جديد سنڌي شاعري جي شروعات ۾ سنڌ جي نوجوان شاعرن کي جاپان جي مشهور صنف هائيڪو ڏاڍو متاثر ڪيو. شيخ اياز، نارائڻ شيام، اُستاد بخاري، شيخ امداد، ۽ ٻين هائيڪو تي طبع آزمائي ڪئي. ڪن هائيڪو کي تصويرون جو نالو ڏنو. ڪن هن کي ”هائيڪو نما“ سڏيو ۽ ڪن وري هن کي ”ٽيڙو“ جو نالو ڏنو. پوءِ ڪجھ ڏکيائي جي ڪري سيني هن کي ”ٽه سٽو“ جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو. اُن کي وائي ۽ ڪافي کانپوءِ سنڌ جي مشهور صنف بڻائي ڇڏي.

”ٽه سٽا“ ٽن مصراعون واري صنف آهي. جنهن هن جو پهريون ۽ ٽي سٽو هم قافيا هوندي آهي ۽ ٻئي سٽ ٻنان قافيي جي هوندي آهي. هن جو ماترڪ سر سئو 11، 13، 11 يا وري 10، 12، 10 هوندو اهي. هي شيخ اياز جا ٻي ملھ ٽه سٽا آهن.

ڏونگر نه ڏرندو،
ڪبير جيٽي ڪاٺ جي
تنهن مان ڇا ورندو.

*-*-*

ساهتيه سائين؟
مٿان اکيون نانگ جون
ماڪ ڦڙا پائئين!

*-*-*

پاڇو ۽ پاٽي
کياماڙيءَ جي موڙ تي
کوئل اُڏاٽي.

### (7) چار سٽا:

شيخ اياز پنجابي صوفين جي هڪ صنف ”چار سٽا“ کان متاثر ٿي ڪري چار سٽا بہ گهڙيا جيڪي هن ”الوداعي گيت“ ۾ استعمال ڪيا آهن.

جو لکڻو آهہ لکي وٺ اڄ،
ڪنهن ڄاتو آهہ سياڻي ڪي؟
جو پل پل آهہ مهانگو آهہ
مون سستو سمجهہ آ هاڻي ڪي.

*_*_*

تون راڳي آهين راڳ ڇڏي،
ڪو چئن ڪڏهن بہ نہ پائيندين،
تون ڪڻ تہ ڪلهي تي ڪينر ڪي،
تون دنيا ڪي ڏڳ لائيندين.

### (8) ڇهہ سٽا:

شيخ اياز ”ڇهہ سٽا“ جي صنف گهڙي، اُن کي سنڌي شاعري ۾ شامل ڪيو آهي.

چاندني وسي ٿي پئي،
انب ۾ لڪل ڪوئل،
سانت ٿي وئي آهي،
مان اڃا سُتو آهيان،
ننڊ تو جيان مون کان
اڄ رُسي وئي آهي.

### (9) نظم:

نظم شاعري جي مڪمل ۽ گهري صنف آهي، شيخ اياز نظم جو شاهہ آهي، شهنشاهہ آهي. هن تمام گهڻون يادگار نظمون لکي وڏو ڪمال ڪيو آهي. هن نظم کي پرکي ڏسو:

جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي،
اسان جي صدا آ صدا ۾ الستي،
ڪيو مئي پرستي، ڪيو مئي پرستي!
پيئو حسن هستي، پئيو حسن هستي!
اچا پيو بہ مستي، اچا پيو بہ مستي!
سدائين مئي ارغواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي،
اهو جام و مينا بہ ٿي ڏينهن آهي،
اهو جوش صبا بہ ٿي ڏينهن آهي.
طلسم تمنا بہ ٿي ڏينهن آهي،
مگر، پوءِ بہ چاچا بہ ٿي ڏينهن آهي!
مجان ٿو سدا زندگاني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي،
سدا فرش گل تي ڪندي رقص شنبم،
سدا چنڊ اُڀري ڪندو سير عالم،
سدا هير ۾ جهومندو زلف برهم!
مگر ابن آدم، مگر ابن آدم،
بہ ٿي ڏينهن آ، عمر فاني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي،
جواني نہ رهندي،

## مختصر منظوم ڊرامو:

شيخ اياز منظوم سنڌي ڊراما بہ لکيا آهن. هن جو لکيل منظوم ڊرامو ”دودي سومري جو موت“ هڪ مڪمل مختصر سنڌي ڊرامو آهي. هن ۾ پس

منظر، موسيقي، ڪردار نگاري ۽ ڳالهه ٻولهه مناسب ۽ من موهيندڙ آهي. دودي جي ڪردار جو جائزو وٺي اُن کي ساراهيو.

**جي تون وڙهندي ماريو ويندين،**
**هن وستيءَ تي واريو ويندين،**
**دودا! تنهنجو ساهه ته ويندو،**
**ماڻهو جو ويساهه نه ويندو.**
**تنهنجا پُٽ ۽ پوٽا آخر،**
**آزادي لئه رڙهندا آخر،**
**رڙهندي رڙهندي وڙهندا آخر،**
**تن جي لاءِ مثال ڇڏي وڃ.**

**(10) غزل:**

غزل پارسي جي صنف آهي. عروضي شاعرن هن صنف کي استعمال ڪيو پر اُن کي زندگي غزل بنائي نه سگهيا. شيخ اياز غزل لکڻ تي گهڻو زور ڏنو ۽ آخرڪار سنڌي غزل لکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. شيخ اياز گهڻا غزل لکيا آهن جيڪي بي مثال آهن، يادگار آهن.

(1)

**پوپون پهر، جواني، جاڳ،**
**اپ ۾ چندرما جي آڳ،**
**آس آسونهان، رڻ ۾ رات،**
**گهايل گهوڙا، بيوس واڳ**
**جهاڳيي آئي جيون ناؤ**
**ڪيئي ڪارونپار اجهاڳ،**
**پهتا نيٺ ڪلالن ڪُوءِ**
**پتڪي پتڪي منهنجا ڀاڳ.**

(2)

**کهڙي ڪاريهر جو ڏنگ،**
**چورائي آيو آ چنگ،**

پڇي پڇي آيو سڄ سروپ،
ڪوئي آڏو تي آڙ ٻنگ،
من جو ڪارونپار ڪنڌيون،
سر تي تنهنجو منهنجو سنگ.

شيخ اياز جون ادبي خدمتون بي مثال ۽ لاجواب آهن، گهڻن ۽ صنفن ۾ لکي شيخ اياز سنڌي شاعري کي مالا مال ڪيو آهي. سنڌي شاعري شيخ اياز جي شاعري کانسواءِ اڻ پوري آهي، ادهوري آهي.

ﻫ

## مددي ڪتاب


(1) محمد ابراهيم جويو. اياز جي شعري مجموعن جا مهاڳ.

(2) تاج جويو. آڪاش ڪان وڏو ڌرتي جو شاعر شيخ اياز.

(3) حمايت علي شاعر. شيخ ياز.

(4) شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام. محمد ابراهيم جويو.

(5) شيخ اياز جي لکيل شاعري. شيخ اياز.

(6) شيخ اياز جي شاعري مجموئن تي مهاڳ. محمد ابراهيم جويو.

(7) سهڻي اياز نمبر. طارق اشرف.

(8) اخبارن، رسالن ۽ ادبي ادارن جا خاص نمبر.

# منهنجا لکيل ڪتاب

## ڇپيل ڪتاب:

1. مٽي جي تاريخ 1956ع
2. پوڙهيسر جون ڪهاڻيون 1957ع
3. مضمون موتين جهڙا 1961ع
4. هنومان چاليسو ترجمو انگريزي مان سنڌي 2005ع
5. مٽيءَ تي مهڪي 2016ع
6. منڙو ٻولن مور 2016ع
7. ڳائيندا سين ڳليءَ ڳليءَ 2017ع
8. چوڏهين چنڊ اپريو 2017ع
9. دوها سون- ساريڪا 2017ع
10. سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر 2017ع
11. رڻ پومي ۾ راند 2017ع

## اڌورا ڪتاب

12. ٿر جو ثقافتي خزانو
13. تنقيد-ادب جي سونهن
14. ميران جي گيتن جو سنڌي ۾ ترجمو



شاعر ايشور جو سريلو روپ آهي. هو سچو آهي ۽ هميشہ سچ جو ساٿ ڏي ٿو ۽ چاهي ٿو تہ سماج مان براين جو خاتمو ٿي وڃي. هو فطرت جو وڏو پرستار آهي ۽ ايشور جي گيان جو سچو ايوزي آهي.

منهنجي سنڌڙي، منهنجي جندڙي، منهنجي منٹڙي ماءُ،
جنهن جي هنج ۾ هيرون آهن، آهي هيج هُگاءُ.

**پروفيسر سروپچندر”شاد“**

Sahil Printers Hyd: 0333-2634650